تاريخ جي جهروڪي مان



عبدالواحد آريسر

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

تاريخ جي جهروڪي مان

[سچ وڏو ڏوهاري آ، چا ته شخص هو مجيب ءِ پٽو]

عبدالواحد آريسر

سنڌي ساهت گهر
حيدرآباد - سنڌ
2012ع

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

سنڌي ساهت گهر ـ ڪتاب نمبر 242

ڪتاب جو نالو: تاريخ جي جهروڪي مان
[سچ وڏو ڏوهاري آ، چا ته شخص هو مجيب ۽ پٽو]

ليکڪ: عبدالواحد آريسر

چاپو: پهريون، 2012ع

چپائيندڙ: سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، سنڌ

ڪمپوزنگ: راڻو خان ميگهواڙ سورج پرنٽرس، حيدرآباد

قيمت: -/600 (ڇهه سؤ رپيا)

ڪتاب ملڻ جا هنڌ

آئيڊيل ڪتاب گهر، سيد آرڪيڊ، عبرت گهٽي، حيدر چوڪ، گاڏي کاتو
حيدرآباد، سنڌ Ph: 022-2780701 Mob: 0300-3946518

پوسٽل ائڈريس: پوسٽ باڪس نمبر 58، جنرل پوسٽ آفيس، حيدرآباد، سنڌ

- سنڌي ادبي بورڊ بوڪ اسٽال، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد 022_2633679
- پٽائي ڪتاب گهر، گاڏي کاتو، حيدرآباد 0345_3587391
- رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو 0307_3471205
- عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سکر 071_2007402
- سنڌ بوڪ ڪلب، نواب شاهه 0300_3006469
- قاسميه لئبريري، ڪنڊيارو 0300_3144668
- المنعم لئبريري 17_پيلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڪالوني ذوالفقار باغ لاڙڪاڻو 0333_7541193
- بوڪ ورلڊ، رابعه سينٽر، لڳ عسڪري بئنڪ، بندر روڊ، لاڙڪاڻو 0333_7548804
- المهراڻ ادبي گهر، ٽاڻو روڊ، سانگهڙ 03000_2913588
- گل ڪتاب گهر، لکي در شڪارپور 0346_3701659
- العزيز ڪتاب گهر، ٽر بازار، عمرڪوٽ 0238_570345
- ڪائناواڙ اسٽور، اردو بازار، ڪراچي 2638025, 2218025
- محمد عثمان عباسي، چنهياٽي، ڪنڊيارو 0306_3665563
- مهراڻ ڪتاب گهر، گهنٽي ٽائڪ، لاڙڪاڻو 0300_3431374

TAREEKH JE JHAROOKI MAAN

By: Abdul Wahid Areser
Published by: Naz Sanai
Chairman
Sindhi Sahat Ghar, Hyderabad, Sindh.
1st Edition May 2012
Book No: 242

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

پ اکر

سنڌي ساهت گهر حيدرآباد سنڌ طرفان محترم عبدالواحد آريسر جا هن کان اڳ ٻ ڪتاب "ڪنڌي نڙن ڪنول"، جنهن ۾ سندس ٽي ڪتاب 'وريا واهرو'، 'ماڻهو ميگهه ملهار'، 'چاندوڪيون ۽ چيٽ' ۽ "ڪنڌهار ڪڙيا" جنهن ۾ سندس ٽي ٻيا ڪتاب 'پرهه جو پيغام'، 'صدين جون صدائون'، ۽ 'ٽي نه محبت مات' شامل هئا، شايع ڪيا ويا. هيءُ سندس ٽيون ڪتاب "تاريخ جي جهروڪي مان" آهي جنهن ۾ سندس ٽي ٻيا ڪتاب 'سچ وڏو ڏوهاري آ'، 'چا ته شخص هو'، ۽ 'مجيب ۽ پٽو' شامل ڪيا ويا آهن. ان سان آريسر صاحب جا نوَ ڪتاب، ٽن جُلدن ۾ پڌرا ڪيا ويا آهن. سندس باقي ڪتابن تي ٻ ڪم هلندڙ آهي ۽ اُميد ته اُهي ٻ جلدي پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچايا ويندا.

ناز سنائي
03003946518

حيدرآباد
27 نومبر 2012ع

ترتيب:

* سچ وڏو ڏوهاري آ
* چا ته شخص هو
* مجيب ۽ ينئو

سچ وڏو ڏوهاري آ

سِڻاءُ

- مهاڳ — عبدالواحد آريسر
- مخدوم بلاول ـ هڪ محب وطن بزرگ
- جهڙو پنهون پاڻ، تهڙي سِڻا ساڻ جي
  (شهيد مخدوم بلاول جا مشهور خليفا)
- مخدوم بلاول جا اُصول
- سچ وڏو ڏوهاري آ ـ گهاٽي مر پيڙايو ويو آ
- مخدوم بلاول جون صديون
- بلاولي تحريڪ جو تسلسل
- ڏٽي تي قبضي کان پوءِ آزاديءَ لاءِ سنڌين جي پهرين ڪوشش
- آزاديءَ لاءِ سنڌين جي پي جدوجهد
- سنڌ جي آزاديءَ لاءِ ٽين ويڙهه
- آزاديءَ لاءِ سنڌين جي چوٿين جدوجهد
- بلاولي تحريڪ جو تسلسل ۽ اُن جا شهيد

انتساب

شهيد مخدوم بلاول جي
سچي پيروڪارَ،
مُحب وطنَ،
سائين جي. ايم. سيدَ
جي نالي!

مون سي ڏنا ماءِ، جنين ڏئو پرينءَکي،
تنين سندي ڪاءِ، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي!
(شاهہ)

ـ عبدالواحد آريسر

مهاڳ

سنڌ جي سرزمين هونئن تہ ڏرتيءَ جي گولي تي هزارها ورهين کان موجود رهي آهي ۽ يقيناً انسان جي عقل ۽ شعور جي ارتقا جا سمورا مرحلا پڻ هن سرزمين ائين طئي کيا هوندا، جيئن ٻين قومن ۽ انساني نسلن کيا آهن. هن سرزمين جي قوم پڻ سماجي جوڙجڪ جي انهن سڀني دورن مان گذري هوندي، جن نيٺ وڃي هڪ قوم ۽ هڪ منظم رياست جي صورت اختيار ڪئي. سنڌ رياستي شڪل ۽ صورت اختيار ڪرڻ کان پوءِ نہ معلوم ڪيترين حڪومتون ٺهنديون ۽ ڀڃنديون ڏٺيون هونديون؛ ڪيترا تخت هُن جي سِيني تي وڇايا ويا هوندا، جيڪي هن لاءِ ناقابل برداشت بوجھ ثابت ٿيا هوندا ۽ ڪيترا تخت اهڙا به سجايا ويا هوندا، جيڪي سندس سَريرَ لاءِ مورپنک جي نرميءَ ۽ هوا جهڙا فرحت بخش ۽ هلڪا ثابت ٿيا هوندا. هن نہ معلوم ڪيترن فاتحن جي گهوڙن جون هٽڪارون، لشڪرن جون تباهيون ۽ بربادين ڏٺيون هونديون، ۽ ڪيترا اهڙا به هوندا، جن هن جي جُثي کي زنجيرن ۾ جڪڙي، محڪوم ۽ مجبور بنايو هوندو. ان سان گڏوگڏ ڪيترا اهڙا سدورا ۽ سلڇڻا پُٽ، سنڌ جي ڪُک مان جنميا هوندا، جن کيس ڳل ڳهاڻي پاتي هوندي، ۽ غلاميءَ جون ڳريون زنجيرين ٽوڙي کيس آزاد ۽ باوقار جياپو ڏنو هوندو. اهڙن ئي سنڌ جي سدورن پُٽن/ اولادَ مان هڪڙو نسل "سَما خاندان" جو به هو.

مُنهنجيءَ معلومات مطابق سنڌ جي معلوم تاريخ ۾ سنڌي قوم ۽ اُن جي تهذيب، تمدن، معاشي ۽ معاشرتي خوشحاليءَ لاءِ تن گهراڻن جي حڪومت بي مثال، عوام دوست ۽ شاندار ڪردار ادا ڪيو آهي: **راءِ گهراڻو، سُومرا گهراڻو ۽ سَما گهراڻو.**

راءِ گهراڻي جي دور جي ادب ۽ ثقافت جي باري ۾ اسان کي ايترو گهٽو مواد ڪونہ ٿو ملي، پر پوئين ٻنهي دورن جي ادب، ثقافت ۽ معاشرت جي باري ۾ اسان کي جيڪو مواد ملي ٿو، ان مان ڇڪيءَ ريت پروڙ پئجي ٿي تہ

راءِ دور ۾ ملڪ اندر سُک ۽ سُڪار، امن ۽ آشتي، مُسرت ۽ مُحبت جي فراواني هئي.

هڪ قومي حڪومت عوام کي جيڪي شيون ڏئي سگهي ٿي، تن مان ٽي شيون اهم آهن:

(1) علم جو ڦهلاءُ : ان سلسلي ۾ خصوصاً سَما دور ۾ سنڌ ڏري گهٽ سَڄي مدرسن، عالمن ۽ صنعتي مرڪزن سان جنجهيل نظر اچي ٿي. هن دور ۾ سنڌ جو ڪوئي اهڙو ڳوٺ نه هو، جنهن ۾ اڃڪلهه جي ڪاليج سطح جو ڪو مڪتب يا مدرسو موجود نه هجي. مثال طور: هر ڳوٺ ۾ هڪ يا به ڪيڙي جون ڪُڏيون ۽ آڏاڻا، چمڙي جي سامان يعني چمڙي جي تياريءَ، صفائيءَ ۽ مرمت جا مرڪز موجود هنا، جن ۾ چمڙي جي صفائي ۽ رڳائيءَ کان وٺي مختلف شين جي ڊزائننگ ۽ تياريءَ تائين سڀ سامان ديسي ڪاريگرن جو ٽهيل موجود هوندو هو. ان ۾ عام واهپي جي جُوتن کان وٺي فوجي بُوٽن ۽ ڏڪَ کان بچاءَ جي چمڙي جي ڍال کان وٺي پاڻيءَ جي ٽنڪرن تائين هر شيءِ ٺهندي هئي. سنڌ ۾ چمڙي مان ٽهيل پاڻيءَ جي ٽنڪرن (مشڪن) جي ننڍڙي شڪل اڄ به پڑال جي صورت ۾ موجود آهي. ان سان گڏ ڪُڏيءَ ۽ آڏاڻي وارا به موجود هوندا هنا، جن وٽ مختلف قسم جي ڪيڙي اُٽڻ جا ماهر ڪاريگر هر وقت ڪم ۾ جُنبيل هوندا هنا. ان سلسلي ۾ ننڍڙن ڳوٺن ۾ ماڻهن جي روزمره جي واهپي جون شيون جهڙوڪ: ڪيڙو، فراسيون، اَنَ ۽ زرعي جنسن ڪٽڻ جو باردانو، ڪنوارين لاءِ ڇُنيون، گهوٽن لاءِ ملير ۽ موڙ تيار ٽيندا هُنا. ۽ ايڏي وڏي پيماني تي صنعتي هُنر پيدا ٽيل هو، جو اُن دور ۾ عورتن لاءِ ٽهيل ڇُني، گج ۽ شلوار جي سوسي ۽ گربيءَ جو مقابلو اڄ جو صنعتي سائنسي دور به نفاست ۽ خوبصورتيءَ جي خيال کان نٿو ڪري سگهي. مَردن لاءِ خاص ڪري لونگي ۽ اَجرڪ اهڙي قسم جي تيار ٽيندي هُئي، جو ان جي رنگن جي ميلاپ ۽ ان ميلاپ مان اٽندڙ سونهن ۽ جلوي جمال جو ڪو مثال ئي نه هو. نه ئي اڄ جو ڪمپيوٽر دور سَڳن ۽ ڏاڳن کي پاڻ ۾ ان طريقي سان ملائڻ ۾ ڪامياب ويو آهي، جيئن سَما دور ۾ مرداني لونگيءَ ۾ ملايا ويندا هنا. هيءَ حيرت انگيز ڳالهه آهي ته ان سموري سامان لاءِ سُت کان وٺي ڊزائين ۽ رنگن تائين هر شيءِ مقامي طرح تيار ٽيندي

هُني. ان سان گڏ هر گوٺ ۾ هڪ به مرڪز لوهارن جا به هوندا هنا، جيڪي ڪپڙي جي آرَ ڪان وٺي پورهئي جو سامان مثال طور: ڏاتو، ڪهاڙي، ڪوڙر، رَنبو، هَر جو ڦار، تير ۽ تلوار وغيره تيار ڪندا هنا. اُن سان گڏ موسيقيءَ جو هڪ سازُ "چنگ" پڻ انهن مرڪزن ۾ ٺهندو هو. هڪ اَڏُ ويچ ۽ طبيب جي ڪلينڪ (شفاخانو) پڻ موجود هوندي هئي. اِهو غلط آهي ته سنڌي ماڻهو رُڳو ٽوٽن ۽ ڦيٽن ذريعي علاج ڪرائيندا هُنا، پر هُو ان دور جي طبي سائنس مان ڀرپور فائدو وٺندا هُنا ۽ اُن جي فائدي مند هُجڻ جا مجتائو پڻ هُنا. ان سموري سامان کي هڪ هنڌ تان خريد ڪرڻ لاءِ دُڪان به موجُود هنا، جتان مناڻ ۽ مسالي کان وٺي مٽي بيان ڪيل هر شيءِ ملي سگهندي هُني، جنهن کي اڄوڪي هوليءَ ۾ اوهين "سُپر شاپنگ سينٽر" چئي سگهو ٿا.

(2) جذباتي آسودگي : جذبو هڪ اهڙي ڪيفيت جو نالو آهي، جيڪا ڪنهن شيءِ ڏي ڏسي، اُن کي حاصل ڪرڻ يا ختم ڪرڻ لاءِ ساهواري جي سَريرَ ۾ اَجهل ڇڪ ۽ سِڪَ پيدا ڪري. جانورن ۾ به جذبو هوندو آهي ۽ انسان ۾ ته جذبن جي بي پناهه موج متل هوندي آهي. انسان جي سيني جذبن مان اُتم، اَجهل ۽ نفيس جذبو، هئي ماڻهوءَ سان محبت وارو جذبو هوندو آهي: خصوصاً مخالف جنس سان رُغبت وارو جذبو. اُن جذبي جو سپ کان خوبصورت طريقي سان اظهار شاعريءَ ذريعي ئي ٿيندو آهي. **سومرا ۽ سَما دور** ۾اسان ڏسون ٿا، ۽ اهو ڏسڻ اسان کي اُن دور جي شاعريءَ ۾ داستانن ذريعي نصيب ٿيو آهي ته انهن دورن ۾ انسان جي جذباتي تسڪين تي ڪائي روڪ ٽوڪ ۽ بندش نه هئي. اسان وٽ پنهنجي عظيم شاعريءَ ذريعي ته صرف ڪجهه رُومانوي داستان پهتا آهن، جن کي ڏسي لڳي ائين ٿو ته انهن دورن ۾ محبت جي روهيڙي جو ڏارُ ڪپڻ لاءِ ڪائي ڪهاڙي نه هُني ۽ نه ئي گرم ساهن جي وچڑڻ لاءِ ڪائي بندش هُني.

(3) مسرت ۽ محبت: بهترين قومي حڪومت اها هوندي آهي، جنهن ۾ نه رڳو حڪمرانن جو عوام ڏانهن لاڙو محبت ۽ همدرديءَ وارو هجي، پر عوام پاڻ هڪ ٻئي ڏانهن محبت ۽ همدرديءَ وارا قدر نياڻيندي، خوشي ۽ مسرت محسوس ڪن. ان سلسلي ۾ آءٌ ٻيڪهه ۾ وڃڻ بدران ان دور ۾ رائج

ٽيل هڪ قدر ڏانهن اشارو ڪندس، جنهن ۾ ماڻهن جي هڪ ٻئي سان محبت جو همدردانہ اظهار ملي ٿو. اهو هي ته سڄي ڳوٺ جي گهرن ۾ ڪابہ چگي شيءِ ڪاڏي لاءِ تيار ٿيندي هئي ته اها سڄي ڳوٺ ۾ پاڙي ۾ ورڇي ويندي هئي ۽ گڏوگڏ مختلف گهرن ۾ جيڪڏهن مختلف پاڇيون تيار ٿيندیون هيون ته اُهي هڪ ٻئي جي گهر موڪليون ويندیون هيون. ان جو واحد فلسفو اهو هو ته ڳوٺ ۾ پاڙي جا لاڳاپا مضبوط ۽ بهتر ٿيندا رهن ۽ انهن ۾ رنج ۽ احساس ڪمتريءَ جهڙا منفي جذبا داخل ٿي، ڳوٺ جي ايڪي کي چيهو نہ رسائين. ان سلسلي ۾ هيءَ روايت ۽ رواج بہ ڏاڍو عجيب پيل ٿو ڏسجي ته ڪنهن گهر ۾ ڪوئي مرتيو ٿي وڃي ته تن ڇڻن ڏينهن تائين عذرخواهيءَ لاءِ ايندڙ ماڻهن جي مانيءَ پائيءَ جو بندوبست پاڙي وارا ئي ڪندا هئا: جيڪو رواج ڪنهن حد تائين سنڌ جي ٻهراڙين ۾ خصوصاً ٿر ۾ ته اڄ بہ موجود آهي، چو ته سمات ذاتيون ٿر ۾ گهٽيون رهن ٿيون.

سما دور ۾ عوام سان هڪ جهڙائيءَ جهڙي هڪ ٻي شيءِ مون کي نظر اچي ٿي، سا هيءَ ته **حڪمرانن جي رهائش** عام ماڻهوءَ کان مٿاهين يا نرالي نہ هوندي هُئي. اُهي مغلن وانگر عاليشان عمارتن ۽ بي پناهہ عياشين وارن محل ـ سرائن ۾ نہ رهندا هئا. جيڪڏهن ايئن نہ هجي ها ته پوءِ ڪهڙو سبب آهي، جو اسان کي جام تماچيءَ جو مقبرو ته ملي ٿو، پر اهو محل ڪونہ ٿو ملي، جتي نُوري ناز سان هندورن ۾لُڏندي هئي. اسان کي جام نظام الدين جو خوبصورت گيلريءَ سان بنا ڇت جي مقبرو ته ملي ٿو، جنهن جي گيلريءَ ۾ اڄ بہ نہ معلوم ڪيترين ڏاڪندڙ دلين پنهنجي گرمي هڪ ٻئي جي اندر ۾ اوتيندیون رهن ٿيون، پر اُها حويلي ڪانہ ٿي ملي، جنهن ۾ ڪاهُوءَ جي ڏاڙي جي مرينا جام نظام الدين کي پنهنجي ادائن سان ميڙ بنائيندي هوندي. اهو ئي سبب آهي، جو سنڌي زبان جي مايہ ناز ڪالم نگار اعجاز منگيءَ مون کان پڇيو هو ته "سنڌ جا بادشاهہ درباريون نہ لڳائيندا هئا، ڇا؟" مون کيس جواب ڏنو هو ته "ها! لڳائيندا هئا." هُن وري مون کان پڇيو ته "تو اهو ڪٿي پڙهيو؟" مون کيس جواب ڏنو ته "مون سنڌ جي تاريخ جي شاعر نياز همايونيءَ جي نظم 'مڪليءَ' ۾ پڙهيو هو ـ پر اُهي درباريون لڳندیون ڪُليل

ميدانن ۾ هُيون، جنهن ۾ وچ ايشيا ۽ يورپ جي حڪمرانن وارو نَٽُ ٽانگر نه هوندو هو. اِهو ئي سبب آهي، جو سائين جي. ايم. سيد مون کان هڪ دفعي پُڇيو هو ته 'توکي سنڌ جي ٻن قومي حڪومتن سمن ۽ سومرن ۾ فرق ڪرڻ لاءِ چيو وڃي، ته تون ڪيئن ڪندين؟'

مون عرض ڪيو هو ته 'سومرن جو دؤر مون کي ڪنهن قدر قبائلي لڳي ٿو، جنهن ۾ عشقيه داستان ۽ جذبات جي فراواني آهي: جيئن هر قبائلي دور ۾ هوندو آهي.

هلو هلو ڪاڪ ترّين جتي نينهن اُجَلَ،
نه ڪا جَهل نه پَل، سيڪا پسي پرينءَ کي! (شاهه)

پر سمن جو دور باقاعدي هڪ منظم قومي رياست وارو دؤر آهي، جنهن ۾ انسان جي مادي ۽ روحاني (جذباتي) خوشحاليءَ ۽ تسڪين سان گڏ انساني شعوري واڌ ويجهه لاءِ ثقافتي، علمي ۽ دفاعي ادارا وجود ۾ آيا. نه رڳو وجود ۾ آيا، بلڪ مستحڪم ۽ مضبوط پڻ ٿيا. اهو ئي سبب آهي، جو سمن جي زوال کان پوءِ به سنڌي قوم پنهنجي قومي رياست جي بحاليءَ لاءِ وڙهندي رهي، ۽ ان ويڑهاند جي مکيه محرڪ شخصيت **مخدوم بلاول** هو، جيڪو پڻ سمو هو ۽ عام سمن حڪمرانن وانگر عوامي زندگي گذاريندو هو.

سما خاندان، برصغير جو نج مقامي خاندان آهي، جنهن پنهنجو بادشاهي لقب، وچ ايشيا جي حڪمرانن کان مختلف رکيو. وچ ايشيا جا حڪمران پاڻ کي خليفو، اميرالمؤمنين ۽ شهنشاهه سڏائيندا هئا. پر سمن پاڻ کي اهڙن لقبن جي بدران پنهنجي ماڻ جي پٽيان **'جام'** سڏائڻ پسند ڪيو. جام، ڪيڏو نه سادو لقب آهي، جو خليفي نبي بخش لغاريءَ پنهنجي شعر ۾ ڪيت کي مارئيءَ جي واتان 'جام' سڏرايو آهي. مون لکيو آهي ته سما پاڻ کي پنهنجي ماڻ جي نالي پٽيان 'جام' جي لقب سان سڏائيندا آهن، ان سلسلي ۾ ريگستان جي تاريخ تي سند ۽ پروسي جوگو ڪتاب لکندڙ مسٽر "جيمس ٽاڊ" لکيو آهي ته: 'دوارڪا جي راجا ڪرشن جي ستين راڻي 'جام بهرتي' جي اولاد مان هجڻ ڪري، سما پاڻ کي 'جام' سڏائڻ لڳا. اهي 'سما جام' سومرن جي زوال کان پوءِ حڪمران ٿيا. سمي سردار 'جام انڙ بن بنيي' 1351ع ڌاري سنڌ

جون واڳون ورتيون ۽ پنهنجي گادي سما ننگر ۾ قائم ڪري راج هلايو. سمن پوٽا ۽ سئو سال سنڌ تي حڪومت ڪئي، جنهن عرصي ۾ ڪُل ارڙهن حاڪم ٿيا: انهن مان پهريون جام انڙ ۽ آخري حاڪم جام فيروز الدين پٽ نظام الدين سمو هو.

هتي آءٌ سمن جي سمورن جامن جي دور حڪومت تي تاريخي، تهذيبي ۽ اقتصادي نقطئه نظر سان جيڪڏهن لکڻ چاهيان تہ شايد آءٌ هي ڪتاب پورو ڪري نہ سگهان: پر هتي اهو مختصر ذڪر اِن لاءِ ڪيو اٿم، جو منهنجي هِيري (مخدوم بلاول) جو واسطو به انهيءَ خاندان سان هو ۽ هُو اهڙيءَ حڪومت ۽ معاشرتي دور جي پيداوار هو.

مخدومُ بلاوَل

مَخدُوم بلاول ذات جو سمو هو. ان ڳالهہ سان ڪنهن کي به اختلاف نہ آهي، پر اڳتي هلي سندس نسب ۾ اختلاف پيدا ٿيا آهن. مولانا دين محمد وفائي 'تذڪره مشائخ سنڌ' ۾ لکيو آهي تہ هو سنڌ جي هاڪاري حڪمران ۽ ولي صفت حاڪم جام نظام الدين جو سڳو پاءُ آهي. محترم غلام محمد لاکي جو خيال آهي تہ مخدوم بلاول جو نَٽي جي سمن سان ڪوبہ تعلق ڪونہ هو، بلڪ هو لس ٻيلي وارن سَمن مان هو. مون کي معلوم نہ آهي تہ مولانا دين محمد وفائيءَ جو مذار ڪهڙي ڪتاب تي هو ۽ محترم لاکي ڪهڙي آڌار تي هُن کي نَٽي جي سمي خاندان کان الڳ ڪري پيش ڪيو آهي. آءٌ سمجهان ٿو تہ اُن تي بهتر راءِ سائين جي. ايم. سيد جي آهي، جنهن پنهنجي ڪتاب ۾ اهو ڄاڻايو آهي تہ هُو يعني مخدوم صاحب نَٽي جي حڪمران خاندان سان واسطو رکندڙ هو ۽ جام نظام الدين جي سڳي پاءُ جام ادريس جو پوٽو هو. جام ادريس کي جام نظام الدين لس ٻيلي جو پرڳٽو جاگير طور ڏنو هو ۽ هُو اتي جو حاڪم هو. سندس فرزند جام حسن سمو به لس ٻيلي جو حاڪم هو، جنهن جو فرزند اسان جو هيرو 'مخدوم بلاول' هو. ان سلسلي ۾ ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو تہ "مخدوم بلاول جو ڏاڏو مخدوم ادريس سمو، سنڌ جي مشهور ۽ مقبول حاڪم جام نظام الدين عُرف جام نندي جو پاءُ هو. (اندازاً ننڍو پاءُ هو)."

جام نظام الدين سمي سنڌ تي لڳ ڀڳ 50 سالن تائين حڪومت ڪئي.

ساڳئي وقت جام ادريس لس ٻيلي واري علائقي جو حاڪم هو. جام ادريس جو فرزند، جام حسن به لس ٻيلي جو حاڪم ٿي رهيو آهي. انهيءَ جام حسن جو وڏو فرزند، سنڌ جو هيرو مخدوم بلاول هو، جنهن جي ولادت ٨٥٦ هجري مطابق 16 جون 1451ع تي ٿي. سندس لاڙو ننڍپڻ کان ئي تعليم ڏانهن هو، اُن کري تعليمي طلب ۾ پنهنجو حاڪماڻو شهر چڏي، سيوهڻ جي پرسان ڳوٺ ٽلٽيءَ ۾ پهتو، جتي هڪ قابل استاد ۽ بزرگ سيد نور حسين شاهه بخاري ٽنويءَ وٽ تعليم وٺڻ لڳو. غير معمولي ذهانت سبب جلدئي کيترائي کتاب ياد کري ويو. پوري درسگاهه ۾ استاد ۽ شاگرد کيس محبت ۽ شفقت جي نظر سان ڏسندا هئا. سندس استاد، مَخدُوم صاحب جو خرچ به پنهنجي سر تي کنيو ۽ ڳوٺ جي مشهور دکاندار محمد خان ميمڻ کي چئي چڏيائين ته هي نينگر جيکو به سودو وٺي، کيس ڏنو وڃي، پٺسن جي ادائيگي آئون پاڻ کندس. اهڙو اطلاع بلاول جي ڪن تي به پيو، اُن کري هُن سموري سال ۾ استاد جي حُڪم جي ادب ۾، اُن سيٽ کان هڪ پئسي جُون پُڄڻن جُون کلون ورتيون. استاد کي جڏهن اها خبر پئي ته کيس اڃا به وڌيڪ عزت ۽ محبت سان ڏسڻ لڳو. مخدوم صاحب جيئن ته بي انتها ذهين هو، ان کري جلدئي سيني علمن ۾ مهارت حاصل کري ورتائين. سندس علم ۽ فضل جي تاريخ ۾ وڏي تعريف آئي آهي. "تاريخ معصومي" ۾ لکيل آهي ته "تفسير ۽ حديث جي علمن ۾ تمام وڏو ماهر هو".

علم جي حاصلات کان پوءِ لڳي ائين ٿو ته هُن اُن وقت جي مروج خاص هنر کپڑي جي صنعت ۾ به وڏي مهارت حاصل ڪئي ۽ ڪورِکو ڏنڏو ڪرڻ لڳو. نياز همايونيءَ جو کورين بابت هڪ شعر آهي ته:

يارُ نياز به کوري ياروں پڳت کبير به کوري،
سنڌ نه ٿئي شل چوري!
کوري آهيان، کوري يار!

۽ شاهه لطيف به فرمايو آهي ته:

هلو ته هلون کورئين، نازڪ جن جو نينهن.

هتي آءٌ فارسي تذکرن ۽ هين کتابن ۾ آيل مخدوم صاحب جي

ڪرامتن تي لکڻ ڪوڙ ٽو چاهيان، پر اُهي آهن ڏاڍيون دلڪش: انهن مان هڪڙي اِها به آهي ته جيڪو ٻار ٻاتو هجي، اُن کي مخدوم صاحب جي ڪوهه جو پاڻي پياريو وجي ته اُهو چگو پلو ٿي ويندو ـ ۽ اِها ڳالهه سائين امداد محمد شاهه پنهنجي باري ۾ چئي آهي ته "ننڍي هوندي آءٌ ٻاتو هوس ۽ مخدوم صاحب جي ڪوهه جي پاڻي پيارڻ سان ٺيڪ ٿي پيس".

ـ عبدالواحد آريسر

مخدوم بلاول ـ هڪ محب وطن بزرگ

هتي سنڌ جي اُنهيءَ محب وطن ۽ مرد مجاهد بزرگ جا حالات پيش ڪجن ٿا، جنهن سنڌ کي غيرن جي غُلاميءَ کان بچائڻ لاءِ مُجاهدانه جدوجهد ڪندي، شهادت جو جام نوش فرمايو. سنڌ جي هن مُحب وطن، ديس کي ڌارين جي غُلاميءَ کان بچائڻ لاءِ، سنڌ جي سُورمن ۾ سائيڪ جي سِڪ جو اُهو رُوح ڦوڪيو، جو تلتيءَ جي ميدان تي قومي يُڌ لڙندي، ڪيئي ڪُونڊر ڪُسي ويا. سنڌ جي هِن سدا جِيئري سالڪ ۽ سورهيه، نه فقط سنڌ جي جوڌن جوانن کي سندن لشڪر سميت، هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪري قومي لڙائيءَ لاءِ اُپاريو، پر پنهنجن مُريدن ۽ خليفن کي به لڙائيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جو حُڪم ڏنو. اهڙيءَ طرح انهيءَ خيال کي غلط ثابت ڪيائين ته صوفي صرف حجرن ۾ ويهندا آهن. سنڌ جي هن سورمي جي ڪوشش جي باوجود به قضا جو قلم وهي ويو، ڪيئي ڪوپا قربان ٿي ويا ۽ ديس ڌارين جي غُلاميءَ ۾ اچي ويو. تنهن کان پوءِ هِن سپاجهيءَ سرزمين تي ڪيئي ويل وهيا ۽ اٻوجهه عوام سان ڪيئي عقوبتُون ٿيندیون رهيون. اُن کان پوءِ شاهه بيگ جي پٽ شاهه حسن جا بڪر، اُچ ۽ ملتان تي حملا؛ همايُون جو سنڌ ۾ اچڻ ۽ ارغونن سان جهڙپُون؛ ارغونن ۽ ترخانن جي هڪ ٻئي سان آويزش ۽ خانه جنگي؛ عيسيٰ ترخان ۽ مَحمود بکريءَ جُون لڙايون؛ گوا جي عيسائين جو نَٽي ۾ اَچي قتل عام ڪرڻ، ڦر ڪرڻ ـ ڦُر به اهڙي ڦُر، جو سڄي ايشيا ۾ اهڙي ڦُرلٽ کا ورلي ٿي هوندي. (سنڌ گزيٽيئر ص ـ 105) ۽ نَٽي کي باهه ڏيڻ؛ مرزا عيسيٰ جي پُٽن جو هڪ ٻئي سان تخت ۽ تاج لاءِ وڙهڻ؛ مرزا باقيءَ جون نَٽي ۽ سنڌ ۾ خونريزيون، ظُلم ۽ ڏاڍ؛ آخر ۾ جاني بيگ ۽ خانخانان جي لڙائي (999هـ)، جنهن ۾ سنڌ وڃي مغلن جي قبضي ۾ پُهتي ۽ ان لڙائي هارائڻ کان اڳ جاني بيگ جو نَٽي کي باهه ڏيڻ. سنڌ جو عوام انهن لڙاين ۽ خونريزين جي ڪري ڏُکر ۾ پاهه ٿيندو رهيو، امُن امان ۽ سُک سلامتيءَ لاءِ سڪندو رهيو؛ ڌارين جي ظُلم ۽ ڏاڍ جي گهاڻي ۾ پيڙبو

رهيو ۽ ٿتي جهڙو نفيس ۽ اعليٰ شهر ويو ناس ٿيندو.

نالو، نسب ۽ ولادت : مَخدوم صاحب جو نالو بلال هو ۽ ذات جو سمو هو. سندس والد بزرگوار جي نالي جي خبر نه ٿي پوي سندس ولادت جي تاريخ به، تاريخي ڪتابن ۾ آيل ڪانهي. مُحترم جي. ايم. سيد جو رايو آهي ته "غالباً نائين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ جائو هوندو." (ڏسو: پيغام لطيف، ص ـ 82).

تعليم ۽ قيام : ابتدائي تعليم ٿتي جي مدرسن مان پرائي، وڌيڪ علم ٽلتيءَ جي ڳوٺ ۾ اچي مخدوم عُمر کان حاصل ڪيائين. شادي به اُتان ئي ڪري، اُتي ئي رهي پيو. ظاهر علم ـ يعني حديث، تفسير، فقه وغيره ۾ ڪمال حاصل هوس. معصوميءَ وارو لکي ٿو: "تفسير ۽ حديث جي علم ۾ تمام ماهر هو. بلند درجن جو مالڪ هو. سندس سمورن حالات ۽ ڪمالات جي لکڻ جي قلم کي ڪابه طاقت ڪانهي." (تاريخ معصومي ص ـ 198 - 199). تحفة الڪرام جو صاحب لکي ٿو: "وڏو عارف ۽ واصل بالله هو. ظاهري علم ۾ پڻ وڏو شان رکندو هو." (تاريخ تحفة الڪرام، ج ـ 3، ص - 141) سندس علم جي هاڪ جلد ئي پکڙجي وئي ۽ ڪيترائي علم جا اُجايل، پرانهن پنڌن تان ڪَهي اچي، وٺانس عِلم پرائڻ لڳا.

طريقت جو سلسلو : تصوف جي طريقن جا چار سلسلا آهن: قادري، سُهروردي، نقشبندي ۽ چشتي. هر هڪ سلسلي جون ڪيتريون ئي شاخون آهن. اسان جو مخدوم صاحب سهروردي طريقي جي شاخ "ڪبرويه" سان وابسته هو. (پيغام لطيف، ص - 82). وڌيڪ اهو معلوم ٿي نه سگهيو آهي ته "ڪبرويه شاخ" سندَ ۾ ڪيئن پهتي ۽ مخدوم صاحب جن جي مُرشد جو نالو ڇا هو؟ محترم جي. ايم. سيد لکيو آهي ته: "انهيءَ شاخ سان واسطو رکندڙ، مخدوم صاحب جن سان گڏ، لنواريءَ وارن بزرگن جا وڏا به هُتا." (پيغام لطيف، ص - 55) "لنواريءَ جا لال" مان به انهيءَ جي تصديق ٿئي ٿي. آنجهاني ڊاڪٽر گُربخشائيءَ لکيو آهي ته "شيخ حاجي عبداللطيف (١١٤٩هـ - 1736ع وفات) لنواريءَ وارن بزرگن جي وڏي ۾ وڏي بزرگ، ۽ حضرت سلطان الاولياءَ خواجه محمد زمان ڪلان جي والد بزرگوار، اباڻو سَهروردي طريقو بدلائي، نقشبندي طريقو اختيار ڪيو." ("لنواريءَ جا لال"، ص - 38).

کبرويہ سهروردیہ : سهروردي سلسلي جي هن شاخ جو باني شيخ نجم الدين کبريٰ هو، جو سهروردي طريقي جي باني ۽ حضرت شيخ اَبُو نجيب عبدالقاهر سهروردي ۽ جي وڏي خليفي عمار ياسر کان مستفيض هو. حضرت عمار مُريدن جي تربيت ۾ڪشف ۾ وڏو استعداد رکندو هو. شيخ نجم الدين کبريٰ پنهنجي ڪتاب "فوائد الحال" ۾ لکيو آهي ته، "جڏهن شيخ عمار جي خدمت ۾ پهتس ته منهنجي دل ۾ خيال آيو ته، "مان وڏو عالم آهيان، جيڪڏهن فتوحات غيبي ۽ جي نعمت به حاصل ٿئي ته ڪهڙو نه سُنو ٿئي، جيئن ممبر تي بيهي حق جي طالبن جي رهنمائي ڪريان." حضرت ڪشف جي ذريعي منهنجي مُراد معلوم ڪري ورتي ۽ فرمايائون: "پهريائين نيت جي دُرستي ڪر، پوءِ خلوت ۾ اچ." نادم ٿي پوئتي موٽيس. سيئي ڪتاب طالبن ۾ ورهائي ڇڏيم، ڪپڙا فقيرن ۾ ورهائي ڇڏيم، ڇڙو هڪڙو جُبو وڃي بچايم، جو پاتل هو، باقي ٻيو ڪجھ به پاڻ وٽ نه رکيم. دل ۾ فيصلو ڪيم ته هي خلوت خانو منهنجي قبر ۽ هي جُبو منهنجو ڪفن آهي، هيئنر ڪنهن به صورت ۾ ٻاهر نه نڪرندس. جيڪڏهن ٻاهر نڪرڻ جو خيال آيو به ته اُن جبي کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيندس، چاڪاڻ جو عورت جي ستر جوذريعو نه رهندو ۽ شرم ۽ حيا ٻاهر نڪرڻ نه ڏيندو. اها نيت وٺي شيخ جي خدمت ۾ پهتس. پريان ئي ڏسي فرمايائون: 'هيئنر تنهنجي نيت درست آهي. اندر اچ، جو انهيءَ حال ۾ تنهنجو اچڻ، تنهنجي لاءِ مبارڪ آهي'. شيخ اهڙو توجھ فرمايو، جو فتوحات باطني ۽ جا سمورا دروازا ڪُلي پيا." (بحواله "سيرت بهاؤالدين ذڪريا، مولانا نور احمد فريدي، ص - 38 - 39) حضرت شيخ عمار ۵۸۲ هجريءَ ۾ انتقال ڪيو. ("سيرت بهاؤالدين ذڪريا"، مولانا نور احمد فريدي، ص - 39) حضرت شيخ نجم الدين کبريٰ، حضرت شيخ ابو نجيب جي ٻئي خليفي شيخ روزجهان ڪبير مصريءَ کان به فيض پرايو، جنهن جو وطن گاذرون هو، پر رهندا مصر ۾ هتا. هر وقت مٽس استغفراق جو عالم طاري رهندو هو. جڏهن شيخ نجم الدين کبريٰ، سندس خدمت ۾ پُهتو ته کيس پنهنجو نياڻو ڪري، پنهنجو فرزند بنايائون. شيخ روزجهان ۵۸۴ هجريءَ ۾ فوت ٿيو ۽ مصر ۾ مدفون ٿيو. بحواله ("سيرت بهاؤالدين ذڪريا" مولانا نور احمد فريدي.) حضرت شيخ نجم الدين خلافت جو خرقو، حضرت شيخ ابو نجيب جي ٽئين

خليفي، شيخ اسماعيل قصريءَ کان به حاصل ڪيو، جنهن ۸۵۹ هجريءَ ۾ انتقال فرمايو. بحواله: ("سيرت بهاؤالدين ذڪريا"، مولانا نور احمد فريدي).

روحاني منزل : مخدوم بلاول کي ظاهري علم جي عالم هجڻ سان گڏ باطني ڪمال به حاصل هو. تحفة الڪرام جي صاحب سندس بنسبت لکيو آهي: "رات جو پاڻيءَ سان پريل هڪ ڪونار ۾ ويهندو هو ته ذڪر جي جوش ۽ حال جي غلبي ڪان پاڻي جانداهه وانگيان چڪر هڻڻ ڏيندو هو. سر صبح جو ٻاهر نڪري ويندو هو، ته به پاڻي چڪر ۽ جوش ۾ هوندو هو، جيستائينءَ درياءَ ۾ نه هاريندا هُئس، تيستائين بس نه ڪندو هو". سندس باطني ڪمال بابت ٻي به هڪ روايت آندي اٿس، جا ان ڪان اڳ معصوميءَ جي صاحب به آندي آهي. لکن ٿا: 'هڪ پيري سلطان العارفين مخدوم لعل شهباز جي زيارت لاءِ تلتيءَ کان سيوهڻ وڃي رهيا هنا، ۽ درياءَ ٽپڻ جي خيال کان ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ويٺا. ميربحر عادت موجب گارگند ۽ بيهودو بکڻ شروع ڪيو ۽ ڪنهن جي به چوڻ سان بس نه ٿي ڪيائين. مخدوم صاحب جن پنهنجي ٽوپي ڪٽي ميربحر جي مٿي تي رکي ۽ هو هڪدم قال الله ۽ قال رسول الله ۾ مشغول ٿي ويو. جيستائين ٽوپي مٿي تي هُنس، تيستائين اهو حال هنس. ٻيڙيءَ تان لهڻ کان پوءِ ٽوپي لاڻائونس ته وري اڳي وانگر بکواس ۾ پٽجي ويو. سيٽي ٻيڙيءَ وارا عجب ۾ هنا. بيشڪ اهي ئي بزرگ آهن، جي مُنل دلين کي جيئرو ڪن ٿا." (بحواله: تحفة الڪرام، ص - 41 ۽ معصومي، ص - 199) پنهنجي روحاني فيض مان ڪيترن کي ئي مستفيض ڪيائون. عام مريدن ۽ طالبن کان سواءِ، سندن ڪيترائي وڏا خليفا هنا، جن مان ڪن جو ذڪر اڳتي ايندو.

مخدوم صاحب جي زماني ۾ سنڌ جي سياسي حالت ۽ سياست ۾ سندن واسطو :

مخدوم صاحب جن جي شروعات واري زماني ۾ جام نظام الدين عُرف جام نندي جي حڪومت هئي، جنهن جو ذڪر "نتو ۽ مڪلي" مضمون ۾ ڪيو ويو آهي، جو عبرت جي ماهوار ايڊيشن جُون 1960ع ۾ شايع ٿيو آهي.٥ هو

٥ ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو مضمون.

١٥ ربيع الاول ٨٦٦ هجريءَ ۾ تخت تي ويٺو ۽ ٩١٤ هجريءَ ۾ وفات ڪيائين. (ڏسو تاريخ طاهري، ص - 7 ۽ بيگلار نامه ۽ تحفة الڪرام ص - 53) جام نندي جو دور نهايت امن امان ۽ صلح سانت جو دور هو ۽ سنڌ ڏاربن جي غلاميءَ کان آزاد هئي. علم ۽ فضل جو دؤر دورو هو. سنڌ جي حڪومت جون حدون به نهايت وسيع هيون. بلوچستان جو ڪجھ حصو، ملتان ۽ بهاولپور جو ڪجھ حصو، لس بيلي ۽ ڪچ جو حصو، سنڌ جي حڪومت ۾ شامل هنا. سندس ڏينهن ۾ ٿتي جي نئين سر تعمير ٿي، جتي ٿوري وقت ۾ پري پري جا ڪيترا عالم، درويش ۽ هنرن جا ماهر اچي گڏ ٿيا، انهيءَ ڪري ٿتو تهذيب ۽ تمدن جو مرڪز ٿي ويو ۽ بغداد ۽ قرطبہ جي ڏک ٿي ڏنائين. ٿتي کان سواءِ بکر، روهڙي، نصرپور، متياري، درٻيلو، پاٽ، باغبان، سيوهڻ ۽ سن، پٽ علم، تهذيب، تمدن ۽ تجارت جا مرڪز هنا. سنڌ دهليءَ جي تسلط کان آزاد ۽ خودمختيار هئي. انهن ڏينهن ۾ رڳو هڪ دفعو شاهہ بيگ، قندار کان اچي اڪڙي چانڊڪي ۽ سيونچيءَ ۾ ڦر ڪئي، پر وريس ڪُجھ به ڪونہ. جام، هڪ وڏو لشڪر فساد بند ڪرڻ لاءِ چاڙهي موڪليو. سيويءَ وٽ سخت لڙائي لڳي، جنهن ۾ شاهہ بيگ جو پاءُ قتل ٿي ويو ۽ ٻيا شڪست کائي قندار موٽي ويا ۽ جام نندي جي ڏينهن ۾ وري سنڌ ۾ نہ آيا. اهڙيءَ طرح هن جام جي حڪومت جو ايڏو سارو ڏڳھو عرصو، سنڌ ڏاربن جي ڪاهن ۽ تباهين کان محفوظ رهي. (ڏسو: معصومي، ص - 75 ۽ 12، تحفة الڪرام ص - 53) طبقات اڪبري جي مصنف (ج - 3، ص - 517) اهو احوال ڪجھ ٻيءَ طرح ڏنو آهي، پر علامہ دائود پوٽي صاحب (تعليقات معصومي، ص - 303) معصوميءَ کي صحيح ڏيکاريو آهي.

محترم جي. ايم. سيد، ان وقت جي سياست کي ٻن گروهن ۾ ورهايو آهي: هڪ اهو، جو سنڌ جي تهذيب ۽ اندروني خودمختياريءَ جو قائل هو، ٻيو ٻاهرين جو پرجهلو، جنهن پوءِ شاهہ بيگ ارغون کي سنڌ تي چاڙهي آندو. ڏسو: (پيغام لطيف، ص - 18 ۽ 19) پهرئين گروهہ لاءِ لکي ٿو: "هي سنڌي تهذيب، سياسي اقتدار ۽ اندروني خودمختياريءَ جو قائل هو. انهيءَ گروهہ جو مدارالمهام مخدوم بلاول ؒ هو، جو سمن جي شاهي گهراڻي جو فرد هو. سندس رفيق ۽ خليفا، سيد حيدر سَن وارو ۽ مخدوم ساهڙ لنجار (جنهن جو مقبرو

انڙپور جي مٽان آهي) هنا. انهن بزرگن جو موجوده دادو، سيوهڻ، کوڙڙي تعلقن جي جبل ۽ درياءَ جي ڪنڊيءَ وارن علائقن تي گهڻو اثر هو. هن گروهه کي جام نندي جي وزير ميان دريا خان (جنهن کي مبارڪ خان به ڪري سڏيندا هنا) جي سرپرستي نصيب هئي. اڳتي هلي لکيو اٿس ته: "جيستائين جام نندو جيئرو هو، تيستائين پهرئين نظريي وارن جو دور دورو هو. (ڏسو: پيغام لطيف، ص - 18 ۽ 19) جام نندي جي وفات کان پوءِ سندس پٽ جام فيروز، جو نڊو هو، تخت تي ويٺو. جام صلاح الدين جي خانگي لڙاين ۽ اميرن جي حرڪتن ڪري سنڌ جي حڪومت ڪمزور ٿي وئي. جام نندي جو پٽيلو دريا خان وزير به ڇگو منهن ڏيو ويٺو هو، پر آخر اميرن حرڪتون ڪري جام فيروز ۽ دريا خان جي وچ ۾ اٽڪڻ پيدا ڪري وڏي، جنهنڪري هُو استعفيٰ ڏئي پنهنجي جاگير ڪاهان ۾ وڃي رهڻ لڳو. ان کان پوءِ ته حالتون ويتر خراب ٿي ويون. شاهه بيگ کي انهن حالتن جو پتو ڏنو ويو ۽ خود جام جا امير ۽ درباري به اُن سان ٻَڌجي ويا. موقعي جو فائدو وٺي هُو ڪاهيندو آيو ۽ ٩٢٦ هجريءَ ۾ اچي نٽي تي حملو ڪيائين. ڪاهه جو ٻُڌي جام فيروز، دريا خان کي پرچائي گهُرايو ۽ هو سورهيه سردار، سنڌ کي بچائڻ لاءِ، وري به جهڙي تهڙي حال ڪمر ڪشي اچي ٻيٺو. دريا خان، ساموئيءَ جي ميدان تي شاهه بيگ جو مقابلو ڪيو نهايت خونخوار لڙائي لڳي، جنهن ۾، سنڌ جو سورهيه سنڌ جي آزادي لاءِ وڙهندي، سنڌ تان قربان ٿي ويو. جام فيروز ۾ لڇڻ ڪونه هو، سو نٽو چڏي وٺي ڳڙو ۽ وڃي پير پٺي جي درگاهه ۾ لڪو. شاهه بيگ، فتح کان پوءِ ١١ محرم کان ٢٠ محرم تائين نٽو ڦرايو ۽ قتل عام ڪرايو. آخر اهو طوفان قاضي قاضن جي طفيل اجهاٽو. آخر جام فيروز پيش پيو ۽ لکيءَ کان هيٺيون حصو حوالي ڪري شاهه بيگ کيس نٽي ۾ رهڻ ڏنو. (ڏسو: تاريخ معصومي، ص - 112 کان 116) شاهه بيگ نٽو فتح ڪرڻ کان پوءِ، منزلون ڪندو سيوهڻ پهتو. اتي (سيوهڻ) جي آس پاس جا جيڪي سورهيه سردار هنا، تن شاهه بيگ جي لشکر پهچڻ کان اڳ ٽلتيءَ ۾ اچي وڏو لشکر تيار ڪيو ۽ فيصلو ڪيائون ته مُئي مارائي کان سواءِ نه رهنداسون: اهو هو جامن، سهتن ۽ سوڍن جو لشکر. انهن سورهين ۾ مخدوم بلاول ئي قومي روح ڦوڪيو هو. سندس

ئي قومي تحرڪ جي ڪري جام نندي جي وزير دريا خان جي پٽن، محمود ۽ منڙ خان، دريا خان جي جاگير ڪاهان (ڳاهان) جي نزديڪ ماٺهو پئي گڏ ڪيا. هن قومي ٻڌ لاءِ حضرت مخدوم بلاول، سمن ۽ سهتن کان سواءِ راڻي رڻمل سوڍي ۽ سندس پاءُ جوڌا سنگهه سوڍي کي به اُپاري لڙائيءَ لاءِ تيار ڪيو. هو پئي پائر ٽلٽيءَ جي قلعي تي قبضو ڪري وينا ۽ وٽن سوڍن ۽ سهتن جو وڏو لشڪر هو. سنڌي سورمن کي، قومي لڙائيءَ لاءِ اپارڻ ۾ مخدوم صاحب جو ڪيترو هٿ هو، ان لاءِ معصوميءَ جو صاحب لکي ٿو: "جڏهن شاهه بيگ ٽلٽيءَ جي سامهون اچي لٿو، تڏهن ٽن ڏينهن کان پوءِ ٽلٽيءَ جي هڪڙي ماٺهوءَ کيس اطلاع ڏنو ته ميان محمود، منڙ خان، جام سارنگ ۽ رڻمل سوڍو خدمت ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ تيار هٿا، پر انهن کي ملڪ جو هڪڙو عالم ۽ مشائخ مخدوم بلاول روڪي ويٺو آهي ۽ اڃڻ نه ٿو ڏئي، بلڪ لڙائيءَ جي ترغيب ۽ جوش ڏياري رهيو آهي." (ڏسو: تاريخ معصومي، ص - 116 ۽ 117) شاهه بيگ، قاضي قاضن کي ڏانهن نصيحت لاءِ موڪليو، پر مٽن نصيحت ڪوبه اثر نه ڪيو. سيئي لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي ويا. آخر شاهه بيگ جڏهن لاچار ٿيو، تڏهن لشڪر وٽي ٽلٽيءَ جي سامهون اچي لٿو. مير فاضل ڪوڪلتاش سان گڏ صبح جو درياءُ ٽپڻ شروع ڪيائين. پهريائين ترخان، ارغون ۽ ٻيو لشڪر ٽپي پار ٿيو. شاهه بيگ پاڻ منجهند جي وقت درياءُ ٽپيو. ٽلٽيءَ جي ماٺهن قلعي کان نڪري جوڏي سوڍي جي پاءُ رڻمل کي محافظ دستي طور اڳيرو موڪليو. مير فاضل، جو شاهه بيگ طرفان مقدمه (مُهاڙيءَ) تي هو، سندس مقابلو ڪيو. شاهه بيگ جي پهچڻ کان پوءِ مغلن ٽلٽيءَ جي دروازي تي ڪاهه ڪئي. (ڏسو: تاريخ معصومي، ص - 117) خونخوار لڙائي لڳي. جام ۽ سوڍا ڪُسجي قربان ٿيا. معصوميءَ جو صاحب لکي ٿو: "انهيءَ جنگ جي ميدان ۾ سوڍن عجيب لڙائي لڙي ۽ مقابلي جي ميدان ۾ ڏاڍي مڙسي ڏيکاري ۽ بيهڪ ڪري انهن مان گهٽا جوڌي سوڍي جي پاءُ رڻمل سان گڏ ڪُسجي ويا." (ڏسو: تاريخ معصومي - ص - 117) سيئي جوڌا جوان، محمود، منڙ خان، جام سارنگ ۽ رڻمل سوڍو به مارجي ويا ۽ شاهه بيگ جي فتح ٿي. اهڙيءَ طرح سنڌ مڪمل طرح غيرن جي غلاميءَ ۾ اچي وئي. شاهه بيگ ٽي ڏينهن ٽلٽيءَ ۾ رهي، اتي جي رهاڪن لاءِ پُوري بربادي آندي. (ڏسو: تاريخ معصومي، ص - 117).

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

مخدوم صاحب جي شهادت

شاهه بيگ کي معلوم هو ته ٽلتيءَ واري لڙائيءَ ۾ مخدوم صاحب جو جامن ۽ سوڍن سان ساڻ هو. انهيءَ ڪري مخدوم صاحب ۽ سندس خليفن تي ڪرڙي نظر رکيائين ۽ ڳرا ڏنڊ وڌائين، جي هنن پري ڏنا. معصوميءَ جو صاحب لکي ٿو: "اهو ئي سبب آهي، جو فتح کان پوءِ شاهه بيگ مخدوم بلاول تي سختي ڪئي ۽ ڏنڊ وڌو." (تاريخ معصومي، ص - 117) ايتري تائين به شاهه بيگ جي ڪاوڙ جي باهه ٺڏي نه ٿي، پر ڪنهن بهاني سان سرڪاري مولوين کان فتويٰ وٺي، ۹۲۹ هجريءَ ۾ مخدوم صاحب کي گهاٽي ۾ پيڙائي، شهيد ڪرايائين. (تاريخ معصومي، ص - 117) مخدوم صاحب جن جي خليفن مان سيد حيدر سنائيءَ تي سخت نظرداري ڪرڻ لاءِ ارغون گهراٽي وارن پنهنجي چانوٽي ڪٽي وڃي سن ۾ رکي، تان جو سيد حيدر ۴ شعبان ۹۳۷ هجريءَ تي وفات ڪئي. (پيغام لطيف، ص - 21).

مخدوم صاحب جن جي شهادت جو واقعو، حضرت نوح جي پوٽي ميان غلام رسول صديقيءَ جي لکيل ڪتاب ۾ ملي ٿو. مقامي عوامي روايت موجب سندن شهادت جي فتويٰ هن طرح حاصل ڪئي وئي: حضرت مخدوم صاحب، موچيءَ کي جتي ٽاهڻي ڏني هُئي. حڪام طرفان لالچ ۽ رعب سان موچيءَ کي ان ڳالهه تي آماده ڪيو ويو ته هو قرآن شريف جي پني تي لکيل هڪ آيت، جُتيءَ جي تري جي وچ ۾ بند ڪري وڃي اها جتي مخدوم صاحب کي ڏئي ۽ قاضيءَ جي پڇڻ تي ساک سان شاهدي ڏئي ته مخدوم صاحب پاڻ اها آيت جُتيءَ جي تري ۾ وجهڻ لاءِ چيو هو. جڏهن موچي جتي ڪٽي مخدوم صاحب جي خدمت ۾ آيو، تڏهن مخدوم صاحب پنهنجي خادم کي چيو ته: جتي وٺي وڃي مٽي جاري تي رک. ان کان پوءِ ڪجهريءَ مان هڪ ماڻهو، جو سرڪاري ڪامورو هو ۽ خاص مقصد سان اڇي ڪجهريءَ ۾ ويٺو هو، مخدوم صاحب کان شرعي سوال پڇيو ته: "جو ماڻهو قرآن شريف جي آيت جُتيءَ جي تري ۾ سبرائي، ان جي شريعت موجب ڪهڙي سزا آهي؟" ان تي مخدوم صاحب وراڻيو، ان کي گهاٽي ۾ پيڙايو وڃي. ان کان پوءِ ان کاموري چيو ته: اوهان پاڻ قرآن جي آيت جُتيءَ جي تري ۾ سبرائي آهي، ثبوت لاءِ جتي ۽ موچي شاهد آهن. وڏو گوڙ ٿيو، جتي ۽ موچي قاضيءَ وٽ پيش ڪيا ويا: جُتي ڪولي،

موچيءَ کان بيان ونيو. مخدوم صاحب کي گهاٽي ۾ پيڙائڻ جي فتويٰ ڏني وئي.

مخدوم بلاول جا خليفا:

حضرت مخدوم (بلاول) جي فيض جي درياءَ، ٻَر بيابان سر سبز ۽ گل گلزار بنائي ڇڏيا. سنڌ جي کنڊ ڪڇ ۾ سندس فيض مثل دليون جياريون. عام مريدن ۽ معتقدن کان سواءِ سندن ڪيترائي نام ڪنيا خليفا هٿا، جي پٽ سنڌ جي مختلف حصن جا رهواسي هٿا. انهن مان، جن بزرگن جا نالا تاريخن ۽ تذڪرن ۾ ملن ٿا، تن جو ذڪر هن هيٺ ڪجي ٿو:

1 ـ سيد حيدر

هي بزگ سن جو رهاڪو هو ۽ سن ۾ ئي ۹۳۷ هجريءَ ۾ وفات ڪيائين، جتي سندس مزار تي مقبرو آهي.٥ مير قانع جي قول موجب سندس اولاد به بزرگيءَ سان موصوف ٿيندو آيو آهي. (تاريخ معصومي، ص - 205) سنڌ جو اڳوڻو مشهور سياستدان محترم غلام مرتضيٰ شاهه (جي. ايم. سيد) صاحب سندس اولاد مان آهي ۽ گادي نشين آهي. سيد صاحب، مٽيارڪن ساداتن مان هو، جن مان سنڌ جو قومي شاعر حضرت شاهه عبداللطيف به هو. مٽياري ساداتن جي چئن شاخن مان هڪ شاخ "مئين پوٽا" سان سندس نسب جو سلسو ملي ٿو، جنهن تي اهو نالو سيد مئين ڏني شاهه ولد سيد محمد جي پٽيان پيو. سيد حيدر، 12 سالن جي ڄمار ۾ مولانا عمر هُليي ۽ مخدوم بلاول جي صحبت ۾ رهي، سندن تربيت جي نظر هيٺ وڏي مرتبي کي پهتو. تحفة الڪرام جي صاحب سندس روحاني ڪمالات بابت لکيو آهي: "هڪ ڏينهن ماڻهن جي انبوهه ۾ بيٺو هو. سيني ماڻهن ڏانهن ڏسي چيائين ته مون وٽ خدا ڏانهن ايترا رستا آهن، جو هنن ماڻهن مان هر هڪ کي جدا جدا رستي مان اصل مقصد ڏانهن پهچائي سگهان ٿو، جيئن ڪنهن کي به ٻئي جي خبر ڪانه پوندي." (تحفة الڪرام ج ـ 3، ص ـ 143).

2 ـ مخدوم ساهڙ لنجار

مخدوم ساهڙ انڙپور جو ويٺل هو، جو ڄام انڙ جو آباد ڪيل هڪ ڳوٺ

٥ شاهه حيدر جي مزار تي مقبرو نه آهي، پر مٽان ڏڪ (چوڪنڊي) آهي.

هو، جيڪو پوءِ درياءَ پائي ويو. سدائين عبادت ۾ مشغول رهندو هو ۽ رات يا ڏينهن جي ڪابه گهڙي پروردگار جي ذڪر کان واندو نه ويهندو هو. سندس مجلس ۾ دنيوي گفتگو ڪڏهن به نه هلندي هئي. جنهن تي به توجهه جي نظر ڪندو هو ته ولايت جي درجي کي رسي ويندو هو. عادت موجب سوئرن جو هڪ ولر سندس پوک ۾ اچي نقصان ڪري ويندو هو. ڪڙمي وٽس دانهن ڪٽي آيا، خادم کي چيائون، "سوئرن کي وڃي پيغام ڏي ته اسان جي پوک جي ويجهو نه اچو!" انهيءَ پيغام تي سوئر وري نه آيا. جڏهن به متيارين ۾ ايندو هو ته رات جو پير ڏڳها ڪري نه سمهندو هو، چوندو هو ته "ڇوٽرف ساداتن جا گهر آهن، تنهنڪري ادب جي تقاضا اها آهي ته ڪنهن به طرف پير ڏڳها نه ڪريان." (تحفة الڪرام، ج، 3 - ص - 143). تحفة الڪرام جي صاحب سندس هڪ روايت ڏني آهي ته چوندو هو ،"مون پير کان ٻڌو آهي ته جنهن ۾ ٽي گڻ ڏسو ته انهيءَ مان ضرور فائدو ونو، جو توهان جو مرشد اُهو آهي. هڪ ته سندس اڳيان رهو ته توهان کي خدا ياد اچي، ٻيو ته جيڪي ڳالهائي، سو توهان جي دل ۾ ويهي وڃي، ٽيون ته سندس صحبت ڇڏڻ توهان کي ڏکي لڳي." (تحفة الڪرام، ج - 3، ص - 54). مخدوم صاحب (بلاول) جن جو خليفو هو. (تحفة الڪرام ج - 3، ص - 54) متياري سادات سندس معتقد هئا. (پيغام لطيف ص - 83) سنڌ جي سدا جيئري شاعر شاهه لطيف، پنهنجي زماني ۾ انهن متيارين جي سيدن جي پونين سان ملاقاتون ڪيون. سيد حيدر سنائيءَ جي ذڪر ۾ اچي ڇڪو آهي ته حضرت شاهه لطيف جو ڏاڏنگ، متيارين جي رهائش جي دوران چئن مڪيه قبيلن ۾ ورهائجي ويو. انهن مان هڪ قبيلو هو "جرار پوٽا"، جي سيد جلال عرف جرار جي اولاد مان هُئا انهيءَ خاندان مان سيد شاهه رڪن الدين، جو پير طريقت ٿي گذريو آهي، مخدوم ساهڙ جو مريد هو. (بحواله: پيغام لطيف، ص - 83) روايت آهي ته چير هنائين ته "تيرن جي بٽي پريو ويٺو آهيان ۽ پيو ٿو هڻان. ڪن جي ڪنن کان ۽ ڪن جي منهن کان نڪرندا ٿا وڃن، پر ڪهن کي به سڏو تير ڪونه ٿو لڳي، جو ڪري پوي. هي تير جنهن کي به لڳندو ته اهڙو ڪرندو، جو وري ڪونه اٿندو." (پيغام لطيف، ص - 54) سيد رڪن الدين جي وفات جي تاريخ

معلوم کانه ٿي ٿئي. سيد غلام مرتضيٰ شاهه صاحب جو اندازو آهي ته ۹۵۰ هجري ۽ ۹۸۰ هجريءَ جي وچ ڌاري وفات ڪئي هوندائين. (تحفة الكرام، ص - 76). سيد رڪن الدين جو پوٽو سخي هاشم شاهه قلندر، نامور ولي الله ٿي گذريو آهي. هو شاهه لطيف جي والد، شاهه حبيب جو دوست هو، شاهه حبيب، متيارين مان به انهيءَ جي مشوري تي لڏي وڃي "پٽي پور" ۾ ويٺو. (پيغام لطيف، ص - 4). ان ڪري بلاولي فيض جو شاهه تي پڻ اڻ سڌيءَ طرح اثر ٿيو هوندو. سيد هاشم ۱۴ ربيع الاول ۱۱۰۰ هجريءَ ۾ وفات ڪئي. (بحواله: پيغام لطيف، ص ـ 83 ۽ لطف اللطيف از: مولانا دين محمد وفائي، ص - 11). "هنهي صاحبن قاضي هدايت الله متعلويءَ جي احوال تان نقل ڪيو آهي."

مخدوم ساهڙ جي وفات جي تاريخ معلوم نه ٿي ٿئي. پانڇجي ٿو ته ڏهين صدي هجريءَ جي پويٽائيءَ ۾ سندس وفات ٿي هوندي. سندس مقبرو انڙپور اسٽيشن جي پر ۾ ٽڪريءَ تي آهي.

3 ـ مخدوم رُڪن الدين

نٽي جو عالم ۽ بزرگ مخدوم رڪن الدين عرف مٺو به مخدوم بلاولؒ جو خليفو هو ۽ وڏو عالم ۽ فاضل هو. حديث جي علم ۾ خاص دسترس هيس. "شرح اربعين"، "شرح گيلاني" ۽ ٻيا ڪيترا ڪتاب لکيائين، جي ڪافي مشهور ۽ مقبول هُنا، ۾ زهد ۽ تقويٰ جو به صاحب هو. هميشه عبادتن ۽ وظيفن ۾ مشغول هوندو هو. ڪيترائي حق جا طالب سندس مريد ۽ مُعتقد هنا. همايون جڏهن سنڌ ۾ آيو، تڏهن ۹۴۹ هجريءَ ۾ نٽي ۾ گذاري ويو ۽ مڪليءَ تي مدفون ٿيو. (بحواله: پيغام لطيف، ص - 4).

4 ـ مخدوم حسن

درويش حسن مقدري عرف بلاولي، اصل وادو هو. نهايت پرهيزگار ۽ زهد ۽ تقويٰ جو صاحب هو. هڪ طهارتخانو هوندو هوس، جنهن ۾ جڏهن به وضو ڪرڻ ويندو هو ته بيخود ٿي ويندو هو. روايت آهي ته هڪ ڏينهن هڪ مائٽ ڊڪڻ، سندس ملاقات لاءِ آيو. اتفاقاً هو انهيءَ وقت طهارت خاني ۾ وضوءَ لاءِ ويو هو. اندر وڃي ڏٺائين ته درويش ٿُڪر ٽڪر ٿيو پيو هو. هُو دهشت کان

ٻاهر نڪري آيو. (پيغام لطيف، ص - 153). تحفة الڪرام جي صاحب ٻي هڪ روايت هن طرح ڏني آهي ته: "هڪ ڏينهن ٻيهريءَ جي وقت ڪوٺرو هٽ ۾ ڪٽي وضو ڪرڻ ويٺو. هٽن تي پاڻي هارڻ ٽي گهريائين ته هوڏانهن ٻانگي ٻانگ شروع ڪئي. درويش بيخود ٽي ويو ۽ باقي ڏينهن ۽ رات ۽ ٻي ڏينهن جي ٻيهريءَ تائين بيهوش ٽيو پيو هو. ڪنهن کي به کيس هوش ۾ آڻڻ جي طاقت نه ٿي. ٻئي ڏينهن جڏهن ٻانگي ساڳي ٻانگ شروع ڪئي، تڏهن هوش ۾ اچي پڇيائين ته "شايد اڄا ٻانگي ٻانگ پوري نه ڪئي آهي." (بحواله: تحفة الڪرام ج - 3، ص - 218). هڪ ٻي روايت به ڏني اٿس ته: هڪ ڏينهن مخدوم مراد ولد مخدوم صدرالدين راهوتي (جو راهوت ۾ هڪ ڪامل عالم ٿي گذريو آهي) سندس زيارت لاءِ آيو. جيئن سواريءَ وارو ڏڳو ٻاهر ٻڌي سندس حاضريءَ ۾ آيو، تيئن خادمن ٻڌايس ته درويش ستن ڏينهن کان وضو خاني ۾ ويل آهي. اهو ٻڌي حيران ٿي ويو، ته ايتري ۾ درويش به ٻاهر نڪري آيو. مخدوم چيس ته "ست ڏينهن خدا جا فرض وڃايا اٿئي؟" فرمايائين ته "تون وڃي پنهنجي ڏڳي جي خبر لَهُ، ان ڳالهه ۾ چو پيو آهين؟" انهيءَ وقت مخدوم کي ٻڌايائون ته سندس ڏڳو ڪُمر ٿي ويو آهي. ڏاڍي ڳولا کان پوءِ ڏڳو لهي، موتي هليو ويو ۽ وري فقير تي اعتراض نه ڪيائين. (تحفة الڪرام، ج - 3، ص - 152). مٿي بيان ڪيل بزرگن کان سواءِ مخدوم سعد عرف ساند، سڪرنڊ ۽ مخدوم هنگورو نزديڪ مورو به سندس خليفا هنا. (تحفة الڪرام ج - 3، ص - 53). سندن وڌيڪ احوال تاريخن ۾ نه ٿو ملي.

(هيءَ مواد ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي مضمون "مخدوم بلاول"، چيٽل روزاني مهراڻ، 5 جنوري 1962ع (سالگرهه نمبر) تان ورتو ويو آهي.)

جھڙو پنھون پاڻ، تھڙي سڏاءُ سات جي

شهيد مخدوم بلاول جا مشهور خليفا

مخدم بلاول شهيد محب وطن، انسان دوست، هڪ وڏو بهادر ۽ هڪ مثالي انسان هو. جڏهن سنڌ جا حاڪم هڪ ڌارئين ظالم حملي آور شاهه بيگ ارغون کان هارائي ويا، تڏهن هن مرد مجاهد پنهنجي ساٿين سميت ۽ هتان جي عوام سان گڏجي، پنهنجي وطن سنڌ جي آزاديءَ خاطر ڌارين ارغونن خلاف مزاحمتي جنگ شروع ڪري ڏني هئي. شاهه بيگ ارغون ڏٺو ته هن ملڪ جي وڏي عالم ۽ ولي الله جي تڪڙي گرفتاري يا شهادت سڃيءَ سنڌ ۾ عوامي تحريڪ جي باهه ٻاري چڏيندي ته پوءِ هن هڪ ڊگهيءَ سازش تحت مڪر ۽ فريب وسيلي ويڪاڻو مُلن کان موت جي فتويٰ ڏياري. ڪيس لوهي گهاٽي ۾ پيڙائي شهيد ڪري چڏيو. مخدوم صاحب جي شهادت کان پوءِ سندس ساٿين، خليفن، صوفياء ڪرام ۽ محب وطن سنڌين مٽان ظلم جا پهاڙ ڪيرايا ويا، پر سنڌ جي بزرگن ۽ عوام، انهن پهاڙن هيٺان دٻجڻ بدران پنهنجي جدوجهد وڌيڪ تيز ڪري چڏي. انهن ڌارين ظالم حڪمرانن ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي حڪومت تقريباً پوڻا ٻه سئو سال رهي، ليڪن سندن حڪومت جي هر ڏينهن هن امن ۽ آشتيءَ جي سرزمين جي عوام تي ظلم ۽ تشدد جي بازار گرم ٿيندي رهي. هنن ظالم حڪمرانن سنڌ کي تباهي ۽ بربادي، قتل ۽ غارتگريءَ جي آماجگاهه بنائي چڏيو. انهن جي ظلم بابت محترم ساٿين جي. ايم. سيد پنهنجي مشهور ڪتاب "سنڌ ڳالهائي ٿي" مرلکيو آهي ته: "سمن جي آزاد حڪومت 1500ع ۾ ختم ٿي ۽ ارغونن سنڌ تي قبضو ڪري ورتو. ارغونن، ترخانن ۽ مغلن سنڌ ۾ جيڪا باهه ٻاري ۽ ممڻ مچايو، تنهن سان سنڌ جون تاريخون پريون پيون آهن ۽ ارغونن جي قبضي کي ان وقت جي سنڌي شاعرن "خرابيءَ سنڌ" سان تعبير ڪيو هو. اهو ارغونن،

ترخانن ۾ مغلن سميت ڏارين حاڪمن جو دور حڪومت پوٽا ۽ سنو ورهيه هليو، جنهن ۾ هڪ طرف حاڪم طرفان هر ظلم، جيڪو انساني ذهن ايجاد ڪري سگهيو ٿي، سنڌ جي ماڻهن مٿان ڪيو ويو ۽ سنڌي قوم کي صفحئه هستيءَ تان سندن زبان ۽ تهذيب سميت ميسارڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي وئي، تہ ٻئي طرف سنڌي ماڻهن ڪنهن بادشاهه ۽ سردار جي غير موجودگيءَ ۾ وطن جي آزاديءَ جي محبت ۾ اهڙي ڪابہ قرباني جيڪا انساني جذبي جي ماتحت ٿي سگهي ٿي، سا ڏيڻ کان نہ ڪيهايو. اهو ئي دور هو، جنهن ۾ اسان جي مرشد ۽ سنڌ جي لازوال فرزند مخدوم بلال کي گهاٽي ۾ پيڙايو ويو، دولهه دريا خان کي پٽن سيمت شهيد ڪيو ويو، سيد حيدر شاهه سنائي جلاوطن ٿيڻ تي مجبور ٿيو ۽ بکر کان لئي تائين سموري سنڌ، ترارن، پالن ۽ گهوڙن جي سنبن جي آواز سان گونجي رهي هئي. رت ۽ باهه جو کيل سنڌ ۾ ڪڏهن بہ بند نہ ٿيو، پوءِ بہ سنڌي ماڻهن پٽڪي جي عزت ۽ لوئيءَ جي لڄ سلامت رکي ۽ سنڌ کي 1736ع ۾ مڪمل آزاد ۽ خودمختيار ديش جي صورت ۾ حاصل ڪري ورتو. اهو آزاديءَ وارو دور 1843ع تائين ڪلهوڙن ۽ ميرن جي مجموعي حڪومت جي صورت ۾ برقرار رهيو." مطلب تہ سنڌ جي هر ماڻهوءَ تي هر نموني جا ظلم ڪيا ويا، تنهنڪري انهيءَ افراتفري جي عالم ۾ سنڌ جا عالم، صوفي ۽ درويش هتان جي غير محفوظ حالت ڏسي وطن ڇڏڻ تي مجبور ٿيا، مگر مخدوم صاحب جي حريت پسند سائين ۽ خليفن پنهنجو وطن نہ ڇڏيو. بلڪ وڏي همٿ ۽ دليري سان ڏارين ظالم حڪمرانن جا ظلم سهندي، هتان جي عوام ۽ ملڪ جي خدمت ڪندا رهيا. انهن ۾ مکيہ ماڻهو هي هئا: سيد حيدر شاهه سنائي، مخدوم ساهڙ لنجار، مخدوم ميان مٺو، مخدوم هنگورو، مخدوم سعدالله عرف ملان ساند بلاولي، مخدوم حسن لاکو، بيبي راڻي رونجهي، مخدوم سخي جام ڏاتار.

مٿيون اقتباس عزيز، سائي محمد ملوڪ انڙ جي ڪتاب "منهنجي يادن جون ريڪائون" تان ڪنيو ويو آهي، جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ مخدوم بلاول کي شاهه بيگ ارغون گهاٽي ۾ پيڙائي شهيد ڪيو هو.

پر منهنجي معلومات مطابق شاهه بيگ کي سنڌ ۾ تمام مختصر وقت جي حياتي نصيب ٿي. تقريباً ايائي، ٽي سال، ان عرصي دوران هن ابڙو وڏو قدم

نہ ڪنيو، چو تہ هو مسلسل جنگين ۾ رڌل رهيو، پر منهنجي معلومات ـ جيڪا محمد صالح عاجز جي ڪتاب "سنڌ جا سورهيہ" ۽ محترم ساڻي مشڪور قلڪاري جي ڪچهرين تہ مبني آهي، ان مطابق تہ مخدوم صاحب کي گهاٽي ۾ پيڙائي شهيد ڪرڻ وارو ظالمانا ۽ سفاڪانا قدم شاهہ بيگ ارغون جي پٽ مرزا شاهہ حسن ڪنيو هو ۽ سڄو فيصلو ۽ فتويٰ نصرپور ۾ تيار ٿي هئي، جتي شاهہ حسن طرفان ميان اسماعيل سومرو اگهم ڪوٽي فتويٰ ڏيندڙ ۽ وڪيل هو، ۽ مخدوم صاحب طرفان بين سان گڏ شيخ پرڪيو بچاءَ جو وڪيل هو. ڪن تاريخن اهو بہ لکيو آهي تہ مخدوم صاحب جي شهادت وقت شيخ پرڪيو پڻ موجود هو. شيخ پرڪيو تمام وڏو محب وطن بزرگ ٿي گذريو آهي. تاريخن ۾ هن کي شيخ لکيو ويو آهي، سو سندن مرتبي جي ڪري سڏيو وڃي ٿو، نہ تہ هو ذات جو ڪاتيار هو. پير حسام الدين راشدي، ڪتاب "مير معصوم بکريءَ" ۾ هڪ ڪرامتي واقعو لکيو آهي تہ "جنهن وقت مغلن سنڌ تي حملو ڪيو، ان وقت کهڙن جي هڪ بزرگ خواب ڏٺو تہ ہ فريادي ڏريون حضور ﷺ جي دربار ۾ حاضر آهن: هڪڙي ڏر جي اڳواڻي مخدوم نوح هالن واري جو گادي نشين ڪري رهيو آهي، جيڪو پنهنجي سفيد ڏاڙهيءَ جا واسطا وجهي حضور ﷺ جن کي چئي رهيو آهي تہ مغل مسلمان آهن، انهن کي فتح ڏيار تہ جيئن سنڌ مان بدامنيءَ جي پاڙ پٽجي وڃي ۽ اسلام جو جهنڊو سربلند ٿئي. (هتي ياد رهي تہ سنڌ تي حملو اڪبر جي دور ۾ ٿيو هو، جنهن جو اسلام خود مشڪوڪ هو، پوءِ خبر ناهي هالن جي بزرگ کهڙي آڏار تي سنڌ جي غلاميءَ لاءِ حضور ﷺ جن کي عرض پئي ڪيو) هئي طرف بہ بزرگن جو هڪ گروپ هو، جنهن مغل مصيبت کي سنڌ تان ٽارڻ لاءِ حضور ﷺ جن کي درخواست پئي ڪئي ۽ انهيءَ گروپ جي اڳواڻي شيخ پرڪيو ڪاتيار ڪري رهيو هو. جيتوڻيڪ ان وقت سنڌ تي حڪومت مرزا جاني بيگ جي هئي، پر اهو جڏ تہ سنڌي ٿي چڪو هو ۽ هن جي گهر ۾ سنڌي ڳالهائي ويندي هئي. هن جي گهرواري ذات جي سميجي هئي. مولانا عاجز جي تحقيق موجب اها مائي ايڏي بهادر هئي، جو ڪيترائي ڀيرا ترار ڪٽي دشمن تي حملا ڪيائين. جيڪا فوج مغلن سان وڙهي رهي هئي، ان جو تعداد پير حسام الدين راشدي 35000 لکيو آهي، جنهن ۾ ويهہ هزار سنڌي هئا، ۽ انهن سنڌين هڪ سال

تائين مرزا عبدالرحيم خان خانان کي سنڌ تي قبضو ڪرڻ ڪونہ ڏنو. ۽ انهن ئي سنڌين هٿان اڪبر جو مشهور جاگرافيدان رتن توڏر مل جو پُٽ لکيءَ جي جبلن ۾ قتل ڪيو ويو. ان ڪري شيخ پرڪئي ڪاتيار جو سنڌ بچائڻ لاءِ عرض ڪرڻ سياويڪ هو.

شيخ پرڪيي ۽ ميين اسماعيل جي سلسلي ۾ مون کي هڪ واقعو ياد ٿو اچي ته آئون هڪ دفعو ڳوٺ داد جروار ۾ پنهنجي دوست قربان جروار وٽ ويو هوس ته اتي جڏهن مون کي ميان اسماعيل ۽ شيخ پرکيي جي ڳالهه ٻڌائي وئي ته اسان وٽ مشهور آهي ته شيخ پرکيو ۽ ميان اسماعيل ڏهندا ئي ڪونہ آهن، ايڏا تائين هڪ ٻئي کي ڪانيون هٽندا آهن. ان مان خبر پوي ٿي ته شيخ پرکيو، مخدوم بلاول جو ساٿي هو. ان معاملي ۾ مشڪور قلڪاري جي تحقيق صحيح آهي. ڪجهه وقت اڳ ڈاڪٽر نجم عباسيءَ اعتراض ڪيو هو ته "گهاٽي ۾ ماٺهو پيڙجي نه ٿو سگهي، پر ان ۾ ڪمند، جانيو ۽ سرنهن پيڙبي آهي." جيئن ته ڈاڪٽر نجم عباسي ڪهاڻيڪار ضرور هو، پر تاريخدان نه هو ۽ نه ئي هن يورپ جي عجائب گهرن ۾ پيل سزائن جا اوزار ۽ هٿيار ڏٺا هنا. ڳوناڻن مون کي ٻڌايو ته هن ڳوٺ ۾ سائين جي. ايم. سيد آيو هو. ۽ اسان سڀ مخدوم بلاول جا مريد آهيون. اسان وٽ گهاٽي ۾ پيڙجڻ واري روايت جي ايتري صداقت آهي، جو اسان جو ڪوبہ ماٺهو گهاٽو خريد نہ ڪندو آهي ۽ نہ ئي اهڙي جاءِ تي ويهندو آهي، جتي گهاٽو هلي رهيو هجي. بهرحال انهيءَ موضوع تي آءٌ گهٽو بحث ڪري چڪوآهيان، هتي ذڪر سندن خليفن جو مقصود آهي، اچو ته پنهونءَ جي سٽ تي نظر وجهون:

(1) شاهه حيدر سنائي

شاهه حيدر سنائي، دادو ضلعي جي سن شهر جو رهندڙ هو. پاڻ مخدوم صاحب جي ويجهن ساٿين مان هو. هو ٻارهن سالن جي عمر ۾ مخدوم صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿي، ڪائنس علم، ادب، حديث ۽ تفسير جو علم حاصل ڪندو رهيو. پاڻ عالم فاضل، نهايت بهادر ۽ محب وطن هو. سندن حب الوطنيءَ جو مشهور واقعو هن ريت آهي: ميان محمد جونپوري مهدي هجڻ جي دعويٰ ڪئي ۽ مريدن جي وڏي لشڪر سان اچي سنڌ ۾ وارد ٿيو ۽ هن اُتي

اسلامي پائيچاري جي تبليغ شروع ڪئي. ان وقت جي اسلامي اتحاد کي اڄ جي جديد اصطلاح ۾ "پين اسلامزم" چيو وڃي ٿو. سندس ان دعويٰ جي مخدوم بلاول ۽ سنڌ جي ٻين عالمن سخت مخالفت ڪئي ۽ سيد حيدر شاهه سنائيءَ پڻ سندس ڪلي مخالفت ڪئي. ان جي باوجود جڏهن جونپوري سن وتان لانگهائو ٽيو تہ سن جي حق پرست عالم سيد حيدر شاهه سنائيءَ ساڻس سن وٽ دريائي جنگ ڪري، سندس ٻيڙيون ٻوڙائي ڇڏيون ۽ جونپوري کجه ساڻين سميت سر بچائي، سنڌ مان نڪري "ڪابل" پهچي ويو. جيتوڻيڪ مخدوم صاحب ۽ سيد حيدر شاهه جون ڪيتريون ئي ڪرامتون مشهور آهن، پر منهنجو موضوع اهو ناهي، پر هتي آءٌ بن ڪرامتن جو، جيڪي شاهه حيدر جي روايت سان مشهور آهن، سي بيان ڪريان ٿو:

(1) تہ مخدوم صاحب هڪ دفعي ٻيڙيءَ تي سوار ٿي ڪنهن طرف وڃي رهيو هو تہ ٻيڙيءَ ۾ موجود هڪ مهاڻي گارگند شروع ڪئي، جنهن سان مسافر اڇي پريشان ٿيا. مخدوم صاحب پنهنجي ٽوپي لاهي ان مهاڻي جي مٿي تي رکي تہ هو يڪدم گارگند ڇڏي قرآن ۽ حديث پڙهڻ لڳو. اها ڪرامت ڪان وڌيڪ انسان سڌارڻ جي هڪ ترتيب آهي، جيڪا هر ماڻهو ۾ هٿ گهرجي.

(2) امداد محمد شاهه هڪ انٽرويوءَ ۾ چيو تہ آءٌ نندي هوندي ٻاتو هوندو هوس. پوءِ منهنجا مائٽ مون کي مخدوم بلاول جي مزار تي وٺي ويا ۽ ان درگاهه جي ڪوهه جو پاڻي پياريائون تہ آءٌ ڳالهائڻ ۾ پڙ ٿي ويس. اها ڪرامت ڪان وڌيڪ انساني ترتيب جي هڪ ڪوشش آهي تہ ٻاتن کي ڳالهائڻ سيکاري، ۽ اهو ئي وڏي ۾ وڏو ڪمال آهي تہ گونگا ماڻهو، ٻوڙا ماڻهو ۽ ٻوٽ ٻڌل ماڻهو، جن کي اظهار جي قوت ملي. ايازچيو آهي تہ:

گونگا ماڻهو، ٻوڙا ماڻهو، ماڻهو ٻوٽ ٻڌل
للڪارون، للڪارون ٿي ويون، لڏي ويا ايوان، (ايار)

۽ اهو به شڪر آهي تہ انهيءَ ڪرامت جي ذريعي مخدوم صاحب جي ڪنهن نہ ڪنهن سلسلي مان ايوانن کي لڏڻ واري روايت برقرار آهي، جيڪا اڄ جي دور ۾ صرف شاهه حيدر سنائيءَ جي چوڏهين گادي نشين، سائين جي. ايم. سيد جي پوئلڳن ۾ موجود آهي. بهرحال شاهه حيدر سنائي، فطري طرح پرجوش،

جذباتي انسان هو. جنهن وقت ارغونن سنڌ تي قبضو ڪيو، ان وقت مخدوم صاحب ڪيس حڪم ڪيو ته توهان سنڌ مان ٻاهر هليا وڃو ۽ هو مرشد جو حڪم مڃيندي ڪچ هليو ويو. امداد محمد شاهه پنهنجي هڪ انٽرويوءَ ۾ چيو آهي ته هو ڪچ کان موٽڻ وقت ۾ پليجا مسلمان ڪري پاڻ سان وٺي آيو هو، جن مان اڄ سن ۾ پليجن جو پورو راڄ موجود آهي.

آءٌ عرض ڪرڻ چاهيندس ته شاهه حيدر ۽ پليجن آڻڻ کان وڌيڪ هڪ ٻيو ڪردار ۽ سرانجام ڏنو، اهو هو اتي جي راجا راءِ ڪنگهار کي ارغونن جي خلاف جدوجهد لاءِ تيار ڪرڻ. هتي اها حيرت انگيز ڳالهه آهي ته سنڌ تي جڏهن ۽ ڏکيا ڏينهن ايندا هنا ته سنڌ جا حڪمران گجرات ڏانهن ڏسندا هنا، پر اهو پهريون دفعو هو، جو ارغونن کي ڪچ مان راءِ ڪنگهار مان خطرو پيدا ٿيو ۽ اهو يقيني طور شاهه حيدر جي سفارتي ڪوششن جو نتيجو هو، جنهن شاهه حسن ارغون جا ڪچ ڏانهن وڏڻ جا رستا روڪي ڇڏيا. راءِ ڪنگهار ۽ مرزا شاهه حسن جي وچ ۾ خط و ڪتابت مون پنهنجي ڪتاب "سر ۾ سانجهيءَ ويرَ" ۾ ڏني آهي، جيڪو سجو ڪتاب، سواءِ ڪجهه شخصيتن جي "بلاولي تحريڪ" بابت آهي ۽ منهنجي اها تحرير هن ڪتاب جو پڻ حصو آهي:

هتي آءٌ برادرم محمد ملوڪ انڙ جي ڳالهه جي وضاحت ڪرڻ چاهيان ٿو ته هن لکيو آهي ته "شاهه حيدر جو مقبرو سن ۾ موجود آهي." حالانڪ شاهه حيدر تي ڪوبه مقبرو ڪونهي. جيئن ته مخدوم صاحب جو اصول هو ته مقبرو نه اڏائڻ گهرجي. سن جو سيد خاندان اڄ به ان ڳالهه تي سختيءَ سان پابند آهي، ان حد تائين جو سائين جي. ايم. سيد جي وفات کان پوءِ ڪن عقيدت مندن ۽ قومي ڪارڪنن مقبرو تعمير ڪرڻ جي تجويز تي ويچار شروع ڪيو ته ان وقت سائين امداد محمد شاهه سختيءَ سان چيو ته اهو اسان جي مرشد جي اصولن جي خلاف آهي. جنهن به مقبري ٺهرائڻ جي ڪوشش ڪئي ته آءٌ هٿوڙو ڪٽي، ان کي ڌاهي ڇڏيندس. ان ڪري اها حقيقت آهي ته جن به ماڻهن مخدوم صاحب جي خليفن تي مقبرا تعمير ڪرايا آهن، سي مخدوم صاحب جي تعليم جي روح جي خلاف آهن.

(2) مخدوم ساهڙ لنجار:

مخدوم صاحب جا جيڪي خليفا، سائس انهيءَ جدوجهد ۾ شريڪ هنا،

تن مان هڪ نهايت ئي عالي همت ۽ بهادر خليفو مخدوم ساهڙ لنجار هو. مخدوم ساهڙ لنجار، اُن وقت به باغبان ۾ مخدوم بلاول سان گڏ هو، جڏهن سنڌ جي هن لافاني فرزند (مخدوم بلاول) کي گهاٽي ۾ پيڙايو ويو هو. مخدوم صاحب جي شهادت کان پوءِ مخدوم ساهڙ لنجار باغبان ڇڏي، اچي پنهنجي ڳوٺ اُنڙپور ۾ رهيو. اهو ئي وقت هو، جڏهن مخدوم ساهڙ جي پُٽ ارغونن وٽ قاضيءَ جو عهدو قبول ڪيو هو. پنهنجي پٽ جي انهيءَ مفاد پرستيءَ واري قدم کي مخدوم ساهڙ لنجار سنڌ ڏرتيءَ، اُن جي نجات واريءَ تحريڪ ۽ پنهنجي مرشد مخدوم بلاول جي رت سان غداري سمجهيو. اُن ڪري، هن نه صرف پنهنجي پُٽ سان سماجي لاڳاپا ختم ڪري ڇڏيا، پر اُها وصيت به ڪيائين ته منهنجي پُٽ کي اُنهيءَ قبرستان ۾ هرگز دفن نه ڪجو، جنهن ۾ مون کي دفن ڪيو وڃي، چو ته آءٌ اهو برداشت نه ڪندس ته ڪنهن غدار سان گڏ منهنجي قبر هجي، پوءِ اُهو غدار ڪٽي منهنجو پُٽ ئي ڇونه هُجي.

اتفاق سان مخدوم صاحب جي جيئري ئي سندس پُٽ گداري ويو ۽ پاڻ ان کي پنهنجي آبائي قبرستان کان تمام پري دفن ڪرايائون. خليفن ۽مريدن گهٽو ئي چيس ۽ منٽون ميڙون ڪيائونس ته مُئن سان ڪهڙا حساب ڪتاب؟ پر مخدوم ساهڙ پنهنجي اصول تي قائم رهيو ۽ پُٽ کي ڪنهن به صورت ۾ پنهنجي آبائي قبرستان ۾ دفن ڪرڻ کان انڪار ڪيائون. اهڙي طريقي سان سنڌ جي تاريخ ۾ حب الوطنيءَ ۽ غدار دشمنيءَ جو هڪ لافاني اصول قائم ڪيائون. اِهو واقعو تاريخي طرح موجود آهي ۽ پڻ عوامي روايتن ۾ به هلندو ٿو اچي.

اِن واقعي تي ماڻهن ڪرامتن جو به اضافو ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ هڪ ڪرامت هيءَ بيان ڪئي وئي آهي ته مخدوم ساهڙ لنجار جي وفات کان پوءِ سندس مريدن ۽ عقيدت مندن سندس مقبرو اهڙي طريقي سان ٺاهيو، جو اُن جو دروازو مخدوم صاحب جي پُٽ جي قبر ڏانهن هو. ڪجهه وقت کان پوءِ اُهو دروازو خود به خود ڦري ٻئي طرف ٿي ويو. اها جَيتوڻيڪ عوام جي بياني ڪرامت بيان ڪئي وڃي ٿي، پر اِن مان به اِهو ظاهر ٿئي ٿو ته مخدوم صاحب مُئي پڄاڻان به پنهنجي غدار پُٽ جي قبر جو منهن پنهنجيءَ قبر طرف برداشت

ڪرڻ لاءِ تيار نه هو.

حقيقت هيءَ آهي ته جنهن دور سان مخدوم ساهڙ جو واسطو هو، اُن وقت ۾ ڪنهن چگي ڪم کي ڪرامت سان منسوب ڪرڻ عام رواجي ڳالهه هئي، ۽ حب الوطنيءَ جي جذبي هيٺ ادا ڪيل ڪردار کي به ڪرامتن سان منسوب ڪيو ويندو هو.

مقبري جي دروازي جي رُخ ڦرڻ واري اصل حقيقت صرف ايتري هئي ته مخدوم صاحب جي وصيت ۾ اها ڳالهه به شامل هوندي ته مون تي جيڪڏهن مقبرو اڏيو وڃي ته اُن جو دروازو به منهنجي پُٺ جي قبر ڏانهن نه هجي. اها وطن جي ويرين جي ساڻارين کان انتها درجي جي نفرت هئي، محض اُن لاءِ ته ماڻهن ۾ اهو احساس پيدا ٿئي ته ڏرتيءَ جي دشمنن سان سهڪار ڪندڙ ايڏا ئي قابل نفرت آهن، جو مرڻ کان پوءِ به اُنهن لاءِ دل ۾ ڪنهن چگائيءَ جو احساس پيدا نه ٿئي.

هتي مقبري جي سلسلي ۾ هڪ ڳالهه جي وضاحت ضروري آهي ته بلاولي طريقي جا بزرگ، پنهنجي قبر مٿان قُبي اڏائڻ جي حق ۾ نه هئا. خود مخدوم بلاول پنهنجيءَ قبر مٿان قبي اڏڻ جي منع ڪئي هئي ۽ اهڙي ئي منع سندس مک خليفي شاهه حيدر سنائيءَ پڻ ڪئي هئي. اهو ئي سبب آهي جو انهيءَ سلسلي جي مکيه محب وطن دولهه دريا خان جي قبر تي به اسان کي چت يا مقبرو نظر ڪونه ٿو اچي ۽ نه ئي سندس قبر جي چوديواري اهڙي نوعيت جي آهي، جو مٿانئس چت نهي سگهي. مون ته جام نظام الدين جي خوبصورت مقري تي به چت نه ڏني آهي. اُن جي باوجود مخدوم بلاول جي ڪن خليفن جي قبرن تي قبا نظر اچن ٿا، جهڙوڪ: مخدوم هنگورو (گڄيرو)، مخدوم ساهڙ (انڙپور)، مخدوم بلاولي (پاٽوٽ) وغيره يا هاڻي ويجهڙ ۾ مخدوم بلاول جي قبر تي ڪنهن پنهور ذات جي عقيدتمند پاران قبو اڏائڻ ــ اهي سڀ عمل، مخدوم صاحب جي تعليم ۽ هدايتن مطابق نه آهن، ۽ مُريدن جي جوشِ عقيدت جو نتيجو آهن.

مخدوم ساهڙ، به مخدوم بلاول جو خليفو هو، سندس ڪرامتن، عبادت گذارين ۽ ٻين ڳالهين کي نظر انداز ڪري، هتي صرف سندس حب الوطنيءَ جي

هڪڙي واقعي جو ذڪر ڪندس، جنهن جي روايت سائين جي. ايم. سيد به بيان ڪئي آهي ۽ هيو مانجهند جي پرپاسي جي ڳوٺاڻين ڪچهرين دوران منهنجي ادبي استاد تاج جويي جي موجودگيءَ ۾ رات جي ڪچهرين ۾ نه رڳو سائينءَ جي ان روايت جي تصديق ڪئي وئي، پر ان واقعي تي ڪيتريون ئي ڪرامتون بيان ڪيون ويون. مخدوم ساهڙ انتهائي مسڪين ۽ وڏي ڪٽنب وارو هو. ان تنگدستيءَ واري ماحول کان بيزار ٿي، سندس وڏي پٽ ارغونن جو قاضي ٽيڻ قبوليو. سنڌ ۾ گهٽائي بيشڪ اهڙن ماڻهن جي رهي آهي، جيڪي دماغ سان سوچڻ بدران پيٽ ذريعي سوچيندا آهن. هنن وٽ عزت، مان، مرتبو، محل، ماڙيون، خوبصورت لباس ۽ آرام ده سواريون، پنهنجي عزت جو اعليٰ معيار هوندیون آهن؛ پر بيا ماڻهو ٿوري ئي تعداد ۾ اهڙا رهيا آهن، جن دماغ کي پيٽ تي فوقيت ڏني آهي. هنن جي عزت سندن ڪردار جي ڪري هئي، آهي ۽ رهندي. انسان، ضمير جي جدوجهد ۽ پابندين ۽ ضمير جي آواز تي هلڻ ڪري ايڏين بلندين تي پهچي ويندو آهي، جو سندس عزت ۽ احترام، لباس، کاڌي پيتي، مال دولت ۽ عهدن جي ڪري نه هوندو آهي، پر سندس آدرشي عظمتن جي ڪري ستارا سندس پيرن تي ڪري پوندا آهن. سموري سونهن سندن نگاهه پاڻ ڏانهن مائل ڪرڻ لاءِ نخرن کان منڻن تائين مجبور هوندي آهي ۽ حڪومتن جا مالڪ سندن هڪ نگاهه لاءِ واجهائيندا آهن. ويجهي تاريخ ۾ اسان کي ننڍي کنڊ ۾ به اهڙا مثال ملیا آهن: گانڌي ۽ جي. ايم. سيد. گانڌي ته پورو اس به نه پائيندو هو ۽ هندستان جي خوبصورت وزيراعظم جواهر لعل نهرو گانڌيءَ جي لاءِ لکيو آهي ته "مون کي خبر ناهي هن چپ جهڙي شڪل واري ماڻهوءَ ۾ ماڻهن چا ڏٺو آهي؟" ۽ سيد وٽ مون اهو ڏٺو ته مختلف عالمي ادارن جون خوبصورت چوڪريون، سيد جا چار گفتا ٻڌڻ کان پوءِ ڪوشش ڪنديون هيون ته سيد جي پلنگ تي سندس پرسان وڃي ويهن. ظاهر ڳالهه آهي ته اهو سيد جو علم ۽ سياسي ڪردار هو. اهو انهيءَ ڪردار جو تسلسل هو، جيڪو مخدوم ساهڙ لنجار جي پوئلڳن جو حصو هو.

مٿي بيان ٿي چڪو آهي ته مخدوم ساهڙ لنجار جو پٽ جڏهن قاضي ٽيو هو ته مخدوم اها وصيت ڪئي هئي ته "منهنجي مرشد جي قاتلن ۽ سنڌ جي غاصبن جو جيڪو دلال ٽيو آهي، تنهن کي منهنجي قبرستان ۾ دفن نه ڪجو،

ء ڪنهن اهڙيءَ جاءِ تي دفن ڪجو، جتي منهنجي نظر نه پوي. ڪيس انڙپور جي پهاڙن ۾ دفن ڪيو ويو هو. راوي روايت ڪن ٿا ته مخدوم ساهڙ ڪنهن سفر تان موٽيو پئي ته ڪن ماڻهن سندس دعوت لاءِ هڪڙي منڊي ڳڻون آندي، جيڪا هُن ڪهڙ بدران پاڙ سان ڪاهي وڃڻ جي اجازت گهري. هنن اها ڳڻون مخدوم صاحب کي ڏني ۽ ان منڊي ڳڻونءَ مان ايترو ته مال ٿيو، جو مخدوم صاحب جو ڪٽنب انتهائي خوشحال زندگي گذارڻ لڳو. آءٌ ان ڳالهه کي ڪرامت کونہ ٿو سمجهان. منهنجو يقين آهي ته تاريخ ڪنهن جي ضمير جي سچائي ۽ پرخلوص پورهئي کي ضايع نه ڪندي آهي. ان سلسلي ۾ آءٌ مثال ڏيندو آهيان ته ابراهيم نبيءَ ڪعبو ٺاهرايو ۽ پوءِ قرآن ۾ اهو حڪم ٿيو ته "اوهين دنيا جا سڀ مسلمان ڪعبي وڃو ته ان جاءِ تي ضرور سجدو ڪجو، جنهن جاءِ تي ابراهيم جا ڪعبي ٺاهڻ وقت پير کتا هئا." ــ جڏهن مون جمال ناصر جي اُها تصوير ڏٺي، جنهن ۾ هو حضرت ابراهيم جي پيرن واري جاءِ تي سجدو ڪري رهيو هو، ان وقت مون پنهنجي هڪ دوست کي چيو هو ته "هي ڪنڊ پورٽ سعيد تي برطانوي، فرانسيسي ۽ اسرائيلي بمباريءَ وقت نه جهڪيو هو، پر تاريخ جي پورهئي جي قدمن تي جهڪي پيو آهي." ٻيو مثال آءٌ هوشوءَ جو ڏيندو آهيان ته جڏهن سنڌ جون خوبصورت ۽ گلابي چپن واريون چوڪريون نعرو هڻنديون آهن ته "مرويسون، مرويسون، پر سنڌ نه ڏيسون" ته مون کي لڳندو آهي ته تاريخ هوشوءَ جو پورهيو قبول ڪيو آهي ۽ اهي نينگريون ڇڙ ته هن غلام شيديءَ جي چپن مان نڪتل لفظ چوسي رهيون آهن. ان ڪري جيڪڏهن مخدوم ساهڙ لنجار جي منڊي ڳڻونءَ مان مال جا پاڙ پريل مليا، ته اهو تاريخ جو اُجورو هو.

(3) مخدوم هنگورو :

مخدوم عثمان هنگورو به اسان جي قومي شهيد مخدوم بلاول جو خليفو هو. هو گڇيري، تعلقي موري ۾ دفن آهي. آءٌ پنهنجي پياري دوست الهڏني ڀگهئي ۽ سندن پاءُ نورالدين وٽ الائي ڪٿا دفعا ڪڇريءَ تي ويو آهيان، ان حد تائين جو هاڻي ڪيترن سالن جي دريدريءَ ڪان پوءِ به انهن ٻنهي پائرن جا گهر ٻاتي ۽ اولاد به مون کي سڃاڻيندا آهن. اتي ئي مون سندن شاندار

لائبريريءَ مان مطالعو ڪيو ۽ سنڌي ماڻهن ۾ هڪ عام رائج پهاڪي ڪي غلط ٽيندي ڏٺو ته: "ڳهيو به ڪو جنگ ۾ مئو." پوءِ مون تاريخ ۾ خاص ڪري تاريخ مظهر شاهجهانيءَ ۾ پڙهيو ته مخدوم هنگوري جي ڪري غير ملڪين کي سنڌ ۾ جتي جتي شديد ويڑهه جو منهن ڏيڻو پيو، انهن مان هڪڙو ڳوٺ گڇيرو به هو، جتي مخدوم هنگوري جو مقبرو آهي.

(4) مخدوم ميان منو نٽوي :

مخدوم ميان منو عرف رڪن الدين، مخدوم بلاول جي خاص خليفن مان هو. پاڻ تفسير قرآن ۽ حديث جي علم جو وڏو عالم ۽ ڄاڻو هو. سندس لکيل ڪتابن مان حديث جو مشهور ڪتاب "شرح اربعين" ۽ "فقه شرح عيداني" ۽ ٻيا مشهور آهن. سندس وفات هندستان جي شهنشاهه همايون بادشاهه جي سنڌ ۾ دربدريءَ واري زماني ۾ سن ۹۴۹ هجريءَ مطابق 1542ع ۾ نٽي ۾ ٿي ۽ مڪليءَ واري جبل تي دفن ٿيل آهي. هن به بلاولي تحريڪ کي اڳتي وڌائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو.

(5) مخدوم درويش حسن لاکو عرف پير بلاولي :

حسن لاکو پنهنجي خانداني پيشي، يعني مال چارڻ جي سلسلي ۾ هڪ ڏينهن پاٽوٽ ڳوٺ پرسان مال چاري رهيو هو ته مخدوم بلاول، خليفن، مريدن ۽ طالب علمن جي هڪ وڏي جماعت سان اچي اُتان لانگهائو ٽيو. اتي مخدوم حسن ڏٺو ته هڪ وڏو ڪڪر آهي، جيڪو مخدوم بلاول ۽ سندن جماعت مٿان ڇانو ڪيو پيو هلي. پاڻ اُها خدائي ڪرامت ڏسي حيرت ۾ پئجي ويا. پوءِ مال ڳوٺ ڏانهن موڪلي پاڻ مخدوم صاحب کي عرض ڪيائون ته "قبلا! مان توهان جي جماعت ۾ هلڻ چاهيان ٿو۔ پوءِ هو مخدوم صاحب سان گڏ روانو ٽيو ۽ جماعت اچي ٽلٽيءَ پهتي. پوءِ حسن مذهبي علم سکڻ شروع ڪيو. بلاول جي تعليم ۾ مذهبي منافرت بدران انساني امن، پائيچاري ۽ انساني حقوق جو جيڪو درس پڙهايو ۽ سيکاريو ويندو هو، تنهن هن جهنگلي ٻکرار کي اهڙو محب وطن باغي ٻڌائي چڏيو، جو جڏهن ميران محمد جونپوريءَ مهدي هجڻ جي دعويٰ ڪندي، مهدوي تحريڪ جو بنياد وڌي، هتان جي اٻوجهه عوام کي گمراهه ڪري، ارغونن جي پاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ته

مخدوم بلاول جي هن سرويچ سائٽيءَ ۾ شاگرد، ان چال کي سمجهندي، بلاولي تحريڪ جو بنياد وڏو ۾ مهدي تحريڪ خلاف هلچل هلائي. مخدوم لاکي جي ان بلاولي تحريڪ عوام ۾ پنهنجا بي پناهه اثر ڇڏيا، جنهنڪري مهدوي تحريڪ بي اثر بڻجي وئي. پاڻ پنهنجي رهبر جي ڏسيل وات تي هلي مهدوي تحريڪ کي پاڙان پٽي، الاهي عبادت ۾ باقي زندگي گذارڻ لڳو. ڪائنات جي مالڪ جي ڪرم نوازين، هن جي حقوق العباد، ۽ حقوق الله فرض واري ڪمائي قبول ڪندي ڪيس اهڙو ڪامل بڻائي ڇڏيو، جو هڪ لڳا پاڻ طهارت خاني ۾ وضو ڪرڻ ويو، ايا پاڻي هٿن تي هارڻ ئي شروع ڪيائون ته الاهي ڪشف ۾ اچي ويو. ان ساڳي ئي وقت بانگي بانگ شروع ڪئي هئي، پاڻ ان جي ورندي ٻئي ڏينهن ساڳي ئي وقت ڏنائون. انهيءَ الاهي اسرار ڪري ڪيس حسن بانگو به سڏيندا هنا. ڪاملیت جو هڪ ٻيو قصو آهي ته هڪ دفعي مخدوم مراد راهپوتو سندس زيارت لاءِ پنهنجي ڍڳي سواريءَ تي آيو. ڍڳو ٻاهر ٻڌي خادمن کان مخدوم حسن لاکي جو پڇيائين. خادمن ٻڌايس ته سائين ستن ڏينهن کان وضو خاني ۾ ويل آهي. پاڻ اهو ٻڌي حيران ٿي ويا ته اوچتو درويش ظاهر ٿيو. مخدوم مراد چيس ته پنجٽيهه فرض وڃائي ڇڏيا اٿو. پاڻ فرمايائون ته "تون وڃي پنهنجي ڍڳي کي ڳول. ڇڏي ڏي اسان کي، اسين ۽ اسان جو خدا ان ڳالهه کي سمجهون، تون ڇو اچي ان مسئلي ۾ اڙيو آهين؟" ايتري ۾ مراد کي اچي ٻڌايو ويو ته ڍڳو گم ٿي ويو آهي. ٻاهر اچي ڏسي ته واقعي ڍڳو ليي ئي ڪونه. پوري هفتي جي ڳولا کان پوءِ ڍڳو لڌس ۽ هو پنهنجي ڳوٺ موٽي ويو ۽ وري ڪڏهن به هن امر انسان اڳيان اعتراض نه ڪيائين. مخدوم حسن لاکي جي وفات ۹۳۲ هجريءَ ڌاري ٿي. پاڻ ايڏا پهتل هنا، جو حضرت غوث بهاوالحق ذڪريا ملتانيءَ جا مائٽ مخدوم صاحب جي مدفن واري قبرستان ۾ پنهنجن عزيزن کي رکڻ فخر محسوس ڪندا آهن، جيڪو سلسلو اڄ تائين جاري آهي.

(6) سخي جام ڏاتار:

سخي جام ڏاتار جو تعلق سمات خاندان سان هو. پاڻ مخدوم بلاول جا سائٽي ۽ سندن حلقي ۾ شامل هو. جام ڏاتار هڪ سچو محب وطن، انسان

دوست عالم، سخي ۽ وڏو بهادر هو. پاڻ پنهنجي حياتيءَ ۾ مخدوم بلاول سان سچائي، بهاديريءَ ۽ محبت سان ان حد تائين رهيو، جو مخدوم صاحب جي هر عمل ۾ سخي ساڻ هوندو هو. سندس مقبرو (جيڪو حقيقت ۾ مخدومي تعليم جي ابتڙ آهي) ضلعي نوابشاهه ۾ ڪڏڙي شهر کي ويجهو آهي.

(7) بي بي راڻي رونجهي:

هن پاڪ دامن ۽ عبادت گذار عورت جو تعلق به سمات قبيلي سان هو. پاڻ مخدوم صاحب جي سچي مريدياڻي هئي. بي بي صاحبه ايتريءَ حد تائين پهتل هئي، جو روايتن ۾ اچي ٿو ته سنڌو درياهه ۾ ڪيترو به ڪٽي چاڙهه اچي ۽ ٻيلو ٻڏي وڃي، پر سندس قبرستان ٻوڏ کان محفوظ رهندو آهي. انهيءَ ساڳئي قبرستان ۾ محراپپور جا بزرگ به دفن ٿيل آهن. هاڻ ته نه درياهه ۾ اهو جوش آهي ۽ نه ئي محراپپور وارو اُهو ٻيلو رهيو آهي، جنهن ۾ محراپپور (تعلقي سڪرنڊ) شهر پرسان بند لڳ "بي بي رونجهي راڻيءَ" جو مقام موجود آهي.

(8) مخدوم سعد الله عرف ملان ساند بلاولي:

مخدوم سعد سمات جي ساند شاخ سان تعلق رکندڙ هو ۽ مخدوم بلاول جو سرويچ ساٿي، عقيدت مند ۽ خليفو رهيو. بلاولي تحريڪ ۾ هن درويش اهم ڪردار ادا ڪيو. ان حد تائين جو پنهنجن پٽن، پوٽن ۽ مريدن سان گڏجي ظالم، جابر حڪمرانن ارغونن سان جيڪا وڙهه وڙهياٽين، ان هُنن جون متيون منجهائي ڇڏيون. پاڻ هڪ انسان دوست، وطن پرست، شهيد بلاول جو فرمان بردار ساٿي رهيو. جنهنڪري ڪيس "ساڻ جي سونهن" سڏي سڳهجي ٿو.

مخدوم بلاول جا اصول

ڪجھ سال اڳ، ڪن سرڪاري ڪامورن ۽ اين. جي. اوز جي سھڪار سان مخدوم بلاول جي درگاھ تي ھڪ تقريب منعقد ڪئي وئي ھئي، جنھن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب ۽ ٻين وڏن اديبن ۽ عالمن سان گڏ شھيد مرتضيٰ ڀٽي جي گھرواري غنويٰ ڀٽو ۽ مون کي به دعوت ھئي. جيئن ته صدارت ڪندڙ ۽ چيف گيسٽ نه ٿيندا، ان ڪري اسپيئر ٽائير وانگي صدارت مون کي ڏني وئي ۽ خاص مھمان محترمه غنويٰ ڀٽو کي ڪيو ويو ھو. اتي اسان جو پراڻو ڪرم فرما يوسف شاھين، جيڪو مخدوم صاحب جو نھايت عقيدت مند آھي، ۽ منھنجو ادبي استاد تاج جويو به آيا ھئا. اُتي مون ھڪ ڪلاڪ جي تقرير ۾ مخدوم صاحب جي پنجن اصولن جي وضاحت ڪئي ھئي:

مخدوم صاحب جا مڪيه اصول ھي ھئا: (i) گھر ۾ رنگين جنڊيءَ جو پينگھو يا ڪٽ نه رکندو ھو. (ii) مريدن کان ڏڻ ولڻ بدران ھٿ جو پورھيو ڪندو ھو، (iii) بزرگن جي مزار تي قبا اڏڻ جو مخالف ھو. (iv) عورت جي ڪن ۽ نڪ ٽوپڙ جو مخالف ھو، (v) ۽ ڏاڙي جي خلاف نه جھڪڙ سندس عظيم اصول ھو.

انھن پنجن اصولن جي تشريح جي سلسلي ۾ ڪجھ مدد سائين جي. ايم. سيد ۽ سائين امير حيدر شاھ جي بيانن ۽ پنھنجي مطالعي جي آڌار تي مرتب ڪئي آھي.

(1) انھيءَ معلومات جي آڌار تي آءٌ ان نتيجي تي پھتو آھيان ته مخدوم بلاول پنھنجي دور کان گھڻو اڳ جو پيدا ٿيل ھو. ھن جي سوچ پنھنجي دور کان صديون اڳتي ھئي ۽ ھو نه صرف ھڪ الله لوڪ درويش ھو، پر سنڌي سماج ۾ ھڪجھڙائي ۽ حب الوطني پيدا ڪرڻ ۽ ان ۾ مڪمل تبديلي آڻڻ جو مفڪر ھو. مثال طور: پھرئين اصول موجب اھڙيون شيون يعني گھر ۾ رنگين جنڊيءَ

جا پينگها ۽ کنٽون صرف چند وڏا گهراٽا ئي رکي سگهيا ٿي ۽ عام ماڻهن جي ان دور ۾ اقتصادي حالت اهڙي هئي، جو اهي حاصل ئي ڪري نه ٿي سگهيا. ان کان سواءِ هي شيون اهڙن شهرن ۾ ٺهنديون هيون، جن تي مڪمل ڪنٽرول ڏارين حاڪمن جو هو. ان ڪري هن اهڙن ماڻهن کي احساس ڪمتري ۽ احساس برتريءَ مان ڪڍڻ لاءِ اهو اصول ڏسيو. ان کان سواءِ اهي رنگين کنٽون ۽ پينگها جڏ ته ان وقت حاڪماڻي ثقافت جو حصو ٿي چڪا هٿا ۽ هُن حاڪماڻي ثقافت کي هٽي ڏيڻ نه ٿي چاهي. سائين جي. ايم. سيد جي خاندان کان خبر پئي ته سندن گهر ۾ هالا جي کٽ يا پينگهو ناهي. ان ڪري ان دور ۾ اهو سماجي تبديليءَ جو وڏو اشارو هو. جيئن ته مخدوم صاحب جي حقيقي تاريخ تي اونداهيءَ جو پردو پيل آهي، ان ڪري آئون ان دور جا انگ اکر ڏسي نه سگهيو آهيان ته ان دور ۾ ڪيترن خاندانن انهيءَ اصول تي عمل ڪيو.

(2) ڏن نه وٺڻ ۽ هٽ جو پورهيو ڪرڻ:

ان سلسلي ۾ مخدوم صاحب پورهيت هو ۽ ڪورڪو ڏنڊو ڪري رزق حلال ڪمائيندو هو، جنهنڪري پيري مريديءَ واري طريقي موجب پنسا وٺڻ ۽ عياشيون ڪرڻ جي سخت خلاف هو. پير، جيڪي پاڻ نڪما ٿي مريدن جي ڏن تي گذارو ڪندا هٿا. اُهي بهرحال معاشري ۾ اثر رکندڙ جي باوجود مڪمل طور نڪما ٿي چڪا هٿا، انڪري مخدوم پاڻ پورهيو ڪندو هو ۽ خليفن ۽ مريدن کي پورهئي ڪرڻ جي تلقين ڪيائون. پاڻ سنو ڪوري هو، ۽ ڪپڙو ٺاهيندو هو. ان ڪري ئي نياز همايونيءَ ۽ ڪلاسيڪي شاعرن ڪوريءَ جي اهميت بيان ڪئي آهي.

ٻي وڏي ڳالهه اها ته اسان وٽ مرشد هميشه پير، يا سيد هوندا هٿا ۽ مريد عرف عام ۾ ڪٽ خلق. جيئن ته اُهي ٻاهريان هٿا، تنهنڪري انهن کي مقامي ماڻهن جي ذلتن جو احساس نه ٿيندو هو. هي ته ڏيهي ماڻهو هو ۽ سمات قبيلي جو فرد هو ـ ۽ اهو پهريون دفعو هو، جو هڪڙي سمي جا مريد يا پوئلڳ سيد بہ هٿا: ان ڪري هن کي سنڌ جي مسڪيني حالت جي خبر هئي. اهو ئي سبب هو، جو هُن ڏن تي بندش وڌي. ان جو هڪڙو مثال: سائين جي. ايم. سيد شادين جي دعوتن جو اهتمام ڪندو هو، جيڪي سٽ، ست ڏينهن هلندڙ هيون، پر

ماڻهن کان نينڊ نه ونندو هو. پر اڄ جيڪي اسان وٽ پير مڃي مواڙ ۽ سوئر ٽيا وينا آهن، انهن مان اڪثر ٻاهر جا آهن، پاڻ پورهيو ڪونه ڪن ۽ ٻين جي پورهئي تي ڏاڙو هنيو وينا آهن. مون کي سلام راجپوت چيو ته "تون ٽلتي اڄ ته توکي مخدوم صاحب جي گهر ۾ ڪورکي ڏنڊي واريون مشينون ڏيکاريان." پورهيو عيب ناهي، ڪنهن ليڊر جو پاڻ پورهيو ڪري، اهو عيب نه آهي.

(3) بزرگن جي مزارن تي قُبي/ قُبو نه اڏڻ:

ان سلسلي ۾ پهريون مثال خود مخدوم بلاول جو آهي، جنهن جي مزار تي هڪ وڏي عرصي تائين يعني 20 صديءَ جي اڌ تائين مقبرو اڏيل نه هو. هاڻي جيتوڻيڪ سندس پوئلڳن جي مزارن تي مقبرا ٺهي ويا آهن ۽ خود سندن مزار تي عقيدتمندن پاران شيشي جو مقبرو ٺهرايو ويو آهي. ان سلسلي ۾ وضاحت اها آهي ته مخدوم صاحب جو چوڻ هو ته ۾ شيون اهم آهن: پهريون ته سڻن گهرن جي ضرورت جيئرن کي آهي يا مئلن کي؟ مقصد ته بزرگ جيڪڏهن واقعي باعمل ۽ باڪردار آهن ته خدا وٽ انهن لاءِ هنن خسيس مقبرن کان وڌيڪ عزت آهي. ان کان سواءِ جنهن ملڪ ۾ اسان رهون ٿا، اُتي ماڻهو جهوپڙين ۾، برساتن، پوهه جي پارن ۽ اونهاري جي لُڪن ۽ جهولن کان محفوظ ناهن، اُتي قوم جو پئسو هڪ مثل بزرگ تي مقبرو اڏائي ضايع ڪجي، انهيءَ مان ڪهڙو فائدو؟ اهو ئي ڪارڻ آهي، جو اسان ڏسنداسون ته شاهه حيدر تي مقبرو ناهي، دولهه دريا خان تي مقبرو ناهي، جام نندي تي مقبري جي چت ناهي. هي شيءِ اها ته ماڻهوءَ جو پيغام دائمي آهي يا ان تي اڏيل مقبرو دائمي آهي؟ اڄ جديد دور ۾ اسان هر شيءِ ڏسون ٿا ته جديد ڏاهي سقراط تي مقبرو ناهي، ارسطو ۽ ٽالسٽاءِ تي ڪي مقبرا ناهن يا نندي کنڊ ۾ گانڌيءَ تي ڪهڙو مقبرو آهي. آزاد، نهروءَ تي ڪهڙا قبا آهن؟ ڪارل مارڪس تي ڇا آهي؟ اسان وٽ صرف جناح تي مقبرو آهي، جتي سيڪس لاءِ چوڪرا ۽ چوڪريون ايندا آهن. پٽر ۽ سرون عظمت ناهن، فڪر ۽ تخليق عظيم آهن. ڪاليداس جي سماڌيءَ جي اسان کي خبر ناهي، پر هن جو فن سموريءَ دنيا تي حاوي آهي. ان ڪري ئي مخدوم صاحب نمائشي شين کان وڌيڪ حقيقي شين

ڏانهن متوجھ ھو ۽ سماج ۾ وڏيڪ تبديلي پيدا ڪرڻ ھُن جو مقصد ھو. مخدوم بلاول جو اھو پيغام ئي ھو، جنھن کان متاثر ٿي جديد دور جي وڏي ۾ وڏي شاعر، شيخ ايار لکيو ھو تہ:

سو چئين تون متان مُون مٽان مقبرو!
چنڊ، تارا، ڪَتيون،
سڄَ جون مشعلون،
مُون مٽان روز ٻَرنديون پيون،
ھي خُدائي مجاورَ جيان،
روز مون تي ڪندا سوجھرو!
سوچئين تون متان مُون مٽان مقبرو!
روز مُون تي شَفق،
پَڙَ پائي زَريءَ جا عقيدت جو اظھارُ مون سان ڪندي،
ڏينھن جو روز سُورج ـ مُکين سان پئي زندگي مُرڪندي،
راتِ رابيلَ جا گُلَ نڇاور ڪندي،
ماڪَ سان تنھن متيءَ کي مُعطر ڪندي،
آءٌ ھوندس جتي!
تُون متان ھِن گنھگارَ کي ڪنھن وڏي پِيرَ سان پيٽئين!

شاعرِ ريٽئين:

جنھن ھزارين بُزرگيون متائي ڇڏيون،
سڄَ ھينان ڪَکَر جِئن لِکائي ڇڏيون،
سمنڊ ۾ ريت وانگر ڇُپائي ڇڏيون،
مشعلون سَڙَ جلائي ڇڏيون،
جي نہ ڪوئي اُجھائي سگھي،
۽ نہ طوفانَ،
ڪوئي بہ تِن کي وِسائي سگھي!

(4) عورت جو نڪ يا ڪن نہ ٽوپڙ :

ان سلسلي ۾ سائين امير حيدر شاھ ٻڌايو تہ سندن خاندان ۾ اجا تائين

ڪن ۽ نڪ نہ ٽوپيا ويندا آهن. مون امير حيدر شاهہ ڪان پڇيو تہ ان جي حڪمت عملي ڪهڙي آهي؟ سائينءَ مون کي انتهائي روشن دماغ قدر جي حيثيت سان حڪمت عملي ٻڌائي تہ قديم دور ۾ قبائلي جنگين دوران عورتن کي ٻانهيون بنائڻ وقت سندن ڪن يا نڪ ٽوپي، انهن ۾ زنجيرون وجهي بازارن ۾ گهلي ويندا هنا. ان ڪري، مخدوم صاحب عورت جي غلامي ۽ مجبوريءَ جو هر طرح خاتمو ڪرڻ لاءِ اهو اصول رائج ڪرايو تہ نڪ ۽ ڪن نہ ٽوپابو. انهيءَ سان ظالمن کي وڌہ ملندو ۽ عورتن جي ڪن، يا نڪ ۾ رسيون يا ڏاڪا وجهي کين گهلي ذليل ڪندا. ٻيو تہ اقتصادي طور بدحال سنڌ ۾ زيورن جي چٽا ٻيٽيءَ ۾ ڪيترائي خاندان مصيبت جو شڪار ٿي رهيا آهن. مون جڏهن سائين امير حيدر شاهہ جي زباني اهو اصول مخدوم بلاول جي ورسيءَ تي بيان ڪيو تہ محترمہ غنويٰ ٻٽو پنهنجي پٽ جونيئر ذوالفقار کي انگريزيءَ ۾ سمجهائيندي چيو تہ "سنڌ ۾ پنج سؤ سال اڳ مفڪر قسم جا ماڻهو موجود هنا، جيڪي ان قسم جي سوچ رکندا هنا."

(5) ڏاڍ جي اڳيان جهڪڻ نہ گهرجي :

اهو اصول مخدوم صاحب جي زندگيءَ قرباني، ۽ جدوجهد توڙي خليفن جي تنظيم ۽ تحريڪ مان ظاهر آهي. پر هتي هڪڙي ڳالهہ نوٽ ڪرايان تہ جڏهن مخدوم صاحب ڪان آخري وقت ۾ پڇيو ويو تہ "توکي گهاٽي ۾ پيڙايون ٿا، هاڻي ڇا ٿو چوين؟" ان جو جواب فارسي تاريخن لکيو آهي ۽ اهو فارسيدان ئي سمجهي سگهن ٿا: "جنهن کي آءٔ پهرين ظالم چوندو هئس، هاڻي اظلم چوان ٿو."

سچ وڏو ڏوهاري آ ـ گهاٽي ۾ پيڙا يو ويو آ

زندهه ۽ باشعور قومون، جيڪي نه رڳو زندهه رهڻ چاهيندڙيون آهن، پر منجهن موجود شعور کي اُفقي ۽ عمودي طرح وسعت ڏيڻ لاءِ پڻ جدوجهد ڪندڙيون آهن، سي نه رڳو پنهنجي وجود ۽ پنهنجي شعور جي پيدائش ۽ واڌ ويجهه جي ڪارڻن جو به جائزو وٺندڙيون رهنديون آهن، ۽ ان سلسلي ۾ پنهنجي بحيثيت قوم موجودگي، زندگي ۽ باوقار مقام تي موجودگي يا اُن تي پهچڻ جي خواهش جو، نه رڳو موجود حالتن ۾ پنهنجي فردن، جماعتن ۽ گروهن جي جاکوڙن جو جائزو، ايمانداري ۽ احساس جي سطح سان وٺندڙيون آهن، پر ماضيءَ جي صدين جي طوفانن، يلغارن، موتمار حملن ۽ تباهه ڪارين ۾ به پنهنجي وجود جي موجودگيءَ جي سببن، تاريخي عوامل ۽ انهن ۾ سندن قومي تحريڪ جي اجتماعي ۽ انفرادي ڪردار تي پڻ ايمانداريءَ سان نظر وجهندڙيون آهن. انهيءَ صدين جي موتمار ۽ تباهه ڪار پيڙائن ۾ اجتماعي ۽ انفرادي ڪوششن، ڪاوشن، جانبازين ۽ قربانين کي پنهنجو قيمتي ورثو سمجهي حفاظت ڪندڙيون آهن ۽ اڄ جي دور، تاريخ جي ڪوجهائن ۽ تشريحن جا جيڪي نوان ۽ دلڪشين گس مهيا ڪري ڏنا آهن، تن جي روشنيءَ ۾ اڳتي وڌندڙيون آهن. ماضيءَ جي ڪاوشن ۾ قوم جي ننڍن توڙي وڏن گمنام تورڙي نامور فردن جي قربانين ۽ باهمت ارادن کي پنهنجي مستقبل لاءِ مشعل راهه بنائي، انهن جي عظمتن جي محرابن ۾ سجدا ڪندڙيون آهن. اهڙا فرد، جيڪي انهن صدين جي طوفانن ۾ بي موت ماريا ويا يا ڪنهن ڪنواريءَ جي اُرهه جي تقدس ۽ پَيزوءَ جي مُڇ جي موڙ کي بچائڻ لاءِ ڪُنا ويا، تن جي ڪردار کي علم جي ننڍين روشنيءَ ۾ عالمي صفن جي انهن ماڻهن ۾ جائز مقام ۽ مرتبو ڏيارڻ لاءِ پنهنجي فڪر ۽ فن کي استعمال ڪندڙيون آهن، جيڪي انساني عظمت جي شاندار عمارت جي تعمير جي سلسلي ۾ فڪر ۽ جدوجهد جي ميدان ۾ اڏول پٽي جي اڏيءَ تي ڪُنا ويا.

ان سلسلي ۾ آءٌ دنيا جي تاريخ جي انهن گمنام ۽ نامور هيرن جو ذڪر ڪرڻ هتي مناسب نه ٿو سمجهان، جن کي سندن قوم صدين جي گمنامي ۽ ڪان پوءِ عظمتن جي آسمان تي پهچايو. جيئن: جون آف آرڪ، آريه پٽ ۽ ٻيا انيڪ. اهڙي ماحول ۾ افسوس رڳو سنڌ جي علم ۽ دانش تي ٿئي ٿو. جيڪا تاريخ جي بدترين غدارن کي هيرا ۽ تاريخ جي چهري کي پرهه ڦٽيءَ جو نور ۽ ٻن پهرن جو اُجالو بخشڻ وارن محب وطن کي غدار ۽ مفاد پرست ثابت ڪرڻ لاءِ ويهين صديءَ جي پچاڙيءَ ۾ ائين جنبيل نظر اچي ٿي. جيئن اڄ کان پنج سؤ سال اڳ ميز معصوم بکري ۽ يوسف ميرڪ پنهنجي قلم جي ڪاراڻ سفيد ڪاغذ بدران پنهنجي مُنهن تي ملينديءَ نظر ٿي آيا.

انڌيرن جي اهڙن پوجارين مان اڄ جي دور ۾ هڪ نئين نالي جو اضافو ٿيو آهي: "پروفيسر غلام رسول اڪرم" ـ غلام رسول اڪرم جي اڳيان پروفيسر جو لفظ مون کي ائين لڳي ٿو، جيئن انگريزي مصنف رچرڊ برٽن جي اڳيان الحاج جو لقب. "چوٽين دنيا" جي هڪ تمام وڏي ڏاهي ۽ "ٽين دنيا" جي اصطلاح جي موجد، فرانز فينن پنهنجي مشهور ڪتاب "The riched of the earth" ۾ لکيو آهي ته "مُصيبت زده قومن جي فرزندن جو فرض آهي ته انهن جيڪو علم، فلسفو ۽ شعور غاصبن جي يونيورسٽين مان حاصل ڪيو آهي، سو انتهائي ايمانداري ۽ سچائيءَ سان پنهنجي عوام جي مُرجهايل چهرن کي بهکندڙ مهانڊن ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪن." پر اسان وٽ سنڌ ۾ ان جي ابتڙ ڪم ٿي رهيو آهي: چو ته شايد اسان وٽ نه نهروءَ جي حب الوطني پيدا ٿي سگهي آهي ۽ نه وري سائين جي. ايم. سيد جو عشق ـ انهيءَ ڪري ته جناب غلام رسول اڪرم هن وقت اها ڪوشش شروع ڪئي آهي ته سنڌ جي انهن هيرن کي غدار ۽ ديش دروهي ثابت ڪري، جن جي ڪارنامن کي پڙهي، سنڌ جو نئون نسل اذيت گهرن ۽ عذاب خانن ۾ مرڪندو رهيو آهي، ۽ جن هيرن جا نالا پنهنجي اولاد تي رکڻ ۾ پاڪستان جي وزيراعظم کان ونيءَ تائين جي پٽن ۾ اُئيون چاريندڙ اونٽار به فخر محسوس ڪندو آهي. اهڙن ئي عظيم ۽ لازوال هيرن مان هڪ جو نالو **مخدوم بلاول** به هو، جنهن کي جناب اڪرم صاحب نه رڳو محب وطن مڃڻ کان انڪار ڪيو آهي، پر سندس ڪنهن به قرباني ۽ کان انڪار ڪندي، سندس متعلق جيڪو به لکيل ۽ روايتي مواد

موجود آهي، اُن کان به انکار کيو آهي. هن صاحب مخدوم صاحب جي سلسلي ۾ پنهنجي مختلف، منتشر، ۽ ذهني پيچيدگين سان ڀرپور مضمونن ۾ جيڪي سوال اٽاريا آهن، سي ٽلهي ليکي هن ريت آهن: اهو ٽلهي ليکي آ۽ ان ڪري چئي رهيو آهيان، جو جنهن عرصي ۾ اهي مضمون ڇپيا هئا، ان عرصي دوران آ۽ پاڪستان جي هڪ اهڙي اسلامي دور جي اذيتناڪ تربيتگاهه ۾ هئس، جتي منهنجي لاءِ ڏينهن رات ۾ ڪو فرق ڪونه هو ۽ اُتي ڪنهن به ڇپيل اکر تي نظر وجهڻ جي ايتري ئي سزا هُئي، جيتري سزا شايد رسول پاڪ ﷺ جي حرم جو نالو گستاخيءَ سان ونندڙن لاءِ به نه هُئي. هن وقت جهڙي قسم جي زندگي گذارڻ جو مون کي سنڌ جي هن اسلامي دؤر جي اذيتناڪ مرڪز موقعو ڏنو هو، تنهن ۾ نه آ۽ اخبارن جي پنارڪ ڪلهي تي کڻي سگهيس ٿي. ۽ نه وري ڪو ڪتابن جو ذخيرو گڏ ڪري سگهيس ٿي: چو ته زندگيءَ ۾ تي پيرا مون سان وڏي پيماني تي اسلامي جهاد، ۽ منهنجي ڪتابن سان "بي بي شهربانو" وارو سلوڪ ٿي چڪو آهي. ان ڪري آ۽جيڪي ڪجهه لکان ٿو، سو پنهنجي حافظي جي آڌار تي، پر ان سلسلي ۾ آئون ايترو ضرور چوندس ته منهنجي حافظي اڄا تائين ماضيءَ جي ڳالهين متعلق بي وفا محبوبه وارو ڪردار ادا نه ڪيو آهي. بي ڳالهه ته آ۽ ڪابه ذهني بددياني ڪندي، ڪنهن مصنف ڏانهن کا غلط ڳالهه منسوب نه ڪندس. انهيءَ ڪري مون مٿي اهو لکيو آهي ته ٽلهي ليکي جناب اڪرم جي مضمون ۾ هي ڳالهيون لکيون ويون آهن:

1 ـ دريا خان جي شهادت ۾ مخدوم بلاول جو هٿ هو، نه ته به هو پنهنجي مخصوص مذهبي نقطه نظر مطابق سندس شهادت مان راضي هو.

2 ـ (ان ڪري) مخدوم بلاول محب وطن، نه پر مفاد پرست هو.

3 ـ مخدوم صاحب کي گهاٽي ۾ پيڙڻ، شهيد ڪرڻ يا مٽس ڪو ڏنڊ وغيره وجهڻ واريون ڳالهيون ڪوڙيون، من گهڙت ۽ موجوده قوم پرستن جون پيدا ڪيل آهن ۽ انهن ڳالهين جو تاريخ ۾ ڪوبه ذڪر نه آهي. انهيءَ سلسلي ۾ هن گهاٽي ۾ پيڙجڻ واري سزا جو خيالي قصو گهڙڻ جو موجد آربسر کي ۽ مخدوم صاحب جي شهيد ٿيڻ واريءَ ڪهاڻيءَ جو موجد محمد ابراهيم جويي ۽ غلام محمد لاکي کي ۽ تلٽيءَ جي جنگ ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ واريءَ روايت

جو ڏوهي دادا سنڌيءَ کي قرار ڏنو آهي.

4 ـ سنڌ جي ممتاز تاريخدانن: پير حسام الدين راشدي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ علامہ دائود پوٽي مان ڪنهن به مخدوم صاحب جي شهادت جو ذڪر ناهي ڪيو، ان ڪري اهو واقعو ٽيوٽي نه آهي.

5 ـ ان دؤر ۾ لکيل فارسي تذڪرن ۾ اهڙي ڪنهن به واقعي جو ذڪر ناهي، جنهن ۾ اهو چيو ويو هُجي ته مخدوم صاحب کي شهيد ڪيو ويو هو. جڏهن ته انهن تذڪرن ۾ مخدوم صاحب جي ڪرامتن جو ذڪر ضرور ڪيو ويو آهي ـ

6 ـ ان سان گڏ پروفيسر اڪرم صاحب اهو به اعتراض اٽاريو آهي ته مخدوم صاحب جيڪڏهن ايڏو وڏو محب وطن ۽ غير ملڪي غلبي جي خلاف هو ته سندس شهادت کان پوءِ سندس مريدن، معتقدن ۽ خليفن اها جنگ چو نه جاري رکي؟

حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهه اها آهي ته اڪرم صاحب لکيو آهي ته ان سلسلي ۾ هُو هزارين ڪتاب پڙهي چڪو آهي، پر ڪيس اهڙي ڪابه ثابتي نه ملي آهي. هن مخدوم صاحب جي سيني مداحن کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ صرف پاڻ سچ جو علمبردار هئڻ جو دعويدار آهي. مون کي خبر نه آهي ته اڪرم صاحب جي عمر چا آهي؟ پر آءٌ سمجهان ٿو ته هزارين ڪتاب پڙهڻ وارو ايڏو وڏو ڪوڙ آهي، جهڙو شايد ئي ڪنهن مصنف ڳالهايو هجي. ڪتابن مان مراد جيڪڏهن جماعت اسلاميءَ جا پمفليٽ آهن ته پوءِ ڳالهه آهي، پوءِ صورت ۾ اهو نسورو ڪوڙ آهي. هتي آءٌ هڪ مثال ڏيڻ چاهيان ٿو، جيڪو برصغير جي ڪثير المطالعه شخص مولانا آزاد جي باري ۾ آهي. مولانا آزاد بابت هندستان جي دانشور وزيراعظم ۽ سرڪش عالم جواهر لال نهروءَ پنهنجي مشهور ڪتاب "Discovery of India" جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته "هن ڪتاب جي تياريءَ جي سلسلي ۾ جيل جي سيني دوستن جو ٿورائتو آهيان، پر انهن مان خاص ذڪر لائق مولانا ابوالڪلام آزاد آهي، جنهن جي وسيع ۽ بي پناهه معلومات منهنجي لاءِ بي پناهه خوشي ۽ بي انتها حيرت جو سبب هئي. انهيءَ مولانا آزاد کان جڏهن 68 سالن جي عمر ۾ اهو سوال ڪيو ويو هو، ته توهان سڄيءَ عمر ۾ ڪيترا ڪتاب پڙهيا آهن؟ ته هُن جواب ڏنو هو ته پندرنهن هزار، جن ۾ ماهوار ۽ هفتيوار رسالا به شامل آهن. هڪڙو

ايڏيءَ وڏي معلومات وارو ماڻهو پنهنجي سڄيءَ عمر ۾ صرف پندرنهن هزار کتاب ۽ رسالا پڙهي سگهي ٿو ۽ هيءَ اسان جو فاضل دوست اڪرم صرف ڪجهه سالن ۾ (جڏهن کان هن قاضي قاضن تي تحقيق شروع ڪئي آهي) هزارين کتاب پڙهي ٿو، سا ڪاڪاهه معجزي کان گهٽ نه سمجهڻ گهرجي ـ ۽ پيغمبرن کان سواءِ ڪو ماڻهو معجزي جهڙي ڪاڪاهه جي دعويٰ ڪري ٿو ته اهو بدترين ڪوڙو سڏبو.

هاڻي آءٌ جناب اڪرم صاحب جي اٺاريل سوالن جو تفصيل وار جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس، پر انهيءَ تفصيل ۾اها ترتيب نه هوندي، جيڪا سوالن جي سلسلي ۾ نمبروار ڏني وئي آهي:

سڀ کان پهرين ٻڌنهنجي نه رڳو اها دعويٰ آهي، پر دل ۽ دماغ جي سمورين سچاين ۽عشق و محبت جي سمورن دلڪش نغمن ۽ گيتن جي سرجوشيءَ سان معمور جذبن جي ساک آهي، ته بدترين سفاڪ، غاصب ۽ بيغيرت ارغونن، مخدومَ بلاول کي نه صرف شهيد ڪيو، پر دنيا جي بدترين سزائن مان هڪ سزا ڪاٺي ۾ پيڙائڻ جهڙو انسانيت ۽ اسلام سوز ڪڏو ڪم ٻه ڪيو. ان سلسلي ۾ تاريخي ثبوت پيش ڪرڻ کان اڳ ۾ هڪڙي ڪاڪاهه عوامي روايتن ۽ تسلسل سان هلندڙ قصي بابت عرض ڪرڻ چاهيندس ته ڪنهن علائقي ۾ ٽيل واقعي تي صدين تائين تواتر سان عوام جو هڪ ڪاڪاهه تي متفق ٿي بيهي رهڻ، سڀ کان وڏي سچائي آهي. هڪ حديث تي عوام جو تواتر سان متفق ٿيڻ، ان حديث کي حديث جي ٻين سيني قسمن کان وڌيڪ سچو ۽ معتبر ثابت ڪري ٿو ـ پر حيرت انگيز ڪاڪاهه آهي ته جيڪڏهن هڪ حديث تي هر دور ۾ ماڻهن جي اڪثريت اعتماد ڪندي اچي ته ان کي معتبر ترين سمجهيو وڃي ٿو، پر هڪ شهيدِ وطن جي هڏين جي تڙڪات، ان علائقي جو عوام صدين تائين نه رڳو پنهنجن ڪنن سان ٻڌندو هجي، پر ڪيپيرڊ ۾پيل ٻارِ ڏانهن ٻه منتقل ڪندو اچي ته ان کي ڪوڙو سمجهيو وڃي ۽ ان کي ڪوڙي ثابت ڪرڻ لاءِ اهڙن ڪتابن جا حوالا ڏجن، جن جو ان موضوع سان ڪوبه تعلق نه هجي! آءٌ اڳتي هلي انهن ڪتابن جي حيثيت ۽موضوع متعلق تفصيل سان لکڻ جي ڪوشش ڪندس: پر هتي ايترو عرض ڪرڻ چاهيندس ته تاريخ جا اهي ڪتاب يا ڪنهن دور جي هڪ مخصوص مذهبي ماحول تي لکيل ڪتاب،

جن جي عبارت آرائي ۽ موشگافين جي آڌار تي کٽي کو چوي ته علاؤالدين خلجيءَ سومرن تي حملو نه کيو هو ۽ نه ئي دودو سومرو اهڙيءَ جنگ ۾ شهيد ٿيو هو: پر آءٌ چا کريان، جو مون کي ريبارڊ جي جسم تي ويڙهيل کارين کٽين جي هر تند تار مؤرخن جي منهن تي کارنهن ملينڈي نظر اچي ٿي ۽ دهليءَ جي حڪمرانن جي حملي جو پڙهو، سنڌ جي هر واهڻ ۽ وستيءَ ۾ ٻڌائيندي نظر اچي ٿو: ان کري جو، کروڙين عوام جو هر دور ۾ هڪ ڳالهه تي سوين سالن تائين اتفاق، مؤرخ جي مصلحت پسنديءَ ۽ منافقت جي خلاف آفاقي فيصلو آهي. اهڙو فيصلو، جنهن کي خدا جو وحي به غلط قرار نه ٿو ڏئي سگهي. چا اهي سڀ ماڻهو بيوقوف آهن، جن جي راڻن ۽ ستڙن کي هٿ جي اُٽيل کٽن جي کهرائپ، شفق جي سُرخي ڏئي ڇڏي آهي؟ ان کري آءٌ چوان ٿو ته مون سڄي سنڌ ڏٺي، ٻڌي ۽ گهمي آهي. انهيءَ سموري سنڌ جي عوامي شعور، ڪڏهن، ڪٽي ۽ ڪنهن موقعي تي به مخدوم بلاول جي شهادت کان انڪار ناهي کيو. مون کي خبر ناهي ته اکرم صاحب دادوءَ جي پهاڙن ۽ ميهڙ جي گرم ميدانن ۾ به ويو آهي يا نه، جتي عوام ۾ اها ڳالهه مشهور آهي ته سرنهن مان نڪرندڙ تيل به ڳاڙهو ان کري ٿيندو آهي، جو گهاٽي جي قيٽن کي مخدوم بلاول جو رت رنگين کري ويو هو. مون کي يقين آهي ته اکرم صاحب ڪتاب "حديقة الاولياءِ" ضرور ڏٺو هوندو، پر "حديقة الناس" نه ڏٺو آهي ـ ۽ انهيءَ عوام جي حديقي جي هر گل جي سُرخي، مخدوم صاحب جي رت سان ئي رونق افروز آهي.

اڳتي هلي آءٌ انهن تاريخي ڪتابن جا حوالا ڏيندس، جيڪي اکرم صاحب جي لکڻ موجب "آريسر جي بدعت" سان عبارت آهن، ۽ جن ۾ سنڌ جي مؤرخن ڪٽي وضاحت، ڪٽي سراحت، ڪٽي علامت ۽ ڪٽي استعاري جي انداز ۾ هن واقعي بابت حقيقتون بيان ڪيون آهن. انهن مؤرخن ۾ علامه دائود پوٽو به آهي ته نبي بخش بلوچ به آهي، رحيمداد مولائي شيدائي به آهي ته پير حسام الدين راشدي به آهي، ۽ جنهن شخص کي پير حسام الدين راشدي سنڌ جي تاريخ جو امام سڏيندو هو، اهو دين محمد وفائي به آهي. ان کان سواءِ شاعر مشتاق متعلوي ۽ تصوف ۽ وحدت الوجود کي زمين جي تواضع ۽ آسمان جي بلندي عطا ڪندڙ شاعريءَ جو خالق رڪيل شاهه به آهي ته

ميرن جي دور جو شاعر سچل سرمست به آهي. تاريخ معصومي به آهي ته مير معصوم بکريءَ جو تذکرو به آهي. بلاولي تحريک جا اهي روشن سدا بهار ۽ سنڌ جي متيءَ سان واسيل صوفي شيخ پرکيو، ساهڙ لنجار، مخدوم هنگورو ۽ مخدوم نوح به آهن.

مون، بحث کي وڌيڪ پکيڙڻ ۽ڊيگهه ڏيڻ نه چاهي آهي، چو ته، نه مون وٽ ايترو وقت آهي ۽ نه وري منهنجي صحت اها اجازت ڏئي ٿي، چو ته پروفيسر اکرم جي جهادي ساٿين منهنجين انهن ٻنهي شين کي مقيد ۽ مفلوج کري ڇڏيو آهي. ان کري، کجهه ننڍين ننڍين ڳالهين جي وضاحت ٿئي ته بهتر.

مخدوم صاحب جي شهادت کان انکار جو ثبوت اکرم صاحب هکڙو اهو به ڏئي ٿو ته مخدوم صاحب وطن پرست نه، پر خدا پرست هو ته ان جو مطلب اهو ٿيو ته جيکو خدا پرست هوندو آهي، اهو وطن پرست ٿي نه ٿو سگهي. اهڙي قسم جي احمقانه سوچ، نه رڳو خدا پرستيءَ ۽ وطن پرستيءَ جي سچي آگاهيءَ جي خلاف آهي، پر خدا پرستيءَ جي سچي تصور ۽ ڏرتيءَ جي عظمت جي خدائي تصور جي پٽ خلاف آهي. خدا کي پنهنجي کنهن خليفي جي ضرورت آسمان تي نه ٿي پوي، پر پنهنجي نائب جي ضرورت ڏرتيءَ تي پوي ٿي ته جيئن ان ڏرتي ۽ ان سان لاڳاپيل مخلوق کي خدا سان وصال قائم کرڻ جي راهه ۾ پيش ايندڙ رکاوٽن کي دور کري سگهجي ۽ حُسنِ عارضيءَ کي حُسنِ ابديءَ سان ملائي. ان سلسلي ۾ هو آسمان تي ويندل جبرائيل کي پنهنجو خليفو نه ٿو بنائي، جيکو انساني تعلقات جي نازڪ احساسن کان ئي محروم آهي: پر خدا کي آدم جي ضرورت پوي ٿي، جيکو ڏرتيءَ ۽ اُن مان پيدا ٿيندڙ شين جي انساني جسم ۾ اثرات جي لذت ياب ٿيڻ جو شعور رکي ٿو، جيکو حوا جي عضون جي موسيقيءَ جي هر سُر جي نه صرف سُڌ رکي ٿو، پر ان کي داد ڏيڻ به ڄاڻي ٿو.

مخدوم صاحب هن ڏرتيءَ مان پيدا ٿيندڙ شعور، حسن، جذبي ۽ بي پناهه ولولي کان پوريءَ ريت واقف هو ۽ ان کي هن دائمي قدرن سان هم آهنگ کرڻ جو پکو پهه کري ورتو هو، انکري هن بادشاهي تلوار ڇڏي،

پورهيت جي چرخي جو ڏنڊو اختيار ڪيو:

پڳت ڪبير به ڪوري يارو، يار نياز به ڪوري،

سنڌ نه ٽٽي شل چوري! (نياز همايوني)

غلام رسول اڪرم، مخدوم بلاول جي شهادت ۽ گهاٽي ۾ پيڙجڻ کان انڪار ڪندي، سڀ کان اڳ مخدوم صاحب تي جيڪو وڏو الزام هنيو آهي، اُهو هي ته مخدوم صاحب جيئن ته "مهدوي تحريڪ" جو مخالف هو ۽ دريا خان مهدوي تحريڪ ۾ شامل ٿي چڪو هو، ان ڪري هن (مخدوم صاحب) جي نه رڳو خواهش، پر سازش هئي ته ڪنهن طرح دريا خان کي مارائجي ته جيئن سنڌ ۾ مهدوي تحريڪ جو اثر ختم ٿئي. ان سلسلي ۾ هن ٻه دليل ڏنا آهن. حيرت انگيز ڳالهه هيءَ آهي ته هو جتي مخدوم صاحب جي سلسلي ۾ پنهنجي هر مخالف کان ڪتاب جو حوالو ٿو گهري، اُتي پنهنجي ٻنهي دليلن جي سلسلي ۾ ڪنهن به ڪتاب جو ڪوبه حوالو نه ٿو ڏئي، پر رڳو پنهنجي يڪ طرفيءَ سوچ ۽ ناقص منطقي طريقي تي هلڻ پسند ڪري ٿو. آءٌ اهو ڪونه ٿو چوان ته تاريخ جي تعبير ۾ عقل ۽ منطق کي دخل نه آهي، پر ان جي ابتڙ اهو خيال آهي ته عقل ۽ منطق جي تعبير کان سواءِ تاريخ نويسيءَ ۽ تذڪرن تي انحصار جهالت جي تاريڪيءَ کي وڌائڻ جا محرڪ هوندا آهن ــ مثال طور مون کي ڪو مؤرخ اهو ٻڌائي ته عمر ڪوٽ جي "لانبا" گرائونڊ ۾ فلاڻي سن ۾ هڪ لک سومرن جي فوج ۽ ڏيڍ لک سومڙن جي فوج دوبدو جنگ وڙهي ته اهڙي مؤرخ جي بيان کي آءٌ ڪوڙو سمجهندس، ڇو ته مون کي خبر آهي ته لانبا گرائونڊ ۾ ڪيترن ماڻهن جي موجودگيءَ جي گنجائش ٽي سگهي ٽي ۽ جنگي گهوڙن، هاٿين ۽ ٻئي سازو سامان لاءِ ڪيتري جاءِ بچي سگهي ٽي. پر آءٌ واقعاتي شاهدين کي صرف منطق جي بنياد تي رد ڪرڻ يا منطقي بنيادن تي واقعاتي شاهدين خلاف ڪنهن سوچ جي تعميز جي به خلاف آهيان. واقعاتي شهادتون هر حالت ۾ منطق ۽ دليل جي ڪوريئڙي واريءَ جار کي ٽوڙي اڇتي وڌنديون آهن.

اڪرم صاحب مخدوم بلاول جي حوالي سان واقعاتي شهادتن جي اُبتڙ سراسر ناقص منطقي طريقو اختيار ڪيو آهي. ان ۾ هن جو پهريون منطقي دليل اهو آهي ته دريا خان جيئن ته مهدي جونپوريءَ جو مُريد ٿي چڪو هو ۽

مخدوم بلاول ۽ سندس خليفا مهدوي طريقي جا ئي مخالف هُنا. ان ڪري اُهي لازمي طرح شاهه بيگ هٿان نه رڳو دريا خان جي شهادت تي راضي هنا. پر اها سندن سازش هئي ته ڪنهن طرح دريا خان مارجي وڃي ته جيئن سنڌ ۾ مهدوي تحريڪ جو اثر ختم ٿي وڃي. ان دليل لاءِ هن ڪنهن به ڪتاب جو حوالو نه ڏنو آهي. ٻيو دليل هن اهو ڏنو آهي ته نٽي تي حملي لاءِ شاهه بيگ دادو ۽ سيوهڻ وارو رستو ورتو هو، جتي مخدوم صاحب جو وڏو اثر هو. پر هن دريا خان جي پٽن کي به منع ڪئي ته اُهي پنهنجي پيءُ کي شاهه بيگ جي حملي جي خبر نه ڏين، ته جيئن شاهه بيگ اوچتو وڃي نٽي تي ڪڙڪي ۽ دريا خان کي قتل ڪري، نٽي تي قبضو ڪري. پر هن سڄي ڪوڙي بيان لاءِ حوالو ندارد!

آءٌ مهدوي تحريڪ، دريا خان جي سانس وابستگي، ميران محمد جونپوريءَ جي تحريڪ، دعويٰ ۽ مهدويت بابت تفصيل سان اڳتي هلي لکندس، پو ته ان تحريڪ تي سنڌ ۾ ايڏا تائين تفصيل سان لکيو ئي نه ويو آهي ته آيا ان تحريڪ ۾ ڪنهن نواب، بادشاهه يا نائب بادشاهه جي گنجائش به هئي يا نه ۽ دريا خان جي ان سان ڪيتري حد تائين وابستگي هئي؟

پر هتي آءٌ اڪرم صاحب جي ٻئي دليل تي لکڻ ٿو چاهيان، جنهن ۾ هن چاٽايو آهي ته "شاهه بيگ سيوهڻ وارو رستو ورتو هو، جتي مخدوم صاحب جو وڏو اثر هو ۽ هن کانپوءِ مزاحمت نه ڪئي هئي ۽ نه وري دريا خان جي پُٽن کي اها اجازت ڏني ته هو پنهنجي پيءُ کي نٽي تي حملي جي خبر ڏين."

ان سلسلي ۾ پهريون سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته آيا شاهه بيگ جي حملي وقت دريا خان نٽي ۾ موجود هو ۽ جيڪڏهن هو ته ڪهڙيءَ حيثيت ۾ هو؟ جڏهن ته سيني تاريخن ۾ لکيل آهي ته جام فيروز جي تخت نشينيءَ کان پوءِ هو (دريا خان) دلبرداشته ٿي، نٽو ڇڏي ڳاهن واري جاگير ۾ رهيل هو. هن جي رهائشگاهه جا نشان هڪ ڊنل مُاڙيءَ جي صورت ۾ مون کي پاڻ سنڌ جي مايه ناز مؤرخ پير حسام الدين راشديءَ ڏيکاريا هنا. جيڪي ايڏا به موجود آهن، پر صفا خسته حالت ۾ آهن، ۽ ميسارجڻ کي ويجها آهن. جڏهن جام صلاح الدين نٽي تي حملو ڪيو هو. ان وقت دريا خان پنهنجيءَ جاگير تي ئي هو، جتي ڪيس ونڊ لاءِ جام فيروز ۽ سندس ماءُ مرينه (ضلعي ميرپور خاص جي ڪاهو ڏڙي جي رهندڙ) ويا هُنا. اُن جو ذڪر سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب جي هن دور جي

سڀ کان وڏي شاعر نياز همايوني ۽ پنهنجي لافاني نظم "مکليءَ" ۾ ڪيو آهي. ان کان پوءِ تاريخ جا گلابي ڇپ ۽ خونخوار دماغ، ان باري ۾ خاموش آهن ته دريا خان پنهنجي ڏاهپ سان جام صلاح الدين ۽ ان جي وزير حاجيءَ کي نٽي مان ڪڍڻ کان پوءِ، نٽي ۾ رهيو يا نه؟ جام فيروز ۽ ماٽس مرينہ ڪيس سنڌ آرميءَ جو سپہ سالار ڪري رکيو يا نه؟ جيستائين منهنجو خيال آهي ته دريا خان پنهنجي محسن ۽ مربي سلطان جام نندي جي نااهل پٽ جام فيروز کي اقتدار ڏيارڻ کان پوءِ موٽي اچي ڳاهن ۾ پنهنجي محبوبہ همونءَ سان رهيو هو، جتي ساوڻ جي گرمين ۽ درياهہ جي ڇاڙهہ جو نظارو ڪندو هو؛ چو ته هو نٽي جي حاڪم کان بدظن ٿي چڪو هو. پر نٽو شايد هن جي روح ۾ همونءَ جي مرڪ کان بہ وڌيڪ رڇيل هو، ان ڪري هن کي يقيناً سندس پُٽن ۽ مخدوم صاحب، شاهہ بيگ جي حملي جي خبر پهچائي هوندي ۽ هو ڳاهن کان نٽي تائين سنڌ جي بقا جا هوڪا ڏيندو پهتو هوندو. دريا خان سنڌ جي عوام جو دادلو هو ۽ صرف هن جي پڙهي تي ئي هزارين ماڻهو گڏ ٿي ويندا هتا. سندس مادي سگهہ ــ سنڌ جا لوهار، واڌا، موچي ۽ ڪمي ڪاسبي هتا ته روحاني سگهہ ــ مخدوم بلاول، شاهہ حيدر سنائي، مخدوم ساهڙ لنجار، مخدوم هنگورو، مخدوم سائند، شيخ پرکيو ۽ ٻيا بزرگ هتا: ان ڪري، اڪرم صاحب جو اهو چوڻ غلط آهي ته مخدوم بلاول سيوهڻ واري رستي سان شاهہ بيگ جي اچڻ جي مزاحمت نہ ڪئي، پر دريا خان جي پُٽن کي بہ اها اجازت نہ ڏنائين ته شاهہ بيگ جي حملي جو دريا خان کي اطلاع ملڻ گهرجي. هتي هڪ بنيادي ڳالهہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته شهنشاهي نظام حڪومت ۾ ڪنهن ملڪ جو بچاءُ ۽ ڏارين حملي آورن کي روڪڻ جي بنيادي ذميواري، ملڪ جي تخت نشين جي ٿئي ٿي ۽ ان وقت سنڌ جو تخت نشين جام فيروز هو، جنهن چغدن (ارغونن) سان اهڙا ناتا پئي رکيا، جهڙا ناتا ذوالفقار علي ٻٽي ۽ سندس پونيرن گلبدين حڪمت يار سان رکيا هتا.

ان جي باوجود، سنڌ جي عوام، بزرگن ۽درويشن، ڪنهن بہ دور ۾، ڪنهن بہ صورت ۾ پنهنجي مادر وطن جي حفاظت جي فرض کان پاڻ کي غافل نہ ٿي سمجهيو. دنيا ۾ ٿيندو ائين آيو آهي ته حڪمران جي شڪست ۽ راجڏانيءَ جي فتح کان پوءِ سموري قوم شڪست ۽ تابعداري قبول ڪري ونندي آهي،

پر سنڌ اُن معاملي ۾ به انوکا مثال پيش ڪيا آهن: جن تي مون، "بلاولي تحريڪ جا اثرات ۽ ان جي ڏيڍ صديءَ جي جدوجهد" عنوان سان تفصيل سان لکيو آهي. هتي صرف ايترو عرض ڪريان ٿو ته پروفيسر اڪرم بنا ڪنهن تاريخي ڪتاب ڏسڻ جي جيڪو الزام هنيو آهي، ته مخدوم صاحب ۽ سندس جماعت، شاهه بيگ ارغون سان ڪابه مزاحمت نه ڪئي، اهو ڪوڙ، فريب ۽ دوکو آهي. اهو الزام هڪ غدار کي محب وطن ثابت ڪرڻ ۽ هڪ محب وطن کي خودغرض ثابت ڪرڻ لاءِ گهڙيو ويو آهي. حقيقت هيءَ آهي ته شاهه بيگ ڪٿي تي حملي لاءِ جيئن ئي سنڌ ۾ داخل ٿيو ته بلاولي درويشن اُن جي سخت مزاحمت ڪئي، ساٺس چوٽون کاڌيون، پر دريا خان کي مطلع ڪيو ويو ته چغدا ڪٿي کي تباهه ڪرڻ چاهين ٿا. ان سلسلي ۾ پير حسام الدين راشديءَ جي لفظن ۾ سنڌ جي تاريخ جو امام دين محمد وفائي، پنهنجي ڪتاب "تذڪره مشاهير سنڌ" (ص - 65) ۾ لکي ٿو ته: "جام فيروز جي زماني ۾ جڏهن شاهه بيگ ارغون سنڌ تي ڪاهه ڪئي ۽ باغبان وٽان اچي لنگهيو، تڏهن قومي غيرت جي ڪري مخدوم بلاول جي مريدن ۽ جماعت سندس زبردست مقابلو ڪيو، پر شاهه بيگ ڪاميابيءَ سان وڌندو وڃي ڪٿي پهتو." انهيءَ سلسلي ۾ هڪ ٻيو مايه ناز مؤرخ رحيمداد مولائي شيدائي پنهنجي ڪتاب "جنة السنڌ" ۾ لکي ٿو ته: "هو (شاه بيگ) جڏهن باغبان (پرڳڻي) پهتو، تڏهن سمن جو لشڪر به دريا خان جي پٽن محمود ۽ منڍ جي اڳواڻيءَ ۾ ساٺس دوبدو ٽيو، پر شاهه بيگ، سنڌي فوج کي لتاڙيندو، ڪٿي ڏانهن روانو ٿي ويو." هنن ٻنهي تاريخي حوالن مان پروفيسر اڪرم جي اها دعويٰ ته ڪوڙي ثابت ٿي ته بلاولي جماعت، شاهه بيگ ارغون جي ڪابه مزاحمت نه ڪئي.

ٻي ڳالهه ته جيڪڏهن دريا خان واقعي مهدوي تحريڪ جو مريد هو ته پوءِ سندس ڇٽيهه لکٽا پٽ منڍ ۽ محمود پنهنجي پيءُ کي مارائڻ لاءِ ڪيئن مخدوم بلاول سان اچي گڏيا؟ حقيقت هيءَ آهي ته مخدوم صاحب ۽ دريا خان ۾ سنڌ ۽ سنڌي تمدن جي تحفظ جي باري ۾ ڪوبه اختلاف نه هو. دريا خان، مهدي جونپوريءَ کان جيڪڏهن متاثر ٿيو هو ته صرف ان جي ظاهري تقدس ۽ بزرگيءَ کان، نه هن جي "دعويٰ مهدويت" ۽ سندس نظام کان. مهدوي تحريڪ جو

جيڪو طريقہ ڪار هو، ان تي رضاڪارانہ طور تي دريا خان جو خاص دوست شاهہ حيدر سنائي اڳ ۾ ئي عمل ڪري چڪو هو، جو ڪيس جام نظام الدين جي طرفان مليل جاگير هو سن ۾ پرپاسي وارن راڄن ۾ ورهائي چڪو هو. ان ڪري، مهدوي ۽ غير مهدوي هجڻ ڪري اختلاف جو اثر سنڌ جي قومي بچاءَ ۽ سنڌي تمدن جي ترقيءَ واري راهہ ۾ ڪنهن به صورت ۾ رڪاوٽ بنجي نٿي سگهيو.

هن سلسلي ۾ منهنجي لاءِ وڏو مسئلو اهو آهي تہ ان دور تي جڏهن به قلم کڻان ٿو يا سوچيان ٿو تہ واقعات جو بي پناهہ هجوم، عوامي جدوجهد جو اڻ کٽندڙ سيلاب ۽ سنڌ جي بزرگن جي حقوق الله سان گڏ حقوق العباد لاءِ قربانين جي طويل قطار، منهنجي سامهون ائين اچي بيهي رهي ٿي، جيئن عباسي بادشاهن جي سامهون ٻانهين جون قطارون ــ ۽ هر واقعو، هر معرڪو، هر خواب، دامنِ دل ڇڪي ٿو تہ "جا اين جا است" ــ ۽ اهو هڪ اهڙو دور آهي، جنهن دور اسان کي ننڍي کنڊ جي ظلم جي تاريخ جون طويل ترين تاريڪ راتيون ڏنيون آهن ۽ اسان جي اولياء ڪرامن جي جدوجهد، پوري برصغير تان مغل امپريلزم جو بار ڪافي هلڪو ڪيو.

اڳتي هلي آءٌ پروفيسر صاحب جي الزامن کي رد ڪندي، ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس تہ (۱) مخدوم بلاول کي شهيد ڪيو ويو هو، (۲) ڪيس گهاٽي ۾ پيڙايو ويو هو، (۳) مخدوم صاحب کان پوءِ سندس تحريڪ متحرڪ ۽ زنده رهي، جيڪا نہ صرف سنڌ پر گجرات تائين پکڙي، (۴) مهدوي تحريڪ ڇا هئي، ڪٿان پيدا ٿي ۽ ان جا سنڌ تي ڪهڙا اثر پيا (۵) قاضي قاضن جو ڪردار هڪ عظيم شاعر ۽ ديس دروهيءَ جي حيثيت ۾.

جيتوٽيڪ هن ڪان اڳ ۾ عزيزم حفيظ ڏيري، محترم دادا سنڌي، امان الله راهوءَ ۽ ڪن ٻين دوستن جا مضمون (غلام رسول اڪرم جي جواب ۾) ڇپجي چڪا آهن، پر انهن ساڳين حوالن هوندي نتيجن ۽ پس منظر ۾ مون کي اٽاٽ محسوس ٿي آهي. تازو مون کي خبر پئي آهي تہ مخدوم بلاول، دريا خان ۽ شاهہ حيدر تي جيڪو مواد گجراتي تاريخ ۾ موجود آهي، سو هتي ناهي. جيتوٽيڪ آئون احمد آباد وڃڻ جي پوزيشن ۾ ناهيان، پر سنڌ جي تاريخدانن کي اهو عرض ضرور ڪندس تہ هو اهو مواد ضرور حاصل ڪن.

مون سنڌ جي مستند تاريخي ڪتابن ۽ باڪمال مؤرخن جي حوالي سان

ڳالھ واضح ڪئي آھي تہ مخدوم بلاول ارغونن جي ڪنھن بہ سازش ۾ شريڪ ڪونہ ھو ۽ نہ ئي انھن جو طرفدار ھو: ان جي ابتڙ ھو ھڪ محب وطن ۽ صوفي ھو، جنھن سنڌ ۾ خدا پرستي ۽ وطن دوستيءَ کي ھم آھنگ ڪري، غير مسلمن سان گڏجي ڏاڙين حاڪمن جو مقابلو ڪيو. جنھن جي نتيجي طور ڪيس ارغونن شھيد ڪرائي ڇڏيو. ان سلسلي ۾ ھڪ ٻيءَ شھادت جي ڪھاڻي مون کي ملي آھي، سا آھي **مخدوم جعفر بوبڪائيءَ جي قلمي بياض** جي. **روايت**، جنھن ۾ ھن لکيو آھي تہ: "آن ولي با کمال را تومي طفچہ بر بنائي حد در اشکنجہ کشيده بشھادت رسانيدند." (بياض مخدوم جعفر بوبڪائي روايت حافظ محمد بخش خاصخيلي). مخدوم جعفر بوبڪائي، مخدوم بلاول جو ھم عصر ھو ۽ وڏي پائي جو عالم ۽ بزرگ پڻ. سندس روايت ڪان وڌيڪ ٻي ڪا معتبر روايت ڏي نٿي سگھي ــ ۽ ان روايت مان نہ رڳو اھو معلوم ٿئي ٿو تہ مخدوم صاحب کي شھيد ڪيو ويو ھو، پر ڳھاڻي ۾ پيڙائي شھيد ڪيو ويو ھو. مون کي معلوم نہ آھي تہ اڪبر صاحب جو ان روايت جي باري ۾ ڪھڙو رايو ھوندو، پر مون وٽ تہ مخدوم صاحب جي شھادت جي باري ۾ اھا روايت سڀني کان مستند آھي.

ھيستائين جيڪي ڪجھ لکيو ويو آھي، اُن مان ثابت ٿيو تہ مخدوم صاحب کي شھيد ڪيو ويو ھو ۽ ھاڻي سنڌي شاعرن جي شاعريءَ جي حوالي سان اھا ڳالھ ثابت ڪندس تہ ڪيس ڳھاڻي ۾ پيڙايو ويو ھو. شاعريءَ کي رڳو ڳائڻ وڄائڻ ۽ زبان جي سونھن ۽ زيبائش جو ذريعو نہ سمجھڻ گھرجي، پر اھا پنھنجي دور جي مڪمل سماجي ۽ معاشي عنصرن جي ڪامل تاريخ ھوندي آھي. ان کري، ڏاھن جو اھو چوڻ بلڪل درست آھي تہ "ڪنھن قوم جي معاشرتي تاريخ ۽ نفسياتي رجحانن جو مطالعو تاريخي ڪتابن ذريعي نہ، پر ان جي شاعريءَ ۽ لوڪ ادب ذريعي ئي بھتر نموني کري سگھجي ٿو." اُن کان بہ اڳتي وڌندي چيو ويو آھي تہ "سچي سياسي تاريخ بہ شاعريءَ ذريعي معلوم کري سگھجي ٿي. مثال طور: نادر شاھ جي حملي کان پوءِ سنڌ جي جيڪا سياسي، سماجي، معاشي ۽ معاشرتي صورتحال ٺھي، ان جو نقشو لطيف سائينءَ جي ھينئين ٻن ستن ۾ جھڙيءَ ريت چيو ويو آھي، اھڙو نقشو ڪنھن بہ

تاريخي ڪتاب مان برآمد ڪري نہ ٿو سگھجي:

نہ سي وڻندڙ وٽن ۾، نہ سي ڪاتارين،
پسيو بازارين، هينڙو مُون لوڙ ٿئي.

يا ميرن جي دؤر جي سماجي ۽ مذهبي حيثيت جي جيڪا اُپتار، سچل جي شاعريءَ ۾ ٽيل آهي، ۽ جيڪي نتيجا ان شاعريءَ مان ڪڍي سگھجن ٿا، سي نام نهاد مؤرخن جي ڪتابن مان ظاهر نہ ٿا ٿي سگھن. انهيءَ ڪري، آئون مخدوم صاحب جي گهاڻي ۾ پيڙجڻ واري تاريخي حقيقت کي شاعريءَ ذريعي نروار ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان.

ان سلسلي ۾ سڀ کان پهرين هڪ سنڌي شاعر "مشتاق متعلوي" مخدوم صاحب جي شهادت تي فارسيءَ ۾ مرثيو لکيو، جيڪو سنڌ جي ممتاز تاريخدان، مولانا دين محمد وفائيءَ، پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "تذڪره مشاهير سنڌ" ۾ نقل ڪيو آهي:

مرثيو: شهنشا باغبان مخدوم مُشفق

غريقِ بَحرِ عرفان پائي تا فرق
بلال ابن الحسن سلطان سمه
بتائيداتِ سبحاني موافق
چو بحرش ماذويت موهوب
نحوده اش قتل قومِ چغده ناحق
شده چغده چو چغدال ويران
وَهُوَ حَني مَعَ شُهداءِ بُرزَق
بغره ماه عاشوره مڪرم
شهادت سَدُ نصيشن قدرتِ حق
چو پُر سيدم زهاتف وصف سالش
جوابم داد خوش دان خاصئہ حق
اگر جوءِ تاريخ و صالش بجواز
به الفاظ خوش آن خاصئہ حق

ازان منظوم شد تاريخ مذكوره
كه آرد ذكرِ صالح رحمتِ حق ـ!

(بياضِ مشتاق متعلوي، قلمي، صفحو، 66)

انهيءَ مرثئي تي پروفيسر اكرم اهو اعتراض كيو آهي ته ان مان تاريخ ونات ابجد جي حساب سان 902 هجري نكري ٿي، جيكا غلط آهي، چو ته مخدوم صاحب جي وفات 929 هجري يا 932 هجريءَ ۾ ٿي آهي، انكري اهو مرثيو غلط آهي ۽ مخدوم صاحب كي شهيد كيو ئي نه ويو آهي. دين محمد وفائيءَ جي كتاب تي حاشيو لكندي، پير حسام الدين راشدي اهو اعتراف كيو آهي ته انهيءَ لفظ مان مخدوم صاحب جي شهادت جي تاريخ نه ٿي نكري، پر سمجهجي ٿو ته اتي شاعر لفظن ۾ "معمو" اختيار كيو آهي، جيكو عام ابجد جي قاعدي جي اُبتڙ هوندو آهي. پر آءٌ هتي اهو عرض كرڻ ٿو چاهيان ته فرض كريو، هكڙو ماڻهو هك واقعو بيان كري ٿو، جيكو هن جو اكين ڏٺل يا اهڙو ٻڌل هجي، جهڙو اكين ڏٺل، پر ان جو سن هن كان وسري وڃي يا جنهن فن جي ذريعي هو اهو سن كيڻ چاهي ٿو، جنهن ۾ هن كي مهارت ناهي ته اسان اهو ته چئي سگهون ٿا ته هو اُن فن ۾ كچو آهي، پر اهو ته نٿا چئي سگهون ته هو كوڙو به آهي.

آءٌ هتي ان سلسلي ۾ هك مثال ڏيندس ته كجهه وقت اڳ ۾ سنڌ جي هكڙي اديب ۽ ايڊيٽر سردار قريشيءَ هك كالم لكيو هو، جنهن ۾ لكيو هئائين ته "جن ڏينهن ۾ علامه آءِ. آءِ. قاضي خودكشي كئي، تن ڏينهن ۾ هلال پاكستان كراچيءَ مان نكرندي هُئي ۽ سراج اُن جو ايڊيٽر هو، آءٌ پڻ اخبار ۾ نوكري كندو هُئس. سراج ان موقعي تي ايڊيٽوريل لكيو هو، جنهن جو عنوان هو "دريا توتي ٿو دانهن، ڏيندس ڏينهن قيام جي." هتي ظاهر ڪاڻ آهي ته "هلال پاكستان" كراچيءَ مان 1972ع ۾ سراج جي ادارت ۾ نكرڻ شروع ٿي، جڏهن ته علامه صاحب اپريل 1967ع ۾ حقيقي وصال ماڻيو. هاڻي كالم نگار جي حافظي جي كمزوريءَ جي آڌار تي سياڻي كو اكرم صاحب جهڙو دانشور اهو اعتراض وارد كري ته سردار قريشيءَ هينئن لكيو آهي، ان كري علامه موصوف جي آپگهات وارو واقعو ئي غلط آهي. يقيناً سراج اهو ايڊيٽوريل لكيو هوندو ۽ سردار صاحب به اخبار ۾ كم كندو هوندو، پر اهو

علامہ صاحب جي ورسيءَ جي ڪنهن موقعي تي لکيو ويو هوندو. سن جي هيڏي تضاد جي هوندي به ٻئي واقعا پنهنجي پنهنجيءَ جاءِ تي صحيح آهن: ان ڪري رڳو سن جي غلطيءَ کي بنياد بنائي هيڏي ساري تاريخي واقعي کان انڪار ڪرڻ سواءِ ضد جي ٻيو ڪجھ ناهي. اهڙي ضد کي بنياد بنائي تاريخ تي قلم کڻڻ تاريخ سان زنا باالجبر جي مترادف آهي.

ٻيو: ڪلهوڙن جي آخري ۽ ميرن جي دور جي شاعر سچل سرمست جي ڪافي آهي:

جيءُ آئين، ٻلي آئين تون،
ڪنهن منزل مون پهچائين تون،
ٽو موتي سر وڌائين تون!

سرمد کي ڏيئي لت کهايئي، سُوريءَ تي منصور چڙهايئي،
شيخ عطار جو سر وڌايئي، هاڻي هيڏي پنڌ پُڄائين تون!

ذڪريا ساڻ ڪرڻ چيرايئي، يوسف منجھ ڪوھ وڃايئي،
شمس مُلن جي هٿنون مارايئي، عاشق ٽو آزمائين تون!

جٽيو ڪفر صنعان وڃايئي، بلي شاه کي ذبح ڪرايئي،
جعفر کي دريا ٻوڙايئي، تن کي پار لنگهائين تون!

گهاٽي ۾ بلاول پيڙايئي، عنايت ميدان مارايئي،
ڪَرمل کي هن حڪم هِلايئي، ڦيروءَ ڪنڌ ڪپائين تون!

قاسم دُرن ساڻ ستايئي، موسيٰ کي بي سهاڳ وٺايئي،
اڪيداس تعذير ڏواييئي، سو اڄ ساڳيو آهين تون!

"سچو" سندءِ پنڌ پڇائي، گهوريو پنهنجو سر گهمائي،
نينهن واري ڳالھ ڳالهائي، عاشق ٽي فرمائين تون!

(رسالو سچل سرمست متفرقات ڪافي 9 - ترتيب عثمان علي انصاري ص (332)، ڇپائيندڙ سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو، سن اشاعت 1978ع).

سچل جي انهيءَ ڪافيءَ تي، اڪرم صاحب اعتراض ڪيو آهي تہ اهو غلط آهي، ڇو تہ انهيءَ ڪلام ۾ هڪ ست آهي تہ "بلي شاھ کي ذبح ڪرايئي"، جڏهن تہ بلا شاھ پنهنجي طبعي موت مئو هو، انهيءَ ڪري سچل

جي شاعريءَ مان مخدوم صاحب جي گهاڻي ۾ پيڙائڻ وارو ثبوت به غلط ٿيو. انهيءَ کي چئبو آهي "جيڪڏهن دنيا گول آهي ته ٽنڈو الهيار حيدرآباد کان ست ڪوهه آهي." آءٌ اعتراف ٿو ڪريان ته مون بُلا شاهه بابت گهٽ پڙهيو آهي، پر اهو مشهور آهي ته سندس عضوه مخصوص تعذير طور وڍيو ويو هو. فرض ٿا ڪريون ته بُلا شاهه کي کابه تعذير کانه ملي، ته چا انهيءَ هڪڙي واقعي جي غلط هجڻ ڪري، سرمد ۽ شاهه عنايت جي شهادت به نه ٿي هئي ۽ انهن کي به نه ماريو ويو هو. ٿي سگهي ٿو ته اڪرم صاحب چوي ته انهن واقعن جو ثبوت ٻين تاريخي ڪتابن ۾ موجود آهي، ان ڪري اسان انهن شهادتن ۽ ثبوتن جي آڏار تي انهن واقعن کي سچو سمجهندا سون، نه سچل جي شعر جي ڪري. انهيءَ ساڳئي دليل جي روشنيءَ ۾ آءٌ اهو چوندس ته مخدوم صاحب جي شهادت ۽ گهاڻي ۾ پيڙجڻ جو ذڪر به ٻين ڪتابن ۽ شاعرن وٽ به موجود آهي، ان ڪري سچل صحيح لکيو آهي.

ٽيون: صوفي شاعر رڪيل شاهه جي ڪافيءَ ۾ چيو ويو آهي:

صابر جي تن لڳو ڪيڙو، ذڪريا سچو ڪرڻ سان چيريو،
بلاول منجهه گهاڻي پيڙيو، وَهن تنهنجي ناز جون ناليون،
چڏي ڏي ملڪ دُنيا کي، ويهي ٻُڌ عشق جون ڳالهيون ــ!

مون کي خبر ناهي ته صوفي رڪيل شاهه جي هن ڪلام جي باري ۾ اڪرم صاحب جي ڪهڙي راءِ هوندي؟

پروفيسر اڪرم صاحب جو وڏو اعتراض اهو آهي ته مخدوم صاحب جي دور ۾ جيڪي ڪتاب لکيا ويا آهن، تن ۾ مخدوم صاحب جي شهادت جو ڪوبه ذڪر نه آهي، جڏهن ته انهن ڪتابن ۾ فقط ڪرامتون درج ٿيل آهن. جيڪڏهن سندس وجود مسعود سان ڪو اهڙو هاڃو ٿئي ها ته اهو ضرور ضبطِ تحرير ۾ اچي ها.

انهيءَ سلسلي ۾ آءٌ صرف ايترو عرض ڪندس ته انهن ڪتابن جو موضوع، تاريخ ۽ سياست ناهي، پر صرف ذڪر اذڪار، وظيفا، دعائون ۽ ڪرامتون بيان ٿيل آهن. جيئن ته انهن ڪتابن ۾ نه ارغونن جي حملن جو ذڪر ٿيل آهي ۽ نه ئي دريا خان ۽ سندس پٽن جي جنگين ۽شهادتن جو ذڪر آهي، ان ڪري انهن ڪتابن ۾ اهڙين ڳالهين جي ڳولا اجائي آهي. انهن ڪتابن کي

بنياد بنائي، ان دور جي سياسي واقعن ۽ رتوڇاڻ تي ڪا راءِ قائم ڪري نه ٿي سگهجي. ان جو مثال آءٌ هيٺن ڏيندس ته برصغير جو هڪ وڏو عالم ۽ آزاديءَ جو مجاهد حضرت شيخ الهند محمود الحسن ڪيترائي سال "مالٽا" جي جيل ۾ رهيو هو. هاڻ جيڪڏهن ڪو ماڻهو اهو چوي ته شيخ الهند "مالٽا" ۾ رهيو ئي ڪونه، چو ته سندس هڪ شاگرد مولانا اشرف علي ٿانويءَ به مشهور ڪتاب لکيا آهن: "بهشتي زيور" ۽ "اعمال قرآني:" انهن ٻنهي ڪتابن ۾ سندس پياري استاد جي قيد واري زندگيءَ جو ڪوبه احوال ڪونه آيل آهي، صرف مولانا حسين احمد مدنيءَ پنهنجو سياسي قد ڪاٺ وڌائڻ لاءِ "اسير مالٽا" نالي ڪتاب لکيو. ظاهر ڳالهه آهي ته "بهشتي زيور" ۽ "اعمال قرآني"، جن موضوعن تي لکيا ويا آهن، تن ۾ڪنهن سياسي ۽قومي واقعي جو اڇٽ ائين آهي، جيئن "داس ڪيپيٽال" مان گدري کي مٺي ڪرڻ جي ڪا دُعا ڳولڻ ـ !•

• پروفيسر غلام رسول اڪرم جي جواب ۾ هن مضمون جون روزاني 'جاڳو' ۾ ٽي قسطون 31 جولاءِ، 19 آڪٽوبر ۽ 21 آڪٽوبر 1993ع تي ڇپيون ۽ ڇوٿين قسط ڇپڻ لاءِ موڪلي وئي، جيڪا اداري وارن ڪان گم ٿي وئي، نقل موجود نه هئڻ ڪري اها قسط ڪتاب ۾ شامل نه ٿي ڪري سگهجي.

مخدوم بلاول جون صديون

اڄوڪي دؤر ۾ جيتوڻيڪ سائنسي علم جي ترقيءَ، تحقيق ۽ تنقيد جي اعليٰ معيارن، ميڊيا جي طاقت ۽ وسعت، حقيقت جي رُخ تان ڪيئي پردا کڻي، اُن کي بي نقاب ڪري ڇڏيو آهي: پر پنڌتي پيل ملڪن ۽ محڪوم قومن جي ذهنن ۽ ضميرن کي زنگيل رکڻ لاءِ اڄ به ڪيترا علمي وڏيرا ۽ حاڪمن جا حاجب موجود آهن. اهڙن ئي علمي وڏيرن ۽ حاڪمن جي حاجبن، عجيب ۽ غريب منطق ۽ فلسفا ايجاد ڪري، اسان جي قومي هيرن جي ڪردار ڪُشي شروع ڪئي آهي. اها ڪردار ڪُشي رڳو اُن لاءِ ڪئي وڃي ٿي ته اسان جي قوم، جيڪو آزاديءَ وارو سفر شروع ڪري رهي آهي، اُن کي اُن سفر دوران، عمل لاءِ مثالي وجود نه ملي سگهي: ڇو ته انسان هميشه مثالي ڪردار جي پوئواري ۽ مجسم وجود جي پوڄا ڪندو رهيو آهي ۽ هن جي دل جي گرمائش، ڪنهن مجسم وجود ۽ مثال کي ڏسي وڌندي آهي.

اهو ئي سبب آهي، جو علمي وڏيرن ۽ حاڪمن جي حاجبن پاران سنڌ جي عظيم ۽ لافاني ڪردار، مخدوم بلاول شهيد جي شخصيت جي ڪردار ڪُشي ٿيندي رهي آهي. پر اسان جڏهن هن عظيم شخصيت جي ڪردار کي ڏسون ٿا ته اُهو نه رڳو پنهنجيءَ قربانيءَ ۾ تاريخ اندر بي مثال آهي، پر پنهنجي تاريخ ساز تحريڪ ۾ به لافاني آهي.

1520ع ۾ ارغون غاصبن، قاضي قاضن ۽ مرينا ماڇياڻيءَ پارن غدار ڪردارن جي سازش سبب ٺٽي جي رابيل جي ڪُلن جهڙن ماڻهن جي چپن تي آخري مُرڪ برقرار رکڻ لاءِ دولهه دريا خان، ٺٽي جي چائنٽ تي پنهنجو اهو ڪنڊ ڪپايو هو، جنهن جي ڪُلهن تي نه رڳو موٽڻ خان ۽ محمود ڪيڏيا هنا، پر اُن ۾ ڪڏهن همونءَ جي ڪڪوريل گولاڙن جهڙين ٻانهن جا هار به پيا هوندا.

اُنهيءَ سال کان "**مخدوم بلاول جي صدين**" جي شروعات ٿئي ٿي، ۽ اُهي صديون، 1736ع ۾ جڏهن نٽي مان آخري مغل گورنر نڪري ٿو، پوريون ٽيهن ٽيون. اهي به صديون، جيڪي "**بلالي صديون**" آهن، اهي مخدوم بلاول جي تاريخ ۽ تحريڪ جي اوج ۽ عروج جون صديون آهن ۽ سنڌ ۾ تحرڪ ۽ تحريڪ جون صديون آهن. انهن صدين ۾ سنڌ، کيئي نشيب ۽ فراز ڏٺا ۽ڪيترا پيرا ڪري ۽ وري همت ۽ حوصلي سان اڳتي وڌي.

مون کي الائجي ڇو اهو محسوس ٿيندو آهي ته سنڌي قوم، پٽائيءَ کان اڳ تصوريت کان وڌيڪ عملي قوم رهي آهي، ڇو ته موهن جي ڏڙي جي هيڙيءَ کان وٺي، نٽي جي لونگيءَ تائين سنڌي قوم جيڪي ڪجهه ڪيو آهي، عملي طرح ڪيو آهي. اُن معاملي ۾ سنڌي قوم، يونان کان به اڳتي رهي آهي، ڇو ته يوناني تصوريت پسند وڌيڪ هٿا ۽ عملي صرف اصنام گريءَ ۾ هٿا. جيتوٽيڪ سنڌ، راجستان سميت اڳتي هلي سنگتراشيءَ ۾ پنهنجي عمليت پسنديءَ جو اهڙو ثبوت ڏنو آهي، جو يونان جي ديوتائن جا مجسما، هام نندي جي مقبري ۽ جيسلمير جي عمارتن جي سنگتراشيءَ آڏو هيچ نظر اچن ٿا. اها ئي عمليت پسندي اسان کي "بلاولي صدين" ۾ وطن جي آزاديءَ واريءَ ويڙهه ۾ مجسم صورت ۾ نظر اچي ٿي ـ ۽ اسان جو هيءُ ديس، جيڪو اڄ اوهان کي هيٺو ۽ موڳن ماڻهن جو پڙپانگ پوئو نظر اچي ٿو، اُن ۾ انهن صدين، زندگيءَ کي خوبصورت بنائڻ لاءِ ،مارُن جي من ۾ موت سان لاتئن لهڻ جي محبت پري هٿي ۽ شاهبندر کان ملتان تائين ۽ سبيءَ کان ڪڇ تائين، سنڌي ماڻهن جا مولهيا رت هاڻا نظر اچن ٿا. کنهن به اهڙي ڏينهن، پهر ۽ پلَ، تاريخ جي صفحن ۾ سنڌي ماڻهن جي آزاديءَ کان غفلت جو نقش ناهي ڪڍيو. انهن ئي صدين ۾ اسان جي عبادتن، دعائن، وطن پرستيءَ، رومانوي گيتن، تلوارن جي جهنڪارن ۽ احساسن ۾ هڪ قسم جو حقيقي وحدت الوجود پيدا ٿيو هو، جنهن مذهبي هم آهنگيءَ جي باوجود حاڪم ۽ محڪوم جي وچ ۾ مغائرت جي شاندار ديوار کڙي ڪئي. مخدوم صاحب جي ذڪر جو لافاني نغمو ۽ رٽمل سوڍي جو رنگين جاپ، سنڌ جي وجود جي بقا جو انڊلڻي جهندو بنجي ويا. ساڳئي وقت مخدوم صاحب ۽ شاهبيگ ارغون جو ساڳيو ڪلمو ۽ ساڳيون نمازون،

حاڪم ۽ محڪوم، جابر ۽ وطن پرست جي وچ ۾ هر آهنگي پيدا ڪرڻ بدران ويڪاٽپ جي برلن ديوار بنجي ويون هيون. اهڙيءَ ريت، ڌرتيءَ، ٻوليءَ ۽ تهذيب جي يڪسانيت، مذهب، ڪلمي ۽ نماز جي يڪسانيت تي غلبو حاصل ڪري ورتو. سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون پيرو ڌرتيءَ جي محبت لاءِ موت، مذهب جي توسيعي صورت تي برتري حاصل ڪري ورتي. اها ڌرتيءَ سان چهتيل رهڻ ۽ ان سان ائٽن محبت ڪرڻ واري روايت، جيئن سياري جي رات ۾ ٻار ماءُ جي ڪوسيءَ ڪک سان چهتي ۽ چنبڙي پوندو آهي، انهيءَ صديءَ جي دين (contribution) آهي.

ڪيئي انسان، زندگيءَ جي حقير خواهشن جي تڪميل جي تمنا ۾ موت کان اُجايل هڻڻ وانگر پڇندا آهن ۽ موت کين گمنامي، جي ذلتن جي اونهين کاهين ۾ اُڇلائي ڇڏيندو آهي؛ پر ڪي ماڻهو حياتيءَ جي اعليٰ ۽ شاندار آدرشن ۽ پنهنجيءَ قوم جي زندگيءَ لاءِ اهڙي زندگي، جيڪا آزاد ۽ سوياري هجي، جيڪا محبتن ۽ ميلاپن جو ميگهه ملهار هجي، چانڊوڪين جي چُمين ۽ چاهتن جو سنگم هجي، جنهن ۾ عزتن ۽ عظمتن جا ڪٽهار ڪڙندا هجن، جنهن ۾ پنهنجائپ ۽ پريت جي پيغامن جا ڪبوتر اُڏامندا رهن، موت سان محبت ڪندا آهن. پوءِ اهڙن ماڻهن جو موت، انساني تاريخ جي تاريڪ دور ۾ چوڏهينءَ جو چنڊ ٿي پوندو آهي. اهڙي ئي تصور واريون آهن اُهي صديون، جن کي آءٌ "**ٻلاولي صديون**" سڏيان ٿو: جن ۾ هن ديس جي ڌرتي، جهونگاريندي، للڪاريندي، ڳائيندي، روئندي، ٽڙندي، ٽاپڙندي، ڌُکندي ۽ رقص ڪندي رهي آهي. ڌرتيءَ جي وطن واري حيثيت، اُن جي سرفروش ۽ اڏول انسانن جي جدوجهد، اُن جي شاعرن ۽ دانشورن جي گهري سوچ، پورهيتن ۽ هنرمندن جي مهارت ۽ نفاست پسنديءَ جي مرهون منت هوندي آهي.

اهي ئي صديون آهن، جن ۾ رڻمل سوڍي جي تلوار، گمنام شاعر جي شعر، ڪنهن ڪنواري هَٿ جي پرت ۽ ڪنهن مولهئي ٻڌل هاريءَ جي ڪوڙ، سنڌ کي "نظرين" کان بالاتر "ملڪ" جي حيثيت ڏني. انهن ئي شين جي ذريعي کو مُلڪ پنهنجي اعليٰ يا ادنيٰ حيثيت، عالمي سطح تي متعين ڪرائيندو آهي. اهي به صديون ئي آهن، جن ۾ سنڌ پنهنجي اها حيثيت ننڍي

کنڊ ۾ متعين ۽ مقرر ڪرائي سگهي. پر، ان ۾ ٽورڙو اضافو هيءُ ڪري سگهجي ٿو ته انهيءَ عرصي ۾ سنڌين جي سرفروشيءَ واري جدوجهد ۽ سنڌ جي آزاديءَ وارو فلسفو، ٻين سڀني تخليقي صلاحيتن کان مٿانهون نظر اچي ٿو. ايئن لڳي پيو، جڏ انهيءَ عرصي دوران سنڌ جي شاعرن، اديبن، صوفين، هارين، ڪاريگرن ۽ پرت پرينڊڙ هٿن، پنهنجا سڀ فن ۽ هنر، آزاديءَ واري جدوجهد جي تابع ڪري ڇڏيا هئا. لڳي ايئن پيو ته ان دور ۾ زندگيءَ جي مفهوم کي آزاديءَ جي تصور ۽ ساڀيا ۾ تبديل ڪيو ويو هو، جو ته آزاديءَ کان سواءِ زندگي بي معنيٰ، عبادتون رائيگان، تپسيائون تڃ، سجدا بي معنيٰ ۽ منتر مذموم آهن. ان زماني ۾ انفرادي زندگيءَ کي قومي ۽ اجتماعي زندگيءَ جو حصو بنائي، زندگيءَ جي تسلسل ۽ جنم جنم جي زندگيءَ جو عملي روپ ڏنو ويو هو. نه رڳو ايترو، پر اُن وقت زندگيءَ جي دائميت ۽ ابديت جو لافاني نغمو تخليق ڪيو ويو هو. اهو ئي سبب آهي، جو سائين جي. ايم. سيد، جمن دربدر جي هن شعر:

وٺي هر هر جنم وربو، منا مهراڻ ۾ ملبو
ختم اونداهه ٿي ويندي، ڇٽيءَ چانڊاڻ ۾ ملبو!

کي پنهنجي زندگيءَ جو منشور بنائي ڇڏيو هو. اهو سڀ اُن دور جي عملي تاريخ جو فلسفياڻو روپ آهي. زندگيءَ جو هڪ تصور مادي آهي، جنهن جي تصوير ڪشي، اقبال هن ريت ڪئي آهي:

زندگي کيا هے عناصر کا ترتيب و ظهور
اور موت کيا هے ان عناصر کا بکهر جانا.

پر اسان جي محب وطن بزرگن، زندگيءَ جي مادي تصور کي رد ڪندي، زندگيءَ جو روحاني تصور ڏنو، جنهن ۾ اها وکرندي نه آهي، پر عناصر جي ترتيب سان خوبصورت، تابناڪ ۽ مترنم بنجي ويندي آهي. اُن جا جُزا مادي عناصر نه آهن، پر ان جي مادي عنصرن جون خصوصيتون آهن. باهه جي حرارت، متيءَ جي خوشبوءِ، هوا جو گيت ۽ پاڻيءَ جي رواني، تسلسل، ٿهڪ ۽ ڪوڙهاڻ، جڏهن هڪ هنڌ گڏبا آهن ته زندگي بامعنيٰ، پر مسرت، محبت سان پرپور، پيار جا گيت، ڪنول جي گُلن جي مُرڪ، سنڌوءَ جي رواني، دلڪشي ۽ ٿهڪ جي گونجار بڻجي

ويندي آهي ـ ۽ اهڙي زندگي، موت کي به مادي معنيٰ کان مٿي کڻي، روحاني معنيٰ ۽ مقصد بخشي چڏيندي آهي، جيڪو وصال جي تڑپ ۽ تلاش ۾ هڪ چهري جي مُرڪ جي لذت کي پاڻ ۾ جذب ڪرڻ لاءِ جنم جنم تائين پٽڪندو رهندو آهي.

آءٌ، سنڌ جي هڪ شاندار ۽ تاريخي ڪردار کي شاعراڻي ٻوليءَ ۾ ڪٽي ويو آهيان، اها منهنجي مجبوري سمجهي وڃي، چاکاڻ ته آءٌ ڪم جون ڳالهيون به حُسن ۽ عشق جي انداز ۾ چئي ويندو آهيان.

مون کي هتي به ڳالهيون واضح ڪرڻيون آهن:

(۱) مخدوم صاحب جي صدين ۾ هڪ ڳالهه جيڪا ٿي، سا هڪي سنڌين جي عظيم جدوجهد، جيڪا سنڌ جي هر قبيلي ڪئي. آءٌ سنڌ جي قابل احترام مؤرخ ايم. ايڇ. پنهور سان اختلاف ٿو ڪريان ته ارغون دور ۾ سنڌ ۾ صرف سميجا وڙهيا. هُن اهو شايد اُن ڪري چيو آهي، جو سندس مطالعي جو دارومدار مغلن ۽ انگريزن جون تاريخون آهن، پر مُنهنجي مطالعي جون حدون، سنڌي ماڻهن جون دليون آهن. هي اهو ئي دور آهي، جنهن ۾ سنڌ جا سمورا قبيلا، پوءِ اُهي بلوچن هجن يا سمات، وڙهندا رهيا آهن. هتي انهن قبيلن جا نالا ڳڻائڻ طوالت جو ڪارڻ بڻبا، اُن ڪري آءٌ فقط ڪجهه ذاتين جي خصوصي نشاندهي ڪريان ٿو، جهڙوڪ: شورا، نومڑيا، دل، ساند، ڪاڪيپوتا، لاکير، انڑ، آريسر، سما، سهتا، ٻُگهيا، نوحاڻي، منگواڻا، چانڊيا، هُوسڑا ملاح، مُهاڻا، سوڍا، راجپوت ۽ ٻيون انيڪ ذاتيون، سنڌ جي آزاديءَ لاءِ اِن دور ۾ وڙهيون آهن.

(۲) ٻيو نقطو ـ ته هي اهو ئي دور آهي، جنهن ۾ ڪچ ۽ سنڌ جا لاڳاپا مضبوط ڪان مضبوط ٿيا. همايون ۽ شاهه حسن جي ڪشمڪش دوران ڪَچ، سنڌ جي آزاديءَ لاءِ ڀرپور مدد ڪئي ۽ لکين سنڌي عوام کي ڪچ جي سرزمين تاريخ جي آخري دور ۾ مرحبا ڪئي. ڪچ مان ارغونن خلاف گوريلا جنگ شروع ٿي. ڪچ جي حڪمران، راءِ ڪنگهار، ارغونن کي للڪاريو. اهو سڀ ڪجهه اُن ڪري ئي ٿيو، جو مخدوم بلاول پنهنجيءَ زندگيءَ ۾ ئي پنهنجي سڀ ڪان وڏي ۽ اهم خليفي، وقت جي عظيم محب وطن ۽ باغيرت انسان، شاهه حيدر سنائيءَ کي حڪم ڏنو ته "تون ڪچ لڏي وڃ!" ـ ۽ آءٌ تاريخ جي نتيجن جي روشنيءَ ۾ ڏسان ٿو ته ارغون ۽ ڪچ ڪشمڪش ۾ شاهه

حيدر سنائيءَ جو اُهو ڪردار، سڀ کان اهم هو. ڪڇ طرفان ارغونن کي مسلسل شڪستون، شاهه حيدر سنائيءَ جي حڪمت عمليءَ، جوش ۽ جنون جي ئي مرهون منت آهن. اِهو تاريخ جو آخري دور آهي، جنهن ۾ ڪڇ، سنڌي ماڻهن لاءِ پنهنجو پاڻ کولي ڇڏيو هو ــ ۽ اهو اُن پرجوش مجاهد آزادي شاهه حيدر سنائيءَ جي جاکوڙ جو نتيجو هو، جو راءِ ڪنگهار، ارغون تسلط لاءِ زهر بنجي ويو هو.

1520ع کان 1736ع واريون ٻه صديون، سنڌ جي تاريخ جون هي اهم صديون، سرڪاري محققن جي تحقيق جي روشنيءَ ۾ صبح ڪاذب جي اٽپوري روشنيءَ جون علامتون آهن ۽ هن وقت اسان جي سامهون سڀ ڏنڊليون ٽي چڪيون آهن: پر اسان انهن صدين ۾ پنهنجن شهيدن جي رت جي روشني، "صبح صادق" جي سچائيءَ جي روشني، شاندار، باوقار ۽ فتحمند ڏٺي آهي. ڇا هر فتح دلڪش هوندي آهي ۽ هر شڪست ذلت آميز هوندي آهي؟ ائين نه آهي. مون کي اسان جي شڪستن سان ٻه پيار آهي، ڇو ته انهن شڪستن ۾ منهنجن پيارن جو رت شامل آهي. سنڌ جي انهن تاريخي شڪستن سان مون کي پيار آهي، ڇو ته اُهي اهڙيون نه آهن، جن دوران اسان بنا جدوجهد جي سرينڈر ڪيو (سر جهڪايو) هجي. اسان جي انهن ئي شڪستن، اسان جي جدوجهد جو اڻ کٽ سلسلو شروع ڪيو آهي. ٽي سگهي ٿو ته اڄتي هلي ڪوئي ماڻهو مُون کان سوال پڇي ته "تون اُن ماڻهوءَ جو پوئلڳ آهين، جنهن جي لاءِ تو پاڪستان جي سڀ کان وڏي عهديدار کي چيو هو ته هتي ٻه درياهه وهندا آهن: هڪ سنڌو درياهه ۽ ٻيو سيد درياهه ــ سنڌو درياهه زمين کي سيراب ڪندو آهي ۽ سيد دلين کي سيراب ڪندو آهي ــ پر اڄ ڪجهه قوتون انهن ٻنهي درياهن کان انڪار ڪن ٿيون!"

ان سڀ جي باري ۾ دل چاهي ٿي ته آءٌ ڪجهه ڪِلان، ڪُجهه مسڪرايان ۽ تاريخ جي ڏاڻڻ جي مُنهن تي پرپور چمات هڻان.

سنڌ جي تاريخ جون اُهي ڪجهه صديون، جيڪي اسان جي گُمراهيءَ جون علامتون بنجي ويون، اُنهن کي اسان جي شهيدن جي رت جي روشنيءَ، صبح صادق جي روشني بخشي ڇڏي. اُهي روشن صديون، اهڙيون ته دلڪش آهن، جيڪي سنڌو ديش جي باک ڦٽيءَ جون دائمي صديون آهن. اڄ کي شخص

سنڌو ديش جي معاملي ۾ جي. ايم. سيد سان اختلاف رکن ٿا ۽ پاڻ کي ذهين سمجهن ٿا. ۽ اُهي "بلالي صدين" جون انڪار ڪن ٿا: پر برصغير جي هن مها ساگر (جي. ايم. سيد) جو چوڻ هو ته 'ڪڏهن ڪڏهن ذهانتون، انهن سان لاڳاپيل ماڻهن لاءِ ذلالتون ٿي پونديون آهن'.

انهن صدين ۾ مخدوم بلاول جي هڏن جي ٽڪاڻ جي ابدي ۽ ازلي موسيقي شامل آهي. راءِ ڏياچ ته ڪينر جي صدا تي سر ڪٽايو هو، پر مخدوم بلاول پنهنجن هڏن جي ٽڪاڻ جي موسيقي مُرڪندي ٻُڌي، پنهنجي زندگيءَ کي سنڌ جي جاگرافيءَ جهڙو حسين ۽ خُدا جي خدائيءَ جو هم عمر بنائي ڇڏيو هو.

اسان انهن صدين جا وارث آهيون، جن ۾ هڪ طرف ظالمن، غاصبن، حملي آورن ۽ لُٽيرن طرفان جبر جون باهيون ۽ ذلالتون، اپ جي اُفق کي ڇُهي رهيون آهن ته ٻئي طرف محب وطن سنڌين جون دليون، حُبِ وطن سان ميگهه ملهار وانگر سرشار ۽ بهادريءَ ۾ پهاڻن جون بلنديون اورانگهيندي نظر اچن ٿيون. انهن صدين ۾ اسان جي بهادريءَ ۽ ڏرتيءَ سان محبت، عجيب انوکي وطن پرستيءَ سان ٽمٽار ڪيڏارا ۽ رومانوي داستان جنم ڏنا. هنن صدين ۾ مخدوم ساهڙ جا طويل سجدا ۽ شيخ پرکئي جون سنڌ جي آزاديءَ لاءِ رسولِ خُدا جي دربار ۾ درخواستون ملن ٿيون.

اسان کي اها خواهش دامنگير نه آهي ته اخبارن ۾ اسان جا رنگين فوٽو روز چپجن، پر اسان جي اها خواهش ضرور آهي ته سنڌ جي اُفق تي آزاديءَ ۽ امن جون رنگين ۽ روشن انڊلنون ۽ ڪهڪشائون ڦٽن: پوءِ پلي اُن ۾ اسان جو رت ۽ سنڌي وَنين جون ڪُنواريون مرڪون شامل هجن. ڪي انسان آهن، جيڪي عياشين ۽ شُهرتن تي آدرشن جا رشتا قربان ڪندا آهن، پر اسان آدرشن تي پنهنجون محبتون ۽ سياسي وفادارين تي پنهنجا عشق قربان ڪيا آهن. پاڪستان جي فوجين مون کي هڪ پيروچيو هو ته "اسان توکي درست ٽيڻ جو موقعو ڏئي رهيا آهيون." پر مون کين جواب ڏنو هو ته "توهان جي موقعي مان نه آءٌ درست ٽيو آهيان، نه سنڌ درست ٽي آهي ۽ نه توهان دوست ٽيا آهيو. آءٌ ته خدا کان به درست ٽيڻ جا موقعا گهرندس، پر انهيءَ "درستيءَ" جو مطلب چا آهي؟

(12 جنوري 1994ع تي باغبان ۾ مخدوم بلاول جي ورسيءَ تي ٻڌايل پيپر)

بلاولي تحريڪ جو تسلسل

ارغونن ۽ مغلن جي زماني ۾، سنڌين جي ويڑهه جي هڪ حڪمت عملي هئي ۽ به هئي، جو جڏهن هنن ڏٺو ته سندن رهيل سهيل قوت به مغليہ قهر جي ڪري تباهيءَ جي ڪناري تي اچي پهتي آهي ته اُن وقت هنن هڪدم هيناهينءَ وارو رستو اختيار ڪري، معافيون وٺي، وري به ڪنهن ايندڙ جنگ جي تياري ٿي ڪئي. جيتوڻيڪ اها حڪمت عملي، وقتي طرح سندن اخلاقي شڪست هئي، پُر هنن پنهنجيءَ اُنهيءَ اخلاقي شڪست کي مادي فتح ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ هر اُپاءُ اختيار ڪيو ٿي. اُن وقت جي سنڌ جي تاريخ جي هنن مردن مٽيرن، پنهنجن پيارن جي هزارين لاشن جي پُلين تان ننڍين فتح لاءِ پنهنجا لشڪر روانا ٿي ڪيا. شڪست کاڏل سنڌين جي ڳچين ۾ جيتوڻيڪ ذلت ۽ رسوائيءَ طور پنهنجا پٽڪا پيل هوندا هئا، پر اُن وقت به سندن مادر وطن جي محبت سان ٽمٽار دلين ۾ ظالمن ۽ ڦورن جا جگر پنهنجي فولادي هٿن سان ڪڍي اڇلائڻ جا جذبا جوان هئا. اُن دور ۾ جيتوڻيڪ بيشمار سنڌي مادر وطن جي حُب ۾ قتل ٿيا، ليڪن اها به حقيقت آهي ته هنن سنڌ جي چپي چپي تي مغل سپاهين جي لاشن کي ڪُتن جو ڪاڇ بنائي ڇڏيو. مغليہ دور حڪومت ۾ سنڌين جي اها شاندار، بهادرانہ ۽ حب وطن سان معمور جنگ، دُنيا جي تاريخ ۾ پنهنجو مٿ پاڻ آهي، جيڪا بنا ڪنهن مرڪزي قيادت ۽ بنا ڪنهن بادشاهہ، حڪمران، سلطان يا جام جي اڳواٽيءَ جي وڙهي وئي هئي. اُن وقت نٽي، سيوهڻ ۽ بکر تي جيتوڻيڪ مغلن جا نواب قابض هئا، پر سرزمينِ سنڌ جا هزارن ميلن ۾ پکڙيل ميدان ۽ صحرا، درياهہ ۽ ٻيلا، ڪيٽ ۽ ترايون، ڏندون ۽ ڏورا، واهڙ ۽ وستيون، ٻهاڙ ۽ پيچرا، مادر وطن جي لاڪيٽن فرزندن جي جدوجهد ۽ جهاد جا جولان گاهہ بنيل هئا. اُنهن محاذن ۽ معرڪن ۾ ديس واسي آزاديءَ جون اَڏانون ڏيندا، وڙهندا ۽ جهيڙيندا رهيا ٿي. شڪست کائڻ ۽ شڪست ڏيڻ، مرڻ ۽ مارڻ، پيش پوڻ ۽ بغاوت ڪرڻ، ڏوڪا کائڻ ۽ ڏمرجي اُٿڻ، ملڪيتون ڦرائڻ ۽

مغلن جي لشکر، ماڻهن ۾ دلالن کي ڦري پنهنجي کوٽ پوري ڪرڻ، سنڌي عوام جو روزمره جو دستور هو. هنن جو ايمان هو ته جنگ ۾ شڪست کائڻ ذلت ناهي، پر شڪست کي تقدير جو لکيو سمجهي، راضي ٿي، حاڪمن جي ناجائز اقتدار کي هميشه لاءِ تسليم ڪري، مادر وطن تان هميشه لاءِ دستبردار ٿيڻ ئي اصلي، حقيقي ۽ دائمي ذلت آهي: جيڪا قومن کي سدائين پنهنجي ماتر پوميءَ ۾ اچوت ٿي رهڻ تي مجبور ڪندي آهي.

حسام الدين راشدي، سنڌين جي انهيءَ حڪمت عمليءَ متعلق لکي ٿو:

"خون ڪرڻ ۽ خون ٿيڻ، مارڻ ۽ مارجڻ، شڪست کائي توبهه ڪرڻ ۽ اُن بعد وري شورش برپا ڪرڻ، سميجن (سنڌين) جو رات ڏينهن جو دستور هو."

اِن عِبارت ۾پير صاحب، مير ابوالبقا جي عملن کي اعليٰ ڏيکاريندي سنڌين جي آزاديءَ جي تڙپ کي يوسف ميرڪ (مصنف: تاريخ مُظهر شاهجهاني) جي لفظن ۾ "شورش" برپا ڪرڻ لکيو آهي: پر يوسف ميرڪ کي ڪهڙي خبر ته ايندڙ وقت ۾ اَهڙيون دِليون به پيدا ٿيندیون، جيڪي اُنهن شورشين جي عظمتن جي محرابن ۾ سجدا ڪنديون، ۽ اهڙيون اکيون به هونديون، جيڪي اُنهن گسن جي مِٽيءَ کي پنهنجي لاءِ سُرمو بنائيندیون!

سنڌ ۾ ڪنهن مرڪزي حڪومت نه هڻڻ سبب، سنڌي عوام جنگ جي باقاعدي صف بنديءَ واري صورت ڇڏي، ڇڙوڇڙ جنگ ڪرڻ جو طريقو اختيار ڪيو. اهڙي قسم جي جنگ کي اسان موجوده دور جي "گوريلا جنگ" سان ڪنهن حد تائين پيٽي سگهون ٿا؛ پر گوريلا جنگ ۾ جنهن ترتيب، تنظيم ۽ منصوبي بنديءَ کي مدنظر رکيو ويندو آهي، سا ترتيب، تنظيم ۽ منصوبي بندي، منتشر جنگ ۾ نه هوندي آهي. هن جنگ جو نه هڪ هيڊ ڪوارٽر هوندو آهي، نه هڪ سربراهه، ۽ نه ئي هڪ تنظيم. مُلڪ جو هر محب وطن ماڻهو، وٽس موجود معمولي هٿيار به دشمن جي خلاف استعمال ڪرڻ جو موقعو هٿان نه وڃائيندو آهي. مُلڪ جي وسيع ايراضيءَ ۾ پکڙيل هزارين لکين ڳوٺ، انهيءَ جنگ جا مرڪز ۽ هيڊ ڪوارٽر هوندا آهن ۽ لکين عوام مان هر هڪ پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي مڪمل مورچو ۽ سپهه سالار هوندو آهي. اهڙي قسم جي جنگ، جيڪا ڇڙوڇڙ صورت ۾ لڙي ويندي آهي، سا ڪامل فتح جا

نتيجا پيدا ڪري نه ڪري سگهندي آهي، پر اُن جنگ سان حاڪم ٽولن کي آرام سان حڪومت ڪرڻ ۽ مفتوح مُلڪ جي دولت محفوظ جاين ڏانهن منتقل ڪرڻ ۾ سخت دشواريون پيش ايندیون آهن ۽ اهي ڏينهون ڏينهن وڌيڪ ڪمزور ٿيندا رهندا آهن. سنڌين به مخالف حاڪمن خلاف اهڙي ئي جنگ وڙهي. اِها سنڌي عوام جي چڑ وچڑ جنگ ئي هئي، جنهن مغل شاهيءَ کي ايترو ته ڪمزور ڪري ڇڏيو، جو اُن ڪمزوريءَ مان فائدو وٺي، نه صرف سنڌي عوام ڪلهوڙن جي دور ۾ آزادي حاصل ڪئي، پر پنجاب، بنگال، دکن ۽ ميسور جي عوام به مثل آقائيت کان پنهنجي جانِ آزاد ڪرائي ورتي. اِها آزادي اڳتي هلي جيتوڻيڪ مختصر ثابت ٿي، پوءِ به آزاديءَ جو هڪ ڏينهن، غُلاميءَ جي سؤ ساله خوشحاليءَ کان بهتر آهي: اِن ڪري اِهو چوڻ ته مغلن جي خلاف سنڌين جي چڑ وچڑ جنگ کوبه نتيجو پيدا نه ڪيو، غلط آهي.

تاريخ ۾ سنڌ ڪنهين دفعا غلام ٿي آهي ۽ ڪيترا ڀيرا سنڌي عوام انتهائي بهاديريءَ سان وڙهي، آزادي پٺي حاصل ڪئي آهي، ته ڪڏهن وري ڪنهن حڪمت عمليءَ ذريعي سنڌ جي خودمختياريءَ جو جهنڊو بُلند ٿيندو رهيو آهي. تاريخ ۾ سنڌ جي سرسبزي ۽ شادابي، بي پناهه دولت ۽ زراعت، ڏارين قومن جي حملي جو باعث رهي آهي، ۽ سنڌين ۾ ڪنهن مرڪزي قوت جو موجود نه هڻڻ، سندن غلاميءَ جو سبب ٿيندو رهيو آهي. سنڌي بنيادي طرح قبائلي نظام تحت چڑ وچڑ ڳوٺن ۾ رهندا هئا. وقتي ڪن ڳوٺن ۾ سون ميلن جو فاصلو به هوندو هو. وڏن ۽ پَڪن شهرن ۾ گڏجي نه ويهڻ جو سبب هيءُ هو ته مُلڪ زرعي هو ۽ ماڻهو مالوند هئا. اُن ڪري، جتي چراگاهه ۽ پوک لائق زمين نظر آئي، اُتي ويهي رهندا هئا. اِهي ٻئي شيون، شهري زندگيءَ جي ابتڙ هيون. اُن کان سواءِ سنڌو درياهه به گاهي ٻگاهي وهکرو بدلائي، شهرن جي تباهيءَ جو ڪارڻ ٻڌبو هو: ان ڪري، سنڌي عام طرح شهرن ۾ گهٽ ويندا هئا. شهر گهٽو ڪري سنڌو درياهه جي ڪناري، اِن ڪري آباد ڪيا ويندا هئا، جو اُتي پاڻيءَ جي سهوليت سان گڏ ٻيڙين رستي واپار ۽ اڄ وڄ ۾ آساني هئي. اِهي سبب هئا، جنهنڪري سنڌين ۾ مرڪزيت ۽ اجتماعيت پيدا ٿي نه سگهي ۽ هُو چڑ وچڑ پنهنجي جدوجهد ڪندا رهيا. اِها جدوجهد ارغونن جي اچڻ کان وٺي مغلن جي

خاتمي تائين جنهن ڏنگ ۾ رنگ سان هلندي رهي، سو بجاءِ خُود سنڌ جي تاريخ ۾ بي مثال ڪيڏارو آهي. هڪ طرف فاتح جو ظلم ۽ غارتگري پنهنجي اوج ۽ عروج تي هئي، تہ ٻئي پاسي هِن ڌرتيءَ جي ڌڻين جو جوش ۽ خروش بہ پنهنجو مٿ پاڻ هو. هيءُ دور، جيڪو اٽڪل روءِ هڪ صديءَ تي پکڙيو پيو آهي، سو سنڌين جي سنئين سڌي ۽ واضح جدوجهد جو طويل داستان آهي. هيءُ اُهو دور آهي، جنهن ۾ سنڌي قومَ پنهنجي تاريخ پاڻ ٺاهڻ جو حق، پنهنجي هٿ ۾ رکڻ لاءِ هڪ تاريخ کي جنم ڏنو. اُن تاريخ ۾ رتُ آهي، ٻاھ آهي، آزاديءَ ۽ خود مختياريءَ ماڻڻ جا جذبا آهن، بيوسيءَ ۽ ڏاربن جي طاقت تي جَڪَ آهن. ڪٽي ديس واسين ۽ ڪٽي ديس دروهين جي لاشن جا ڍير آهن. هر چؤواٽي تي ڦاسين جا ٽياس آهن، جن تي اهڙا ماڻهو زبانون ٻاهر نڪتل لٽڪيا پيا آهن، جيڪي حڪومت ۽ تخت جا حقدار هئا: جن جي سدا ملوڪ ۽ باهمت مهاندن تي موت ڪان پوءِ بہ ديس ـ دروهين لاءِ حقارت ۽ نفرت جي ڇيين سان گڏ عقابي اکين ۾ آخري ۽ دائمي فتح جي اُميد جا ڪرٽا، موتئي جي مُرڪ وانگر بکي رهيا هئا.

انهيءَ دور ۾ سنڌي محب وطن ماڻهن، سنڌ جي پوري سر زمين کي جنگي ميدانن ۽ مورچن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو. سنڌ جي سرزمين جو هڪڙو انچ بہ اهڙو نہ هو، جتي فاتحن يا مفتوحن، پر آزاديءَ لاءِ وڙهندڙن جو رتُ نہ وهيو هجي. اهو سارو دور، هن سر زمين تي آزاديءَ ۽ غُلاميءَ، موت ۽ زندگيءَ جو پيانڪ، پر روح ريجهائيندڙ ناچ جاري رهيو، جنهن ۾ جيتوٽيڪ وقتي طرح غلاميءَ ۽ موتَ جو ديوُ سوپارو ٽيندو رهيو، پر اُن ناچ ۾ آزادي ۽ زندگيءَ جي روشنيءَ جا جهَڪا ۽ جهيٽا ڪرٽا، جيڪي اُپريا، سي ئي تاريخ جي اصلي روشنيءَ ۽ سچائيءَ جا منارا آهن: جن جي بُلندي ۽ دِلڪشي وقت گذرڻ سان گڏ پائيدار ۽ دائمي ٽيندي ويندي. انهن کي وقت جي ڪابہ لهر ۽ ڪوبہ لوڏو، متائي ۽ ميساري نٿو سگهي. اهڙن محب وطن ماڻهن جا جيتوٽڪ زمين تي يادگار نہ بہ ٿهن، پر وقت جي دز هٿ وقت، اُنهن جا يادگار انساني ذهنن ۾ ٿهندا آهن.

ارغونن، ترخانن ۽ مغلن خلاف سنڌين جي ويڙهہ، نافرمانيءَ،

سرڪشيءَ، حملن ۽ هلائڻ کي فاتحن جي نمڪ حلال تاريخ لکندڙن، هر جاءِ تي چورين، ڏاڙن ۽ ڦرن جي نالي سان لکيو آهي: جنهن جو مقصد، سنڌي محب وطن ماڻهن کي بدنام ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو. ان سپ لکڻ سان گڏ اهو به لکيو ائٽن ته اُنهن ڏاڙيلن وٽ ڪٽي اٺ هزار ماڻهن جو لشڪر آهي، ڪٽي ڏهن هزارن جي فوج آهي، ته ڪٽي ٽي هزار سپاهه. مثال طور مغل دور ۾، حاڪمن سان وڙهندڙ سنڌين جو تعداد سرسري طور هن ريت معلوم ٿئي ٿو:

۱۰۲۱ هجريءَ ڌاري چاڪر هالا پرڳٽي ۾ مغلن سان وڙهندڙ سنڌ جي ٽن قبيلن ــ ٻهرن، دلن ۽ شورن جي لشڪر جو تعداد ڏهه هزار هو. انهيءَ عرصي دوران ساڪري واري حصي ۾ مُغلن سان مهاڏو اتڪائيندڙ ڪرمتين ۽ جوڪين جو تعداد ٽي هزار هو. اُنڙن جي هڪڙي شاخ سارين وٽ پنج هزار سپاهي وڙهڻ جهڙا موجود هنا، جن ۾ هڪ هزار سوار ۽ چار هزار پيادا هنا. چانڊين جي مُجاهدن جو تعداد ٻه هزار هو، جنهن ۾ هڪ هزار ٽي سؤ سوار ۽ ست سؤ پيادا هنا. نُومڙيا ٻه پنهنجي فوج رکندا هنا، جيڪا پندرهن سؤ سوارن ۽ ساڍن ڇهن هزار پيادن تي مشتمل هئي. پنهورن وٽ ٻه هزار پيادا ۽ هڪ هزار سوار سپاهي هوندا هنا. باقي سنڌ جي مشهور ويڙهاڪ قبيلي انڙن ۽ سميجن جي ٻين مختلف شاخن وٽ اٺ هزار جنگي جُوانَ موجود هنا.

هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته دُنيا جو ڪهڙو مشهور ڏاڙيل ٽي گڏيو آهي، يا هن وقت موجود آهي، جنهن جي تولي۽ ۾ ايترا هزار ماڻهو هڪ ئي وقت موجود هجن، جن جا گهر گهاٽ، ٻنيون ٻارا ۽ راڄ پاڻ ٻه موجود هجن! پر حقيقت ۾ ائين نه آهي. اُهي سنڌي، محب وطن ۽ آزاديءَ جا متوالا هنا. اُهي اهڙا ئي ڏاڙيل هنا، جهڙا ڏاڙيل "چي گويرا ۽ سندس ساٿي" هنا. اُهي وطن دوست سنڌي اهڙا ئي رهزن هنا، جهڙا "لين پيائو ۽ سندس سرخ سپاهي" هنا. اُهي مادر وطن جا لاڪيٽا پُٽ اهڙا ئي ڦورو هنا، جهڙا "ڪبرال" جي ڪمان ۾ وڙهندڙ آفريڪي حُريت پسند. اُهي آزاديءَ جا ڪوڙيا اهڙا ئي فسادي هنا، جهڙا "سامورا ماشيل جا جان نثار" دوست. اُهي اهڙا ئي لٽيرا هنا، جهڙا جنرل گياپ جا ويٽنامي، ۽ اُهي اهڙا ئي فسادي هنا، جهڙا فسادي 'يڳت سنگهه ۽ دت' هنا.

انهن سيني عظيم محب وطن ماڻهن کي به ته پنهنجي دور ۾ قابض

قوتن ۾ سندن دلال دانشورن، صحافين ۽ ڏاهن، چور، رهزن ۽ قاتل پڻي سڏيو آهي؛ اُن ڪري اسان کي ان ڳالهه تي حيرت يا اچرج ڪرڻ جي ڪابه ضرورت ڪانه آهي.

اُنهيءَ ساڳئي دور ۾ ڪجهه ماڻهو اهڙا به هنا، جن کي درباري مؤرخن ۽ جاگيردارن طرفان امن پسند ۽ وفادار شهرين جا لقب مليل هنا. سامراج ۽ اُن جا دلال، اهڙا سهڻا لقب، اُنهن ماڻهن کي ڏيندا آهن، جن جي وطني غيرت مري ويندي آهي؛ جن جي دلين مان آزاديءَ جو احساس ائين ختم ٿي ويندو آهي، جيئن هڪ وئشيا جي ذهن مان حياءَ جو تصور. قومن جُون ايندڙ پيڑهيون، پهرئين قسم جي فسادين جي پيرن جي مٽيءَ کي پنهنجيءَ پيشانيءَ تي تِلڪ طور لڳائيندينون آهن، ۽ ڏارين جي دلالن جي شرافت ۽ امن پسنديءَ جي سَندَ مادر وطن جي وڪري ۽ نيلام جي قيمت هوندي آهي ـ ۽ هر باغيرت پيڙهي، پنهنجيءَ ڏرتيءَ جو ڪنهن کي دان به نه ڏيندي آهي. حالانڪ اُنهن شريف ۽ پُرامن شهرين ته پنهنجي مُلڪ جي تباهيءَ ۽ برباديءَ لاءِ آقائن کي پنهنجي رضامنديءَ جا دستاويز لکي ڏنا هنا؛ ۽ اُهي ڏور ڏيهي آقا، جيڪي ڪجهه هتي ڪندا رهيا، سو انسانيت جي نالي تي هڪ شرمناڪ داغ ۽ پوري انساني تاريخ تي ڪوڙهه جو چٽو آهي. هنن سنڌين تي اُهي اُهي ظلم ڪيا، جن کي ڏسي هلاکو ۽ چنگيز به پنهنجي فرشتي هجڻ جي دعويٰ ڪن ته مٽن ڪابه ميار ڪانه آهي. وري ظُلم ته اِهو، جو اِهي وحشيانه حرڪتون ڪندڙ حاڪم ۽ آقا، مذهب جا ٺيڪيدار ۽ اسلام جا سپاهي هجڻ جا دعويدار پڻ هنا: مثال طور شاهه بيگ ارغون ۽ سندس پُٽ شاهه حسن کي سيني تاريخ لکندڙن، نماز روزي جا پابند، خير خيرات جا شوقين ۽ پرهيزگار لکيو آهي: پر هنن هتي (سنڌ ۾) ڪيو ڇا، تنهن جو مختصر قصو هن ريت آهي ـ جيتوڻيڪ اُن وقت جي تاريخ لکندڙن، اُنهن ظالم بادشاهن جي قهري ڪارروائين جو پورو تفصيل نه ڏنو آهي:

۱. **"تاريخ سنڌ"** ۾ آهي ته شاهه بيگ ارغون، ۱۱ محرم ۹۲۷ هجريءَ جو ٺٽي ۾ تباهي ۽ موت جي ديو جي صورت ۾ داخل ٿيو. ارغون ۽ ترخان سپاهي، قرون وسطيٰ جي وحشي درندن ۽ آفريڪا جي آدم خور قبيلن جو روپ

وٹي، موت، قتل ۽ غارتگريءَ جو مقدس ناچ ڪرڻ لڳا. هنن جون ڏاڙهيون ڪنڌريل، چهرا جنن جهڙا، اکين ۾ نشي، شهوت ۽ لُٽ مار جي هَوَس جي وحشانيت هئي. هُو ويهين محرم تائين ٽٽي کي نڏڪو سمجهي لُٽ مار ڪندا رهيا. هنن سنڌ جي ماڻهن کي هر طرح ذليل ڪيو، ڪيترن ماڻهن جي هارن ۾چن کي قيد ڪيو ۽ بيشمار قتل ۽ خونريزي ڪئي.

تاريخ طاهريءَ ۾ لکيل آهي ته 'جيڪي هولناڪ تباهيون، ٽٽي وارن تي شاهه بيگ ارغون هٿان نازل ٿيون، اُهي ٽٽي وارن جي خواب خيال ۾ ڪين هيون.'

2. هن (شاهبيگ) ٽلٽيءَ جي جنگ ڪٽڻ بعد پوري ٽلٽيءَ جي شهر کي نه صرف لٽيو ۽ ڦريو، پر سوڏن، سهتن ۽ سمن جي محب وطن لشڪر جي بچيل سپاهين سان اُها ڪار ڪئي، جيڪا سڪندر يوناني سانگلا ۽ مينا نگر کي فتح ڪرڻ کان پوءِ ڪئي. شاهه بيگ آخر ۾ سجي ٽلٽي شهر کي باهه ڏياري ڇڏي.

3. باغبان پرڳڻي جي ماڇين کي، جن شاهه بيگ جي غاصبانه فتح کي سنڌ جي جائز ۽ قانوني حڪومت طور تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو، شاهه بيگ نه صرف قتل ڪرايو، پر اُنهن جا گهر ۽ قلعا ڍهرائڻ کان پوءِ، هن سر سبز ۽ شاداب زرعي پرڳڻي کي پڙپاڻگ بنائڻ لاءِ نارن ۾ وهندڙ هڪ هزار اُٺ به ڪاهرائي ويو.

4. ارغونن، ڏاريجي قبيلي جي 47 سردارن کي گجر موريءَ وانگر وڌائي، بکر جي بدنام زمانه خوني برج تان هيٺ اُڇلارائي ڇڏيو.

5. هن (شاهبيگ) جتوئي بلوچن جي 42 ڳوٺن جي سيني مردن، عورتن، ٻارن ۽ ٻُڍن کي نه صرف قتل ڪرايو، پر اُنهن ڳوٺن کي باهه ڏئي ساڙائي ڇڏيو.

6. ارغونن، وطن دوستيءَ ۽ قوم پرستيءَ جي ڏوهه ۾ مخدوم بلاول جهڙي ولي الله ۽ عظيم محب وطن کي گهاٽي ۾ پيڙائي ڇڏيو. عام طرح چيو ويندو آهي ته مخدوم بلاول جي گهاٽي ۾ پيڙجڻ واري روايت جو ڪوبه ثبوت نه ٿو ملي، پر اِهو تاثر غلط آهي. لوڪ تاريخ ۽ عوامي روايتون ان جي شاهدي ڏين ٿيون. سنڌي شاعريءَ ۾ سچل سرمست ۽ رڪيل شاهه جي ڪلام ۾ مخدوم صاحب جي گهاٽي ۾ پيڙجڻ جو ذڪر ٿيل آهي:

گهاٽي ۾ بلاول پيڙايئي، عنايت ميدان مارايئي
(سچل)

شاهه بلاول گهاٽي پيڙايو

(رکيل شاهه)

اُن کان سواءِ سنڌ جي هڪ برڪ تاريخدان، رحميداد مولائي شيدائيءَ پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "جنت السنڌ" ۾ اِهو واقعو تفصيل سان بيان ڪيو آهي.

7. مرزا شاهه حسن تخت تي ويهڻ شرط ٺٽي تي حملو ڪرايو. اِن حملي جي ڪيفيت، تاريخ طاهريءَ ۾ هن ريت آئي آهي: ٺٽي ۾ شاهه حسن ايتري قدر قتل و غارت ڪيو، جو حاملہ عورتن جي پيٽن مان ٻار ڪڍي، اُنهن کي نيزن جي اَٽين ۾ ٽُنبيو ويو. نالي ماتر به ڪو ماڻهو اغونن کي مليو ٿي تہ اُن کي قتل ڪرڻ ۾ ارغونن دير ڪانہ ٿي ڪئي. شاهي خاندان جون عورتون ۽ ٻار گهٽي ٻاگي مُغلن جي ڊپ کان درياهه ۾ ٻُڏي مٿا ۽ رهيلن کي قيد و بند ۾ تڪليفن جا اُهي ڏينهن ڏسڻا پيا، جو خُدا اهڙا ڏينهن ڪنهن ڪافر يا سڪن کي نہ ڏيکاري. نہ رڳو ٺٽي شهر جو اهو حال ٿيو، پر پوري مُلڪ جي اڳوٽي آبادي ۽ شادابي، تباهي ۽ بربادي۽ ۾ بدلجي وئي. اُن ڏينهن کان "خرابيءَ سنڌ" هن مُلڪ جي تاريخ ٿي.

8. شير شاهه سُوريءَ کان شڪست کائي، همايون جڏهن سنڌ ۾ آيو، اُن وقت مرزا شاهه حسن ارغونَ، سنڌ جي غاصب حاڪم، سڄي سنڌ مُلڪ جي عوام کي مُلڪ جي ويراني۽ جو حُڪم ڏنو. اُنهيءَ حڪم تي ايتري سختيءَ سان عمل ڪرايو ويندو هو، جو جيڪڏهن ڪوبہ هاري ڪنهن بہ قسم جي اَنَ جي پوک ڪرائيندو هو تہ ارغون بادشاهہ، اُن هاريءَ جي جيٽري کَلَ لهرائي، اُن ۾ بہ پرائي چڏيندو هو. اهڙي قهري حڪم سبب سڄو زرعي مُلڪ ويران ٿي ويو، هولناڪ ڏُڪار اچي منهن ڪڍيو، ۽ هزارين ماڻهو مري ويا.

اِهو هو ارغونن جي اوج ۽ عروج جو زمانو، جنهن ۾ هنن هتي جي عوام کي ظُلم ۽ ستم جي گهاٽي ۾ پيڙيو. هنن جو اِهو عروج جلد ئي ختم ٿي ويو. مرزا شاهه حسن، پيڃاڙي عمر ۾ صفا چريو ٿي ويو ۽ بنا ڪنهن نرينہ اولاد جي خارش زده ڪُتي وانگر ٻونڪندو مري ويو. ڪائنس پوءِ سنڌ ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي: اپر سنڌ تي سلطان محمود ڪوکلتاش قبضو ڪيو ۽ ڏکڻ

سنڌ تي مرزا عيسيٰ ترخان قبضو جمائي ورتو. هاڻي وقت اچي ويو هو، جو ارغونن کان تاريخ جو وهڪرو پورو حساب وٺي ۽ اُها محشر واري گهڙي، سچيءَ سنڌ تي مرزا باقيءَ جي روپ ۾ اچي نازل ٿي. مرزا باقيءَ سنڌي عوام سان جيڪي ڪلور ڪيا، سو پنهنجيءَ جاءِ تي جُدا موضوع آهي، پر هتي صرف مرزا باقيءَ جو ارغونن سان سلوڪ وارو واقعو نقل ڪجي ٿو، ته جيئن خبر پوي ته اُنهن ظالمن سان تاريخ ڪهڙو سلوڪ ڪيو. ۽ سنڌي عوام جو خُون چوسيندڙ رهزنن جو ڪهڙو حشر ٿيو!

تاريخ طاهريءَ ۾ آهي ته: "جڏهن مرزا باقي سنڌ جي گاديءَ تي ويٺو، تڏهن ارغون اميرن هڪ لشڪر گڏ ڪري، مرزا باقيءَ کان مطالبو ڪيو ته مرزا شاهه حسن جو خزانو اسان جي حوالي ڪر، ۽ صورت ۾ توڪي مٽيءَ ۾ ملايو ويندو. مرزا باقيءَ کي جڏهن ارغونن جي انهيءَ شورش جي خبر پٽي ته هن فيصلو ڪيو ته هاڻي وقت اچي ويو آهي، جو حڪمت عمليءَ جي ڳالهين کي ڇڏي ڏجي، ۽ ته انهن سان ڪم نه هلندو: اُن ڪري هاڻ اهڙو طريقو اختيار ڪرڻ گهرجي، جنهن سان ارغونن جي فتني جو هميشه لاءِ خاتمو ٿي وڃي. اُن ڪري، هن ارغونن کي گهرائي چيو ته توهان گهبرايو نه، آءٌ فلاڻي ڏينهن خزاني کي تقسيم ڪندس. پوءِ هن پنهنجي خاص چمچن حبش خان، شبرنگ خان ۽ مُلا صالح کي گهُرائي، ڳجهه ڳوهه ۾ حڪم ڏنو ته: آءٌ جڏهن فلاڻي ڏينهن ارغونن کي خزاني جي ورهاست لاءِ گهرايان، تڏهن توهان مان هر هڪ ڪجهه سپاهين سان ديوان خاني جي فلاڻن فلاڻن ڪمرن ۾ لڪي ويهي رهي ۽ تيار هجي، جو موقعو ملندي ئي ارغونن تي حملو ڪري ڏئي. مرزا باقيءَ جي انهيءَ هدايت موجب مُلا خميسو ۽ بيا اُهي ماڻهو، جن کي حڪم مليل هو، سي مقرر ڏينهن تي ڏسيل جاين تي لڪي ويهي رهيا. مرزا باقي سلاميءَ واري جهروڪي ۾ اچي ويٺو ۽ خزانچين کي حُڪم ڏنائين ته خزاني جون پيٽيون ڪڍي ڍير ڪري ڇڏيو ۽ عام خاص ارغونن کي عام دعوت ڏني وئي ته نندا وڏا سڀ اچي حاضر ٿين: جيئن اُن جهڪڙي جو هميشه لاءِ خاتمو ڪيو وڃي، جيڪو اسان ۽ توهان جي وچ ۾ گهٽي وقت کان هلندو پيو اچي. بي خبر ارغون انهيءَ خوشخبريءَ کي ٻڌي، خوشيءَ ۾ سرشار ٿي، دولت جي حاصلات لاءِ

ڪچي گهوڙن تي چڙهي، سٺا وڳا پائي، ديوان خاني ۾ قاضي خميسي وٽ اچي گڏ ٿيا. جڏهن سڀ ارغون گڏ ٿي ويا، تڏهن مرزا باقيءَ انهن کي چوائي موڪليو ته "آءٌ اوهان جي ڏسڻ جو مشتاق آهيان، اُن ڪري به، جو اڄ توهان سڀ گڏ آهيو. آءٌ هن وقت اڪيلو بنا هٿيارن جي بالا خاني تي ويندو آهيان، توهان بنا ڪُٽڪي جي مُون وٽ هليا اچو، چو ته توهان منهنجا پائر آهيو."

پنسن جي لالچ ۾ انڌا ارغون، بي خوف ٿي، بنا هٿيارن جي وڃڻ هليا ويا ۽ قطار ڪري، مرزا باقيءَ جي سامهون ويهي رهيا. جڏهن سڀ وينا، تڏهن هن کين مخاطب ٿيندي چيو: "اي عزيزو! آءٌ هن خزاني تان دل کٽي ڇُڪو آهيان. آءٌ هيءُ خزانو توهان سيني ۾ برابر ورهائي، توهان سيني کي پنهنجو عزيز بنائڻ چاهيان ٿو. هاڻي پنسن ورهائڻ جو وقت ويجهو آهي. توهان کي خبر آهي ته هيءُ عجيب ڏينهن آهي، ۽ پنسو اهڙي شيءِ آهي، جيڪو پيءُ کي پُٽ جو ۽ پاءُ کي پاءُ جو دشمن بنائي ڇڏي ٿو. مُون کي فڪر رڳو هيءُ آهي ته ورهاست جي وقت جڏهن عام طرح گوڙ، گهمسان ۽ جهڳڙو ٿيندو آهي ته اُنهيءَ گڙٻڙ ۾ ڪٽي مون کي نقصان نه پهچي، اُن ڪري آءٌ پري ٿي ويهان ٿو."

اهو چئي، هُو پري وڃي ويٺو ۽ پنهنجي پُٽ کي حڪم ڏنائين ته "تون پنسا تقسيم ڪر." ايڏا پيتين جا تالا ئي نه کُليا هئا ته لڪي ويٺل سپاهي مورچن مان نڪتا. اُنهن کي پهرين ئي اشارو ملي چُڪو هو ته روپين تورڻ واري ساهميءَ ۾ پنسن بجاءِ هر ارغون جي سسي توري وڃي، ۽ ڪنهن به ارغون کي جيئرو واپس وڃڻ نه ڏنو وڃي. مرزا باقيءَ جي سپاهين ارغونن تي اهڙو ته زورائتو حملو ڪيو ۽ اهڙو ته سندن قتلام ڪيو، جو هڪ به ارغون جيئرو نه بچيو. پوءِ اُنهن جون سسيون وڍي، ديوان خاني جي درين مان باهر اڇلايون ويون. باقي عام ارغون خلق، جيڪا قاضي خميسي وٽ ويٺي هئي، تن جي قتلام ۾ قاضي خميسي به ڪا کسر ڪانه ڇڏي: ايتري قدر جو هڪ به ارغون قلعي مان سلامت باهر نه ويو. اُن ڪارروائيءَ کان پوءِ مرزا باقيءَ پنهنجي خاص چمچن کي حُڪم ڏنو ته اوهين ارغونن جي حويلين ۾ وڃو ۽ اُتي قتلام ڪريو، ۽ هڪ ڏينهن جو تازو ڄاول ٻار به ملي ته اُن کي به جيئرو نه ڇڏيو وڃي. مرزا باقيءَ جي حڪم تي هڪ جماعت، ارغونن جي حويلين ۾ ڪاهي پئي ۽

کين جيکو ارغون مليو، اُن کي بيدرديءَ سان کُٽو ويو. اُنهيءَ قتلام مان جيکي ارغون بچي سگهيا، سي پوءِ چوندو هو ته "اُنهيءَ حادثي کان پوءِ ارغونن جو هيءُ حال ٿيو، جو هنن کي کائڻ لاءِ ماني ۽ پائڻ لاءِ ڪپڙو نه هو. جيڪڏهن ڪنهن وٽ گهوڙو هو ته اُهو بُک ۾ پاهه ٿي ويو. پراڻي تلوار ۽ ٽُٽل ڪمان کان سواءِ ارغونن وٽ ڪي ڪين رهيو هو. شڪار تي هنن جو گذارو هو، ۽ اهڙيءَ بدقسمتيءَ وارو وقت هنن تي آيو، جو پيءُ پٽ کان ۽ پُٽ پيءُ کان وڇڙجي، ڏولائي جا ڏينهن گذارڻ لڳو."

اِن حالت ۾ خبر ناهي ته ارغونَ ڪيترو وقت رهيا، پر اڄ هن سر زمين تي "ارغون" نالي کابه ذات موجود نه آهي. اُها ذات، جنهن هِن سرزمين تي 32 سالن تائين، هتي جي عوام جي رت سان راند ڪئي ۽ گهرن کي باهيون ڏئي ساڙيو هو، انهن جو نالو نشان ئي ميسارجي ويو.

ارغونن کان پوءِ ڪافي عرصو سنڌ جي ڏکڻ واري حصي تي ترخانن جي حڪومت رهي. ترخان هتي جي مقامي قبيلن سان مِلي هڪ ٿي ويا. هنا. هنن سميجن ۽ سومِن سان مِٽيون مائٽيون ڪيون. اُن جي باوجود، هنن ۾ حاڪمن واري برتري ۽ پنهنجي نسلي اهميت قائم رهي. مرزا باقيءَ جو دور، هن سرزمين جي عوام لاءِ الاهي قهر کان گهٽ ڪونه هو. اُهي ترخان حاڪم به پنهنجي حڪومت بچائڻ لاءِ پنهنجي ڏيئرن ۽ پينرن کي ڍال طور استعمال ڪندا هنا. مرزا باقيءَ، اڪبري حملي کان بچڻ لاءِ پنهنجي ڏيءُ، اڪبر جي حرم ۾ داخل ڪرڻ لاءِ ڏياري موڪلي، پر اڪبر اُن کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. ساڳيءَ ريت مرزا جاني بيگ به اِئين ئي ڪيو. پر، مرزا جاني بيگ، پنهنجي ذاتي بُراين جي باوجود ترخانن ۾ چگو ماڻهو هو. هن جي وڏي خوبي سندس ذاتي بهادري هئي. هن جي جهنڊي هيٺ ويهه هزار سنڌي ۽ پندرهن هزار ترخان، هڪ سال تائين مغل فوجن جو وڏي دليريءَ سان مقابلو ڪندا رهيا. سندس پٽ غازي بيگ، انتهائي نااهل ۽ عياش هو. سندس باري ۾ تاريخن لکيو آهي ته: "هُو رات جو يارهن سالن جي ڪنواري ٻاکري ڇوڪريءَ سان همبستري ڪندو هو. هڪ رات اُن کي استعمال ڪرڻ کان پوءِ وري اُن جو

منهن به ڪونه ڏسندو هو. هن مُلڪ جي مختلف حصن ۾ پنهنجا دلال ڇڏي ڏنا هٿا، جيڪي هر رات ڪيس يارهن سالن جي ڇوڪري آڻي ڏيندا هٿا." شيخ فريد بکريءَ لکيو آهي ته: "جڏهن غازي بيگ قندار جو گورنر ٿي ويو، تڏهن سندس ماءُ ٽئي مان ٻارهن سؤ خوبصورت ڪنواريون ڇوڪريون اهڙيون ونيو وئي هئي، جن جي عمر ٻارهن سالن کان گهٽ هئي. اهي ڇوڪريون، هن قندار ۾ پنهنجي پٽ کي عياشيءَ لاءِ تحفي طور ڏنيون، جن سيني کي غازي بيگ پنهنجي بستري جي زينت بنايو. ياد رهي ته مرزا جاني بيگ اغلام باز هو ۽ هن پنهنجي محل ۾ ڪيترن خوبصورت ڇوڪرن کي زنانا ڪپڙا پارائي، ويهاري چڏيو هو."

ترخانن کان پوءِ هتي **مغل تسلط** جو دور شروع ٿي. ان دور ۾ مغلن جا ظلم پنهنجيءَ انتها تي هٿا ته سنڌين جون بغاوتون، ارڏايون، سرڪشيون ۽ آزاديءَ لاءِ ڪوششون به پنهنجي جوش ۽ جولان تي هيون. مغل هن سون ورني سرزمين جي دولت تان ڪنهن به صورت ۾ هٿ ڪٽڻ لاءِ تيار نه هٿا. ان لاءِ هنن هتي آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ سنڌين جي سِسين جا لابارا ڪرايا، سِسين جا منارا ٺهرايا، مردن سان گڏ عورتن ۽ ٻارن کي نه صرف قيد ڪيو، پر انهن کي گجرن ۽ بصرن وانگر مارڪيٽن ۽ بازارن ۾ وڪيو. انهيءَ دور تي "تاريخ مظهر شاهجهاني" سُنو دستاويز آهي. انهيءَ دستاويز جي فاضل سنڌيڪار نياز هماليونيءَ، مصنف جي باري ۾ پنهنجي راءِ ڏيندي لکيو آهي ته: "اسان هن مورخ (يوسف ميرڪ) جا ٿورائتا آهيون، جو هن "مغل شاهيءَ" جي پهاڙ سان ٽڪرائيندڙ غيرتمند، بهادر ۽ وطن دوست سنڌين جو طويل تر داستان ڪنهن به ريت قلمبند ڪيو آهي."

وطن دوست سنڌين جي انهيءَ طويل تر داستان جي ترتيب ۽ تنظيم ۾ گهٽو ڪري سنڌ جي هر قبيلي، پاڙي ۽ ذات حصو ورتو هو. ان داستان جي رنگينيءَ ۽ سنگينيءَ ۾ پوري سنڌ شريڪ رهي هئي. ان سان گڏ سنڌين تي ظلم ڪرڻ ۾ به هر ٻاهريون حاڪم، ان جو جاگيردار ۽ گورنر، عالم ۽ دانشور به هڪجيترو ڪوشان رهيو هو: پوءِ ذاتي طور اهو ڪٽي ڪيترو نمازي، حاجي ۽ ديندار، خان يا سيد، قاضي ۽ مورخ چو نه هجي. تاهم ان داستان جي پوري زينت

۾ زيبائش تي انڙ، سميجا، شورا، ہير، دل، نومڑيا ۽ چانڊيا چانيا پيا آهن. ان داستانِ آزاديءَ جو جرئتمندانہ داستان سميجا ئي آهن، جن پوري مغل شاهي دور ۾ هڪ ڏينهن لاءِ بہ سنڌ جي آزاديءَ تان دستبرداريءَ جو تصور ئي نہ ڪيو. ہئي طرف چانڊيا هئا، جن مغل شاهيءَ سان اهي ساڳيا نمونا اختيار ڪيا، جيڪي مغلن سنڌي ماڻهن سان اختيار ڪيا. مغلن سنڌي ماڻهن کي غُلام ڪري وڪيو، تہ چانڊين وري مغلن جي وفادارن کي قيد ڪري نيلام ڪيو: ان ڪري، مغل تاريخ لکندڙن، چانڊين کي "حُر فروش" ـ يعني "آزاد ماڻهن کي وڪڻندڙ" جو لقب ڏنو: جڏ تہ آزاد صرف مغل ۽ سندن دلال هئا، باقي سنڌي ماڻهو پيدائشي غلام هئا، جن جو وڪرو شريعت محمديءَ مطابق جائز هو.

مظهر شاهجهانيءَ جي مصنف، يوسف ميرڪ، جيتوڻيڪ سنڌين تي ٽيل ظلم جو داستان انتهائي هوشياريءَ سان قلمبند ڪيو آهي، پر هو پاڻ بہ ڪيترين جاين تي سنڌين کي قتل ڪرائڻ ۾ شريڪ رهيو آهي ـ ۽ ڪتاب ۾ جتي بہ سنڌي ماڻهن جي ڪنهن بغاوت جو ذڪر ٿو ڪري اتي هن کي بغاوت ڪندڙن سان رتيءَ برابر بہ همدردي ڪانہ ٿي ڏسجي، اتلندو مغلن جي طرفداري ڪندي، انهن باغين کي گارگند ڪندو رهيو آهي. ڪٽي ڪٽي هن هر انهيءَ مغل نواب کي ساراهيو آهي، جنهن سنڌين کي وڏ ڪان وڏ قتل ڪيو هو. انهيءَ سلسلي ۾ هُو پنهنجي پاڻ مير ابوالبقا جي سيوهڻ ۽ نٽي واريءَ نوابيءَ جي دور کي سنڌ جي تاريخ جو سونهري دور ٿو سڏي؛ حالانڪ، پاڻس سنڌين سان جيڪي پال پلايا، تن جو تمام هلڪو ۽ مختصر خاڪو هن ريت آهي:

1. هن، جاگير داروبند جبل وٽ 322 دَلَ قتل ڪيا.
2. هُن امير، شاهڪڙهہ قلعي ۾ 1200 انڙن کي سندن سردار ظالب انڙ سميت قتل ڪري ڇڏيو.
3. هن ويراون ۾ 500 سميجن کي قتل ڪيو ۽ ڪيترن کي قيدي بنايو.
4. هن اميرَ اوچتو حملو ڪري، ہڪهين جو پورو قبيلو ختمَ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.
5. مغلن جي هن نوابَ، هڪ پيرو چانڊين جو قتلام ڪيو. جيتوڻيڪ قتل ٽيل چانڊين جو تعداد نہ ٻڌايو ويو آهي.

6. انڊپور جي پسگردائيءَ ۾ هن امير، انڙن جون ٽي هزار ڍڳيون تلوارن سان ڪٽرا ڪٽرا ڪرائي ڇڏيون.
7. ڪاڏوهر ڏنڊ وارن ڳوٺن تي حملو ڪري، مير ابوالبقا منگواڻن ۽ راهوجن جا 22 ماڻهو قتل ڪيا.
8. سميجن جي ڳوٺن مان مير صاحب، ٽي هزار ڍڳيون اُن وقت ڦريون، جڏهن پاڻ بدلي ٿي وڃي رهيو هو.
9. هالن ۾ مير صاحب ڪيترن سميجن کي قتل ڪيو ۽ سندس پُٽ وري درٻيلي ۾ بيشمار سميجن کي ڪُٽيو.

يوسف ميرڪ جو ٻئي نمبر تي ساراهيل، نواب شمشير بيگ آهي. اهو نواب "مظهر شاهجهاني" جي مصنف جو ذاتي دوست هو، ۽ هر ڪو حملو يوسف ميرڪ جي صلاح سان ڪندو هو. يوسف ميرڪ، سنڌين کي قتل ڪرڻ لاءِ صلاحون ۽ مشورا ڏيڻ وقت، هڪ عالم، اديب، شاعر ۽ مصنف بدران اول درجي جو جلاد ۽ سفاڪ نظر ٿو اچي. انهيءَ جلاد صفت عالم جي صلاح ۽ مشوري سان مغل فوج، ڳوٺ ويراون تي اوچتو حملو ڪري، هڪ هزار سميجا ماريا ۽ ست سؤ هڪ ٻي ڏڪ سان گرفتار ڪيا. وڏي ڳالهه انهن سيني مغل صوبيدار شمشير بيگ کي ٻيڏوهي ٿي سمجهيو. انهيءَ ساڻني معرڪي ۾ يوسف ميرڪ ۽ شمشير بيگ هڪ هفتو وينجهري واري قلعي ۾ ترسيا پيا هٿ، ۽ روزانو ڇهه سؤ سميجن جون سسيون وڌائيندا رهيا. ان حساب سان انهيءَ رتوڇاڻ ۾ پنج هزار ٻه سؤ سميجا ماريا ويا، ۽ هڪ سؤ هُوسڻ ملاحن کي لاڪاڻ جي پرسان ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويو. سنڌ جي هن 'درد مند ۽ معصوم مورخ ايڇ ٻه مهينا انهيءَ جاءِ تي ترسي، سميجن جي قتلام جاري رکڻ تي زور ڀريو، پر مغل صوبيدار اها ڳالهه نه مڃي، جنهنڪري سنڌ جي هن قاضي قادن کي ان جو افسوس سڄي عمر رهيو. انهيءَ مورخ جي چرچ تي شمشير بيگ، باريجن تي حملو ڪرايو، جنهن ۾ سوين باريجا، سندن بهادر سردار قاسم باريجي ۽ سندس پُٽن سميت وڙهندي شهيد ٿي ويا.

اهو ته آهي هلڪو ۽ مختر خاڪو، پر هُونئن ٻه جتي ڪنهن معرڪي ۾ سنڌي قتل ٿيا آهن، ته "پرهيزگار مصنف" ان تي خوشيءَ وچان ڪهڪيون هنيون

آهن ـ ۽ جتي به سنڌي بچي ويا آهن، اتي هن مغل فوجن جي نااهليءَ تي کٽکيون کائي، پنهنجي پياري پاڻ جي خونخواريءَ ۽ درندگيءَ کي ياد کري، ٽڏا ساهه ڀريا آهن: ته ڪاش! اُهو هجي ها ته اهي حملي آور ائين نه ڀڄي وڃن ها، چو ته هن سرڪش سنڌين کي نيست ۽ نابود ڪرڻ ۾ ئي دنيا ۽ آخرت جي پلائي ۽ نجات سمجهي ٿي!

جيئن اڳ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته محب وطن سنڌين مغل دور حڪومت ۾ جيڪو بهادريءَ ۽ قومي غيرت جو طويل داستان ترتيب ڏنو، تنهن ۾ سنڌ جي هر قبيلي ۽ ذات حصو ورتو، پر انهيءَ داستان جي اصلي زينت ۽ زيبائش سميجن جي ئي غيرتمند خُون سان ٿي آهي. ان کري، يوسف ميرڪ انهيءَ قبيلي کي نيست ۽ نابود ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڪتاب ۾ شاهجهان بادشاهه کي خاص مشورا ۽ هدايتون ڏنيون آهن. اهو چگو ٿيو، جو هُو پنهنجو ڪتاب بادشاهه جي خدمت ۾ پيش نه ڪري سگهيو، ٻيءَ صورت ۾ خبر ناهي ته هن دور ۾ چانڊين، سميجن ۽ نومڙين جو بڻ بنياد هجي ها الائي نه! هن جي مشورن مان اسان کي هڪ طرف سميجن جي طاقت جي خبر پوي ٿي، ته ٻئي طرف اُنهيءَ عظيم وطن دوست طاقت کي ختم ڪرڻ لاءِ يوسف ميرڪ جي بيرحميءَ ۽ سفاڪيءَ جو پڻ پتو پوي ٿو. چنانچه هُو سميجن جي باري ۾ لکي ٿو:

"جيڪڏهن چانڊين ۽ سميجن جي اڳي پوءِ پاڙ پٽڻي آهي ته هڪ سمجهدار ۽ اثر رسوخ واري ماڻهوءَ کي پنهنجي پاسي ڪري، کيس ڳاهن ۽ جوٽيجن واري آباد علاقي سان گڏ خطي ۽ لاکات پرڳڻي جون غير آباد ايراضيون به جاگير ۾ ڏئي، مٽس اهو ڪم رکيو وڃي ته هُو ٻنهي قومن (قبيلن) سان پوريءَ طرح پُڄي اچي ۽ ڪائنس ڪابه مُنهن موڙ ڪن ته اُنهن کي هيٺين ٻن طريقن سان ٺيڪ ڪري سگهي.

ا. شاهي فوجن کي حُڪم ڏنو وڃي ته چئن ئي پاسن کان هنن بدبختن تي گهيرو ڪري وڃن. سرڪاري وصولي ڪندڙ بي ڏپا ماڻهو بکر واري جاگيردار جا سپاهي ساڻ ڪري، در ٻيلي پرڳڻي جي ڳوٺ گڙنگ ۾ اچي پڙاءُ ڪن. هوڏانهن نٽي مان سپاهه گهرائي، هالا ڪنڊيءَ جي پرڳڻي واري ڳوٺ ابڙيجن ۾ ٽمائي، جيسلمير جي راجا کي تاکيد ڪيو وڃي ته هڪدم پنهنجا

ماڻهو وٽي اچي هنن فسادن جي انهن ٽاکن ۾ بيهاري ڇڏي، جيکي جيسلمير جي پٽن ۾ کين پاڃڙ دوران کم اچن ٿا. اهڙيءَ طرح سيوهڙ جي جاگيردار تي اهو کم رکجي ته هُو پنهنجي سپاهه کي خطي پرهڪٽي جي هُوٽ کاکي ۾ جائيتو ڪري، جيئن چئن ئي پاسن کان هنن رهزنن کي اَن جو داڻو به نصيب نه ٿئي ۽ سندن راهون اهڙيءَ ريت رد ٿي وڃن، جو پنهنجا ڏور ڏيڳا توڙي ٻار کڏي نه سگهن.

2. جن به وڏيرن هنن هنگامن ۾ انهن جو پاسو وٺي، ساڻن رشتا ناتا کيا آهن، تن کي کانئن الڳ کيو وڃي. اُن لاءِ هر هنڌ پڙهو ڏياري ماڻهن کي چتاءِ ڏجي ته: "جنهن به هُوٽ يا گهر ۾ سميجا انڙ پناهي هوندا يا سندن مال، عيال، يا ٻيو سامان کنهن وٽ به موجود هوندو ته خبر پوڻ شرط اُن هُوناڻي يا گهر جي مالڪ کي به اُنهن زهزنن وانگر ڦاهيءَ چاڙهي، سندن مال اسباب ضبط کيو ويندو. هن باري ۾ کنهن به ماڻهوءَ جو لحاظ نه رکڻو پوندو. انهيءَ ڏهڪاءَ وسيلي سنڌ جا وڏيرا، سرڪاري دٻاءَ ۾ اچي، ذکر کيل رهزنن سان رشتا ناتا توڙي ڇڏيندا، جيکي هن کان اڳ ساڻن هُڪڙي ڇڪا هنا، ۽ پوءِ اڳ وانگي کين اک ۾ رکي، سندن بچڙاين جو ڪُتو جواب ڏيڻ لڳندا. جيکڏهن هڪ هزار بهادر سوار پلن گهوڙن ۽ پنج سؤ پاٽيءَ پريل اُنن سان سميجن تي چاڙهي موڪليا وڃن ته هي نامراد مُنجهي مرن، ۽ کين پٽو پٽجي وڃي ته بدمعاشيءَ جي ڪهڙي سزا آهي. پنج ڇهه هزار پاڻ، سندن زالون ۽ ٻار ڪُل ويهن هزارن تائين ٽيندا، سي آخر ڪيڏانهن پڇي سگهندا؟ ليڪن شرط هيءُ آهي ته سندن واهون بند ڪيون وڃن. ان کان سواءِ، کين لکڻ لاءِ به ڪا جاءِ ڪانه آهي، چو ته هُو گهٽو ڪري پوک ۽ پاٽيءَ وارن هنڌن تي رهن ٿا، جنهنڪري هر هنڌ آساني‌ءَ سان هٿ اچي سگهن ٿا. شاهي لشکر جڏهن به مٿن ڪڙڪيو ته هي هارين ٻچين موت جي مُنهن ۾ اچي ويندا. ڪيترن کي قيد به ڪري سگهجي ٿو. سندن مال مڈي تاراج ٽيڻ کان پوءِ جيکي ڇڙ وڇڙ ٽين، تن کي چئن ئي پاسن کان فوجي گهيري ۾ آڻي، ٻڌي قابو کيو وڃي. ايڏا به هيڪڙ ٻيکڙ کو هٿان نڪري ويو ته آخرڪار کڏهن نه کڏهن ڦاسندو... ملڪ ۾ پڙهو گهُمايو وڃي ته کوبه سميجو، سندس زال يا مالُ، جنهن کي به

هٽ اچي تہ انهن تي قبضو ڪري ۽ نہ ڇڏي. ان لاءِ رعيت ۽ سپاهہ ڪي اهڙو اختيار ڏنو ويو.

مذڪوره مصنف، اهو مشورو صرف سميجن لاءِ نہ ڏنو آهي، پر سڄ جي هر باغي ۽ محب وطن قبيلي ۽ ذات لاءِ اهڙا رايا ۽ صلاحون، سندس زرخيز ذهن ۾ بيشمار موجود هيون، جيڪي هر سرڪش قبيلي جي ذڪر ڪان پوءِ مناسب موقعي ۽ محل تي ڏيندو رهيو آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ دنيا جي هر مهذب يا وحشي فاتح جي وڏي ۾ وڏي خواهش اها هوندي آهي تہ ڪيس صرف مفتوح مُلڪ جي سرزمين، پنهنجي تمام پيداواري وسيلن سميت گهرجي: باقي ماڻهن سان هن ڪي ايتريءَ حد تائين دلچسپي هوندي آهي، جيسين تائين اهي بهترين فرمانبردار، غلام ۽ مزدور ٿي، اُن سر زمين جي پيدائش ڪي فاتح جي خزاني ۾ مُنتقل ڪن. جڏهن به ڪنهن ديس واسيءَ ۾ فرمانبردار غلام ۽ مزدور جي بجاءِ پاڻ مالڪ ٽيڻ جي خواهش پيدا ٿي، تہ پوءِ ان جي اهميت هڪ ماڻهوءَ واري حيثيت سان فاتح وٽ ختم ٿي ويندي آهي. اِن سلسلي ۾ هيءَ ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ هڪ فاتح ڪي به مفتوح مُلڪ جي سرزمين پياري هوندي آهي، پر اُهو پيار اهڙو هوندو آهي، جهڙو هڪ عياش ماڻهوءَ ڪي پنهنجي سُريت سان پيار هجي. اهو پيار، ان وقت تائين هلندو، جيسين تائين اُن عورت جي جسم ۾ جسماني ڪشش ۽ سونهن هوندي، ۽ جڏهن به اُهي شيون ختم ٿيون تہ هو وري بيءَ ڪنهن کي تاڪيندو. اُن جي ابتڙ هڪ محب وطن ماڻهوءَ ڪي پنهنجيءَ سر زمين سان اهڙو پيار هوندو آهي، جهڙو هڪ سُلڇڻي ۽ سدوري پُٽ ڪي پنهنجيءَ ماءُ سان پيار هوندو آهي.

ارغونن، ترخانن ۽ مغلن، سڄ ڪي هڪ سُريت جي روپ ۾ رکڻ پئي چاهيو. هنن ڪي صرف سڄ جي دولت، زراعت ۽ پيدائش سان واسطو هو، ۽ هنن اُنهن سڄين کي پسند ٿي ڪيو، جيڪي سندن فرمانبردار، غلام ۽ بهترين مزدور واري حيثيت ۾ رهڻ لاءِ تيار هئا: باقي جن به ان حيثيت ۾ رهڻ ڪان انڪار ٿي ڪيو، سي فسادي، عوام دشمن ۽ قتل لائق هئا.

جهڙيءَ ريت، يوسف ميرڪ مشورا پئي ڏنا، اهڙا مشورا سڄين کي تباهہ ڪرڻ جا ڪانئس اڳ ۾ ٻيا عالم، فاضل ۽ دانشور به ڏيندا پئي رهيا،

جيئن تاريخ سنڌ ۾ آهي تہ: مرزا شاهہ بيگ ارغون، جڏهن سلطان محمود کي بکر جو حاڪم مقرر ڪيو تہ اُتان جي مُهم مقامي سيدن کي سونپيائين. اُن سان گڏ ڏاريجن جي ڪن پڳدارن کي حڪم ڪيو ويو تہ اُهي پڻ بکر جي قلعي ۾ اچي رهن. پر محب وطن ڏاريجن انهيءَ حڪم جي پوئواري نہ ڪئي ۽ پنهنجي مُنهن ماٺهو ميڙي، جنگ جوٽڻ جا ساڃاها ڪرڻ لڳا. سندن ڪوشش اها هئي تہ ڪيئن بہ ڪري سلطان محمود جي مغز مان هوا ڪڍي وڃي، جيئن هُو سنڌ جا وڻ ڇڏي ويندو رهي. انهيءَ ارادي سان هنن ارغونن کي مالي طور ڪمزور ڪرڻ لاءِ ڀل ڏيڻ کان انڪار ڪيو. نہ رڳو اهو، پر ٻين ڪيترن معاملن ۾ هنن وطن دوست ماڻهن، ارغونن سان عدم تعاون وارو رويو اختيار ڪيو. سلطان محمود جا جيڪي بہ گُماشتا وٽن ٽي ويا، تہ انهن جي مٿي ۾ ڏوڙ وڇي واپس ٽي ڪيائون. پڇاڙيءَ پنهنجا ڪٽڪ سنبرائي، سلطان محمود جيڪو ايڏا ٻارهن ورهين جو مس هو [هتي سلطان محمود جي عمر 12 سال غلط ڏيکاريل آهي. سلطان محمود جي جنڻ جو سال حسام الدين راشديءَ ۸۹۸ هجري لکيو آهي، ۽ جنهن واقعي جو ذڪر هلي رهيو آهي، سو ۹۲۷ هجريءَ ۾ پيش آيو آهي. ان صورت ۾ بہ واقعي وقت سلطان محمود جي عمر 29 سال هئڻ گهرجي، نہ ڪي ٻارهن سال. اها ساڃي حالت فاتح سنڌ ابن قاسم جي عمر جي باري ۾ آهي. رحميداد مولائي شيدائي، "جنت السنڌ" ۾ سندس جنڻ جو سال ۲۴ هجري لکيو آهي، ان حالت ۾ سنڌ تي حملي وقت ابن قاسم پوڙهو هئڻ گهرجي.]، سو تيسي ۾ اچي، ڏند ڪرتي، ڏاريجن سان وڙهڻ لاءِ وٽ ڪائيندو رهيو، پر سيد سڳورا ڪيس اوپاريون لهواريون ڏئي روڪيندا پئي آيا. هوڏانهن ڏاريجن بہ پيرا اها ست سُٽي تہ درياهہ اُڪري، قلعي ۾ داخل ٿي، سلطان محمود کي ڳٽڙ ڪان جهلي اڇن، پر ايتري ۾ بکر جي سيدن کي ڪڙڪ پٽجي وئي، جن قلعي جا سڀ گهٽ سوگها ڪري، ڏاريجن کي مُنجهائي ڇڏيو، ۽ هُو سيدن کي سامهون ڏسي مُڙي ويا.

هوڏانهن شاهبيگ هٿي سنڌ ۾ پهچي چڪو هو. سلطان محمود، جيڪو انهيءَ اوسيئڙي ۾ هو، تنهن پنهنجي هڪ ساٿيءَ جوجڪ بابا کي پيءُ ڏانهن موڪليو تہ وڃي ڪيس سڃيءَ واردات کان واقف ڪري. پٽس مير فاضل اهو

احوال جيئن جو تيئن شاهبيگ جي ڏيان تي آندو ۽ کانئس موکل ونڻي، ڏهه ويهه سوار ساڻ ڪري، چانڊڪا وٽان پاڻي جهاڳي، پنهنجن سردارن ۽ مقدمن جي دل ٻڌرائيندو، منزلون هٽندو، جڏهن بکر جي پسگردائيءَ ۾ پهتو، تڏهن لالو مهر، هڪ وڏيرو پنهنجي برادريءَ سوڏو سندس قدمن ۾ اچي ڪريو. هن جي معرفت ڏاريجن جي پرين مڙسن کي صلح جي بهاني جتان ڪٽان گهرائي، پاڻ سان ڪٽندو ويو. نيٺ ڏاريجن جا 47 سرڪردا ماڻهو ساڻ ڪري بکر پيڙو اچي ٽيو. اُتي سلطان محمود، هنبوچيون هٽندو، اچي پيءُ جا پير چمڻ لڳو.

شاهبيگ ارغون کي جڏهن خبر پئي ته مير فاضل سلامتيءَ سان بکر پهچي چُڪو آهي، ته جتي هو، اُتان راتو واهه بکر ڏانهن لُوهه ڪيائين ۽ اچي وات تي سکر ۾ ساهي پٽيائين. سلطان محمود هڪدم بکر مان وٽس پهچي، سندس قدم بوسيءَ جو شرف حاصل ڪيو. ڪيس انعامن اڪرامن سان نوازيو ويو. اُنهيءَ موقعي تي هن ڏاريجن خلاف شاهبيگ جا چگيءَ طرح ڪَن پريا. هوڏانهن ڏاريجا صُلح جي انتظار ۾ ويٺا هٿا ته ڪڏهن ٽي ڳالهه بولهه شروع ٿئي. شاهبيگ سڄي روئداد ٻڌڻ کان پوءِ مجلس ۾ موجود سنڌ جي بزرگ، قاضي قادن ڏانهن ڪنڌ ورائي، اُنهيءَ خيال سان ڏٺو ته هن باري ۾ سندس صلاح ڪهڙي آهي. قاضي قادن جهڙي چگي مُڙس هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته:

"قبلا سائين! سنڌ جي زمين سيلابي آهي، هتي جيئن ته ڪانڌيرا گهٽا ٿا پيدا ٿين، تنهنڪري ضروري آهي ته ڪهيڙو هميشه هٿ ۾ هٿ گهرجي."

شاهبيگ تتو ته اڳ ۾ ئي ويٺو هو، سو قاضي قادن جي چرچ تي ڏاريجن جي قتلام جو حڪم ڏئي ڇڏيائين. سلطان محمود حڪم جي تعميل ۾ هڪدم ڊوڙي شهر پهتو ۽ اوڏيءَ محل بنا ڪنهن ويرم جي صلح جي انتظار ۾ ويٺل ڏاريجن جون سِسيون ڏڙ کان ڌار ڪرائي، اُنهن کي هڪ مٺاهين بُرج تان سيٽ اُڇلارائي ڇڏيائين، جيڪو اڄا تائين "خوني بُرج" جي نالي سان مشهور آهي. سنڌ جي محب وطن ماڻهن جو اهو قتلام، ربيع الاول ۹۲۷ هجريءَ ۾ ٿيو.

ارغون حڪومت ۾ انهيءَ واقعي کان وڌيڪ مڪر ۽ فريب سان پرپور هڪ ٻيو واقعو به ٿيو، جنهن ارغون حُڪمرانن جي ديندار، مسلمانيءَ ۽ شرافت جا سڀ پڙدا ڦاڙي، کين اصلي وحشي صورت ۾ اڳهاڙو ڪري، تاريخ

جي مُجرمن واري ڪٺهڙي ۾ آڻي بيهاريو آهي. اهو واقعو آهي سنڌي بلوچن جو قتل عام، جنهن جو سرسري ذڪر، ارغونن جي ظلمن جي فهرست ۾ ڪيو ويو آهي، پر هِتي اُن کي پوري تفصيل سان اُن کري نقل ڪري رهيو آهيان ته جيئن خبر پوي ته مير معصوم بکري توڙي يوسف ميرڪ جهڙن مؤرخن، اهو واقعو نقل ڪندي به ارغون فاتح جي لاءِ پنهنجيءَ دل ۾ ذرو به ڪاوڙ يا نفرت محسوس نه ڪئي، التو ميرڪ صاحب ته انهيءَ واقعي تي خوشيءَ جو اظهار ڪندي، باقي رهيل هروڀرو جو صفايو ڪرڻ جا قيمتي مشورا ڏنا آهن.

سنڌ جي مغل ءِ ارغون دور جي انتظامي تقسيم مطابق هاڻوڪي جيڪب آباد ضلعي جو ڪافي حصو، جتوئي پرڳڻي جي نالي سان سڏبو هو. انهيءَ پرڳڻي جا رهاڪو توڙي سردار بلوچ هنا، جن ۾ جتوئي، برڙدي، ڪورائي، داردشت، لولئي، شر ءِ ٻيا شامل هنا. اُهي هميشه ڪان ونڊي وڏا محب وطن ءِ دلير رهيا هنا. هنن جي رڳن ۾ رَتَ جي بدران ڌارين ءِ غاصبن خلاف باهه جون چيبون ڊوڙيون ٿي. هر دور ۾ ڌارين ءِ غاصب حاڪمن جي خلاف آزاديءَ ءِ خودمختياريءَ جو جهنڊو، هنن جي هٿن مان ڪڏهن به نه ڪريو هو. هنن هميشه هن اُصول تي عمل ڪيو ته:

'ڪنڌ مَ جُهڪائج ڪڏهين، سر ويو، سهساءِ!'

(ايياز)

جڏهن شاهبيگ ارغون بکر تي قبضو ڪيو ته هن کي جتوئي پرڳڻي جي هروڀرو پنهنجو حاڪم ءِ بادشاهه مڃڻ کان انڪار ڪيو ءِ سندس خلاف بغاوت جون رٽون رٽڻ لڳا.

شاهبيگ، بکر جي قلعي جي اڏاوت وقت راڄن جي چڱن مڙسن کي ڪوٺائي، هيڪاندا ڪري، ڪائنس اُنهن بلوچن جي باري ۾ صلاح ورتي، جن ڪڏهن به آڻ نه ٿي مڃي. سيني جي صلاح (ان صلاح مشوري ۾ قاضي قادن ضرور هوندو) کان پوءِ اهو فيصلو ٿيو ته انهيءَ قوم [قبيلي] جي باهه کي ترار جي پاڻيءَ سان اُجهائي ڇڏڻ گهرجي. آخر ڳالهه اچي اتي بيٺي ته هنن جي هر وسنديءَ ۾ ڪافي ماڻهو ٽيڑي پڪيڑي ڇڏجن، جيڪي سدائين لهه وچڑ ۾ ايندا رهن. اُن کان پوءِ عين موقعي تي اشاري ملڻ شرط اُنهن جو ٻوٽو غار ڪرائي

چڏجي. اهڙيءَ ريت هر هنڌ ماڻهن جي مقرريءَ بعد وقت جو انتظار ڪيو ويو ۽ موقعي ملڻ تي هڪ ئي ڏڪ سان ڪيترن جون سِسيون ڏڙن ڪان ڌار ٿي ويون ۽ اِئين اڪ چنپ ۾ هروڀرن جي هائيتاليهن ڳوڙن جا ماڻهو، موت جي ٻوهي ۾ اڇي ختم ٿي ويا.

اهو واقعو لکڻ ڪان پوءِ ميرڪ صاحب فرمائي ٿو، "انهيءَ واردات ڪان پوءِ اُتان جي ٻين ماڻهن مڙئي لُڙ گوڙ چڏي ڏنو آهي ۽ پابنديءَ سان سرڪاري دِل پُڄائيندا رهن ٿا، پر بڙدي بلوڇن جو ايڏا ڪروڌ ۾ مُنهن آهي. اُهي دريءَ نالي هڪ قلعي ۾ رهن ٿا ۽ جاگيردار جي هلڪي ڪَن مهٽ سان هيڪر سڏا ٿي وڃن ٿا."

پڙهندڙ معلوم ڪري سگهن ٿا ته محب وطن عوام جي ايتري قتل ڪان پوءِ به ميرڪ صاحب ڌارين آقائن کي مشورا ڏئي رهيو هو ته ايڏا به انهيءَ عوام جي ڪن مهٽ ٽيڙ گهرجي! هِن جي اها روش، هر اُنهيءَ جاءِ تي نظر اڇي ٿي، جتي سنڌي عوام فاتحن سان ڪا مزاحمت ۽ مخالفت ڪئي آهي. مثال طور، آءٌهتي ڪڪڙي، درٻيلي، چانڊڪا ۽ ٺَڪر پرڳڻي جي عوام جو سرسري ذڪر ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان:

برصغير جي هاڪاري حاڪم اڪبر جي فوجن، جڏهن ۹۸۲ هجريءَ ۾ بکر تي قبضو ڪيو، اُن وقت باوجود مغلن جي دهشت، خونريزيءَ ۽ سفاڪيءَ جي مشهوريءَ جي، (جيڪا اِن حد تائين پهتل هئي، جو فاتح مغلَ، مفتوح ماڻهن جون سِسيون لاهي، اُنهن جا منارا ٺهرائيندا هئا. انهيءَ چنگيزي سنت تي اڪبر پاڻ به شوق سان عمل ڪندو هو) سنڌي ماڻهن سر تان آهو پلي، فاتح مغلن سان مهاڏو اٽڪائڻ پنهنجو قومي ۽ وطني فرض سمجهيو.

اڪبري دربار طرفان مير عدل، ۱۱ رمضان ۹۸۳ هجريءَ تي بکر ۾ گورنر ٿي آيو. اُن وقت سنڌ جي مڪڙيجا قبيلي، مغل حاڪم جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ کان انڪار ڪيو. تاريخ معصوميءَ لکيو آهي ته: 'مير عدل بکر پهچڻ شرط رعيت سان ڏاڍايون ۽ سختيون ڪرڻ لڳو، ايتري قدر جو هن داڻيبنديءَ جو بهانو ڪري، پنهنجي اُرهه زورائيءَ سان هڪ جريب زمين پنڌيان پنج مڻ محصول مڙهي چڏيو، ۽ پوڪي راهيءَ تي اهڙا ماڻهو مقرر ڪيائين،

جن ماڻهن جي ننڊ حرام ڪري ڇڏي. ان ڪري، مڱڻيجا مڇرجي پيا، ۽ اُنهن ڦهري حڪمن کان مُنهن موڙي، اڳو پوءِ جهيڙي جا جتن ڪرڻ لڳا. مير عدل جي ڪارندن جڏهن ڏٺو ته ڳالهه زور وٺي وئي آهي، تڏهن گنبذ ۽ پڇراهه نالي ٻن ڳوٺن جي وچ ۾ هڪ قلعي ۾ وڃي مورچا ٻڌي ويهي رهيا. ٻئي پاسي مڱڻيجا به لاهي پاهي مٽن تيرن جو وسڪارو ڪرڻ لڳا. اُنهيءَ مارا ماريءَ ۾ مير عدل جا ڏاڍا ماڻهو مٺا، جن کي مڱڻيجا ٽنگن مان جهلي، قلعي واري ڪنڌ کوهه ۾ ڦٽو ڪندا ويا. پڇاڙيءَ ۾ هڙيني ڪافر مومن کوهه ۾ ٽانيڪا ڪري، اُن کي لٽي ڇڏيائون. مير عدل کي جڏهن خبر پئي ته سندس سورهين اهاڻ ڪيپ ڪٽي آهي ته هڪدم پنهنجي پُٽ سيد ابوالفضل کي لشڪر سان گڏي، ويرِ وڙڻ لاءِ ڏوڙايائين. هوڏانهن مڱڻيجن کي جيئن ئي خبر پئي ته اوسي پاسي ٽڙي پڪڙي ويا. سيد ابوالفضل لاچار ٿي، سندن پيچو ڇڏي، بکر جي قلعي ۾ موٽي آيو.

اُنهيءَ ڪڙي پرڳڻي سان لڳ درٻيلي جو پرڳڻو هو، جتي سهتن ۽ راڄپرن جا راڄ رهندا هٿا. اُهي راڄ به پنهنجي پيدائشي حق خاطر ڏارين جي غلبي کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه هٿا. بکر جي مغل نواب جي اطاعت هنن جي قومي غيرت واري مذهب ۾ حرام هئي. انهيءَ سلسلي ۾ هُو هميشه بکر جي مغل نوابن سان مُهاڏو اٽڪائيندا آيا. ۱۰۲۵ هجريءَ ۾ جڏهين سيد بايزيد بخاري، بکر جو فوجدار ٿي آيو، تڏهن پنهنجي اصلي ديندارياءَ جو ثبوت ڏيڻ لاءِ هن پنهنجي پُٽن کي عيد جي ڏينهن سهتن ۽ راڄپرن تي حملي جو حڪم ڏنو: اُن نيت سان ته سنڌي ماڻهو عيد نماز ۾ مشغول هوندا، ۽ کين قتل ۽ گرفتار ڪرڻ صفا آسان ٿيندو. سيد زادا، يزيدي سُنت تي عمل ڪندي، عيد جي موقعي جو فائدو وٺي، بکر مان ڪٽڪ کاهي، اچي سنڌين تي ڪڙڪيا. نماز ۾ مشغول ڪيترن سنڌين کي قتل ڪري، رهيل مرد ۽ ٻار ٻڍا قيد ڪري، وٺي وڃي بکر جي قلعي ۾ بند ڪيائون.

اهي ٻئي واقعا لکڻ کان پوءِ، مغل حاڪمن جي مؤرخن، انهن ٻنهي هنڌن تي سخت چوڪسي رکڻ جا مشورا ڏنا آهن، ۽ پوئين واقعي ۾ سنڌين جي بيدردانه قتلام تي مغل فوجدار جي مذمت ته نٿيو، پر الٽو سندس

ڪارنامي ڪي ساراهيو آهي.

چانڊڪا ۾ ٽڪر پرڳڻن جي باري ۾ آءٌهتي تاريخ "مظهر شاهجهاني" مان هو بهو ٽڪرو (ترجمي جي صورت ۾) ڏئي رهيو آهيان، جنهن مان هن مورخ (ميرڪ) جي سنڌين ڏانهن روش جي پوريءَ ريت خبر پئجي سگهي ٿي. هو لکي ٿو:

"چانڊڪا پرڳڻو، گهٽو ڪري وڏو پرڳڻو ليکيو وجي ٿو. هتي سميجا، ڀگهيا، سانگي ۽ ابڙا رهن ٿا، جيڪي سڀ طاقتور قبيلا آهن. هن پرڳڻي جا ماڻهو، ٽوري گهٽي نافرماني ڪندا رهن ٿا. جيڪڏهن بکر طاقتور آهي ته هتان جي ماڻهن کي فصل لهڻ تي زير ڪري سگهجي ٿو، پر جي لشڪر ۾ ايترو زور ڪونهي ته انهن ماڻهن جو منُ وڏيُ وجي ٿو ۽ هي بيرخيءَ جي روش اختيار ڪرڻ لڳن ٿا، چاڪاڻ ته ڪيترين ڳالهين جي ڪري هنن جي پُٺ مضبوط آهي:

1. هي گهٽائيءَ ۾ آهن.

2. سندن ابراضيءَ ۾ جهنگل گهٽو آهي، جنهنڪري ساڻن مُنهن ڏيڻ وقت جهنگ ۾ اڇ وچ ڏُکي ٽي لڳي.

3. هي ماڻهو عام طرح جهنگلي ۽ جابلو قسم جا آهن، جن ۾ بلوچ، مگسي، لاشاري، داردشت، دينااري، رند، ڏومڪي، ڪٽوهڙ ۽ بڙدي اچي وڃن ٿا. اُنهن جو لاڳاپو سبي علاقي سان آهي. هن ۾ چانڊيا نياڳا به آهن، جيڪي وري سيوهڻ واري پاسي سانَ تعلق ٿا رکن. اُهي جڏهن به پنهنجيءَ تي اچن ته پنهنجا ڏور ڏيڳا ۽ ٻار ٻچا جبل ڏانهن اُماڻي، پاڻ جهنگ ۾ گهٽ تاڙي ٿا ويهن ۽ جيئن لشڪر اُتان لانگهائو ٽٽي ٿو ته هي اوچتو اُن تي ڏاڪا ٻڌي چڙهي ٿا وڃن. ٽڪر پرڳڻي ۾ سميجن، ڀگهين ۽ لاکيرن جا راڄ ٿا رهن. هي به ٻين سميجن وانگر رکي رکي بگڙي ٿا پون. ڪڏهن ته هي ڏاڍا اَرڏا هنا، پر هاڻ منجهن اُها ڏنگائي نه رهي آهي ۽ واجبي طرح ڏل پريندا ٿا رهن. چانڊين جي ڪٽونس هتي به جاري آهي. اُهي ڏاڍا نامُراد آهن، ايتريقدر جو ماڻهن (مغلن) جا ٻار کڻي وڃي وڪڻن ٿا ۽ سندن مال ملڪيت هڙپ ٿا ڪريو ڇڏين."

سنڌ ۾ مُغل شاهيءَ سان واسطو رکندڙ هر عامل، جاگيردار، فوجداري،

گورنر، عالم، اديب ۽ تاريخدان اهڙي هوشياريءَ ۽ ڏاهپ سان سنڌين کي نيست ۽ نابود ڪرڻ جا ڳُرَ ۽ هُنر ٻڌائڻ ۾ هڪ ٻئي کان اڳرو هو. اُن جي باوجود سنڌي عوام پنهنجي ڌرتيءَ، اُن جي وسيلن ۽ روايتن تي سر ڏيندو رهيو ۽ ڪيس پنهنجي وقتي مالي مفاد کان پنهنجي روايتن تي سر ڏيڻ وڌيڪ مانائتو ۽ شانائتو ٿي لڳو.

سنڌيءَ ۾ پهاڪو آهي ته "تڏي آيل کي خون به معاف ٿي ويندا آهن." اُن جو سنئون سڌو مطلب هيءُ آهي ته ڪيترو به ڪنهن جو ڪو جاني دشمن هجي، پر سنڌيءَ وٽ مهمان ٿي آيو ته اُهو وقتي طرح سندن عزيزن کان به وڌيڪ اَجهي ۽ امن جو حقدار ٿي ويندو آهي. سامر تي سر ڏيڻ ۽ مهمان کي مانُ ڏيڻ، سنڌين جي قومي روايت رهي آهي. ابڙي سمي، سومرين کي بچائيندي، پورو خاندان تباهه ڪرائي ڇڏيو هو. سنڌ ۾ مغل دَور ۾ به اهڙا ڪيترا واقعا ٿي گذريا آهن، جن ۾ سنڌين پنهنجيءَ انهيءَ قومي روايت جي بچاءَ لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪري ڇڏيون. اِنهيءَ سلسلي جا ٻه واقعا، تاريخن مان هتي نقل ڪري رهيو آهيان:

1. سنڌ ۾ مغل دور جي تاريخ پڙهندڙن کي چگيءَ ريت خبر هوندي ته پنهورن جي سردار بهاءُ الدين، سنڌين بجاءِ مغلن جي طرفداري پٺي ڪئي، ۽ هُو محب وطن سنڌين جي هڪ لڙائيءَ جي اڳواڻ پرٻي اُنڙ جي شهادت ۾ مُغلن سان گڏ شريڪ هو. اُن جي باوجود مغلن ٻه دفعا پنهورن جي سردارن کي گرفتار ڪيو ۽ هڪ دفعو حملو ڪري مير پنهور سان جنگ ڪيائون، جنهن ۾ مير پنهور شهيد ٿي ويو. تنهن هوندي ٻه پنهور مغلن جي مخالف قوتن جي طرفداري گهٽ ڪندا هئا. پر هڪڙو اتفاق ٿيو، جنهن پنهورن کي مغلن جي صفا مخالف صف ۾ بيهاري ڇڏيو، ۽ اهو اتفاق، سنڌين جي روايتي مهمان نوازيءَ جي نتيجي طور وجود ۾ آيو. ٿيو هيئن جو جڏهن شمس الدين نالي هڪ مغل سردار، سيوهڻ جو عملدار ٿي آيو ته هن پنهجي هڪ عزيز خواجه عارف کي فوج ڏئي، باغبان پرڳڻي ۾ ٿيهن تي ڪاهڻ لاءِ موڪليو. اهو خواجه عارف، ٿيهن تي حملي ۾ ناڪام ٿي، اڪبر آباد نالي ڳوٺ ۾ اَچي پهتو. اهو ڳوٺ پنهورن جو هو، جتي وٽن ٻه ٽيٻا مهمان طور ترسيل هئا. خواجه

عارف اُنهن ٽيهن کي گرفتار ڪرائي، سيوهڻ روانو ٽيو. پنهورن مهمانن جي گرفتاريءَ جو ٻڌي، خواجہ عارف سان وڙهڻ لاءِ پڙهو گهمايو. نتيجي طور ڏريون پاڻ ۾ اٽڪي پيون، جنهن ۾ مُغلن جا ٻارنهن ماڻهو قتل ٿيا ۽ خواجہ عارف شڪست کائي پڇي ويو. انهيءَ ويڑ ۾ خواجہ عارف ٻُڌي قيدين کي قتل ڪري ڇڪو هو. اهڙيءَ ريت پنهورن پنهنجي هڪ ثقافتي روايت کي پاڻي ڏيڻ خاطر مُغل شاهيءَ سان تصادم شروع ڪري ڏنو.

2. ٻيو واقعو هن ريت آهي تہ: ماٽيلي پرڳڻي جو ارباب عبدالواحد، ٽڪر پرڳڻي جي لاکيرن وٽ مهمان ٿي ٽڪيل هو. ماٽيلي جي سنڌي ماڻهن تي بکر جي نواب حڪيم صالح کي ڪُٽڪيون هيون، جو اُتي جي ابڙن، ٻن مغل گماشتن کي سنڌن سائين سميت قتل ڪري وڏو هو. جڏهن ٽڪر پرڳڻي جي جاگيردار طاهر محمد کي خبر پئي تہ بکر جي نواب جو هڪ وڏو لاکيرن ۾ آيل آهي تہ هُو 80 فوجين جو جٿو وٺي، عبدالواحد کي قيد ڪرڻ لاءِ لاکيرن جي ڳوٺ پهتو. جڏهن لاکيرن کي خبر پئي تہ سنڌن مهمان کي گرفتار ڪرڻ لاءِ مغل فوج پهچي وئي آهي تہ هنن چا ڪيو، جو وچ ۾ آيل پاٽيءَ جو بند ٻڌي، لشڪر جي چوڌاري گهيرو ڪري، مغل لشڪر تي تيرن جو وسڪارو لائي ڏنائون. انهيءَ ويڑهہ ۾ لاکيرن، مغل جاگيردار سميت سڄي آيل فوج کي قتل ڪري، سيني جو سامان ۽ گهوڙا بہ پنهنجي قبضي ۾ ڪيا.

مغل دور حڪومت اندر، سنڌين ۾ هڪ خاص روايت جنم ورتو، جا روايت آهي **ڏڳهي خُوش خير عافيت**. اسان جي زماني جا ڪجهہ نون خيالن جا ماڻهو، انهيءَ ڏڳهي خوش خير عافيت کي اسان جي وڏن جي بيوقوفيءَ واري روايت سمجهندا آهن، پر حقيقت ۾ ائين نہ آهي. اُن دور ۾ مغلن جي ايڏي تہ دهشت هئي، جو عام ڳوٺاڻو ماڻهو سنڌين سڏي سياسي ڳالهہ ڪري نہ ٿي سگهيو. ۽ نہ وري وڙهندڙ سنڌين جي باري ۾ ڪا خبر چار ئي وٺي ٿي سگهيو. اُن صورت ۾ هُو ايندڙ مهمان کان سندس، سندس اوڙي پاڙي، مال ملڪيت، سنگت ساٿ ۽ دين ايمان جي باري ۾ پُڇندو هئا، جنهن جو مقصد اهو هو تہ مسافر جتان جتان سفر ڪيو آهي، اُتي امن امان جي صورتحال ڪيئن هئي؟ مغلن جي قرلت کان اڳا ماڻهن جو مال سلامت هو يا نہ؟ مغلن جي حملن ۽

سنڌين جي مقابلي جي ڪيفيت چا هئي؟ پاڙي وارن پرڳڻن جي عوام جي ڪهڙي حالت هئي؟ ماڻهن جو قومي غيرت تي ايمان پڪو هو يا بيغيرتيءَ ۽ بزدليءَ تي لهي آيا هئا؟ اهڙيءَ ريت اُهو مسافر وري جوابي ساڳيءَ ريت خبر چار ونندو هو، ۽ اِن نموني سنڌي، پنهنجيءَ اِن مخصوص خوش خير عافيت ذريعي پُوريءَ ملڪي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪري سگهندا هئا.

سنڌي عوام هر طريقي سان پنهنجي قومي وجود کي سلامت رکڻ لاءِ ڪوشش پئي ڪئي، ۽ ڪنهن به صورت ۾ مُغلن جي بالادستيءَ کي دل سان تسليم نه ٿي ڪيو. هنن جي دلين ۾ غير ملڪي تسلط خلاف هڪ قسم جي شديد نفرت هئي ۽ اُن نفرت جو اظهار هر موقعي تي ويڙهه جي صورت ۾ ظاهر ڪندا هئا. اُن دور ۾ سنڌين جي مُغلن جي باري ۾ روش، اسان هنن ٻن بلوچي شاعرن جي شعرن ۾ ڏسي سگهون ٿا:

بلوچ شاعر نور محمد چوي ٿو:

توسان منهنجو صلح اُن وقت ٿيندو:
جڏهن گدڙ، ڪُڪڑَ ۽ ڪبوتر جو رکوال ٿيندو:
جڏهن شڪاري چيتو، اُٺ جو محافظ ٿيندو:
جڏهن باهه ۽ ڪپهه ۾ دوستي ٿيندي:
جڏهن بگهڙ، رڍن جو ڏنار ٿي ويندو:
جڏهن هاٿيءَ جو قد، آهُ جي داڻي جيڏو ٿي ويندو: ۽
جڏهن مڇيون سُڪل زمين تي زندهه رهنديون.

ساڳيءَ ريت ممتاز بلوچ شاعر، بالاچ خان، دشمن سان صلح ڪرڻ جي باري ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار هن ريت ڪري ٿو:

دُشمن سان منهنجو صلح ان وقت ٿيندو:
جڏهن گز (وڻ) ۾ ڪنڊا ڄمندا:
جڏهن نانگن کي پير نڪري ايندا:
جڏهن ڪانوَ ڪير ڏيڻ شروع ڪندا:
جڏهن جهنگلي شينهن گهريلو بنجي ويندا:
جڏهن ٻيڙيون ميدانن تي هلڻ لڳنديون:
۽ جڏهن (هٿ جي) تريءَ تي وار ڄمندا.

انهيءَ مسلڪ ۽ عقيدي تي هلندڙ ڪن سنڌين جو داستان، مختلف تاريخي ڪتابن مان هٿ ڪري، هن ڪتاب ۾ ڏنو ويو آهي. مون هتي جيڪي ڪجھ لکيو آهي، سو هڪ اهڙو ساز آهي، جنهن جي هر تار مان اسان جي شڪست جو آواز ٿو اچي. هڪ اهڙو چمن آهي، جنهن جو هر ٻوٽو لتاڙيل آهي. هڪ اهڙيءَ چوڪريءَ جي تصوير آهي، جنهن جي عصمت جو دامن تار تار ٿيل آهي: تاهم مون کي پنهنجي شڪست جي اُنهيءَ ساز جي هر تارَ سان پيار آهي. اُنهيءَ اُجڙيل چمن جي هر ڪُوماٽيل گل جي اهميت، مون وٽ جنت الفردوس جي گُلن کان وڌيڪ آهي، ۽ مُون ان لڄ لٽيل چوڪريءَ جو دامُن، اُنَ لائق سمجهيو آهي، جنهن کي هُوند حورون به سجدا ڪري پنهنجو مرتبو وڌائين.

قومون پنهنجي شڪستن سان اُن ڪريَ پيار ڪنديون آهن، جو اُهي انهن شڪستن جي ڪنڊرن تي پنهنجي شاندار آخري ۽ دائمي فتحيابيءَ جا بيمثال رني ڪوٺ تعمير ڪنديون آهن. اُهي پنهنجين ويرانين کي اُن ڪري پوڄيندیون آهن، جو اُهي انهن ويرانين وارن هنڌن تي نئينءَ دنيا، نئين ڪائنات ۽ نئينءَ جنت جا شاندار محل تعمير ڪنديون آهن.

اسان کي پنهنجي انهن شڪستن سان اُن ڪري پيار آهي، جو انهن شڪستن ۾ اسان جو سرڪش ۽ باغي عزم، ڪنهن الهڙ جوانڙيءَ جي چاتين وانگر تازو، توانو ۽ نئون نڪور ٿي، هر پيري اُپرندو رهيو آهي. انهن شڪستن اسان جي تاريخ کي لال ڪنوار بنايو آهي ۽ اسان جي سائي ستابي مُلڪ کي اجرڪ، ڪُهنبي ۽ ڳاڙهي گهوٽ جو زنده جاويد روپ ڏنو آهي.

آءٌ سمجهان ٿو ته ڪنهن قوم جو آزاد روح مري نه ٿو سگهي، پر اُهو هر پيري جُوڻ متائيندو، پيڙهيءَ در پيڙهي هلندو ٿو رهي ــ ۽ آءٌ اُنهيءَ روح کي نياز هماليءَ جي لفظن ۾ هيئن دعا ٿو ڪريان:

شل! اُتاهون رهين اُپَ جي نيراڻ جان،
شل! ستارا ڪرين سانت چاندراڻ جان،
شل، ڏُئين ساءِ، موتئي جي سُرهاڻ جان!

ٽٽي تي قبضي کان پوءِ
آزاديءَ لاءِ سنڌين جي پهرين کوشش

سيوهڻ فتح ڪرڻ کان پوءِ شاهبيگ ارغون، سنڌ جي عظيم محب وطن، دولهه دريا خان جي پٽن ڏانهن سنڌ جي شاعر، قاضي قادن کي موڪليو ته جيئن هُو دولهه دريا خان، جي پُٽن محمود ۽ مٺڻ کي شاهبيگ جي اطاعت لاءِ آماده ڪندو؛ پر محب وطن پيءُ جي سورهيه پٽن، قاضي قادن سان ملڻ کان ٿي انڪار ڪري ڇڏيو. شاهبيگ، سيوهڻ کان ٽلٽيءَ جي ويجهو پهتو ته جاسوسن کيس خبر ڏني ته محمود، مٺڻ، جام سارنگ سهتو ۽ رڌمل سوڍو، اوهان سان ڳالهائڻ لاءِ تيار آهن، پر مخدوم بلاول انهن کي نه صرف ملڻ کان روڪيو ويٺو آهي، ليڪن جنگ ڪرڻ لاءِ نصحيت ڪري رهيو آهي. اها خبر ٻڌي، شاهبيگ ٻيڑين جي رستي درياهه پار ڪيو. ٽلٽيءَ جي سنڌين شهر کان باهر نڪري، جوڌا سنگهه سوڍي جي پاءُ رڌمل سوڍي کي لشڪر جو مهندار مقرر ڪري، لڙائيءَ جي تياري ڪئي. مير فاضل، شاهبيگ جي لشڪر جي اڳئين حصي جو مهندار ٿي ميدان ۾ آيو. شاهبيگ خود فوج وٺي پهتو. انهيءَ تازه دم فوج پهچڻ سان ارغون فوج جو حوصلو وڌي ويو ۽ انهيءَ فوج انتهائي تيز رفتاريءَ سان اڳتي وڌي، شهر جي دروازي تي قبضو ڪيو. سنڌين جو ڪافي لشڪر ميدان جنگ ۾ ڪم آيو، باقي ميدان ڇڏي، ڪنهن نئين مورچي ۽ ميدان جي تلاش ۾ نڪري ويو. شاهبيگ فاتحانه شان سان شهر ۾ داخل ٿيو، پر سندس اُميدن جي ابتڙ شهر جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ ارغون لشڪر کي سخت مزاحمت ۽مقابلي سان منهن ڏيڻو پيو. شهر جو هر مرد، هر عورت، هر ٻڍو، ٻار، ڪاريگر، هنرمند، عالم، ڪتابي (شاگرد) ۽ شاعر، مغل فوجن لاءِ هڪ جاڻي جوان جو روپ اختيار ڪري ويو. پورا ٽي ڏينهن ٽلٽيءَ جي شهر ۾ لڙائي، قتل، خونريزي ۽ باهه جو ناچ ٿيندو رهيو. سنڌي، پنهنجي ماتر پوميءَ جي محبت ۾ قتل ٿيندا رهيا. ٽلٽيءَ جو شهر، ماڻهن ۽ سامان کان بلڪل خالي ۽ تباهه ٿي

ويو. انهيءَ جنگ ۾ رڻمل سوڍو، جام سارنگ سهتو، مٺ ۽ محمود خان، مادر وطن جي حفاظت جو فرض پورو ڪندي، شهيد ٿي ويا.

هن جنگ جي خاص اهميت اُن ڪري به آهي، جو ان ۾ تخت ۽ تاج جي حاصلات جي بجاءِ حب الوطنيءَ جو خاص جذبو ڪم ڪري رهيو هو، ۽ سنڌ جا ماڻهو ديس جي آزاديءَ لاءِ پنهنجي پوري قوت ۽ طاقت سان هڪ ڏاڙيل قوروڙ، غاصب ۽ اهڙي ڏاڙيل سان ٽڪرائجي ويا، جيڪو پنهنجو ملڪ ۽ عورتون، رضا خوشيءَ سان بابر جي حوالي ڪري، سنڌ تي قيامت وانگر اچي ڪڙڪيو هو. ۽ پي وڏي ڳالهه ته هيءَ جنگ، مذهب ۽ ڌرم جي ويڇن کان بلند ٿي، خالص قومي بنيادن تي وڙهي وئي، جنهن ۾ هندو مسلم، پنڊت، مولوي، صوفي، جوڳي، جاگيردار ۽ هاريءَ جو شاندار اتحاد ۽ اتفاق نظر اچي ٿو. جنگ جي سپهه سالار رڻمل سوڍي جي ڪمان ۾ مخدوم بلاول جهڙي ولي الله جا خليفا ۽ شاگرد ۽ مادر وطن جا نعرا هٽندي شهيد ٿيا. پر، وڏي افسوس جي ڳالهه رڳو هيءَ آهي ته هن جنگ ۾ سنڌين جي لشڪر جو تعداد معلوم نه ٿي سگهيو آهي، اهو سنڌ جي تاريخ جو اميو آهي.

—

آزادیءَ لاءِ سنڌين جي بي جدوجهد

شاهبيگ ارغون سيوهڙ واري ٿي طرف هو، ته سنڌ جي تخت ۽ تاج جي پراڻي دعويدار، جام صلاح الدين کي (جنهن کي جام فيروز جي ايام کاريءَ ۾ دريا خان جي حڪمت عمليءَ سبب ڏٽي جي تخت کان محروم ٿيڻو پيو هو ۽ گجرات ۾ رهيل هو) سنڌ جي غلاميءَ، جام فيروز جي نااهليءَ ۽ ارغون فاتحن جي وحشت ۽ درندگيءَ جون خبرون پهتيون، ۽ هن ڏٽي جي تخت ۽ سنڌ جي آزاديءَ لاءِ وري کوششون شروع ڪيون. جاڙيجن، سومن، سمن ۽ ڪنگهارن جو ڏهه هزار لشکر گڏ ڪري، سنڌ تي حملي ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو. جام صلاح الدين جي هن کوشش جي باري ۾ "تاريخ سنڌ" جو مصنف، اعجاز الحق قدوسي لکي ٿو ته: "سنڌ جي اُنهن قبيلن، جام صلاح الدين کي ان کري پنهنجي اميدن جو مرڪز بنايو، جو هُو سما خاندان جو فرد هو. جيسين تائين هن ۽ جام فيروز جي ويڑهه هلندي رهي، تيسين تائين هي قبيلا دريا خان جهڙي محب وطن جي ڪري جام فيروز جي طرف هنا، پر دريا خان جي شهادت کان پوءِ جام فيروز جو سنڌ جي غلاميءَ تي راضي ٿي ويهڻ، اُنهن قبيلن کي کين آئڙيو. هاڻي انهن قبيلن چاهيو ٿي ته کهڙي به نموني ملڪ کي غيرن جي غلاميءَ کان آزادي نصيب ٿئي."

حقيقت هيءَ آهي ته سنڌ جي محب وطن عوام سمجهيو ٿي ته آزاد سنڌ جي ڪچيءَ ۾ غلاميءَ جو ڪٽ وجهڻ جا ذميوار شاهبيگ ارغون ۽ جام فيروز هنا. هن وقت ڏٽي تي جيتوڻيڪ نالي ماتر جام فيروز جي حڪومت هئي، پر حقيقت ۾ جام فيروز ارغونن جو دلال ۽ ڪُڏو بنجي چڪو هو؛ ان کري، سنڌي عوام، جام فيروز ۽ شاهبيگ ارغون جو گڏيل دشمن ٿي پيو. اِهو ئي سبب هو، جو جڏهن جام صلاح الدين، جام فيروز جي غلامانه حڪومت جي خلاف آزاديءَ ۽ حُريت جو جهنڊو بلند ڪيو، تڏهن اهي سڀ قبيلا، جن کي سنڌ جي آزاديءَ ۾ ايمان هو، سي هن خيال سان جام صلاح الدين سان گڏجي ويا ته شايد

سندس ذريعي ملڪ کي غيرن جي غلاميءَ کان آزادي نصيب ٿئي. هنن جي خيال ۾ جام فيروز جي خلاف جنگ، حقيقت ۾ ارغون تسلط ۽ غلبي خلاف آزاديءَ ۽ استقلال جي جنگ هئي، ۽ جڏهن جام فيروز کي شڪست ڏيڻ کان پوءِ جام صلاح الدين جي حڪومت قائم ٿي ته اها هڪ آزاد، خودمختيار ۽ سنڌين جي پنهنجي پائيدار حڪومت لاءِ پيڙهه وارو پٿر ثابت ٿيندي.

جام صلاح الدين جي انهيءَ تياريءَ کي ڏسي، جام فيروز پنهنجي آقائن سان صلاحون مشورا شروع ڪيا. فاتح ارغون ۽ جام فيروز جي وچ ۾ سفارت جا فرائض قاضي قادن سرانجام ڏنا، نيٺ قاضي قادن جي گهٽيءَ ڀڪ ڊوڙ کان پوءِ جام فيروز ۽ فاتح ارغون جي صلاح سان مرزا شاهه حسن کي سنڌ جي آزاديءَ لاءِ کاهي ايندڙ جام صلاح الدين جي لشکر سان مقابلو ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو. آخرڪار، جهالارَ جي پٽَ ۾ ٻنهي فوجن ۾ قيامت خيز جنگ لڳي. سنڌين انتهائي بهاديريءَ، بي جگريءَ، همت ۽ حب الوطنيءَ جي جذبي سان سرشار ٿي جنگ ڪئي. انهيءَ جنگ ۾ جام صلاح الدين خود، امر امراڻي ۽ جام صلاح الدين جو پٽ هيبت خان، اڃيڪو سلطان مظفر گجراتيءَ جو نائي هو) ٽيئي شهيد ٿي ويا. رڦتي طرح سنڌين کي شڪست آئي. گهٽو سنڌي لشکر ميدان جنگ ۾ ڪم آيو، باقي ٿورو رهيل سنڌي لشکر، ڪچ ۽ گجرات ڏانهن ڪنهن نشينءَ جنگ جي تياريءَ لاءِ روانو ٿي ويو.

—

سنڌ جي آزاديءَ لاءِ ٽين ويڙهه

جام فيروز، پنهنجي ناعاقبت انديش ماءُ مرينا ماڇياڻيءَ جي ڳالهين تي لڳي، ارغونن کي گهرايو ته اُن لاءِ هو ته اُهي اڇي دريا خان جو زور ٽوڙين، مگر، دريا خان جي شهادت کان پوءِ ارغونن جام فيروز سان جيڪا روش اختيار ڪئي، تنهن مان هن جون اکيون چڱيءَ طرح کلي ويون. پر هاڻي ڦاٽي کان پوءِ ڦٽڪڻ اجايو. پوءِ به هن پنهنجي بيوسيءَ ذلت ڏسي پڇتايو. بقول نياز همايوني:

انت پڇتايو پٽر دل، نيٺ ته سنڌ جي مٽي هئي!

هن سوچيو ته 'ڪچ ءِ سنڌ جي سرحد تي اُهي سنڌي جانباز ايڏا به واڇوڙي وانگر ڊوڙي ءِ نانگ وانگر وٽ ڪائي رهيا آهن، جن کي مون پنهنجي هٿن سان تباهه ڪرايو آهي. مون کي انهن وٽ وڃي پنهنجي غلطين، ڪوتاهين ءِ غدارين تي پڇتاءُ ڪرڻ گهرجي، ءِ انهن جانبازن جي مدد سان ارغونن کي ٽوٽا چهائڻ گهرجن' ـ اهو ارادو ڪري، هُو بدين ءِ رحمڪي بازار وارو تر گهميو. اتي جو محب وطن سنڌي عوام ارغونن تي اڳيئي تتو ويٺو هو ءِ ڪنهن موقعي جي تاڙ ۾ هو، تنهن جام فيروز جي اهڙي ارادي کي ڏسي، اڳيون ڳالهيون سڀ وساري، سندس جهنڊي هيٺ وڙهڻ قبوليو. آخر ته هو پنهنجي سيني ڪوتاهين هوندي، سندن محبوب ءِ معشوق بادشاهه جام نندي جو پٽ هو. ٿوري وقت اندر جام فيروز جي جهنڊي هيٺ سنڌ ديس جي آزاديءَ جا پنجاهه هزار پروانا گڏ ٿي ويا. انهن سيني جي هڪ ئي تمنا هئي، "آزادي يا موت!" پوري ٿئي ۾ جام فيروز جي فوج جي گهٽائيءَ جو هُل هنگامو ٿي ويو.

هيڏانهن مرزا شاهه حسن، ڪجهه ماڻهو ٿئي جي حفاظت لاءِ ڇڏي، پاڻ جام فيروز سان مقابلي لاءِ روانو ٿي ويو. سنڌو نديءَ جي ڪاهي ڪپ تي جُوڙ وٽ ٻئي لشڪر هڪٻئي جي سامهون ٿيا. جام فيروز سان ايندڙ سنڌي لشڪر، ارغون لشڪر کي ڏسي، گهوڙن تان لهي، مٽن تان پٽڪا لاهي، پٽڪن جي ڇيڙن سان هڪٻئي کي ٻڌي، خوفناڪ جنگ شروع ڪري ڏني. ان زماني ۾ هند

ءِ سنڌ ۾ رواج هو ته جڏهن هندي ءِ سنڌي مرڻ گهڙيءَ تائين وڙهڻ جو ارادو ڪندا هئا ته گهوڙن تان لهي، مٿو اگهاڙو ڪري پٺڪن سان هڪٻئي جي چيلهن کي ٻڌي وڙهندا هئا. مرزا شاهه حسن جڏهن سنڌين جي فوج جي هيءَ حالت ڏٺي، تڏهن پنهنجي امير ن کي چوڻ لڳو ته "اها فتح جي خوشخبري آهي. تيرن سان حملو ڪريو!" ارغونن طرفان انهيءَ حملي جي ڪري جنگ پوري جوش ءِ خروش سان شروع ٿي. صبح کان شام تائين لڙائي ٿيندي رهي. ويهه هزار ماڻهو ٻنهي طرفن جا قتل ٿيا. جام فيروز ٻئي ڏينهن وڙهڻ جي بجاءِ رات وچ ۾ رهيل سپاهه ساڻ ڪري گجرات هليو ويو. ارغون فاتح وحشت ءِ خونريزيءَ جو طوفان مچائيندو ٺٽي موٽي آيو. هاڻي پوريءَ سنڌ تي ارغونن جو مڪمل قبضو ٿي ويو ءِ ائين نظر اچي رهيو هو ته آزاديءَ ءِ حريت جي ڪابه چٽنگ هن سرزمين جي ڇُلهي ۾ رهي ئي ڪانهي ءِ سنڌ غلامن جو ئي مُلڪ آهي.

—

آزاديءَ لاءِ سنڌين جي ڇوٽبن جدوجهد

جام فيروز ۽شاهه حسن ارغون وچ ۾ ٽيل جنگ ۾ سنڌين جي شڪست کان پوءِ ائين پئي سمجهيو ويو ته هاڻي هن سرزمين ۾ آزاديءَ جي ڪابه چٽنگ ڪانه دکندي ۽ مُلڪ تي غاصبن جي قبضي خلاف ڪوبه هٿ نه هرندو، پر اها سوچ، سنڌين جي تاريخي حب الوطنيءَ ۽ آزاديءَ جي تڙپ کان اڻڄاڻائيءَ تي ٻڌل هئي. هن سرزمين ۾ ايا به اهڙيون سِسيون هيون، جن پنهنجي مادر وطن جي چونڪاري لاءِ رت وهائڻ ۽ سنڌ جي سيني تي لال لهوءَ ۾ ليٽڻ ٿي چاهيو ۽ اهو موقعو نيٺ اچي ويو.

جام صلاح الدين ۽ مرزا شاهه حسن جي وچ ۾ لڳل جنگ جهالار ۾ جام ڪنگهار جو پاڻ امر امراڻي به شهيد ٿي ويو ۽ انهيءَ جنگ جو محرڪ به اهو ئي هو. جام فيروز واري شڪست کان پوءِ به سنڌي مات ڪري نه ويٺا، پر هنن توڙ تائين وڙهڻ جو فيصلو ڪيو هو: اُن ڪري، هُو وري به جام ڪنگهار جي جهنڊي هيٺ گڏ ٿيا. جام ڪنگهار لشڪر گڏ ڪري، مرزا شاهه حسن کي هيٺ ڄاڻايل خط لکيو، جنهن خط ۾ هڪ سنڌيءَ جي شرافت ۽ بهادري پوريءَ ريت جهلڪي رهي آهي:

"سنڌ جي غاصب مرزا شاهه حسن ڏانهن!

جيئن ته تو منهنجي پاڻ امر کي شهُيد ڪيو آهي. اُن جي خون جو بدلو ونڊ لاءِ ماڻهو منهنجي چوڌاري گڏ ٿيا آهن، پر جيئن ته تون ملتان ويل هُنين، اُن ڪري مون اخلاقي طرح تنهنجي غير حاضريءَ ۾ تنهنجي اهل عيال تي حملو نه ڪيو. هاڻي جيئن ته تون موٽي آيو آهين، اُن صورت ۾ يا ته اسان سان صلح ڪري سنڌ جو علائقو اسان جي حوالي ڪري ڪيڏانهن هليو وڃ يا جنگ لاءِ تيار ٿي ۽!"

جام ڪنگهار جي اُنهيءَ خط جي جواب ۾ مرزا شاهه حسن هن ريت جواب ڏنو:

"اسان جنگ ڪان سواءِ ٻيو ڪو رستو ڄاڻون ئي ڪين. امر امراڻيءَ جي

رت سان اسان جنهن ميدان کي رنگين ڪيو هو، سو ميدان ايڏا وڏيڪ رت جو مطالبو ڪري رهيو آهي. ان ڪان اڳ جو تون هيڏانهن اچين، آءٌ پاڻ تنهنجي مقابلي لاءِ اچي رهيو آهيان."

بهرحال هڪ فوجون، سندءِ ڪچ جي سرحد تي مقابلي لاءِ گڏيون. رڻ گجيو، راڙو ٿيو؛ بهادر بهادرين گڏيا، سر ڏڏيا ۽ لوٿون لُڇيون. سخت مقابلي کان پوءِ سنڌين جي هيءَ جدوجهد به ناڪام وئي. جام ڪنگهار رهيل سپاهين سان واپس موتي ويو. ارغونن، انتهائي بيدرديءَ سان قتل ۽ خونريزي ڪئي. بيشمار اُٺ، گهوڙا، رڍون، ٻڪريون، ڍڳيون ۽ هيو سامان لُٽي قُري نٽي موتي آيا.

جام ڪنگهار نه صرف مرزا باقيءَ ترخان کي پناهه ڏني، پر پنهجي ڌيءَ جاڙيجيءَ جي سائس شادي به ڪرائي. مرزا باقي جن مصيبتن ۾ گرفتار هو، تن مان نجات صرف مائي جاڙيجيءَ جي ڏاح ڏيارو. مرزا باقيءَ کي انهيءَ مائيءَ پيٽان مرزا مظفر نالي پُٽ به ڄائو هو، جنهن بدين تي حڪومت ڪئي ۽ سندس قبر شاهه قادريءَ جي قبرستان ۾ آهي. مرزا باقيءَ جنهن نموني ارغونن جو خاتمو ڪرايو، اُن مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اُنهيءَ واقعي جي پسمنظر ۾ جام ڪنگهار ۽ سندس ڌيءُ جاڙيجيءَ جو هٿ ڪارفرما هو. جيتوڻيڪ مرزا باقي اڳتي هلي انتهائي ڪميٽو، ڪنجوس ۽ ظالم ثابت ٿيو، پر اهي خصلتون منجهس اُن وقت موجود ڪين هيون، جڏهن جام ڪنگهار ڪيس ارغونن لاءِ موت جي فرشتي جي صورت ۾ تربيت ڏئي رهيو هو. هاڻي سنڌين، هن جنگ جي ناڪاميءَ کان پوءِ ڪليل صف بنديءَ واري جنگ کي ڇڏي، جنگ جي هڪ نئين صورت ۽ حڪمت عملي اختيار ڪئي، جنهن کي آءٌ ابتدا ۾ ون رڇڻ جنگ يا منتشر لڙائيءَ جي نالي سان متعارف ڪرائي آيو آهيان. اهڙي قسم جي جنگ، ارغون دور کان وٺي مغلن جي خاتمي تائين ۽ ان کان پوءِ ڪافي وقت تائين جاري رهي: ويندي نادر شاهه ۽ احمد شاهه ابداليءَ جي حملن وقت جڏهن سنڌ جون سرڪاري فوجون شڪست کائي ڇڪيون ويون، تڏهن سنڌي عوام، انهن هنهن حملي آورن جي لشڪر جي خلاف ڇڙوڇڙ جنگ ڪئي هئي، جنهن جا صرف اشارا اسان کي مختلف ڪتابن ۾ ملن ٿا.

—

بلاولي تحريڪ جو تسلسل ۽ اُن جا شهيد

بلاولي تحريڪ جي تسلسل ۾، شهيدن جي هڪ وڏي فهرست موجود آهي. سنڌس وطن عزيز سنڌ لاءِ ڏنل قربانيون، هڪ اهڙو ڪيڏارو آهن، جيڪو لفظن کان وڌيڪ شهيدن جي رت جي ريڪائن تي مشتمل آهي. اهڙن شهيدن مان ڪجهه جو ذڪر ڪجي ٿو:

جام صلاح الدين

سنڌ جي هن شخصيت جي باري ۾ تاريخدانن عجيب روش اختيار ڪئي آهي. سڀ تاريخ لکندڙ سنڌس نالو سرسري نموني ولندا، اڳتي وڌندا ويا آهن. هن جو ڏوهه رڳو هيءُ هو ته هن جام نظام الدين جي وفات کان پوءِ ڏٺي جي تخت لاءِ دعويٰ ڪندي جام فيروز تي لشکر ڪشي ڪئي هئي، ۽ نيٺ دولهه دريا خان جي سياست ۽ تدبر جو شڪار ٿي ويو هو. ايتريءَ حد تائين جو سنڌ جو مشهور مورخ مولائي شيدائي، هن جي پيءُ جي نالي جي به وضاحت ڪرڻ ٿو ڪري. البت تاريخدانن ايترو لکيو آهي ته هُو جام سنجر جو پوٽو هو. جام سنجر سنڌ جو انتهائي خوبصورت ۽ ذهين بادشاهه هو. چون ٿا ته سنڌس حُسن تي هڪ الله لوڪ فقير عاشق هو، جنهن جي دعا سان هو بادشاهه ٿيو هو. هن گجرات جي سلطان محمود بيگڙي سان سگاوتي ڪئي هئي. هو انتهائي ڏاهو، محب وطن ۽ عوام دوست حڪمران هو. هن سنڌ مان رشوت جي پاڙ پٽڻ لاءِ سرڪاري عملدارن جا پگهار وڌائي، مٽن سخت نظرداريءَ جو حڪم ڏنو هو. هن سنڌ تي ڪُل اٺ ورهيه آزادي ۽ خودمختياريءَ سان حڪومت ڪئي. جام سنجر جو دَور امن ۽ اطمينان جي ڪري سنڌ ۾ مثالي دَور ليکيو ويندو هو. سنڌس دورِ حڪومت جو دائرو ملتان تائين هو ۽ سنڌس خوشحال دور جي باري ۾ ملتانيءَ ۾ ڪيترا ئي لوڪ گيت چيل آهن. جام صلاح الدين، اهڙين

وصفن واري حاڪم جو پوٽو هو. جام نندي جي وفات کان پوءِ جڏهن هن جام فيروز جي مقابلي ۾ نٽي جي تخت لاءِ دعويٰ ڪئي، تڏهن دولهه دريا خان ۽ ٻين وزيرن جام نظام الدين جي احسانن سبب جام صلاح الدين کي بيدخل ڪري، جام نندي جي پٽ جام فيروز کي تخت تي ويهاريو ۽ جام صلاح الدين پنهنجيءَ پيٽ وٽ گجرات هليو ويو. اڳتي هلي جام فيروز تخت تي ويهڻ شرط دريا خان کي پنهنجو بدخواهه سمجهي، ڪيس دربار مان ڪڍي، مغلن سان دوستي وڌائڻ لڳو. اُهي مغل ڏارين حڪومتن جا جاسوس هئا، جن مان خاص ڪري مير قاسم ڪيبڪي، دربار جون سموريون ڳُجهيون خبرون ڳجهه ڳوهه ۾ اُن شاهبيگ ارغون کي پهچائڻ لڳو، جنهن کي جام نندي جي زندگيءَ ۾ دولهه دريا خان ذلت آميز شڪست ڏئي ڇُڪو هو. جام فيروز سارو ڏينهن محل ۾ گذاريندو هو ۽ ڪڏهن ورلي ٻاهر نڪرندو هو. جڏهن ٻاهر ايندو هو ته خوبصورت ڇوڪرن جي ناچ ۽ مسخرن جي مسخري ڏسڻ ۾ مصروف رهندو هو. جام فيروز جون اهڙيون قسم جون الغرضايون ۽ عياشيون سنڌ کي تباهيءَ ڏانهن وٺي وڃي رهيون هيون. دريا خان نٽو چڏي وڃي "ڳاهن" ۾ پنهنجون زمينون سنياڻڻ لڳو هو. اهي خبرون جڏهن جام صلاح الدين کي پهتيون، تڏهن هن مظفر گجراتيءَ جي مدد سان وڏو لشڪر تيار ڪري، سنڌ جي دارالحڪومت تي حملو ڪيو. جام فيروز بنا ڪنهن جنگ ڪرڻ جي نٽو چڏي ڀڄي ويو. سنڌ جي گاديءَ واري شهر تي جام صلاح الدين جو قبضو ٿي ويو. جام فيروز جي ماءُ مرينا ماڇياڻي پنهنجي نااهل ۽ نالائق پٽ کي لڪائي وڃي دريا خان جي در تي پهتي. جام نندي جي شخصيت جا واسطا ڏئي، پٽس جي نالائقين جي معافي وٺي، دريا خان کي پرچائي وري سنڌ جي سياست ۾ گهلي آئي. سنڌ جي سدوري، سلڇٽي ۽ عظيم محب وطن فرزند دولهه دريا خان، هن خاندان جون گڏريل مهربانيون ياد ڪري، بنا وقت وڃائڻ جي لشڪر گڏ ڪرڻ شروع ڪيو. بکر ۽ سيوهڻ جا سمات ۽ بلوچ قبيلا، دريا خان جي جهنڊي هيٺ اچي گڏ ٿيا. جنگ شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ سنڌ جي ٻنهي محب وطن يعني دولهه دريا خان ۽ جام صلاح الدين پاڻ ۾ ملاقات ڪئي ۽ سنڌي عوام جي خونريزيءَ کان بچڻ جي اُپائن تي ويچاريو. ٻئي ڇٽا سنڌ جي مفاد خاطر ٺهي ويا، پر بدقسمتيءَ

سان جام صلاح الدين جي مک صلاحڪار "حاجيءَ" انهيءَ صلح جي سخت مخالفت ڪئي: جنهن جي نتيجي ۾ هنهي ڏرين ۾ سخت جنگ لڳي. جيئن ته ماڻهن جي اڪثريت جام فيروز کان بيزار هئي، اُن ڪري ميدان جنگ ۾ دريا خان جو لشڪر بيهي نه سگهيو ۽ شڪست کاڏائين. دريا خان انهيءَ شڪست کي فتح ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ پنهنجي روايتي دانائيءَ کان ڪم ورتو. ٽيو هيئن جو جام صلاح الدين جي فوج جي سپهه سالار حاجيءَ، دريا خان جي فوج جي شڪست جي پوري خبر هڪ قاصد هٿان جام صلاح الدين کي ڏياري موڪلي. اتفاق سان اهو قاصد دريا خان جي ورڇڻهي ويو. دريا خان چا ڪيو، جو حاجيءَ وارو خط لڪائي، اُن جي بدران ٻيو جُڙتو خط حاجيءَ پاران جام صلاح الدين کي لکيو: جنهن ۾ لڪايل هو ته: "دريا خان جي لشڪر پنهنجيءَ فوج کي شڪست ڏني آهي. سڀئي صلاح هيءَ آهي ته تون پنهنجي عيال سميت نٽو چڏي وڃ، آءٌ توکي چاچڪان ڳوٺ ۾ اچي گڏبس". خط پهچڻ شرط جام صلاح الدين بنا ڪجهه سوچڻ جي هار ٻچا وئي، 9 رمضان تي نٽي مان نڪري ويو. حاجيءَ کي جڏهن جام صلاح الدين جي انهيءَ قدم جي خبر پئي، تڏهن کيس ڏاڍو ڏک ٿيو، پر هاڻي وقت هٿان نڪري چڪو هو، تنهنڪري ٻئي گجرات هليا ويا.

انهيءَ واقعي کان پوءِ جام فيروز سمجهيو ته هاڻي مون کي دريا خان مان خطرو آهي، اُن ڪري هن پنهنجي آندل مغلن جي چرچ تي هڪ دفعو وري دريا خان سان اڌنگي روش اختيار ڪئي. اُهي مغل، جام فيروزَ قندار مان گهرائي، هڪ خاص محلي "مغل واڙي"، ۾ ورسايا هئا. انهن مغلن تي اهو ڪم رکيو ويو هو ته اُهي جام فيروز کي دريا خان کان بدظن ڪري، دريا خان کي سنڌ جي سياست مان بيدخل ڪرائين. مغلن دريا خان کي دربار مان ڪڍائي، شاهبيگ ارغون کي خط لکي، سنڌ تي حملي ڪرڻ لاءِ گهرايو. ارغونن جي حملي جو ٻڌي، سنڌ جو عظيم محب وطن دريا خان، هڪ دفعو وري نٽي جي چپن تي مرڪ برقرار رکڻ لاءِ ميدان ۾ آيو ۽ وڙهندي شهيد ٿي ويو. سنڌ، جام فيروز جي نالائقين جي ڪري ارغونن جي غلاميءَ جي پنجوڙ ۾ ڦاسي پئي. اهي خبرون جڏهن جام صلاح الدين کي پهتيون، تڏهن هو سنڌ تان ارغونن جو

تسلط ختم ڪرائڻ ۾ سنڌ کي وري آزاد ڪرائڻ لاءِ ڏهن هزارن سوڀن ۾ جاڙيجن جو لشکر ولي، ارغونن تي حملي آور ٿيو. جهالار جي ميدان ۾ 1520ع ڌاري خونخوار جنگ لڳي، جنهن ۾ سنڌ جو هيءُ لافاني محب وطن جام صلاح الدين، پنهنجي پٽ ۾ ساٿين سميت شهيد ٿي ويو. جام صلاح الدين آخر وقت تائين سنڌ لاءِ زنده رهيو ۽ سنڌ تي ئي قربان ٿيو.

—

جام هيبت خان

تلتيءَ جي جنگ آزاديءَ کان پوءِ سنڌ جي آزاديءَ لاءِ سنڌين ٻي ويڙهه ارغون لشکر سان جهالار جي ميدان ۾ مچائي. انهيءَ ويڙهه ۾ سنڌين جي لشکر جي اڳئين حصي جي اڳواڻي جام هيبت خان ڪئي. جام هيبت خان، جام صلاح الدين جو پٽ، سلطان مظفر گجراتيءَ جو نائي ۽ سنڌ جي خوبصورت حاڪم، جام سنجر جو پڙپوٽو هو.

گجرات جي حاڪمن سان سنڌ جي سمن جي سگاوتي آڪاڻي هئي. هي ٻئي خاندان، اصل ۾ راجپوت هئا، جيڪي پوءِ مسلمان ٿيا. فرق رکو هيءَ آهي ته سَما، چندر ونسي راجپوت هئا ۽ گجرات جا مظفريه حاڪم، سورج ونسي راجپوتن مان هئا.

پهريون سَمو حاڪم جام جوٽو هو، جنهن مظفريه بادشاهن سان مٽيءَ مائٽيءَ وارو رستو رکيو. جام جوٽي جي هڪ ڏيءُ سان گجرات جي حاڪم محمد شاهه شادي ڪئي. اُنهيءَ مائيءَ پيڻان گجرات جو نامياروحاڪم محمود بيگڙو پيدا ٿيو. اُنهيءَ بادشاهه پنهنجي والده جي يادگار طور ننگر پارکر ۾ هڪڙي مسجد ٺهرائي، جنهن جا آثار ايا موجود آهن. انهيءَ سگاوتيءَ کان پوءِ گجرات ۽ سنڌ جا حاڪم پيا هڪ ٻئي سان مٽيون مائٽيون ڪندا هئا. جڏهن به ڪو سنڌي ڪنهن ڳالهه تان ناراض ٿيندوهو ته گجرات هليو ويندو هو.

جنگ جهالار جي محرڪ جام صلاح الدين جي پيڻ، گجرات جي شاهي خاندان ۾ پرٽايل هئي ۽ سندس پُٽ هيبتَ خانَ يا فتح خان جي گهر ۾ گجرات جي بادشاهه جي ڏيءُ هئي.

نوجوان هيبت خان، انتهائي بهادر، دليرِ ۽ محب وطن هو. جنگ جهالار ۾ جڏهن جنگ لاءِ صفن جي ترتيب شروع ڪئي وئي ته ڪيس مقدمة الجيش (مُهاڙي دستي) جو اڳواڻ مقرر ڪيو ويو هو. انهيءَ جنگ ۾ هُو انتهائي بهاديءَ، دليريءَ ۽ حُب الوطنيءَ سان وڙهندي، سر زمين سنڌ کي سر ڏئي سرهو ٿيو. اِها جنگ 1520ع ۾ لڳي هئي.

—

مريد جت

مرزا شاهه حسن ارغون، اٽڪل 34 سال سنڌين جي مسلسل آزاديءَ جي ويڑهه کي مُنهن ڏيندي، 1555ع ۾ بنا ڪنهن نرينه اولاد جي مري ويو. سندس موت کان پوءِ اُنهيءَ ساڳئي سال سنڌ جي سياسي تقسيم ٿي، جنهن موجب سيوهڻ کان مٿي وارو پرڳڻو ارغونن جي هڪ پراٹي نمڪخوار سلطان محمود پنهنجي قبضي ۾ ڪيو ۽ سيوهڻ کان هيٺ واري حصي جو مالڪ مرزا عيسيٰ خان ترخان بنيو.

مرزا عيسيٰ جي حياتيءَ ۾ ئي سندس پٽن مرزا صالح، مرزا باقيءَ ۽ مرزا جان بابا ۾ اختلاف پيدا ٿي پيا. مرزا صالح پٽس جي ڪمزوريءَ جو فائدو ونڊي، اقتدار ۽ اختيار جو مالڪ بنجي ويو. مرزا صالح جي ڪميٽپ ۽ ڪنورتا کان ڊڄي، مرزا جانِ بابا پنهنجن ناناڻن سميجن ۾ وڃي ويهي رهيو. مرزا باقي چاچڪان پرڳڻو ٽپي ڪڇ ڏانهن پڄي ويو. انهيءَ سفر ۾ مرزا باقيءَ پنهنجي نوڪر قاضي خميسي سان گڏ بيشمار تڪليفون ڏٺيون: ايتري قدر جو هڪ دفعي انهن ٻنهي کتي جي التيءَ مان نڪتل چانور ميڙي صاف ڪري کاڌا. نيٺ مرزا باقي، جام ڪنگهار جي ڏيءُ سان شادي ڪري، ان جي مدد سان بکر پهتو.

هاڻي سنڌ جي هن خطي جي بدنصيب ماڻهن جي تقدير جو مالڪ ۽ مختيار ٿي مرزا صالح جهڙو ڪنور، ڪميٽو، ڪُپتيو، ظالم، خردماغ ۽ سڙيو بڪجي ويو. هن سنڌي عوام تي طرح طرح جا ظلم ڪيا. ماڻهن کي بيگناهه قتل ڪرڻ، قيد ۾ وجهڻ ۽ هر خوبصورت چوڪريءَ کي پنهنجي حرم ۾ داخل ڪرڻ جو ڪيس جنون هو. انهيءَ جنون ۾ هن هڪ سنڌي خاندان جي فردن کي قتل ڪيو ۽ ڪن کي جيل ۾ وڌو. هن اهو اُن ڪري ڪيو، جو انهيءَ خاندان پنهنجي خوبصورت چوڪريءَ جو سگ ڪيس ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو. مريد جت، انهيءَ ستايل خاندان جو فرد هو. جنهن وقت اهو دردناڪ واقعو ٿيو، ان وقت مريد واپار سانگي گجرات ويل هو. هن کي اُتي اها خبر پئي ته مرزا

صالح سندس خاندان سان کڙي ويڙن کٽي آهي. اها خبر ٻڌڻ شرط هو پنهنجو سمورو ڪمَ اڌ ۾ڇڏي، هڪدم نٽي پهتو. نٽي پهچڻ کان پوءِ واري سندس حالت "تاريخ طاهري" ۾ هن ريت لکيل آهي:

"مريد جت، مرزا صالح سان سخت دشمني ۽ ويڙ رکڻ شروع ڪيو. هو ڪلم ڪلا پنهنجي قبيلي ۾ چوندو وتندو هو ته 'جيسين تائين آءٌ مرزا صالح کي پريل دربار ۾ قتل نه ڪندس، ان وقت تائين مٿي تي پٽڪو نه ٻڌندس.' انهيءَ ڏُڻ ۾ هو شهر جي هر گهٽيءَ ۽ چونڪ، هر محلي ۽ بازار ۾ چرين وانگر چاقوءَ کي روهيءَ تي تکو ڪري چوندو هو: "اي چاقو! تون ڪم ڪندين يا نه؟ اي دل! تون مضبوط ٽجانءِ، توکان موقعي تي بي دليءَ ۽ بزدليءَ جو مظاهرو نه ٽيڻ گهرجي، چو ته تنهنجي ئي ڏيڊ تي مون هي معرڪو پنهنجي ذمي ڪنيو آهي." سمورا شهري ۽ سپاهي، هن جون هي چريائپ واريون ڳالهيون ٻڌي ڪيس چريو پيا سمجهندا هٿا. شهر جا هار تماشو ڏسڻ لاءِ هن جي پٺيان پيا ڊوڙندا هٿا. هو جيڪي ڪجهه چوندو هو، اُتي بيٺل ننڍو وڏو پيو ڏُهرائيندو هو. ماڻهو ڪيس سورهن آنا "مريد مست" سمجهندا هٿا. انهيءَ ڳولا دوران هن کي هڪ ڏينهن موقعو ملي ويو. ٽيو هيٺن جو عين ان وقت جڏهن مرزا صالح سوار ٿي پنهنجي محل ڏانهن وڃي رهيو هو ته اوچتو مريد مست ڇُريءَ کي ڪاغذ ۾ ويڙهي، فرياد فرياد ڪندو مرزا صالح ڏانهن وڌڻ لڳو. مرزا جا چوبدار سندس درخواست وٺڻ لاءِ هن ڏانهن وڌيا، ليڪن هن اهو ڪاغذ ڏيڻ کان صاف انڪار ڪيو، ۽ چوڻ لڳو ته "هيءُ ڪاغذ آءٌ پاڻ مرزا صالح جي خدمت ۾ پيش ڪندس ۽ ڪجهه ڳالهيون روبرو سمجهائيندس". نيٺ مرزا صالح چوبدارن کي حُڪم ڪيو ته اُنهيءَ فريادي کي اڇڻ ڏنو وڃي ته جيئن هُو پنهنجو درد پاڻ بيان ڪري سگهي. انهيءَ ٻهاني سان جڏهن هو غيرتمند سنڌي مرزا صالح جي ويجهو پهتو، تڏهن ڪاغذ ۾ ويڙهيل ڇُري ڪڍي، ڏند ڪرٽي، پنهنجيءَ پوريءَ سگهه، طاقت ۽ غيرت سان مرزا صالح جي پيٽ ۾ هڻي ڪڍيائين، جنهن سان مرزا صالح جا آنڊا ٻاهر نڪري آيا. اهو لڦاءُ ڏسندي، مرزا جي چوبدارن، مريد کي به شهيد ڪري ڇڏيو. مرزا صالح ٽڏي ٽي مري ويو. مريد جي جسم تي بيشمار گهاءَ هٿا ۽ سندس جسم ٽُڪرا ٽُڪرا ڪيو ويو هو. سندس غيرت مند رت مادر وطن جي سيني کي رنگين بنائي ويو. سندس

هيءُ شعر، لاڙ، ۾ مشهور آهي:

گهگهيليءَ جي گار تان، ڪريان محشاري گهاءُ
مرزا صالح ماريان، پي نه ڪريان ڪاءِ.

سندس شهادت چنچر جي ڏينهن ، ۲۳ شعبان ۹۷۰ هجريءَ ۾ ٿي.

چام کنگھار

سنڌ مان سنڌين جي آزاديءَ جو پوريءَ ريت خاتمو ڪرڻ کان پوءِ مرزا شاھ حسن ارغون، ھڪ ٻ فريب جي ذريعي باغي سنڌين کي پنھنجو ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪئي ھئي. ھن سوچيو تہ ساموئي شھر جا اُھي ماڻھو، جي ساموئيءَ تي ارغون قبضي کان پوءِ ڪ ڏانھن لڏي ويا آھن ٻ اُتي رھيا آھن، تن کي پنھنجو ڪرڻ گھرجي، نہ تہ اُھي سدائين ارغون حڪومت لاءِ خطري جو سبب ٻڌيا رھندا.

اُنھن سمن ٻ چام کنگھار نالي سمن جو چگو مڙس ھو، جنھن جو ڏھڪاءُ سنڌ ٻ ڪ ٻ مشھور ھو. ھُو وڏو دلير، باھمت ٻ وطن دوست انسان ھو. ھن ڪ ٻ رھي، جاڙيجن ٻ سوڍن سان ملي، دشمنن سان مقابلي جون تياريون پئي ڪيون. اِھي حالتون جاچي، مرزا شاھ حسن، چام کنگھار کي ھيٺيون خط لکيو:

"توکي خبر آھي تہ ڪافي وقت کان اسان توھان جي پاڻرن جي ملڪ تي قبضو ڪري چُڪا آھيون. اسان ھيءُ ملڪ فتح ڪيو آھي ٻ اُن کي گند ڪچري کان صاف پاڪ ڪري ڇڏيو آھي. ھاڻي تنھنجي لاءِ مناسب آھي تہ ڪ ٻ جا بھترين گھوڙا، جن جي مشھوري ٻڌي وجي ٽي، اسان جي لاءِ وٺي اچ ٻ اسان کان نوڪريون ٻ عھدا حاصل ڪري، ھن توھان جي پنھنجي ملڪ ٻ آرام سان اچي رھ. اسان جي پاڙي ٻ رھي، تون پنھنجي نادانيءَ ٻغفلت جي ڪري، اسان جي برابريءَ ٻ ھڪجھڙائيءَ جا جيڪي خيال رکين ٿو، تن کي پنھنجيءَ دل مان ڪڍي ڇڏ. جيڪڏھن توکي اسان جي اطاعت ٻ فرمان برداري منظور ھجي تہ تنھنجي لاءِ مناسب آھي تہ قيمتي تحفن سان گڏ پنھنجي گڏريل ڪوتاھين ٻ ڏوھن تي لکت ٻ معافي وٺي، اسان جي قدم بوسيءَ جي سعادت حاصل ڪر. اھڙيءَ صورت ٻھن ملڪ کي پنھنجو اباڻو ملڪ سمجھي، امن جي جڳھ تصور ڪر. جيڪڏھن نہ تہ پوءِ خوب ياد رک تہ اسان جو ارادو احمد آباد ٻ گجرات ڏانھن آھي. اسان جڏھن اوڏانھن ويندا سين، تڏھن تنھنجي وات

وٹي ويندا سين ۽ تڪبر جي اُها هوا، جيڪا تنهنجي دماغ ۾ ويٺل آهي، سا ڪڍي ڇڏيندا سون."

جڏهن هي خط، جنهن ۾ ڏمڪي ۽ نرمي ٻئي موجود هيون، جام ڪنگهار ڪي پهتو، تڏهن هن ارغون فاتح کي جيڪو جواب ڏنو، سو آزادي جي تاريخ ۾ قومي غيرت ۽ آزادي پسنديءَ جو بي مثال پروانو آهي. جام ڪنگهار لکيو:

"اسان جابلو ماڻهو پٽ وانگر آهيون. اسان پنهنجي عزت ۽ ناموس جي حفاظت ڇڳيءَ طرح ڪري ڄاڻون ٿا. اسان پنهنجي معمولي روزيءَ تي قناعت ڪريو ويٺا آهيون. اسان وٽ ايتري دولت ناهي، جو گهوڙا ۽ قيمتي جنسون پنهنجي ملڪ مان حاصل ڪري، تنهنجي لاءِ موڪليون. اسان جي گدران جي صورت هيءَ آهي، جو اسان ڪن بکين اگهاڙن راجپوتن کي لٽ مار لاءِ سنڌ ۽ گجرات موڪلينداآهيون. اهي تلوار جي زور سان جيڪي ڪجهه ڦري آڻين ٿا، ان تي اسان جو گذارو آهي. اُن حالت ڪان پوءِ به جيڪو شخص پنهنجي ننگ ۽ ناموس جي شيشي کي هن پٽ سان چڪنا چور ڪرڻ چاهي، پنهنجي شيشي کي هن سنگ خارا تي اڇلائڻ گهري ۽ پنهنجو مال دولت هنن بکين اگهاڙن جي حوالي ڪرڻ جي خواهش ڪري، تہ پوءِ سندس مرضي. ان ڪان وڌيڪ ٻي ڪهڙي خوشيءَ جي ڳالهه ٿيندي، جو خدا تعالىٰ ڪنهن جي روزي ان جي گهر موڪلي ڏئي. اسان اڃڻ جا منتظر آهيون."

انهيءَ خط جي لهجي (جنهن ۾ پوري ادبي طنز موجود آهي) مرزا شاهه حسن کي مڇرائي وڌو ۽ هو هڪدم لشڪر وٹي جام ڪنگهار تي ڪاهي ويو. جام جي سپاهين ۽ ساٹين ارغونن جي بي پناهه فوج سان ڪليل جنگ وڙهڻ نامناسب سمجهي، مڪمل چاپا مار جنگ شروع ڪئي. سنڌي سپاهي رات جو لڪي، شاهه حسن جي لشڪر تي راتاها هٿندا هنا ۽ جيڪي ڪوهه ۽ تلاءَ مرزا شاهه حسن جي رستي ۾ ايندا هنا، تن ۾ مٹل جانور ۽ ٽوهر وحهي، پاڻيءَ کي زهريلو ۽ ناقابل استعمال بنائي وري جبلن ۾ لڪي ويندا هنا. مرزا شاهه حسن انهن مصيبتن کان بيزار ٿي، گجرات ۽ احمد آباد جي فتح جو ارادو بدلائي، جام ڪنگهار جي سپاهه سان نالي ماتر صلح ڪري موٹي آيو. جام ڪنگهار ان ڪان پوءِ به خاموش ٿي نہ ويٺو ۽ ارغونن سان وڙهيو، جنهن جو تفصيل چوٹين ويڑهه واري عنوان ۾ ڏنو ويو آهي.

حاجي جوکيو

نٽي واري حصي ۾ ارغونن جي اچڻ کان وٺي انگريزن جي قبضي تائين سنڌ جا ٻه قبيلا، جوکيا ۽ ڪرمتي، آزادي ۽ خودمختياريءَ لاءِ پنهنجي پوري حب الوطنيءَ سان وڙهندا رهيا آهن. هنن جي جنگ جو طريقو ٻه سنڌ جي ٻين حصن جي سنڌين وانگر چڙ وچڙ جنگ وارو هو. هُو وقت جي نزاڪت ڏسي، صلح ڪري پُرامن ٿي ويهي رهندا هنا ۽ جڏهن حالتون پنهنجي فائدي ۽ حق ۾ ڏسندا هنا ته هڪدم هٿيار سنيالي، ميدان ۾ لهي پوندا هنا. ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي وقت ۾ هنن جو اهو طريقہ ڪار جاري رهيو. هنن وٽ ٽي هزار ويڑهاڪ جوانَ هميشہ موجود رهندا هنا، جيڪي بهترين شهسوار، شمشير زن ۽ تير انداز هوندا هنا: خاص ڪري مغلن جي تلوار بازيءَ ۽ بندوق جي مقابلي ۾ هو تيراندازيءَ کان ڪم وٺندا هنا ۽ اُنهيءَ فن ۾ هُو پنهنجو مٽ پاڻ هنا.

هي اُن دور جو ذڪر آهي، جڏهن سيد بايزيد بخاري نٽي جو حاڪم ٿي آيو. ان وقت جوکيا ۽ ڪرمتي، ساڪري واري حصي ۾ ڏاڍي آرام ۽ اطمينان سان پنهنجو ماڳ وسايو ويٺا هوندا هنا. ڪڏهن مغلن سان وڙهندا هنا ته ڪڏهن صلح ڪري ڇڏيندا هنا. جيتوڻيڪ اُن دور ۾ ڪنهن ٻه سنڌيءَ جي دل ۾ مغل بادشاهت لاءِ احترام جو ته سوال ئي نہ ٿي پيدا ٿيو. پر وقت وقت جي ڳالهہ آهي. ان هوندي هڪ ڳالهہ طئي ٿيل هئي ته اُن تر جا جوکيا پهرين بجار جوکئي ۽ پوءِ سندس پُٽ حاجي جوکئي جي اڳواڻيءَ ۾ مغلن جي ڪاڻ ڪيڻ لاءِ قطعي تيار نہ هوندا هنا ۽ پنهنجي ٿوري ٻه بيعزتيءَ جي بدلي ۾ مُغل سپاهيءَ جي سسي لاهي وٺندا هنا.

سيد بايزيد پنهنجي هڪ پُٽيلي شاهہ محمد کي 50 سوارن سان ناريلي قلعي جو ٽائيدار ڪري موڪليو. اُهو شاهہ محمد شاهہ عام مغل ڪارندن وانگر ترڙو ۽ ڦوشر باز هو، سو هڪ دفعي ويٺل ڪچهريءَ ۾ حاجي جوکيي کي پادر اڇلائي هنيائين. شاهہ محمد جي انهيءَ حرڪت سان غيرتمند ۽

آبرودار جوڪين کي باهه ونې وئي، ان ڪري هو محفل مان اُٿي، جبل ڏانهن روانا ٿيا. شاهه محمد جوڪين جي پنيان وڃي گهٽيئي صلح جون ڳالهيون ڪيون، پر وربو کي به ڪين. جوڪين ڪيس جواب ڏنو ته هاڻي فيصلو تلوار ڪندي. نيٺ معاملو وڃي جنگ تائين پهتو. مغلن وٽ تلوارون ۽ نيزا هٿ ۽ حاجي جوڪيي جي همراهن تيرن سان ويڑهه شروع ڪري ڏني. نتيجي ۾ ترڙو شاهه محمد پنهنجي سيني سائين سميت ختم ٿي ويو ۽ جوڪين وڃي جبل وسايو. وڃڻ وقت جوڪيا مغلن جا هٿيار ۽ گهوڙا به ونې ويا. اهو حال ٻڌي، بايزيد بخاريءَ، جوڪين جي ناڪي بنديءَ جو حڪم ڏنو ۽ پڙهو گهمائي چڏيائين ته جوڪين ڏانهن اناج جو هڪ داڻو به وڃڻ نه ڏنو وڃي. انهيءَ ناڪي بنديءَ کان تنگ ٿي، جوڪين وقتي طرح مغلن سان ناهه ڪيو، پر بقول تاريخ مظهر شاهجهاني: "هو آخر تائين سرڪشيءَ کان باز ڪين آيا."

—

مناهين دل

چاڪر هالا پر ڳٽي ۾ مغلن خلاف وڙهندڙ سنڌين جي عوامي لشڪر جو تعداد ڏهه هزار ڪن هو. اهو لشڪر سنڌ جي ٽن قبيلن، ڀهرن، شورن ۽ دلن تي مشتمل هو. انهيءَ عوامي سپاهِ آزاديءَ جي اڳواڻي اسماعيل شورو، مناهين دل ۽ دائود شورو ڪندا هئا. انهن ٽنهي قبيلن جو پاڻ ۾ ناقابل شڪست اتحاد ۽ اتفاق هو. جڏهن بابو پليجي، پنهنجي وطني پائرن ۽ عزيزن سان غداري ڪري، مغلن جو لشڪر چاڙهائي، رات وچ ۾ ڀهرن کي ختم ڪرايو، تڏهن شورن ۽ دلن گڏجي، بابو پليجي کي انهيءَ غداريءَ جو پورو سبق سيکاريو هو. انهيءَ عوامي سپاهِ آزاديءَ پنهنجي جانباز اڳواڻن جي رهنمائيءَ ۾ مغلن جي پگهاردار ۽ باقاعدي تربيت يافته فوج سان ڪيترين ڀيرين ڇڪريون ۽ ڇوٽون ڪاڌيون، ڪيترا معرڪا ۽ ميدان سر ڪيا، ڪيترا حملا ۽ جولان ڪيا، جن ۾ هنن مغلن کي ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيا.

هتي دل قبيلي جي نامياري اڳوڻ ۽ سورهيه سرواڻ، مناهين دلَ جي هڪ معرڪي جو ذڪر ڪجي ٿو:

مناهين دل ڪٽي ڇانو، ڪيئن نپنو، هن جي پيڙهيءَ واري زندگي ڪٽي ۽ ڪيئن گذري، اُن جي باري ۾ ڪابه معلومات ملي نه سگهي آهي. مظهر شاهجهانيءَ جو صاحب، ابتدا ۾ ايترو لکي ٿڏ ٿه: 'هن خطي جي سرڪش ماڻهن جو هڪ سرواڻ مناهين دل به آهي' ـ ۽ ان ڪان پوءِ ليڪڪ هن جي هڪ لڙائيءَ جو هڪ واقعو پنهنجي مخصوص مغل نوازيءَ واري انداز ۾ لکيو آهي، جيڪو هن ريت آهي:

"۱۰۲۵ هجريءَ ۾ مير عبدالرزاق خان معموري، ٺٽي جو حاڪم ٿي آيو. هن کي اهو منصب عطا ٿيڻ شرط محب وطن سنڌين جي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جي تحريڪ کي ختم ڪرڻ لاءِ مخصوص هدايتون ڏيتيون. مير عبدالرزاق جڏهن ٺٽي پهتو ته اُتي ٻڌي ۾ رهندڙ مغل ڪارندن کيس اهو ٻڌايو

تہ شال پرڳٹو هن وقت مغلن جي خلاف سنڌين جي سرگرمين جو مرڪز بنيل آهي، جتي مناهين دل مغل فوجن لاءِ موت جو فرشتو بنيو ويٺو آهي. اِهي ڳالهيون ٻڌي، مظفر خان معموري، نٽي ۾ رهندڙ پنهنجي منصبدارن سان گڏ گهوڙا سنجي، نٽي مان روانو ٿيو. جڏهن سندس فوج شال جي پسگردائيءَ ۾ پهتي تہ دل قبيلي جو نامياروسردار "مناهين" پنهنجو ڪٽڪ وٺي، مغل فوج جو اڳ جهلي، جنگ ۾ جُنبي ويو. هن پنهنجي ساٿين سان گڏجي اهڙو تہ زورائتو حملوڪيو، جو پهرئين وار ۾ ئي ڪافي مغل فوج کي ختم ڪري ڇڏيائين. مظفر خان اڪين سان سپ ڪجهہ ڏسي بہ ماڻ ڪري ويهي رهيو ۽ اڳتي نہ وڌيو. سندس فوج گاهہ پني ۽ڪاڻ ڪِلي لاءِ پريشانيءَ ۾ پئجي وئي. مناهين دل، مغل سپاهہ کي سيکٹ ڏئي، وري پنهنجي ٺڪاڻن ڏانهن موٽي ويو. ايتري ۾مغل فوج کي مغلن جي مشهور سفاڪ ڪارندي، مير ابوالبقا جي مدد پهچي وئي. اُنهي گڏيل لشڪر جبل جي پرسان رهندڙ سنڌي عوام تي اوچتو حملو ڪري، هزارين ماڻهو قتل ڪري ڇڏيا. انهيءَ لڙائيءَ ۾ ڪافي مغل فوج بہ ناس ٿي. گُمان غالب آهي تہ انهيءَ ويڑهہ ۾ مير ابوالبقا جا بہ پُٽ، داڙو بند جبل وٽ شورن هٿان قتل ٿيا. ٻنهي طرفن جي انهيءَ ڳري جاني نقصان کان پوءِ مغلن ۽ سنڌي سپاهہ جي وچ ۾ ناهہ ٿيو، جنهن مطابق مناهين دل پنهنجي ساٿيءَ حميد شوري سان گڏ، صلح جي شرطن مطابق وقتي طرح پنهنجون سرگرميون ختم ڪري، پنهنجي علاقي ۾ آرام سان ويهي رهيو. مناهين دل جو درويش "**بلاولي پاڻوئيءَ**" سان واسطو هو ۽ ان حوالي سان ڪيس بلاولي تحريڪ جو اهم رڪن ڪوئي سگهجي ٿو.

—

موندر خان چانڊيو

سنڌ تي مغل تسلط جي پوري دور ۾ جيڪي قبيلا مغلن سان مسلسل مُهاڏو اتڪائيندا رهيا، تن ۾ چانڊين جو قبيلو سر فهرست آهي. مغل مؤرخن گهٽي ۾ گهٽيون گاريون به چانڊين کي ئي ڏنيون آهن. چانڊين جي قبيلي جو هڪ سردار، جنهن مغل شاهيءَ سان ڪيتريون چوٽون کاڌيون ۽ نيٺ بکر جي قلعي ۾ قيدي حالت ۾ گذاري ويو، سو آهي مُوندر خان چانڊيو. چانڊين ۽ مغلن جي جنگين ۾ جيتوٽيڪ موندر خان جو ذڪر نه آيو آهي، پر انهيءَ پوري دور ۾ مظهر شاهجهانيءَ ۾ صرف هڪ نامور چانڊيي "مُوندر" جو ئي ذڪر ملي ٿو؛ اُن ڪري، اِهو وسهڻ لاءِ ڪافي سبب آهن ته چانڊين ۽ مغلن جي گهٽين جهڙپن ۾ چانڊين جي لشڪر جي قيادت موندر خان ئي ڪندو رهيو هو.٥

١٠٠٤ ع هجريءَ ۾ مرزا ڪوڪلتاش کي بکر جو پرڳڻو جاگير طور ملیو. هن پنهنجي پُٽ مرزا انور کي بکر موڪليو. مرزا انور کي بکر پهچڻ شرط خبر ملي ته چانڊيا هروچ پرڳڻي جون ديهون ويران ڪرڻ لڳا آهن، ان ڪري هن پنهنجي ملازم حيدر بيگ کي چانڊين تي حملي ڪرڻ لاءِ موڪليو. چانڊين موندر خان چانڊيي جي اڳواڻيءَ ۾ پنهنجو لشڪر گڏ ڪري، مرزا حيدر بيگ تي جوابي حملو ڪيو. اهو حملو ايترو ته زبردست ۽ سخت هو، جو مرزا حيدر بيگ شڪست کائي وٺي پڳو. سندس مال اسباب، گهوڙن ۽ نفارن تي چانڊين قبضو ڪيو. بکر جي مغل فوج کي اِها پهرين زبردست شڪست هئي، جيڪا چانڊين، موندر خان جي اڳواڻيءَ ۾ ڏني. انهيءَ شڪست سڄيءَ سنڌ ۾ مغل فوج کي ٽرٽلي ۾ وجهي ڇڏيو. مغلن نه صرف نٽي، بکر ۽ سيوهڻ جي جاگيردارن جي فوجن کي گڏي، چانڊين تي حملي ڪرڻ جي رٽا تيار ڪئي، پر اُن سان گڏوگڏ هنن سنڌين جي قبائلي اختلافن مان به پريپور فائدو وٺڻ جي سازش تيار ڪئي. اِنهيءَ سلسلي ۾ مظهر شاهجهانيءَ جي مصنف يوسف

٥ موندر، دادوءَ پرسان هڪ ڳوٺ، هن بهادر شخص جي نالي سان اڄ به موجود آهي.

ميرڪ، تفصيل ڄاڻائيندي لکيو آهي تہ: "سيوهڻ جي حاڪم بختيار بيگ، مرزا انور کي چتاءِ ڏنو تہ "آءٌ تيار آهيان. جيئن توهان بکر مان سوار ٽي نڪرو تہ پڪ ڄاڻجو تہ آءٌ اڳوات اتي هوندس." ان کان پوءِ چاندبين جي چوڪسيءَ لاءِ پنهجا ماڻهو مقرر ڪيائين، جن جي ڏس پتي تي شام جو شڪار جي بهاني سيوهڻ ڇڏي، منچر ڏانهن راهي ٿيو. هڪ ٻہ آڙيون ڦاسائي، چگو سوڙ وٺي، اُتان سيوهڻ هليو. شهر کان اورتي هڪڙي مرزا وٽ ترسي گهوڙن تان لٿو. پروارن ڳوٺن ۾ پنهورن، ڪوريجن ۽ سميجن ڏانهن خط لکي، تيز رفتار گهوڙي سوار هٿان ڏياري موڪليائين تہ اُنهن ڳوٺن جا چگا مڙس صبح جو سوير اچي ڪنور ڪوٽ (ڳاهن جي پرڳڻي ۾) وٽ حاضر ٿين. اُهي انتظام ڪري، پاڻ اتان سانجهيءَ مهل سوار ٽي، سڄي رات پنڌ ڪري، سڄ اُپرئي ويل ڪنور ڪوٽ پهتو. منجهند تائين سمورو لشڪر ۽ سيڻي راڄ اچي ڪنا ٽيا. پوءِ بختيار ببگ پنهورن جي سردارن ــ عيسيٰ، موسيٰ ۽ جلال کي گهرائي چيو تہ چاندبين کي هن مهل تائين منهنجي ڪابہ خبر نہ پئي آهي تہ ڪو مان مٿن چڙهائي ڪرڻ وارو آهيان. سياڻي انهن کي جيڪڏهن منهنجي سُڌ پئي تہ چاندبين بدران اوهان جون سريون سلامت نہ هونديون. پوءِ چئني سردارن کي ساڻ ڪري، سڄ لٽي جو اُتان اُسهيو ۽ رات ڏينهن ڊوڙيو لائي، صبح تي چاندبين مٿان وڃي ڪڙڪيو. چاندبيا بہ سر تان آهو پلي، ميدان ۾ لهي آيا ۽ وڏيءَ دليريءَ سان جنگ ڪرڻ لڳا. هنن سمجهيو تہ هيءُ لشڪر بہ حيدر بيگ واري لشڪر وانگر بکر کان چڙهي آيو آهي. سو ڏاڍيءَ همت ۽ حوصلي سان ويڙهہ ۾ جنبي ويا. ايتري ۾ خبر پين تہ هي بختيار بيگ ترڪمان، سيوهڻ جو حاڪم آهي. مظهر شاهجهانيءَ جو مصنف لکي ٿو تہ "اها خبر پوڻ شرط هنن جا ڏڪر لڳي ويا، پوءِ بہ شاهي لشڪر سان ڇڪيون ڇوڙن ڪاڏائون." انت چاندبين هارايو ۽ سندن ڪيترائي ڪونڊر ڪُسجي ويا ۽ ڪافي قيدي ٻڌيا. بختيار بيگ اڃ ڪان وڌيڪ قيدين جون مُنڊيون لاهي، ڪجهہ ٽورن بچيل قيدين سان گڏ پنهنجي ماڻهن هٿان مرزا انور ڏانهن ڏياري موڪليون.

اُن کان پوءِ بہ مونڊر خان جي جدوجهد ختم ڪانہ ٿي. هو ۱۰۳۸ هجريءَ تائين مختلف معرڪن ۽ جنگين ۾ مغلن سان مقابلو ڪندو رهيو. جڏهن ۱۰۳۸

هجريءَ ۾ محمد علي بندري بکر جو حاڪم ٿي آيو. تڏهن هڪ خونريز ويڙهه ڪان پوءِ هن موندر خان جي زال ۽ هارن کي گرفتار ڪري، بکر جي قلعي ۾ آندو. زال جي گرفتاريءَ جو ٻڌي، موندر خان هلي اچي مغلن وٽ پيش پيو، جتي مغلن ڪيس بکر جي قلعي ۾ قيد ڪري رکيو. پانڻجي ٿو ته هو اُتي ئي گذاري ويو هوندو.

—

توتان نوحاڻي

۱۰۰۱ هجريءَ ۾ مغلن طرفان بختيار بيگ سيوهڻ جو صوبيدار ٿي آيو. هن ايندي شرط سنڌي ماڻهن جي مغلن خلاف آزاديءَ جي تحريڪ ۽ چرپر کي طاقت ۽ تشدد ذريعي ختم ڪرڻ جو ارادو ڪيو. انهيءَ سلسلي ۾ هن انڙن، نومڑين ۽ نوحاڻين تي حملا ڪيا. جواب ۾ سنڌي ماڻهن پنهنجي وس ۽ وت آهر، هُن جي لشکر ڪشين سان واهه جون چڪريون ۽ چوٽون ڪاڌيون. مات ٽيا، تہ به مُنهن نہ موڙيائون.

صدين کان بلوچن جو نوحاڻي قبيلو، هاڻوڪي دادو ضلعي جي ننيڻگ ڳوٺ ۾ رهندو پئي آيو ۽ ايجا تائين اُتي موجود آهي. اُهي سرڪش ۽ ارڏا ہروچ، پنهنجي جسم وانگر دل جا بہ پهاڙ هنا. هنن مغل شاهيءَ جي ڪٽڪن تي اڪ ئي نہ ٽي چنڊي ۽ پوريءَ ريت مغلن سان عدم تعاون ڪندا ٽي رهيا ـ جهڙوڪر هنن مغلن سان سول نافرمانيءَ جي هڪ محدود شڪل وارو رويو ۽ رستو اختيار ڪري چڏيو هو. نوحاڻين جي اها روش، مغلن کي ڪين آئڙي، تن نوحاڻين کي سيڪت ڏيڻ لاءِ مٽن حملو ڪري ڏنو. انهيءَ ويڑهه ۾ نوحاڻين جا سترهن جنگي سردار شهيد ٿي ويا. اُنهن ۾ توتان نوحاڻي، قومي آزاديءَ جي حاصلات لاءِ ڏاڍي همت ۽ بيخوفيءَ سان وڙهيو ۽ مغل فوج جا ڪيترائي سپاهي قتل ڪري چڏيائين.

مظهر شاهجهانيءَ وارو لکي ٿو تہ: "نيٺ رحمان قلي وجي توتان نوحاڻي سان اٽڪيو. توتان نوحاڻي هڪل ڪري، رحمان قليءَ جي گهوڙي جي پٺيان پيو. رحمان قلي وجي پٺ تي ڪريو ۽ ٻئي ڇٽا پاڻ ۾ ڳنڍجي پيا. رحمان قلي، مغل سپاهي زرهه بند هو، تنهنڪري توتان جو وار مٿس ڪارگر نہ ٿي سگهيو. هوڏانهن رحمان قليءَ جا ڏڪ ہروچ ڪي ڇرپرندا ٽي ويا. آخر ہروچ جا پساهه پورا ٿي ويا."

اها روايت مظهر شاهجهانيءَ جي آهي. انهيءَ تاريخ جي سنڌيڪار

محترم نياز همايونيءَ، سنڌي ترجمي جي حاشيي ۾ مولوي خان محمد نوحاڻيءَ نٽينگ واري* جي روايت نقل ڪندي لکيو آهي تہ: "توتان هڪ بهادر ہروچ هو، جنهن پنهنجي مائٽ موندر ۾ چڪي خاصخيليءَ سان گڏجي مقابلو ڪيو. انهيءَ جنگ جي باري ۾ سگهڙن جا ڪيئي بيت مشهور آهن، جهڙوڪ:

ڏڙ ڏُٻيو، سر لٽيو، پوءِ چڪي هنيون چار،
توتان جي ترار، موندر مست ملهائيو!

نيٽنگ کان ڏيڍ ميل ڏکڻ طرف هڪ تاريخي قبرستان ايڪا تائين موجود آهي، جنهن ۾ انهن جهونجهارن جون قبرون نشانبر آهن.

—

* مولوي حاجي خان محمد رڳو نالي جو مولوي هو. هي صاحب، راقم جو بہ انتهائي پيارو ۽ قربائتو دوست هو. انهن تاريخي جاين ڏسڻ ۽ سندس نايابب ڪتب خاني جي ديدار لاءِ ڪيترا دفعا دعوت ڏنائين. پر واندڪائي نہ ملڻ سبب وڃي نہ سگهيو آهيان.

ناتالو نوحاڻي

توتان نوحاڻيءَ واري مشهور جنگ کان پوءِ، نٽينگ وارا نوحاڻي پنهنجي گهٽ تعداد ۽ دشمن جي بي پناهه طاقت ڏسي، مغلن جي آڇ مڃي ويهي رهيا هئا. ڏل ڏيڻ سان گڏ ڪڏهن ڪڏهن جنگين ۾ مغلن جي مدد پڻ ڪندا هئا. پر نوحاڻي هروڇن جي انهيءَ روش کي ڪن مغلن، سميجن واري وقتي ماڻ سمجهيو، ان ڪري هنن سيوهڻ جي مغل جاگيردار کي نوحاڻين تي حملي ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو. مغل جاگيردار، سنئون سڌو هروڇن تي حملي ڪرڻ بجاءِ پنهنجي روايتي مڪر ۽ فريب کان ڪم وٺندي، ظاهر اهو ڪيو ته هُو سميجن تي حملي لاءِ تياري ڪري رهيو آهي. ان بهاني سان هو مندبيجيءَ واري گهيڙ وٽ اچي ويٺو. اتان اڳينءَ نماز جو نوحاڻين تي حملي ڪرڻ جو ارادو ڪري نڪتو. هوڏانهن ويچارن نوحاڻين کي نڪا جن نه ڪن ته کو مغل حملو ڪرڻ وارا آهن، سو بي پرواهه ٿيو سُتا پيا هئا. اوچتو اسر مهل سُتل نوحاڻين تي مغل لشکر اچي ڪڙڪو ڪيو. ترّ تڪڙ ۾ نوحاڻين جو چگوَ مڙس ناتالو نوحاڻي ماڻهو گڏ ڪري ميدان ۾ لهي آيو ۽ جنگ ۾ جُنبي ويو. پر ڪٽي ننڍ مان اُٽيل بي هٿيار ماڻهو ۽ ڪٽي باقاعدي هڪ خونخوار تيار فوج: ان جي باوجود نوحاڻين واهه جو مڙسي ڏيکاري. ناتالو پاڻ، پائرن، پُٽن ۽ پنجاهه ساٿين سميت ڪيترن مغلن کي قتل ڪرڻ کان پوءِ وڃي مالڪ کي مليو: باقي مردن، عورتن، ٻارن، ٻچن، پوڙهن ۽ ڦٽيلن، جنگ جي باهه مان ٻچي وڃي جبل ۾ جان بچائي. اُن ڏينهن کان وٺي نوحاڻين کي پڪ ٿي وئي ته غير ملڪي آڪائن تي ڪڏهن به پروسو ڪري نه ٿو سگهي، انڪري وطن لاءِ وڙهندڙ طاقتن کان الڳ ٿي وهي رهڻ نه رڳو پنهنجو پاڻ کي تباهيءَ جي منهن ۾ وجهڻو آهي، پر دشمن کي به مضبوط ڪرڻو آهي. تنهنڪري، اُهي پنهنجا ماڳ ڇڏي، وڃي

جبل ۾ نومڙين سان مليا ۽ مغلن لاءِ تباهيءَ ۽ موت جا فرشتا بنجي ويا. بقول يوسف ميرڪ ته: 'انهن سَنَ ۽ حويلي پرهٽي کي تباهه ڪري ڇڏيو'.

ديندر جي دوکي لُٽجي، نيٺ اسان اڪ کولي اچي،
سنڌ سوا ٻي ڳالهه نه ٽيندي، پلي ته سامهون گولي اچي.

(نياز همايوني)

—

قاسم باريجو

سنڌي عوام جي قتلام ۾ غير ملڪي حملي آورن جتي وسان ڪين گھٽايو، اُتي هتي جي مقامي عالم ۽ دانشور به غير ملڪي آقائن کي راضي رکڻ ۽ خوش ڪرڻ لاءِ سنڌي عوام جي بيدردانہ قتل ۽ غارتگريءَ لاءِ پنھنجا قيمتي مشورا ۽ سياسي بصيرت مفت ۾مغل سردارن جي حضور ۾ پيش نچاور ڪئي آهي.

سنڌ جي تاريخ تي بهترين ڪتاب "مظهر شاهجهاني" لکندڙ، يوسف ميرڪ، جتي احمد بيگ جھڙي شيطان صفت کي گاريون ڏنيون آهن، اُتي تسبيح پٽيان ترار لکائيندڙ شمشير بيگ کي سنڌين جي قتل ۽ غارتگريءَ جا قيمتي مشورا به ڏيندو رهيو آهي. سندس مشورن تي قتل ٿيل سنڌين جو تعداد ابتدا ۾ ڄاڻايو ويو آهي. هتي جنهن سنڌي سرويچ کي ميرڪ جي مشوري تي سندس قبيلي ۽ ڪٽنب سميت قتل ڪيو ويو هو، ان جو ذڪر ڪجي ٿو، اُن جو نالو قاسم باريجو هو. قاسم باريجي جو ڏوھ صرف ايترو هو ته هن پنھنجي قبيلي جي ماڻھن سان گڏجي، ان ظالمانہ ۽ غاصبانہ نظام کي مڃڻ کان انڪار ڪيو هو، جيڪو آگري مان سنڌ تي مسلط ڪيو ويو هو.

قاسم باريجو، ان وقت جي بوبڪ پرڳڻي جي جبل واري حصي جي پرسان رهندڙ هو. هن شمشير بيگ طرفان مڙهيل اجائي ۽ ناجائز ٻل ڏيڻ کان انڪار ڪيو، جنهن تي شمشير بيگ، يوسف ميرڪ کان پڇيو ته هاڻي ڇا ڪرڻ گھرجي؟ اُن صلاح جو جيڪو جواب يوسف ميرڪ ڏنو، ان متعلق هو پاڻ لکي ٿو ته:

"مون ورندي ڏني ته جيڪڏهن چانڊين وانگر هنن تي به منزلون ڪري چڙھايون ڪندين ته ڪجھ ڪين ورندو. هنن جا گھٽ ڏکيا آهن. سندن ڳوٺ هتان پنجن پھرن جي پنڌ تي آهي، جي اُتي يڪو چڙھي هلين ته ڪجھ نہ ڪجھ ٽي سگھي ٿو."

شمشير خان، يوسف ميرڪ جي اِها صلاح قبول ڪري، سڄي رات پنڌ ڪري، اسر ويلي وڃي باريجن تي ڪڙڪيو. ٻنهي ڌرين ۾ سخت جنگ لڳي، جنهن ۾ باريجن جو سردار قاسم باريجو پنهنجن پُٽن ۽ ساٿين سميت انتهائي سورهيائيءَ سان وڙهندي شهيد ٿي ويو.

—

مير پنهور

تاريخ مظهر شاهجهاني پڙهندي، اسان کي اها خبر پوي ٿي ته سنڌ جو پنهور قبيلو گهٽو ڪري مغلن سان ويڙهه کان پري هو؛ التو ڪڏهن ڪڏهن اهو قبيلو سنڌين ۽ مغلن جو ٻانهن ٻيلي ۾ ٿيندو هو. ان جي باوجود، انهيءَ قبيلي ۾ ڪجهه اهڙا ۾ ماڻهو هٿا، جن مغلن ۽ سندن ڪارندن کي نفرت ۽ حقارت سان ڏٺو ٿي. جڏهن مغل ڪارندن جون ارڏايون ۽ اُرهه زورايون حد کان وڌي ٿي ويون ته پنهورن ۾ سر تريءَ تي رکي، سندن اُرهه زوراين جو منهن ٽوڙ جواب ٿي ڏنو. انهيءَ سلسلي ۾ پنهورن جي هڪ سردار، عيسيٰ پنهور جي پٽ مير پنهور جي بهادرانه شهادت ۽ مغلن سان دليرانه جنگ جو واقعو، خاصي اهميت رکي ٿو. اُن واقعي جو پس منظر جيتوڻيڪ هڪ معمولي ڳالهه تي بنياد رکي ٿو، تاهم نفرت جو اظهار معمولي ڳالهين ۽ شين جي ٻهاني بازيءَ جو ڳولائو رهندو آهي.

ٿيو هيئن جو، جڏهن سيوهڻ پرڳڻي جو ڪجهه حصو گهورئي هندوءَ کي جاگير طور مليو، تڏهن هن پنهنجي پٽ ماڻڪ کي اهو حصو سنڀال لاءِ ڏنو. ماڻڪ انتهائي سرڪش، مغرور ۽ عام مغل ڪارندن وانگر ترڙو هو. هڪ ڪان هڪ پيري سواريءَ دوران سندس چهبڪ هٿ مان ڪري پيو. ان تي هن پنهورن جي سردار عيسيٰ کي چيو ته: "منهنجو چهبڪ کڻي ڏي." تنهن تي عيسيٰ پنهنجي ماڻهوءَ کي چيو ته 'واڻٽي جي تارازيءَ جي ڳڻي ڪري پٽي آهي، سا کڻي ڏينس.' ماڻڪ، اهي اکر دل ۾ رکيا. هڪ ڏينهن هن پنهورن کي مهمانيءَ جو فريب ڏئي پاڻ وٽ گهرايو. پنهور جيئن وٽس پهتا ته هن سڀني کي قيد ڪري، ڳاهن واري قلعي ۾ رکيو. سڀني سردارن کي هٿيڪو ڪري، پنهنجو لشڪر وڙي وڃي عيسيٰ پنهور جي ماڳ تي ڪڙڪيو. اهو حال ڏسي، عيسيٰ پنهور جي پٽ مير پنهور، ترڙ تڪڙ ۾ ماڻهو گڏ ڪري مغلن سان ويڙهه جو اعلان ڪيو. ٻنهي ڌرين ۾ زبردست جنگ لڳي. پنهورن سر تريءَ تي رکي،

پاڻ ملهائڻ جو فيصلو ڪري چڏيو. هنن آخري ماڻهوءَ ۽ آخري پساهه تائين وڙهڻ جو پختو ارادو ڪيو. وڙهندي وڙهندي نوجوان مير پنهور پنهنجي ننگ ۽ ناموس تان قربان ٿي ويو. ماڻڪ، مير پنهور جي سِسي وڏي سندس پوڙهي پيءُ سردار عيسيٰ وٽ ڳاهن واري قلعي ۾ ڪٽي ويو. قيدي پيءُ جي جهونجهار پٽ جي ڇهري تي نظر پئي تہ جٽڪ سورهيہ پُٽ جي سِسي ڪيس چئي رهي هجي:

"بابا! غيرتمند ۽ بهادر پُٽ، قيدي پيئرن وٽ هن ريت اينداآهن."

—

دائود شورو

حيدرآباد ڪان دادوءَ ويندي، انڊس هاءِ وي تي هڪڙوننڍڙو ڳوٺڙو، خاڻوٽ ۽ مانجهند جي وچ تي موجود آهي. پرسان روڊ جي ڪاپي پاسي هڪ ننڍي هوٽل ۽ ساڄي طرف هڪ بورڊ لڳل آهي، جنهن تي لکيل آهي: "ڳوٽ جام خاصائي شورو." انهيءَ بورڊ ۽ ڳوٽ وٽان لنگهندي، لکها سنڌ واسين ڪڏهن اهو سوچيو به ڪونه هوندو ته هيءُ ننڍڙو ڳوٺڙو سنڌ جي ڦٽيل تاريخ ۾ ڪڏهن هن سرزمين جي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جي بي مثال جدوجهد جو شاندار مورڇو رهيو هوندو. ۽ ان ڳوٽ جي رهواسين، سيوهڻ ۽ ٺٽي جي وچ ۾ خشڪيءَ ۽ دريائي رستن تي هر وقت موت جا ملائڪ ويهاريا هوندا، ۽ ڪڏهن انهيءَ ڳوٽ ۾ هن ماتر پوميءَ جا سور ويڙ، سنڌ جي شينهن پُٽ، دائود شوري جي اڳواڻيءَ ۾ آزاديءَ جي جهنڊن وانگر سر بلند رهيا هوندا!

انهيءَ ڳوٽ جي شورن ۽ هوسڻن ملاحن، ٺٽي جي فوجدار خسرو بيگ جي پُٽ کي سندس لشڪر سميت ناس ڪري ڇڏيو هو. انهن جي جنگ جو طريقه ڪار ان دور جي ڇاپا مار جنگ وارو هو. هنن تي جڏهن مغل فوج باقاعدي چڙهائي ڪندي هئي ته جبلن ۾ روپوش ٿي ويندا هئا.

ان واقعي ڪان پوءِ مغلن جي موڪليل صوبيدار سائين ڏني ۽ سندس پاڻ شجاعت راءِ ڪي انهيءَ رستي سان سيوهڻ ويندي فوج سميت، شورن قتل ڪري ڇڏيو هو. انهن جو سمورو سامان، زريءَ پريل ڪپڙا، خُرجينون، نغارا ۽ عربي گهوڙا به پنهنجي قبضي ۾ ڪيا هئائون.

جڏهن شمشير بيگ اوزبڪ، ٺٽي جو صوبيدار مقرر ٿيو، تڏهن سيوهڻ جي جاگير مرزا دوست محمد ۽ مير ابوالبقا کي ملي. هڪ دفعي اُنهن پنهنجي هڪ چاڪر، محبت جي هٿان نار جي گدرن جي ٻيڙي پرائي، درياهه جي رستي شمشير خان ۽ مظفر خان ڏانهن ٺٽي موڪلي. جيئن ئي اُها ٻيڙي ٺٽي ويندي خاصائي شوري جي ڳوٺ جي پرسان پهتي ته دائود شوري جي هوسڻن ملاحن،

ان تي حملو ڪيو. محبت خان کي سپاهين سميت قتل ڪري، گدرا ۽ ٻيو سامان وڃي دائود جي حوالي ڪيائون. مير ابوالبقا کي جڏهن اها خبر پئي ته ڪيس ڇوڇڙيون وڻي ويون. هو ان ئي ڏينهن سانجهيءَ نماز مهل سيوهڻ مان ٻيڙ ۾ سوار ٿي، ٻئي پهر رات جا پنڌ هٽي، پوئين پهر اچي خاصائي شورن تي ڪڙڪيو. دائود شوري کي مغل سپاهه جي يلغار جي سُڌ، آگ ۾ پنجي چڪي هئي، سو پنهنجو آل عيال وڻي، جبل ڏانهن روانو ٿي چڪو هو. مغل لشڪر ڳوٺ کي باهيون ڏئي، رهيل سهيل معذور ۽ پوڙهن شورن ۽ هوسڙن کي قتل ڪري، ٻين کي قيدي بنائي، ڏاڙيلن وانگر ڳوٺ کي ڦري روانو ٿي ويو. مغلن جي موٽي وڃڻ کان پوءِ دائود وري ساڳيءَ جاءِ تي آچي وينو.

مير ابوالبقا کان پوءِ شاهه خواجه سيوهڻ جو صوبيدار ٿي آيو. هن جي دور ۾ به دائود شوري جون مغلن سان چڪريون جاري رهيون ۽ سندس ڳوٺ خاصائي شورو مغلن جي خلاف ڇاڪر هالا جي پرڳڻي جي سنڌين جي بغاوتن ۽ لڙاين جو مرڪز رهيو. آهو ڳوٺ شاهه خواجه جي جاگير ۾ هو، جتان ڪيس هڪ پائي به ڏل وصول نه ٿي ٿي. تاريخ ۾ آهي ته اُنهن شورن جو منهن سدائين جهيڙن ۾ هوندو هو ۽ ڏل ڏيڻ کان آگوئو ڏيکاريو وينا هوندا هئا. ان ڪري، شاهه خواجه انتهائي رازداريءَ ۽ ڇڄهه ڳوهه ۾شورن تي حملو ڪيو. اتفاق سان دائود پاڻ موجود نه هو، ان ڪري لڙائيءَ جو پورو انتظام نه ٿي سگهيو. دائود جي پرپٽ ڪيترا شورا قتل ۽ ڪيترا قيد ٿيا. مغل سپاهين، دائود جي غير حاضريءَ جو فائدو وڻي، دائود شوري جي زال کي گرفتار ڪيو. شاهه خواجه اهي قيدي وڻي سيوهڻ آيو. دائود شورو پنهنجي زال ۽ ساٿين جي گرفتاريءَ جو ٻڌي، سيوهڻ اچي مغلن جي آڏو پيش پيو. جڏهن هن پنهنجي اکين سان پنهنجي زال ٻڌل ڏني، تڏهن مغلن جي اڳيان آڻ مڃي، پنهنجي زال ۽ ساٿين کي آزاد ڪرايائين.

—

اسماعيل شورو

هندوستان ۾ مغل بادشاه اڪبر، مقامي شورشن ۽ سازشن کي ٻنجو ڏيڻ کان پوءِ پر وارن ملڪن کي فتح ڪرڻ جي تياري ڪئي. انهيءَ سلسلي ۾ هن پنهنجي استاد ۽ سرپرست بيرم خان جي پٽ عبدالرحيم خان خانان کي وڏو لشڪر ڏئي سنڌ فتح ڪرڻ جو حڪم ڪيو. مرزا عبدالرحيم خان خانان، مغلن جو شاهي لشڪر ويٺي ۹۹۸ هجريءَ ۾ سنڌ تي حملو ڪيو. سنڌ تي ان وقت ترخان گهراڻي جو آخري حاڪم مرزا جاني بيگ حڪومت ڪري رهيو هو.

مرزا جاني بيگ لاءِ تاريخدانن جو چوڻ آهي ته هو ترخان گهراڻي جي سڀني حاڪمن مان چڱو، سلجهيل، سمجهدار ۽ بهادر حاڪم هو. هن جي ماءُ سنڌياڻي هئي ۽ سندس گهر ۾ به سنڌي عورت هئي، جنهن انڙپور وٽ تلوار ڪٽي مغلن سان مقابلو ڪيو هو. مغلن جي حملي وقت جاني بيگ 35 هزار لشڪر ويٺي خان خانان جي سامهون ٽيو. جاني بيگ جي ان لشڪر ۾ 20 هزار ارغون ۽ ترخان ۽ 15 هزار سنڌي هئا. مغلن ۽ جاني بيگ جو مقابلو پورو هڪ سال هلندو رهيو، جنهن ۾ آخري جنگ لکيءَ وٽ لڳي، جنهن ۾ 2 هزار سنڌي ۽ 5 هزار مغل مئا. انهيءَ جنگ ۾ جاني بيگ کي شڪست آئي. هوڏانهن مغلن جا به وڏا نامور جرنيل لکيءَ وٽ مارجي ويا، جن ۾ اڪبر جي مشهور رتن راجا توڊر مل جو پٽ ڌارو مل به هو.

جاني بيگ جي شڪست کائڻ ۽ مغلن جي مڪمل قبضي کان پوءِ به سنڌي ماڻهو هڪ سؤ سالن تائين باهرين غاصبن ۽ لٽيرن جو وڏي بهادريءَ ۽ همت سان مقابلو ڪندا رهيا. ان سلسلي ۾ سنڌ جي هر ذات، پاڙي، قبيلي ۽ راڄ، بي پناهه حب الوطنيءَ جو ثبوت ڏيندي، پنهنجو پاڻ ملهايو. تاهم اهي سڀ ذاتيون، پاڙا، قبيلا ۽ راڄ، ڪنهن مرڪزي تنظيم، قيادت ۽ نظام نه هٺ ڪري ڇڙ وڇڙ، اڪيلا ۽ بي يارو مددگار وڙهندا رهيا. نتيجي طور مغل سامراج جي وڏي، منظم ۽ جارح فوج کي شڪست ڏئي سنڌ مان ڪڍي نه سگهيا.

انهن ذاتين ۽ انهن جي سردارن جي بي پناهه قرباني ۽ جرئت جا داستان هن مادر وطن جي هاڙيءَ هاڙيءَ تي پکڙيا پيا آهن، جن کي گڏي هڪ تاريخي سلسلي ۾ ڳنڍي سنڌي عوام اڳيان پيش ڪرڻ جي ضرورت آهي. انهيءَ انتشار، اختلاف ۽ چڙ وچڙ واري حالت ۾ سنڌ جا تي قبيلا هنا، جن پاڻ ۾ مڪمل اتحاد، اتفاق ۽ يڪجهتيءَ جو مظاهرو ڪري، ڏهن هزارن جو لشکر رضاڪارانه بنيادن تي تيار ڪيو: جيڪو حالتن آهر جنگي حڪمت عملين اختيار ڪندو وڙهندو رهيو. اهي تي قبيلا هنا، شورا، ٻيڙ ۽ دل، جن جو اتحاد مغل سامراج جي خلاف حب الوطني ۽ سنڌ دوستيءَ جي جذبي تي مبني هو. اهي تئي قبيلا، سَن کان وٺي شال تائين پکڙيا پيا هنا ۽ انهيءَ پوري ايراضيءَ ۾مغل سامراج جو جيئڻ، مسافري ڪرڻ ۽ امن سان ويهڻ جنجال ڪري ڇڏيو هنائون. تنهي قبيلن جي گڏيل لشکر جو گهٽو ڪري اڳواڻ اسماعيل شورو هوندو هو، جنهن پنهنجي حڪمت عمليءَ، ڏاهپ ۽ بهادريءَ سان مغلن کي توڙا ڇهايا، ۽ سنڌي حب الوطنيءَ جو مانُ مٿاهون ڪيو. اسماعيل شوري جي انهن چڪرين مان ڪن جو احوال هتي ڏجي ٿو:

1. ترخانن جي پوئين دور ۾، سنڌ ۾ مغلن جو اثر رسوخ وڌي ويو هو، جيڪو سنڌي ماڻهن لاءِ برداشت کان ٻاهر هو. ان ڪري هنن ترخانن تي حملا شروع ڪري ڏنا. انهيءَ سلسلي ۾ شورن جي، نٽي جي حاڪم خسرو بيگ سان اٽڪٻٽ ٽي پئي. خسرو بيگ شورن کي سيکٽ ڏيڻ لاءِ پنهنجي وڏي پٽ رستم کي فوج ڏئي، سنڌي ماڻهن کي قتلام ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو. نتيجي طور سنڌين ۽ نٽي جي فوج جي وچ ۾ خونخوار جنگ لڳي، جنهن ۾ رستم پنهنجيءَ فوج سميت قتل ٽي ويو ۽ سنڌي ماڻهن سوپ حاصل ڪئي. انهيءَ شڪست جو بدي، نٽي جي حاڪمن، ان اڳينءَ فوج کان وڌيڪ فوج سنڌي ماڻهن تي چاڙهي موڪلي. ان فوج جو بدي شورا، نومڙيا ۽ ٻيون ذاتيون، جبلن ۾ روپوش ٽي ويون. نٽي جي لشکر بلوچستان جي سرحد تائين ڳولا ڪئي، پر سنڌي ماڻهن کي لهي نه سگهيو.

2. جهانگير جي وقت ۾ مظفر خان معموريءَ کي نٽي جو حاڪم ڪري موڪليو ويو. ان وقت به نٽي جو گورنر خسرو بيگ هو ۽ سيوهڻ جو جاگيردار شمشير خان اوزبڪ هو. شمشير خان ٽي هزار ماڻهو مظفر خان سان گڏي نٽي

موڪليا، ٻيو لشڪر اڳ ۾ ئي مظفر خان سان گڏ هو. ايترن گهٽن ماڻهن کي ڏسي، خسرو بيگ انهيءَ مصيبت کي تاڙ لاءِ دل ۾ پهه پڇائي، مظفر خان کي چيو ته "شورن، ٻهرن ۽ دل ذات وارن تنگ ڪري ماريو آهي، اوهان مهرباني ڪري پاڻ سان آندل لشڪر کي انهن سرڪش ماڻهن کي سيکت ڏيڻ لاءِ چاڙهي موڪليو." مظفر خان اها ڳالهه منظور ڪئي ۽ مغلن جو لشڪر سنڌين سان وڙهڻ لاءِ روانو ٿيو. مغلن جي اچڻ جي خبر اسماعيل شوري ۽ سندس ساٿين کي اڳ ۾ ئي پهچي وئي هئي، سي به پنهنجو لشڪر تيار ڪري مغلن جو اڳ جهلي ويهي رهيا. سنڌين جي لشڪر جو تعداد يوسف ميرڪ (تاريخ مظهر شاهجهاني جي مصنف) ڏهه هزار ٻڌايو آهي: ۽ هزار سوار ۽ اٺ هزار پيادا؛ پر آءُ سمجهان ٿو ته اهو تعداد مغلن جي شڪست کي فطري رنگ ڏيڻ لاءِ ٻڌايو ويو آهي.

ٻنهي لشڪرن جي ويجهو ٿيڻ کان اڳ سنڌين پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته اسان جي هر سوار سان گڏ چار پيادا ٿين، ۽ سڄي ۽ ٻه ڪهي طرف، پوءِ مغلن سان باقاعدي ويڙهه ڪجي. مظهر شاهجهانيءَ وارو لکي ٿو ته "سنڌي پيادن مغلن جي سوارن کي گهوڙن تان هيٺ ڪيرائي قتل ڪرڻ شروع ڪيو ۽ مغلن جا ڪيترائي ماڻهو قتل ٿيا، جن ۾ مغلن جو هڪ ڏٽيل بهادر خواجه محمد سلطان اوزبڪ به شامل هو. رهيل مغل لشڪر ڀاڄ کائي وڃي نيرون ڪوٽ (رني ڪوٽ) جي قلعي ۾ پناهه ورتي. اهڙي طريقي سان سنڌي، مغلن کي ميدان جنگ ۾ ذلت آميز شڪست ڏيڻ کان پوءِ، قلعي جو گهيرو ڪري اُن وقت تائين ويٺا رهيا، جيسين تائين نٽي ۽ سيوهڻ مان مغلن جا ٻيڙناهه لشڪر اچي نه ڪڙڪيا. انهن فوجن جي اچڻ کان پوءِ سنڌي لشڪر قلعي جو گهيرو ڇڏي وري جبلن ۾ گم ٿي ويو.

3. اهو ڏک اهڙو نه هو، جنهن کي مغل آسانيءَ سان وساري ڇڏين: ان ڪري نٽي جي گورنر مظفر خان نٽي ۾ موجود لشڪر ساڻ ڪري شورن، ٻهرن ۽ دل ذات وارن کي هميشه لاءِ ختم ڪرڻ خاطر "شال" تي زورائتو ۽ پرپور حملو ڪيو. مظفر خان جو لشڪر جيئن شال جي ويجهو پهتو، تيئن سنڌين جو لشڪر مناهين دل جي اڳواڻيءَ هيٺ مغلن جي سامهون ٿيو. مغل لشڪر جي ويجهو اچڻ تي سنڌين واڇوڙي واريءَ تيزيءَ سان مغلن تي حملو ڪري، ڪيترا

ماڻهو قتل ڪيا ۽ هنن کي پنڻتي هٿڻ تي مجبور ڪيو سنڌين جي اها بهادري ڏسي، مغلن جو بهترين سپهه سالار مظفر خان اڳتي وڌڻ جو حوصلو هاري، اتي ڇانوٽي هٽي ويهي رهيو. سنڌين چنني پاسن کان حملا ڪري، مغل فوج جي رسد جا رستا ڪٽي ڇڏيا. اهو سلسلو گهڻن ڏينهن تائين هلندو رهيو. ايتري ۾ نٽي ۽ بدين کان مغلن جي مدد لاءِ نيون فوجون رسي ويون، جن جي اچڻ سان سنڌين ۽ مغلن ۾ سڌي جنگ شروع ٿي وئي. انهيءَ معرڪي ۾ بيشمار مرد، عورتون ۽ ٻار ٻچا قتل ٿيا، پر اسماعيل شورو پنهنجو جٿو وٺي وري به نڪري وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ان جنگ کان پوءِ واپس ورندي، مغلن حميد شوري سان جنگ ڪئي، جنهن ۾ حميد شوري هارايو؛ پر بدين جي جاگيردار مير ابوالبقا جو پاڻ نور الله، ڪيترن ٻين سپاهين سان گڏ سنڌين جي هٿان مارجي ويو.

4. مغلن سان جنگين دوران **بابو نالي هڪ پليجو سردار** سنڌي ماڻهن خلاف **مغلن جو چاڙتو** ۽ **دلال بنيل** هو. هو نه رڳو سنڌين جو ساٿ نه ڏيندو هو، پر وطن دوست ۽ حريت پسند سنڌي سپاهين جي گسن، پنڌن، گهٽن، گهيڙن ۽ نڪاڻن کان مغلن کي واقف ڪندو رهندو هو. بابو پليجي، ٻهرن جي هڪ راڄ کي پنهنجي پرسان اچي رهايو ۽ هنن کي يقين ڏياريائين ته توهان جو ڪو وار ونگو نه ڪندو. هنن کي انهيءَ دلبي ۾ رکي، ٻئي پاسي مغل فوج کي راتوراھ چاڙهي، اُنهن ٻهرن جي راڄ کي قتل ڪرائي ڇڏيائين.

شورن، بابو پليجي کي انهن بدمعاشين، وطن فروشين ۽ غدارين جي سزا ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. هڪ طرف ته هنن بابوءِ جون ٻنيون ٻارا ۽ باغ ساڙائي ناس ڪري ڇڏيا ۽ ٻئي طرف اُن پوري علاقي ۾ڪنهن به مغل ۽ ان جي چاڙتي کي زنده نه ڇڏڻ جو قسم کنيو. اهي خبرون نٽي ۾ مظفر خان کي پهتيون. هن بابو پليجي جي صلاح سان پنهنجي سوٽ مرزا محمد کي وڏو لشڪر ڏئي اسماعيل شوري کي ختم ڪرڻ لاءِ موڪليو. مرزا محمد شاهي لشڪر سان اوچتو اچي ڪڙڪيو.

سنڌين جي عادت هوندي هئي ته مغلن سان مقابلي وقت پنهنجو آل اولاد ۽ مال متاع جبلن ڏانهن موڪلي ڇڏيندا هئا ۽ صرف مرد ماڻهو ميدان ۾ رهجي ويندا هئا. جڏهن مغلن جو لشڪر بي خبريءَ ۾ اوچتو اچي ڪڙڪيو، تڏهن اسماعيل شوري گهڻن ماڻهن کي مال متاع ۽ آل اولاد جبلن ڏانهن موڪلڻ

جي ڪم سان لڳايو ۽ پاڻ ڪن ماڻهن سان گڏجي مغل لشڪر سان مقابلو ڪرڻ لڳو: نتيجي طور نه مال متاع نڪري سگهيو ۽ نه وري سنڌي سورهين جو هي مختصر جٿو، مغل حملي آورن جي سيلاب کي روڪي سگهيو.

اسماعيل شورو ڏارين سان وڙهندي، ۱۰۲۵ هجريءَ ۾ مادروطن سنڌ جي حفاظت ڪندي شهيد ٿي ويو. مغلن سامان ڦريو، گهرن کي باهيون ڏنيون ۽ بيشمار سنڌي ماڻهن کي قيد ڪيو. اهڙي طريقي سان 30 سالن تائين مغل سامراج جي خلاف جدوجهد ڪندي، اسماعيل شوري پنهنجي حب الوطني ۽ قومي غيرت جو لافاني ۽ لاثاني سبق، سنڌ جي ماڻهن لاءِ قائم ڪيو.

—

جھونجھار و شورو

جھونجھار شورو، سنڌ جي سورهيه سرواڻ اسماعيل شوري جو پٽ هو. اسماعيل شورو سنڌ جي بقا لاءِ مغلن سان وڙهندي شهيد ٿي ويو هو.

سنڌ جي آزاديءَ ۽ حُريت جي جيڪا شمع سنڌ جي لافاني ۽ عظيم الشان انسان، اسماعيل شوري، پنهنجي رت سان روشن ڪئي هئي، سا سندس شهادت کان پوءِ وسامي ڪانه ويئي ـ پر بقول ايائز:

جي راهه اجل ڪنهن ورتي آ،
هن يَونءِ ڪئي ڀِي پرتي آ!

اسماعيل شوري کان پوءِ سندس پٽ جھونجھار شوري، آزاديءَ جي جھنڊي کي بلند رکڻ جو پڪو ارادو ڪيو. هن پنهنجي ٽڙيل ٻڪڙيل ساٿين کي گڏ ڪري، مغلن سان ويڙهه جو سلسلو جاري رکيو. پنهنجي پيءُ وانگر هن جي ڪردار جي خاص خوبي هئي: آڻ نه مجڻ، دشمن جي اڳيان هٿيار ڦٽا نه ڪرڻ، پنهنجي مادر وطن جي آزاديءَ واري حق تان هٽ نه ڪٽڻ ۽ مغل شاهيءَ جا سنڌ مان ٽڏا پٽڻ. انهيءَ مقصد جي راهه ۾ هن نوجوان ۽ دلير انسان کي نه مغل سلطنت جي طاقتور فوج جو ڊپ هو ۽ نه وري سنڌين جا باهمي اختلاف ئي هن جي حوصلي کي پست ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهيا. هو هڪ اهڙو نوجوان هو، جنهن جي ذهن ۾ بغاوت، حوصلو ۽ همت، روز نوان، تازا ۽ توانا ٿيندا رهيا ٿي. جيتوڻيڪ جھونجھار شوري جي ڪارنامن ۽ ڪاوشن جي تفصيل کي تاريخ ۾ بلڪل نظر انداز ڪيو ويو آهي ۽ صرف ان آخري معرڪي جو ذڪر آهي، جنهن ۾ هُو گرفتار ٿيو. انهيءَ واقعي متعلق مظهر شاهجهانيءَ لکيو آهي ته:

"جڏهن ۱۰۲۸ هجريءَ ۾ سيد بايزيد نڪي جو صوبيدار ٿيو، تڏهن هن سان سندس پُٽ به هئا، جيڪي ڏاڍا چالاڪ هئا. جهانگير بادشاهه هنن کي حڪم ڏنو هو ته اُهي جابلو ماڻهن جي ڪن مهٽ ڪن. [هن نندي ڪنڊ جي بادشاهه

طرفان بذات خود حڪم ڏيڻ ثابت ٿو ڪري تہ چاڪر هالا پرڳڻي جي عوام جي جدوجهد دهليءَ جي ديوارن کي ٽرٽلي ۾ وڃي ڇڏيو هو.] جهانگير جي حڪم جي بجا آوري ڪندي، سيد بايزيد جا پُٽ، مغل سپاهين جي لوڏ وٺي، شورن ۾ دلن تي ڪاهي آيا، جيڪي جبل جي پاسي ۾ ٽڪريل پکڙيل هئا."

جيئن شڪار گاهن ۾ شڪار ڪيو ويندو آهي، تيئن سنڌي ماڻهن جو گهيرو ڪيو ويو. سنڌين به سندرا ساهي مغلن جو مقابلو ڪيو. ٻنهي ڌرين جا ڪيترا ماڻهو قتل ٿيا. نيٺ صلح جي ٻهاني دغا سان جهونجهار شورو به گرفتار ٿي پيو. جهونجهار جي گرفتاريءَ کان پوءِ ٻين ڪيترن ماڻهن کي قتل ۽ گرفتار ڪري، ڳوٺن جو سامان سڙولُٽي، باهيون ڏنيون ويون.

جهُونجهار شوري اهڙيءَ دغا سان گرفتار ٿيڻ کان پوءِ بيوسيءَ واري حالت ۾ به مغلن جو فرمانبردار ٿي ويهي رهڻ کان انڪار ڪيو. نتيجي طور ڪيس ڪٽي جي جيل ۾ وڃي، اذيت ۽ عذاب جا وحشياڻا طريقا استعمال ڪرڻ سان گڏ لالچ ۽لوڀ جا طريقا به اختيار ڪيا ويا، پر هن سورهيه سنڌيءَ مصيبتن تي ٽهڪ ڏنا ۽ لالچن کي انتهائي حقارت سان ٺڪرائي ڇڏيو. ۽ عذاب سهندي ڪٽي جي جيل ۾ شهيد ٿي ويو.

—

يوسف سميجو

هي ۱۰۰۸ هجري آهي، سنڌ مڪمل طور مغل شاهيءَ جي قبضي ۾ تسلط هيٺ اچي چُڪي آهي، پوري ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سنڌي عوام خلاف مغل نوابن طرفان رت ۾ باهه جي راند جاري آهي. قابض قوت طرفان سنڌين جون تباهيون بربادیون جاري آهن ته هوڏانهن سنڌي عوام جو ڏارين خلاف بغاوت جو جذبو به جوان آهي. جيڪو به مغل نواب نئين بدلي ٿي اچي ٿو، اُن کي سڀ کان پهرين سنڌ جي هڪ باغي، ارڏي، دلير ۽ محب وطن قبيلي سميجي جي خاتمي لاءِ خاص هدايتون ڏنيون ٿيون وڃن.

اهڙي قسم جون هدايتون ڪٽي، ۱۰۲۸ هجريءَ ۾ مرزا حسام الدين مرتضيٰ نئين پهچي ٿو. ڪيس ٻڌايو وڃي ٿو ته نصرپور پرڳڻو، جنهن جي پيداوار ويهه لک جهانگيري روپيا ٿيندي هئي ۽ جنهن پرڳڻي صرف هڪ سال ۾ يارهن هزار خرار اناج صرف ذل طور ڏنو هو، اُن پرڳڻي ۾ اڄ ويراني آهي ۽ سرڪار کي هڪ ڪوڏي به وصول نه ٿي ٿئي. انهيءَ ساريءَ گڙ ٻڙ جو ذميوار، سميجي قبيلي جو چگو مڙس **يوسف سميجو** آهي. اها خبر ٻڌڻ شرط حسام الدين پنهنجي پٽ صمصام الدوله کي سميجن مٿان مقرر ڪيو. صمصام الدوله نصرپور پرڳڻي پهچي، هالن لڳ نئيءَ جي ڳوٺ ۾ ڊاهو ڪيو. هيءُ ڳوٺ، هالن کان هڪ ميل پنڌ تي خُود هالن جيڏو ئي هو. هن ڳوٺ وٽ ڪڏون ڪوٽي، مورچا قائم ڪيا ويا ۽ هالن جي ٽاٽيدار موسيٰ افغان سان هڪ جٽو فوج جو گڏي، ڪيس سميجن تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو. انهيءَ وچ ۾ يوسف کي سندس جاسوسن اڳواٽ ئي مغلن جي حملي جو ٻڌائي ڇڏيو هو. جڏهن سڄي مغل فوج اُنهن آزاديءَ جي پروانن کي ختم ڪرڻ لاءِ مينهن واڇ ڪندي رواني ٿي، تڏهن يوسف سميجي پنهنجي جنگي حڪمت عمليءَ تي عمل ڪندي، ڳوٺ خالي ڪرائي، جنگي جوانن کي مغل فوج جي لنگهه جي چوڌاري جهنگل ۾ لڪائي ويهاري ڇڏيو. جيئن ئي مغل فوج سميجن جي

ڳوٺ کي ويران ڏسي موت کاڏي، تيئن ئي يوسف پنهنجي ساٿين سميت بکايل شينهن وانگر مٿن حملو ڪيو. محب وطن سپاهه جو هيءُ حملو مغل فوج لاءِ موت جو طوفان ثابت ٿيو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي مغل سپاهه جي لاشن جا ڍير لڳي ويا ۽ رهيل فوج پڄي وئي.

يوسف سميجو تر جو معزز ۽ بااثر سردار هو. هُو مغل شاهيءَ جا پرڪار ڏسي، پنهنجي هر ذاتي شيءِ ڇڏي، ويڙهاڪ جٿن سان شامل ٿيو هو: سو انهيءَ معرڪي مان واندو ٿي، ڏينهن ڏٺي جو ڪيبرن جي مغل چوڪيءَ تي واڇوڙي وانگر وڃي ڪڙڪيو. اُتي مغلن طرفان مقرر ٿيل سپني ماڻهن کي سندن ٽنمندار حاجي محمد سميت قتل ڪري رمندو رهيو. مغل بچڻ جڏهن ان واردات جي خبر ٻُڌي، تڏهن يوسف جي پُٺ ونڊ جي همت نه ساري، واپس موٽيو. پر پنهنجيءَ بهادريءَ جو پرم رکڻ لاءِ هالن ۽ سماتي ڳوٺن جي غريب ماڻهن کي قيدي بنائي، پنهنجي پيءُ وٽ ٽتي وٽي ويو. پٽس بي ڏوهي ماڻهن تي هٿرادو ڏوهن جي آڙ ۾ ڳاڻي پڳا ڏنڊ وڌا. جڏهن ڏٺائين ته هي غريب ماڻهو ڏنڊ ڏيڻ جهڙا ناهن ته کانئن شرعي ضابطا لکائي ورتائين.

يوسف کي جڏهن بيڏوهي عوام سان مغل سپاهه جي انهيءَ ظالمانه روش جي خبر پئي، تڏهن وري ٽتي ۾ رهيل مغل سپاهه تي راتاهو هنيائين ۽ پوري ڳوٺ کي تباهه ڪيائين، جنهن ۾ مغلن جا بيشمار سپاهي ۽ طرفدار قتل ٿيا ۽ رهيل ماڻهن وڃي هالن ۾ پناهه ورتي.

اڳتي هلي تاريخ، يوسف سميجي جي باري ۾ خاموش آهي. جيتوڻيڪ مرزا حسام الدين کان پوءِ مير ابوالبقا "وينجهري" جي ڳوٺ تي حملو ڪري، ڪيترن سميجن کي قتل ڪيو، پر ڇا يوسف ميرڪ جي وڏي پاءُ جو اهو حملو ۽ قتلام، سميجن جي دلين مان مغل شاهيءَ جي نفرت گهٽ ڪري سگهيو؟ تاريخ جو واضح جواب آهي، هر گز نه.... هر گز نه!

—

پريو اُنڙ

بختيار بيگ جي موت کان پوءِ سنڌ جي محب وطن ماڻهن، خاص ڪري سميجن ۾ اُنڙن پنهنجيءَ طاقت آهر مغلن سان ويڙهه ڪرڻ جا سانباها شروع ڪيا. اُنڙن، مغلن سان نفرت سبب هر انهيءَ ماڻهوءَ ۾ قبيلي کي پنهنجي ويڙهه ۾ نشانو بنائڻ شروع ڪيو، جنهن جي باري ۾ هنن کي ذرو به شڪ هو ته اهو مغلن جو طرفدار آهي. اُن سلسلي ۾ هنن پنهورن ۽ ڪوريجن تي حملا ڪرڻ شروع ڪري ڏنا، جيئن بکر کان وٺي سيوهڻ تائين واري علاقي ۾ ڪوبه ماڻهو يا قبيلو مغلن جو وفادار نه رهي ۽ ان پوري علاقي مان مغلن جو پرپور خاتمو ڪري، اتي سندن آزاد حڪومت قائم ٿئي. پنهورن ۽ ڪوريجن سان هٿ ڪنڊيڻ لاءِ هنن درياهه سنڌ جي سيوهڻ واري پاسي بکر جي راجڌانيءَ ۾ ڏار ڏار پرڳڻن جي ڳوٺن کي اچي باهيون ڏنيون. سميجا، ائين هٽندا ماريندا، ڳاهن جو پرڳڻو ڳاهيندا، وڄي ڪانهريءَ سامتائيءَ کان نڪتا، جتي بهاءُ الدين پنهور ويٺل هو. هوڏانهن درياه جي اوپر واري طرف انڙن جو لشڪر پر تي انڙ جي مهنداريءَ ۾ جنگ ۾ جُنبي ويو ۽ جوٽيجن واري پرڳڻي ۾ ڪوريجن ۽ پنهورن جون ڪنڊيون هٽڻ شروع ڪري ڏنيون.

حقيقت ۾ سميجن ۽ انڙن جي اِها بنيادي غلطي هئي، جنهن سنڌ ۾ قبائلي اختلافن کي باهه ڏني ۽ ان قبائلي اختلاف ۽ تضاد مان مغلن پورو پورو فائدو وٺي، سميجن ۽ انڙن جي مخالف قبيلن جي مدد سان سنڌ جي آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ سپاهه کي ڪچلڻ شروع ڪيو. بهرحال، سميجن ۽ انڙن، درياه جي ٻنهي پاسن اهڙي زورائتي يلغار ڪئي، جو سيوهڻ ۽ اُن سان لاڳاپيل پورو علاقي بغاوت ۽ جنگ جي لپيٽ ۾ اچي ويو. ڪوريجا ۽ پنهور، ٻيو ڪو حيلو نه ڏسي پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ويا ته پهريائين سميجن سان وڙهجي، جيڪي اسان ٻنهي جا جاني دشمن ٿي بيٺا آهن، پوءِ پنهنجا اختلاف به نبيري وٺا [ڪاش! اُن وقت سڀ سنڌي مغلن جي مقابلي ۾ اها سوچ پيدا ڪن ها.] اِها صلاح ڪرڻ

کان پوءِ هنن مغلن کي پنهنجي پرپور سات جي آڇ ڪري، انڙن تي حملي ڪرڻ لاءِ مغل فوج موڪلڻ جي درخواست ڪئي.

اها ستّا ستي، چار پنج هزار لشڪر وٺي، پنهور ۽ ڪوريجا درياهه ٽپي، جوٽيجن جي پرڳڻي ۾ پهريءَ جي ڳوٺ اندر اچي ٽانيڪا ٽيا، جتي مغلن جو لشڪر به اچي هنن سان گڏيو. هوڏانهن سميجن ۽ انڙن جا به پنج ڇهه هزار سپاهي پرئي انڙ جي اڳواڻيءَ هيٺ گچيري ڳوٺ ۾ اچي گڏ ٽيا. اهي خبرون ٻڌي، مغلن، پنهورن ۽ ڪوريجن پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته پيش قدمي ڪري سميجن تي ڪاهيو وڃي. پوءِ رات وچ ۾ ڦهي سنيپري، تي هزار سوار بهاءُالدين پنهور وٽ ٽمائي روانا ٽيا. ٻئي پاسي انڙ به اها ڳڻڳوٽ ڪري، راتو واهه گهوڙن تي چڙهي پيا. پرهه ڦٽيءَ مهل ٻئي لشڪر اچي ٻلهه ٽيا، خونا خوني جنگ لڳي وئي. ٻنهي ڌرين جا ڪيئي ماڻهو رتو رت ٿي ڪسجندا ويا. ٽيٺ مغلن ۽ سنڌين جي لشڪر جي مقابلي ۾ وڙهندڙ سنڌين هار کاڌي. اتي بهاءُالدين پنهور به اچي پهتو، جنهن گرفتار ٽيل محب وطن سنڌي بهادر پرئي انڙ کي مغلن جي مدد سان شهيد ڪيو. اهڙيءَ ريت انڙن انهيءَ جنگ ۾ وقتي شڪست کاڌي.

پنريو اُنڙ، محب وطن سنڌي ۽ آزاديءَ جو ڪوڏيو سرواڻ هو، هن جي هميشه اها حڪمت عملي هئي ته پنهنجيءَ ڪمزوريءَ جي وقت گهڙيءَ کن لاءِ ناهه ڪري، آڻ نه مڃي، دشمن جي دانگي پڇڻ جي هر کا تدبير اختيار ڪرڻ گهرجي. هو هڪ دفعو اڳي به پنهنجي بهادر ساٿيءَ بودلي سميجي سان گڏ گرفتار ٽيو هو، پر پوءِ قاسم ارغون جي سفارش تي آزاد ٽيو هو. ان باري ۾ تاريخ سنڌ ۾ لکيل آهي ته: بختيار بيگ جڏهن پهريون پيرو سيوهڻ پهتو، تڏهن هن پنهنجي نائب شهسوار کي لاکات پرڳڻي ۾ سميجن ۽ انڙن جي ٽپي ڏانهن موڪليو ته هو اُتي وڃي ديل اڳاڙي. هو جيئن اتي پهتو ته سميجن ۽ انڙن، پرئي جي اڳواڻيءَ ۾ شهسوار کي سندس سپاهه سميت قتل ڪري ڇڏيو. مغلن شهسوار جو ويرونڊ لاءِ وڏو لشڪر انڙن ۽ سميجن تي چاڙهي موڪليو. ٻنهي راڄن پاڻ ۾ صلاح کان پوءِ فيصلو ڪيو ته حالتن آهر مغلن سان ناهه ڪرڻ گهرجي ۽ ان لاءِ مغلن وٽ وڃي پيش پڻجي. پر اهو ناهه ٽٽي

ئي ٿئي، ان کان اڳ ٻنهي ڌرين ۾ خونخوار جنگ لڳي، جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جا گهٽائي ماڻهو قتل ٿيا. نيٺ پريو، بودلو ۽ جيئندو مغلن وٽ پيش ٿيا. مغلن قتل ٿيل بهادر سنڌين جون مُنڊيون کارن ۾ وجهائي، قيدين سميت سيوهڻ روانيون ڪيون، جتي پرئي، بودلي ۽ جيئندي کي جيل ۾ وڌو ويو. آخر قاسم خان، 24 هزارن جي ضمانت ڏئي قيدين کي آزاد ڪرايو. انهيءَ قهري ڪاروائيءَ ۽ فريب ڪاريءَ جو پلاند ونڊ لاءِ پريي پنهنجي پوريءَ طاقت سان مغلن خلاف جنگ شروع ڪئي، جنهن ۾ پنهنجن جي سازش ۽ ڌارين جي فريب جي ور چڙهي، ۱۰۰۸ هجريءَ ۾ گڇيري وٽ شهيد ٿي ويو.

(مظهر شاهجهانيءَ جي سنڌي ترجمي تان ورتل)

—

طالب اُنڑ

آءِ اڳ ۾ لکي آيو آهيان ته سميجن ۽ انڑن جي لشکر کي وقتي طرح گڇيري جي جنگ ۾ شڪست آئي ۽ سندن سورهيہ سردار پريو انڑ شهيد ٿي ويو. پرئي جي شهادت کان پوءِ جيڪڏهن مغلن ۽ سندن حامين اِهو ئي سمجهيو ته انڑن ۽ سميجن جي طاقت ختم ٿي وئي، ته اها سندن پُل هئي. اُنڑ وري طالب انڑ جي قيادت ۾ پنهنجي طاقت گڏ ڪري، ڪنهن موقعي جي تاڙ ۾ رهيا ته ڪڏهن ٿو وڃه ملي، جو مغل سپاهه جي رت سان کهاڙين جا ڳڻ ڳاڙها ڪجن. اِهو موقعو ڪين جلدي ملي ويو.

سيوهڻ ۾ جڏهن نورالدين ڪروڙي، عملدار ٿي آيو، تڏهن هن ايندي شرط پنهنجي پائڻي تيمور بيگ کي ٿي هزار سوار ڏئي، انڑن تي حملي ڪرڻ لاءِ موڪليو. تيمور بيگ هڪلينڈو اُچي "وينجهري" جي قلعي ۾ وهڻو ۽ انڑ سونهري ڍنڍ جي وڇاڳ ۾ اچي پر گهٽ ٽيا، جنهن جي چوڌاري پاڻي هو. هن پيري جنگ جو سبب هي ٿيو، جو انڑن ربيع جي ڏل ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. اِهو انڪار تيمور بيگ کي نہ آئڙيو، ان ڪري انڑن سان وڇڙي پيو. جڏهن سونهري ڍنڍ تي پهتو ته انڑن جو هڪ واهڻ سندس آڏو آيو. هن جي ماڻهن واهڻائين کي ٻائيتال ۾ وڌو. ائين ڪندي تيمور بيگ کي پرياڻ ڏوڙ اڏامندي نظر آئي. پڇا ڪيائين ته اها ڏوڙ ڇاجي آهي؟ ڪن وراڻيو واڇوڙو هوندو، ته ڪن چيو ته ٿي سگهي ٿو ته ڪو غنيم هجي. انهيءَ سوال جواب هلندي، انڑن، طالب انڑ جي قيادت ۾ اچي منهن ڪيو ۽ ايندي شرط مغل سپاهه جي سسين ۾ لابارو وڇڻ شروع ڪري ڏنائون. اها حالت ڏسي، تيمور بيگ جا پير اکڙڻ لڳا ۽ سندس ماڻهن ۾ ڀاڄ شروع ٿي. انڑن انتهائي همت ۽ حوصلي سان مغلن کي قتل ڪرڻ شروع ڪيو. مغلن لاءِ زمين تنگ ٽيڻ لڳي ۽ سندين جا تير ڳڙن وانگر وسي رهيا هنا. ٿوريءَ دير ۾ مغلن جي لاشن جا ڍير لڳي ويا ۽ ميدان سندين ماريو. سندين، مُغلن جا گهوڙا، هٿيار پنهوار ۽ وهت بہ ڦري ورتا. تيمور

بيگ ساهه بچائي اچي وينجهري جي قلعي ۾ وينو. انڑن، قلعي کي گهيرو کري، قلعي جي چوڌاري پيل اناج وغيره کنيو ۽ جيسلمير ڏانهن روانا ٿي ويا.

کجهه وقت گذرڻ کان پوءِ وري سردار خان جي صاحبيءَ دوران سندس هڪ ملازم درويش بيگ ۽ هڪ ٻئي مغل کارندي ماڻڪ سنگهه، وري انڑن جي ڳوٺ "ڏيڑان" تي حملو کيو. انڑ سندن سالار طالب انڑ جي اڳواڻيءَ ۾ اڳي ئي موقعي جا منتظر هئا، تن هڪ زبردست راتاهو هنيو. ان راتاهي ۾ هنن مغلن جا 500 سپاهي قتل کري ڇڏيا. انهيءَ معرکي ۾ به طالب انڑ مغلن کي ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيا. صبح ٽيڻ تي درويش بيگ پاڻ بچائي وڃي سيوهڻ پهتو، جتان انهيءَ شرمناڪ شڪست جي خبر جهانگير بادشاهه کي موکلي وئي.

وقت اڳتي وڌندو رهيو. طالب انڑ واڇوڑي وانگر سنڌ جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين عوام کي بغاوت لاءِ اپارينڊو رهيو.

هاڻي سيوهڻ جي جاگيرداري، مير نمڪين جي قبضي ۾ اچي چڪي هئي. هوڏانهن انڑن جي باغيانه ڪاروائين ۽ مغل سپاهين جي موت جون خبرون هروقت جهانگير کي پهچي رهيون هيون، جنهن مير نمڪين کي، سنڌ جي گهٽن گهيڑن، ريتن رسمن ۽ ماڻهن کان چڱيءَ ريت واقف هئڻ کري، سميجن جي خاتمي لاءِ سخت هدايتون ڏئي موکليو.

مير نمڪينَ، پنهنجي پٽ ابوالبقا کي سميجن جي خاتمي لاءِ مرزا غازي بيگ کان تحريري اجازت وٺي ڏني ۽ پاڻ قندار روانو ٿي ويو. مير ابوالبقا سان پهريون مقابلو گڇيري جي ٻگهين کيو. اُن باري ۾ مير ابوالبقا جو پاڻ، تاريخ نويس يوسف ميرڪ لکي ٿو:

"ٻگهين کاهيون کوٽي، چوڌاري لوڙها ڏئي، جنگ جون تياريون اڳ ۾ ئي کري ڇڏيون هيون، سو ٻنهي ڌرين ۾ اچي ٻرڏڪ متو. ابوالبقا جا کيئي سپاهي ۽ گهوڙا زخمي ٿي پيا. نيٺ ابوالبقا لوڙها ٽپي اندر ٽيو، کيترن کي قتل کيائين ۽ باقي رهيل قيدي ٿيا."

مير ابوالبقا انڑن تي حملن کرڻ جي سلسلي ۾ اڳتي وڌندو ويو ۽ وڃي هالا ڪنڊيءَ تائين پهتو. اتي خبر پيس ته انڑن جو مشهور سردار ۽ جنگي جوڌو طالب انڑ ساگرو ٽپي، نصرپور جي پٽن ڏانهن ڏوکيندو پيو وڃي. اها ڳالهه

ٻڌي ابوالبقا ان جي ڪَيَ پيو ۽ انت وجي اڳ ورتائين. طالب نصرپور جي پٽن تائين پهچي نه سگهيو ۽ اتي موجود يد ڳڙهه (لڳ تنڍو الهيار) جي قلعي ۾ وجي ويٺو. طالب، صحرائي باز وانگر سدائين ڪليل ميدانن ۾ مغل فوج جو شڪار ڪندو رهيو هو، تنهن ڪري قلعي بند ٿي وڙهڻ جو تجربو گهٽ هو، تاهم هن همت نه هاري.

پراڻي قلعي ۾ موجود جهڙي تهڙي سامان سان هن وجود جي ويريءَ سان پوئينءَ ويڙ تائين وڙهڻ ۽ مقابلو ڪرڻ جو پڪو ۽ پختو ارادو ڪيو. ابوالبقا قلعي جو گهيرو ڪيو ته قلعي مان مٽس تيرن، توبن ۽ بندوقن ڏمر لائي ڏني. مغل فوج پهرين ڏڪ پچائي وئي، جنهن ۾ سندس ڪافي ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا. ابوالبقا اهو حال ڏٺو ته جنگي هاٿين ذريعي قلعي جا دروازا پيڃايائين. قلعي جا در پڃڻ بعد مغل فوج قلعي ۾ ڪاهي پئي. ٻنهي ڌرين ۾ سخت جنگ لڳي. ڌڙ ڌڙڪڻ، ڪنڌ ڪرڻ ۽ لوٽون لُڇڻ لڳيون، رت ريلا ڪري وهڻ لڳو. سارو ڏينهن دوبدو ويڙهه هلندي رهي، نيٺ طالب انڙ پنهنجي 1200 ساٿين سميت شهيد ٿي ويو. اهو واقعو ۱۰۱۷ هجريءَ ۾ پيش آيو.

(مظهر شاهجهانيءَ جي سنڌي ترجمي تان ورتل)

لاکو انڑ

پرئي انڑ جي شهادت کان پوءِ سندس پُٽ لاکي به مغلن خلاف آزاديءَ ۾ بغاوت جو جھنڊو بلند کيو. هن مغلن سان ٺاھ ڪري انھن جو زبردست ٽي ويھڙ کي وڏي ۾ وڏي لعنت سمجھي، آزاديءَ ۽ حريت کي پنھنجو مقصد بنايو. ٽوري وقت ۾ ئي لاکي جي جدوجھد ۽ مغل شاھيءَ سان تصادم پوريءَ سنڌ ۾ مشھوريَ حاصل ڪري ورتي، جنھنڪري مغل ڪارندن جي ننڊ حرام ٽيڻ لڳي. مغلن جي مشھور خوني ڪارندي مير ابوالبقا پنھنجي ھڪ منظور نظر خدمتگار "منظور" کي لاکن واري تپي تي مقرر ڪيو ۽ "جمال" نالي دلال کي انڑن ۽ سميجن واري حصي تي مقرر ڪيو. منظور مغلن جي پراڻيءَ عادت موجب انڑن تي ڪاھ ڪئي، جيڪا خبر لاکي کي اڳ ۾ ئي پئجي وئي: ان ڪري ھن پنھنجي عوامي لشڪر سان منظور جي پٺ وٽي ان جا گھٽ گھيڙ سوڙھا ڪيا. منظور جيڏانھن به ڪاھڻ جي ٽي ڪئي تہ انڑن متس وار پٽي ڪيا. انھيءَ ڇڪتاڻ ۾ لاکي ھٽي مغلن جا ڏاڙا ڪڍي ڇڏيا ۽ ويھارو ڪن مغل سپاھي اجل جو شڪار ٽي ويا. انھن جا گھوڙا، سامان ۽ ھٿيار به لاکي ھٿ ڪيا. منظور پڇي وڃي جھانگيرآباد جي قلعي ۾ پناھ ورتي. مير ابوالبقا کي جڏھن انھيءَ عبرتناڪ شڪست جي خبر پئي تہ ڪيس سخت بخار وٽي ويو، ان ڪري پنھنجي وڏي پُٽ عتيق الله کي وڏو لشڪر ڏئي، سميجن تي ڪاھ ڪرڻ لاءِ مُڪائين. ھن جي پھچڻ تي اُنڑن ڳالھيون ھلائڻ لاءِ چيو، پر عتيق الله مفتوح قوم جي جانباز حريت پسندن سان ڳالھائڻ پنھنجي شان جي خلاف سمجھي جنگ ڪرڻ لاءِ زور ڀرڻ لڳو. انھيءَ ھوڏ ۾ ھُو سايي واري ڏنڊ تي پھتو ئي مس تہ پريان جوار جي پوک پويان پوپيس، جتي سميجا پنھنجو سامان سڙو، مال متاع ۽ ٻار ٻچا، جيسلمير ڏانھن موڪلي ويٺا ھٿا. عتيق الله پنھنجي غرور ۾ سميجن تي ڪاھ ڪئي. ايا مغلن جو لشڪر حملو ڪري ئي ڪري، ان کان اڳ ۾ لاکي اھڙو تہ زورائتو حملو ڪيو، جو پھرئين ئي ڏڪ

سان مغلن جي چاليهن فوجين کي گهوڙن تان کيرائي، کُهي چڏيائين. خُود لاکو به دودي سومري وانگر سورهيائيءَ سان وڙهندي شهيد ٿي ويو. لاکي جي شهادت جي باوجود، انڙن عتيق الله کي ذلت آميز شڪست ڏني ۽ هُو ٻُوٽ ڦلهڙو ڪري، جهانگير آباد جي قلعي ۾ موتي آيو. سندس سمورو سامان به انڙ ڦري ويا. لاکي جي شهادت ۱۰۲۴ هجريءَ ۾ ٿي.

(مظهر شاهجهانيءَ جي سنڌي ترجمي تان ورتل)

—

چاتم شخص هو

فهرست

ٻہ اکر

ڇا تہ شخص هو!

آڻ نہ مجي مُور

جي. ايم. سيد

موت جو به عشق هو ۽ زندگيءَ ڇڏيو نه ٿي،
هو شخص پيي ته چا هُيو، جو عاشقيءَ ڇڏيو نه ٿي.

انتساب

جيجي سائنڊ دُرشهوار سيد جي نالي، جيڪا جڏهن چاچري آئي تہ ڪافي نوجوانن کي مَنهن ڏيري بيٺل ڏٺائين.

اُن تي پُڇيائين تہ، "هي نوجوان مُنهن ڏيري چو بيٺا آهن؟"

ماڻهن وراڻيو تہ، "هي سائين جي. ايم. سيد جا پوئلڳ آهن، اوهان سندس نياڻي آهيو، تنهنڪري احترام ۾ توهان جي مُنهن ڦوڙ نہ ڪا چاهين."

پاڻ اُن تي چيائين تہ، "اِها پراڻي روايت آهي. بهرحال، مون کي نهايت خوشي ٿي آهي جو ڪنهن شخص بابا جو پيغام هنن پٽن تائين پهچايو آهي. ڪاش! اسان جو خاندانُ اُنهن ماڻهن جو قدر ڪري، جن ٿر جي پٽن تائين بابا جو سنڊ جي آزاديءَ وارو پيغام پهچايو آهي."

- عبدالواحد آريسر

هڪڙو مَلڪ هو، هڪڙو ماڻهو هو!

سياري جي رات ۾ برندڙ مَچ جي چوڌاري وينل ڳوناٽن کي ڳوڙ جو چگو مڙس، وڏيرو عبدالغفور سمون، هڪ ڳالهه ٻڌائي رهيو هو. هن کنگهڪار کري گلو صاف کيو. اُتر جي واءَ جي جهوٽي تي هن جو شهپر هيٺ لڙي آيو، جنهن کي مٿي کندي، هن ڳالهه شروع کئي:

"هيءَ ڳالهه اڄ جي نه آهي، کلهه جي نه آهي، جُگ جُگ جي نه آهي ۽ آدجُڳاد جي نه آهي: ته هڪڙو مُلڪ هو، جنهن کي قدرت کنهن واندي وقت ۾ ويهي ناهيو هو ۽ اُن جي نقشي ۾ پنهنجا دلپسند رنگ پريا هٿا؛ جنهن ۾ خدا پنهنجي فياضيءَ ۽ ڏاتاريءَ جو جهول چندي خالي کري چڏيو هو. خدا جي کهڙي خلقيل شيءِ هئي، جيکا هتي نه هئي. اُنهيءَ ملڪ جي وچ مان هڪ خوبصورت، البيلو، باجهارو ۽ تازو درياهُ ايئن وهندو هو، جيئن کا چيڱري چوکري پنهنجي مٿي ۾ سينڌور وجهي ايندي آهي. هن ملڪ ۾ هڪ طرف صوفين جي دلين جهڙا کشادا ميدان هٿا، ته ٻئي طرف بهادرن جي ڳڇين جهڙا سرکش جبل. اُن جي هڪڙيءَ سرحد تي زندگيءَ جي ابتدائي تخليق جو سرچشمو سمنڊ هو ته ٻيءَ سرحد تي وسيع ۽ ويکرو ريگستان هو. اُن ۾ زندگيءَ جي مددگار هر شيءِ موجود هئي: پيٽرول، کوٽلو، لوهه، سون، چاندي، تامو، پتل، سنگمرمر، لوڻ، چُن، گنس ۽ لعلون به موجود هيون. ان جي فصلن جي کهڙي ڳالهه کجي؟ کَتيءَ جي مند ۾ جڏهن رات جي سمي، کوئي سير سپاٽي تي نکرندو هو ته سارين جي خوشبوءِ اُن جي دماغ تي اهڙي کيفيت طاري کري چڏيندي هئي، جهڙي کيفيت پيار جو منڙو ٻول ٻڌڻ سان کنهن جي ذهن تي چانڇجي ويندي آهي. بهار جي مند ۾ ٻيو ته چڏيو، کٽک جا سونا سنگ ايئن نظر ايندا هٿا، جيئن دودي سومري جا شهپر- ۽ هن ملڪ جا انب ته اهڙا هٿا، جو دنيا، انهن جو کڏهن تصور نه کيو هو. انهن جي رنگ کي کنهن کنواريءَ جي ڳل سان تشبيهه ڏئي سگهجي ٿي. انب جي پچڻ جي مختلف

مرحلن کي کنهن وينگس جي چاتين جي مختلف مرحلن سان تشبيهہ ڏني سگهجي ٿي.

چون ٿا تہ هڪ ملڪ جو راجا، منهنجيءَ ڳالهہ وارو ملڪ گهمڻ آيو هو ۽ اهو وقت انهن جي پيدا ٿيڻ ۽ لهڻ وارو هو. اهو سڀ ڏسڻ کان پوءِ هن موتي وڃي پنهنجي محل سراءِ جي ڪنيائن جون چاتيون ماهر سرجڻ جي ذريعي ان ملڪ جي انهن جهڙي ڏزائين ۽ سائيز جون ڪرايون هيون. ان ملڪ ۾ جڏهن وونٽن جو فصل تيار ٿيندو هو، تڏهن سمورو ملڪ ايٿن پاسبو هو، جن هي ملڪ آسمان آهي، جنهن ۾ ڪروڙين اربين ستارا جهرمر جهرمر ڪري رهيا آهن. ان کان سواءِ اُن ملڪ ۾ اناج جا هڙئي قسم موجود هئا. جڏهن جوئر جو ڪانو ڪاني تي پهچندو هو تہ ڪنهن البيليءَ جي قد جهڙو لڳندو هو، ۽ باجهر جا سنگ تہ خنجر جهڙو ڏيک ڏيندا هئا- سچ تہ اُن ۾ ڏندون بہ هيون، جيڪي ڏرتيءَ تي ايٿن لڳندڙ هيون، جيٿن محبوب جي ڳلن ۾ چُڳهہ- انهن ۾ پلجندڙ مڇيون ايٿن ترندڙ هيون، ترڪندڙ ۽ گهُمندڙ هٽندڙ هيون، جن لاءِ تشبيهہ ڏيڻ واسطي مون وٽ ڪو مثال موجود نہ آهي. اُن جي درياهہ ۾ هڪ قسم جي مخصوص مڇي ٿيندي هئي، جنهن کي 'پلو' سڏيو وڃي ٿو، جنهن جهڙو ذائقو سڄيءَ دنيا جي ڪنهن مڇيءَ ۾ شايد ئي هجي. هن ملڪ جون موسمون، سڀني خوبصورت هيون. هرهڪ موسم، پاڻ سان گڏ اُن ملڪ جي مختلف حصن لاءِ پنهنجو خاص تحفو آڻيندي هئي، مثال طور، گرمي: انب، پلو ۽ اُن سان گڏ ڳاڳيون، گولاڙا، ڪونديرِ، پيپون، مربڙو، لُنب، لُلر ۽ ڪاتونبا آڻيندي هئي. سردي تہ انهيءَ ملڪ لاءِ جڻ خدا جي هٿ جي چابي هئي، جيڪا بي پناهہ نعمتون جهول ۾ ڪٹي، ڪنهن آرائيءَ جيان آسودن جي درن تي ڳُلن جا جهول پري ايندي هئي. بهار جي مُند کي اُن ملڪ جا ماڻهو ونَ- ڦوٽ جي مُند چوندا هئا ۽ هن کي اُها مند سيني مندن کان تخليقي مند لڳندي هئي. هوننن تہ هن کي وسڪارو ڏاڍو وٺندو هو، پر وسڪاري ۾ صرف زمين ڦُٽندي آهي، پر ونَ- ڦوٽ جي مند ۾ سُڪل ونَ جا ٽُڙ بہ ڦٽي پوندا هئا، جن مان اهڙيون ٽاريون، گوڇ ۽ گُل پيدا ٿيندا هئا، جيڪي دنيا جي ڪنهن ملڪ ۾ پيدا نہ ٿا ٿين. اُتي جا ماڻهو چوندا هئا تہ جهڙي طريقي سان هن مند ۾ سُڪل.وٽن جا ٽُڙ بہ ڦٽي پوندا آهن، اهڙي طريقي سان هن مند ۾ اسان جي جهونن جون دليون

ٻہ گونججي ويندیون آهن، جن مان محبت ۽ سونهن سان سرشار اهڙا نغما، گيت ۽ گفتا پيدا ٿيندا آهن، جيڪي انسان جي خوشين ۽ عُمرين کي وڌائيندا آهن: جن ۾ خوشبوءِ نرالي آهي، جن جو حُسن نرالو ۽ جن جو ڇُهاءُ بيمثال آهي. اُن ملڪ ۾ محبت، بهادريءَ، رواداريءَ، پنهنجائپ ۽ پيار جا بيشمار داستان ۽ مثال موجود هنا، جيڪي اتي جي ماڻهن جي ذهن تي اُڪريل هنا- ۽ اتي جي ماڻهن، انهن سڀني داستانن مان محبت ۽ رواداريءَ واري تصور کي پنهنجيءَ زندگيءَ جو حصو بنائي ڇڏيو هو. ان جي باوجود، هي ملڪ ڪو تخيلاتي ماڻهن جو ملڪ نه هو. هتي ڪنهن دور ۾ سائنس وڏي ترقي ڪئي هئي، خاص ڪري تعمير ۽ تخليق جي فلسفي ۾ ته هيءُ ملڪ سڄيءَ دنيا جو اِمام هو. انهن وٽ دنيا لاءِ هڪڙو مادل هڪ شهر جي صورت ۾ هو، ۽ جيڪو هُنر ۽ سول انجنيئرنگ ۾ مهارت جو آئينہ دار هو. اُن شهر ۾ جيڪي ڪجهہ موجود هو، ان ۾ ڪائنات جي تخليق جو فلسفو ٻہ هو. ڪائنات جي تخليق جي سلسلي ۾، هن جي خيال ۾، خدا، عورت جي صورت ۾ هو ۽ هن ڌرتيءَ کي ٻہ عورت سان ٿي پيٽيو. خدا کي عورت جي روپ ۾ پيش ڪرڻ مان هن جي مراد هئي ته جيئن ماءُ، مهربان ۽ تخليقڪار آهي، تيئن خدا ٻہ تخليقڪار ۽ مهربان آهي. هو قهار ۽ ظالم نه آهي، جيڪو فلسفو ڪن باهرين ماڻهن پيش ڪيو هو. انهيءَ ڪري، هن جي ذهن ۾ اها شيءِ ويٺل هئي ته جيئن ماءُ ڪنهن ٻار کي گناهہ جي صورت ۾ سزا نه ٿي ڏئي سگهي، تيئن خدا ٻہ نه ڏيندو."

اتي پهچي، هن ويٺلن تي هڪ نظر وڏي ۽ اجرڪ جي ڪانيَ کي ڪجهہ وڌيڪ ويڑهي، مضبوط ڪري، ٻيهر ڳالهہ شروع ڪيائين ته:

"ڪڏهن انسانن لاءِ تباهيون، فطري قوتن جي قربانين سان ايندیون آهن، پر جڏهن انسانَ شعوري ترقي ڪئي ته ملڪن ۽ شهرن جون تباهيون، پهرئين تصور جي تابع ماڻهن جي هٿان ٿيڻ جي ابتڙ ٻئي تصور رکندڙ ملڪ وارن ماڻهن جي هٿان آيون. اُن ٻئي تصور رکندڙ ماڻهن هٿان هن ملڪ تي ٻہ مصيبت ڪڙڪي. اهو ٻيو تصور ته خدا طاقت آهي ۽ طاقت پنهنجو اظهار چاهي ٿي. جيڪڏهن طاقت جو اظهار ڪاميابيءَ جي صورت ۾ نہ ٿيو ته پوءِ خدا ختم ٿي ويندو. نتيجي طور اهڙي تصور، انهيءَ سائنس ۽ فلسفي کي ختم ڪري ڇڏيو.

پوءِ چا ٿيو، ان ڳالھہ تي ڳالھائڻ بدران آءٌ ان ملڪ جي ٻين صفتن جي ساراھہ ڪرڻ ٿو چاھيان. پر، اوھان اھو متان سمجھو تہ طاقت، محبت کي فتح ڪري سگھي ٿي. ٿي سگھي ٿو تہ وقتي طرح طاقت جو جھنڊو، اسان کي مٿانھون جھولندو نظر اچي ۽ محبت، مينھن وسڻي جيان ڏرتيءَ تي ڦيل نظر اچي؛ پر پوءِ بہ ڪائنات جي خالق جون نظرون، خنجر بدران مينھن وسڻي تي ھوندیون آھن. ھا، اُن ملڪ جي ٻي وڏي صفت، ان ۾ شاعرن ۽ فنڪارن جو ھجڻ ھو. ان جا شاعر، ان ملڪ جون سڀ خصوصيتون ڏيڪي وڃڻ جي باوجود سموريءَ دنيا ۾ ان ملڪ جي سڃاڻپ ھنا. اھا قدرت جي ايڏي وڏي غنيمت ھئي، جو فطرت جون سمورين قھارين، ان ملڪ جا شاعر، خوبصورتين ۾ تبديل ڪري ڇڏيندا ھنا، ۽ ماڻھو پنھنجن شاعرن جي شاعريءَ جي آڌار تي زندگيءَ جون بدترين مصيبتون، خوبصورتيون سمجھي برداشت ڪندا ھنا- ۽ حقيقت اھا آھي تہ ان ملڪ کي دنيا ۾ سڃاڻڻ ۽ باقي رکڻ ۾ سڀ کان وڏو ڪردار، انھيءَ ملڪ جي شاعرن جو ٿي رھيو. انھن شاعرن نہ صرف قھري موسمن کي خوبصورت بڻائي پيش ڪيو ھو- جيئن ٻُکَ ۽ اوگھڙ، ڏاڍيون اذيتناڪ ۽ خراب شيون آھن، ۽ دنيا جي جديد ترين فلسفي جو نعرو ٿي اِھو آھي تہ 'ماني ۽ ڪپڙو'؛ پر منھنجي ذڪر ڪيل ملڪ جي شاعر چيو ھو تہ:

وَرسي وطن جائيسون، صحرا سَتُر جن،
ويڑھيا گھُمن وَلٽين، جھانگي منجھہ جھنگن،
مون کي ماروئڙن، سُڄ ڳٽائي سيجَ ۾!

ان شعر ۾ ماڻھن جي اقتصادي ۽ معاشي حالتن جو جيڪو نقشو چٽيو ويو آھي، سو انتھائي ڏکوئيندڙ آھي، پر جنھن طريقي ۽ اسلوب ۾ بيان ڪيو ويو آھي، سو تہ اھڙو آھي جو ھرڪو چاھيندو تہ آءٌ ايئن ٿيان. انھن شاعرن صرف اھو نہ ڪيو، پر ان ملڪ جي مٽيءَ جي ذري ذري کي پنھنجيءَ شاعريءَ ۾ ايئن پيش ڪيو، جڏ ان جو ذرو ذرو ھيرن کاڻ آھي. ان ڪري، اُتي جا ماڻھو مادي ۽ روحاني طرح ان ڏرتيءَ کي سيڪجھہ سمجھندا ھنا- ۽ اُتي جي ماڻھن جي کھڙي ڳالھہ ڪجي! چا بھادري، چا سخاوت، چا رواداري، چا محبت ۽ چا وطن سان پيار! اُن ۾ ايترا مثال آھن، جو آءٌ ھَھڙيون محفلون، ڪيترا سال سجائيندو رھان، تڏھن بہ انھن جو انت نہ ايندو.

آءٌ اوھان کي ہ مثال ٿو ڏيان: اُتي جي حڪمرانن جي دوستيءَ جي حوالي سان ۽ ٻيو اُتي جي ھڪڙي مذھبي رواداريءَ جي حوالي سان:

ھڪڙي وقت، 'طاقت کي خدا سمجھڻ' واري تصور جي پوئلڳن، محبت کي خدا سمجھندڙن جي ھِن ملڪ تي حملو ڪيو، ۽ ھڪڙي صوفي بزرگ ۽ 'خدا کي محبت سمجھڻ' واري پوئلڳ کي قيد ڪري سزا ڏنائون. ان بزرگ کان پڇيو ويو تہ سزا تي عمل جو طريقو ڪھڙو ھنڻ گھرجي؟ بزرگ چيو تہ چيو وڃي ٿو تہ مجرم کي خود سزا تجويز ڪرڻ وارو فلسفو يُونان جو آھي، پر اڄ آءٌ محسوس ڪريان ٿو تہ ھن ملڪ کي اِھو اعزاز حاصل آھي تہ سزا تي عمل جو طريقہ ڪار خود ملزم ٺٺي ڪري. ٻوءِ ھن اھو طريقو ٻڌايو ۽ ان تي ٿي ھن عمل ڪرايو.

ٻيو واقعو اِھو تہ اُن ملڪ جي حڪمران تي ڪنھن ڏاڑيئن حملو ڪيو ۽ انھيءَ حملي وقت ھو پنھنجيءَ شاديءَ جي رسمن ۾ مصروف ھو ۽ ان جو مذھب ہ الگ ھو. شاديءَ جون رسمون جڏھن اڏ ۾ پھتيون تہ ھن کي خبر پئي تہ منھنجي دوست تي حملو ٿيو آھي. ٻوءِ ھُو وڃندڙ شھنائيون، پنھنجيءَ ڪنوار جون جھُڪيل نگاھون، پنھنجا خوبصورت خوابَ، سھاڳ رات جا سڀ جملا ۽ پنھنجيءَ ڪنوار جي بدن جي حرارت ۽ خوشبوءِ چڏي، پنھنجو ڪنڊ، تلوار جي تيز ڌار ۾ ڏيئ لاءِ پنھنجي دوست جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو- ۽ ٻوءِ ھن جو ڪنڊ پنھنجي دوست جي قدمن تي قربان ٿي ويو- ۽ ھن جي ڪنوار جي تصويرَ، انھيءَ ملڪ جي مصورن، ھڪڙي انداز سان ناھي پيش ڪئي، جو مون ٻڌو آھي تہ اھا اڄ ان ملڪ جي محب وطن دانشورن جي مثالي تصوير ٻڌجي وئي آھي.

ان دوران اھو ملڪ اھڙو ہ نہ ھو، جو صرف پنھنجو پاڻ ۾ محدود ٿي وڃي، پر شايد دنيا جو اھو واحد ملڪ ھجي، جنھن پرڏيھي لاڳاپا ۽ واپار وڌائڻ لاءِ وڏا وس ڪيا ھنا- ۽ اھا شيءِ ہ اسان کي ان ملڪ جي شعر جي تاريخ جي حوالي سان ملي ٿي.

آءٌ توھان کي اھي سڀ شعر ٻڌائڻ نہ ٿو چاھيان، جيڪي ان سلسلي ۾ چيل آھن، پر انھن کي نظر انداز ڪرڻ ڏاڍو غلط ٿيندو، ڇو تہ دنيا جي ھڪڙي وڏي ماڻھوءَ جي چوڻ مطابق تہ تاريخ جو سُراغ صرف واقعن مان نہ، پر شاعريءَ مان ہ لڳائي سگھبو آھي.

اُتي جا ماڻھو ڏاڍا خوشحال، قناعت پسند، ھڪبئي جا پرجھلا ھنا. اھي جڏھن ھڪبئي کان خبرون چارون ونندا ھنا، تڏھن اھي خبرون رڳو ان جي وجود تائين محدود نہ ھوندیون ھیون، پر اھي سندس ہارن ہچن کان وٹي اوڙي پاڙي، مال ۽ وٽاٹن تائين جي خيريت معلوم ڪرڻ جي احساس تي ٻڌل ھوندیون ھیون. انھيءَ مان ھن جي محبت ۽ ڪُل جي خير واري نيت جي ڄاڻ پوي ٿي. اُھي رڳو پنھنجو ڇگو نہ چاھيندا ھنا، پر پنھنجي ڇگائي، خوشحالي ۽ آبادي ان ۾ سمجھندا ھنا تہ ھي سڄو جھان خوشحال ۽ آباد ھجي. انھن مان جڏھن ڪنھن کان پڇيو ويندو ھو تہ گذر ڪيئن پيو ٿئي؟ تہ جواب ۾ چوندا ھنا تہ 'شڪر آھي، مانيءَ مڇيءَ وارا آھيون.' ھن جي پاڻ ۾ مثالي محبت جو اندازو ان مان لڳائي سگھجي ٿو تہ جيڪڏھن ھڪڙي گھر ۾ ٻوڙ جو ڊيڄڙو ڇڙھندو ھو تہ سيني پاڙي وارا ہ انھيءَ ۾ گھر پاتين جيان حصيدار ۽ حقدار ھوندا ھنا ۽ ان شيءِ کي عيب نہ سمجھيو ويندو ھو.

جيسين تائين سونھن ۽ سندرتا جو تعلق آھي تہ ڪائنات جي خالق، پنھنجي تخليقي جذبي جي سڄيءَ سندرتا جو ذرو ذرو گڏ ڪري اُتان جي ماڻھن کي ناھيو ھو. اُتي جا مرد پوري پُني قد، مناسب رنگ، وٽندڙ مھاندن ۽ دلکش ھاڻين وارا، باوقار، شھزور، اڻپنگ ۽ جانٺا جوان ھنا، جن جي جواني ۾ البيلائي ۽ محبت، وقار ۽ بھادري گڏيل ھئي ۽ پيريءَ ۾ رواداري ۽ سنجيدگي سمايل ھئي. اتي جون عورتون پنھنجيءَ شڪل شبيھہ ۾ پنھنجو مٽ پاڻ ھيون: جن جا رنگ اھڙا ھنا، جڻ گلاب جي مکڙيءَ کي ملائيءَ ۾ ملايو ويو ھجي: جن جا جسم اھڙا ڪوٺڙا ھنا، جھڙا مينھن وساڻن جا جسم. ھو جڏھن ڪلنديون ھيون، تڏھن ائين محسوس ٿيندو ھو تہ جڻ ڪائنات جي خالق پنھنجون آڱريون، ازل ۽ ابد جي سارنگيءَ تي رکي ڇڏيون آھن- ۽ جڏھن ڳالھائيندیون ھیون، تڏھن سرڪش دلين جون آخري رڳون ہ ڇٽڪ مُٺ ۾ اچي ويندیون ھیون. مطلب تہ قدرت پنھنجون سڀ خوبصورت صفتون، اُن ملڪ ۽ ان ملڪ جي ماڻھن ۾ ڳوھي ڇڏيون ھيون. اُنھيءَ ڪري، ان ملڪ جا ماڻھو، پنھنجين انھن خوبين جي ڪري پاڻ ۾ مست مگن رھندا ھنا ۽ سمجھندا ھنا تہ سڄيءَ دنيا جا ماڻھو اسان وانگر ٿي آھن، ان ڪري ٿي کين ڪوبہ اُلڪو نہ ھو- پر جينئن آءٌ اڳ ۾ ٻُڌائي آيو آھيان تہ ڪي اھڙا ہ ماڻھو ھنا، جن جي تصور ۾ 'طاقت خدا ھئي' ، تن اوچتو

ٹي اوچتو اُن ملڪ تي قبضو ڪيو ۽ ان ملڪ کي غلام بنائي ورتو. پوءِ آهستي آهستي غلاميءَ جون سيڻي بدصورتيون ۽ خرابيون، اُن ملڪ جي ماڻهن ۾ گهر ڪري ويون. اُن ملڪ جي سموري دولت قبضو ڪندڙ ڪٽڻ لڳا. نتيجي ۾ انهن ماڻهن مان اتفاق ۽ اتحاد ختم ٿيندو ويو. پاڙو پاڙي جو ويري، ڳوٺَ ڳوٺَ جو بدخواهه ۽ قبيلو قبيلي جو دشمن بنجي ويو ۽ اُهو ملڪ، ملڪ مان ڦري صوبو ۽ پوءِ هڪڙو حصو ٿي ويو. خبر اٿوَ، اُهو ملڪ ڪهڙو هو؟"

پوءِ پاڻ ئي جواب ڏني ٿو: 'اُهو ملڪ **سنڌ ملڪ** هو.'

"قدرت جو قانون آهي تہ جڏهن ڪائي قوم زوال ۽ غلاميءَ جي انتها تي پهچندي آهي تہ اُن ملڪ ۾ ان جي سُتل بخت ۽ چيپياٽيل قسمت کي جاڳائڻ ۽ ٻواني ڪرڻ لاءِ قدرت کو مسيحا قسم جو ماڻهو پيدا ڪندي آهي. اهڙوئي هڪ ماڻهو اُن ملڪ ۾ پيدا ٿيو، جنهن ان قوم کي ٻڌايو تہ اي ماڻهوئو! اوهين جيڪي ٻُڪيا آهيو، سي مون ڏانهن اچو، اوهان جي ٻُک جو علاج مون وٽ آهي! اوهين جيڪي اگهاڙا آهيو، تن سڀني جي بدن ڍڪڻ لاءِ لٽو ۽ اجهو مون وٽ آهي! اوهين جيڪي بيعزت ڪيا وڃو ٿا، توهان جي عزت ۽ وقار واري جياپي جي چابي مون وٽ آهي! اوهين جيڪي روز تتل ريگزارن ۾ قتل ڪيا وڃو ٿا، ۽ توهان جي رت جو نشان ٿي نہ ٿو ملي، تن جي زندگيءَ جي قاتلن جا ثبوت مون وٽ آهن! اوهين جيڪي اونداهيءَ جي بيڪنار ٻيلن ۾ ٽٽڪندا وتو ٿا، ڪنهن روشنيءَ جي تلاش ۾، تن لاءِ روشن صبح جو پيغامُ مون وٽ آهي! اوهان، جن جي سُونهن ختم ٿي وئي آهي، اها سندرتا موٽائڻ جو راز مون وٽ آهي! آءٌ آهيان توهان جي بيمارين جو علاج، توهان جي سونهن جو رازدان، توهان جي وقار جو ضامن ۽ سموريءَ انسان ذات کي توهان جي ماضيءَ جي دلين جهڙبون دليون ڏيڻ جو ضامن!

نتيجو ڇا ٿيو، جو ڌارين غاصبن، اُن مسيحا کي ملڪ دشمن، طاقت دشمن معنيٰ خُدا دشمن قرار ڏني، انڌار ڀونڊري ۾ بند ڪري ڇڏيو.

"عجيب هو اُهو شخص! نہ لشڪر نہ سپاهہ، نہ تاج نہ تخت، نہ وڏيون ڏڳريون نہ دولت گهٽي، نہ ساٿي نہ دوست؛ ان جي باوجود هُو پنهنجي ڳالهہ ڪندو رهيو. مون کي حيرت آهي تہ هڪڙو اهڙو ماڻهو، جنهن پنهنجيءَ قوم کي سندس خوشحالي، سندرتا ۽ آزادي موٽائي ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو، سو شخصي طرح اهڙو پيارو ۽ پُرڪشش هو، جو هن زندگيءَ ۾ ڪنهن کي ڏک

نہ ڏنو ھو. ھو ماڪيءَ کان منو ۽ ميٽ کان نرم ھو. عشق جون سڀ اذيتون برداشت ڪرڻ جو منجھس حوصلو ھو. ماڻھن جون ارڏايون کٹڻ جو منجھس ساھس ھو. ماڻھن جون بيوفايون برداشت ڪرڻ ۾ ڪيس لذت ملندي ھئي ۽ حاڪمن جي جبر جي ھر ڪاروائي، ھن ۾ نئين سگھہ ۽ نئين توانائي پيدا ڪندي ھئا. ھن جي زندگي، وڻنڻ جي گوگڙي مان ڦُٽل نئين ڦٽيءَ وانگر شفاف ھئي. ھن جو ڪردار، باک جي پھرئين ڪرڻي جھڙو اُجرو ھو. ھن جو آواز، ازل ۽ آبد جو اھڙو گيتُ ھو، جيڪو ڪائنات ۾ ڪنھن بہ موسيقار نہ ڳاتو ھو. پوءِ بہ ھن ڪي عذابن جي اوڙاھن مان گذرڻو پيو. ھن تن ديوتائن جي سامھون پنھنجي ڪنڌ ڪي جھڪايو ھو، ۽ ماڻھن ڪي بہ اِھو چوندو ھو تہ انھن تن ديوتائن جي سامھون ٽي جھڪو، ۽ جيڪو انھن تن ديوتائن جي چرنن ۾ عقيدت جا ڦول نڇاور ڪندو، تنھن جو ڪنڈُ ڪنھن بہ ٻئي طاقتور خدا جي سامھون نہ جھڪندو. اھي ٽي ديوتا ھئا: **علم، آزادي ۽ محبت.**

"ھُو سامھون درسگاھہ ڏسو ٿا، اھا اُن ٽي شخص جي قائم ڪرايل آھي. ان وقت، جڏھن قدرت ھن ڪي تعليم پکيڙڻ لاءِ اختيار ڏنو ھو، ھو ان وقت ھتي آيو ھو. ھن ڳوٺ ۾ مون ڪي چيو ھئائين تہ وڏيرا ۽ پيرَ ماڻھن وٽ ڏنُ ۽ ووٽ وٺڻ لاءِ ويندا آھن، پر تون ڳوٺن ۾ ماڻھن وٽ تعليم پرائڻ لاءِ ٻارَ پنڻ وڃجانءِ! مون اُن تي عمل ڪيو ۽ نتيجي ۾ ھتي اسڪولن جو ڄار وڇائجي ويو ۽ ٿر ۾ شايد ھيءُ ٽي ڳوٺ آھي، جتي توھان ڪي پڪيون ماڙيون ۽ پڪا گھر نظر اچن ٿا.

"اھو ماڻھو، جنھن ويڙھہ ڪئي جھالت سان، غلاميءَ سان، نفرت سان ۽ زندگيءَ ڪي وحشي بنائڻ واري عمل سان، اھو شخص ڪير ھو؟ اُھو شخص، جيڪڏھن توھان سڃاڻي ونو تہ ھن حالتن مان نڪري سگھو ٿا. اھو شخص ھو **جي. ايم. سيد!** ھو ايڏو ٽي پيارُ ڪندڙ ھو، جھڙي ماضيءَ ۾ سندڙ ھئي. ھو ڪائنات کان وڏو ھو، پر ماڻھن ۾ ھو پاڻ کي ننڍو ڪري پيش ڪندو ھو. ھو سڀ ڪجھہ ھو ۽ ھن پنھنجيءَ ان حيثيت مان ڪوبہ فائدو نہ ورتو، پر بي سرو سامانيءَ جي حالت ۾ ھليو ويو. پر اي ٿَرَ جون پٽون! اي ڪارونجھر جا پٽرؤ! توھان شاھد رھجو تہ انھيءَ ملک ۽ ماڻھن جي ڳالھہ ۽ ھن ماڻھوءَ جي وارتا، مون توھان کي ٻڌائي ڇڏي آھي ۽ ھينئر ھلندڙ حالتن ۾ ڏسجي پيو تہ **وقت ھن جي سوچ تي پيغمبريءَ جي مُھر ھٹي ڇڏي آھي.**"

◇

بي منزل قوم کي منزل جو ڏس ڏيندڙ، ڇا تہ عجيب شخص هو!

1783ع ۾ سنڌ جي آزاد قومي حڪومت ڪلهوڙن جي شڪست سان پنهنجيءَ پڄاڻيءَ تي پهتي ۽ ان جي جاءِ بلوچن جي ٽالپر خاندان سنڌ جي حڪومت جون واڳون سنڀاليون. ٽالپر، بلوچن جو هڪ خانہ بدوش قبيلو هئا، ۽ جيئن عام طرح جاهلو خانہ بدوش ويڙهاڪ طبيعت، وحشي فطرت ۽ علم کان وانجهيل ۽ منظم سياسي حڪومت کان اڻڄاڻ هوندا آهن، تيئن ئي ٽالپر به هئا؛ جن جي حڪومت جو سارو دارومدار نسل پرستيءَ تي ٻڌل هو - ۽ انهيءَ کري هن سياسي طرح سنڌ کي مختلف حصن ۾ ورهائي، پنهنجي نسل جي ماڻهن کي اهي حصا حوالي ڪري ڇڏيا. انهيءَ حڪومتي ڪاروهنوار ۾ هن سنڌ جي اصلي رهواسين کي شريڪ ڪرڻ پسند ئي نہ ڪيو: نتيجي طور جهڙوڪر بروچ حاڪم ۽ باقي سمورا نسل محڪوم ۽ حقير هئا، ويندي ان حد تائين جو جيڪا ميرن جي خاص دربار ٿيندي هئي، ان ۾ ڪنهن غير بروچ کي شريڪ نہ ڪيو ويندو هو. هن سنڌ جي زمين جاگيرن جي صورت ۾ مختلف بلوچ قبيلن کي ورهائي ڏني ۽ انهن جاگيرن جو تفصيل سنڌ جي ممتاز مُورخ رحيمداد مولائي شيدائيءَ پنهنجي جگ مشهور ڪتاب "جنت السنڌ" ۾ ڏنو آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ ٽالپرن جي دور ۾ ڪنهن به غير بلوچ خاندان کي (سواءِ سيدن جي) ڪائي جاگير مليل نہ هئي. اهوئي سبب آهي، جو سنڌ جا اصلي رهواسي ميرن جي حڪومت کان لاتعلق هئا ۽ ان کري هن انگريزن سان جنگ ۾ ميرن جو ساٿ نہ ڏنو ۽ نہ ئي انگريزن جو ساٿ ڏنو: سواءِ نانون مل ۽ آغا خانين جي پيشوا جي، باقي سموري سنڌ ميرن ۽ انگريزن جي لڙائيءَ ۾ لاتعلق رهي. فلسفي جي بوليءَ ۾ ائين ڪٽي چنجي تہ ملڪي ۽ سياسي معاملن ۾ قوم جي لاتعلقيءَ جو سبب خود ميرن جي حڪومت هئي، جنهن سنڌ جي وسيع

تر مفاد ۾ مختلف سنڌي ذاتين کي حڪومتي ڪاروهنوار ۾ شريڪ نه ڪيو ۽ نه ئي حڪومت جي ذريعي حاصل ٿيندڙ مادي فائدن ۾ حصيدار بنايو. نتيجي طور سنڌي ماڻهن جو لاتعلق ۽ٽجڻ سندن طبعي مجبوري هئي. ان کري ميرن انگريزن جي خلاف جيڪو لشکر گڏ ڪيو هو، ان ۾ ڪنهن غير بروچ قبيلي جي سردار کي نه سڏيو هو. نتيجي طور مياڻيءَ جي جنگ ننڍي ڪنڊ جي بلڪ جيڪڏهن منهنجو حافظو غلطي نه ٿو ڪري ته گهٽيءَ دنيا جي مختصر ترين جنگ هئي، جيڪا صرف ٽي ڪلاڪ هلي- ۽ اُهي بلوچ، جن کي پنهنجي بهادريءَ ۽ سورهياڻيءَ تي پي پناهه ناز هو، سي ٽن ڪلاڪن ۾ پنيءَ تي پير رکي پڳا ۽ حيدرآباد جي قلعي تي نيپيئر قابض ٿي ويو، جتي هن پي پناهه ڪرلٽ ڪئي.

هاڻ اچو ته ڏسون تاريخ جي روشنيءَ ۾ ميرن جي فوج جي چا پوزيشن هئي ۽ ان ۾ ڪيترا غير بروچ ماڻهو شامل هئا. هيءَ جدول ميرن جي فوج جي باري ۾ سنڌ جي ممتاز اقتصادي ۽ سياسي ماهر پروفيسر ايس. پي چبلاڻيءَ، پنهنجي مشهور ڪتاب "سنڌ جي اقتصادي تاريخ" ۾ ڏني آهي. انهيءَ لسٽ ۾ اسان کي ٽي سنڌي قبيلا نظر اچن ٿا، پر انهن کي به جنگ وقت نه گهرايو ويو هو. جدول هيءَ آهي:

قبيلو	فوج جو تعداد	قبيلو	فوج جو تعداد
شاهاڻي بروچ	1100	جمالي بروچ	9000
جوکيا سنڌي	6000	الکاڻي بروچ	1000
رند بروچ	3000	گبول بروچ	1500
مزاري بروچ	500	کوسا بروچ	1800
بندگ بروچ	500	بگ بروچ	1000
کٽياڻ سنڌي	1000	پرگڻي بروچ	800
چلگري بروچ	500	باگراڻي بروچ	1000
نومڑيا سنڌي	7000	تالپر بروچ	2200
چانديا بروچ	8000	گاڏهي بروچ	700
بخاري بروچ	4000	بڙدي بروچ	1800
جلالاڻي بروچ	4000	لاشاري بروچ	2000
مري بروچ	7000	ڪرمتي بروچ	4000
نظاماڻي بروچ	16000	دومکي بروچ	8000

اھو فوج جو تعداد 1,44,000 بنجي ٿو، جنھن ۾ اصلي سنڌين جو تعداد صرف 14000 آھي، جن کي به جنگ لاءِ نہ گھرايو ويو ھو. نتيجي طور **ميرن جو زوال حقيقت ۾ سنڌ ۾ بلوچ نسل پرستيءَ جو زوال** ھو.

ميرن جي زوال کان پوءِ انگريزن سان جن قبيلن مزاحمت جاري رکي، سي گھٽو ڪري سواءِ نواب ولي محمد چانديي جي غير بلوچ ھنا: جيئن نومڙيا ۽ جوکيا جبل جي اندر وڙھيا ۽ ٿر ۾ سوڍا ۽ ڪولھي وڙھيا. ھيءَ حيرت انگيز ڳالھ آھي تہ جن کوسن کي ننگرپارکر ۾ ميرن آباد ان ڪري ڪيو ھو تہ اھي ڪچ ۽ گجرات طرفان ٽيندڙ ڪارروائين ۽ جنگين دوران سنڌ جي سرحد جي حفاظت ڪندا، سي پارکر جي مشھور بغاوت وقت سوڍن ۽ ڪولھين سان گڏ نہ ھنا. ان ڪري پارکر جي کوسن مان سنڌ جي تاريخ ۾ محب وطن ۽ مجاھد ڪردار **مسڪين جھان خان کوسي** کان سواءِ اسان کي ڪو ڪونہ ٿو ملي.

پارکر جي مشھور بغاوت اپريل کان آگسٽ 1859ع تائين ھلي ۽ ان کان ٿي اڳ ۾ سنڌ جو شينھن، شير محمد ٽالپر ۽ ڪنگريءَ جو مرشد علي گوھر شاھ 'اصغر' ٻئي عمرڪوٽ جي قلعي ۾ پھچي انگريزن جو اتحاد قبول ڪري چڪا ھنا ۽ ھي سنڌ جي تاريخ جي واڌڻ جي حد آھي تہ مير شير محمد عمرڪوٽ ۾ ھٿيار ڦٽا ڪرڻ لاءِ سونن سنجن واري گھوڙيءَ تي پھچي ٿو ۽ ڪنگريءَ جو پير سونن سنجن واري ھاٿيءَ تي چڙھي پھچي ٿو. اھڙيءَ طريقي سان روحاني ۽ سياسي مسند نشين سنڌ جي غلاميءَ جي دستاويز تي صحيح ڪري ونڻ ٿا ۽ پوءِ سنڌ ۾ مسلسل مانڌ چانڊجي وڃي ٿي. انگريز سنڌ کي پارکر جي بغاوت کان اڳ ۾ بمبئيءَ سان ملائي چڪا ھنا ۽ اھو سنڌ جي تاريخ جو پھريون الميو ھو تہ ان جي ملکي حيثيت تہ نھيو، صوبائي حيثيت به ختم ڪري، سنڌ کي ھڪڙي ڪمشنر جي ماتحت ڪيو ويو.

انگريز جيئن تہ جديد دور جي جديد ھٿيارن سان ھٿياربند ٿي آيا ھنا، ان ڪري ھن جو مقابلو به جديد نظرين جي بنيادن تي ٿيڻ شروع ٿيو. انھن تحريکن دوران اسان کي ھڪڙو سورھن سالن جو نوجوان ويھين صديءَ ۾ مخدوم بلاول جي مزار پرسان (جيڪو سندن روحاني ۽ سياسي مرشد ھو) پنھنجيءَ نندييءَ عمر ۽ نندي قد سبب ٽيبل تي چڙھي سامراج کي للکاربندي

نظر اچي ٿو ۽ اھو سنڌ جو دُر يڪتا ۽ دُر يتيم جي. ايم. سيد ھو: جيڪو ڇڻ تہ مخدوم بلاول جي پرسان بيھي پنھنجي فڪر جا بنياد قائم ڪري رھيو ھو. ھن، ان وقت اٺڙيءَ عمر ۾ سامراج کي للڪاريو ھو، جنھن وقت سندس آبائي ملڪيت جو ھڪڙو ڪسيرو بہ خرچ ڪرڻ سندس وس ۾ نہ ھو. ان وقت نہ ھن کي خبر ھئي ۽ نہ ئي ننڍي کنڈ جي ٻين ليڈرن کي جاڻ ھئي تہ ايندڙ وقت جي سنڌ، ھن ڇوڪري جي زبان ۽ قلم مان نڪتل لفظن جي ڇوڪاري رقص ڪندي:

ٿي ساري سنڌ اياز نچي،
چا چم چم آندئي چيرن جي!

(اياز)

ھي پوءِ بہ ڪن سرابن جي پٺيان ڪيترو وقت پٽڪندو رھيو. سنڌ بمبئيءَ کان الڳ ٿي، سموري ھندستان کان ڌار ٿي؛ ان کان پوءِ انتظامي طرح سنڌ جي تاريخ جي ٻئي وڏي الميي يعني ون يونٽ کان بہ الڳ ٿي ۽ ان سموري روئداد ۾ ھو ڪلھہ جو ڇوڪرو، پوءِ جو پرجوش نوجوان ۽ اڳتي ھلي جنھن جي وارن ۾ وقت چانديءَ جون تارون وڌھي ڇڏيون يا اٿين ڪٽي ڇڏجي تہ تاريخ ستارن جي سفيدي ۽ روشني ھن جي وارن ۾ افشان وانگر چندي ڇڏي، سو شريڪ رھيو. پر ھُن پنھنجي طويل نظربندين ۽ قيدن دوران سوچيو تہ ڪي ڪي سوين لاحاصل ۽ بي معنيٰ ان ڪري ھوندیون آھن، جو انھن سوين جو ثمر عام ماڻھوءَ جو مقدر تبديل ڪري نہ ٿو سگھي. ھو پنھنجي ان ڏگھيءَ سوچ ويچار کان پوءِ انھي نتيجي تي پھتو تہ بنا منزل جي سفر اجايا آھن. قومن جي منزل چا ٿيندي آھي، اھا آھي آزادي. آزادي جيڪا نہ رڳو مادي فائدا ڪٽي ايندي آھي، پر ذھني، فڪري ۽ رسمي تبديلين جا رنگ روپ بہ پسائيندي آھي. ان ڪري ھُن "سنڌو ديش" جو نعرو ڏنو، يعني آزاد سنڌ جو نعرو.

آءٌ سمجھان ٿو تہ سنڌ جي تاريخ ۾ 4 مارچ 1972ع جو ڏينھن اھو تاريخي ڏينھن آھي، جڏھن ھن عجيب شخص ھن ٻي منزل قوم کي منزل جو ڏس ڏنو، جيڪو ھو آزاد سنڌو ديش: جيڪو ڪنھن ٻاھرئين جي مدد ۽ مداخلت کان سواءِ سنڌ جي عوام کي پنھنجي ٻانھن جي ٻل تي حاصل ڪري، ان کي باقي رکڻو ھو.

اهوئي سبب آهي جو مون کانئس جڏهن پڇيو تہ "سائين! سنڌوديش ڪڏهن ٺهندو؟" تہ هُن پُراميد پوڙهي چيو تہ "جيڪڏهن قدرت مون کي اها توفيق بخشي، جو آءٌ دعا گهران تہ سنڌو ديش ٺهي پوي، تہ آءٌ دعا نہ گهرندس، چو تہ جيڪي ملڪ ڪنهن ولیءَ جي دعا ۽ ڪرامت سان ٺهندا آهن، سي وري ان کان وڏي ولیءَ جي ڪرامت ۽ دعا سان ڊهي پوندا آهن. ان ڪري آءٌ چاهيان ٿو تہ سنڌ جو ماٹهو پنهنجي همٿ سان سنڌو ديش قائم ڪري، جنهن کي ڪنهن ولیءَ جي دعا يا ڪرامت ڊاهي نہ سگهي. ان حاصلات لاءِ هن ڪجهہ نقطا اسان جي سامهون پيش ڪيا، جن مان پهريون نقطو هو **نيشنلزم**، يعني سنڌي سڀ هڪ قوم آهن، ان ۾ ڪو پروچ، ڪو سيد، ڪو سماٹ، ڪو پيل، ڪو ڪولهي، ڪو راجپوت ناهي، سڀ سنڌي آهن. اِهو ان ڪري جو ماضيءَ جي نسل پرست حڪومتن جي زوال جو هن کي علم هو. هو نہ رڳو تاريخدان هو، بلڪ هو خود تاريخ هو. ٻيو نقطو هو **سيڪيولرزم**، ۽ اڄ حيرت ٿي لڳي تہ جتي نهروءَ جو سيڪيولرزم هند ۾ زوال پذير آهي، اُتي سنڌ جو سيڪيولرزم، جيڪو سيد پيش ڪيو هو، سو ڏاڍو توانو نظر اچي ٿو: جو جڏهن خالد محمود سومرو اِهي لفظ چوڻ تي مجبور آهي تہ "توهان يقين ڪريو جيڪڏهن طالبان سنڌ ۾ داخل ٿيندا، تہ ٻہ ڀٽائيءَ جو ميلو ۽ ان جو راڳ بند نہ ڪرائيندا-" ۽ عبدالغفور قاسمي ٻہ اِهو مڃڻ تي مجبور آهي تہ "اِهو راڳ سنڌ جي ثقافت آهي، ۽ آئون سجاول ۾ ان تي بندش نہ وجهندس." اهڙي طرح هُن شخص ان نقطي جي ذريعي مذهب، نسل ۽ ذات پات جا فرق ختم ڪري ڇڏيا. ٽيون نقطو هو **سوشلزم** ان مان مراد هئي تہ آزادي ۽ ان جا فائدا، جيستائين غريب جي جهوپڙيءَ تائين نہ ٿا پهچن، ان وقت تائين آزاديءَ بي معنيٰ آهي. ها، هڪ يورپين چوڪري تہ سوشلزم کان ان ڪري بيزار ٿي سگهي ٿي تہ هُن جي پيرن ۾ آمريڪي جوراب ناهن، پر سنڌي چوڪري سوشلزم لاءِ ان ڪري بيزار ناهي، جو هُن جي پيرن ۾ جُتي ناهي، آمريڪي جوراب تہ پري جي ڳالهہ آهن. چوٿون نقطو هو **جمهوريت**. هن کي جمهوريت سان ڏاڍو عشق هو. هو جمهوري آزادين کان سواءِ هڪڙي بنيادي نقطي تي زور ڏيندو هو تہ اهو نظام ڪيڏو نہ بهتر آهي تہ هڪڙي سيد ۽ برهمڻ عورت کي ٻہ ووٹ جو هڪ

حق ھجي- معنيٰ تہ عمرڪوٽ جي سيتا ڪولھڙ ۽ ننڍين ديري جي بينظير ڪي ووٽ ڏيڻ جو ھڪجيترو حق ھجي، تہ ڏاھي ميگھواڙڙ ۽ الھ آباد جي اندرا ڪي بہ ووٽ ڏيڻ جو ھڪڙو حق ھجي. ان کان وڌيڪ سنڌو نظام ٿي نہ ٿو سگھي. موجود دور ۾ سرمائيدارن، زميندارن، پيرن ۽ مُلن ووٽ جي انھيءَ ھڪڙي حق تي قبضو ڪري ورتو آھي ۽ آزاد سنڌو ديش ۾ سرمائيدار، جاگيردار، پير ۽ مُلي جي اليڪشن ۾ بيھڻ ۽ ووٽ ڏيڻ تي بندش ھوندي. سنڌ جي ڪروڙين عوام ۾ اِھي ٽولا ڪجھ ھزارن جي تعداد ۾ ٿيندا ۽ ڪروڙين ماڻھن جي مفادن لاءِ ھزارين بدمعاشن تي بندش وجھڻ ضروري آھي.

اڄ انسان جي سامھون پنھنجي منزل جو ڏس بہ موجود آھي. انھيءَ منزل ۾ ڪھڙا مزا، ڪھڙيون لذتون، ڪھڙيون جنتون ھونديون، انھن کان سنڌ جي ماڻھوءَ کي واقف ڪرڻ انسان جو فرض آھي.

مون کان متحده قومي موومينٽ جي ھڪڙي ماڻھوءَ سوال ڪيو تہ "آزاد سنڌ جو تصور تو وٽ ڪھڙو آھي؟" مون ان کي جواب ڏنو تہ "آزاد سنڌ جو تصور مون وٽ ھيءُ آھي تہ منھنجي ڳوٺ انڙ آباد ۾ جتي اڄ ديوبون بہ سڪي ويون آھن، اُتي ھل پارڪ جھڙا پارڪ ھجن، جتي نوجوان جوڙا مسلم ۽ غير مسلم، پوءِ ان ۾ منھنجي ڏيءُ بہ ڇو نہ شامل ھجي، ھٿ ھٿ ۾ وجھي رقص ڪن ۽ اياز جي شاعري ڳائين. اُھي ذھني ۽ جسماني طرح ايڏا آسودا ھجن، اُھي اھڙي رقص ڪرڻ وقت ھڪبئي جي جسم ڏانھن نہ ڦر سنڌ جي آسمان تي ڪڙندڙ ستارن ڏانھن ڏسن ۽ اجا وڌيڪ شاندار سنڌ تعمير ڪرڻ جو سوچين. ھُن مون کي چيو تہ "اِھي تہ خواب آھن." مون چيو تہ "جيڪو ماڻھو خوبصورت خواب نہ ٿو ڏسي سگھي، اھو مستقبل خوبصورت نہ ٿو ڪري سگھي. اِھا ئي منھنجي رھبر ۽ عجيب شخص جي تمنا ھئي ۽ ھن بہ اھڙن شاندار خوابن جو ذڪر ڪيو آھي.

سائينءَ جي نظر ۾ سنڌ ۾، خاص ڪري بہ حڪومتون مذھبي ۽ سني متييد جي ڪري ڊنيون، جن مان ھڪڙي حڪومت راجا ڏاھر جي ھئي، جنھن ۾ ٻوڌين ۽ اڇوتن سان اڻ برابريءَ وارو رويو اختيار ڪيو ويو ھو، ۽ پي ميرن جي حڪومت ھئي، جيڪا سراسري طرح نسلي تعصب تي ٻڌل

هئي، جيتوڻيڪ هن سياسي مصلحتن جي آڌار تي شيخ مجيب الرحمان جي سامهون مرحبائي خطبي ۾ ميرن جي چوباريءَ واري حڪومت کي 'جمهوري نظام جي پيڙهه وارو پٽر' سڏيو آهي، پر اِها چوباري صرف حيدرآباد تائين محدود هئي ۽ وقت اچڻ تي انهيءَ چوباريءَ ۾ ڏار پئجي وبا ۽ باقي به سڀ ميرن هڪ ٻئي جا مخالف ٿي وبا ۽ انگريزن جا پنو ۽ طرفدار ٿي وبا- ان ڪري هُن جديد، سماجي ۽ سائنسي نظريو ڏنو، جنهن جي آڌار تي نئين سنڌ تعمير ڪري سگهجي ٿي.

◆

لڙڪ لڙي پيا لار ڪري

اڇڪلهه منهنجي ذهني ڪيفيت انتهائي اداس ۽ مايوسيءَ واري آهي: پين لفظن ۾ انين چئي سگهجي ٿو ته آءُ ذهني اڪيلاڻپ جي شديد دٻاءَ جو شڪار آهيان ۽ هن هيڏيءَ سڃيءَ ڪائنات ۾ مون کي ڪوئي به ماڻهو پنهنجو ڪونه ٿو لڳي، هرڪو مون کي مخالف صف ۾ بيٺل نظر اچي ٿو- يعني اياز واري اها ڪيفيت ته:

"آءُ اڪيلو، سامهون ڪيئي سونر- وڃ."

حالت اها آهي ته جڏهن دل ۾ درد جا طوفان اٿندا آهن ۽ دماغ پريشانيءَ جي واڇوڙي ۾ گهيرجي ويندو آهي ته وسڪارو به جون جي ٻپهري لڳندو آهي. ان وقت آءُ هند ۽ سنڌ تي نظر ڊوڙائيندو آهيان ته اهڙو ڪو ماڻهو آهي، جنهن کي آءُ خط لکي پنهنجي اندر ۾ برندڙ آڳاهه جي ڇيڻ جو سيڪ ڏيئي سگهان؟ ڇا اهڙو ڪو پاڪر آهي، جنهن ۾ سمائجڻ کان پوءِ جون جي ٻپهري، جولاءِ جو جهڙالو محسوس ٿئي؟ ڇا اهڙو ڪو وجود آهي، جيڪو زخمي پٺ کي سهارو ڏيئ لاءِ ڪو ڇانوَ وارو وڻ ثابت ٿئي؟ ان سوچ وقت منهنجي لاءِ سڃي سنڌ جي جاگرافي، ويساک جي اگهاڙي آسمان جهڙي لڳندي آهي ۽ پالوا جي پٽ کان وڌي ڪشمور جي ڪنڌيءَ تائين اهو آواز ايندو آهي ته تون اڪيلو آهين، تون اڪيلو آهين! اهڙي وقت ۾ منهنجي تنهائيءَ جي عذاب کي دور ڪرڻ لاءِ هڪڙو ئي آواز ايندو آهي ۽ اهو آهي سائين جي. ايم. سيد جون يادگيريون!

اسين رٽن پٽن جا رهاڪو، دنيا جي ساز ۽ سامان کان پالها، رنگن ۽ رونقن کان محروم، عزت ۽ وقار جي معنيٰ کان اڻ واقف، پر محبتن جا اٽڪ مسافر، نه معلوم محبتن جي تلاش جي انهيءَ سفر ۾ اسان جا ڪيترا نسل ۽ پيڙهيون، سماج جي بي رحم ۽ قاتل قانونن جو شڪار بنجي ويون! ممڪن آهي ته آءُ به انهن جي بي رحميءَ جي جند ۾ پيسجندڙ داٽن وانگر پيسجي وڃان ها، پر منهنجي جستجوءَ ۽ جدوجهد هٽي وڃي هنڌ ڪيو ۽ آءُ

هڪ اهڙي ماڻهوءَ وٽ پهچي ويس، جيڪو سراپا محبت هو- جيتوڻيڪ ان جي محبت ۾ عورت جي پاڪرن واري گرمي نہ هئي، پر سانوڻ جي ڪڪر جو چانورو هو، جنهن نہ رڳو منهنجي صدين جي اجايل روح کي سيراب ڪيو، پر زندگيءَ کي سڪل بنائڻ لاءِ نيون راهون ۽ نوان رستا ڳولي ڏنا: جن تي هلندي زخمي پيرن جي سُور مان بہ لذت محسوس ٿيندي هئي ۽ جسم مان ٽمندڙ رت کي سينڊور کان وڌيڪ دلڪش سمجهڻ لڳا هئاسين. ان جي صحبت، ڪمزور ۽ ڏٻري جسم ۾ اها طاقت ۽ توانائي پري ڇڏيندي هئي، جو سنگينن جا پاڇا، توڙي گولين جا وسڪارا محبوب جا نهٺا نيٺ ۽ پرينءَ جي پازيب جي جهنڪار محسوس ٿيڻ لڳا هئا- ۽ پوءِ تہ زندگي کي ڪائي انوکي معنيٰ ملي وئي. ان ۾ بي پناهہ اُڏما اٿيا ۽ فاني محبتون پيرن ۾ ليٽڻائيون پائڻ لڳيون. پر اسان جي نگاهن ۾ زمين ۽ زمانا لتاڙي، افق جي ستارن کي سجائڻ جون تمنائون رهيون!

پوءِ جڏهن اهو ماڻهو هليو ويو، بلڪل پرديسي پکيءَ جيئن، سيلاني جوڳيءَ وانگر ۽ سڄ جهڙي پرينءَ وانگر، ان وقت اوچتو محسوس ڪيم تہ هن ديس مان محبتون پنهنجا پر ڪوهي اونداهين غفائن ۾ غرق ٿي ويون آهن: مرڪون مليز جي متيءَ ۾ ملي ويون آهن، جيڪي زخمي هوندي بہ ايڏيون دلڪش هونديون هيون، جو سموريءَ مايوس سنڈ کي نہ رڳو مسرتن سان همڪنار ڪنديون هيون، پر هن اونداهي ڏيهہ ۾ روشنيءَ جون مشعلون پاسيبون هيون. ان وقت کان وٽي مون پاڻ کي وري بہ اڪيلو محسوس ڪيو- اهڙو اڪيلو، جهڙو شايد صليب تي ٽنگجڻ وقت عيسيٰ بہ نہ هو: اهڙو اڪيلو، جهڙو نم جي وڻ ۾ ٽنگجي ڦاسي اچڻ وقت شايد رُوپلو بہ نہ هجي: ۽ اهڙو اڪيلو، جهڙو تارچر سيلن ۾ بدترين عذابن ۾ بہ مون پاڻ کي محسوس نہ ڪيو هوا، جو تہ اهڙي ماحول ۾ مون کي اهو احساس هو تہ بہ ڏک ۽ ڏر هڻ، ڪائنات جي عظيم تر قوت جي سامهون ڪجي، منهنجي سلامتيءَ جا ضامن پڻي بنيا! اڄ جڏهن امرڪوٽ بہ مون کان رنڍ آهي: سانگهڙ ۽ سڪرنڊ بہ پاسيرا آهن: مورو ۽ ميهڙ بہ مُنهن متي ويا آهن: لاڙڪاڻو بہ لالچ جي لپيٽ ۾ اچي ويو آهي: سکر ۽ شڪارپور مان روح کي راحت ڏيندڙ لمحا لڪي ويا آهن، ۽ سنَ شايد مخدوم ساهڙ لنجار جي پُٽ جي سُنت تي عمل ڪيو آهي: ان وقت مون کي صرف هڪ ئي سهارو سُجهي

ٿو. ان سهاري جي آڏار تي آءٌ جينءَ چاهيان ٿو، رڙهڻ چاهيان ٿو ۽ وڙهڻ چاهيان ٿو- ۽ اهو سهارو آهي ان شخصيت جي ياد، جنهن شروع ۾ اسان کي سانوڻ جي ڪکر جي چانوري جهڙي محبت ڏني هئي. چا اها محبت، صرف مون کي ملي هئي؟ نہ، آءٌ اڄ فيض جي اها ست ڌهرايان ٿو:

آج بهرِ خدا ذکر کوءِ يار چلي!

مون تي هڪڙي وقت اها ڪيفيت طاري هئي. جڏهن خدا جي محفل جو ماڻهو، ڏرتيءَ تي پنهنجي زندگيءَ جو دان ڏئي، خدا ڏانهن موتي وڃي، تڏهن الائجي ڇو منهنجي ذهن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ايياز گل جي هيءَ ست وڃي رهي هئي تہ:

تنهنجي پڇاڻان ڪير اسان جي، سپرين لهندو سار،
لڙڪ لڙي پيار لار ڪري!

- ۽ اڄ آءٌ محسوس ڪريان ٿو تہ هُن جي ياد اسان جي سار لهندي ۽ اسان کي اُتساهيندي. ۽ هُن جا خواب نہ رڳو مون کي، پر سموريءَ سنڌ جي اُجايل روحن کي پنهنجي محبت جي ڪاريز مان سرڪيون پياربندا رهندا. مون کي يقين آهي تہ اهو ڪاريز ڪڏهن ختم ٿيندو ئي ڪونہ- مون لفظ 'ڪاريز' استعمال ڪيو آهي، اهو هڪ مخصوص قسم جو چشمو ٿيندو آهي، جنهن کي شديد ترين زلزلا ۽ طوفان ۽ ميساري ۽ مٽائي نہ سگهندا آهن- ۽ جي. ايم. سيد جي ذات ۽ شخصيت ۽ ان ڪاريز وانگر آهي، جنهن کي ماڻهن جي بيوفائين جا طوفان ۽ سندس واسطيدارن جي لاتعلقين جون لُڪون ۽ خشڪ نٽيون ڪري سگهن.

مون مٿي چيو آهي تہ اها محبت نہ رڳو مون کي، پر سموريءَ سنڌ جي ماڻهن کي هڪ جيتري ۽ هڪجهڙي ملي هئي. ان سلسلي ۾ آءٌ پنهنجو ذڪر ڪندس، جنهن ۾ ۽ واقعا من کي اڄ ۽ ائين تازا، توانا ۽ فرحت بخش لڳن ٿا، جينءَ ڪنوار کي پهرينءَ رات سهاڳ جي چميءَ جو چهاءُ، ڪفن ۾ ويڙهجڻ کان اڳ سندس اکين مان ليٽا پائيندو رهندو آهي.

(1) 1993ع ۾ آءٌ تارچر سيل مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ سائينءَ وٽ حاضر ٿيس. مون سان گڏ منهنجو مرحوم دوست وهاب پيو (هاءِ! چا چوان، وهاب! تون وئين، جڏ منهنجي لاءِ اپر سنڌ جي سينءَ.اُجڙي وئي! تون جيڪڏهن جيئرو هجين ها تہ آءٌ اڄ پاڻ کي ايڏو اڪيلو ۽ بيوس محسوس نہ

ڪريان ھا! آءٌ شرمندو آھيان جو تو ني ڪجھ لکي ناھيان سگھيو، ڇو تہ تون منھنجي روحاني وجود جو اھڙو حصو ھئين، جنھن جي جدا ٿيڻ تي ماڻھو پاڻ کي ھر تخليقي سگھ کان محروم محسوس ڪندو آھي) ۽ نثار ھڪڙو ھنا. سائين، مون کان پڇيو تہ "ڪڏھن آزاد ٿيو آھين؟" مون چيو، "سائين، 22 مارچ تي." پوءِ اڳرين تي ڳڻي چيائين، "اڄ ڪھڙي تاريخ آھي؟ ايتري دير!" پوءِ مون کي سڏ ڪري ڪرسيءَ جي ٻانھن تي ويھاريائين ۽ پنھنجي پوتي ضياءُ شاھ کي چيائين تہ "ڪنميرا ڪٽي اڄ ۽ فوٽو ڪڍ!" ضياءُ شاھ ڪنميرا ڪٽي آيو ۽ ۽ فوٽو نڪتا. ان کان پوءِ آءٌ بات روم ۾ ھليو ويس. منھنجي غير حاضريءَ ۾ وھاب کان سائينءَ پُڇيو تہ "مولوي صاحب ڪيڏانھن ويو؟" وھاب ٻڌايس تہ "سائين گڏي ۾ تکليف اتس، ان ڪري باٿ روم ۾ ويو آھي، پر چوي ٿو تہ ٽارچر سيل مان نہ رکو آءٌ جان سلامت ڪٽي آيو آھيان، پر ايمان ۽ سلامت ڪٽي آيو آھيان." ان تي سائينءَ مرڪي چيو، "اھا مون کي پڪ ھئي، پر پڇوس تہ عشق ۽ سلامت ڪٽي آيو آھي يا نہ؟" منھنجي موٽڻ تي وھاب مون کان، سائينءَ وارو سوال ڪيو ۽ مون جواب ڏنو تہ "سائين! عشق جي سلامتيءَ کان سواءِ جان سلامت رھي نہ ٿي سگھي، توھان جو عشق ئي ھو جنھن سڀ مرحلا طئي ڪرايا. اقبال تہ خيالي طرح اھا ڳالھ ڪئي ھئي تہ 'عشق آتش نمرود کي گلزار خليل ۾ تبديل ڪري سگھي ٿو' ، پر آءٌ تہ ذاتي تجربو ڪري آيو آھيان تہ اھو اوھان جي شخصيت ۽ اياز جي شاعريءَ جي عشق جو اعجاز ھو، جنھن اذيت خانن ۾ مون کي مرڪڻ ۽ ڳائڻ جو حوصلو ڀڻي بخشيو!" مون کي افسوس آھي تہ انھيءَ موقعي جون ورتل تصويرون ضايع ٿي ويون.

آءٌ پنھنجي معلومات مطابق فخريہ طور اھا ڳالھ چئي سگھان ٿو تہ قومي تحريڪ ۾ آءٌ واحد ڪارڪن ھوس، جنھن سان گڏ سائين جي. ايم. سيد پنھنجي خواھش تي تصوير ڪڍرائي، منھنجي نندڙيءَ قرباني‌ءَ کي اعزاز ڀڻي بخشيو. آءٌ سمجھان ٿو تہ ڪنھن ڪارڪن لاءِ برصغير جي سياسي تاريخ ۾ اھو سڀ کان وڏو اعزاز آھي ۽ ان جھڙو اعزاز جواھر لعل نھروءَ، آزاد ھندستان کان پوءِ ھڪڙي سنڌي ڪانگريسي ڪارڪن پرچي وديارٿيءَ کي ڏنو ھو، جو ھن پاڻ سان گڏ پرچي جو فوٽو ڪڍرايو ھو- ۽ پرچي جو وڏي ۾ وڏو ڪارنامو اھو ھو تہ ھُن پنھنجن دوستن سان گڏجي 'بنڪ آف انديا'

جي ڪراچي شاخ بندر روڊ تي ڏاڙو هنيو هو ۽ ڏاڙي جا پئسا ڪانگريس جي فنڊ ۾ جمع ڪرائي ڇڏيا هئا، جڏهن ته مون اهڙو ڪوبہ ڪارنامو سرانجام نہ ڏنو هو، پر مون کي اعزاز پرچي کان وڌو مليو هو.

هتي هڪڙي ڳالهہ جي آءٌ نهروءَ ۽ سائين جي. ايم. سيد جي باري ۾ وضاحت ڪندو هلان ته گهٽو اڳ مون لکيو هو ته 'غير جانبدار تحريڪ' جو تصور نهروءَ کي سائين جي. ايم. سيد سمجهايو هو. ان تي 'ڪاوش' ۾ انعام شيخ هاڻ هٿندي لکيو هو ته "چا جي. ايم. سيد نهروءَ کان وڌيڪ پڙهيل هو؟ ٻيو ته جيڪڏهن اهڙي ڳالهہ هئي ہہ، ته نهروءَ پنهنجي آتم ڪٿا ۾ ڪٿي ذڪر چو نہ ڪيو آهي؟" ان سلسلي ۾ منهنجي دعويٰ آهي ته نهرو ڪمبرج تائين ضرور پڙهيو هو ۽ جي. ايم. سيد صرف سن جي اسڪول تائين پڙهيو هو، پر علم، چا اهو ٿي آهي، جيڪو ڪمبرج ۽ آڪسفورڊ ۾ ڊگرين جي صورت ۾ ڏنو وڃي ٿو؟ چا، نهرو عربي ڄاڻندو هو؟ فارسي ۽ اڙدو پڙهي سگهندو هو؟ سنڌيءَ ۽ پشتو کان ہہ واقف هو؟ نہ، پر جي. ايم. سيد ته انگريزي، جرمن، ۽ فرينچ کان سواءِ نہ معلوم ڪيترين ٻولين جي ادب ۽ تاريخ جو ڄاڻو هو. ٻي ڳالهہ ته نهروءَ پنهنجي آتم ڪٿا جو ٻيو جلد لکيو ئي نہ هو، جنهن ۾ هو ٻڌائي ته آءٌ ڪنهن کان ڪيترو متاثر ٿيس وغيره وغيره- ان کي تعليم جو معيار رڳو ڪالیج ۽ يونيورسٽيءَ جي ڊگريءَ کي قرار ڏيڻ ڪنهن ہہ صورت ۾ مناسب ناهي.

(2) سائينءَ جي پوٽي جي شاديءَ جي دعوت هئي ۽ ان ۾ سائين ہہ آيل هو. مانيءَ جو پروگرام جيئن ته دير سان هو، ان ڪري مون سوچيو ته آءٌ عمر خيام جي ٽن رباعين تي عمل ڪري دعوت ۾ ويندس ۽ مانيَ ڪائي موتي ايندس ۽ سائينءَ سان ڪونہ ملندس. آءٌ جيئن پنڊال ۾ داخل ٿيس ته سائينءَ جي نظر مون تي پئجي وئي. ماٹهو موڪليائين ته وئي اچوس. ظاهر ڳالهہ آهي ته منهنجي ان وقت حالت اها هئي ته 'با خدا ديوان باش، با محمد هوشيار باش.' مون ان وقت خلقَ کي خدا جو جلوو پئي سمجهيو ۽ جي. ايم. سيد کي محمد جو اوتار، ان ڪري وٽس وڃڻ کان لهرايم. پر ڪارڪن مون کي ڪنيي ڪٹي ويا، جيڪي مون کي اڄ ائين ڇڏي ويا آهن، جيئن ڏڪار ۾ ٽري ماٹهو پنهنجا اڄها ڇڏي ويندا آهن. مون کي وڃي سائينءَ جي پرسان ويهاريائون. منهنجي وات مان انگور جي ڏيءَ جي ڇُميءَ

جي خوشبوءِ اچي رهي هئي ۽ عمر خيام جي رباعين جي ڪنوارُن منهنجن وارن کي ٽڙ پکڙ ڪري ڇڏيو هو. منهنجي ويهڻ شرط سندِ جي هڪ شاطر سياستدان منهنجي ظاهري ڪيفيت ڏانهن اشارو ڪندي سائينءَ کي چيو تہ "هي عبدالواحد آربسر آهي، توهان جو 'رائيٽ هنڊ' ". ان وقت استيج تي سندِ جو ذات سياستدان، وڏيرو، مير ۽ پير وينل هو. سائينءَ پنهنجو هٿ مٿي کڻي ان ٽوڪ جو جواب هن طرح ڏنو: **'ها. هي عبدالواحد آربسر آهي، منهنجو نہ صرف رائيٽ هنڊ پر رائيٽ ايند ليفٽ بوٿ هينڊز. هي منهنجي تحريڪ لاءِ سڀ ڪجهہ امتحان پاس ڪري آيو آهي ۽ مون کي هن تي فخر آهي.**" آءٌ نٿو سمجهان تہ سموري پاڪستان ۾ اُهي ليڊر صاحبان، جيڪي سڀني شرعي عيبن ۾ غرق هوندا آهن، سي به پنهنجن ڪارڪنن کي اهڙيءَ حالت ۾ ايڏي عزت ڏين- جڏهن تہ مون کي جيڪو ماڻهو اِها عزت ڏني رهيو هو، سو جيتوڻيڪ انهن عيبن کي ڪائنات جي رنگيني تہ سمجهندو هو، پر ان سموري رنگينيءَ جي رنگ جو ڪوبہ ٽپڪو پنهنجي دامن تي نہ لڳائيندو هو.

(3) هي هڪ جوڳي آهي، والا ڪنن ۾، مُڪ تي مرلي، گيڙو رتي گودڙي، گودڙيءَ ۾ واسينگ جو وراکو. اهو چوي ٿو تہ 'پٽي صاحب جي سامهون مون پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو ۽ هو ايڏو خوش ٿيو، جو راڻي چندر سنگهہ جي چوڻ تي اسان کي عمرڪوٽ ۾ جوڳي ڪالوني نهرائي ڏنائين- پر جڏهن آءٌ هن ٽي وبس ۾ سائين جي. ايم. سيد وٽ وبس تہ اُهو ماڻهو جنهن کي هٿ ڏيڻ لاءِ پاڪستان جا حڪمران بہ سڪندا آهن، سو اُٿي مون کي پاڪر پائي مليو. چيائين تہ 'فقيرو! توهان ايندا رهو، توهان ۾ مون کي اصلي سندِ نظر اچي ٿي.' ان انٽرويوءَ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ حڪمران عمارتون تہ ناهي سگهندا آهن، پر ڪلچر جا مينار، محبت جا سرجٹهار ٽي تعمير ڪندا آهن. امرڪوٽ جي جوڳي ڪالونيءَ ۾ اڄ چا چا ٿو ٿئي، پر جي. ايم. سيد جا لفظ جڏهن بہ ان جوڳيءَ کي ياد ٿا اچن تہ هو پاڻ کي سنڌي محسوس ڪري ٿو ۽ اهائي هُن ماڻهوءَ جي ڪماليت هئي!

(4) هي هڪ ڳائڻو آهي، سندِ تي ڪلام پيو ڳائي: "اي چند بدائ! توکي سندِ وٽي." هُن تي نوٽن جا وسڪارا ٿي وڻن ٿا ۽ نوٽ جيڪي هُن جي منهن ۾ لڳن ٿا ۽ هارموني تي ڪرن ٿا. هو نوٽن جي وسڪاري کان

بيزار ٿي راڳ روڪي، چوي ٿو تہ 'هي پئسا منهنجي لاءِ ڪجهہ نہ آهن، منهنجي لاءِ وڏي ۾ وڏو انعام اهو آهي تہ هن ڪلام تي سائين جي. ايم. سيد پنهنجي هٿ سان مانيءَ جا گرهہ ناهي منهنجي وات ۾ وڌا، ان کان وڏيڪ منهنجي لاءِ ڪوئي انعام ناهي."

(5) ها، هيءُ هڪ ڪامورو اديب آهي، جيڪو چوي ٿو تہ 'جيڪڏهن مون کي ٻيو جنم ملیو تہ آءٌ خدا کان اها دعا گهرندس تہ منهنجي جنم جو هر ڏينهن صدين جو ڪري، جي. ايم. سيد جي حوالي ڪري ڇڏج.

(6) - ۽ ها، هيءُ هڪ تانگي وارو آهي، چوي ٿو تہ 'يار! ڏکار ٿي ويو، جي. ايم. سيد ڪونہ رهيو، نہ تہ ڪالا باغ ڏيم؟ حڪمرانن جي جرئت ٿئي ها، هو هڏن جو پنجرو، بستري تي سُتو هڪل ڪندو هو تہ اسلام آباد جا ايوان لُڏي ويندا هتا. واهہ! چا تہ ماٹهو هو!'

[هيءَ گفتگو، سائين جي. ايم. سيد جي ڪتابي، جام محمد اقبال انڙ ۽ پين ڪارڪنن سان حاجي انڙ جي باغ ۾ ڪئي وئي]

◆

چا تہ دلربا شخص ھو!

مون کلھہ جیکي کجھہ ڳالھایو، سو سائین جي. ایمر. سید جي شخصي شفقت، محبت، پیار ۽ پاڻھہ جي باري ۾ ھو، ۽ اھي گڻ صرف کن مخصوص ماڻھن یا پارٽي ورکرن لاءِ نہ ھنا، پر سنڌ جي سمورن ماڻھن ۽ ذات ڏٺین لاءِ ھر وقت اسوءَ جي اوھیري وانگر وسندا رھندا ھنا. اوھان شاید انھن گڻن جي اپتار مان مطمئن نہ ٿیا آھیو، اُن کري اصرار کري رھیا آھیو تہ سائینءَ جي سیاست جي باري ۾ کجھہ ڳالھایان. آءٌ اُن تي ضرور ڳالھائیندس، پر اُن کان اڳ ۾ اوھان جي اجازت سان سائینءَ جي ماڻھن سان برتاءَ جي سلسلي ۾ ٻہ ٽي واقعا بیان کندس:

(۱) ھيءُ سنڌ جو مھا راڳي آھي، جنھن کي 'سنڌ جو تانسین' ٻہ چئي سگھجي ٿو، جیکو پنھنجن سرن سان ٿوٽ دلین تي برکا رُت جي راڳڻي طاري کري چڏیندو ھو. سندس دؤر ۾ راگ جي حوالي سان سندس نالو ٽي حرف آخر ھو. ھو حیدرآباد جي ریلوي اسٽیشن تي ٽکیٽ وٺیو لاھور وڃڻ لاءِ تیار بیٺو آھي، جو اتان کیس کنھن عزیز جي مرٽئي جو نیاپو پھتو آھي. ٽرین جي اچڻ ۾ اڌ ڪلاڪ دیر آھي، تہ ھڪڙو کارکن سھکندي وٽس پھچي ٿو ۽ چوي ٿو تہ مون کي سائین جي. ایمر. سید موکلیو آھي تہ اڄ منھنجي سالگرہ آھي ۽ تنھنجي راگ کان سواءِ اُھا ٻُسي ۽ بي معنيٰ رھجي ویندي. ھُو یکدم ٽکیٽ واپس کري عزیزن کي اھو چئي ٿو تہ وڃڻ وارو تہ ویو، اھو ھینئر ھلڻ سان موٽي نہ ایندو: آءٌ سن وڃان ٿو، چو تہ اتان مون کي جیکو نیاپو ملیو آھي، سو سڃيءَ سنڌ کي صدین جو جیاپو ڏیندڙ ماڻھوءَ جو نیاپو آھي. ان نیاپي تي آءٌ نہ پھتس تہ سنڌ جي تاریخ ۾ ڪاٽیارو لیکبس. اھو چئي ھو سن پھچي ٿو ۽ پنھنجي سُر جون صدائون سڃي رات سنڌ جي فضائن ۾ پکیڙیندو رھي ٿو ۽ صبح جو پنھنجي ٻاجھاري مرڪ سان پاڙو وڻڻ بنا سائینءَ جي پیرن تي ھٿ رکي موکلائیندي چوي ٿو تہ "سائین! سنڌ جي ڪاڄ ۾ توھان جو مون کي یاد ڪرڻ ئي منھنجي لاءِ سپ

کان وڏو انعام آھي." - ۽ پوءِ ھڪ واقعو بڌائي ٿو تہ جڏھن خان خانان سنڌ فتح ڪئي ھئي، تڏھن ھُو جاني بيگ کي قيد ڪري اڪبر جي دربار ۾ وٺي ويو ھو. اڪبر کي خبر ھئي تہ جاني بيگ سُر ۽ سنگيت جي سرزمين سنڌ جو رھواسي ۽ راگ جو وڏو جاڻو آھي، اُن ڪري اڪبر اعظم تانسين کي راگ ڳائڻ جو حڪم ڏنو. ھُن جڏھن راگ ڳائي بس ڪئي تہ اڪبر پنھنجي طرفان ھيرن ۽ موتين جا ٽالھ انعام طور تانسين کي ڏئي، جاني بيگ کي ڇيو تہ 'اي سنڌ جا سلطان! تون بہ ڪجھ انعام ڏيڻ چاھين ٿو؟' جاني بيگ چيو، 'ھا' ۽ پوءِ ھو اٿيو ۽ تانسين جي چوڌاري طواف ڪري، چون لڳو تہ: "اي راگ جا ڪعبا! توکي خبر آھي تہ آءٌ قيدي آھيان، مون وٽ ڏيڻ لاءِ ھيرا موتي تہ ڪونہ آھن، پر آءٌ توکي راگ جو ڪعبو سمجھي اٿين طواف ڪريان ٿو، جيئن مسلمان مڪي جي ڪعبي جو طواف ڪندا آھن.' اُن تي تانسين چيو 'بس، بس! اڪبر منھنجو گھر ھيرن ۽ موتين سان تہ پري ڇڏيو آھي، پر مون کي اھڙو انعام ڪڏھن بہ ڪونہ ڏنو اٿس، جھڙو اڄ تو ڏنو آھي.' سو سائين! مون کي بہ تانسين وانگر توھان جو داد ۽ اشتياق سڀ کان وڏو انعام آھي." ان تي سائينءَ مرڪي سندس ڪلھي تي ھٿ رکيو ۽ چيائين تہ "تون راگ جو ھن وقت سنڌ ۾ استاد آھين. تون تانسين جي راگ ۽ راڳڻين کي بھتر سمجھندو ھوندين، پر تانسين جي راگ کي جاني بيگ جي انھي داد جي باوجود سنڌ جي ھڪڙي ٻئي عالم ۽ موسيقي جي ماھر ملان مبارڪ متعلق مولانا آزاد لکيو آھي تہ 'جڏھن اڪبر ملان مبارڪ کي تانسين جو راگ ٻڌرايو، تڏھن ھُن صرف ايترو چيو، 'ھا مڙيئي ڳائي وٺي ٿو.' پر آءٌ تنھنجي لاءِ ملان مبارڪ واري راءِ ڪونہ ڏيندس.

اھو راڳيندڙ استاد منظور علي خان ھو.

(2) ھي ڪجھ فقير آھن، صوفين وارا گيڙو رتا ڪپڙا پاتل، يڪتارا ھٿ ۾، دين ۽ دنيا کان بي نياز، زندگيءَ ۽ موت جي سرحدن تي لاھوتي نغما آلاپيندڙ، بلڪل نياز ھمايونيءَ جي ھن شعر جي ھوبھو تصوير:

اسان جوگيڙا دم اَلھي، الا!
ڪٽي وبنداسون ڪوئي غم، اَلھي الا!

ان ڪيفيت ۾ ھو سن پھچن ٿا ۽ پنھنجي فن جو اظھار ڪرڻ چاھين ٿا. پر اُن ڪَان اڳ ۾ سائين ڪانئن پڇي ٿو تہ 'فقيرو! راگ ويراگ پوءِ، پھريون

ٻڌايو تہ تن ۾ تنوار جي تازگيءَ لاءِ ڪھڙي خواھش اٿوَ؟' ھو چون ٿا ، 'سائين! سومر رس جون وٽيون ۾ چيلي جون رانون.' ماستر غلام قادر ملاح کي ٻني شيون موجود ڪري ڏيڻ جو حڪم ٿئي ٿو ۽ پوءِ محفل مچي ٿي. يڪتارن مان 'فنا ۾ ئي بقا آھي' جا آلاپ ايرڻ لڳن ٿا ۽ گلاسن مان خوش خير محمد جي ڪلام جا گلاب ڦٽڻ لڳن ٿا. ڪيئي اوتون جوتون اپرن ٿيون. سن جي سرزمين تي چند پنھنجو ڪنڌ لاڙي بيھي رھي ٿو، جھڙو ڪر ھو سن جي اُن ماٿھوءَ کي سجدو ڪرڻ ٿو چاھي، جنھن جڳن کان نہ معلوم پنھنجن ڪيترن پُرکن سان گڏ ھولين جا رنگ ۽ ڏيارين جا ڏيئا سجايا ھنا ، ۽ جنھن ڪيترن بزرگن سان گڏجي ڏرتيءَ تي اھڙا سجدا ڪيا ھنا ، جن سان زمين جي روح ۾ ڏکٹي پيدا ٿي ويندي ھئي. ستارا جھڪي فقيرن جي اُنھن آگرين کي چمڻ جي چاھت ۾ چريا ٿي، جگنوءَ وانگر سن جي سرزمين تي ڪرندا رھيا ۽ سنڌوءَ پنھنجي سموري سرمستي فقيرن جي آواز ۾ ملائي ڇڏي ھئي، زمين ۽ زمان، وقت ۽ وادين، وحدت الوجود جو مڪمل مجسمو ٿي ويون ھيون.

اِھي فقير خيرپور ضلعي جا ھيسباڻي فقير ھنا ، جيڪي پوءِ مون کي ڪروندڙيءَ جي اُن گيت تي مليا ، جنھن گيت تي خوش خير محمد جو ھيءُ شعر لکيل آھي:

ڪيا انصاف آکان تيڏي آوڻ دا ،
لک لائق ڪيتئي ليئي پاوڻ دا!

اُتي مون کين چيو تہ "فقيرو! ھاٿي سن ڪونہ ٿا اچو؟" ھن مون کي ڏاڍو مختصر جواب ڏنو، "ڪنھن وٽ اچون؟" - ۽ مون کي پھربون پيرو جي. ايم. سيد جي سن ۽ زين شاھ جي سن ۾ ايڏو فرق محسوس ٿيو، جيترو فرق ۽ فاصلو شايد ڇھوٽڻ ۽ ڪارونجھر جي وچ ۾ ٻہ نہ ھجي. ان وقت الائي مون کي چو اردوءَ جي ھڪڙي پراڻي شعر جو مفھوم ياد آيو تہ:

'اسان جي فقيريءَ کي سڪندر جي بادشاھيءَ سان چو
ٿا پيٽيو. ھُن جي بادشاھي ماٿھو مارڻ تي قائم رھي، پر
اسان جي فقيري تہ ماٿھو ناھڻ ۾ ئي مصروف آھي!'

(3) ھيءَ ھڪ قومي ڪارڪن آھي، جنھن ۾ صرف لکڻ ۽ ڳالھائڻ جي صلاحيت آھي. سائين جي. ايم. سيد تي پاڪستان جي گورنمينٽ بغاوت

جو کيس هلائڻ ٿي چاهي، ان وقت سائين جي. ايم. سيد سنڌ حڪومت کي چوي ٿو: "هيءَ پهريون دفعو آهي تہ پاڪستان حڪومت مون تي بغاوت جو کيس هلائڻ چاهي ٿي، اُن کري انهيءَ موقعي تي آءٌ پنهنجو مؤقف عدالت جي ذريعي پاڪستان حڪومت ۽ دنيا جي سامهون رکڻ چاهيان ٿو. ان کري اهڙي قسم جي بيان جي تياريءَ لاءِ سنڌ جي ممتاز اديب تاج جويي ۽ منهنجي ڪارکن (عبدالواحد آريسر) کي اجازت ڏني وڃي تہ اُهي مون وٽ رهن ۽ منهنجي بيان لکائڻ ۾ منهنجي مدد ڪن. حڪومت سنڌ تحريري صورت ۾ اهڙي اجازت ڏني ٿي، نتيجي طور بيان جي تياري شروع ٿني ٿي. بيان لکائڻ واري سموري عرصي دوران اُهو ڪارکن رات واري ماني سائين جي. ايم. سيد سان گڏ کوڻ ٿو ڪائي. هڪ دفعي بيان جي تياريءَ ۾ شريڪ ڊاڪٽر نياز ڪالائيءَ کان سائين پڇي ٿو: 'توکي خبر آهي تہ آريسر رات واري ماني پاڻ سان گڏ ڇو نہ ٿو ڪائي؟' ڊاڪٽر صاحب علم هوندي بہ انڪار ڪندي چوي ٿو، "سائين! مون کي خبر ناهي." اُن تي سائين چوي ٿو تہ 'هُو پيئندو آهي ۽ اُن کان پوءِ هن جا جوهر کلندا آهن. پر اوهان مهرباني ڪري هُن کي ڪا ڇڪي شيءِ پيارپندا ڪريو، نہ تہ سن جي سيدن جو نُرو هُن جي صحت ۽ ذهن ۾نهي کي نقصان پهچائيندو ۽ سنڌ هڪڙي بهترين دماغ جي صلاحيتن کان محروم ٿي ويندي. سياڻي ايڇ. کي اچي تہ آءٌ کيس چوندس تہ دادوءَ مان جهجهي تعداد ۾ پکو مال ونڻي اچي." پوءِ ايڇ. کي ذريعي پکو مال اچي پهتو ۽ ائين اُهو بيان تيار ٿيو، جيڪو اڳتي هلي "سنڌ ٻگالهائي ٿي" جي نالي سان سنڌيءَ ۾، "کيس آف سنڌ" (Case of Sindh) جي نالي سان انگريزيءَ ۾ ۽ "آواز سندھ" جي نالي سان اردوءَ ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. پر ڪورٽ سائينءَ تي کيس هلائڻ کان انڪار ڪيو.

انهن واقعن جي بيان ڪرڻ مان منهنجو مطلب اِهو آهي تہ سائينءَ وٽ ماڻهن کي موهڻ جا ڪيئي دلبري انداز هنا. هو نہ درِل ماسٽر هو، ۽ نہ ئي آرميءَ جو انسپيڪٽر، جيڪي قاعدن ۽ ضابطن ۾ جڪڙجي، ماڻهوءَ کي مفلوج بٹائي ڇڏيندا آهن.

هن جي ياد جي وري آويم

جنهن وقت چراغ شام ٻري ۽ مئخاني ۾ جام ٻري،
تنهن وقت اسان جو پنڌ پري، پنهنجو نہ پرايو آ پيارا!

(ايازِ)

مون کي خبر ناهي تہ ايازِ هيڏي خوبصورت شعر ۾ اِهو چو چيو آهي تہ چراغِ شام ٻرڻ ۽ مئخاني ۾ جام ٻرڻ وقت پنهنجو نہ پرايو لڳندو آهي. حقيقت ۾ مون وٽ اهو سمو اهڙي ڪيفيت جو ربباڙو هوندو آهي، جو سموري ڪائنات ۽ اُن ۾ موجود من موهيندڙ ماڻهو ۽ پکي پکڙ سڀ پنهنجا ۽ جيءَ جا جاني لڳندا آهن. اهڙي ڪيفيت لاءِ ايازِ "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" ۾ لکيو آهي تہ "اِن ڪيفيت ۾ آءٌ سموريءَ ڪائنات جي صدين جي عبادت هڪ گهڙي ۾ ادا ڪري وٺندو آهيان." اِهو، اُهو ماڻهو ڪري سگهي ٿو، جنهن کي ان سمي اهڙي ماحول ۾ پرايو نہ پنهنجو لڳي.

ان ڪري آءٌ هن شام ۾ شريڪ ٿيو آهيان. مون وٽ پيار جي پُورِ جهڙا ۽ محبوب جي مرڪ جهڙا سندر پل صرف ٻن وقتن تي ظاهر ٿيندا آهن: هڪ صبح ويل جڏهن فطرت جي ڪاري چادر تي پرهہ جا پاند اڻين پکڙي ويندا آهن، جيئن دراوڙ جي ڪاري ٻارَ جي وات مان ماءُ جو اڇو اجرو کير، ان جي ڳلن تي وهڻ لڳندو آهي. اِهو وقت ايڏو سندر ۽ سڳهہ بخشيندڙ ۽ اسان کي نيٺ نهار تائين سمنڊ سوڏڻ جو سنيهو ڏيندو آهي. ايرانين ان پهر جو قدر ڪندي، پرهہ ويل جام ۽ صراحيءَ سان سنگت ڪرڻ جو رواج وڌو هو ۽ پوءِ اهو پهر، ايران جي حوالي سان سنڌ ۾ بہ مشهور ۽ مُروج ٿيو، جو پٽائيءَ کي چوٽو پيو تہ:

وجهج واتوڑين تي، مئخاني جي ماڪ،
پوندي سُڌ سڀ ڪنهن، هنڌ، هنڌ پوندي هاڪ،
پرهہ جا پياڪ، آيا ڪي اينڌا.

(شاهہ)

- ۽ ٻيو پھر مون وٽ سندر شام جو پھر آھي. شام، ايازِ جي لفظن ۾ 'صبح جو پيغام آھي' ، پر مون وٽ شام جو تصور انوکو ۽ البيلو آھي. شام ٻي آھي جڏھن پکي واھيرن ڏانھن ورندا آھن ۽ وقت جي وھکري تي اھڙا گيت آلاپيندا آھن، جيکي صرف پيغمبرن جي اکين ۾ اٽپوري خواب وانگر اتکيل ھوندا آھن. شام جو وٽاٽن ڏانھن ورندڙ مال جي ڇڻن جي ڇُونگار اھڙي فطري موسيقي پيدا ڪندي آھي، جو جيکڏھن تانسين، پالوا جي پٽ تي وڄي شانت ۽ ايڪانيت ۾ ٻڏي ھا تہ شايد پنھنجي ستار ۾ ڇڏي ھا! شام جو جڏھن مندر ۾ ڏيئا ٻرندا ۽ گرجائن ۾ گھنڊ گڙندا آھن، انھي منظر کي ياد ڪندي، ايازِ چيو ھو تہ:

گرجا گھنڊ وڄايا، ھاءِ پرين ياد آيا!

- ۽ ھي اھوئي وقت آھي، جڏھن مسجد جي منارن تان عربي پيروئ ۾ بانگ جو آواز، دورين ۽ وڇوڙن جا سڀ پردا ڦاڙي ۽ دونيءَ جا دوکا ميٽي، وصال جي لاءِ وک وڌائڻ جي نيندِ ڏيندو آھي:

گھڙي، گھڙو ھت ڪري، سڻي سانجھيءَ بانگ.

- ۽ اِھو شام وارو ئي وقت آھي، جنھن لاءِ چيو ويو آھي تہ:

سڄ لٽو سانجھي ٽي، پکين کوڙا پک،
ڪني ماڻڪ ميڙيا، ڪني ميڙيا ڪک،
پسرو ڏيج پک، تہ اُڏامي اوڏي ٽيان!

اسان جي شاعريءَ ۾ "شام" فارسي لفظ جو متبادل لفظ ملي ويو "سانجھي" ۽ اُن "سانجھيءَ" کي اپر سنڌ وارا 'سانجھ' ۾ چوندا آھن. ھو شام جي بدران 'سرھي سانجھ' ۾ لکندا آھن. بھرحال اِھو بھتر آھي، جنھن ۾ رنگ ۽ نور، مھک ۽ ٿھک، رسڻ ۽ پرچڻ جا ڪٽين ڪاڪ محل ٺھندا ۽ ڪٽين رنگ رتول تيار ٿيندا آھن، انھن ڪاڪ محلن جي پسڻ سان ٻينھن کي جيکي نيش اپرندا آھن ۽ رنگ رتولن ۾ رھاٽين سان روح ۾ جيکي رسيلا رنگ پيدا ٿيندا آھن. سي انفرادي ڪونہ رھندا آھن، پر ان وقت جي مناسبت سان سموريءَ انسانيت جو ورثو ٿيڻ جوڳا آھن.

اڄ اسان ھي پل، ھي پھر، پنھنجي رھبر سيد اعظم محترم سائين جي. ايم. سيد جي نانءِ ڪري رھيا آھيون. سيد سائين ڄمندي ڄام ھو. ھُن پنھنجو مرشد ان شخص کي ڪيو، جيکو سما گھراٽي سان واسطو

رکندو هو. سما گهراٹو منهنجي لاءِ چنن پنجن ماٹهن جي ڪري آئيديل گهراٹو رهيو آهي. اهو ان ڪري نہ، تہ سما ڪي سنڌ جا حڪمران رهيا آهن، پر ان جا ڪجهہ شخص منهنجا آئيديل آهن: جن مان هڪ چام نظام الدين آهي، جنهن کي آءٌ پوڄڻ جي حدتائين مڃيندو آهيان، ننڍي کنڊ جي تاريخ جو انوکو بادشاهہ آهي، جنهن جهڙو حڪمران گهٽ ئي گهٽ مون کي ننڍي کنڊ ۾ ڪونہ ٿو ملي: هن سنڌ تي اشوڪ اعظم کان وڌيڪ ۽ اڪبر اعظم جيترو وقت حڪومت ڪئي، پر نہ هن ڪنهن جنگ جي خونريزيءَ کان ڊڄي اشوڪ وانگر ہڏمت اختيار ڪيو، ۽ نہ ئي اڪبر وانگر ماٹهن جي سسين جا منارا ٺهرايائين. تاريخ ۾ هن جي وقت ۾ صرف هڪ جنگ جو احوال ملي ٿو. اُهو شاهہ بيگ ارغون طرفان سنڌ جي سرحدن تي حملو هو ۽ ان کي روڪڻ لاءِ، هن سنڌ جي تاريخ جي اڇوڪي روح ،دريا خان کي موڪليو هو، جنهن ارغون حملي آور جي پاڻ کي ماري، سنڌ جون سرحدون محفوظ ڪري ڇڏيون هيون. مير علي شير قانع لکيو آهي تہ "هو صح جو سوير فوجي چانوٹيءَ ۾ پهچي، گهوڑن جي پنين تي هٹ هٹي چوندو هو تہ "شل! اهڙو ڏينهن نہ اچي، جو توهان تي چڑهي ڪنهن مسلمان ۽ پاڙيسري ملڪ تي حملو ڪريان."

اهو بہ تاريخ ۾ لکيو ويو آهي تہ هيءُ واحد حڪمران هو، جنهن وٹ شاهہ ۽ گدا جو ڪوبہ فرق نہ هو، ۽ هُن پنهنجي پيٹ جو سگ مسجد ۾ عبادت ڪندڙ ڪنهن فقير کي ڏئي ڇڏيو هو. اهوئي سبب آهي، جو آءٌ ڪيس ننڍي کنڊ جو بي مثال بادشاهہ سڏيان ٿو. حقيقت ۾ اهڙو عمل بادشاهي جسم ۾ فقيري روح جي واس جو چٹو اهجاڻ آهي. اهوئي سنڌ جو خاص روح آهي ۽ سنڌ جو اُهو روح مرٹو ناهي.

هڪ دفعي سائين جي. ايم. سيد مون کان پڇيو تہ سومرن ۽ سمن جي دور حڪومت مان توکي بهتر ڪهڙو دور لڳي ٿو. مون چيو "سمن جو". سائينءَ چيو تہ "سنڌ جا رومانوي داستان، جيڪي شاهہ صاحب جي رسالي ۾ آهن، تن مان گهٹن جو تعلق تہ سومرا دور سان آهي ۽ ظاهر ڳالهہ آهي تہ عشقيہ قصا ان سماج ۾ وڌندا ويجهندا آهن، جيڪو خوشحال، بي فڪر ۽ پُرامن هجي، ان ڪري اهو دور بهتر سمجهڻ گهرجي." مون چيو، "سائين، سومرا دور حڪومت قبائلي دور آهي ۽ قبائلي دور ۾ مضبوط

حڪومت موجود نہ هجي، تہ بہ عشقيہ شاعري ٿيندي آهي. حضور جن کان اڳ ۾ جهڙن جي عشقيہ شاعري عرب ۾ ملي ٿي، اهڙي پوءِ ورلي ٿي هوندي. عرب جي وڏن شاعرن امراءُ القيس ۽ لبيد جهڙي خوبصورت شاعري، ان دور ۾ ملي ٿي ۽ اها عشقيہ داستانن تي ٻڌل آهي. حضور جن کان اڳ ۾ عربستان ۾ ڪابہ منظم حڪومت نہ هئي، پر پوءِ بہ ايڏن خوبصورت داستانن جنم ورتو ۽ انهن داستانن کي منظوم ڪندڙ شاعر، اڄ عالمي ادب ۾ انتهائي بلند مقام تي پهتل آهن. جڏهن عربن جي منظم حڪومت قائم ٿي تہ ان کان پوءِ جي شاعريءَ ۾ صرف بہ ٿي نالا اهڙا آهن، جيڪي اسين موهن جي دڙي جي سامهون پنهنجي قد جيترا آڻي سگهون ٿا. انهن مان بہ نالا ڏاڍا طاقتور آهن: متنبي ۽ ابونواس. حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ انهن مان متنبي پنهنجي فصاحت ۽ بلاغت تي هرڪجي، پنهنجو پاڻ کي نبي سڏائڻ شروع ڪيو، پر ان جي پيٽ ۾ قبائلي دور ۾ امراءُالقيس اهڙي ڪائي هامر نہ هنئي. ان کري، سومرا دور ۾ عشقيہ داستانن جو ايڏو ڦهلجڻ، ان جي سونهري دور کي ظاهر نہ ٿو ڪري، ان جي مقابلي ۾ سمن جو حڪومتي دور جاگيردار دور آهي. ۽ اهو هڪ رياست جو بنيادي ڍانچو اڏيندڙ نظر اچي ٿو. ان دور ۾ جيڪڏهن تجزيو ڪجي تہ شاهہ سائينءَ ٻنهي دورن ۾ موجود تفاوت کي پنهنجي شاعري ۾ نروار ڪيو آهي: مثال طور- سومرا دور ۾ مومل راڻي جو داستان سرجيو، ان ۾ شاهہ صاحب چوي ٿو تہ:

نہ ڪا جهل نہ پل، سپ ڪو پسي پرينءَ کي!

يعني مقابلي جو ميدان آهي، هرڪو سردار، طاقتور ماڻهو جينن چاهي پنهنجي منزل تي پهچڻ لاءِ ڪوشش ڪري سگهي ٿو. پر هڪڙي منظم رياست ۾ اڻين ناهي هوندو، جيڪا سمن جي هئي. هن دور جو داستان، سر ڪاموڏ آهي. نوري جام تماچيءَ جو داستان آهي، ان ۾ هڪڙي جاءِ تي شاهہ صاحب جو هڪ شعر مون کي مدهوش ڪري ڇڏي ٿو ۽ ساڳئي وقت ۾ اقتدار قبيلن کان رياست ڏانهن منتقل ڪرڻ جو اشارو ملي ٿو:

پڪن پوءِ پچار، اڄ تماچي آئيو،
مرکن ملاحن جا، مٿي باندِيءَ بار،
وڏي جام جمار، جنهن مياڻيون موکيون!

يا سندس هي شعر:

جي ڪينجهر جي روم، مڙئي معاف ڪياس!

يعني اِھو آھي سموريءَ رياست جو اقتدار قبيلن کان بادشاھہ ڏانھن منتقل ٿيڻ ڏانھن واضح اشارو ۽ اھجاڻ- سمن جي دور ۾ سنڌ ۾ قبائلي دور کان مٿانھين ھڪ جاگيرداري دور واري حڪومت قائم ٿي چڪي ھئي، ۽ اِھو دور اھڙو آھي، جنھن ۾ سنڌ جي ماڻھن دھليءَ جي چئن بادشاھن کي شڪست ڏني ۽ دنيا کي اِھو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ "جڏھن وڙھيا، تڏھن تن جو وڙھڻ ڏسجو."

سائين منھنجي سموري گفتگو ڏيان سان ٻڌندو رھيو ۽، جڏھن مون ڳالھہ اُتي پھچائي تہ مون کي کلھي تي ھٿ رکي چيائين تہ "مولوي صاحب بس! تو جائزو ڪميونسٽ نقطئہ نظر سان ورتو آھي، پر لڳي ائين ٿو تہ تو ۾ قبائلي طبيعت موجود آھي. ڇا تو سومرا دور جي باري ۾ لطيف جو ھي شعر نہ پڙھيو آھي تہ:

نہ ڪا جھل، نہ پل، نہ ڪو رانر ڏيھہ ۾،
آٽيو وجھن آھرين، روڙيو رتا گل،
مارو پاڻ،املھہ، ملير ون مرکٹو."

(شاھہ)

آءٌ خاموش ٿي ويس، جيتوٽيڪ مون وٽ اِھو دليل ھو تہ ٽنڪس صرف ھڪ جاگيردارانہ رياست ئي لاڳو ڪندي آھي، جيڪا سومرن جي دور ۾ موجود نہ ھئي. پر مون ڏاڍي غلطي ڪئي، جو اِھا ڳالھہ سنڌ جي علم جي پوڙھي شينھن کي چئي نہ سگھيس، نہ تہ، نہ معلوم منھنجي جھول ۾ سنڌ جي تاريخ جي باري ۾ الائي ڪھڙا املھہ موتي ڪرن ھا.

اديون آءٌ (اوڏڻ) اجاڻ، مون سڳ سجاڻي نہ ڪيو!

آئون ھتي سما گھراڻي جي ٻين ڪردارن کي ڇڏي، صرف ھڪ ڪردار جو ذڪر ڪندس، اھو ھو **لاکو ڦلاڻي**، ڪچ جو ڏاڙيل، جيڪو ھڪ اھڙي ذات جي محبت ۾ گرفتار ٿيو، جنھن کيس عشق جي ان درجي تي پھچايو، جو لطيف جھڙي عظيم شاعر کي ان جو ذڪر ڪرڻو پيو. لاکو ڦلاڻي گھرن تي ڏاڙا ھڻندو ھو، جڏھن تہ سائين جي. ايم. سيد جي مرشد **مخدوم بلاول** دلين تي ڏاڙا ھنيا ھٿا!

◆

چا تہ هو عجيب شخص هو!

ڪو ماڻهو عظيم ڪيئن ٿيندو آهي؟ اُهي ڪهڙا قدر مان ۽ ماپا آهن، جيڪي هڪ شخص کي عظمت جي تخت تي پهچائيندا آهن؟ انهيءَ سلسلي ۾ زندگيءَ جي ڏار ڏار ميدانن ۽ شعبن ۾ عظمتون ماڻيندڙ شخصن لاءِ الگ ماڻ ۽ ماپا آهن. مثال طور: هڪ سائنسدان ان وقت عظمت ماڻيندو آهي، جڏهن هو پنهنجي دور ۾ چالو ايجادن ۽ نظرين کان اڳتي وڌي ڪا نئين ايجاد ڪري ۽ پين سائنسدانن لاءِ ايجادن جي سلسلي ۾ نئون نظريو ڏئي. بس هُن جي عظمت لاءِ اهو ڪافي آهي، پر ان سائنسدان جي عظمت لاءِ سندس ذاتي ڪردار، ماڻهن سان روين، ۽ سندس سماجي اخلاقيات ۾ ويساهه نہ رکڻ وارا عيب، سندس تخليقي عظمت کي داغدار نہ ٿا ڪري سگهن. آئن اسٽائن، ويهين صديءَ جو عظيم سائنسدان هو، پوءِ هن جو ذاتي ڪردار ۽ عمل ڪهڙو به ڪٽي هو!

هڪ فلسفي ان وقت عظمت حاصل ڪري ٿو، جڏهن هو حيات ۽ ڪائنات جي باهمي لاڳاپن جي باري ۾ انساني زندگيءَ جي هلندڙ قافلي کي سونهن، سچ ۽ خير جا ديرپا دگ، نوس دليلن جي آڌار تي ٻڌائي: جيئن گئليلو- جنهن پنهنجي قوت برداشت جي ڪمزوريءَ سبب رومي مذهبي عدالت کان معافي نہ ورتي، پر چا اُها معافي گئليلو جي عظمت کي فلسفي جي تاريخ مان خارج ڪري سگهي آهي؟ يا سقراط ۽ ارسطو تي سماجي ۽ اخلاقي براين جا الزام، ڪين فلسفي جي تاريخ جي عظمت جي محرابن مان ڪڍي سگهيا آهن؟

هڪ شاعر ۽ اديب، ان وقت عظمت جي محراب تي پهچندو آهي، جڏهن هُن جو فن ۽ فڪر، بولي ۽ ذات، تخيل ۽ تصور ماضيءَ جي سمورن پيچرن هُني آهي، مستقبل جي آسمانن تي پنهنجي فر جا ڪئين سج ۽ چند اپاريندر آهي. لطيف ۽ هومر، ڪالياس ۽ شيڪسپيئر، غالب ۽ سچل، ايار

۽ ملتن، پنهنجي پنهنجي ميدان ۾ ان کري عظيم ناهن تہ هو مُلن، پادرين، پنڊتن ۽ جاگيردارن جي ناهيل سماجي اخلاقي قدرن جا پيروڪار يا پوئلڳ هٿا، پر هي اُهي انسان هٿا، جن پنهنجي فن ۽ فڪر ذريعي انسانن ۾ زندگيءَ جو اتساهہ پيدا ڪيو، انهن جي دردن کي دوائن جي پچري ۾ قيدي ٿي رهڻ بدران ماڻهن جي دلين ۽ دماغن ۾ سچ ۽ سونهن جا ڏيئا ٻاريا. ظلم ۽ جبر ۾ گڏرندڙ زندگيءَ جي پيانڪ روپن کان ماڻهن کي علم ۽ آگاهي ڏني ۽ ڪائنات جي هر ذري ۾رسونهن، سچ ۽ خير جو غلبو قائم ڪرڻ جو حوصلو ڏنو.

ٻہ هڪ سياستدان جو معاملو انهن سڀني شخصن کان الڳ آهي:

(۱) هڪ سياستدان عظيم اُن کري نہ ٿو بنجي سگهي تہ هو ڪا اليڪشن کٽي ويو، يا هُن ماڻهن جي سامهون انهن جي حقير اخلاقي قدرن سان سمجهوتو ڪري واڳوڻ وارا ڳوڙها ڳاڙي، ماڻهن جي هڪ وڏي گهٽائيءَ کي مادي، ذهني ۽ جذباتي آسودگيءَ کان محروم ڪيو! پر سياستدان ان وقت عظيم بنجي وڃي ٿو، جڏهن هو پنهنجيءَ قوم سان ۽ ان قوم جي حوالي سان پوريءَ انسان ذات سان وحدت الوجودي ڌاڳي ۾ پوئجي وڃي! قوم جي نندڙي کان نندڙي ماڻهوءَ جو ڏک، هو پنهنجي هانءَ ۾ ڪنڌي وانگي چيندي محسوس ڪري ۽ قوم جي هر ڏاڪاريل فرد جي خوشيءَ کي هو پنهنجي من مندر جي محبوبا جي مرڪ جهڙو دلڪش محسوس ڪري. قومي فردن جا ماتم هُن جا ماتم هجن؛ انهن جا ڳوڙها هُن کي پنهنجي جگر مان ٽمندڙ رت وانگر محسوس ٿين، ۽ قوم کي اداس ڏسي هُن کي پوري ڪائنات اداس محسوس ٿئي. جڏهن قوم خوشين سان سرشار ٿي زندگيءَ جي راهن تي رقص ڪرڻ لڳي تہ گانڌيجيءَ جي عمر جو هوندي بہ هُن جي چپن تي اهڙي مرڪ اچي وڃي، جڙ تہ معصوم بار جي چپن تي ماءُ جي ٿڃ هارجي وئي هجي يا اونداهي آسمان جي افق تي باڪ ڦٽيءَ ويل چمپا جي مکڙي، ٽڙي پئي هجي ۽ جيڪو لطيف لفظن ۾ هر وقت ائين سوچيندو هجي تہ:

جا عمر تو مُل عيد، سا اسان سوءَ ورتي سومرا!
وئي وبچارن وسري، خوشي ۽ خريد،
سڪڻ ڪيا شهيد، مارو ملڪ ملير جا!

(2) ته هو پنهنجي مظلوم، محڪوم ۽ ڏٽڙيل قوم کي مظلوميت، محڪوميءَ ۽ ڏٽڙيل هجڻ کان نجات جو چٽو ۽ سمجهه ۾ ايندڙ گس ۽ رستو ٻڌائي. مثال طور: هڪ آزاد ملڪ مان منهنجي مراد آهي ته ان ملڪ جي سرحد کان ٻاهر ڪنهن طاقت جو ان ملڪ جي جاگرافيءَ، اقتصاديات، ۽ ثقافت تي مادي قبضو نه هجي. مون هتي مادي قبضي جو لفظ استعمال ڪيو آهي، اهو ان ڪري جو غاصب، ڏيهي ۽ پرڏيهي، روحاني ۽ ذهني طرح پاڻ ۾ ڳنديل هوندا آهن ۽ غريب عوام سان واردات جو طريقو ٿوريءَ ڦيرگهير سان ٻنهي وٽ ساڳيو هوندو آهي- ته اهڙي ملڪ ۾، جنهن تي سرحد پار جي مادي قبضي جي بدران اندرين ڦورن، لٽيرن، جاگيردارن ۽ حرام خورن جو سموري ملڪ جي دولت تي قبضو هجي، ان وقت اهو سياستدان اهڙو نظريو ۽ ان نظريي جي روشنيءَ ۾ اهڙو نظام ٻنهنجيءَ قوم جي سامهون چٽيءَ طرح پيش ڪري، جنهن ۾ عام ۽ خاص، مرد ۽ عورت، پورهيت ۽ هاري، جوان ۽ جوانڙيون، ٻنهنجي روحاني ۽ جساماني تسڪين لاءِ اينري دلڪشي سمجهن، جيتري محبت جي گيت ۾ سمجهن- جيئن لينن روس ۾ ۽ ڪاسترو ڪيوبا ۾ ڪيو. ان ۾ اهو نه ڏٺو ويندو ته لينن، وُڊڪا پيتي ٿي يا ڪاسترو جي هڪ غير قانوني ڏيءَ به هئي. بس اُن نظريي ۽ نظام جي ڪاميابي ۽ نافذ ٿيڻ کي ئي عوام پنهنجو مقصد بنائي ۽ ان لاءِ جدوجهد ڪري.

(3) اهو سياستدان پنهنجي نظريي جي روشنيءَ ۾ قائم ٿيندڙ نظام سان سچو هجڻ سان گڏ مخلص ۽ بهادر هجي. هُن جي مٿي تي ستارن جو تاج رکيو وڃي يا سندس پيرن ۾ سون جا ڊير هاريا وڃن، پر هو ستارن جي تاج کي حاڪمن طرفان غلاميءَ جي دستار سمجهي ۽ سون جي ڏنگين کي پنهنجي قوم جي ڪنوارين جا ويڙيل اُرهه سمجهي- اجا به وڌيڪ ته چالو نظام ۽ ان جي نافذ ڪندڙ کان نفرت ڪري- ۽ بهادر اهڙو هجي، جو سوريءَ جي سڌ جو انتظار نه ڪري، پر عاشق جيئن اڏيءَ ڏانهن ڪاهيندو وڃي ۽ هُن جي بهاديريءَ جي خوف کان سوريءَ جا رسا ٽٽڻ لڳن ۽ اڏيءَ جا محافظ اڏيءَ سوڌو ڀڄڻ لڳن. آسمان جون سموربون ڪنوٽيون گڏجي هُن تي حملو ڪرڻ چاهين ته هو پنهنجي حوصلي جي مرڪ سان ڪين مات ڪري ڇڏي. ظلم ۽ جبر جا ڪيڏا به ڪارا ڪڪر مٿي اچن، تن کي هو پنهنجي نگاهن

جي تجليءَ سان رخ مٽائڻ تي مجبور ڪري. سمنڊ جون چولیون، آتش فشانن جا شعلا، زهريلي هوائن جا جهولا، هن جي ارادن کي ڪمزور ڪرڻ بدران رونقون ۽ دلڪشيون عطا ڪندا وڃن، ۽ هر موقعي تي هو اِهو چوي ٿو:

ارے آ ستم گر، هنر آزمائين
تُو تير آزما، هم جگر آزمائين

۽ هو پنهنجي اصول تي ايڏو ته اٽل هجي، جو هو ڪوئي سڏڻيو پنهنجي صفن ۾ برداشت نه ڪري.

(4) ته هن جو روپو ۽ برتاءُ پنهنجي پارٽي ڪارڪن ڏانهن ڪوتوال وارو نه، پر شفيق ۽ ٻاجهاري استاد وارو هجي. هو اِهو نه ڏسندو هجي ته هن جي ڪارڪن لاءِ ماٺهو چا ٿا چون- چو ته ماٺهو جيڪڏهن پوڄڻ تي ايندا آهن ته سامريءَ جي گابي کي به پوڄيندا آهن ۽ جيڪڏهن مارڻ تي ايندا آهن ته مسيح ۽ حُسين کي به ماري چڏيندا آهن. هو صرف اِهو ڏسندو هجي ته منهنجو ساٿي ۽ منهنجو ڪارڪن منهنجي نظريي ۽ قوم جي نجات لاءِ مسيح ۽ حسين وانگر بيٺو رهيو يا گوڏن ۾ جهڪي پيو. هُن وٽ اهميت سياسي اخلاق جي هجي- ۽ سياسي اخلاق جي آزمائش بنهي ميدانن ۾ ٿيندي آهي: هڪ سوريءَ جو تختو ٻي لالچ جي ليلان. جيڪو به ڪارڪن سوريءَ جي سزاوار ٿيڻ لاءِ بيقرار ٿي اٿين اڳتي وڌي، جيئن عاشق محبوبا سان ڳل ڳرهائڻڙي پائڻ لاءِ اڳتي وڌندو آهي، ۽ لالچ جي ليلا کي منهن تي ٿُڪون هڻي پنهنجي بستري تان اتاري چڏي، اهڙو ئي ڪارڪن هُن جو محبوب هوندو آهي.

قوم جي بي حالت محڪوميءَ ۽ مظلوميءَ واري ان وقت ٿيندي آهي، جڏهن انهيءَ ملڪ جي مادي سرحد کان ٻاهر وارا، انهي ملڪ جي اندروني غدارن، سردارن، ڦورن ۽ غاصبن سان گڏجي، ان جي مادي ۽ ثقافتي دولت تي قابض ٿي ويندا آهن، ۽ اُها محڪوم قوم، مادي ۽ ذهني طرح ذلت جي ڳڙهه ۾ غربت جي اونداهين ۾ پٽڪندي آهي. ان وقت مٿي ڄاڻايل خوبين وارو سياستدان، سڀ کان پهرين ملڪ جي مادي سرحدن کان ٻاهر وارن قابضن کان قوم کي نجات ڏيڻ لاءِ نظرياتي ۽ مادي طرح جدوجهد جو آغاز ڪري، ڪائي جوت جلائيندو آهي، ۽ اهڙيءَ جوت تي غلاميءَ جي پيانڪ ۽ سرد راتين ۾ هٿ سيڪڻ جي هر ڪنهن کي دعوت ڏيندو آهي- ۽ اهڙا هٿ

سيڪيندڙ، جيڪي هن وت گڏ ٽيندا آهن ۽ انهيءَ ڇ تي پتنگن وانگر مڙي ايندا آهن، اُهي ئي هُن جو اصلي سرمايو هوندا آهن، ۽ انهيءَ سرمائي کي هو پنهنجيءَ قوم جي اونداهي مستقبل جا ستارا سمجهندو آهي.

جنهن عجيب شخص جو آءٌ هتي ذکر ڪري رهيو آهيان، اهو منهنجي سياسي جنم جو پيءُ **جي. ايم. سيد** آهي- جنهن جو واسطو هڪ اهڙي ملڪ سان هو، جيڪو هزارن سالن تائين مادي ۽ روحاني طرح آزاد رهيو هو ۽ پوءِ معاهدن تحت سرحد پار غاصبن جو غلام بنجي ويو هو. هيءَ تاريخ جي هڪڙي عجيب ستم ظريفي آهي تہ تلوار ذريعي فتح ٽيل سنڌ ۾ يونانين کان وٺي انگريزن تائين مزاحمت جي بي پناهہ سگهہ موجود هئي، پر معاهدي هيٺ غلام بٽيل سنڌ ۾ اُها سگهہ پيدا نہ ٿي سگهي، جيڪا دريا خان ۽ مخدوم بلاول جي شهادت کان پوءِ پيدا ٿي سگهي هئي. پر هن (جي. ايم. سيد) پوءِ بہ ان قوم جي نجات لاءِ جوت جلائي ۽ ويرانين ۾ اداس روحن کي امنگن سان ڀرڻ لاءِ واکا ڪندو رهيو.

هُن کي عوام سان ايڏي تہ محبت هئي جو ايم. آر. ڊي تحريڪ دوران جڏهن لاکات تي پنجابي سامراج جي وحشي ملٽريءَ بمباري ڪئي تہ هو تڙپي اٿيو- جيتوڻيڪ هُن کي ايم. آر. ڊي تحريڪ سان اختلاف هئا ۽ ان کي ڪجهہ وڌيرن اقتدار جي ايوان تائين پهچائڻ لاءِ ڀارڻ طور استعمال پئي ڪيو- پر پوءِ بہ جڏهن لاکات تي بمباري ٿي، ان وقت هُن پارٽي ڪارڪن جو اجلاس سڏايو. اتفاق سان هلندي اجلاس دوران عالمي پرنٽ ميڊيا جو هڪ وفد اچي پهتو. ان وقت سائينءَ مون کي چيو تہ عالمي ضمير کي اپيل ڪرڻ لاءِ سنڌيءَ ۾ هڪڙو مختصر ڊرافٽ ناهي اڇ، هڪڙو منهنجي دوست ۽ ساٿي جواهر لعل نهروءَ جي ڏيءَ اندرا گانڌيءَ جي نالي ۽ ٻيو برطانوي وزير اعظم جي نالي. هتي ڳالهہ واضح هجي تہ ان وفد ۾ هڪ اندين صحافي چوڪري هئي، ٻي برطانوي چوڪري هئي ۽ ٽيون آمريڪن صحافي هو. سائينءَ جڏهن مون کي هندستاني ۽ برطانوي ليڊرن ڏانهن ڊرافٽ ناهڻ لاءِ چيو تہ ان ۾ آمريڪا جو ذکر نہ ڪيائين. مون ڪائنس جڏهن آمريڪا لاءِ پڇيو، تڏهن مرڪي ڏنائين. اُها سندس زخمي مرڪ هئي ۽ مون کي منهنجي پيارن جي زخمي مرڪ هميشہ وٺندي آهي. ان زخمي مرڪ سان چيائين تہ "آمريڪا ۾ اڄ ڪوبہ ٽامس جئفرسن ۽ ابراهيم لنڪن موجود ناهي. هي

آمريڪي بارود ٿي آھي، جيڪو انسان جي ڳوڻن تي وسي رھيو آھي، ان ڪري آمريڪا کي لکڻ اجايو آھي." آءٌ ڊرافٽ تيار ڪري آيس، جنھن ۾ مون لکيو تہ: "حُر موومينٽ کان پوءِ ھي پھريون دفعو آھي. جو سنڌ جي ڳوڻن تي پنجابي جارحيت پسند وحشيائي بمباري ڪري رھيا آھن." پوءِ منھنجي انھيءَ ڊرافٽ جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري، ھڪڙي ڪاپي ھندستاني صحافي چوڪريءَ کي ۽ ٻي برطانوي چوڪريءَ جي حوالي ڪئي ويئي- ۽ مون کي ياد ٿو اچي تہ ان وفد ۾ حميده کھڙو به ھئي. الله نہ ڀلائي تہ ان جو انگريزي ترجمو حميده کھڙو ٿي ڪيو ھو. اِھو صحافين جو وفد دادو جيل جو معائنو ڪرڻ لاءِ وڃي رھيو ھو، جنھن کي ٿوڙي قيدي پڃي ويا ھنا- ليڪن انھن صحافين جي وڃڻ وقت ھندستاني چوڪريءَ کي دادوءَ وڃڻ نہ ڏنو ويو ۽ ھوءَ موٽي ڪراچي ھلي وئي- ۽ ٻئي ڏينھن ھندستاني پارليامينٽ جي ايوان مان بينظير جي بقول، ريشم ۽ فولاد جي ميلاپ سان ٺھيل اندرا گانڌيءَ جو آواز سانوڻ جي ڪڪر وانگر ڏکڻ ايشيا جي خطي تي ڇانئجي ويو تہ "**آءٌ ھوھن جي ڏڙي جي تھذيب جي بربادي برداشت نہ ڪنديس ۽ نہ ئي راجستان صوبي ۾ ايتري مالي سگھہ آھي. جو سنڌي مھاجرن جا قافلا برداشت ڪري سگھي. ان ڪري پاڪستاني حڪمرانن کي سنڌ جي باري ۾ ھوش ڪان ڪم وٺڻ گھرجي. ٻيءَ صورت ۾ ھندستان ايڏي تھذيبي ۽ انساني تباھي برداشت نہ ڪندو.**" اِھو ھو جي. ايم. سيد جو سنڌ جي عوام سان عشق، جنھن نھروءَ جي ڏيءَ کي اِھي لفظ چوڻ تي مجبور ڪرايو- ڇو تہ نھروءَ جي ڏيءَ جي لفظن ۽ پُٽي جي ڏيءَ جي لفظن ۾ وڏو فرق ھو- ۽ پوءِ پاڪستاني حڪمرانن جا ڏيڙ ڏيڙا ٿيا.

ھو بھادر ڪيڏو ھو، ان لاءِ آءٌ مختصر طرح ٻہ مثال ڏيندس:

(۱) ون يونٽ دور ۾ سندس ملاقات پاڪستان جي سربراھ اسڪندر مرزا سان ٿي. اسڪندر مرزا کي چيائين تہ "آءٌ حڪمرانن سان ملڻ وڃڻ ڇڏي ڏيو ۽ ٿو سمجھان. آءٌ توکي صرف اِھو چوڻ آيو آھيان تہ ون يونٽ ٽوڙ." پاڪستان جي مغرور حڪمران کيس چيو تہ "ون يونٽ نہ ٽٽندو" - تہ ان تي منھنجي سرواڻ کيس چيو تہ "تون پنجابي اسٽيبلشمينٽ جي چوڻ تي ون يونٽ نہ ٽوڙين، تہ پوءِ ٻڌي ڇڏ تہ پاڪستان ۽ ون يونٽ ٻئي ٽٽندا."

ھاءِ، ایاز! کھڑي وقت یاد آیو آھین:

هي جو پوڑھو جھور، وڑھندي ٽیو وڑھ ۾،
اجا ڏمري ڏاڍ تي، آڻ نہ مجي مور،
سوچي ڏسي ڏور، ایندڙ آرڻ ڏینھڑا.

(ایاز)

۽ پوءِ دنیا ڏٺو تہ انھيءَ دور واري سوچ سان ون یونٽ ٽُٽو ۽ اڳتي هلي 1971ع ۾ پاکستان پڻ ٽٽو!

آھي کو اڄ اھڙو سیاستدان، جیکو وقت جي جابر حکمران کي منھن تي ائین سچ ڦھکائي چوي!

(2) جام صادق علي جي دور ۾ سائین جي. ایم. سید تي بغاوت جو مقدمو قائم ٽیو ۽ گورنمینٽ چیوتہ بغاوت جو کیس هلائینداسین. سائینءَ چیو تہ 'اھا منھنجي خوشنصیبي آھي جو مون کي پاکستان جي کنھن کورٽ ۾ پیش کیو پیو وڃي. آءٌ کورٽ ۾ پنھنجو موقف پیش کرڻ چاھیان ٿو." - پوءِ سائینءَ حکومت کي لکیو تہ "عبدالواحد آربسر ۽ منھنجي مرید تاج جوبي کي اجازت ڏني وڃي تہ اُھي مون سان منھنجي موقف جي تیاريءَ ۾ سھکار کن." پوءِ اسان بنھي جڻ سائینءَ جي رھنمائيءَ ۾ ھڪڙو بیان تیار کیو، جیکو **"سنڌ گالھائي ٿي"** جي نالي سان ڇپجي چکو آھي؛ جنھن ۾ خیال سائینءَ جا، کوجنا تاج جوبي جي ۽ بولي اکثر ھنڌن تي منھنجي استعمال ٿیل آھي. اھو بیان تیار ٿیڻ کان پوءِ سائین هر شنوائيءَ جي تاریخ تي پنھنجي جسماني هیٹائيءَ جي باوجود کورٽ ۾ حاضري ڏیڻ ۽ وڌ ۾ وڌ سزا کائڻ لاءِ ائین تیار ٿي وبھندو هو، جیئن گھوٽ سیج تي وڃڻ لاءِ تیار ٿیندو آھي. پر کورٽ کڏھن بہ کیس نہ گھرایو. نیٺ ھڪ ڏینھن پولیس گارڊ سمیت کورٽ تي کاھي ویو ۽ شاید هيءُ دنیا جي تاریخ جو ھڪ منفرد مثال آھي، جو کیس هلائیندڙ جج پوئین دروازي کان پڃي ویو ۽ کیس نہ هلیو. انھيءَ واقعي کان متاثر ٿي کامریڈ غلام رسول سھتي مون کي چیو تہ "هي چا آھي تہ ھڪ شخص قاسيءَ ڏانھن وڌي پیو ۽ قاسي ھن کان پري پڃندي رھي ٿي ۽ پیا ماٹھو قاسيءَ کان بچڻ لاءِ اسلام آباد پڃن ٿا، نتیجي طور کین قاسیون،گولیون ۽ ڦلتون نصیب ٿین ٿیون." مون چیو تہ "اھو عشق ۽ حوصلي جو مسئلو آھي. سرمد

کي کھڻ لاءِ کنھن اورنگزيب جھڙي بھادر ۽ کنور جي ضرورت آھي. پاکستان ۾ جيتوڻيڪ کنور تہ آھن، پر انھن جي رڳن ۾ تيمور جو رت ناھي، ۽ جي. ايم. سيد کي کھڻ لاءِ بہ تيموري خون جي ضرورت آھي. ٻيو تہ جيکو شخص بي لالچ ھوندو آھي، ان کي کائي تلوار کاتي نہ سگھندي آھي، ۽ جي. ايم. سيد اھو انسان آھي، جنھن لالچ جي ليلا کي منھن تي ٽکون ھڻي، پنھنجي محفل مان اڏاري ڇڏيو ھو."

(3) جنھن ڏينھن ذوالفقار علي ڀٽو پنھنجن کارن کرتوتن جي عيوض ڦاسيءَ چڙھيو، ان ڏينھن آءٌ سن ۾ ھنس. سائينءَ جي طبيعت ناساز ھئي، ان ڪري ھُن صبح جو ريڊيو نہ ٻڌو ھو، نہ تہ ھوننئن وٽس جديد ترين ريڊيو ھوندو ھو، جنھن تي ھو چئين وڳي صبح کان پوءِ سموريءَ دنيا جون خبرون ٻڌندو ھو. پر ان ڏينھن طبيعت جي ناسازيءَ جي ڪري خبرون نہ ٻڌي سگھيو ھو. ان ڏينھن نيرن کائڻ کان پوءِ اسان گڏ وينا ھئاسين تہ صبح جو ١١ وڳي وارين خبرن ۾ آيو تہ پتي ڪي ڦاھي چاڙھيو ويو آھي. اھا خبر ٻڌڻ شرط سائين روئي پيو. مون پڇيو تہ "سائين، ڇا توھان جا ڳوڙھا ايترا سستا آھن، جو ڪنھن ڊڪٽيٽر جي موت تي بہ ڳڙي پوندا آھن؟" پنھنجون خوبصورت اکيون ڪٽي (اُھي اکيون مون کي مئي جي محبت جا پيالا لڳنديون ھيون، ۽ مون کي سندس اکيون ڏسي مصري شاھہ جون کافيون ياد ايندیون ھيون) انھن جي چلڪندڙ جامن مان جواب ڏنائين تہ "آءٌ کنھن جي موت ۽ زندگيءَ تي ڪوبہ روئندو آھيان، مون کي روئڻ صرف پنھنجي قوم جي بيوسيءَ تي آيو آھي تہ اسان جي قوم مان پاڻ کي وڏي ۾ وڏو ماڻھو سمجھندڙ کي ائين بيدرديءَ سان ماريو ويو، جو کنھن ڪچيو بہ نہ. اسان جي پاکستان ۾ حيثيت اڇا اھا آھي. ان مان سمجھڻ گھرجي تہ فرد ڪيڏو بہ طاقتور ھجي، پر ڪجھہ ناھي، جيستائين پارٽي ۽ قوم بااختيار ۽ طاقتور ناھي. ماڻھوءَ جي سڀ کان وڏي طاقت ماڻھو آھن. ادارن جو مقابلو ادارا ئي کندا آھن. ادارن جو مقابلو فرد نہ ڪري سگھندا آھن. پٽي جو انتقام اھو ناھي تہ ھڪڙي جرنيل يا تارا مسيح کي گولي ھڻي وڃي، جيڪڏھن سنڌين ۾ انتقام جو جذبو موجود آھي تہ پوءِ اھو ٽيڻ گھرجي تہ سنڌ جي سرزمين پنجابين کان خالي ٽيڻ کپي ۽ سنڌ جي ھر وڻ تي ڪانہ ڪا فوجي وردي ٽنگيل نظراچي. پٽو چا بہ ھو، ھو چالاڪ ضرور ھو، پر

تاريخ جي روشنيءَ ۾ ڏهين نہ ھو. تاريخ جي روشنيءَ جا ڏهين فرد اُهي هوندا آهن،جيڪي پنهنجن ياڻن کان واقف هوندا آهن، ۽ هو جن قوتن تي پروسو ڪندا آهن، تن جي قومي مزاج کان پڻ واقف هوندا آهن، بهرحال اڄ مون هُن (پٽي صاحب) کي معاف ڪري ڇڏيو:

"مڙئي معاف ڪياس، خالق بدلي خون جي."

(4) کارڪن ڏانهن عظيم ليڊر جو روپ ڪهڙو هنڌ گهرجي؟ مون پڙهيو آهي تہ گانڌيجي آشرم ۾ ايڏيون تہ بيجا پابنديون مڙهيندو هو، جو هڪ دفعي خان بادشاھ جو پٽ، رابندر ناٿ ٽئگور جو شاگرد ۽ 'دي پناھ' ڪتاب جو لازوال مصنف عبدالغني خان، گانڌيءَ جي آشرم ۾ رهڻ کان بيزار ٿي پيو. جواهر لعل لاءِ مون اهو پڙهيو آهي تہ هو ڪڏهن ڪڏهن کارڙ ۾ اچي، کارڪن کي مار ڪٽ ۾ ڪندو هو. پر مون جي. ايم. سيد کي کارڪن سان جيڪو روپو رکندي ڏٺو، اهو گهٽ ۾ گهٽ ننڍي کنڊ جي سياستدانن ۾ مون کي ڪٿي نظر نہ آيو. آءٌ هتي ان جا ڪجهہ مثال پيش ڪندس، جن جو واسطو منهنجيءَ ذات سان آهي:

(1) سائينءَ جي ڪا سالگرهہ هئي، ان ۾ رئيس ڪريم بخش نظاماڻي ۽ موجود هو، جيڪو سائينءَ جو يار غار هو. هو عابده پروين کي ڳائڻي سمجهندوئي نہ هو. کارڪن اسرار ڪيو تہ عابده پروين ڳائي ۽ رئيس ڪنهن ٻئي جو مطالبو ڪيو. سائينءَ کارڪن جي مطالبي تي عابده پروين کان ڳارايو، جنهن تي رئيس ناراض ٿي چيو تہ "سائين! تون منهنجي مقابلي ۾ هن چوڪرن کي وڏيڪ اهميت ٿو ڏين؟" جنهن تي سائينءَ رونڊهارڪو ٿي چيو تہ "رئيس! مون کي وڏيرا، ميرَ، پيرَ، سيد سڀ چڏي ويا، فقط هي چوڪرا ئي آهن، جيڪي منهنجي تحريڪ لاءِ پنهنجون خوشيون ۽ خواب، پنهنجون زندگيون ۽ شباب داءَ تي لڳايو وينا آهن. اڄ آءٌ انهن جي ڪري آهيان. پاڪستان جي سرڪار ۽ ان جي مهندارن، مون کي ۽ سنڌ کي ميسارڻ جي ڪا ڪسر نہ چڏي آهي، ان ڪري هن جي خوشي ۽ فرمائش، منهنجي خوشي ۽ فرمائش آهي." ان تي رئيس خاموش ٿي ويو- ۽ مون کي افسوس آهي، جو سائينءَ جي پونيرن اقتدار ۾ رهندي، رئيس جي پٽن جي ڪا سار نہ لڌي.

(2) 1978ع ۾ مون شادي ڪئي ۽ اهو ئي دور هو جڏهن سائين

جي. ايم. سيد مون تي پارٽي آرگنائيز ڪرڻ جو ڪم رکيو هو. ڪجهہ ئي ڏينهن کان پوءِ آءٌ گرفتار ٿي ويس ۽ مون کي ٻہ سال ٽيپ ۽ ڏهن ڪوڙن جي سزا ملي. سائينءَ اسان جي انتهائي عظيم ترين ساٿي علڻ خان ٽيپي کي چيو تہ مولوي صاحب جيل ۾ آهي، هُن وٽ عيد تي نوان ڪپڑا نہ هوندا ۽ ڪيس عيد تي ڪا چڱي ماني ٻہ ملندي الائي نہ، تون منهنجي طرفان اِهي ٻئي شيون هن کي پهچائي اچ. علڻ خان عيد کان اڳ منهنجيءَ ملاقات تي آيو ۽ مون کي چيائين تہ سائينءَ هيئن چيو آهي. مون علڻ خان کي چيو تہ "جنهن ڏينهن کان وٺي آءٌ سيد جو پونلگ ٽيو آهيان، منهنجي لاءِ سڄڻ جي آزاديءَ کان سواءِ ڪائي عيد ناهي. جيستائين سڀني مانيءَ جو تعلق آهي تہ جڏهن ٻہ آءٌ سڀني مانيءَ کائڻ لاءِ ويهندو آهيان تہ مون کي منهنجو ڳوٺ ياد ايندو آهي، ۽ سوچيندو آهيان تہ چا منهنجي ڳوٺ جي مائهن کي اهڙي مانيءَ نصيب ٿئي ٿي؟ ۽ پوءِ اها سڀني مانيءَ منهنجي نڑيءَ ۾ ٿوهر جا ڪنڌا ٻڌجي ويندي آهي. ان ڪري، مون کي انهن ٻنهي شين جي ضرورت ناهي، منهنجي لاءِ اِهوئي ڪافي آهي تہ سائينءَ کي ياد آهيان."

(3) 1981ع ۾ آءٌ جيل مان آزاد ٿيڻ بعد، گهر اچڻ کان پهريں سن ويس. سائين ڏاڍو خوش ٿيو. چيائين تہ ڦٽڪا لڳڻ وقت ڪيئن محسوس ڪيئي؟ مون پنهنجي لفظي جادوگريءَ کان ڪم وٺندي چيو تہ "سائين! مون هر ڦٽڪي تي اڻين محسوس ڪيو تہ سڄڻ مون کي چُمي ڏئي رهي آهي." چيائين تہ "ڏکن تي دانهن تہ نہ ڪيئي؟" مون چيو تہ "سائين! انهيءَ شام جو مون وٽ پليجو آيو هو، آءٌ اونڌو ستو پيو هوس، چو تہ ڦٽڪن جي ڪري آءٌ سڻڻ سمهي ڪونہ ٿي سگهيس. پليجي مون کان اِهو سوال ڪيو تہ "ڦٽڪي لڳڻ تي دانهن تہ نہ ڪيئي؟" ؟ مون هن کي جواب ڏنو تہ 'نهروءَ پنهنجيءَ آتم ڪهاڻيءَ ۾ لکيو آهي تہ هڪڙي جلوس جي اڳواڻي ٻئي ڪيم ۽ انگريزن جي پوليس مون تي ايڏي تہ لٺ بازي ڪئي، جو دل چاهيو تہ پڇي وڃان ۽ پوءِ سوچيم تہ 'نهرو! جي تون اڄ هتان پڳين تہ هندستان جو مستقبل صديون پوئتي پڇي ويندو، ان ڪري جڏهن مون کي ڦٽڪا لڳا ٻئي ۽ هڪڙو ٽُٽي ٻہ پيو تہ دل چاهيو تہ دانهن ڪريان، پر سوچيم تہ مون دانهن ڪئي تہ سڄڻ جي سڀني سياسي قيدين جي دامن تي داغ لڳي ويندو."

سائينءَ جي عادت هوندي هئي تہ جيڪو ٻہ ڪارڪن قيدي جيل مان

چُنڻي سن پھچندو ھو، تنھن کي 100 رپيا موڙو ڏيندو ھو؛ پر مون کي 3000 هزار روپيا ڏنائين ۽ چيائين تہ "ڪاش! ھر ڪارڪن مون کي ائين سمجھي، جيئن نھروءَ کي تو سمجھيو" - ۽ پوءِ ھڪڙو فارسي شعر پڙھيائين، جنھن جو مفھوم اِھو ھو تہ-

"جنھن توکي ايذايو آھي، تاريخ قيامت تائين ان کي ايذائيندي رھندي."

سندس اِھو رويو ۽ شفقت صرف مون سان نہ، بلڪ سمورن ڪارڪن سان ھئي، ڪيس جڏھن ڪارڪن اچي چوندا ھئا تہ ھن پٽيءَ تي، ھن ڳچيءَ تي فوجين سنگينون ھنيون آھن تہ ھو انھيءَ پٽيءَ ۽ ڳچيءَ کي پنھنجن ڏکندڙ ڇپن سان چمندو ھو. چا اھڙو ڪو سياستدان توھان ڪڏھن ٻڌو، ڏٺو، يا پڙھيو آھي؟ آءٌ سمجھان ٿو تہ بينڪي راڄ جي خلاف جدوجھد جي تاريخ، مون پنھنجي ناقص علم مطابق جيتري پڙھي آھي، ان ۾ مون کي اھڙو مثال ڪونہ ٿو ملي. مون گانڌي، نھرو ۽ آزاد پڙھيا آھن، بلڪ آءٌ انھن جو ذري گھٽ حافظ آھيان. مون ھوچي منھ، ڪاسترو، ڪيبرال، سامورا ماشيل، جوموڪيناتا، بومدين، بن بالله، نڪروما، موغابي وغيره پڙھيا آھن، سڄي آفريڪا پڙھي آھي، سڄو ننڍو ڪنڊ پڙھيو آھي، پر ڪارڪن سان جي. ايم. سيد جھڙو رويو مون ڪنھن ۾ نہ ڏٺو. ڪاش! اڄ جي. ايم. سيد جي ڪرسيءَ تي ويھندڙ، ننڍڙن ۽ سازشي مفادن تي سوچڻ بدران وسيع تر مفادن تي ائين سوچين تہ ھوند ٻڌيءَ جا ٻيٽا ٿي پون.

◆

آهي کو اهڙو پيارُ کرڻ وارو!

هيءَ سال 1973 جي يادگيري آهي. ذوالفقار علي ڀٽي پاکستان کي غير آئيني طور هڪ آئين ڏنو هو- غير آئيني ان کري، جو ڀٽو صاحب جنهن آئين ساز اسيمبليءَ جو ميمبر هو، سا متحده پاکستان جو آئين ناهڻ لاءِ چونڊي وئي هئي، جنهن ۾ اڪثريت عوامي ليگ جي هئي، جيڪا ڀٽي صاحب جي آئين ناهيندڙ اسيمبليءَ ۾ موجود ئي نه هئي، ان کري سياسي اخلاقيات جي حوالي سان ڀٽي صاحب تي لازم هو ته هو رهيل پاکستان ۾ نئين سر چونڊون کرائي پنهنجي اڪثريت ثابت کري، پوءِ نئون آئين ناهي ها. پر ڀٽي صاحب وٽ شايد سياسي اخلاق نالي کاٻ شيءِ موجود نه هئي. ڀٽي صاحب جي انهيءَ کردار کي ڏسندي، مون کي 'اسپارٽيکس' (ناول) جون هي سٽون ياد ايندیون آهن:

"جيئن ته توهان هڪ سياستدان آهيو، تنهنکري مون کي ٻڌايو ته هڪ سياستدان چا هوندو آهي؟" مختصر جواب: "هڪ دغاباز ماڻهو."

- ۽ ڀٽو صاحب اهڙي دغابازيءَ ذريعي رهيل پاکستان جو آئين ساز ليڈر بنيو هو ۽ هُن پنهنجي سهڻي وزير قانون، حفيظ پيرزادي ذريعي مضبوط ۽ غاصب وفاقي ڍانچي تي ٻڌل آئين ناهيو هو. سائين جي. ايم. سيد، نئين پاکستان جي نئين آئين لاءِ پنهنجون تجويزون اڳ ۾ ئي ذوالفقار علي ڀٽي ڏانهن موڪلي چڪو هو، پر ملٽريءَ جي طاقت کان ڊنل ذوالفقار علي ڀٽي اُنهن تجويزن مان کنهن به تجويز کي آئين ۾ شامل نه کيو هو؛ چو ته ڀٽو، نهروءَ جي کاپي کرڻ جي باوجود نهرو نه هو، جنهن جي دماغ جون رڳون فوجي وردیءَ کي ڏسي کروڙ مان ڦڙکڻ لڳنديون هيون! فرق ظاهر هو، نهرو، آرميءَ جي گولين جي وسکاري ۾ سينو تاڻي اڳتي وڌي ليڈر بنيو هو ۽ ڀٽو صاحب فوجين جي جام و مينا جي محفلن مان ليڈر ٿي ايربو هو. ان کري هُن کي فلسفيانه تدبر کان وڌيڪ گوليءَ جي گونجار جي طاقت تي

پروسو ھو. اھوئي ڪارڻ آھي، جو ھُن پنجابي فوج جي حڪم موجب اھڙو آئين ناھيو، جنھن ڪي جي. ايم. سيد 'قومن جي غلاميءَ جو پنجوڙ' سڏيو ھو ۽ ڪارڪن ڪي اُن آئين خلاف وس ۽ وت آھر احتجاج جو سڏ ڏنو ھو. اُن وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر سيد غلام مصطفيٰ شاھ ھو، جنھن اھڙو بدتربن آئين ناھيندڙ حفيظ پيرزادي کي ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري ڏيڻ جو اھتمام ڪيو ھو، ۽ يونيورسٽيءَ ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن اھڙيءَ تقريب کي ڊانواڊول ڪرڻ جو پروگرام رڦيو ھو. بھرحال جلسي واري ڏينھن وڏي گڙبڙ ٿي. سنڌ جي گورنر بيگم رعنا لياقت علي خان جي وِگ ۽ لٽي ۽ ساڙھي ۽ ڦاٽي ۽ آئين جي خالق حفيظ پيرزادي جي ڳل تي اسماعيل وساڻ جي چمات احتجاج جو لافاني نقشو ناھي ڇڏيو. پوءِ جمھوريت پسند ۽ جمھوريت جو راڳ آلاپيندڙ ذوالفقار علي ڀٽي سنڌ ۾ اُھو ڀاڪر ڪُٽو مچايو ۽ 'پکڑيو ۽ ماريو' جي اھڙي مھم شروع ڪئي، جو تاريخ سان دلچسپي رکندڙ ماڻھن کي غير ملڪي وحشي، قاتل ۽ رھزن ارغونن جو دؤر ياد اچي ويو.

جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جا ليڈر گرفتار ڪيا ويا، جن مان اسماعيل وساڻ ۽ مولا بخش لغاريءَ تي وحشيانہ تشدد ڪيو ويو. ڪيترن ئي ڪارڪنن جون مائرون ۽ ڀينرون گرفتار ڪري ٽاڻن تي رکيون ويون. 'باقي بيگ' جي سنت تي عمل ڪندي، انھن جي سلوارن ۾ ڪوٺا ۽ ٻليون پڻ وڌيون ويون ھيون. انھن مائرن ۽ ڀينرن جا نالا معلوم ھجڻ جي باوجود احترام وچان آءٌ ڪونہ ٿو لکان، پر پنھنجي انھن مائرن ۽ ڀينرن کي آءٌ يقين ٿو ڏياريان تہ توھان جون اِھي بي حرمتيون، آزاد سنڌ ۾ عظمتن جا اھڙا مُنارا ثابت ٿيندیون، جن جي بلنديءَ ڏانھن ڏسندي بختاور ۽ آصفہ جي مٿن تان پوتيون ٻہ ڪري پوندیون!

اھڙي دؤر ۾ سيئي ڪارڪن- مرد ۽ عورتون- روپوش ٿي ويا ھئا، صرف آءٌ اڪيلو پنھنجي مدرسي واري شڪل صورت ڪري ڀچي ويس. اھڙيءَ حالت ۾ ھڪ روپوش ڪارڪُن مون وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو تہ 'سنڌ ۾ ويل وھي ويا آھن، ڪارڪن جون زندگيون خطري ۾ آھن، پئسو آھي ڪونہ! (جيئي سنڌ ھلچل جي مشڪلاتن مان ھڪ وڏي مشڪل پئسو ٻہ رھيو آھي، جيتوڻيڪ اُن تي ٻہ سنگين الزام لڳندا رھيا آھن: ھڪ ڏاڙيل فيڪٽر جو ۽

ڀيو ملڪي ايجنٽ ھجڻ جو! پر آءٌ سمجھان ٿو تہ جنھن پارٽيءَ وٽ اھڙا بہ ظاھر ذريعا موجود ھجن، سا پئسي جي معاملي ۾ ايڏي ڪنگال رھي نہ ٿي سگھي، جيڏي جيئي سڏ رھندي اچي)

مون دوست کي چيو "چا ڪجي؟" اُن مون کي چيو، "اسين سڀ روپوش آھيون ۽ سن شھر ايجنسين جي گھيري ۾ آھي، ان ڪري اسان مان ڪو سائين جي. ايم. سيد وٽ وڃي نٿو سگھي. اُن ڪري تون صبح جو سن وڃ ۽ سائينءَ کي سڄي حقيقت ٻڌائي، حيدر منزل تي اچي مون کي رپورٽ ڏي." ان وقت آءٌ مسجد ۾ پيش امام ھئس ۽ ساڻني وقت سائين جي. ايم. سيد جي تحريڪ جو اڃ اعلانيل ميمبر پڻ. اُن ڪري، اھڙا ڳجھا ڪم آءٌ پنھنجي پاڻي پُٽي تي سرانجام ڏيندو ھئس ۽ صبح جو ويڳن ۾ سن روانوٿي ويس.

حقيقت ھيءَ آھي تہ ننڍي کنڊ جي ٽن ماڻھن سان مون کي بي پناھ محبت رھي آھي ۽ اُنھن جي نالي اڃڻ شرط منھنجي رڳن ۾ رت جي گردش تيز ٿي ويندي آھي: جي. ايم. سيد، مولانا آزاد ۽ جواھر لال نھرو- ان ڪري آءٌ جڏھن بہ سائينءَ ڏانھن ويندو ھئس تہ منھنجي ڪيفيت بلڪل اُن عاشق جھڙي ٿي ويندي ھئي، جيڪو محبوب سان ملڻ ويندو ھجي. ان ڪري، سن رواني ٽيڻ وقت سواءِ ملاقات جي شوق جي ڪو خوف خطرو ۽ انديشو منھنجي ذھن ۾ نہ ھو. آءٌ اھڙي والھانہ شوق سان سن پھتس ۽ سڏو سائينءَ جي حويليءَ جي ان دروازي تي پھتس، جنھن لڳ ھينئر سائينءَ جي جانشين، سيد امير حيدر شاھ جي اوطاق آھي. اندر اطلاع ڪرايم. پنج منٽ ئي مس گذريا تہ سائين ڏيڀيءَ ۾ موجود ھو. اِھي ڳالھيون ياد ڪري اڄ جيءُ جھُريو پوي. آھي ڪو اھڙو ليڊر، جيڪو ھڪڙي غير معروف ڪارڪن جي اڃڻ تي ائين بيتابيءَ سان ملڻ لاءِ ھليو اچي. ھيءَ ان وقت جي ڳالھہ آھي جڏھن سائينءَ جي گھر سان لڳ سندس خواب گاھ ۽ خواب گاھ ڪان ٻاھران ملاقاتي ڪمرا نہ ٺھيا ھنا، ۽ سائين ملاقات يا تہ ڏيڀيءَ ۾ ڪندو ھو يا سندس درياھ واري بنگلي تي، جنھن جي ھاڻي صورت ئي تبديل ٿي وئي آھي. بھرحال زمانو گھٽو ڪجھہ بدلايو ڇڏي، اوتارا ۽ اوطاقون، خيال ۽ خواھشون، طور ۽ طريقا!

مون ڏيڀيءَ ۾ سائينءَ سان قومي ڪارڪن سان ٽيل ڪچھريءَ جا حال احوال ۽ خصوصاً اسماعيل وسان ۽ مولا بخش لغاريءَ سان ٽيل ورتاءُ ۽

نتيجي ۾ ڪورٽ ۾ وڃڻ لاءِ پنسن جي ضرورت جو ذڪر ڪيو. پاڻ اُن ڪارڪن جي باري ۾ پڇيائون ته اڄ ڪٿي هوندو؟ مون چيو حيدر منزل تي. سائينءَ چيو، "تون وڃ، نيرن موڪلياں ٿو، نيرن کر، تيستائين آءٌ تيار ٿي ڪارڪن جي پرگھور لھڻ لاءِ ڪراچيءَ هلان ٿو." هاءِ هاءِ! اي پياري سنڌ، اڄ تون اديبن ۽ دانشورن سان پري پئي آهين، اڄ تو ۾ اهڙا به ليدر آهن، جن جا ڪارڪن ته بوهي ۾ آهن، پر پاڻ ولايت جي عشرت ڪدن ۾ آرامي آهن! مجان ٿو ته اڄ تنهنجن ڇاون ۾ عقل وڌي وبو آهي، پر ڪارڪن سان اُها محبت ڪنهن وٽ آهي، جيڪا هُن پيڙهيائتي امير سيد وٽ هئي؟ ايستائين جو سَريءَ جو سيٺ خوبچند ۽ سندس پاءُ، جنهن جو نالو مون ڪان ان ڪري وسري وبو آهي، جو هُو ڊاڪٽر ٿيڻ کان پوءِ جي. ايم. سيد کي چڏي وبو هو. جيتوڻيڪ منهنجي خواهش آهي ته انهيءَ يادگار واقعي ۾ آءٌ هن جو به نالو ڏيان، پر هُن مون کي وساري چڏيو آهي، ان ڪري شايد مون کان وسري وبو آهي. سيٺ خوبچند کي سائين پنهنجي زمين جا ڪانا وڪٽي ڏيندو هو ۽ وقت سر ڪانئس پئسا وغيره به ڪٽندو هو. هي ستون لکندي مون کي دير لڳي آهي، پر سائين اُن کان به اڳ ۾ مڪمل تياري ڪري باهر نڪري آيو ۽ سيٺ کان سندس ڪيسي جي ڪيفيت پڇي، پاڻ سان گڏ گاڏيءَ ۾ وبهاري ڪراچي ڏانهن روانا ٿياسين. اسان کي خبر نه هئي ته انٽيليجنس اسان جي تاڙ ۾ آهي. اسان جيئن ڪراچيءَ لاءِ سفر ڪندي خاصائي شورن واري ڳوٺ وٽ پهتاسين، ته هڪ تيز رفتار ڪار اورٽيڪ ڪندي اسان جو رستو روڪي ورتو. خاصائي شورن جي باري ۾ اڳتي هلي مون تاريخ ۾ پڙهيو ته اُهي ڇا هُنا ۽ سنڌ لاءِ ڪيئن وڙهيا هنا. اڄ ته آءٌ جي. ايم. سيد سان گڏ هئس، جنهن جي وڏي شاهه حيدر جا شايد اهي خاصائي شورا عقيدتمند هنا! بهرحال گاڏي اڳيان اچڻ جي ڪري سائينءَ ڊرائيور کي چيو، گاڏي روڪ. سائينءَ جي گاڏي بيهڻ شرط بي گاڏيءَ مان سول ڊريس ۾ هڪ آفيسر لٿو، جنهن چيو ته "سائين، توهان اڳتي نٿا وڃي سگهو، توهان گرفتار آهيو!" سائينءَ ڏاڍي اطمينان سان هٿ باهر ڪڍي چيو، "وارنٽ ڏي!" آفيسر جواب ڏنو ته "سائين! وارنٽ ناهي. مون کي ڊي. سي دادوءَ زباني حڪم ڏنو آهي." ان تي سائينءَ کاوڙ مان ان آفيسر کي چيو ته ."بنا وارنٽ جي توهان جو بابو جناح به مون کي گرفتار ڪرائي نه سگهيو، ته ڊي. سي دادو ڪير

ٿيندو آھي؟ رستي تان گاڏي ھٽاءِ ۽ وڃي ڏي. سي دادو کي چئُہ تہ فلاڻي جي ڏُھٽي کي چئہ تہ منھنجي گرفتاريءَ لاءِ باقاعدي وارنٽ جاري ڪري. پر چا منھنجي گرفتاري سان ھو پنجابي فوجين کان بچي سگھندو؟" - ۽ پوءِ سائينءَ بہ ڊرائيور کي حڪم ڏنو تہ گاڏي تيز ھلاءِ. ان طريقي سان اسين جامشوري ڦاٽڪ وٽ پھتاسين، جتي سائينءَ اسان ٻنھي کي گاڏيءَ مان لاھي چيو تہ "مون کي ڪراچي پھچڻ کان اڳ ۾ گرفتار ڪندا ۽ آءٌ نٿو چاھيان تہ اُن وقت توھان بہ مون سان گڏ ھجو ۽ گرفتار ڪيا وڃو." اسان لھي پياسين ۽ پاڻ ڪراچيءَ ڏانھن روانو ٿيو. رواني ٽيڻ کان اڳ ۾ مون کي حڪم ڪيائين تہ "ڪنھن طريقي سان حيدرآباد مان حيدر منزل فون ڪري ھن سڄيءَ صورتحال جو اطلاع ڏئي، شاگرد ليڊر کي اتان ڪسڪي وڃڻ جو چئجاءِ، باقي جيڪو ٿيندو ڏٺو ويندو."

آءٌ حيدرآباد ھليو ويس، پر ٽيليفون جي ڪابہ سھولت نہ ملڻ ڪري حيدر منزل سان رابطو نہ ڪري سگھيس ۽ ٻئي ڏينھن اردو اخبارن جي وڏين سرخين ۾ پڙھيم تہ جي. ايم. سيد گھگھر ڦاٽڪ وٽ گرفتار، سندس ڪار جي ڊگيءَ مان چائنا جي نھيل استين گن برآمد. واقعي ان وقت سائين ڪميونسٽ ملڪن ۾ نھندڙ ھٿيار ڏسڻ جو شوقين ھو، ۽ انھيءَ سلسلي ۾ سائينءَ چائنا جي استين گن گھرائي ھئي، پر ان کي استعمال ڪڏھن بہ نہ ڪيو ھنائين ۽ اُھائي استين گن شايد سائين سفر ۾ گڏ ھئي. بھرحال سائينءَ کي حيدر منزل تي نظربند ڪيو ويو ۽ اتان ويھي سائينءَ ڪارڪن جي پريور قانوني ۽ اخلاقي مدد ڪئي، جنھن جي نتيجي ۾ ھُن جون زندگيون بچيون ۽ سائين پاڻ پوءِ سمورو عرصو زندان جي حوالي رھيو.

منھنجي خيال ۾ ننڍي کنڊ ۾ اھڙو ڪو ليڊر مشڪل ئي ملي، جيڪو جيجن ڪارڪنن جي پيڙا تي پاڻ ائين پيڙجي وڃي، ۽ شايد ئي اھڙو ڪو سياستدان ھُجي، جيڪو ڪارڪن سان ايڏو پيار ڪندو ھجي، جيڏو جي. ايم. سيد ڪندو ھو!

ھڪ دفعي عابدہ پروين ڳائي رھي ھئي، جنھن جي ڪنھن سُر تار تي ناراض ٿي رئيس ڪريم بخش چيو تہ 'غلط پئي ڳائي، راڳ بند ڪرايوس'. ان تي ڪارڪن زوردار اصرار ڪيو تہ عابدہ ڳائي ۽ سائينءَ عابدہ کي ڳائڻ

جو چيو: جنھن تي رئيس ناراض ٿي چيو تہ "شاھ صاحب! تون بہ ھن چورن جي چوڻ تي ٿو ھلين!" اُن تي سائينءَ اکين ۾ ڳوڙھا آڻيندي چيو ھو تہ "رئيس! مون سڏ جي لاءِ جاکوڙ ڪندي ھر طبقي جي ماڻھن کي آزمايو، پير مون کان پري ٿي ويا، مير پڄي پاسي ٽيا، وڏيرن دغائون ڪيون، ملن کفر جون فتوائون ڏنيون، آءٌ اڪيلو ٿي ويس ۽ انھيءَ اڪيلائيءَ ۽ بيوسيءَ ۾ مون کي چوٽو پيو ھو تہ:

سکن واري سڏ، متان کا مون سين ڪري،
اندر جنين اڌ، ڏونگر سي ٿي ڏوربنديون!

۽ پوءِ مون کي ھي چوکرا مليا، جن سان منھنجو سماجي، خانداني، روايتي ۽ سياسي ڪوبہ رشتو نہ ھو. مون صرف اِھو سڏ ڏنو ھو تہ 'آھي ڪو اھڙو، جيڪو سڏ جي سورن واري سفر جي خاتميءَ واري ھن جدوجھد ۾ منھنجو ھاڻھن ٻيلي ٿئي.' - ۽ انھيءَ سڏ تي ھي نوجوان پوئرن وانگر پري آيا. ھن جي جسمن ۽ روحن تي اُھي سڀ زخم موجود آھن، جيڪي زخم ھڪ ظالم رياست، مظلوم ۽ محڪوم قوم ۽ اُن جي نسل جي جسمن ۽ روحن کي پھچائيندي آھي. ۽ اِھي پوءِ نہ مون سان گڏ آھن. اڄ سڏ جي سڏ جو پڙاڏو اِھي ٽي چوکرا آھن ۽ منھنجي تحريڪ جي زندگيءَ، توانائيءَ ۽ جانثاريءَ جو جيئرو جاڳندو ثبوت! اُن ڪري، مون کي ھر اُھا شيءِ پياري آھي، جيڪا ھن جي روحن ۽ ذھن کي نہ رڳو گرمائي، پر اُنھن ۾ آزاديءَ جي تڙپ جو اھڙو لافاني نغمو تخليق ڪري، جيڪو سموريءَ دنيا جي محڪومن جو ازلي ۽ ابدي گيت بنجي وڄي. تون منھنجو دوست آھين، ناراض ٿي وئين تہ پرواھ ڪونہ، پر ھن نوجوانن جي دلين جو شعلو جيڪڏھن وسامي ويو تہ پوءِ ھن قسم جو ھيترو نسل تيار ڪرڻ ۽ اُنءَ جي روحن ۾ اُھو شعلو ٻارڻ لاءِ نہ معلوم گھٽيون زندگيون کپنديون. ان ڪري، ھن جي جذبن جي سامھون بند نہ ٻڌ، چو تہ جوانيءَ جي اُمنگن جي سامھون بند ٻڌندڙ پوڙھا، قومن جي تباھين جا ذميوار ٿي پوندا آھن. پيري، بيزاريءَ ۽ چڙ واري وھي ٽيندي آھي، جنھنڪري اُھا ڪڏھن ڪڏھن بلبل جي نغمہ سنجيءَ کي پنھنجي آرام ۾ خلل وجھندڙ سمجھندي آھي. مون اُن جو علاج اِھو ڳوليو آھي تہ آءٌ پنھنجي پيريءَ کي جوانيءَ جو روپ ڏيئ ۽ دل جي

گل کي مرجھائڻ کان بچائڻ لاءِ نوجوانن جي محفلن، مجلسن، نعرن ۽ اُنھن جي رومانس جي دلچسپ ڳالھين ۽ گفتن ۾ رڳو مشغول رھندو آھيان، پر انھن جھڙو معصوم، الھڙ ۽ ابھرو پيار ڪندڙ بنجي ويندو آھيان. اُن ڪري، اِھي نوجوان نہ رڳو منھنجيءَ تحريڪ جو خزانو، پر منھنجي طبيعت جي توانائيءَ جو بہ ذريعو آھن."

(نوٽ: ھي لفظ منھنجا آھن، گفتگو سائينءَ جي آھي.)

هُو، جنهن وٽ دوستيءَ جو احترام هو!

نومبرجي 27 تاريخ مون کي هڪ اهڙي شخص وٽ وڃڻو پيو، جيڪو 1978ع کان وٺي باقاعدي قومي تحريڪ سان واڳيل آهي، ۽ هوڻئن تمام گهڻي وقت کان وٺي سائين جي. ايم. سيد جو عقيدتمند ۽ فڪري پوئلڳ رهيو آهي. منهنجو سائس نيازمنديءَ وارو رستو پڻ 1978ع کان ئي آهي.

اڇڪلهه مون کي فرصت ملندي آهي ته آءٌ پنهنجن پراڻن دوستن ۽ رفيقن سان ڪجهريون ڪرڻ لاءِ ويندو آهيان، ان جا ٻه سبب آهن: (1) ابراهيم 'ذوق' جو هڪ شعر آهي ته:

اي ذوق! کسي همدم ديرينه سي ملنا،
بهتر هي ملاقات مسيح و خضر سي.

انهيءَ شعر جي عملي تشريح پراڻن دوستن سان ملڻ وقت تازي ٿي ويندي آهي ۽ ڪجهه وقت لاءِ ائين محسوس ڪندو آهيان ته زماني جي ستم ظريفين کان پڄي ڪِن سگهارن سهارن جي پناهگاهه ۾ پهچي ويو آهيان، جتي خلوص آهي، محبت آهي، پنهنجائپ آهي ۽ بيغرض دوستي آهي. بيغرض دوستي، اهڙي شيءِ آهي، جنهن کي دنيا جي ڪائي طاقت توڙي مروڙي ختم ڪري نٿي سگهي.

حقيقت ۾ منهنجي لاءِ اڄ سڀ کان وڏو سرمايو ۽ سهارو اِهي جهونا جوگي ۽ پراڻا دوست ئي آهن، جن وٽ پهچڻ سان ائين محسوس ڪندو آهيان، جڻ گهايل هرڻ ڏرتي لتاڙي ڪنهن ترائيءَ تي پهچي ويو آهي. ميرپورخاص جو هڪ وڪيل ديدار چلگري چوندو آهي ته 'هر پراڻي شيءِ بيڪار آهي، پر پراڻي دوستي ۽ پراڻي شراب جو دنيا ۾ جواب ئي ناهي'، ۽ آءٌ ان ۾ اِهو واڌارو ڪندس ته اُها دوستي به سياسي نه، پر ذاتي هجي. سائين جي. ايم. سيد ۽ خان عبدالغفار به ذاتي دوستيءَ کي وڏي اهميت ڏيندا هئا. سندن چوڻ هو ته اسان کي سياسي دوستن ته، نه معلوم ڪيترا ڏنب ۽ ڏنجهه ڏنا آهن، پر اسان جي ذاتي دوستن اسان سان هميشه پلائيءَ

جا پير ڪيا آھن ۽ ھر ڏڪڻي وقت ۾ محبوب وانگر ڪاڪل چوڙي ڪڪر- چانوَ ٿيا آھن- پوءِ اُھي ذاتي دوست جيڪڏھن سياسي دوست بہ بنجي وڃن، يا سياسي دوست، سياسي دوستيءَ کي ذاتي دوستيءَ ۾ تبديل ڪري چڏين تہ پوءِ اِھو رشتو لازوال ۽ بيمثال ٿي ويندو آھي.ان ڪري، سائين جي. ايم. سيد جڏھن لاڙ جي دوري تي نڪتو ھو تہ سڀ کان پھرين ھو پنھنجي ذاتي دوست مومن ملير ائيءَ جي مزار تي ويو ھو. اِھو بہ سيد جو ڪمال ھو جو دوستيءَ ۾ غريبيءَ ۽ اميريءَ يا ڏاھپ ۽ اڻڄاڻائيءَ ۾ ڪوبہ فرق نہ ڪندو ھو- نہ تہ چا مومن ملير ائي ۽ چا جي. ايم. سيد! ھڪ ميمڻ ڳوٺ جو نيم مجذوب ۽ حسن پرست شاعر مومن ملير ائي ۽ ٻيو علم ۽ ساڃاھ جو صاحب جي. ايم. سيد! پوءِ بہ ھو جي. ايم. سيد جو دوست ھو، اُن ڪري سائين نہ صرف سندس مزار تي ويو، پر پنھنجي ھڙان ھُن جي مزار پکي ڪرائڻ جو اعلان پڻ ڪيائين. ان کان پوءِ ھو ٿتي ۾ شيرازين وٽ وڃڻ کان اڳ مرحوم محمد صديق پکيڙي جي گھر ويو ۽ سندس وچوڙي تي ھنجون ھارڻ لڳو. محمد صديق پکيڙو، ڪنھن وقت سياسي طرح جي. ايم. سيد جو مخالف ھو، چو تہ ھو گانڌيءَ جو پوئلڳ ھو ۽ سائين مسلم ليگ ۾ ھو. محمد صديق پکيڙو ايڏو تہ گانڌي وادي ھو، جو ھُن مرڻ گھڙيءَ تائين پنھنجي مٿي تان گانڌي ٽوپي نہ لاٿي، پر جي. ايم. سيد سان ھُن جو جيڪو ذاتي تعلق ھو، ان جي شيشي تي ڪڏھن بہ ڪڪر پوڻ نہ ڏنائين. مومن ملير ائي ۽ محمد صديق پکيڙو ٻئي ڄڻا ھر عيد پنھنجن ٻچن سان ملھائڻ بدران سن ۾ سائين جي. ايم. سيد سان گڏ ملھائيندا ھنا، ان ڪري جي. ايم. سيد کي سندن احساس ۽ ذاتي دوستيءَ جو قدر ھو.

ٿتي کان پوءِ سائين ماتليءَ ۾ پنھنجي ذاتي دوست ۽ باباءِ ثقافت رئيس ڪريم بخش خان نظامانيءَ جي گھر ويو. ھن ٻنھي شخصن جي طبيعتن ۾ بہ زمين ۽ آسمان جو فرق ھو: رئيس، شراب، ڪباب ۽ شباب کي زندگيءَ جو سرمايو سمجھندو ھو ۽ ھو جڏھن پيالو پربندو ھو تہ شايد سڄيءَ ڪائنات جي روشني سندس پيالي ۾ پلٽجي ايندي ھئي، جڏھن سون سريکو بدن، سندس آڏو عضون جي شاعري ڪندي نچندو ھو تہ ھُن لاءِ ڪائنات جا سمورا رنگ ۽ روپ ان ھڪ جسم ۾ گڏ ٿي ويندا ھنا ۽ جڏھن ھارمونيم تي ھٿ ۽ طبلي تي ٿاپ لڳندي ھئي تہ ھو سمجھندو ھو تہ خدا تخليق جي عمل

ھر مصروف ٹي ويو آھي! ٻئي پاسي جي. ايمر. سيد ھو، جنھن جي زندگي ائين شفاف ۽ پاڪيزه ھئي، جھڙو مخدوم بلاول جو پٽڪو ۽ روضو- پر پوءِ ب ٻنھي ھر ذاتي دوستي ھئي ۽ ان کي ٻئي ڇٽا توڙ تائين نپائيندا آيا.

پڙھندڙن کي شايد حيرت ٿئي تہ مولانا آزاد پنھنجي جڳ مشھور ڪتاب 'غبار خاطر' جا بيمثال ۽ بي دل خط پنھنجي ھڪ ذاتي دوست حبيب الرحمان شيرواني ڏانھن لکيا آھن، جيڪو سندس سياسي مخالف ۽ مسلم ليگ سان ھمدردي رکندڙ ھو، پر اُھو مولانا جو ذاتي دوست ۽ ھم ذوق ھو، ان کري اھڙا شاھڪار خط صرف ان جي ئي حصي ھر آيا.

(2) **ٻي ڳالھ** تہ مون کي نون ۽ سياسي دوستن ايڏو تہ رنجايو آھي ۽ دغائون ڏنيون آھن، جو آءٌ ھن شعر وانگر ٿي ويو آھيان:

سنڊڙي تنھنجي سينڊ ڏسي،
رات پٽائي گھوٽ رنو!

منھنجي من جي مٽيءَ ھر،
ڏاڙھونءَ جھڙو ڏنپ ڦٽو.

ھينئڙو گھايل ھرٽيءَ جيان،
سامھون سارو واريا سو.

(ايار)

اُھي آرين جيان آيا ۽ آسوءَ جي ڪرن وانگر ٽڙندا پکڙندا ويا. نہ رڳو مون کان سياسي سفر ھر ڌار ٿي ويا، پر سندن جھوليءَ ھر موجود الزامن، دليلن ۽ منطق جا سمورا تير مون تي وسائيندا ويا: ان کري منھنجو مرکز ۽ محور ھاڻي پراڻا دوست ئي وڃي رھيا آھن، جن سان ڳالھين جا چار چؤنڪ ڪرڻ لاءِ وٽن ھلي ويندو آھيان ۽ موت ھر من اندر جو اٽاھ آنند حاصل کري موٽندو آھيان.

سو اُن ڏينھن ب آءٌ پنھنجي ھڪ پراڻي سياسي ۽ ذاتي دوست وٽ ڪچھريءَ لاءِ ھلي ويس. اھا تہ ان ٽيٽي ڳالھ آھي، جو ڪنھن سياسي ۽ ذاتي دوست وٽ وڃجي ۽ جي. ايمر. سيد جو ذڪر نہ ڇڙي:

قفس اُداس ھي يارو، صبا سي کجھ تو کھو،
ڪ بھرِ خدا آج ڪجھ ذکرِ يار چلي!

سو 'يار' جو ذڪرَ نڪرڻ تہ هر جڳهہ تي لازمي آهي. هيءَ عجيب ڳالهہ آهي تہ جي. ايم. سيد کي زندگيءَ ۾ سنڌي ماڻهن گهربل موت نہ ڏني، پر اڄ ڪشمور کان ڪارونجهر تائين نجي محفلن ۽ ڪچهرين ۾ جيترو ذڪر سيد جو هلي ٿو، اوترو شايد ئي سياسي طرح ڪنهن ڪامياب سياستدان جو هلندو هجي. ان جو سبب ممڪن آهي تہ اهو بہ هجي، تہ سنڌي ماڻهو اڄ جنهن دور مان گذري رهيا آهن، تنهن جو آئينو سيد اڳوات ڏيکاري ڇڏيو هو، ان کري هو سندس ذڪر وسيلي پنهنجي جسماني ۽ روحاني پيڙائن کي جهکي ڪرڻ لاءِ سکون خاطر گهڙيون گهارڻ چاهيندا هجن.

بهرحال سموريءَ سنڌ جي ڳوڻن ۾ هلندڙ اُن روايت موجب، هُن مون کان هڪ عجيب سوال ڪيو تہ "جي. ايم. سيد جي سن ۽ موجوده سن ۾ جيڪو جي. ايم. سيد جي جسماني وجود کان سواءِ آهي، توهان کي ڪهڙو فرق ٿو محسوس ٿئي؟" مون کيس وراڻيو تہ "مون اهو فرق ان وقت ئي اخبارن ۾ ظاهر ڪيو هو، جڏهن بينظير پٽو وزير اعظم جي حيثيت ۾ سائين جي. ايم. سيد جي عذرخواهيءَ لاءِ آئي هئي. ان وقت مون چيو هو تہ 'سائينءَ جي موجودگيءَ ۾ اسان وقت ۽ ويلو ڏسڻ کان سواءِ سندس خواب گاهہ ۾ بہ هليا ويندا هئاسين، پر ڪنهن اسان کي نہ ڪڏهن روڪيو ۽ نہ ٽوڪيو؛ پر هيءُ پهريون دفعو آهي جو جي. ايم. سيد جي بنگلي ۾ ويهڻ لاءِ بہ مون کي پاس ڏني وڃي آهي.' جيتوڻيڪ سيد جي جسماني موجودگيءَ ۾ ضياءُ الحق بہ سن اڍڻ جو پروگرام ناهيو هو ۽ اها ڳالهہ سائينءَ اسان سڀني کارڪنن کي ٻڌائي هئي، پر اهو نہ چيو هئائين تہ سن ۾ توهان کي پاس وڃي اڇٽو پوندو. ليڪن هاڻي سن ۾ اهو وي. آءِ. پي پروٽوڪول وڌندو پيو وڃي. سائينءَ جي موجودگيءَ ۾ حيدر منزل تي هڪ دفعو الطاف حسين پنهنجي بادي گارڊن سميت سائينءَ سان ملڻ آيو هو- هتي هي بہ ٻڌائيندو هلان تہ سائينءَ جي موجودگيءَ ۾ سن توڙي حيدر منزل ٻنهي رهائش گاهن جا دروازا هرڪنهن لاءِ ڪليل هوندا هئا، اڄ وانگر هن لوهي گيٽن ۽ رسيپشن تي ويٺل جو رواج نہ هوندو هو- تہ الطاف صاحب جڏهن هٿياربند دستي سان گڏ حيدر منزل ۾ داخل ٿيڻ گهربو تہ جيئي سنڌ جي ڪارڪن کيس چيو تہ 'هي گهر امن جو گهر آهي، ان ۾ ڪوبہ هٿيار ڪٽي وڃي نہ ٿو

سگھي. ھتي ايندڙن جي حفاظت اسان جي ذميواري آھي' - ۽ پوءِ الطاف حسين پنھنجن سيني بادي گارڊن کي ھٿيارن سميت باھر وڃي گاڏيءَ ۾ وبھڻ جو حڪم ڏنو ھو.

ھتي ھڪ ٻيو واقعو ٻہ توھان کي ٻڌايان تہ مون سنڌ جي وزير اعليٰ جام صادق علي خان کي ٻہ ٻنا پروٽوڪول ۽ ٻنا پھريدارن جي سائينءَ جي بنگلي ۾ ويڙل ڏٺو، البت سندس ھٿ ۾ ڪنھن ھٿيار بدران وُڏکا جو گلاس ضرور ھو."

ھن دوست منھنجي انھيءَ ڏڳھيءَ پروٽوڪول واري تقرير کان بيزار ٿيندي چيو تہ 'آڻ اھو ڪوٺ ٿو پچان، آڻ ٻيو فرق ٿو پچان!' مون کيس چيو، تہ 'اھو تون ئي ٻڌاءِ' . ھُن چيو تہ ڪالھوڪين اخبارن ۾ آيو آھي تہ جيئي سنڌ جي ڪجھ سياسي ورڪرن سن ۾ ھڪڙو اجلاس ڪوٺرائي، ڌار پارٽي ٺاھڻ جو اعلان ڪيو آھي. مون وٽ اھو وڏو فرق آھي تہ سائينءَ جي موجودگيءَ ۾ آڻ سن ۾ 1978ع کان وٺي ويندڙ آھيان، پر سيد جيڪي ٻہ اجلاس گھرايا، سي قوم ۽ پارٽيءَ کي متحد ڪرڻ لاءِ گھرايا ۽ ڪوبہ اھڙو اجلاس سن ۾ نہ ٿيو، جنھن ۾ پارٽيءَ کي ٽوڙي ٻہ اڌ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ھجي. آڻ مڃان ٿو تہ سندس زندگيءَ ۾ تحريڪ اندر مختلف گروھہ ۽ گروپ ھنا، پر ھو انھن کي ڪنھن نہ ڪنھن اداري ۾ گڏ ويھڻ ۽ گڏيل فيصلا ڪرڻ لاءِ مجبور ڪندو ھو، پر ڪنھن ٻہ اھڙي ميٽنگ جي اجازت نہ ڏيندو ھو، جنھن ۾ ظاھر ظھور پارٽيءَ کان ڌار ٿيڻ جو اعلان ڪيو وڃي. مون وٽ تہ اھو وڏو فرق آھي، جو سائينءَ جي موجودگيءَ ۾ محمود ھارون ۽ باقر سنائي ھڪڙيءَ ٽيبل تي ويھي ڪاڏو ڪائيندا ھنا ۽ سنڌ لاءِ گڏيل جدوجھد جو وچن ڪندا ھنا، ۽ اڃوڪي سن ۾ تہ رياض لغاري ۽ مير عالم مري ٻہ گڏجي ويھڻ لاءِ تيار نہ آھن. منھنجيءَ نظر ۾ اھو وڏي ۾ وڏو فرق آھي. جينوٽيڪ الگ ٿيندڙ سڀ چون ٿا اسان جو مرڪز سن آھي. منھنجي خيال ۾ سن، شاھ حيدر جي زماني کان وٺي ھڪ شھر نہ رھيو آھي، پر اُھو سنڌ جي آزاديءَ، اتحاد، امن، مذھبي رواداريءَ ۽ پائيچاري جو مخدوم بلاول جو چڏيل ورثو رھيو آھي، ان ورثي کان اسين الگ ٿيندا ٿا وڃون. قوم کي متحد ڪرڻ جون ڳالھيون ڪريون ۽ پارٽيءَ ۾ گڏ رھي نہ سگھون. عجب آھي تہ قوم سان پيار ڪريون، پر ڪارڪنن تي عيبن جا الزام ھڻي انھن کي

ڏکي ڏار ڪريون! جان ۽ مال جي قرباني جي تہ هام هٹون، پر پنهنجي حقير خواهش ۽ سوچ جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار نہ هجون! چا سيد تي اِهي الزام نہ لڳندا رهيا تہ هو عيبن هاڻي قوم جي عيبن هاڻ ماڻهن کي پاڻ سان گڏ ڪٹي هلڻ ٿو چاهي؟ پر هو چوندو هو تہ:

پڪا رڄ ڪنيار جا، پڪي نهائين،
مون کي تهائين، پيلو پاگي آنيو!

يا

تانسين پگي سين ٹي پير، جانسين رتو راس ٹٹي!

اِهو چا هو؟ اهو عوام جي فطرت تي بي پناهہ اعتماد هو: ان جي فطري نيڪيءَ، فطري شرافت ۽ فطري بهادريءَ تي بي پناهہ ايمان هو، ۽ ان ايمان جي آڏار تي پارٹين کان وڌيڪ عوام جي نجات تي پروسو هو. اُهو پروسو، انهن بکين، ڏکين، پيڙين، غليظ ۽ ذلت جي ماريل ماڻهن جي گڏيل هجومن جي نعرن، وارن، حملن، هلاٹن ۽ هلچلن جي اُٹکت سلسلي جو اهڙو آغاز هو، جيکو انجام تائين پهچندي، ماڻهن مان سڀ غلاظتون ۽ ذلالتون ختم ڪري، کين نئين دور جو نئون انسان بنائي ڇڏيندو هو. اِها سوچ سيد جي هئي، جنهن تي عمل، سنڌ بدران ايران کيو، خميني‌ءَ جي سڌ تي: چو تہ خميني‌ءَ وٹ کابہ پارٹي نہ هئي، پر هُن وٹ پيغام هو، جنهن پيغام جي سامهون سڀ پارٹيون شڪست کائي ويون!

◆

چا تہ شخص هو!

مُون کان هڪ دفعو ڪراچيءَ جي هڪ اردو ڳالهائيندڙ دانشور پُڇيو تہ "تُنهنجيءَ نظر ۾ سنڌ جي معلوم تاريخ ۾ وڏو ماڻهو ڪير هو؟" آءٌ، جواب ڏيان ٿي ڏيان، اُن کان اڳ ۾ هُن چيو تہ "لطيف کان سواءِ مُنهنجيءَ نظر ۾ سيد صاحب سنڌ جي معلوم تاريخ جو سڀ کان وڏو ماڻهو، اثرانداز ماڻهو ۽ تبديلي آڻيندڙ ماڻهو آهي.

"سنڌ جي گُذريل تاريخ ۾ تمام وڏا ماڻهو ٿي گذريا آهن، جن پنهنجي پنهنجي ميدان ۾ غير معمولي، يادگار ۽ بيمثال نقش و نگار ڇڏيا آهن: مثال طور، اُن سِول انجنيئر جو مثال دُنيا پيش ڪري سگهي آهي، جنهن موهن جي دڙي جي ترتيب ۽ نقشي بندي ڪئي هئي؟ اُهي پنڌت ۽ پروهت، جن سڪندر يونانيءَ کي فلسفي جا گُجهہ ۽ مسئلا بُڌايا، جيڪي يوناني فلسفي کي ٻہ مات ڏيندڙ هئا، تن جو ٻہ ثاني نہ ٿو ملي. ڏاهر جي بهادريءَ، حب الوطنيءَ، مذهبي رواداريءَ ۽ خوداعتماديءَ جو اُن دور جي وحشيانہ تاريخ ۾ ڪوئي مثال نہ ٿو ملي، پر اُهو ٻہ سنڌي سماج جي سيني لاڙن، ڪيفيتن ۽ رُخن تي اثر انداز ٿي ڪي مثبت تبديليون آڻي نہ سگهيو. ان طريقي سان توهان سموريءَ سنڌ جي تاريخ جو جائزو وٺو تہ ڪوئي هڪ شخص، سيني سماجي پهلوئن تي اثرانداز ٿيندي نظر نہ ٿو اچي، سواءِ جي. ايم. سيد جي. هي عجيب ماڻهو هو، جيڪو نہ جديد علمن جي 'آڪسفورڊ' ۽ 'هاورڊ' يونيورسٽين ۾ پڙهيو، ۽ نہ ئي مشرقي علم جي مرڪزن 'ديوبند' ۽ 'الازهر' ۾ تعليم حاصل ڪيائين: پوءِ ٻہ هُن سنڌي سماج جي هر رُخ تي نہ رڳو اٽڪ اثر ڇڏيا آهن، ليڪن اُنهن ۾ اُٿل پٿل ۽ تبديلي پيدا ڪئي آهي. سياست جي ميدان ۾ سنڌ، جيڪا جاگيردارن ۽ پيرن جي اثر ۽ رسوخ جي ڪري دقيانوسي طريقن تي هلندي هئي، اُن ۾ هي پهريون شخص هو، جنهن علمي ۽ نظرياتي سياست جو نہ رڳو ٻوٽو پوکيو،

پر اُن کي پنهنجي خونِ جگر سان سينچي، تناور درخت بنايو- حالانڪ جنهن دور ۾ سيد صاحب سياسي ميدان ۾ قدم رکيو، اُن دور ۾ ننڍي کنڊ ۾ سياست، پنسي ۽ زبان جي زور تي تبديل ٿيندي هئي. ان دور ۾ توهان ڏسندؤ تہ عوام سان مخاطب ٿيڻ جو ذريعو خطابت ۽ پنسو هو، پر سيد صاحب، اُن وقت بہ زبان جي زور تي دليون فتح ڪرڻ بدران پنهنجي قلم جي ذريعي سُتل دماغن کي سجاگ ڪرڻ لاءِ جاکوڙيو. اُن وقت کي ليڈر عوام جي بي عقل هجومن کي راتين جو پنهنجي زبان درازيءَ جي ذريعي مسحور ڪندا هئا، ۽ پيا هوتلن ۾ دعوتن جي ذريعي ماڻهن کي پنهنجو هم خيال بنائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا؛ پر اُن وقت هي سيد زادو سياست جا رموز سکڻ لاءِ لائبرربن ۾ ويٺل هوندو هو، ۽ اهوئي سندس طريقو آخر تائين برقرار رهيو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ وقت جي حڪمرانن عوام جي رابطي کان ڪٽڻ لاءِ هن کي جيلن ۽ نظربندين جي حوالي ڪيو، پر هُن اُتي وبهي، پنهنجي تاريخي ۽ ثقافتي شعور کي قلم ذريعي ڪتابن جي صورت ۾، عوام تائين پهچائڻ جي جاکوڙ جاري رکي. اهڙي طريقي سان هُن پاڪستان جي خود ساخته نظريي جي ڪوٽ جون پاڙون کوکليون ڪرڻ شروع ڪيون، ۽ هُو جو اياز چيو آهي تہ:

مُون ڏات انــوکــي آنــدي آ،
ٿي تنـد وڙهي تلوارن ســان،
ٿـا تـنـهـنجا بـاري بُرج لڏن،
تون هيـڻـو آن هٿيـارن ســان!

حقيقت ۾ اهو شعر سيد صاحب جي قلمي پورهئي سان نهڪي ٿو اچي. مون کي خبر ناهي تہ ايازُ، اُن وقت جي. ايم. سيد جي پورهئي کان واقف هو يا نہ، پر ڪڏهن ڪڏهن خيالَ ڪبوترن وانگر لُڏامي، هڪ دماغ کان ٻئي دماغ تائين پهچي، پنهنجا آکيرا ناهيندا آهن.اُن کري، سنڌ ۾ اڄ جيڪا توهان کي ڪتابي ۽ نظرياتي سياست، مارڪسزم کان وٺي مذهبي تنظيمن تائين نظر اچي ٿي، اُن جو باني جي. ايم. سيد آهي. هُن رڳو نظرياتي سياست تائين پنهنجي قلم کي محدود نہ رکيو، پر اُن کي سنڌي ڪلچر ۾ مثبت تبديلين آڻڻ ۽ اُن جي ماضيءَ جي مثبت قدرن کي فروغ ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هُن سموري سماج کي مشرقِ وسطيٰ جي حصي طور

هجڻ کان کٽي، نج سنڌي سماج ۾ تبديل ڪيو. ان کي نالن، ذاتين، لباس، تعميرات، کاڌ خوراڪ ۽ سوچ جي اجنبي خوابن کان الڳ ڪري، سنڌ جي نقشي ۾ مُندي‌ءِ ۾ ٽڪ وانگر بيهاريو. تاريخي ڪردارن جي صحيح سڃاڻپ ۽ روشن شعور عطا ڪيو، جيڪو مذهب، ذات پات ۽ نسل کان مٿانهون هو. ادب ۽ شعر کي به هُن نئي نوان رُخ، نوان لاڙا، حالتن سان نهڪندڙ موضوع ۽ عوامي دلين کي چهندڙ ۽ ڪشش ڪندڙ لهجا، اُسلوب ۽ اُمنگ ڏنا. وڏي ڳالهه ته هُن نه رڳو اهو ڪم نظرياتي طرح ڪيو، پر اُن ۾ هُن پنهنجو ڪردار سپهه سالار وارو ادا ڪيو- هڪ اهڙي سپهه سالار جو ڪردار، جيڪو تلوار کڻڻ کان وٺي مرڻ گهڙي‌ءِ تائين ميدانِ جنگ ۾ رهيو هجي. ڪنهن جرنيل لاءِ اهو نه ڏٺو ويندو آهي ته هن گهٽيون جنگيون کٽيون ۽ کيترين ۾ شڪست کاڌي، پر ڏٺو اهو ويندو آهي ته آيا هن ڪنهن مورچي تي، ڪنهن ميدان تي، ڪنهن گهڙي‌ءِ هٿيار ڦٽا ڪيا؟ گهٽ ۾ گهٽ سيد صاحب لاءِ اسان اهو چئي سگهون ٿا ته هُو سنڌ جي سياست، ثقافت، ادب، تاريخ ۽ نئين سماج اڏڻ واري‌ءِ جنگ ۾ ڪڏهن به پوئتي نه هٽيو. هن محاذ ۽ مورچا يقيناً تبديل ڪيا، پر هُن جي هٿ ۾ جيڪو جهنڊو رهيو، اُهو سدائين سربلند رهيو: جنهن تي سنڌ جي آزادي، سنڌي سماج جي باوقار بُلندي، سنڌي ادب جي جديد رُخن ۾ پيش قدمي ۽ مذهبي طرح انسانيت دوستي ٻي لکيل رهي- ۽ ڪنهن ماڻهوءَ جي بيمثال عظمت لاءِ اهوئي ڪافي آهي ته هُن سماج جي سمورن ترڪيبي جُزن تي کيترو اثر وڌو ۽ اُن ۾ کيتري تبديلي آندي، ۽ پنهنجي‌ءِ قوم کي هڪ واضح منزل، واضح مقصد ۽ خوشحالي‌ءِ، عزت، آزادي‌ءِ، باوقار ۽ حوصلي مند جياپي جو ڪهڙو رستو ڏيکاريو- جنهن تي پاڻ به سدائين هلندو رهيو، ۽ سنڌ، اڄ جنهن منزل ۽ موڙ تي پنهنجي باري ۾، جيڪي ڪجهه سوچي ٿي، سو يقيناً تاريخ سياست جي عيوض هڪ روشن مستقبل ۽ پرهه جي پهرئين پهر جي ڳولائو اڪ جي ماڻڪي‌ءِ ۾ سمايل هوندو آهي- ۽ اهو سڄو اعزاز صرف ٻي صرف جي. ايم. سيد ڏي وڃي ٿو، ٻئي ڪنهن ڏانهن نه.

"اُن کري مُنهنجي‌ءِ نظر ۾ سنڌ جي معلوم تاريخ جو بيمثال ۽ يگانو ڪردار صرف جي. ايم. سيد آهي- جيتوڻيڪ اڄ وساهه وسوڙل ۽ خُود فريبي‌ءِ جو شڪار کي ڦُوتون، ان ڳالهه جو اعتراف پلي نه ڪن، پر ان سان

ڪوئي فرق نہ ٿو پوي. سنڌ ۾ اڄ جيڪي ڪُجھہ زندگيءَ جي ھر سطح تي سوجھري جو شعور ۽ باوقار زندگيءَ جي تمنا موجود آھي، تنھن جا خاڪا ۽ خواب، سنڌوءَ ڪناري، سَن جي سرزمين تان، سيد جي قلم ذريعي مرتب ۽ نمودار ٿيا آھن- ۽ ايندڙ سنڌ يقيناً جي. ايم. سيد جي خوابن، سوچن، خيالن ۽ سَمنڊ جھڙين گھربن فڪري اسڪيمن تي مشتمل ھوندي ۽ اھو وقت پري ناھي!"

◆

تيز هوا ۾ مرد قلندر کي ڏيئو روشن کرڻ گهرجي!

اڄ اسين سائين جي. ايم. سيد کي خراج عقيدت پيش کرڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون. سائين جي. ايم. سيد جي وڏي ۾ وڏي خصوصيت ۽ خوبيءَ تي توهان عمل پيرا آهيو. کنهن بزرگ وٽ هڪ ماڻهو مريد ٿيڻ لاءِ ويو ۽ چالیهه ڏينهن هُن وٽ رهيو. چاليهن ڏينهن رهڻ کان پوءِ هن چيو ته "مان وڃان ٿو، مون کي مريد ٿيڻ جي ضرورت ناهي." ان تي بزرگ چيس ته "مون کي کنهن کي به مريد کرڻ جي کاب ضرورت کانهي، پر تون ڇو آئين ۽ هيننئر ڇو ٿو واپس وڃين؟" چيائين: "مون توهان ۾ کاب کرامت کانه ڏٺي." بزرگ چيس ته "پلا ٻڌاءِ، انهن چاليهن ڏينهن ۾ تو مون کان کا اخلاق کان کربل حرکت سرزد ٿيندي ڏٺي؟" هن چيو "نه". تڏهن بزرگ کيس وراڻيو ته "توکي هڪڙي ڳالهه معلوم هڻڻ کپي ته 'الاستقامت فوق الکرامت'. [پنهنجي مؤقف تي مضبوطيءَ سان بيهڻ کرامت کان مٿي آهي.]

- ته سائين جي. ايم. سيد جي وڏي ۾ وڏي خوبي، جيکا کرامت کان به مٿي هئي، سا هئي پنهنجي موقف، پنهنجي نظريي، پنهنجي قول ۽ پنهنجي نصب العين تي مضبوطيءَ سان، بيباکيءَ سان، دليريءَ ۽ سچائيءَ سان مضبوط تي بيهڻ.

عربيءَ جو هڪ شعر آهي:

تزول الـجبـال، راسـيـا وَ قـلـبـهـم
عـلـي الـحـب لا يـحـزنـون وَلا يـتـزلـزل

يعني: "مضبوط پهاڙ پنهنجيءَ جاءِ تان لڏي سگهن ٿا، پر اهي ماڻهو، جن جون دليون محبت جي جذبي سان ڀرپور آهن، کڏهن به جهکي نه ٿا سگهن، کڏهن به لڏي نه ٿا سگهن."

سائين جي. ايم. سيد جي جسماني وڇوڙي کان پوءِ ماڻهن انين پڻي سمجهيو تہ هي ڇوکرا ۽ ٻيا اسان جهڙا- جيڪي شايد حضور شرمين جي ڪري سائينءَ جي موجودگيءَ ۾ گس متائڻ لاءِ تيار نہ هنا تہ متان اکين کي شرم اچي- سي سائينءَ جي وڇوڙي کان پوءِ، ڪن ٻين پارٽين ۾ هليا وبندا، ڪي سٽيا گرهہ ڳولیندا، ڪنهن آمر جي ڪُرسيءَ سامهون سجدو ڪندا، يا اقتدار جي ايوانن ۾ ڪتن وانگر نوس نوس ڪندا- پر توهان ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ سائين جي. ايم. سيد جي اها ڳالهہ، اهو قول ۽ ان جي اها محبت توهان قائم رکيو ٿا اچو. اڄ پاڻ ناهن، پر اسان چئون ٿا تہ:

سکن واري سڌ، متان کا مون سين ڪري،
اندر جنين اڌ، ڏونگر سي ٽي ڏوريندیون.

(شاهہ)

جن کي اقتدار جي هوس هجي، جيڪي وڏين وڏين گاڏين ۾ چڙهڻ جا شوقين هجن، جيڪي شاندار بنگلن جي رهائش جا طلبگار هجن، انهن جو رستو هيءُ نہ آهي:

مون کي ماروئڙن، سچ ڳٽائي سيج ۾.

—

سرجيس تان سور، سامائيس تہ سک ويا،
اهي ٻہ ٽي پُور، مون نماڻيءَ نصيب ٿيا.

(شاهہ)

اسان اُتي ٽي ٻينا آهيون. هوائون آيون، طوفان لڳا، زندانن جا دروازا کليا ۽ بند ٽي ويا، قاسي گهاٽن جا تخت سجايا ويا، ٽارچر سيلن جون کوليون باهہ وانگي تپي ٻرڻ لڳيون، پر هي سنڌ جا عاشق، جن سيد جي محبت مان سرکي پيتي هئي، سي پنهنجيءَ جاءِ تي موجود آهن: ڇو تہ سندن رهبر اهائي تلقين ڪئي هئي.

هيءَ سن جي وستي آهي. ماڻهو چوندا آهن تہ پيغمبري ٻہ ڻن پيڙهين کان پوءِ ناهي هلندي. برصغير جي سڀ کان وڏي دانشور ابوالڪلام آزاد ٻہ لکيو آهي تہ صالح ٽيڻ يا پيغمبري ڻن نسلن کان وڌيڪ نہ هلندي آهي، پر هيءَ سن جي وستي شاهہ حيدر کان وٺي ننڍڙي جي. ايم. سيد تائين ڪڏهن ٻہ ويران ناهي ٽي، هي پندرهون، سورهون نسل آهي!

يورپ ۾ 'بيداريءَ وارو دور' يا 'روشني ڦهلجڻ وارو دور' سورهين صديءَ کان شروع ٿيئي ٿو، پر سنڌ ۾ 'بيداريءَ وارو دور' سائين جي. ايم. سيد جي کوشش سان 1940ع کان پوءِ شروع ٿيو. سائين جي. ايم. سيد جي جدوجهد کي آءٌ 'سنڌ جي بيداريءَ جي جدوجهد' سڏيندس.

سنڌي سماج جي لاءِ سائين اهو پهريون شخص هو، جنهن هن مدي خارج جاگيردارانه سماج ۾ چوکرن ۽ چوکرين جي مخلوط تعليم جي تبليغ کئي ۽ اسکولن ۾ موسيقي رائج کرائي؛ تعليمي ادارا برپا کيا؛ سنڌ يونيورسٽيءَ لاءِ کاميٽي نهرائي، جو ته تعليم ئي اونداهيءَ جا پردا چيري ٿي ۽ روشن مستقبل جي چهري جو درشن کرائي ٿي. سائينءَ سنڌي ادبي بورڊ قائم کرايو ۽ پٽ شاهه کلچرل سينٽر جو بنياد وجهرايو.

هيءَ سنڌ، جتي سٽ سٽ گاڏين جا قافلا وڻي ماٺهن تي اهو رُعب وهاريو وينڊو آهي ته ڏسو اسان جو کيڏو طمطراق آهي؛ جتي پير ۽ ليڊر گشت تي نڪرندا آهن ته هزارن جي تعداد ۾ لاڙيا وڻي نڪرندا آهن؛ اُتي ان وقت هڪڙو ماٺهو هو، جيڪو هن ئي وستيءَ ۾ وهي رات جي اونداهين ۾ گاسليٽ واري بتيءَ جي جهيٽي روشنيءَ تي، سنڌي قوم جو مستقبل سنوارڻ لاءِ ڪتاب لکندو هو. اهي ڪتاب پاڻ پنهنجي خرچ تي ڇپائيندو هو ۽ ماٺهن کي مفت موکليندو هو. اڄ تائين اسان جي ٽڀارکر ۽ سانگهڙ ضلعن ۾ کيترن ماٺهن وٽ اهي ڪتاب موجود آهن، جن تي سائينءَ جي صحيح ٽيل آهي. انهن ماٺهن وٽ 'نئين سنڌ لاءِ جدوجهد' ۽ 'موجوده سياسي مسئلا' ۽ ٻيا ڪتاب اڄ تائين موجود آهن.

سائين جي. ايم. سيد سنڌ ۾ اهڙي قسم جي بيداريءَ واري دور جي شروعات ڪئي: ان کري، اسان کي ڪپي ته سياست کريون. سياست تمام زبردست شيءِ آهي ۽ سياست ئي بنياد آهي. سماجي تبديليءَ جي مؤثر ترين شڪل سياست آهي. تصوف جي ابتدائي شڪل پڻ سياست ٿئي ٿي، پر جڏهن اهو هم گير ٿئي ٿو ۽ وڏي ٿو ته ان وقت سياست جو پرجهلو، بانهن ٻيلي بلڪ همسفر ۽ هم شريڪ بڻجي ٿو. سياست جي سنگدليءَ لاءِ چيو وينڊو آهي ته سياست جي سيني ۾ دل نه ٿيندي آهي، سياستدانن جي اڳيان لاشن جا ڍير ۽ پويان ماٺهن جون قطارون هونديون آهن. تصوف هڪ

اهڙو جذبو آهي، جيڪو سياست جي سيني ۾ نہ رڳو دل وجهي ٿو، پر ان دل کي ڏڙکن بہ عطا ڪري ٿو ۽ ان ڏڙکن ۾ موسيقيءَ جي لئہ ۽ ذوق بہ پيدا ڪري ٿو. سائين جي. ايم. سيد هتي انهن ٻنهي شين کي گڏ هلايو. اڄ اسان کي ان ڀَالهہ جي سخت ضرورت آهي.

هي سماج، هي پاڪستان ۽ ان جا حڪمران عجيب آهن. چون ٿا تہ دفاع ۾ اسان خودڪفيل ٿي ويا آهيون. ايٽم بم جو ڏماڪو ڪري، دفاع ۾ خودڪفيل ٿي ويا آهيون، پر ڪٽڪ لاءِ پنون ٿا. پلي ماٿهن جي پيٽ ۾ ڪجهہ بہ نہ هجي، اسين ايٽم بم ناهيون وينا.

ان مذهبي جنون ۽ جنگباز ذهنيت ني هيءَ بنيادپرستي ۽ مُلائيٹ پکيڙي آهي. اُهي ملان، جيڪي هڪ ڪلاڪ ۾ فتوا ڏئي ماٿهن کي ڦاسيءَ تي ٽنگرائين ٿا، تن لاءِ مولانا آزاد هڪ هنڌ لکيو آهي تہ "ايشيا ۾ منصف جو قلم ۽ سپاهيءَ جي تلوار گڏجي حق پرستن، محب وطنن ۽ خدا جي طرفدارن جو خون ڪيو آهي ۽ ان تي مذهب جي مقدس چادر وڌي وئي آهي" – تہ اڄ بہ هتي اڻين پيو ٽئي. تڪڙي انصاف جي نالي ۾ تڪڙيون بي انصافيون پيون ٿين.

توهان چئو ٿا تڪڙي انصاف لاءِ ڪورٽون آهن. اڄ ڏينهن تائين فوجي ڪورٽن گهٽن کي ڦاهيون ڏنيون ۽ گهٽا ڦاهيءَ جي انتظار ۾ آهن؟ مون کي حيرت ٿي ٽئي انهن تي، جن هاءِ ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪئي آهي تہ فوجي ڪورٽن جيڪي موت جون سزائون ڏنيون آهن، سي روڪرايون وڃن. پر ٽيٹ اهو ڪپندو هو تہ پٽيشن اها وڌي وڃي ها تہ فوجي ڪورٽن جي سزائن تي ئي عمل نہ ٽيڻ ڪپي، جيستائين سپريم ڪورٽ ڪو فيصلو نہ ڏئي. توهان موت جي سزائن لاءِ اسٽي آرڊر (stay order) تہ ورتو، پر هن عمر قيد جون سزائون ڏيڻ شروع ڪيون. بروچ جي ڀَالهہ وانگر چيڙ هتان نہ هُتان ني سهي. جيڪڏهن ماري نٿا سگهون تہ ڪاري ڇڏيون. 25 ، 25 سال ماٿهن کي سزائون! هيءَ سڄو ظلم ۽ ناانصافيءَ جو تيار ٽيل 'پاپي پيٹرو' آهي، جتي هر نموني اسان کي واڙيو ويو آهي. جي ڪجون ٿا تہ اسلام بہ خطري ۾ آهي تہ پاڪستان بہ خطري ۾. حيرت انگيز ڀَالهہ تہ اسلام جي خطري جا نعرا اُهي پيا هڻن، جن 1914ع ۾ ڪعبة الله تي، صرف 15 روپين پگهار تي گولين هلايون. پر اسان کي فخر آهي تہ اسان جي بزرگن (مولانا محمد

صادق ڪڏي واري ۽ پين) ان وقت جيڪي پنجابي فوجي ڪعبي تي گوليون هلائڻ ۾ مري ويا، تن جي جنازي نماز پڙهائڻ کان انڪار ڪيو.

سائين جي. ايم. سيد اسان وٽ تمام وڏو ڪم ڪيو، اهو ڪم جيڪو ڪابه پارٽي نه ڪري سگهي، ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان ۽ هي ترقي پسند تحريڪون به ڪو ڪردار ادا نه ڪري سگهيون. پر سائين جي. ايم. سيد واحد ماڻهو هو، جنهن سنڌ ۾ رواداري، محبت، پائيچاري ۽ اخوت لاءِ اڪيلي سر ڪم ڪيو. ان جا بنيادي سرچشما تصوف وارا هنا، جن هتي جي ماڻهن ۾ گوٽي پاڳي محبت ۽ رواداري پيدا ڪئي. ان ئي تعليم جو نتيجو هو: خوبصورت ۽ حب الوطنيءَ سان پرپور شاعري، جيڪا شيخ اياز ڪئي آهي، ۽ اهو سمورو ترقي پسند ادب ان جو مقابلو نه ٿو ڪري سگهي، جيڪو اردوءَ يا پين بولين ۾ لکيو ويو آهي.

- ته سائين بنيادي طرح سان هتي سيڪيولرزم ۽ رواداريءَ جي تعليم ڏني. سائين جي. ايم. سيد هڪڙي پيري چيو ته مون 'جيئن ڏٺو آهه مون' ڪتاب لکي پير علي محمد راشديءَ کي ڏيکاريو ته هن چيو: "سائين، ڪتاب ته زبردست آهي، پر هي وقت ڇپرائڻ جو ناهي." پير صاحب جيئن ئي اها صلاح ڏني ته اُتي سندس گهر واري مٿدم ممتاز راشدي به وئي هئي، ان مون کي اُتي ئي چيو ته: 'سائين، موقعو هڪ ئي وقت ملندو آهي، توهان ڪتاب لکيو آهي ۽ اهو هن ئي وقت ڇپرايو. **جڏهن هوا تند ۽ تيز هجي، ان وقت ئي مرد قلندر کي پنهنجو ڏيئو روشن ڪرڻ گهرجي.** عام حالتن ۾ هرڪوئي ڏيئو ٻاري ويندو.'

- ته ان ماڻهوءَ جا اسان پوئلڳ آهيون. اسان اڄ به اتي ئي بينا آهيون، ان مقصد ۽ منزل تي بينا آهيون ۽ يقيناً مرڻ گهڙي تائين به اسين اتي ئي هونداسين، انهيءَ جدوجهد ۾ هونداسين. پر آءٌ سمجهان ٿو ته اسان جي جدوجهد ضرور رنگ لاڻيندي ۽ سائين جي. ايم. سيد جي خواب کي اسين سويارو ڪنداسين ۽ سنڌ ضرور آزاد ٿيندي.

(17- جنوري 1999ع تي سن ۾ سائين جي. ايم. سيد جي پنجانوين سالگرهه تي ڪيل تقرير جو متن)

◆

دلين جي سِگري دُکندي رهي!

سائين جي. ايم. سيد جي سالگرهه تي، جيڪا هن صديءَ جي خاتمي تي ملهائجي رهي آهي، آءُ پنهنجيءَ سوچ مطابق اهو سمجهان ٿو ته گذريل هڪ هزار سالن جي تاريخ ۾ سنڌ جي. ايم. سيد جهڙو ماڻهو پيدا نه ڪري سگهي آهي ۽ گذريل هزار سالن جي تاريخ ۾ سنڌ جي عظيم تر شخصيت جي. ايم. سيد ئي آهي.

جڏهن آءُ اهي لفظ چوان ٿو ته اهو شعوري طرح چوان ٿو. ان وقت منهنجي ذهن ۾ شاهه عنايت شهيد به آهي، شاهه لطيف به آهي، شهيد الهه بخش سومرو به آهي، هيمون ڪالاڻي ۽ هوشو شيدي به آهن. انهن سڀني جي هوندي آءُ جڏهن جي. ايم. سيد ڪي سنڌ جي هزار سالہ تاريخ جي وڏي ۾ وڏي تاريخي شخصيت چوان ٿو ته اهو شعوري طور چوان ٿو: ڇو ته سنڌ جي تاريخ جون اُهي مختلف شخصيتون، ڪنهن هڪ يا ٻن پهلوئن سان عظمت جون حامل آهن- ڪو تمام وڏو مفڪر آهي، ڪو تمام وڏو شاعر آهي، ڪو تمام وڏو بهادر آهي ۽ ڪو قرباني ۾ جو تمام وڏو پتلو آهي- پر جي. ايم. سيد هڪ اهڙي شخصيت آهي، جنهن ۾ اهي سڀ خوبيون موجود هيون. روميءَ جو هڪڙو شعر آهي ته:

حسنِ يوسف، دمِ عيسيٰ، يدِ بيضا داري
آن چه همه خوبان دارند تو تنها داري

يعني: 'يوسف جو حُسن، عيسيٰ جو دمِ مسيحا ۽ موسيٰ جو روشن هٿ به خوبيون آهن، پر انهن سڀني جون انفرادي خوبيون، تو هڪڙي ۾ گڏجي ويون آهن.'

اهوئي سبب آهي جو موجوده سنڌ جي روحاني ۽ مادي زندگيءَ تي جيترو اثر جي. ايم. سيد ڇڏيو آهي، اوترو اثر فڪري طرح ڪاڻي شخصيت ڇڏي نه سگهي آهي.

ماضيءَ ۾ ٿيو ايئن آهي ته جڏهن اسان جا دماغ بُڪيا ٿيا آهن ته انهن

جي بُک متائڻ لاءِ عقيدن جو دارون اسان کي پياريو ويو آھي، ۽ جڏھن اسان جا پيٽ بکيا ٿيا آھن تہ انھن کي لفظن سان پرڻ جي کوشش ڪئي وئي آھي: جيڪا کوشش اڄ بہ ڪئي پئي وڃي. سڄڻ بک، بيروزگاريءَ ۽ مھانگائيءَ جي گھاٽي ۾ پيڙجندي رھي ٿي ۽ گورنر سڄڻ، ڏماکيدار لفظن سان چوي ٿو تہ "توھان عُشر ادا نہ ڪريو- ۽ آءٌ سڄڻ جا پئسا مرڪز کان ونندس". انھن لفظن تي اسان جا ماٿھو، جيڪي اسان جا گھٽ ۽ گورنر جا وڏيڪ ھوندا آھن، سي سڄڻي ماٿھن کي لفظن جو لولي پاپ ڏيندا آھن تہ گورنر صاحب واھ جو سڄڻ جو ڪيس پيو وڙھي! پر نہ مھانگائي گھٽ پئي ٿئي، نہ فصلن جو اگھہ ٿو وڌي ۽ نہ ئي کا مرڪز کان اضافي رقم ٿي ملي. پر سائين جي. ايم. سيد اسان جي بکين دماغن کي عقيدن جي خوراڪ ڏيڻ بدران فڪر جي خوراڪ ڏني ۽ اسان جي بکين پيٽن کي لفظن سان پرڻ بجاءِ آزاديءَ يعني سڄڻ ديش جي قيام سان پنھنجي ملڪ جا وسيلا، پنھنجي عوام لاءِ استعمال ڪرڻ تي زور ڏنو- ۽ اھو آواز، اسان جي لاءِ آخري ۽ واحد ذريعو آھي، پنھنجن دماغن ۽ پيٽن کي سيراب ۽ شاداب ڪرڻ جو-!

ان لاءِ ضروري آھي تہ اسان سندس ڏسيل رستي تي ھلون ۽ پوئتي نہ ھٽون. اسان ھلندا رھون، جيڪو ھلندو، سو ڪِرندو بہ سھي، ڪِري، وري اُٿون ۽ مان ڪري وڃي نہ رھون- ۽ جيڪو ھلندو سو ٽڪبو بہ سھي، پر ٽڪ ڇڄي وري بہ سفر تي روانو ٿيڻ گھرجي- پر جيڪو ڏڪ لڳڻ ۽ ٽڪجڻ جي ڪري ھڪ قدم پوئتي ھٽيو، سو پوئتي ئي ھٽندو ويندو ۽ منزل انھيءَ کان سوين ڪوھ ڏور ٿي ويندي، نھروءَ لکيو آھي تہ "ھڪ احتجاج ۾ مون کي مٽي ۾ لٽ لڳي، ڏڪ ڏاڍو وزنائتو ھو، مٽو ڦاٽي پيو ھو، رت نڪنديون ڪري وھي رھيو ھو. مون سوچيو تہ پُنتي پڄان، پر وري ٻيو خيال آيو تہ نھرو! تون جيڪڏھن پنتي پڳئين تہ ھندستان جو مستقبل صديون پوئتي ھليو ويندو." ان ڪري اسان کي ڪنھن بہ صورت ۾ پوئتي نہ ھٽڻ گھرجي- ۽ مون کي محسوس ٿي رھيو آھي تہ توھان پوئتي ھٽڻ لاءِ تيار نہ آھيو. اُن جو ثبوت، اِھو آھي تہ ھن وقت جيڪا سرد ھوا ھلي رھي آھي، جنھن سان ھڏين جو گودو بہ جمي ويو آھي، پر توھان ھتي موجود آھيو: چو تہ جدوجھد جي جنھن ميدان ۾ اسان آھيون، تنھن اسان جي دل جي سگرين کي باري ڇڏيو آھي. اسان جا ولولا آسمانن جي وسعتن ۾ اُڏامڻ لاءِ تيار آھن ۽ اسان جا

حوصلا، جسماني ۽ روحاني مصيبتن کان بي نياز آهن. هاڻي غلاميءَ جي اونداهي رات گهٽو جٽاءُ نه ڪري سگهندي، ڇو ته انهيءَ غلاميءَ جي خاتمي لاءِ سائين جي. ايم. سيد جي پرستارن ڪيتريون شهادتون ماڻيون آهن، ۽ ستارن جي شهادت سان ئي صبح جو روشن چهرو ڏسي سگهبو آهي. دؤر، جيڪو گذري ڀيو، تنهن ۾ سياست کي ڪي ماڻهو تفريح، ڪي شطرنج جي راند، ۽ ڪي ستارن جي رفتار سمجهيو وينا آهن، پر دوستو! عزت ۽ آزاديءَ واري سياست، هڪ باهه آهي، جيڪا پهرين پاڻ پڙڪندي آهي ۽ پوءِ دلين کي پڙڪائيندي آهي- ۽ دل، جيستائين درد جي لذت کان واقف ناهي، تيستائين برف جو هڪڙو ٽڪرو آهي، جيڪو پاڻي ته ٿي سگهي ٿو، پر ڏينهن جي وَٽ نٿو ٿي سگهي. اسان کي پنهنجون دليون، برف جا ٽڪرا بنائڻ بدران، آگ جا شعلا بنائڻيون پونديون. هاڻي جڏهن قدم کنيو اٿئون، ته توهان يقين سمجهو ته ڪهڙا به بيابان، انهن کي روڪي نه ٿا سگهن. سمنڊ جون ڪيڏيون به موجون، اسان جي لاءِ خوفناڪ نه رهيون آهن. اسين انهن موجن سان راندين ڪري سگهون ٿا. پهاڙن جون بلند چوٽيون، اسان جي ارادن جي سامهون مٿيءَ جا ذرا آهن. جڏهن ڪائي پارٽي، ڪائي قوم، سر تريءَ تي رکي، آزاديءَ جي سفر تي روانو ٿي ٿئي ته ان لاءِ رستي جون رڪاوٽون ڪائي اهميت نه ٿيون رکن- ۽ نصب العين جي سچائي، منزل تائين پهچي ٿي رهندي.

دوستو! اسان جي رهبر، گهٽو اڳ، وقت جي تبديلين کي سڃاڻي ورتو هو ۽ اڄ اسان اُن جي فڪر جي روشنيءَ ۾ ڏسون پيا ته هفتن ۾ صدين گذرنديون وڃن پيون. هينئر زماني جي رفتار اُها نه رهي آهي، جيڪا ڪڏهن هئي. ان جي رفتار ڏاڍي تيز ٿي چڪي آهي. هڪڙا پردا کڻن ٿا ۽ بيا سامهون اچن ٿا. خبر ناهي آئيندي چا ٿيڻ وارو آهي، پر پنهنجي باري ۾ اسان چئي سگهون ٿا ته اسان جي دماغ، ممڪن آهي ڪٿي غلطي ڪئي هجي، ليڪن اسان جي دل، اسان جي ارادن ۾ ڪا ڪوتاهي نه ڪئي آهي. اسان عزت سان زنده رهڻ ۽ عزت سان مرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. اسان موت سان اڪيون اکين ۾ ملائي ڳالهائڻ جو تجربو ڪري ڏٺو آهي. اسان سڀ ڪجهه برداشت ڪيو، ليڪن هاڻي اهو سڀ ڪجهه برداشت ڪرڻ ممڪن نه آهي؛ ۽ ان ڪري ئي اسان جي ليڈر، مڪمل فيصلو ڪيو هو ته

غلامي ۽ اسان گڏ نڻا رهي سگهون؛ ۽ اسان جي قوم مان جنهن جو هٿ به غلام بنائيندڙن سان ملائڻ لاءِ وڌي ٿو، اسان سمجهون ٿا ته ان جو باقي جسم کان ڪٽجي وڃڻ ئي بهتر آهي.

انهن لفظن سان آءٌ پنهنجي عظيم ۽ لافاني قائد کي خراج عقيدت پيش ڪريان ٿو ۽ ان جي رستي تي هلڻ جو وري به وچن ڪريان ٿو!

(نوٽ: هن تقرير جي آخري حصي ۾ مولانا ابوالڪلام آزاد جي تقرير مان مدد ورتي وئي آهي-
17 جنوري 2000ع، سن)

◆

او سنڌ واسيو! ڪجھ پاڻ ڏي ڏسو!

اڄ 17 جنوري آھي، سنڌ جي ماضيءَ، حال ۽ مستقبل کي چٽيءَ نظر سان ڏسندڙ انسانَ، سائين جي. ايم. سيد جو جنم ڏينھن. ھي ڏينھن، سنڌ جي تاريخ ۾، سنڌ واسين لاءِ آزاديءَ، عظمت ۽ خوشحاليءَ جي علمبردارَ، سائين جي. ايم. سيد جي جنم ڏينھن ھجڻ طور، تاريخي اھميت ۽ حيثيت وارو ڏينھن آھي. اُن کري نہ، تہ ھُو ھڪ سيدزادو، وڏ گھراڻو ۽ ھڪ درگاھ جو سجاده نشين شخص ھو، پر ھي ڏينھن اُن کري عظمت ۽ حيثيت وارو آھي، جو اُن ڏينھن پيدا ٿيندڙ سيد زادي، پنھنجي سيدي، پيري مُريدي ۽ وڏماڻھپائي، سنڌي ماڻھن جي عظمت ۽ وڏماڻھپائيءَ خاطر قربان کري ڇڏي- ۽ نتيجي طور ھُو پنھنجن ۽ پراين وٽ عتاب ۽ عذاب ھيٺ رھيو. اھو ڇا جي کري تہ ھُن ڏٺو تہ سنڌي ماڻھن جي سياسي آزاديءَ سان گڏ ثقافتي ۽ معاشي آزادي بہ ختم ٿي چکي آھي ۽ سنڌي ماڻھو، جنھن جو گُذارو زراعت ۽ ھٿ جي ھنرن تي آھي، سو مسلسل ڪنگالپڻي ۽ ذلت جو شڪار ٿيندو پيو وڃي. اُن کري، ھن پنھنجي ذھن ۽ جسم جون تمام توانائيون سنڌي ماڻھن کي اھڙين مصيبتن کان بچائڻ لاءِ صرف ڪيون. انھيءَ سان گڏوگڏ ھو سنڌي ماڻھن کي حضرت عيسيٰ جي لفظن ۾ اھو چوندو رھيو تہ 'توھان جي تباھين کي ٽارڻ لاءِ آءٌ اڪيلو ميدان ۾ آھيان، ڇا توھان مان ڪو اھڙو آھي، جيڪو پنھنجيءَ پلاٽيءَ لاءِ منھنجي مدد کري؟' اُن وقت توھان سنڌي ماڻھن انڪار ۽ نافرمانيءَ واربون، متجندڙ قومن جون سڀ سُنتون تازيون ڪيون ۽ ڪھڙ بہ مؤثر قوت ھن جو ساٿ نہ ڏنو. نتيجي طور اُھي سڀ خطرا، حقيقتون بنجي، توھان جي ڪنڌن تي تلوار وانگر لٽڪي رھيا آھن، جن جو توھان کي احساس ئي نہ ھو.

سنڌ، زرعي ملڪ آھي ۽ سنڌ جي صنعتي توڙي غير صنعتي ترقيءَ جو دارومدار زراعت جي بھتريءَ ۽ اعليٰ معيار جي ترقيءَ تي آھي. اُن لاءِ

سپ کان پهريں ضرورت جهجهي مقدار ۾ پاڻيءَجو موجود هئڻ آهي. اڄ سنڌ ۾ صورتحال اها آهي، جو سنڌو درياهه سُڪي چڪو آهي: ٻنيون ويران آهن: مهانگائي چوٽ چڙهي وئي آهي: سنڌ جو غريب ماڻهو، توڙي سرنديءَ وارو جيڪو جي جنگ جي جاندهه ۾ جوٽيل گڏهه وانگر گهلجي رهيو آهي. چا هن وقت، سنڌي ائين ئي خاموش رهندا، جيئن ماضيءَ ۾ رهندا آيا آهن؟ جيڪڏهن ائين ئي خاموش رهيا تہ پوءِ سندن بربادي ۽ ذلت کي کوئي فلسفو، کو انقلابي کتاب، کا پُرڪشش شاعري ۽ کو اثرانگيز مضمون روڪي نہ سگهندا.

عام طرح عوام پنهنجي مصيبت جو ذميوارُ، ليڈرن کي قرار ڏيندو آهي ۽ چوندو رهندو آهي تہ ليڈرن اسان لاءِ ڪجهہ نہ ڪيو. پر سنڌي ماڻهن کي ڪجهہ پاڻ ڏانهن ٻہ ڏسڻ گهرجي تہ سندن هڪ اهڙو ليڈر ٻہ هو، جنهن ستائش، صلي، عتاب ۽ عذاب کان بي پرواهہ ٿي، سنڌين لاءِ پنهنجي جوانيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون تہ ڏهيو، پر زندگي ٻہ قربان ڪري ڇڏي- ۽ سنڌي ماڻهن اقتدار جي پوجارين لاءِ سينہ تي گوليون کائي، ڪين اقتدار جي ايوانن تائين تہ پهچايو، پر اُهي پنهنجي باوقار جيابي لاءِ ڪنهن ٻہ جدوجهد ۾ شريڪ نہ ٿيا. نتيجي طور اڄ هو بي واها ۽ نڌڪا ٻڌجي، ڪڏهن آسمان ڏانهن ڏسن ٿا، ابر جي آسري رهن ٿا، ۽ ڪڏهن پنهنجن پيرن هيٺان سنڌ جي زرخيز زمين کي فصل کان وانجهيل سنڌ عورت وانگر ڏسن ٿا.

جيئي سنڌ قومي محاذ، سائين جي. ايم. سيد جي سالگره جي موقعي تي سنڌي ماڻهن کي اهو چتاءُ ٿو ڏئي تہ جيڪڏهن توهان جي غفلت ۽ لاپرواهيءَ واري اها روش جاري رهي تہ سنڌ جي اُها شاندار ثقافتي ۽ روايتي زندگي تباهہ ٿي ويندي، جنهن لاءِ پٽائيءَ پنهنجي لازوال شاعري منتخب ڪئي؛ ۽ جنهن جي بچاءَ لاءِ سائين جي. ايم. سيد ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ پنهنجون زندگيون قربان ڪيون ۽ بيشمار سنڌي ڪارڪن، ڦٽڪا ۽ موتَ قبوليا. اُن ڪري، اسان جي اپيل آهي تہ سنڌي ماڻهو اڄوڪي ڏينهن ڪجهہ سائين جي. ايم. سيد جي پيغام ڏانهن ڏسن ۽ ڪجهہ پنهنجو پاڻ ڏانهن ڏسي پنهنجو حساب ڪتاب ڪن تہ اسان پنهنجي شاندار جيابي لاءِ ڪيتري جدوجهد ڪئي آهي! پارٽيون ۽ ليڈر ڪنهن قوم جي حالت بدلائي ئي نہ ٿا سگهن، جيستائين اُها قوم شهباز وانگر پنهنجا

پَر پکيڙي، ڪنهن بُلند ۽ بالا منزل تي پهچڻ لاءِ پاڻ ۾ تبديلي پيدا نہ ٿي ڪري.

آزاديءَ جو سَتُ، اڄوڪي موقعي تي سنڌي قوم کي 'فڪرِ سيد' تي هلڻ جي سفر ۾، جيئي سنڌ قومي محاذ سان ساڻ ڏيڻ جي اپيل ٿو ڪري ۽ اهو عزم ٿو ورجائي تہ توهان هَتُ ڏيو، اسان رَتُ ڏينداسين.

(17 جنوري 2001ع)

◆

ازل جو استاد ۽ عشق جو مڪتب

اســـان جوڳيـــنـــڙا دم، اَلـــهـــي الا،
ڪـــٽي ويـنـداسـين، ڪـوئـي غم، اَلـهـي الا.
(نياز همايوني)

جي. ايم. سيد، جيڪو سراپا روشني هو، سراپا علم هو، مجسم فڪر ۽ شعور جو سورج هو ۽ ازل کان ابد تائين وهندڙ سچ جو دريا هو؛ جنهن کي وقت جي جابر قوتن پنهنجيءَ روشني، علم، شعور ۽ فڪر کي پکيڑڻ کان روڪي، هڪڙيءَ ننڍڙيءَ چوديواريءَ ۾ سدائين بند رکڻ جي ڪوشش ڪئي، اهي قوتون ۽ انهن جا علمبردار اهڙا هئا، جن کي بظاهر ته اکيون هيون، پر تاريخ جي روشنيءَ انهن جي اکين کي ايترو ته انڌو ڪري ڇڏيو هو، جو اهي پنهنجي نڪ کان اڳتي ڏسي نه سگهندا هئا. ان ڪري، سچائيءَ جو علمبردار اهو شخص، سدائين چوندو هو ته: "توهان مون کي قيد ڪري سگهو ٿا؛ جڙن وانگر منهنجي رڳن مان رَتُ چوسي سگهو ٿا؛ منهنجي جسم کي ڳيا ڳيا ڪري سگهو ٿا؛ پر دنيا ۾ اڄ ڏينهن تائين اهڙو ڪوئي قيدخانو ايجاد ئي نه ٿيو آهي، جيڪو علم کي قيد ڪري سگهي. اهڙو ڪو شيشو وجود ۾ ئي نه اچي سگهيو آهي، جيڪو روشنيءَ کي پکيڑڻ کان روڪي سگهي. اهڙو ڪوئي بنديخانو تيار ئي نه ٿي سگهيو آهي، جنهن ۾ فڪر ۽ شعور کي زنجيرن ۽ ڏنڊابيڙين ذريعي قابو ڪري سگهجي. وقت ايندو، جو منهنجي علم جي روشنيءَ سان هن ڌرتيءَ جا اُهي اونداها گوشا، تاريڪ گهٽيون ۽ اُماس صحرا منور ٿيندا ۽ منهنجي رت جو قڙو قڙو سنڌ جي ماٿهن کي عزت، خودداريءَ ۽ غيرت سان زنده رهڻ لاءِ انهن جي رڳن ۾ آگ جا اُلا بنجي ٻرڪندو ۽ منهنجي فڪر ۽ شعور جو جهنڊو واهڻ واهڻ، وستيءَ وستيءَ اُپ تائين جهوليندو ۽ آءٌ وري ٻئي جنم ۾ محبتن جي ساوڻ جو ڪڪر بڻجي، سنڌ جي ماٿهن جي پيار ۽ محبت لاءِ سُڪل ۽ سُڪل نوڻ دلين تي پريم، محبت، انساني عظمت ۽ زندگيءَ سان ڀرپور

جذبن جي صورت ۾ وسندس. اُن وقت سنڌ، اھڙي هراسيل، حوص پرست، ابن الوقت، لالچي ۽ خود غرض ماڻھن جو ويران ۽ پڙيانگ رِڻ نہ ھوندي، پر ٿر جي گھوٽ کي اوڏاڀل مليئر جي لوئيءَ جھڙي خوبصورت ۽ دلکش سرزمين ھوندي، ۽ منجھس رھندڙ مارو لوڪ، خلاڻن کي تسخير ڪندڙ ۽ موھن جي دڙي جي مورتيءَ وانگر رقص ڪندڙ ھوندا!

تون جو مون کان پوءِ اچين،
ڪينجھر کان ڪارونجھر تائين منھنجا گيت ٻڌين،
مون کي ياد ڪرين،
سنڌڙي ساري ڳاڙھو کھنبو ٿي ويندي تيسين
۽ اُن تي جڏھين ڪڙيون ڪڙيون منھنجي ذات ڏسين،
شال اھو سمجھين!
ذات وڏي شيءِ ناھي،
پر سچ وڏي شيءِ آھي،
۽ جو سچ مچائي سو،
مچ وڏي شيءِ آھي.

مون وٽ جيتوٽيڪ ذات جا مصنوعي ظريقا نہ آھن، پر مون وٽ سچ آھي ۽ اُن سچ جي ستي، ماءُ جي ٽچ مان مون کي ملي آھي. مون شعور جي سرحد تي قدم رکندي ئي ٻن شين سان پيار ڪيو، ھڪ سچ ۽ ٻي سونھن. سچ، باطل قوتن کي شڪست ڏيڻ لاءِ، ۽ سونھن سموريءَ سنڌ ۾ ڪٿوريءَ جي خوشبوءِ وانگر پکيڙڻ لاءِ!

مون اُن وقت وچن ڪيو ھو تہ شايد ڏاھر جي فوج ۾ وڙھندڙ علافي خاندان سان گڏ اھو اڪيلو سپاھي آھيان، جنھن سنڌ جي جھنڊي کي 'جھر' جي پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ نہ ڏنو. مون دريا خان سان دوستي ٻہ رکي ۽ مون مخدوم بلاول جي رستي تي ھلڻ جو قسم ٻہ کنيو. اُن قسم وقت مون سوچيو تہ جيڪڏھن مخدوم بلاول سان ملاقات ٿئي تہ کانئس پڇان تہ اي منھنجا مرشد! تو پنھنجين ھڏين جي ڪڙڪاٽ جي موسيقيءَ جي لذت، سرور ۽ وجد جي تعليم ڪنھن کان ورتي. استاد مون کي ٻہ تہ اُھو ٻڌاءِ! ھُن، تخيل جي دنيا ۾، جنت جي جھروکي مان ليئو پائيندي چيو تہ "اھو استاد، 'استاد ازل' آھي، جنھن سموريءَ ڪائنات سان گڏ سنڌ ڌرتيءَ کي پيدا ڪيو."

حرف جانبازي سيکاري، مون کي استاد ازل،
عشق جي مکتب اندر، منهنجو پڑهڻ کو ياد ڪر!
(زمان شاهه)

سنڌ ڏرتي، جنهن جي عشق مون کي استاد ازل کان اها تعليم ڏياري، سا ايڏي ته دلکش آهي، جو مون کي هر نظارو، مُند جو هر اثر ۽ هوا جو هر جهوٽو، پنهنجو پاڻ تي فدا ڪرڻ لاءِ ايئن سڏيندو آهي، جيئن شاهه محمد نابينا جي نَڙ جو هر سُر، پنهنجي محبوب کي سڏيندو هو. بهار جي مند ۾ جڏهن ٻبرن ۾ گُل ٽڙندا آهن، تڏهن هر گل محبوب جي نَکَ ۾ پيل سونَ جي قلميءَ وانگر لڳندو آهي. جڏهن ڪونپڻن ۾ مجر لڳندي آهي ته محسوس ٿيندو اٿم ته محبوبَ پنهنجي چوٽيءَ ۾ موتئي جا گجرا وجهي چڏيا آهن، ۽ جڏهن منهنجيءَ ڏرتيءَ تي ڪوئي معصوم مُرڪندو آهي ته آءٌ سمجهندو آهيان ته خدا جي صفت صرف هڪ ئي آهي ۽ اها آهي شفقت! ان ڪري، آءٌ سمجهان ٿو ته منهنجو روح ناقابلِ شڪست آهي، چو ته اهو مڪمل سچ آهي، سونهن آهي، شفقت آهي، محبت آهي!

اڄ ڏينهن تائين دنيا جي فاتحن هر شيءِ فتح ڪري ورتي آهي، پر سچ، سونهن، محبت ۽ شفقت کي فتح ناهن ڪري سگهيا؛ چو ته اهي شيون خدائي ذات جو پرتوو آهن ۽ خدا جي ذات ناقابل شڪست آهي- ۽ هن ڏرتيءَ تي اُهي شيون، مون اٺميون ڏينون آهن، اُن ڪري ان لاءِ پنهنجين هڏين جي ٽڙڪاٽن جي موسيقيءَ ۾، جيڪا لذت مخدوم بلاول محسوس ڪئي هئي، سا آءٌ محسوس ڪريان ٿو: ۽ اهو راز مون پروڙي ورتو آهي، اُن ڪري پنهنجي وجود کي سنڌ جي وجود سان ملائي هڪ ڪري چڏيو اٿم:

سيني پنهنجي پرين جا نانءَ ورتا،
پير چا ڪجي او سنڌ، اسان
تُنهنجو نانءُ ونبي وبنا سين.

آءٌ سمجهان ٿو ته هڪ اٺڙهيل، پٽکيل ٽري نوجوان جي حيثيت ۾، سائين جي. ايم. سيد جي صحبت ۾ رهي، مون جيتري قدر ڪيس سمجهيو هو، ان جو اظهار آءٌ مٿي ڪري آيو آهيان. سن جي پهاڙي علاقي ۾ قيد رهندڙ، پيار جي پيغمبر جي 'علمِ يقين' جي مَڌُ جا مست، اسان سپ، اڄ اُن جي نالي تي قائم ٿيندڙ هن نندڙي روشنيءَ (عمرڪوٽ ۾ قائم ٿيندڙ

جي. ايم. سيد لائبريريءَ) جي ڏينهن کي وڌيڪ ڏينهن جي شڪل ۾ آڻڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا آهيون، ته جيئن سموريءَ سنڌ جا اُهي ڏينهَ گڏجي، ڪوئي سورج اُپارين ۽ اُن سورج جي ڪرڻن ذريعي کو انوکو ٻارڻ ٻارين!

سنڌ جا هزارين ڳوٺ، جيڪي صدين کان علم جي روشنيءَ لاءِ واجهائي رهيا آهن، تن سڀني کي اسان علم جي روشنيءَ سان منور ڪرڻ چاهيون ٿا. اهي ڳوٺ، جيکي سنڌ جا اصل مرڪز آهن، سي صرف جاهل حڪمرانن، ۽ تعليم جي ٺيڪيدارن جي ڪري علم جي روشنيءَ کان محروم آهن. علم اهو ناهي، جيڪو صرف ڊگرين تي لکيو ويندو آهي. اوهان کي حيرت ٿيندي ته مولانا ابوالڪلام آزاد، هندستان جو پهريون وزير تعليم، کنهن به قسم جي ڊگريءَ کان محروم هو؛ پر سندس علمي بلنديءَ کي ستارا به سجدا ڪندا هنا. بمبئيءَ کان آزاد سنڌ جو وزير تعليم، سائين جي. ايم. سيد، مئٽرڪ پاس به نه هو، پر سندس علمي ۽ ادبي عظمت جي قدمن کي همالیہ جون چوٽيون به جهُڪي چُمنديون هيون.

تعليم ٽن ذريعن سان حاصل ٿيندي آهي: پهريون ذريعو ماءُ جي هنج آهي، ٻيو ذريعو سماج جون مجلسون آهن ۽ ٽيون سرڪار جا برپا ڪيل ادارا. اسان وٽ تعليم جا اهي ٽئي ذريعا، ويران ۽ پڙپانگ ٿي چڪا آهن.

جيستائين ماءُ جي هنج جي ذريعي جو تعلق آهي ته اُها ماءُ، پارن کي بهتر تربيت ڏئي سگهي ٿي، جنهن جي دل اُمنگن ۽ جذبن سان سرشار هجي ۽ جنهن جون اکيون خوبصورت خوابن جي نشي سان مخمور هجن. اهڙي ماءُ جي هنج، ٻار لاءِ مستقبل جي جنت جا دروازا کولي ڇڏيندي آهي. پر هتي ماءُ جي دل تي غلاميءَ جا ڏنا ڏنا ويندا آهن ۽ اکين کي کهاڙيءَ جي ڏڪ سان هميشہ لاءِ بي نور بنايو ويندو آهي- ۽ اها ڪوجھ جهڙي ڳڇي، جنهن ۾ پاڪر وجهي، ٻارُ اُپ تائين اُڏامڻ لاءِ پَرَ سوٽيندو آهي، سا ٻہر جي تاريءَ وانگر وڌي ويندي آهي. اُن ڪري، تعليم جو اهو ادارو اسان وٽ ختم ٿي چڪو آهي.

جيستائين سماجي مجلسن واري تعليم جي ذريعي جو تعلق آهي ته اُهي اڄوڪي دور ۾ پنهنجو ڏاهپ ۽ سمجهہ وارو وقارُ وڃائي، سفلي جذبن جون مظهر بنجي چڪيون آهن؛ جتي ويهي ماٺهوءَ جا خسيس جذبا ته پڙڪي سگهن ٿا، پر خيالن جي اُها اُڏام پيدا ٿي نٿي سگهي، جيڪا ڪوڪڙي

(کوکرا پار) جي پٽَ تي ساوڻ جي جھُکيل کَکَرَ کي ڏسي، اھو سوچي سگھي تہ چا خدا ڏرتيءَ کي ايئن ٻہ چُمي ٿو!

جيستائين سرڪاري تعليمي ادارن جو تعلق آھي تہ اُنھن جي زبون حاليءَ ۽ غلاظت جو ذڪر ڪري، آءٌ سائين جي. ايم. سيد جي مُرڪ جھڙيءَ دلڪش ۽ پاڪيزہ محفل کي غليظ بنائڻ نٿو چاھيان.

باقي علم جي عام ڪرڻ جو ھڪ ئي رستو بچي ٿو ۽ اُھوئي رستو سائين جي. ايم. سيد جو ڏسيل رستو آھي: اھو آھي، ڳوٺن ۽ ٻھراڙين ۾ ھر ھنڌ لائبريرين قائم ڪرڻ.

سائين جي. ايم. سيد کي زندگيءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ شوق جيڪڏھن ڪن شين جي ڏسڻ جو ھو تہ اُھي لائبريرين ھيون. سائين جي. ايم. سيد جي ھڪڙي ھمعصر مون کي ٻُڌايو تہ 'نوجوانيءَ جي وقت جڏھن نندي ڪنڊ جا نوجوان، پنھنجون راتيون 'نائيٽ ڪلبن' ۾، چاندي جھڙن جسمن سان پنھنجون اکيون روشن ڪرڻ ۽ رقاصائن جي وارن ۾ پيل ربن کي نانگ جي وات ۾ پيل موتيءَ سان تشبيھ ڏيڻ ۾ گذاريندا ھئا؛ اُن وقت نوجوان جي. ايم. سيد، افلاطون، ابن رُشد، ڪارل مارڪس ۽ ٽائن بي جي ڪتابن جي آرسين ۾ سنڌ جو شاندار مستقبل ڏسڻ ۾ گذاريندو ھو.' ان ڪري، مون اھا ڪوشش شروع ڪئي آھي، تہ سمورياءَ سنڌ ۾ غير رسمي تعليم جي روشنيءَ جو ٻارڻ ٻارجي. پر اُن جو مطلب اھو ٻہ ناھي تہ اسين صرف لائبريرين قائم ڪرڻ لاءِ چندن ۾ لڳي وڃون؛ ڇو تہ سيد وٽان جيڪي ڪجھ مون پرايو، اُن ۾ سياست کي اوليت حاصل آھي: ڇو تہ سياست انسان ذات جي شيرازہ بندي ڪئي آھي؛ سياست، انسانن کي منظم سماجن ۾ تبديل ڪيو آھي؛ سياست انسان کي اوچ نيچ، وحشت، بربريت ۽ قبائلي جھگڑن مان ڪڍي ڪنھن اعليٰ ۽ عظيم نصب العين لاءِ تيار ڪرڻ ۾ اھم ڪردار ادا ڪيو آھي. اھا سياست ئي آھي، جنھن ھڪڙي طرف غلام بنائڻ لاءِ دروازا کوليا تہ ٻئي طرف غلام بنائيندڙ فاتحن جي ارادن کي عوام جي طاقت سان مٽيءَ ۾ ملايو. سياست راجائن کي مزدورن جي قطار ۾ بيھاريو ۽ مزدورن کي تخت ۽ تاجَ جو وارث بنايو.

ٻئي نمبر تي ادب آھي. ادب انسان کي جذباتي دنيا ۾ متحرڪ ڪيو ۽ سياسي تبديلين واسطي قربان ٿيڻ لاءِ تيار ڪيو. ادب ئي آھي، جنھن

سياست جي ڪنور ميدان ۾ حاڪمن طرفان لڳندڙ ڇهبڪي جي گهاڻن کي چُمين جي لذت بخشي.

ٽين شيءِ آهي **سائنس**، جنهن انسان لاءِ سموريون آسائشون، ۽ راحتون موجود ڪري ڏنيون ۽ انسانَ فطرت کي فتح ڪيو. فطرت کي سائنس جي ذريعي ئي فتح ڪري سگهجي ٿو.

جنهن علم جي روشني اسين سنڌ ۾ پکيڙڻ چاهيون ٿا، ان ۾ سرفهرست اهي ٽي شعبا هوندا.

سياست، اسان کي ماڻهن سان ملڻ سيکاري ٿي؛ **ادب**، اسان کي ماڻهن سان محبت ڪرڻ سيکاري ٿو؛ ۽ **سائنس**، اسان کي ملڻ ۽ محبت ڪرڻ جا خوبصورت، شاندار ۽ تڪڙا موقعا موجود ڪري ڏئي ٿي.

هونئن اسين علم جي ڪنهن به شاخ جا منڪر نه آهيون، اسين علم چاهيون ٿا، پو ته علم روشني ۽ سونهن آهي. اسين ان روشنيءَ ۽ سونهن جا پرستار آهيون، پو ته روشني ۽ سونهن لتاڙڻ لاءِ نه، پر پوڄا لاءِ هوندیون آهن.

اُنهن لفظن سان آءٌ پنهنجا خيال ختم ڪريان ٿو. جيئوٽيڪ موضوع اهڙو آهي، جو اُن تي اڃا وڌيڪ ڳالهائي سگهجي ٿو. محبوب جو ذڪر هجي، محبت جي ڳالهه هجي، ۽ روشنيءَ جي تلاش، اها ڪيتروئي وقت هلي سگهي ٿي.

خوشي شب باشد و ماهتابي،
ک بات و حکايت کنم زهريابي

(خوبصورت روشن رات هجي ۽ تون هجين ته جيئن توسان هر موضوع تي ڳالهائي سگهان)

◆

هي وقت، سڏي ليکي تي هلڻ جو آهي!

اڄ جڏهن ڀالهائيندي ڀالهائيندي منهنجا وار سُفيد ٿي ويا آهن، تڏهن سندءِ ۾ ڪن نوجوانن جون دليون انتهائي ڪاريون ٿيندڙيون وڃن پيون- ۽ جڏهن منهنجا ڏند ۽ ڏاڙون پُرڻ ۽ جهُرڻ لڳيون آهن، ان وقت منهنجا ڪي ساٿي، جن قلعن کي پورڻ ۽ پڄڻ لاءِ مُون جدوجهد ڪئي هئي، تن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ ڪرائي جا سپاهي ٿي لٽل آهن: تڏهن مون کي سائين جي. ايم. سيد ياد اچي رهيو آهي، جو ته اُهو منهنجيءَ سياسي محبت جي ابتدا ۽ انتها هو. ان اسان کي هڪ سڏو ليکو ڪڍي ڏنو هو، جيڪو ڪوڪرا پار کان شروع ٿي ڪشمور تائين پهتو ٿي. اُهو آزاديءَ جو ليکو هو، اُن ۾ ڪڏڻ کوڙا ۽ هيناهيون مٺانهيون به هيون، پوءِ به اُهو ڏاڍو دلڪش هو. ان ۾ نه معلوم ڪيتريون انڊلڻ ريڪائون هيون، ڪيترا مينهن وساڻن جا گس هٿا، ڪيتريون زندگيءَ تان هٽ ڏوئي ابد جي زندگي ماڻڻ جون تمنائون هيون- ۽ اسان اُن گس تي هلي پيا هٿاسين. دُنيا چيو ته هي ديواني جو خواب آهي، تاريخ چيو ته ديوانن جا خوابَ، فرزانن جي سوچن کان وڌيڪ دلڪش، خوابناڪ ۽ من موهيندڙ هوندا آهن. اسان اُن آزاديءَ جي گس ۽ ليکي کي پنهنجي منزل مقصود بنائي، نه رڳو رڙهياسين، پر وڙهياسين، وڇڙياسين ۽ واڇوڙن سان اٽکياسين ۽ واڳ ڏٽين جي نڪن ۾ مڇرن وانگر داخل ٿي وياسين. ها، ڀالهه ٿي اهڙي هئي: آزادي! آزادي، ڪنهن کي نه گهرجي؟ آزادي قلم کي گهرجي، سُرَ کي گهُرجي، سنگيت کي گهُرجي، حُسن کي گهرجي، محبت ۽ مُرڪ کي گهرجي، نوجوانن جي چيتن وانگر ڪڄندڙ وڪڻ کي گهرجي، ڪنوار جي ڏيلَ وانگر ڪڄندڙ پيرن کي گهرجي، ٽر تي آيل سانوڻ جي ڪڪرن کي گهرجي ۽ جيڪب آباد جي سارين جي خوشبوءِ کي گهرجي- ۽ اسان کي اُها آزادي ڪپندي هئي، ڪپي ٿي ۽ اُن کان سواءِ اسان جا سر بي فائدا آهن.

جنهن ماڻهوءَ اسان کي اِهو سبق ڏنو هو، اُن جي ساهن جي سُرهاڻ

مان اسان کي آزادي محسوس ٿيندي هئي. ان جون بيپناھ گھربون اکيون، جيکي دور اُفق ۾ آزاديءَ جا نہ رڳو سَپنا ڏسندیون هیون، پر مختلف ملکن ۾ اُڏامندڙ آزاديءَ جا کبوتر پنهنجن نيٽن ۾ سَموئي وٺندیون هیون- ۽ اُهو ماڻهو، غلام قوم جو فرد هوندي، ذهن ۽ ضمير ۾ هميشہ آزاد هو- ۽ اسان اُن ماڻهوءَ جي نيت، ارادي ۽ دل جي ديول ۾، جيکا اسان کعبي، هيکل سليماني ۽ دوارکا کان وڌيڪ مقدس سمجهندا هئاسون، پنهنجون پيشانيون هميشہ جهُکائي ڇڏيون. نتيجي ۾ اسان کي ڇا مليو؟ جبر ۽ قهر جون سموريون قوتون، اسان جي سامهون آيون، پر اسان پنهنجيءَ مُرڪ سان انهن کي ٽيڑي ڇڏيو. جڏهن به زندگي اسان تي تنگ ٿي ويندي هئي، ان وقت اسان جي سامهون هڪ چهرو اُپرندو هو، جنهن جو رنگ جيتوٽيڪ ذوالفقار علي ڀُٽي جي ڳلن جهڙو نہ هوندو هو، پر سنڌوءَ جي لُڙاٽيل پاڻيءَ جهڙو هوندو هو؛ ۽ اُهو اسان کي مُرکي چوندو هو: "اوهان کي نہ رڳو ايمان سلامت رکڻو آهي، پر عشق به سلامت رکڻو آهي" - ۽ اُنهيءَ جلوي ۽ جمالَ، اسان کي ايڏو حوصلي مند،بنايو، جو تارچر سيلن جون ديوارون تہ ڳري وبون، پر اسان جا حوصلا وڌيڪ بلند ٿيندا ويا.

اسين سنڌي ماڻهو، جيکي صدين جي غلامين، محرومين، ظلم ۽ جبر ۾ پيڙيل هئاسين، تن کي صرف هڪڙي ئي ماڻهوءَ، هڪڙو ئي رستو ڏيکاريو، جيکو باغبان جي ڏرتيءَ تان ڦُٽو ٿي ۽ سَن جي سرزمين تي اُن اختتام کيو ٿي: اُهو هو آزاديءَ جو رستو! جنهن لاءِ منهنجي محبوب شاعر شيخ اياز چيو هو تہ:

جنهن وقت به کنهن جو طوق ٽُٽو،
مون اِئن سمجهيو،
جڙ منهنجي گردن هلکي ٿي.
اي دُنيا پَر جا محکومؤ!
اي مظلومؤ!
جي محکوميءَ مان کو به ڇُٽو،
مُون اِئين سمجهيو،
جڙ منهنجي گردن هلکي ٿي.
کنهن هڏ به منهنجي قاتل جا،

جي هَتَ لُڏيا،
پَل مون کي ڏي ڪيڏو به گهُٽو،
مُون اڻن سمجهيو،
جڙ منهنجي گردن هلڪي ٿي!

انساني تاريخ ۾ جيئن ٿيندو آيو آهي تہ عظيم انسانن جي تعليم کي مسخ ڪيو ويندو آهي ۽ اُن کان انحراف ڪيو ويندو آهي. سموريءَ دُنيا جي اوليائن، رِشين ۽ سنتن جي تعليم کي مسخ ڪيو ويو آهي، ايئن اڄ اسان کي به اِهو چيو وڃي ٿو تہ اوهان به ايئن ڪريو- اُنهن کي آءٌ صرف هڪڙو عرض ڪندس تہ اسين غريب ماڻهن جا بارَ آهيون، اسان وڏيرن جي ٽُڏن ۽ زماني جي ڏِڪن ۾ زندگي گذاري آهي. اسان نفرتن جي آڙاهن ۾ برندا رهياسون، اسان کي محبتن جي تلاش هئي، نہ رڳو پنهنجي لاءِ، پر سڄيءَ سنڌي قوم لاءِ- ۽ **اها محبت اسان کي صرف سَنَ ۾ ملي. هڪ پوڙهي ماڻهوءَ جي روپ ۾**، جنهن ۾ جيتوڻيڪ ڪنهن عورت جي پاڪُ جي گرمي نہ هئي، پر ڇاڇري جي پٽَ تي آيل سانوڻ جي ڪَڪر جي ڇانوَ ضرور هئي- ۽ اسين اُنهيءَ ڇانوَ جي هيٺان، ٿر جي تتل واريءَ جا ستايل گڏ ٿي وياسون ۽ پنهنجا سِرَ، جنهن ازلي خوشيءَ لاءِ هُن چاهيو ٿي، پيش ڪياسين- ۽ اُهي هُن وڏي پاڻهه سان قبول ڪيا- ۽ جيڏيون هُن جون گهَرڀون اڪيون هُيون ۽ جيڏا وڏا رازَ هُن جي سيني ۾ سمايل هئا ۽ جيڏي وڏي تاريخَ هن جي سامهون ماستر غلام قادر ملاح وانگر هٿ ٻڌيو بيٺي هوندي هئي، اُها اسان جي حوالي ڪري، آزادي جو جهنڊو اسان جي هٿن ۾ ڏني ڇڏيائين ۽ چيائين "مُنهنجي خواهش آهي تہ اُهو جهنڊو آءٌ پنهنجيءَ زندگيءَ ۾ ڦڙڪندو ڏسان، جيڪڏهن نہ، تہ توهان جي زندگيءَ ۾، ۽ پوءِ به نہ، تہ پوءِ اندرا ۽ مرتضيٰ جونيئر جي زندگيءَ ۾ ڏسان؛ تيستائين آءٌ هجان نہ هجان! پر آءٌ وڃٽو ڪٽي آهيان، منهنجو نڪاٽو سنڌ جي سرزمين کان سواءِ ڪٽي آهي؟ ان ڪري تہ جمن دربدر کي مون پنهنجو استاد بنايو هو، جنهن چيو هو تہ:

ونـي هر هر جنـم وربـو، منـا مهـراڻ ۾ ملبو،
ختم اونداهہ ٿي ويندي، چنڊيءَ چانڊاڻ ۾ ملبو.

نہ تہ جمن دربدر، ايئن ڪان وڏو شاعر نہ آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن ننڍڙي ٻار جو تيرُ ٿي اُڇايل نشاني تي لڳي ويندو آهي. آءٌ توهان کي پارت ٽو ڪريان:

آزادي، آزادي، آزادي!"

"توھان کي خبر آھي تہ آزادي چا آھي؟ اُھا جڏھن پنھنجو اظھار ڪندي آھي تہ ڪيئي دليون ڪومائجي ويندیون آھن ۽ ڪيئي ڀڳا ڦاسين تي لڙڪندي نظر ايندا آھن- پر پوءِ بہ اُن وقتَ جا صبح ۽ اُن سمي جون شامُون تبديل ٿي ويندیون آھن. صبح جي اُفق، ڪنين اھڙا نينھن- نياپا ڪٹي ايندي آھي، جن تي ڪيئي ڪنواربون دليون ڏڙڪڻ شروع ڪندیون آھن- ۽ سنجھا جون شفقون اھڙي لالاڻ ڪٹي ايندیون آھن، جيڪا يا تہ صرف ڪُنوار جي ڳلن تي حيا جي صورت ۾ ظاھر ٿيندي آھي يا شَھيد جي رَتَ جي روپ ۾ اظھار ڪندي آھي. چا توھان کي اُھا آزادي ڪپي، جنھن ۾ سُر سنگيت جا سَتئي سُر آھن، انساني عظمتن جا احرامن کان بلند مينار آھن ۽ پٽائيءَ جي سُرن جا سپ سُور سمايل آھن؟ يا توھان کي غلامي ڪپي؟ جيڪا اھو چاھيندي آھي تہ آزاديءَ جا سپ ليڪا ڏاھي ڇڏيو ۽ غلاميءَ جا نوان ليڪا ٺاھيو، ڪھڙن بہ خوبصورت نالن ۽ نعرن ۾- پر آءٌ پنھنجي ھمعصر عالم مولانا آزاد جي لفظن ۾ چوندس تہ 'غلاميءَ جا توھان ڪيڏا ئي خوبصورت نالا رکو، پر اُھا منھنجي محبوبہ ٿي نہ ٿي سگھي.' ھا، اچو تہ اُنھن ليڪن جا رستا بند ڪريون، جيڪي غلاميءَ جا نوان ليڪا ھوءَ اسان کي ڏيڪارڻ چاھي ٿي."

آءٌ اھڙن آزاديءَ جي مخالف دانءَ دوستن کي گذارش ڪندس تہ اسان کي جي. ايم. سيد جي ڪديل ليکي تان نہ ٿيڙبو. توھان پلي نوان ليڪا ٺاھيو، پر ڪارونجھر کان ڪشمور تائين سنڌ جو نوجوانُ، انھن ليڪن کي ڏاھي ڇڏيندو، جيڪي ايٽرڪنڊيشنڊ رومن ڏانھن وڃن پيا. اسان تَتي ديس جا تتل ماٹھو آھيون ۽ تتيءَ ٺڏيءَ ڪاھڻ اسان جو ايمان آھي: جيڪو سبق اسان کي اسان جي مُرشد ڏنو آھي. اُن کري، اھا ضرورت نہ آھي تہ اچو تہ نوان ليڪا ڪڍون، ضرورت اھا آھي تہ انھن ليڪن کي مضبوط ڪريون ۽ ويڪرو ڪريون، جن تان اسان جو سنڌوءَ جي لھرن جھڙو ميرانجھڙو ماٹھو ساري دُنيا کي سبق ڏئي ويو تہ:

"سنڌ ملڪ آھي. سنڌي قوم آھن. آزادي انھن جو حق آھي. ۽ آزادي ممڪن آھي."

آءٌ خوابن ۾ شرمندو ٿيڻ نہ ٿو چاهيان

رات، سائين جي. ايم. سيدُ خواب ۾ ڏٺم، سائين جيجي سائنڊ (دُرِشهوار سيد) ۽ گڏ هئي. سائين ڏاڍو تندرست ۽ هشاش بشاش نظر پئي آيو. سائينءَ کي سفيد لباس ۽ گرم توپي پاتل هئي. خواب وقت مون کي اهو احساس نہ هو تہ کو سائين اسان کان جدا ٿي ويو آهي. خواب ۾ سائين پنهنجي خواب گاهہ کان باهر حويليءَ واري پاسي کان خواب گاهہ جي ديوار سان ٽيڪ لڳايو ويٺو هو. خواب ۾ مون سائينءَ کان سوال پڇيو (ان وقت ڊاڪٽر صاحب ڪنهن ڪم سان حويليءَ جي طرف اڻي وئي هئي، ان ڪري مون کي سوال ڪرڻ جو موقعو ملي ويو هو) تہ "سنڌ ۾ زميندار، جاگيردار ۽ پير لاءِ اهو مشهور آهي تہ انهن وٽ پي، ٽين ۽ چوٿين شاديءَ جو رواج عام هوندو آهي، انهيءَ ڪري انهن جون حويليون عورتن جا قيدخانا ۽ نجي جيل بنجي ويندا آهن؛ پر توهان طبقاتي طرح هڪ جاگيردار خاندان جي وارث ۽ پيريءَ جي تقدس جي باوجود شادين جي بهاني پنهنجي حويليءَ ۾ عورتن جو هجوم ڇو نہ گڏ ڪيو؟" سائينءَ جا چپ جواب ڏيڻ لاءِ کُليا. مون کي ان وقت جيڪا مسرت حاصل ٿي، ان جو ڇا بيان ڪريان! اٿين لڳو جڻ باک جي هير تي مڪڙي ڪلي پئي هجي يا روحل واءِ جي پٽ تي حليم باغيءَ يا حاجي ساند جو ڪوئي گيت صادق فقير جي آواز ۾ اٿين پکڙجي ويو هجي، جيئن بي انتها پريم جي چميءَ ۾ شديد محبت جا جذبا هڪ ٻئي سان ٻڪجي ويندا آهن. سائينءَ وراڻيو تہ "انسان جڏهن حيواني اثرات کان مٿانهون ٿي ويندو آهي، تڏهن هن وٽ شهوت، حيواني طاقت کان بلند ٿي ملڪوتي درجي ۾ داخل ٿي ويندي آهي ۽ اهو انسان پوءِ مطلق حيوان نہ رهندو آهي؛ پر اها شيءِ هن کي ماٺهن جي محبت مان حاصل ٿيندي آهي."

سائينءَ اينرو ٽي چيو هو تہ ڪارڪن جو هڪ هجوم اندر داخل ٿيو، جن جي اڳواڻي اسان جي دوست سرور سهتي جو هڪ منظور نظر شخص ڪري رهيو هو، جنهن اسان جي گفتگوءَ ۾ رڪاوٽ وجهي ڇڏي.

انھيءَ خواب يا ٻين خوابن جي باري ۾ مُون ھڪ دفعو اخبار ۾ بيان ڏنو ھو تہ "آءٌ سائين جي. ايم. سيد وٽ خوابن ۾ شرمندو ٿيڻ نہ ٿو چاھيان." اُن تي پليجي صاحب بيان جاري ڪيو ھو تہ "اسين اُنھن ماڻھن سان سياست ڪيئن ڪريون، جيڪي خوابن تي يقين رکن ٿا. آربسر بابت جيئن اخبارن ۾ آيو آھي تہ ھُو چوي ٿو تہ آءٌ خوابن ۾ شرمندو ٿيڻ نہ ٿو چاھيان، پوءِ اُن ماڻھوءَ سان ڪيئن ڳالھائجي. جيڪو دليلن جي بدران خوابن جا قصا ٿو ٻڌائي."

مون کي حيرت ٿي تہ پليجو صاحب اصطلاح جي زبان ئي نہ ٿو سمجھي، خصوصاً 'خواب' لفظ جي باري ۾ ڪيس ڄاڻ ئي نہ آھي، ان ڪري ئي ھو شڪست خورده ٿي، ڪُجھ پسمانده حسينائن جي بغل ۾ ويھي رھيو آھي. بنيادي شيءِ اھا آھي تہ ھو نہ خوابن جي حقيقت کي سمجھي سگھي ٿو، نہ خيالن جي اُڏام کي، جيتوڻيڪ ھن خيالن جي اُڏام تي ٽورڙو تبصرو ڪيو آھي. ليکن، جيئن تہ ھو سموري مشرقي فلسفي کان بيخبر آھي، جنھن کي ھن پڙھڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪئي آھي، ان ڪري، ھُو نہ مشرق ۽ مغرب جي تضاد کي سمجھي سگھيو آھي ۽ نہ سنڌ ۽ ھند کي ھن پنھنجي مطالعي جو مرڪز بنايو آھي. مون کي حيرت آھي تہ ابن خلدون جھڙو ماڻھو جڏھن دنيا جي جاگرافي بيان ڪري ٿو تہ 'سنڌ ۽ ھند' جا لفظ ڪم آڻي ٿو، ۽ جڏھن ڪو معروف فلسفي چوي ٿو تہ نسلن جي بنيادن تي عربي، ھندي ۽ سنڌيءَ جي تعريف ڪريون ٿا تہ اھو انتھائي غلط ۽ گمراھ ڪُن طريقو آھي ۽ تصوف جي خلاف آھي.

مون بي. بي. سي. (B.B.C) تان ھڪ پروگرام ٻڌو، "ھندو پاڻي، مسلم پاڻي" - ان پروگرام ھلندي ڪراچيءَ جي حوالي سان ھڪ بلوچ جو انترويو نشر ڪيو ويو، جنھن ۾ ھن چيو تہ آءٌ 'ھندو پاڻي' ۽ 'مسلم پاڻيءَ' جو ڏاڍو طرفدار ھئس، پر جناح صاحب پنھنجي تقرير ۾ چيو تہ جي. ايم. سيد ھڪڙي باھ آھي، جيڪا پنھنجي سجي پروگرام کي ساڙي ڇڏيندي. ان وقت مون سوچيو تہ جنھن وقت ۾ جناح، سائين جي. ايم. سيد لاءِ 'باھ' جو لفظ استعمال ڪيو ھو، ان وقت جي. ايم. سيد عمر جي اھڙي منزل ۾ ھو، جھڙي ڪنواري ڇوڪريءَ جي مرڪ ۽ واقعي ئي ھن ۾ دليون ساڙڻ جي سگھہ ھئي- پر جڏھن مون ھُن کي ڏٺو، ان وقت بہ ھو آڳ ھو، پر اھڙي

آڳ، جيڪا موسيٰ طورسينا تي جلندي ڏٺي هئي ۽ اُها آڳ ايڏي پياري هئي، جيڪا ڪڏهن سورت جو ڳل، ڪڏهن ڏياچ جو ڪنڊ تہ ڪڏهن ٻيجل جو ڪينرو لڳندي هئي، ۽ اُها رنگ برنگي اندلڪ اسان کي ساڻبندي نہ هئي، پر اسان جي اندر ۾ ستل زندگيءَ جي خوشين کان بيخبر ماڻهوءَ کي جاڳائي، سڃيءَ سنڊ جي سونهن پسائيندي هئي- ۽ پوءِ اسين جوڳي ۽ سامي بنجي سنڊ جي بيخبر ماڻهن جي دلين ۾ سفر ڪرڻ لاءِ نڪري پوندا هئاسين. ڪي ماڻهو زمينن جو سفر ڪندا آهن، پر اسان دلين جو سفر ڪيو آهي، چو تہ جي. ايم. سيد اسان کي دلين جي سفر ڪرڻ جو چيو هو، ۽ اِهو پڻ چيو هو تہ زمين جي ويڪر ڊاڍي ننڍڙي آهي، پر دل جي زمين جي ويڪر خدا جي تصور جھڙي لامحدود آهي- 'ملڪ دل جو موکرو، جنهن جو عرش زمين آسڻ!' ماڻهو لفظن جي ذريعي دماغن جو شڪار ڪندا آهن ۽ بادشاهہ تلوارن جي ذريعي ملڪن جو شڪار ڪندا آهن، پر توهان محبت جي ذريعي دلين جو شڪار ڪريو، چو تہ دليون زمينن ۽ آسمانن کان وڏيڪ وسيع آهن، مسجدن ۽ مندرن کان وڏيڪ مقدس آهن.

"منهنجو مقصد شاهہ لطيف جي پيغام جي روشنيءَ ۾ اِهو آهي تہ جن دلين ۾ ڪنورتا جا ٿوهر ڦُٽل آهن، اُتي آءٌ محبتن جا ڪنول پوکيان. محبت زندگي آهي، محبت خدا جي وجود جو ثبوت آهي، محبت پٽائيءَ جو سُر سارنگ آهي. نفرت زهر آهي، ڪنبا آهي، ٿوهر جو رس آهي. آءٌ توهان کي واضح ٻڌايان ٿو تہ سنڊو ديش منهنجي منزل ناهي، پر هڪڙو ڏاکو آهي، سنڊ جي پيغام جو، جنهن پيغام ۾ ٻہ شيون وڏيون اهم آهن: هڪ شيءِ- سنڊ جي جاگرافيائي ڪيفيت، ان ۾ ماڻهن جا مهاندا، سراپا سونهن ۽ محبت آهن، ۽ ٻي شيءِ- جيستائين پنهنجو نقصان نہ ٿيندو، تيستائين ٻئي جو پلو نہ ٽيندو."

"اِهو منهنجو تاريخي ورثو آهي. اسان جي سيني صوفي بزرگن، جن سنڊ جي سونهن ۽ ساک سلامت رکڻ لاءِ قربانيون ڏنيون، انهن جو مقصد اقتدار ۽ وڏماڻهپائي ڪرڻ نہ هو. هو اُهي يڪشو هئا، جيڪي سڪندر يوناني‌ءَ جي حملي وقت ٻہ ٻي پرواهيءَ سان ائين چوندا ويا: "پري هٽ، هٽي پري ٽيءُ، جو سڄ جي روشني اسان کان پري ٿو ڪرين" - چو تہ بادشاهہ اونداهين جا پيغمبر هوندا آهن ۽ اسين روشنين جا ربارا آهيون- پوءِ

منهنجي ذرتيءَ جي املهه انسانن جي هڪڙي قطار آهي، جيڪا هن ذرتيءَ تان نثار ٿيندي رهي آهي، اُن اميد کان سواءِ تہ فاتح ٿيندا سين. پوءِ اهي حڪمران دودي سومري جي دور جا درويش هجن، هاسو سوڊو هجي يا پاڳو يان هجي! يا وري سما ۽ ابڙا هجن! مخدوم بلاول، شاهه عنايت، هوشو شيدي، هيمون کالاڻي هجن! چا انهن کي اِها توقع هئي تہ سنڌ آزاد ٿي تہ اسان حڪمران ٿيندا سين؟ نہ، کنهن کي به اِها توقع نہ هئي، پر پوءِ به هن ماڻهوءَ جو مان مٿانهون رکڻ، ۽ سنڌ جي سينڌ سلامت رکڻ لاءِ سيڪجهه ڪيو. اِهو منهنجي لاءِ قرباني جو، انساني تاريخ ۾ بي مثال مظاهرو هو، جنهن مون کي حاصل ۽ ناحاصل کان بي نياز ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ تہ هر اذيت منهنجي لاءِ حاصل ۽ هر لذت بي حاصل هئي- ۽ اِهوئي منهنجو فلسفو آهي تہ حاصل ۽ بي حاصل جي لذت کان جڏهن مٿيرا ٿي ويندؤ، تڏهن توهان اُها آگ بنجي ويندؤ، جيڪا طورسينا تي ٻري هئي؛ جيڪا شعلو هئي، شبنم به هئي زندگيءَ جو پيغام به هئي ۽ باطل لاءِ تباهي هئي ۽ کنهن نئين قوم جي ابتدا هئي!"

"آءٌ بنيادي طرح فنڪارن کي پسند ڪندڙ آهيان، فنڪار تخليق ڪندڙ هوندا آهن ۽ حڪمران فتح ڪندڙ هوندا آهن، ان ڪري حڪمرانن سان منهنجي صحبت گهٽ رهي آهي، مون کي هڪ شعر ڏاڍو وٺندو آهي، جنهن جو مطلب آهي:

'منهنجي هيءَ فقيري سڪندريءَ کان سٺي آهي' چو تہ سڪندري ماڻهو مارڻ جو پيشو آهي ۽ فقيري ماڻهو ناهڻ جي وات آهي.'

آءٌ ڪوشش ڪريان ٿو تہ نئون سنڌي ماڻهو ناهيان؟ جيڪو جيڪڏهن تشدد به ڪري تہ هڪ ئي وقت ۾ ماڻهن کي ماري: هڪڙو دشمن کي ۽ ٻيو پنهنجي اندر ۾ ستل بزدل ماڻهوءَ کي!"

هي جو پوڙهو جُهور....

تُنهنجو عشق اتاهون، هر جابر جي ذات اڳيان،
تنهنجو ڪنڌ جهڪڻ جو ناهي، ڪنهن پي لات، منات اڳيان.

ڪي ماڻهو سائين جي. ايم. سيد کي صرف سياستدان سمجهندا آهن. بيشڪ هن جي زندگيءَ جو هڪ پهلو سياستدان وارو به آهي، ۽ سياستدان جي حيثيت ۾ سياسي جنگيون ڪندي هُن ڪيتريون فتحون حاصل ڪيون، ۽ ڪيتريون شڪستون به کاڌيون. هڪ جرنيل جي عظمت ان ۾ ناهي ته هُن ڪيترا ملڪ فتح ڪيا، پر هُن جي عظمت ان ۾ آهي ته ڪڏهن هن پنهنجي تلوار دشمن جي پيرن ۾ نه اُڇلائي ناهي! بيشڪ چنگيز وڏو فاتح هو، هُن گهڻا ملڪ فتح ڪيا، تيمورلنگ به فاتح هو، نيپولين بوناپارٽ به فاتح هو، پر يورپ جي تاريخ ۾ جيڪا اهميت ۽ عظمت آفريڪن جرنيل هيني بال کي حاصل آهي، سا شايد ئي ٻئي ڪنهن کي حاصل هجي- ۽ اهو ئي جرنيل آهي، جنهن يورپي حملي آورن لاءِ ڪارٿيج جي عورتن کي ان حد تائين تيار ڪيو هو، جو هو پنهنجا وار ڪوڙائي اُنهن مان تيرن جا 'زهر' بنائي، دشمن تي ڇڏي ڏيون هيون. ان ڪري اڄ به مغربي حڪمرانن کي عربن تي حملي ڪرڻ وقت ڪارٿيج کي ياد رکڻ گهرجي.

جي. ايم. سيد به سياسي جنگين جو هيني بال آهي. هُن جيڪي فتحون حاصل ڪيون، اُهي به لازوال آهن ۽ هُن کي جيڪي بظاهر شڪستون نصيب ٿيون، اُنهن سان به اسان کي پيار آهي. جيئن آءٌ چوندو آهيان ته سنڌ پنهنجي تاريخ ۾ جيتريون به سوڀون ماڻيون آهن، تن تي ته مون کي فخر آهي، پر اُن جيڪي شڪستون کاڌيون آهن، انهن شڪستن سان پڻ مون کي پيار آهي، ڇو ته اُنهن شڪستن ۾ به اسان جي سرويچن جو ريٽو رت شامل آهي ۽ انهيءَ ئي رت تي ته اسان جا شاعر ڪيڏارا لکندا آيا آهن. لطيف کان ايار تائين شاعر ڪيڏارا صرف انهن شڪستن تي لکندا آهن، جن شڪستن مان شاعرن کي اتساهه ملندو آهي، ڇو ته بزدليءَ واري شڪست، شاعر لاءِ ڪرب جو سبب بنبي آهي. سائين جي. ايم. سيد جي جدوجهد تي ايار

شعر لکيو آھي ۽ شعر کان اڳ ۾ نثر ۾ ھي جملا لکيا آھن:

"جي. ايم. سيد سنڌ سان ائين پيار ڪندو آھي، جيئن معصوم ٻار سياري جي رات ۾ پنھنجيءَ ماءُ جي ڪوسيءَ ڪک سان ڪندو آھي. ھُن لاءِ سنڌ صرف زمين جو ٽڪرو ناھي، پر اُھي پڙ ڏاڏا ۽ تڙ ڏاڏا ۽ آھي، جيڪي ڪڏھن ۽ نہ مُنا آھن ۽ ھر عيد نماز تي ھن سان گڏ ھوندا آھن ۽ ھر ڏيارو ھن سان گڏ ملھائيندا آھن. دل چاھي ٿي تہ سيد تي ڪوئي نظم لکان."

'ويا اڏامي ڪک پڙ تان پاھڻ نہ چري' . (خليفو نبي بخش)

- ۽ پوءِ اياز 'پوڙھو باغي' جي، عنوان وارا بيت لکيا، جن جو پھريون بيت ھي آھي تہ:

ھي جو پوڙھو جھور، وڙھندي ٽيو ويڙھ ۾،
ايا ڏمري ڏاڍ تي، آن نہ ڇڄي مور،
سوچي ڏسي ڏور، ايندڙ آرن ڏينھڙا.

آءٌ سمجھان ٿو تہ سباستدان جي. ايم. سيد لاءِ ايياز جي ان شعر کان وڌيڪ ڪائي پيٽا ڏئي نہ ٿي سگھجي.

جي. ايم. سيد جو ٻيو روپ ھڪ اديب جو آھي ۽ آءٌ نہ ٿو سمجھان تہ نج سماجي ۽ سياسي مسئلن تي آسان ۽ نج بوليءَ ۾ جيترا ڪتاب جي. ايم. سيد لکيا آھن، اوترا شايد ٻئي ڪنھن لکيا ھجن- ۽ اِھا عجيب ڳالھہ آھي تہ ميرن، پيرن، سيدن ۽ وڏيرن جي ھن سنڌ ۾ جتي سياست پئسي، روحاني رمزن ۽ ڪاني ڪرامتن جي آڌار تي ٽيندي آھي، جتي ڪتاب پڙھڻ کي وقت جو زبان سمجھيو ويندو آھي، اُتي سيد صرف قلم جي وسيلي جاڳرتا جو اھڙو سڄ اياريو، جنھن کي ڪائي گرھڻ لڳي ڪانہ ٿي سگھي.

1970ع جي اليڪشن ۾ سنڌي ماڻھن جو ووٽ پٽي سان گڏ ھو ۽ 'سنڌ جي ساڃاھہ' ، سرت، ادب، شاعري ۽ فڪر سيد سان گڏ ھو. مون کي ھڪڙي لوڪ شاعر جي ست ھر وقت ھينئين تي ھُرندي رھندي آھي تہ:

'ڪنين ميڙيا ماڻڪ موتي، ڪنين ميڙيا ڪک!'

ظاھر ڳالھہ آھي تہ ڪک گھٽا ھوندا آھن ۽ ماڻڪ موتي ٿورا ھوندا آھن. ڪک سڀ پُڻي سان گڏ ھٽا ۽ ماڻڪ موتي- ابراھيم جويو کان ونئي ايياز تائين، حفيظ قريشيءَ کان ونئي اقبال ترين تائين جي. ايم. سيد

سان گڏ ھنا- ۽ هيءَ به حيرت انگيز ڳالهه آهي ته 1970ع جي اليڪشن ۾ جي. ايم. سيد کي حڪومتي ايجنسين هٿ وٺي هارايو ته جيئن هو پاڪستان جي نام نهاد قومي اسيمبليءَ ۾ شيخ مجيب الرحمان جو رهنما نه ٿي سگهي- ۾ 1970ع جي اليڪشن کان پوءِ ترت ئي بنگلاديش جي آزادي عمل ۾ آئي ۽ بچيل پاڪستان جو پٽو صاحب مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ٿي سامهون آيو، پوءِ به ڪيس پٽائن ۽ بلوچن جي مضبوط مخالفت کي منهن ڏيٽو پيو. اُتي ۽ هُن جي مشڪل ڪشائي جي. ايم. سيد ڪئي. اُتي عجيب قسم جي گفتگو ٿي. مرحوم مفتي محمود مون کي ٻڌايو ته "آءٌ سمجهندو هوس ته اسين پٽاڻ وڏا قومپرست آهيون، پر سنڌي ته ان کان به وڌيڪ نڪتا، جو جي. ايم. سيد پٽي صاحب سان ناهه ڪرڻ تي اسان کي مجبور ڪيو. منهنجي لاءِ جي. ايم. سيد ان کري احترام لائق هو، جو منهنجن ليڈرن، مولانا آزاد ۽ مولانا مدنيءَ سان ڪم ڪيو هئائين، ان کري باوجود هن جي مذهبي بي راهه رويءَ جي آءٌ هن سان تعاون ڪرڻ تي مجبور هوس. پر ولي خان حجت ڪري جي. ايم. سيد کي چيو ته، تون انگريزن جي پٽو شاهنواز پٽي جي پُٽ سان تعاون ڪرڻ لاءِ غفار خان جي پٽ کي چئي رهيو آهين، جنهن انگريزن جي جيلن ۾ جند پيهندي ڏينهن گذاريا هئا. سيد کيس وراڻيو ته 'نه، اهو انگريز رهيو آهي، نه اُهي جند رهيا آهن ۽ نه ئي شاهنواز پٽو رهيو آهي. هي پاڪستان آهي ۽ سموري مغربي دنيا هن پاڪستان کي پنهنجي اڏي طور بچائڻ لاءِ پٽي کي اڳتي آندو آهي. آءٌ ته هارايل ماڻهو آهيان ماڻهن جي نظرن ۾، پر پٽي سان وڙهڻ واري صورت ۾ پٽاڻن جي اڪثريت خان قيوم جو ساٿ ڏيندي، تُنهنجو نه ڏيندي، ان کري پٽي سان ناهه ڪري پين صوبن ۾ حڪومتون وٺو ۽ اُتي پنجابي بالادستيءَ خلاف طاقت تيار ڪريو. مسئلو شاهنواز پٽي ۽ غفار خان جو ناهي، سرحد لاءِ مسئلو قيوم خان ۽ ولي خان جو آهي، ان کري، تون پاڪستان جو وزير داخلا ٿي قيوم خان جا ڏند پيچي ڇڏ.' ولي خان، پٽي جي ماتحت وزير داخلا ٿيڻ قبول نه ڪيو ۽ پوءِ نتيجو اِهو ئي نڪتو، جيڪو اسان جي سامهون آهي. "بقول مفتي محمود ته مون کي پهريون دفعو معلوم ٿيو ته جي. ايم. سيد روحانيت ۾ يقين رکندڙ آهي ۽ هُن ان وقت چيو هو ته 'توهان جو گهٽو اعتبار روس تي آهي، پر منهنجون نگاهون ڏسي رهيون

آهن، تہ روس ۾ آمريڪا ۾ئي ماده پرست آهن ۽ هڪ ڏينهن اُهي قوتون روحانيت ۾ يقين رکندڙ سموري دنيا جي خلاف ٿي ويندیون. پر ولي خان ان ڳالهہ تي اعتبار نہ ڪيو. بهرحال اسان تہ معاهدو ڪري ورتو، پر اُهو سيد جي ڳالهين جي آڌار تي ۽ پوءِ اسان کي اُهي ئي ڏينهن ڏسڻا پيا، جيڪي هُن چيا هئا.'

ان سڄي وارتا ۾ ايياز جي اها سٽ- 'سوچي ڏسي ڏور، آڏو آرڻ ڏينهڙا' - صحيح ثابت ٿي، جيئن مون مٿي چيو آهي تہ سرت ۽ ساجاهہ جي. ايم. سيد سان گڏ هئي- ۽ پوءِ ترت ئي تعليمي ادارن ۾ اسٽوڊنٽس يونين جون اليڪشنون ٿيون ۽ سنڌ جي سڀني تعليمي ادارن ۾ جساف سوئيپ ڪري وئي، ان حد تائين جو عمرڪوٽ ڪالیج، جيڪو ان وقت نئون نئون قائم ٿيو هو، اُتي بہ جساف جي ڪارڪن مير حسن پليءَ، پ پ جي موجوده ايم. پي. اي (علي مردان شاهہ) کي ميدان ۾ شڪست ڏني. مير حسن ننڍڙو آبادگار ۽ علي مردان شاهہ سنڌ جي مرشدن جي خاندان جو سيدزادو!، اها جيڪا تبديلي سنڌ ۾ آئي، سائينءَ جي لکڻ جي وسيلي آئي ۽ لکڻين تي هُن ان ڪري اعتبار ڪيو ۽ پنهنجو مرڪز بنايو، جو مولانا آزاد بار بار چوندو هو تہ 'شاهہ صاحب! ماڻهن جون ڳالهيون چڏيو، ماڻهو جيڪڏهن چاهين تہ سُامريءَ جي گابي کي پوڄين، جيڪڏهن چاهين تہ مسيح کي ڦاسي چڙهڻ وقت تازيون وڄائين، اصلي شيءِ نظريو ۽ ان تي اعتماد آهي ۽ نظريي تي بينل ماڻهو ئي تاريخ جي عمارت جا سڀ کان وڏا منارا هوندا آهن ۽ پنهنجين قومن جا نجات ڏيندڙ ٿيندا آهن.'

◆

آڻ نه ميڃي مُور

هي جو پوڙهو جهُور، وڙهندي ٽيو ويڙهه ۾،
اڃا ڏمري ڏاڍ تي، آڻ نه مڃي مُور،
سوچي ڏسي ڏُور، آڏو آرڙ ڏينهڙا!

آڻ نہ ڄي مُور

صدر محترم ۽ ساٿيو!

گذريل سال هن تاريخ ۽ ڏينهن تي ڪراچيءَ ۾ گڏ ٿيا هئاسون. هٿين خالي، بي سروساماني‌ءَ جي حالت ۾، اسان جي انهيءَ سادي گڏجاڻيءَ حاڪمن جي دلين ۾ موت جي ڏڪڻي پيدا ڪري ڇڏي، ۽ هنن جون پيشانيون، ڊپ گاڏڙ ڪاوڙ کان ڪال گرل جي بستري وانگر گهنججي ويون. نتيجي ۾ سنڌ وزارت جي نئين گهوٽ، پنهنجي مڙسيءَ جو مظاهرو ڪندي، گرفتارين جو هڪ نہ کُٽندڙ، پر جلدي ٽُٽندڙ سلسلو شروع ڪرائي ڏنو آهي، جيڪو اڃا تائين جاري آهي.

اسان گذريل سال سنڌ جي عظيم قومي اڳواڻ جي سالگرهہ تي جيڪو وچن ڪيو هو، تنهن تي عمل ڪندي وٺ پڪڙ جي طوفان کان بيپرواهہ، وري گڏ ٿيا آهيون. اڄ ڪارونجهر کان ڪشمور تائين، اسان جي سوچ ۽ لوچ هڪ آهي. اسان جا ارادا جوانيءَ جي اُمنگن وانگر تازا آهن. اسان جي عمل ۾ تازگي، توانائي، مضبوطي ۽ سچائي آهي. اسان جا مخالف انهيءَ چوڪريءَ وانگر، جيڪا خوبصورت مستقبل جي تمنا کڻي، گهران نڪري ۽ بازارِ حُسن ۾ پهچي وڃي، پنهنجي اُڻيل جار ۾ ڦاسي چڪا آهن. هر ظالم ۽ جابر حڪومت عوامي طاقتن جي اڳسر کان هميشہ خوفزده رهندي آهي، انهيءَ ڪري هو عوامي قوت جي فطري اُپار کي ڪيسن، وارنٽن، سزائن، گولين ۽ ڦاسين ذريعي هيسائڻ ۽ دٻائڻ چاهيندي آهي. حقيقت ۾ جڏهن ڪابہ حاڪم ذُرانهن هٽڪندڙ تي لهي اچي تہ پڪ سمجهڻ گهرجي تہ اها اندر ۾ انتهائي ڊنل آهي ۽ پنهنجي ڊپ کي لڪائڻ جا طريقا استعمال ڪري رهي آهي. اهي طريقا سندس ڪمزوريءَ جو دليل آهن، خوف جو اقرار آهن، ۽ بزدليءَ جو اعتراف آهن. انهن ئي حربن، چالاڪين ۽ حرفتن جو استعمال، هو هن پيري بہ ڪندي، چو تہ جي. ايم. سيد جي سالگرهہ تي قوم پرست ۽ وطن دوست طاقتن جو گڏجڻ، هن ملڪ جي رجعت پسند،

بدبودار ۽ خونخوار حاڪمن، انهن جي پاٽاريدارن، سندن ساٿين ۽ 'پُنگ' پائيوارن لاءِ موت جي علامت ۽ نشاني آهي. هر غاصب ۽ ظالم، موت کان ڊڄندو آهي ۽ پنهنجي بچاءَ لاءِ هٿ پير هڻڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هو پلي اسان تي ڪيس ڪن، سزائون تجويز ڪن، ۽ پوري پاڪستان جو ڪاغذ اسان جي ڪيسن ناهڻ ۾ خرچ ڪن، پر هو اسان کي جھُڪائي نه ٿا سگھن. پنهنجي نظرئي تان هٽائي نٿا ٿا سگھن. اهي ساڳيا ماڻهو سڀائي اسان جي فتح جا منتظر هوندا.

دوستو! منهنجي اڃوڪي ڳالهه پوڻهه جو عنوان آهي: "جي. ايم. سيد جي خودداري"

خودداري هڪ اهڙي وصف آهي، هڪ اهڙو قدر آهي ۽ هڪ اهڙو گُڻ ۽ جوهر آهي، جيڪو آفاقي ۽ دائمي آهي، انسانيت، ملڪن، قومن ۽ شخصن لاءِ عزت، احترام، وقار ۽ مان جو سبب رهيو آهي..جيڪي قومون، ملڪ ۽ شخص، انهيءَ گُڻ کان خالي رهيا ۽ انهن خودداريءَ کي بازار جي مٽائي سمجهيو، سي نه صرف انسانيت جي مجموعي واڌاري لاءِ ڪارگر نه ٿيا، پر پنهنجي وجود کي برقرار رکڻ ۾ به ناڪام ويا آهن. انهيءَ ڪري ڪورو طبقن، حاڪمن ۽ غاصب ماڻهن جو اهو دستور رهيو آهي، ته اهي مظلوم ۽ محڪوم ماڻهن مان انهيءَ گُڻ کي نچوڙي ۽ نپوڙي ڪڍي ونڊندا آهن.

خودداريءَ جو مطلب آهي، ته انسان پنهنجي ذاتي حيثيت ۽ تاريخي طرح حالتن کيس جيڪو ڪم سونپيو آهي، ان جو پورو احساس رکي ۽ انهيءَ احساس کي هر حالت ۾ باقي رکڻ لاءِ جو ڪجهه پيش اچي. ان جو مڙس ٿي مقابلو ڪري، ڪنهن به حالت ۾ آڻ نه مڃي. انهيءَ جو باقي رکڻ ئي هن وٽ سڀ کان وڏو اعزاز هجي.

خودداريءَ جا ڪيترائي قسم آهن. انهن مان شخصي خودداري ۽ قومي خودداري وڏي اهميت جا حامل قسم آهن. جي. ايم. سيد، انفرادي خودداري جو هن ملڪ ۾ هڪ مثال قائم ڪيو آهي. هن هر انهيءَ شيءَ کي حقارت سان نُڪرائي ڇڏيو آهي، جنهن مان سندس خودداريءَ کي ڏڪ لڳڻ جو انديشو پيدا ٿيو هجي. هن پنهنجي شخصي وقار کي قائم ۽ دائم رکڻ لاءِ وقت جي وڏين وڏين آڇن کي رد ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ آءٌ به مثال پيش ڪندس:

(1) ستر جي ڏهاڪي ۾ ڪن ماڻهن جي صلاح هئي ته جي. ايم. سيد پيپلز پارٽيءَ جي اتحاد سان گهٽ ۾ گهٽ قومي اسيمبليءَ جي سيٽ حاصل ڪري وڃي، پر سيد صاحب جو چوڻ هو ته منهنجي لاءِ اليڪشن ۾ شڪست ايتري خراب نه آهي، جيتري پيپلز پارٽيءَ جي معرفت اسيمبليءَ جي رڪنيت حاصل ڪرڻ.

ٻيو دفعو اليڪشن کان پوءِ بنگلاديش مان هڪ ليڈر (تاج الدين احمد) آڻ ڪئي ته سيد صاحب، مجيب الرحمان جي خالي ڪيل سيٽ تان اليڪشن لڙي. انهيءَ پيشڪش جي جواب ۾ سيد صاحب چيو ته، "مون ڪڏهن به ڏارين جي ڪلهي تي هٿ رکي بندوق نه هلائي آهي. بنگال مان اليڪشن ڪٽڻ، منهنجي اصولءِ روايات جي خلاف آهي. مون کي جڏهن پنهنجي قوم ئي نه چونڊيو آهي، ته پوءِ اسيمبليءَ ۾ وڃي ڪهڙو ڇگو مڙس ٿيندس." اندازو لڳايو ته هڪ انسان جي خودداري اُن وقت به پنهنجي عروج تي آهي، جڏهن ڪشمير کان ڪراچيءَ تائين جا سياستدان اهڙي اسيمبليءَ ۾ وڃڻ لاءِ پنهنجو عيال ۽ آل گهوريڻ لاءِ تيار آهن ۽ جن جو نعرو آهي ته "ڪرسي مزابده وڪنش برسرم بزن."

(يعني: اسان کي ڪرسي ڏيئي ڇڏيو، پوءِ پلي مٿي تي پادر هٽندا رهو.)

اهڙي وقت، اهڙي ماحول، اهڙي دور ۽ اهڙي سمي ۾ هڪ انسان پنهنجي جليل آڪيري جا ڪک گڏ ڪري، محلات تعمير ڪري رهيو آهي. صدين جي اُجهاميل آگ کي پنيت بنائڻ لاءِ، صدين جي سودائي سامي ۽ وانگر ڏيڙي جي وٽ سوري ويٺو ۽ ڪو ئي الستي چنگ چوري پيو، هن جي خودداري ايڏي متاهين آهي، جو ان کي جهُڪائڻ لاءِ لالچ ۽ لوڀ جي هوا به پهچي نه ٿي سگهي. ڪير آهي، جو هن گندي ماحول، ابن الوقتيءَ ۽ موقعي پرستيءَ واري سياست جي مٿاني مان پنهنجي پگ سلامت ڪڍي ويو هجي؟ هتي اديب جو قلم وڪائو، عالم جو علم نيلام ٿيو، مولوين جون دستارون فروخت ٿيون، سياستدان جو ضمير اقتدار جي چڪيا تي چڙهيو، دانشور جي فڪر تي واڪ لڳو، شاعرن جون ڪوتائون اطلاعات ڪاتي جا اشتهار بڻيون، ۽ پرهيزگارن جي چوغن جا بخيا ٽُٽي پيا. پر هي ماڪيءَ کان مٺو ۽ زهر کان ڪڙو، پونري کان نرم ۽ فولاد کان سخت انسان، ڇئي رهيو آهي ته اسان پنهجو دامن نچوڙيون ته فرشتا وضو ڪن.

سندس انھيءَ خوبي ۽ خصلت کي ڏسي سنڌ جي عظيم شاعر نياز ھمايونيءَ چئي ڏنو تہ:

تنھنجو عشق اُتاھون سائين، ھر جابر جي ذات اڇيان.
تنھنجو ڪنڌ جھُڪڻ جو ناھي، ڪنھن پي لات منات اڇيان!
آڏا آيا ڏاڍ گھٽا پر، توکي اُلڪو اوڏو ناھي.
ھر ڪنھن پنھنجو اصل چڏيو، پر تنھنجي اصول کي لوڏو ناھي.

انھيءَ وضاحت مان اندازو لڳائي سگھو ٿا، جي. ايم. سيد جي ڪردار جي پختگيءَ ۽ طويل صبر آزما جدوجھد ۾ سندس استقامت جو، جو تہ جنھن شخص ۾ انفرادي خودداري نہ آھي، جنھن ۾ پنھنجي ذات جو احساس ناھي، جنھن کي انفرادي شخصيت کي محفوظ رکڻ جو فڪر ڪونھي، سو اجتماعي خوداريءَ تي ڪيئن سوچي سگھندو؟ جيڪو ماڻھو پاڻ ئي ٻئي جي محتاجي ھر قدم تي نہ صرف قبول ڪرڻ لاءِ تيار ھجي، پر ان تي فخر ٿو ڪري، سو قوم کي محتاجيءَ مان ڪيئن، خوددار ۽ غيرتمند بنائڻ جو سوچي نہ ٿو سگھي. اسان کي ھيءَ ڳالھ سوچي ۽ سمجھڻ ڇڏڻ گھرجي، تہ جنھن ماڻھوءَ ھڪ دفعو پنھنجي خوداري قربان ڪئي، ۽ جنھن کي وڪامڻ جو مزو ۽ مُلھ معلوم ٿيو، اھو ڪڏھن بہ سُڌري نہ ٿو سگھي.

اھا ڳالھ مون جي. ايم. سيد جي انفرادي خوداري متعلق چئي آھي، ھاڻي آءٌ سيد صاحب جي قومي خوداريءَ جي متعلق ڪجھ چوڻ چاھيان ٿو.

1945ع جو سن آھي، ھندستاني حڪومت جي گرميءَ جي دارالحڪومت شملي جي ڏينھن ھوائن ۾ نھيل ايئرڪنڈيشنڈ ۾ ھندستاني مسلمانن جو 'خود ساختہ باباءِ قوم' وينو آھي. پيشانيءَ تي ڪاوڙ ۽ فڪر جا گھرا نشان اٿس، تہ ھڪ نوجوان اعتماد ۽ بيخوفيءَ سان ڪمري جو آٽوميٽڪ دروازو کولي اندر داخل ٿئي ٿو، ۽ جناح صاحب سان ڪن سياسي مسئلن تي انتھائي جوش ۽ تيزيءَ سان ڳالھائي ٿو، اھو نوجوان جي. ايم. سيد ھو.

جناح صاحب سندس گفتگو ٻُڌي چوڻ لڳي ٿو تہ، "سيد صاحب مون کي تنھنجين ڳالھين مان بغاوت ۽ قوم پرستيءَ جي بوءِ اچي رھي آھي، انھيءَ ڪري مان سمجھان ٿو تہ اسان جون واٽون جدا ٿيڻ تي آھن."

سيد صاحب، پنھنجي ڪتاب "نئين سنڌ لاءِ جدوجھد" ۾ لکي ٿو تہ، "جناح جي انھيءَ چوڻ کان پوءِ منھنجي لاءِ ۽ رستا کليل ھئا: ھڪ طرف اھو شخص ھو، جنھن کي آءٌ قائداعظم چوڻ تي ھريل ھوس، جنھن کي ھندستاني مسلمانن جو نجات دھندہ سمجھندو ھوس ۽ ٻئي طرف منھنجو ديس سنڌ ھو. اھا سنڌ، جتي تيرھن پيڑھين کان منھنجي وڏن جون ھڏيون پوريل ھيون ۽ جنھن سرزمين کي منھنجي ابن ڏاڏن رھائش لاءِ مقدس مقامن تي ترجيح ڏني ھئي. اھا سنڌ، جتي جا مارو ماڻھو صدين کان سُورن ۾ سڙندا پئي آيا. اھا سنڌ، جتي جا معصوم ۽ ابھم ٻارڙا پيرين اڳھاڙا علم جي روشنيءَ کان محروم ھئا. اھا سنڌ، جنھن جي انسانن کي ھر دور ۾ بيدرديءَ سان ڇڇريو، ڪُنو ۽ غلام بنايو ويو ھو. اھا سنڌ، جنھن کي راندیڪو بنائي، فاتحن، پيرن سان پئي ٽُڏيو ھو- ۽ اھا سنڌ، جنھن جي قسمت جا فيصلا ھن وقت بہ لکنوءَ جا ھٿ ٿوڪيا نواب ۽ دليءَ جا ٽڪ ڪرڻ چاھين ٿا. آءٌ ٻن ٻيڙين ۾ پئي ٻُڌس ۽ تريس. منھنجي خوش اعتقاديءَ جي تقاضا ھئي، تہ جناح جو طرف ونان ۽ منھنجي خودداريءَ قومي غيرت ۽ حب الوطنيءَ جي تقاضا ھئي، تہ سنڌ جو طرف ونان. مون وطني محبت جي تقاضا کي مدنظر رکي، جناح جي مسلم ليگ کان بغاوت جو اعلان ڪيو. منھنجي انھيءَ اعلان شرط، پوري ھندستان مان مون کي خط پھتا، تہ ساري ديس جا ترقي پسند تنھنجي انھيءَ قدم جي حمايت ۾ آھن، پر جڏھن مون پنھنجو سفر شروع ڪيو، ھر قدم تي جناح جي آمرانہ ۽ عاجلانہ فيصلن ۽ قدمن جي مزاحمت ڪئي، ۽ مسلم ليگ جي جُڙتو مسلم قوميت جي نظريي جا پردا چاڪ ڪرڻ شروع ڪيا، تہ ڪوبہ ترقي پسند مون سان شامل نہ ٿيو. سڀ ساٿي ساٿ ڇڏي ويا. ڪجھ ٿُڪي پيا، ڪجھ لڪي ويا، آءٌ اڪيلو رھجي ويس. اھڙي وقت ۾ شاھ لطيف جي ھن بيت منھنجي رھنمائي ڪئي تہ:

سُکن واري سڏ، متان ڪا مون سين ڪري،
اندر جنيں اڌ، ڏونگر سي ڏورينديون.

مون سوچيو، تہ اڄ جيتوڻيڪ اڪيلو رھجي ويو آھيان. ماڻھو سون جھڙن ڪوڙن راندیڪن تي ھرڪجي، منھنجو ساٿ ڇڏي ويا آھن، پر مون کي يقين آھي، تہ منھنجو ناتو سنڌ وطن جي تاريخ ۽ تھذيب سان ڳنڍيل

آھي. منھنجي ڄنيان بيشمار تاريخي ۽ تھذيبي روايتون آھن. مون کي مھاراجا ڏاھر ۽ دولھ دريا خان جو رت پُکاري چئي رھيو آھي، تہ اھو ئي رستو آھي، جنھن سان سنڌ جي عوام کي حقيقي آزادي ملئ پوڻ واري آھي. مون پنھنجي انھيءَ ناقابل شڪست يقين جي روشنيءَ ۾ فيصلو ڪيو، تہ سنڌ جو ھيءُ سُتل شير ضرور جاڳندو. اھي ميدان ۽ ماڻريون، اھي شھر ۽ واھڻ، جتي اسان جي ابن ڏاڏن جو رت وھيو آھي، جتان سنڌين جي ڳچين ۾ غلاميءَ جا زنجير وجھي، ايران ۽ عربستان جي گھٽين ۾ وڪيو ويو آھي، سي آزاديءَ جي متوالن جي گونج ۽ گرج سان ٽپي اُٿندا. دوکي جي ديوار ڍھندي، جھونا ڳڙھ جھُرندو، ڪاڪ ڪِرندي ۽ مينڊرو مومل ماڻيندو. اھو آھي سيد صاحب جي تحرير جو منھنجن لفظن ۾ مطلب.

(2) تاريخ جو ورق وري ٿو. ڪراچيءَ جي ايئرپورٽ تي يونين جيڪ بدران بازنطيني شھنشاھيت جي علامت وارو جھنڊو جھولڻ لڳي ٿو. ديسي ديس ڇڏي، پرديس پيڙا ٿين ٿا. سنڌ جي شھرن ۾ لبار جي رس جھڙي مٺڙي زبان سنڌيءَ جي بجاءِ، ٿوھ ول جي ٻاڙ جھڙي ٻوليءَ جو واھپو شروع ٿئي ٿو. دليءَ جا نگ ۽ واجد علي خان جا وارث، ڪراچيءَ کي ڪٽڻ لاءِ واڳونءَ وارا وات ڦاڙيو اڳتي وڌن ٿا. سنڌ جو مسلمان، مسلمانيءَ جي آفيم جي پنڪين ۾ آھي. انھيءَ وقت ھيءُ اڪيلو انسان آھي، جيڪو اسان کي سنڌ جي سياسي ٻرسٽان ۾ عيسيٰ وانگر "قم بازني" (اي ننڊ وھوڙل وستيو! منھنجي آواز سان سجاڳ ٿيو،) جو نعرو ھڻندو نظر ٿو اچي.

(3) وقت بيل گاڏيءَ جي رفتار سان اڳتي وڌي ٿو. 1953ع آھي. سنڌي اسيمبليءَ جي ايوان ۾ حاڪمن جي ھشمتن کان بيپرواھ، نظرياتي زھر کان محفوظ اھو ئي انسان، سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ جي سرڪاري ۽ قومي ٻوليءَ بنائڻ لاءِ قرارداد پيش ڪري، اڪيلي سر پنھنجي زنده جاويد لفظن جي خوشبوءِ سنڌ جي فضا ۾ پکيڙيندي ۽ سنڌ جي سياسي کيت ۾ سچائيءَ ۽ سونھن جا موتي پوکيندي چئي رھيو آھي:

"جناب عالي! مون کي پرواھ نہ آھي تہ منھنجي اسيمبليءَ جي سيٽ وڃي ٿي يا بچي ٿي، پر مان سنڌ جي عوام جي آواز کي اوھان تائين پھچائي رھيو آھيان، تہ سنڌي زبان کي ھن صوبي جي سرڪاري ۽ قومي ٻولي زبان بنائڻ جي اوھان تائيد ڪريو. جيڪڏھن اوھان اڄ انھيءَ فرض ۾

گُٹا، تہ پوءِ ايندڙ سنڌ، جيڪا شاندار ۽ پاڻ پري هوندي، تنهن ۾ اوهان جو نالو غدارن جي لسٹ ۾ لکيو ويندو."

دوستو! اوهان ٹورو انهن لفظن جي لهجي، اعتماد ۽ خوددارِيءَ تي غور ڪريو، تہ آءٌ اوهان کي اڄ کان چوڏهن سؤ سال اڳ جو هڪ واقعو ٻڌايان:

رسول ڪريم ﷺ کي جڏهن سندس دشمنن لالچ ڏيڻ گهري، تڏهن پاڻ سگهورن جيڪو کين جواب ڏنو هو، سو هي هو تہ "جيڪڏهن منهنجي هڪ هٿ تي سج ۽ ٻئي تي چنڊ رکيو وڃي، تہ بہ آءٌ پنهنجي فرض ادائيءَ کان نہ هٽندس ۽ مون کي يقين آهي تہ اهو وقت جلدي ايندو، جڏهن آءٌ ڪامياب ٿيندس، ۽ هڪ عورت شام کان سون جي هڙ اُڇلائيندي ايندي، پر ڪائنس ڪوبہ ڦرڻ وارو نہ هوندو."

پنهي ڳالهين ۾ جيڪو اعتماد آهي، گهٽ ۾ گهٽ مون کي انهيءَ ۾ ڪوبہ فرق نظر ڪونہ ٿو اچي.

(4) چهرا بدلجن ٿا. دهليءَ جي نگن بجاءِ سندن جانشين پنجابي اڳتي وڌن ٿا. سنڌ جي نالي ۽ نشان مٽائڻ کان اڳ ۾ جي. ايم. سيد کي قيد ڪيو ٿو وڃي. سالن جي قيد مان آزادي ملیس ٿي. باهر نڪري، نظر ڪري ٿو تہ سنڌ جا زمين ۽ آسمان بدليل نظر اچنس ٿا. ذات سنڌي سياستدان ون يونٽ جي چٽڪمري ڪنوار سان لائون لهڻ لاءِ پنهنجي واري جي انتظار ۾ پنجابي نڪاح خوان وٽ قطار ڪريو بيٺا آهن ۽ سڄي سنڌ وائڙي ٿي ڏسي رهي آهي.

سائين خود هڪ دفعو مون کي ٻڌايو تہ ون يونٽ ٽوڙائڻ لاءِ جدوجهد دوران هڪ دفعو آءٌ ان وقت جي گورنر جنرل سان ملیس ۽ کيس چيم تہ 'ون يونٽ ٽوڙيو.' هن چيو تہ، 'ون يونٽ پاڪستان جي اتحاد لاءِ ضروري آهي، انهيءَ ڪري ٽوڙڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي.' مون چيو تہ، "جيڪڏهن توهان ون يونٽ نہ ٽوڙيندؤ، تہ اسان پاڪستان ٽوڙيندا سين."

وقت انهيءَ اعتماد ۽ خودداريءَ جي سچائي، ويهين صديءَ جي سڀ کان وڏي واقعي جي صورت ۾ تاريخ جي صفحن تي هميشہ لاءِ چٽي ڇڏي آهي.

(5) 1970ع جي اليڪشن ۾ شڪست ملڻ کان پوءِ ڪجهہ شاگرد روئندي جي. ايم. سيد وٽ وڃن ٿا ۽ چون ٿا تہ، "سائين! جنهن قوم اوهان کي نہ سُڃاتو آهي، تنهن کي ڇڏي ڏيو." سيد صاحب جو جواب

آھي تہ، "قوم مون کي نہ سڃاتو آھي، پر مون قوم کي سڃاتو آھي. منھنجو سائس ناتو الستي آھي، جيڪو فتح ۽ شڪست کان بالاتر آھي. منھنجي ھر شڪست فتح جو پيش خيمو ثابت ٿي آھي. جناح واري شڪست کان پوءِ حيدربخش جتوئي ۽ شيخ ايازُ اُپري آيا، جن قوم پرستيءَ کي اڳتي وڌايو. ھيءَ شڪست وري کي اڻ موٽ انسان اُپارينديِ، جيڪي سنڌو ديش جي قيام لاءِ جدوجھد ڪندا."

انھيءَ پوري سرگذشت مان اوھان چگيءَ طرح سمجھي ويا ھوندؤ، تہ سيدِاعظم، جناح سان بغاوت وقت جيڪو وچن ڪيو ھو، تنھن سان سورھن جا ارڙھن آنا وفادار ۽ سچو رھيُو آھي.

ھتي ھڪڙي ڳالھ جي وضاحت ضروري ٿو سمجھان، اھا ھيءَ تہ ڪامريڊ استالن، بي جنگ عظيم وقت تقرير ڪندي چيو ھو، تہ يونان ۾ ھڪ ديوتا ھوندو ھو، جنھن کي ڪُشتيءَ ۾ ڪوبہ ديوتا شڪست ڏئي نہ سگھندو ھو. ھڪ دفعي ڪشتيءَ جي سالياني مقابلي ۾ ٻاھران آيل ھڪ ديوتا اتي جي جادوگر کان يوناني ديوتا جي شڪست نہ کائڻ جو سبب پڇيو. جنھن تي جادوگر جواب ڏنو تہ انھيءَ ديوتا جا پير زمين کان مٿي نہ ٿا کڄن، تنھنڪري ھن کي ڪو ديوتا مات ڪري نٿو سگھي. ٻاھران آيل پھلوان کنھن ترتيب ۽ ترڪيب سان ناقابلِ شڪست ديوتا کي وارو ڪٽي زمين تان سندس پير ڇڏائي، شڪست ڏئي ڇڏي. ڪامريڊ استالن انھيءَ مثال کي مدنظر رکي چوي ٿو تہ، 'جيڪي قومون ۽ فرد پنھنجي مادر وطن سان پنھنجو ناتو مضبوط ڳنڍيل رکن ٿا، تن کي ڪوبہ مٽائي نہ ٿو سگھي.'

ڪامريڊ استالن جي انھيءَ مثال مان اوھان جي. ايم. سيد جي ڪردار جو اندازو لڳائي سگھو ٿا، تہ ھو ھر شڪست کان پوءِ ائين اپريو آھي، جيئن برسات کان پوءِ ڌرتِ جا سلا. انھيءَ جو واحد سبب سرزمين سنڌ سان سندس الستي انگ آھي.

مون اڳي ھڪ دفعي لکيو ھو تہ پاڪستان جو حاڪم ٽولو جماعت اسلاميءَ کان ايڏو خوفزده ناھي، جيترو جي. ايم. سيد ۽ سندس پيدا ڪيل تحريڪ کان، ڇو تہ ھن ٽولي کي خبر آھي تہ جماعت اسلامي ھوا ۾ بيٺل آھي ۽ اھڙيون ڪيتريون تحريڪون ختم ٿي ويون: جيئن خاڪسار ۽ مسلم ليگ. مگر جي. ايم. سيد جي تحريڪ جون پاڙون ھن سرزمين جي تاريخ ۽

روايت جي پاتال ۾ ڪُتل آھن ۽ ھن مھاراجا ڏاھر ڪان وٺي شھيد عبدالرزاق سومري تائين جي قبرن تي آزاديءَ ۽ عقيدت جا گل رکي، سنڌ جي حريت پسند تاريخ ۾ ھڪ تسلسل قائم ڪيو آھي. اھڙي تحريڪ ڪڏھن بہ ختم ٿي نہ ٿي سگھي. انھيءَ ڪري منھنجي اوھان کي گذارش آھي، تہ پنھنجي ليڊر جي نقش قدم تي ھلو ۽ سندس تعليمات تي عمل ڪريو.

اسان جو ليڊر سادگيءَ جو مجسمو آھي، ۽ اسان عرب رياستن جي بگڙيل شھزادن وانگر ھوٽلن ۾ پئسا ۽ وقت ضايع ڪريون ٿا، اسان جو ليڊر مخالفن لاءِ بہ نيڪيءَ ۽ محبت جا جذبا رکندڙ آھي ۽ اسان پنھنجي ئي ساٿين جي گريبانن مان وٺون ٿا. اھو اسان سيد جي فڪر تي عمل نہ ٿا ڪريون، پر اُلٽو ان کي نقصان پھچائي رھيا آھيون.

(سائين جي. ايم. سيد جي سالگره تي 1971ع ۾ ڪيل تقرير)

بقا جي جنگ

صدر محترم ۽ پيارا ساٿيو جيئي سنڌ!

هڪ سال گذرڻ کان پوءِ اڄ وري سنڌ جي سائين۽ جي سالگرهه تي اچي گڏ ٿيا آهيون. هن هال ۾ ويٺل نوجوانن کي ڏسي انهن جون تقريرون ٻڌي ۽ نعرا سمجهي، آءٌ يقين سان چوان ٿو ته نوجوانن جو هي؛ بي جگر کاروانِ زندگي، عمل ۽ ارادي۽ سان پرپور دليون، ڪنهن صبح کي جنم ڏينديون، کا چرپر پيدا ڪنديون ۽ هن سرزمين جي صدين کان سُتل قسمت کي جاڳائڻ ۾ ڪامياب ٿيندیون.

دوستو! هن کان اڳ ۾ سنڌي شام جي موقعي تي مون عرض ڪيو هو ته سامراج جون به پاليسيون ٿيندیون آهن: پنهنجي ملڪ ۽ عوام لاءِ هڪڙي پاليسي هوندي اٿن، ۽ ٻاڀل ملڪ ۽ محڪوم قوم لاءِ بي پاليسي. آمريڪا جي آمريڪي عوام لا، پاليسي ڌار آهي، ۽ ويٽنامي عوام لاءِ جدا.

اڄ آءٌ اوهان کي سامراج جي قسمن جي باري ۾ ٻڌائڻ چاهيان ٿو. پر ان کان اڳ ۾ اها وضاحت ڪريان ته سامراج چا کي چئبو آهي.

سامراج، هر انهي۽ ملڪ، قوم ۽ گروهه کي سڏي سگهجي ٿو، جيڪو ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ ٻئي ملڪ ۽ قوم تي قبضو ڪري، ان کي پنهنجي بينڪ بنائي، اتان جو ڪچو مال ڪٽائي، پنهنجي ملڪ جي ڪارخانن ۽ واپار ۾ واڌارو ڪري ۽ تيار مال وڏي اگهه ۽ قيمت تي وري ساڳئي محڪوم ملڪ ۽ غلام قوم کي وڪڻي. اهڙي طريقي سان ٻڌي قسم جي پرماريت هلائي، غلام ملڪ جي ماڻهن مان رت ۽ ست جو آخري ڦڙو به نچوڙي ڪڍي ڇڏي.

انهي۽ سامراج جا ٽي قسم آهن:

(i) پاڻ غلام بنايل ملڪ ۾ فاتح بنجي اچي ويهي رهي ۽ اُتي جي عوام جي آزادي، ملڪيت، معيشيت ۽ دولت ڦري لٽي پاڻ سان گڏ آيل چند سپاهين، اميرن، درباريين، پانهن ۽ قصيده گو شاعرن ۾ ورهائيندو رهي.

جھڑيءَ طرح مغلن هندستان ۾ ڪيو، عربن اسپين ۾ ڪيو، ۽ ارغونن، ترخانن ۽ ٻين سنڌ ۾ ڪيو. انهيءَ صورت ۾ سامراج جو سرشتو پنهنجي اصلي سرزمين ۽ ملڪ سان بلڪل ڪٽجي ويندو آهي ۽ هو ڏاڙيل بنجي ايندو آهي ۽ شهنشاهه بنجي مرندو آهي. انهيءَ سامراج جي هڪ صورت پي ٻ ٽيندي آهي. اها هيءَ ته هو لُٽ مار ڪرڻ ايندو آهي، ۽ لُٽ مار جو مال ڪٽي هليو ويندو آهي، ملڪ وري ٻ مقامي ماڻهن جي قبضي ۾ رهجي ويندو آهي. جيئن تيمور لنگ، احمد شاهه ابدالي ۽ نادر شاهه هندستان ۾ ڪيو ۽ جيئن خلجين، پٺاڻن ۽ مدد خان سميت سنڌ ۾ ڪيو.

(ii) سامراج جو ٻيو قسم اهو آهي، جنهن ۾ سامراج پاڻ پنهنجي ملڪ ۾ ويٺو هوندو آهي ۽ فوجي طاقت جي ذريعي ٻئي ملڪ تي قبضو ڪري، اُتي پنهنجو نظام ۽ نظريو رائج ڪري، مقامي ماڻهن جو مال، ملڪيت، سون، هيرا، جواهر پنهنجي ملڪ ۾ ڪٽائيندو رهندو آهي. ان لاءِ هو پنهنجي ملڪ جون فوجون، واپاري، مذهبي اڳواڻ، سول انتظاميا جا آفيسر ۽ تعليمي ماهر محڪوم ملڪ ۾ رکي، حڪومت ڪندو آهي. جيئن انگريز هندستان ۾، عرب سنڌ ۾، فرانسيسي الجزائر ۾، بيلجيمي ڪانگو ۾، ڊچ انڊونيشيا ۾، ۽ پورچوگيز انگولا ۾ رهيا.

(iii) سامراج جي ٽين صورت، جيڪا موجوده دور ۾ گهٽو ڪري مروج آهي، سا هيءَ آهي ته سامراجي ملڪ ۽ قومون مقامي ماڻهن جي معرفت ۽ انهن جي وسيلي دنيا جي اسرندڙ ۽ ايرندڙ ملڪن ۾ اقتصادي امداد، فوجي معاهدن، ۽ ثقافتي ناهن ذريعي ڪري رهيا آهن: جيئن آمريڪا، لاطيني آمريڪا جي ملڪن، فوجي معاهدن جي ميمبر حڪومتن ۽ ننڍين قومن سان ڪري رهي آهي- يا سنڌ جو ئي مثال ڪٽي ويٺو. هتي اسان وٽ بن قسمن جو سامراجي سرشتو چالو ڪيو ويو آهي: هڪ ته پنجابي ۽ پناهگير سامراج وڏي تعداد ۾ سنڌ اندر اچي ڪڙڪيو آهي، جنهن سنڌ جي هر شيءِ تي قبضو ڪري مقامي ماڻهن کي جانورن واري زندگي گذارڻ تي مجبور ڪيو آهي. ٻيو ته هتي حڪومت حقيقت ۾ پناهگير- پنجابي لُٽيرا، ڦورو، غاصب ۽ بدترين قسم جا ظالم ڪري رهيا آهن، ليڪن مقامي وڏيري، پير ۽ مير جي معرفت. اسان جي سامهون ظاهري طرح ته سنڌي ڳالهائيندڙ وزير موجود آهن، ليڪن اهي صرف اڳڙين جا گڏا، ٻئي جي

اشاري تي نچندڙ ۽ بي جان پُتليون آهن، جن جي پٺيان پناهگير سول انتظاميا ۽ پنجابي فوجي جنتا جو مکروهہ ۽ ذليل ذهن ڪم ڪري رهيو آهي.

سامراج جي خلاف جڏهن بہ جدوجهد ٿي آهي، جڏهن بہ آزاديءَ جو جهنڊو انساني هٿن ۾ ڦڙڪڻ لڳو آهي، سامراج جي سڀ کان بدترين ۽ مشڪل صورت آزاديءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽ ۽ رندڪ بنجڻ لاءِ مقامي ماڻهوءَ واري حڪومت ثابت ٿي آهي. آزاديءَ جي جنگ جي هر مورچي، هر محاذ، هر ميدان ۽ هر اسٽيج تي مقامي مجاهدن کي ائين چئي ورغلايو ويو آهي، ڪجيو ويو آهي ۽ ڏوکو ڏنو ويو آهي تہ توهان جو ماڻهو ئي تہ حڪومت ڪري رهيو آهي. ڏسو فلاڻي ڪامريڊ کي سيڪريٽري ڪيو ويو آهي، فلاڻي وڪيل کي شرف ملاقات بخشيو ويو آهي، ۽ فلاڻي شاعر کي سياهہ ۽ سفيد جو مالڪ بنايو ويو آهي. اهڙي طريقي سان آزاديءَ جي تحريڪ ۽ حقن جي جدوجهد کي ختم ڪيو ويو آهي. دنيا جا اهي بهادر ۽ دليل انسان، اهي ڏاها ۽ سڄار مجاهد، جن پنهنجيءَ ڌرتيءَ سان پريت جي ريت نيائڻ جو قسم کنيو ۽ پنهنجي قوم جي ڏکن ۽ سورن سان پاڻ کي ائين ملائي ڇڏيو، جيئن چيٽ جي چانڊوڪيءَ ۾ بہ ازل جون اُجايل دليون ملي هڪ ٿي ويندیون آهن، تن انهن سپني حربن، چالاکين، مڪارين ۽ فريب ڪارين جي واريءَ جي ڪوٽ کي لتن سان ڌاهي، ديسي دلالن کي پنهنجي آقائن وٽ پڄي وڃڻ لاءِ مجبور ڪيو- جيئن ڪمبوديا جي بهادرن لون ٽال سان ڪيو ۽ جيئن ڏکڻ ويٽنام جي مجاهدن جنرل ٿيو کي ٽُڏي ڇڏيو.

اسان کي چيو وڃي ٿو تہ پائي! موجوده حڪمران ٽولو سنڌي آهي، انهيءَ ٽولي خلاف ڳالهائڻ، ڪُڇڻ، احتجاج ڪرڻ ۽ ڪين بي نقاب بنائڻ سنڌ سان دشمنيءَ جي برابر آهي. اسان جو جواب صرف هيءُ آهي تہ جيڪڏهن جنرل ٿيو جي خلاف جدوجهد بغاوت نہ، پر حب الوطنيءَ جي مقدس جنگ آهي، جيڪڏهن لون ٽال جي خلاف احتجاج ئي نہ، پر هٿيار ڪٽڻ ڪمبوديا جي سرزمين سان غداري نہ، پر لافاني محبت آهي؛ جيڪڏهن شوءِ کي ٽُڏڻ ڪانگوءَ سان دشمني نہ، پر لومبا جي مقدس رت جو انتقام آهي- تہ پوءِ سنڌ ۾ بہ حڪمران ٽولي خلاف احتجاج ۽ هلچل ڏاهر ڪان وڌي شهيد عبدالرزاق سومري تائين جي عظيم انسانن جي رت جو انتقام آهي، بدلو آهي، ۽ سرزمين سنڌ جي تاريخي پُڪار جو آواز

آھي ۽ اھو آواز ھلندو رھندو، بلند ٿيندو ويندو، جيستائين اھو پوريءَ سنڌ ۾ طوفان ۽ گجگوڙ جي صورت اختيار نہ ڪري، سامراج ۽ ان جي ايجنٽن کي پنھنجي انجام تي نہ پھچائي.

ھن وقت سنڌ ھڪ اھڙي دؤر ۽ مرحلي ۾ زندگيءَ ۽ موت جي چڪتائ ۾ مبتلا آھي. انھيءَ صدين جي ستايل، ويڙيل، چڀريل ۽ چيپاٽيل سنڌ جو چئن ميدانن ۾ استحصال ڪيو پيو وڃي ۽ جڏھن بہ سنڌ جو باشعور ۽ باغيرت انسان انھيءَ استحصال جي خلاف آواز بُلند ٿو ڪري تہ ڪيس ملڪ دشمن، وطن دشمن ۽ قوم دشمن سڏيو ٿو وڃي. پر اسان انھن الزامن کان بيپرواھ ٿي عوام کي ٻڌائيندا رھيا آھيون ۽ ٻڌائيندا رھنداسين تہ اھي ڪھڙا ميدان آھن ۽ ڪھڙا شعبا آھن، جن ۾ سنڌ جو استحصال ڪيو پيو وڃي ۽ ڪير ٿو ڪري؟

پھريون: سنڌي قوم جو استحصال لساني ميدان تي ڪيو پيو وڃي. سنڌي پريسن، ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن تي بندشن وڌھي، اردوءَ جي بالادستيءَ ۽ حاڪميت ھلائي پئي وڃي. اردو اخبارن کي "قومي اخبارون" قرار ڏئي، انھن جي اشتھارن جو اڳھ، سنڌي اخبارن جي اشتھارن کان چوڻو مٽي مقرر ڪيو ويو آھي. سنڌي ڪتابن جي انعام جي رقم اردو ڪتابن جي رقم کان انوٽي گھٽ مقرر ڪئي ٿي وڃي. ريڊئي ۽ ٽيليويزن تي سنڌي شاعري، ڊراما ۽ ڪھاڻيءَ کي ٻيو درجو ڏنو ٿو وڃي. سنڌي ٻوليءَ کي ڪاليجن، اسڪولن، يونيورسٽين، ريڊئي، ٽي. وي، سئنيما، سائين بوردن، نيم پليٽن ۽ رستن جي نالن جي معاملي ۾ ڪابہ اھميت ۽ حيثيت نہ ٿي ڏني وڃي. پاڪستان جي ٽي. وي ڪي پناھگيرن کي راضي ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. اھڙيءَ ريت سنڌي زبان کي پنھنجي ملڪ ۾ بيواھ جيان بيحال بنايو ويو آھي. ھتي اقبال ۽ غالب جھڙن درباري شاعرن کي لطيف ۽ خليفي نبي بخش کان مٿانھون درجو ڏئي، انھن جي بي سواد شاعريءَ کي عام ڪرڻ لاءِ بي دريغ پيسو خرچ ڪيو وڃي ٿو. پاڪستان ٽيليويزن تان غالب ۽ اقبال جا انگريزن جي ساراھ ۾ چيل قصيدا تہ نشر ڪيا وڃن ٿا، پر خليفي نبي بخش جا سنڌ جي عوام جي تعريف ۽ واکاڻ ۾ چيل شعر نشر نٿا ڪيا وڃن. ھتي ڪيترن ئي بادشاھن جي مولود خواني ڪندڙ امير خسروءَ کي تہ اھميت ڏني وڃي ٿي، پر سچل جھڙي ھفت زبان شاعر کي پڇيو ئي ڪونہ ٿو وڃي. اھو سارو

زبان جي معاملي ۾ استحصال يو. پي، بهار ۽ اڙيسا کان آيل پناهگير سامراجي ڪري رهيو آهي، جنهن کي پُٺِ پنجابيءَ جي آهي.

ٻيو: ثقافت جي ميدان ۾ به سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت کي اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۽ نعري ۾ ختم ڪيو پيو وڃي. سنڌي عوام تي مغلن جي تهذيب کي اسلامي تهذيب جو نالو ڏئي مڙهيو پيو وڃي. هي عجيب ستم ظريفي آهي، جو جهانگير، جيڪو اسلامي شريعت مطابق حرامي ٻار هو، تنهن جي ثقافت ته اسلامي ثقافت، ۽ لطيف ۽ سائين جي. ايم. سيد، جيڪي آلِ رسول آهن، تن جي ثقافت غير اسلامي آهي. مون جهانگير جي لاءِ "حرامي" لفظ استعمال ڪيو آهي، سو ڪينهي، حسد ۽ دشمنيءَ وچان نه، پر ٻيٽ مسلماني نقطئه نظر سان، ڇوته اسلام ۾ ڪنهن به هندو عورت سان بغير مذهب بدلائڻ نڪاح جائز ڪونهي، ۽ اهڙيءَ عورت مان پيدا ٿيل ٻار حرامي ڪري ليکيو ويندو. ان کي پيءُ جي ورثي ۽ ترڪي مان ڪوبه حصو نه ملندو. هي ڳالهه سڀني تاريخدانن وٽ تسليم ٿيل آهي ته جهانگير اڪثر مغل شهزادا هندو راڻين جو اولاد هئا، جيڪي مغلن جي حرمن ۾ بنا مذهب بدلائڻ جي رهندیون هيون. اهي ماڻهو جيڪي مغلن جي دور ۾ اسلام جي خلاف ورزي ڪري انهن حرامي ٻارن کي حڪومت ۾ ورثي ۾ ڏيارينداهئا، تن جيڪا تهذيب ۽ ثقافت تخليق ڪئي، سا ڪنهن به صورت ۾ "مسلم ثقافت" سڏجڻ جي اهل ڪانهي. حقيقت ۾ مودوديءَ کان وٺي ظاهر قاسميءَ تائين سڀ حرامين جي ثقافت جا مبلغ ۽ علمبردار آهن، اهي اسان تي الزام هڻڻ کان اڳ پنهنجي گريبان ۾ مُنهن وجهي ڏسن. اهي "حرامين جي ثقافت" جا علمبردار پناهگير، ثقافت جي ميدان ۾ اسان جو استحصال ڪن پيا.

ٽيون: سياسي ميدان ۾ اسان جو استحصال پنجاب ڪري رهيو آهي. هن وقت حالت هيءَ آهي، جو قومي اسيمبليءَ ۾ سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جا قومي اسيمبليَ جا سڀ ميمبر گڏجي، پنجاب جي قومي اسيمبليءَ جي ميمبرن کان گهٽ آهن. اهڙيءَ ريت آئيني طرح پنجاب جي حڪومت هميشه هميشه لاءِ اسان تي مسلط ڪئي وئي آهي. دنيا جو هي مڃيل اصول آهي ته هر اهو ملڪ جنهن ۾ وفاقي نظامِ حڪومت هجي، ان ۾ آدمشماريءَ جي بنياد تي صوبن کي نمائندگي ڏيڻ جي ڪابه گنجائش ڪانه هوندي آهي. اهو ان ڪري جو عددي اڪثريت جي بنياد تي هڪ صوبو پوري

وفاقي انتظاميا جو مالڪ بنجي وڃي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن ملڪ اهڙي غلطي ڪئي به آهي تہ اُتي بيچينيءَ جا سبب وڌيا آهن ۽ اهي سڀ ملڪ لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيا آهن. انهيءَ ڪري اسان جو مطالبو آهي تہ آدمشماريءَ جي بنياد تي نمائندگي ڏيڻ بجاءِ قومي اسيمبليءَ ۾ برابريءَ جي بنياد تي سيني صوبن کي نمائندگي ڏني وڃي. بيءَ صورت ۾ خراب نتيجا به نڪري سگهن ٿا. نہ صرف اسيمبليءَ ۾، پر نوڪرين، واپار، فوج، پوليس ۽ ٻين کاتن ۾ پڻ برابريءَ وارو اصول تسليم ڪيو وڃي.

دوستو! اهي چند ڳالهيون جي. ايم. سيد جي فڪر جي روشنيءَ ۾ عرض ڪيون اٿم، وڌيڪ جي. ايم. سيد جي شخصيت تي مان ڇا ڳالهايان. جڏهن به مون جي. ايم. سيد جي عظيم ۽ اڏول شخصيت تي غور ڪيو آهي تہ پاڻ کي ائين سمجهيو اٿم تہ هڪڙو ننڍڙو ماڻهو هماليہ جي چوٽيءَ ڏانهن ڏسڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، پر ڏسندي ڏسندي سندس نظر ڪمر ڪرڻ ڇڏيو ڏئي، پر هماليہ جي چوٽي ڪيس نظر نہ اچي سگهي. جي. ايم. سيد ۾ هزارها خوبيون سان گڏ، به شيون اهميت واريون آهن، پهرين هيءَ تہ هن جي خودداري ۽ غيرت اهڙي تہ مضبوط ۽ فولادي آهي، جو پاڪستان جو ڪوبہ حڪمران جي. ايم. سيد کي لالچ ڏيڻ جي جرئت نہ ڪري سگهيو آهي. ٻيو هو ايڏو تہ بهادر انسان آهي، جو هن جي رڳن ۾ دوڙندڙ رت ۾ ظالم ۽ جابر کان خوف جو ذرو به شامل ڪونهي. جي. ايم. سيد هن ملڪ جي هميشہ حڪمران ٽولن سان ٽڪر ڪائيندو رهيو آهي ۽ نتيجي ۾ جيڪي ڪجهہ مٿانئس وهيو واپريو آهي، تنهن کي خنده پيشانيءَ سان برداشت ڪندو پئي آيو آهي. پاڪستان جي بي ڪابہ پارٽي ايتري اصول پسنديءَ جو ثبوت پيش ڪري نٿي سگهي. ڇا جماعت اسلامي اصول پسند آهي، جنهن معصوم بنگالين جي رت سان پنهنجون ڏاڙهيون رڳي، يحييٰ خان جي هٿ نوڪي حڪومت ۾ وزارتون قبول ڪيون؟ ڇا نيشنل عوامي پارٽي، ايڏي اصول پسند آهي، جنهن قومن جي قاتل آئين تي صحيح ڪري، مولوين سان گڏ حڪومتون ورتيون؟ ڇا پيپلز پارٽي، جنهن کي آئون اهڙو شراب خانو سڏيندو آهيان، جتي شام جي وقت عياش ماڻهو تفريح لاءِ اچي گڏ ٿيندا آهن، اصول پسند آهي؟

(سائين جي. ايم. سيد جي سالگرهہ تي ڪيل تقرير: 1972ع)

سنڌ جو آواز: جي. ايم. سيد

جنابِ صدر ۽ محترم پير صاحب: جيئي سنڌ.

اڄ اسان ڪراچيءَ جي هن هال ۾ سنڌ جي تاريخ ساز شخصيت محترم جي. ايم. سيد کي خراجِ عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون. حقيقت ۾ اسان کي 17 جنوريءَ تي گڏ ٿيڻ کپندو هو، ڇو ته 17 جنوري ئي اهو ڏينهن آهي، جنهن ڏينهن سنڌ جي زمين پنهنجي تمام مردم خيزيءَ، خصوصيت ۽ خوبيءَ جي صلاحيتن کي گڏ ڪري سيد جهڙي انسان کي جنم ڏنو. انهيءَ تاريخ تي سنڌو درياهه جي ڪناري تي بَدل تاريخي شهر سن ۾ سنڌ جي مجاهدِاعظم شاهه حيدر جي خاندان کي خوشي ٿي هوندي ته قدرت طرفان ڪيس هڪڙو فرزند عطا ٿيو آهي. ۽ وري سنڌ جي سورهين، سورمن ۽ شهيدن جا روح خوشي وچان سنڌ جي ميدانن ۽ بنين ۾ نچڻ لڳا هوندا ته اڄ ڏاهر کان ونئي هيمون ڪالائيءَ تائين سنڌ جي دليرن جو وارث پيدا ٿيو آهي.

انهيءَ ڪري 17 جنوري سنڌ جو قومي ڏينهن آهي. 17 جنوري سنڌ جي آسن، اميدن، تمنائن ۽ آرزوئن جو مرڪز ۽ سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ نهايت ئي تابناڪ ڏينهن آهي. انهيءَ ڏينهن تي اسان جو هتي گڏجڻ حقيقت ۾ قومي ساڃهه ۽ شعور جو ثبوت آهي ۽ پڻ ثبوت آهي هن ڳالهه جو ته اسان هن ڌرتيءَ تي پنهنجي حق کان دست بردار نه ٿيا آهيون.

اڄ اسان جو هتي گڏجڻ ثابت ٿو ڪري ته اسان سنڌ جي دوست ۽ دشمن کي سڃاتو آهي، اسان سنڌ جي خوشحاليءَ جي تعليم کي سمجهيو آهي. ۽ اسان سيد جي پيغام کي پروڙي ان تي عمل ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا آهيون.

سيد جو پيغام حقيقت ۾ سنڌ جو پيغام آهي. سيد جو آواز سنڌ جو آواز آهي. هن جو تخيل ۽ تصور سنڌ آهي. هن جو احتجاج سنڌ جو احتجاج آهي. سيد سنڌ جي تاريخ جو روشن باب، سنڌ جي آسمان جي ڪناري تي روشن ستارو ۽ پرهه جو پيغام آهي. هو هڪ تحريڪ، ادارو ۽ تاريخ آهي.

اھڑي اڏول شخصيت تي آءٌ چا ڳالھايان؟ آءٌ جڏھن ڪيس اڪيلو ڏسندو آھيان تہ ائين محسوس ڪندو آھيان جڻ ھمالیہ ڪر ڪنيو پنھنجي عظمت ۽ جلال سان بيٺو آھي. جڏھن ڪيس پوئلڳن ۽ ساٿين سان گڏ ڏسندو آھيان تہ لڳندو اٿر تہ جڻ ھالار ۽ ڪيرٽر جون قطارون سنڌ جي سرحد تي دشمن کي روڪڻ لاءِ بيٺيون آھن ۽ جڏھن سندس ارادي تي سوچيندو آھيان تہ مون کي ھڪ عربيءَ جو شعر ياد ايندو آھي تہ:

"تزول الجبال الراسيات و قلبھم عن الحب لايخلو و لا يتزلزل."

(انھن ماڻھن جي ڪھڑي ڳالھہ ڪجي، جو مضبوط جبل پنھنجي جاءِ چڏيو وڃن، پر اھي ماڻھو محبت جي ميدان مان ھٽڻ تہ سکيا ئي ڪونہ آھن.)

تنھن ھوندي بہ ڪوشش ڪري آءٌ سيد جي باري ۾ عقيدت جا چند لفظ پيش ڪرڻ چاھيان ٿو. سيڻ تيرٿ داس، سيد جي تصوير کي گلن جو ھار پارايو آھي. مون وٽ لفظن جي ڪوماڙيل گُلن جو ھار آھي. خالي ھٿين اچڻ کان اھو ئي بھتر سمجھيو اٿم. آءٌ سيد کي سنڌ جي تاريخ ۾ بي مثال ۽ دلير انسان سمجھان ٿو. ھن جي مسلسل جدوجھد ۽ محنت، لڳاتار ڪوشش ۽ ڪاوش، نہ ڪُٹندڙ قرباني ۽ ايثار سنڌ جي تاريخ جي ھڪ خصوصيت ۽ اھميت ڏئي چڏي آھي. سنڌ جي تاريخ ۾ اھڙو ڪوبہ قوم پرست ۽ وطن دوست ليڊر نہ گذريو آھي، جنھن جي قربانيءَ تي دشمنن طرفان اعتراض نہ ڪيو ويو ھجي. پر سيد واحد شخص آھي، جنھن جي سياست، نظرئي، خيال ۽ تصور سان اختلاف ڪندڙ بہ سندس سچائي، خلوص، حُبِ وطن ۽ عوام دوستيءَ کي بنا ڪنھن شڪ شبھي جي تسليم ڪيو آھي. ڏاھر سنڌ جي لاءِ سر قربان ڪيو ۽ اھو آخري نڊرانو آھي، جيڪو وطن جي ديويءَ جو پوجاري سندس چرنن ۾ رکي سگھي ٿو. ليڪن چوڻ وارن چيو تہ ھو حڪمران ھو. تخت ۽ تاج جو مالڪ ھو ۽ پنھنجو تخت بچائڻ فرض سمجھي وڙھيو تہ اھا ڪا اھم ڳالھہ ڪانھي. دودو سومرو پنھنجي ڪٽنب ۽ قبيلي سوڌو، سنڌ کي آزاد رکڻ ۽ ان جي چاندائن ۽ مانڌائن جي روح پروريءَ ۽ رونق کي باقي رکڻ لاءِ پٽنگن وانگر جنگ جي ھولناڪ باھہ ۾ ڪاھي پيو ۽ قربان ٿي، ھميشہ ھميشہ لاءِ بھاديريءَ جو گيت بنجي، ڪنوارن چپن تي آسوءَ جي اوھيري وانگر بلند ٿيندو رھيو آھي ۽ مان سمجھان ٿو تہ قيامت تائين سنڌ جي گيت، ساز،

سرود ۽ ڪچهريءَ جي جان بنيل رهندو. پر چوڻ وارن چيو تہ معاملو اُتي بہ تخت ۽ تاج جو آهي. دريا خان جو نالو سنڌ جي عظمت ۽ استقلال جو نشان آهي. سنڌ جي باشعور انسانن جون دليون سندس عظمت جي محرابن ۾ اعتراف جا سجدا ڪنديون رهنديون: جيڪو انسان 48 سالن تائين آزاد ۽ آباد سنڌ جو پاسبان بنيو رهيو، جنهن جي دور ۾ نٽو علمي حيثيت سان بغداد، قرطبہ ۽ دمشق کان بہ بُلند ٿي ويو هو. جنهن جي دليري ۽ تلوار ارغون ڪُتن کي شڪستون ڏئي سنڌ جو مان مٿي ڪيو. انهيءَ عظيم هستي لاءِ بہ اعتراض ڪيا ويا تہ شاهي گهرائي جو پاتي هو، فوجن جو سپهہ سالار ۽ جاگيردار هو، جنگ ۾ وڙهڻ معمولي ڳالهہ هيس، سا هن ڪري ڏيکاري. هوشو ميرن جو پگهاردار هو ۽ هيمون بي سمجهو چوڪرو هو وغيره. ليڪن جي. ايم. سيد اڌ صديءَ کان هن سرزمين جي جنگ، ذهن ۽ قلم سان بنا ڪنهن جاگير، عهدي، تاج ۽ تخت جي لڙندو رهيو آهي. هو ڪانگريس ۾ هجي يا ليگ ۾، ٽياسافسٽ هجي يا خاڪسار، جيل ۾ هجي يا ريل ۾، دوستن جي محفل ۾ هجي يا دشمن جي گهيري ۾، مجلسِ يارِ ۾ هجي يا تختہ دار جي انتظار ۾، گهر ۾ نظربند هجي يا ڪارين ڪوٺين ۾، حاڪمن سان ملندو هجي يا ساٿين سان، اسيمبليءَ جي ايوان ۾ هجي يا عدالت جي ڪٺهڙي ۾، هر هنڌ، سنڌ ۽ سنڌين سان سندس وفاداري غير مشڪوڪ رهي آهي. سندس بدترين دشمن بہ اها ڳالهہ تسليم ڪئي آهي تہ ڪيس هڪ طرف پوري دنيا جي بادشاهيءَ جي آڇ ڪجي ۽ ٻئي طرف سنڌ جي حقن جي جدوجهد کان دست بردار ٿيڻ لاءِ ڇڏجي تہ هو بادشاهيءَ کي ٺڪرائي سنڌ جي آزاديءَ لاءِ سر ڏيڻ کي پنهنجي لاءِ عظيم اعزاز سمجهندو. سيد اهو باشعور قوم پرست ۽ وطن دوست آهي، جنهن وٽ سنڌ هڪ ازلي ۽ ابدي حقيقت آهي. هن کي سندس بدترين دشمنن بہ لالچ ۽ لوڀ کان مٿاهون ٻئي سمجهيو آهي. برصغير جي چوٽيءَ جي ليڈرن جي سيد جي باري ۾ ڪليل راءِ هيءَ آهي تہ سنڌ جي قسمت بدلائڻ وارو صرف هي ئي شخص آهي. سيد نہ صرف سياسي ميدان تي سنڌ لاءِ لڙيو آهي، پر هن قلمي ۽ ادبي ميدان ۾ بہ سنڌ کي زنده جاويد بنائي ڇڏيو آهي. دنيا جي شايد ئي ڪنهن مفڪر پنهنجي سر قلمي ميدان ۾ پنهنجي نظرئي جي وضاحت لاءِ ايترا ڪتاب لکيا هجن ۽

پنھنجي ملڪ ۽ ماڻھن جو ڪيس ايترو مضبوطيءَ سان پيش ڪيو ھجي. انھيءَ ڪري پاڪستان جا دانشور سيد جي دليلن جو جواب ڏيڻ کان قاصر آھن. جي. ايم. سيد تاريخ جي ميدان ۾ پڻ سنڌ جي بھترين خدمت ڪئي آھي- ۽ اڄ حالت اھا آھي جو جديد ۽ قديم سنڌ جي صحيح تاريخ صرف سيد جا ڪتاب، مقالا ۽ خطبا پيش ڪري سگھن ٿا. اھي سڀئي اھڙيون خصوصيتون ۽ خوبيون آھن، جيڪي سيد کان اڳ جي ڪنھن به سنڌي سورمي ۾ موجود نہ آھن. انھيءَ ڪري آءٌ سيد کي سنڌ جي تاريخ ۾ بي مثال سمجھان ٿو، نہ صرف سنڌ جي تاريخ، پر پاڪستان جي مختصر تاريخ به سيد جھڙو بااصول سياستدان پيدا ڪري نہ سگھي آھي. پاڪستان ٺھڻ کان پوءِ ذري گھٽ حزب اختلاف ۽ مخالف راءِ کي بلڪل ڪُچليو ويو ھو. سيد ۽ غفار خان پھريان ماڻھو آھن، جن پاڪستان جي دھشت ۽ ڏھڪاءَ واري ماحول ۾ حزب اختلاف جو بنياد وڌھي، جمھوريت لاءِ جدوجھد ڪئي. اڄ تائين پاڪستان ۾ اھڙو ڪوبہ ليڊر پيدا نہ ٿيو آھي، جيڪو مسلسل حزب اختلاف ۾ رھي، جمھوري قدرن ۽ لاڙن لاءِ لڙندو رھيو ھجي ۽ ڪڏھن به اھو پاڻ يا سندس پارٽي، صوبائي يا مرڪزي سطح تي اقتدار ۾ نہ رھي ھجي. اھو صرف سيد آھي، جيڪو پاڪستان کان پوءِ ڪڏھن به اقتدار ۾ نہ آيو آھي ۽ مسلسل حزب اختلاف ۾ پئي رھيو آھي. ھڪ ڇاڻو، جيڪو سيد جو مخالف ھو، تنھن مون کي چيو تہ پاڪستان جي جمھوري تاريخ ۾ جي. ايم. سيد جو مقام ۽ مرتبو اھڙو ئي آھي، جھڙو برطانيا جي تاريخ ۾ لارڊ برڪ جو. عبرت جي 'غير جانبدار' جي چوڻ مطابق سيد جا اصول ايترو تہ بلند آھن، جو انھن تي ڪوبہ سياستدان ٺھڪي نہ ٿو اچي. پر آءٌ چوندس تہ پاڪستاني حاڪمن ۽ سياستدانن ۾ معمولي انسانيت به ڪانہ ھئي، جو ڪنھن معقول مطالبي ڏانھن ڌيان ڏين. سيد ھڪ سُڄاڻ محب وطن جي حيثيت ۾ سمجھيو ٿي تہ سندس ملڪ ۽ قوم کي اُھي سھوليتون به ميسر نہ آھن، جيڪي انگريزي بيٺڪن ۾ موجود ھيون. انھيءَ ڪري ھن غاصبن ۽ سندن چاڙڻن سان ڪنھن به صُلح کان ھر دور ۾ انڪار ڪيو ۽ نتيجي طور ڪيس جيل ۽ نظربنديون پوڳٽيون پيون.

ھن وقت کي نامور نھاد دانشور، سيد ۽ پٽي جي ٻيٽ ڪندي ڪتاب لکي رھيا آھن. انھيءَ باري ۾ آءٌ صرف ايترو چوندس تہ سنڌ جا باشعور قوم

پرست انهيءَ پيٽ کي ائين ٿا سمجهن، جيئن ڪو هيگل ۽ گوئٽزل، ڪارل مارڪس ۽ فيض احمد فيض، ٽئگور ۽ فريد احمد، مهاتما گانڌي ۽ باچهائي، ابوالڪلام آزاد ۽ نصرالله خان، مخدوم بلاول ۽ مشوريءَ جي پيٽ ڪري.

مارڪس، مهاتما گانڌي، رسلءِ سيد جي عظمت اليڪشن جي ڪٺ هارائڻ کان متاثر نه ٿي ٿئي. هارائڻ لاءِ ته مهاتما گانڌي به تريپوره ۾ سباش چندر بوس کان هارائي ويو هو. باقي ايترو ضرور آهي ته سيد، سنڌ جو بچاءُ ڪيو آهي ۽ پٽي ان کي چوڪنيو ٻڌي پنجاب جي فوجين جي پيرن ۾ اُڇلايو آهي. پٽي اقبال جي شاعريءَ مان رهبري ورتي آهي ۽ سيد دريا خان جي رت ٽُڙن مان روشني حاصل ڪئي آهي، جنهن مان مينديءَ جي گُلن جي خوشبوءِ ايندي آهي. پُٽو بنگلاديش کي انهيءَ ڪري تسليم ٿو ڪري ته ان ۾ پنجاب جو فائدو آهي ۽ اسان انهيءَ ڪري تسليم ٿا ڪريون، جو بنگلاديش جو وجود ۾ اچڻ سيد جي نظرئي جي فتح آهي. جي. ايم. سيد، جناح جي مخالفت انهيءَ ڪري ڪئي، جو هن سنڌ جي قسمت جا فيصلا دهليءَ ۽ لکنوءَ جي بجاءِ سنڌ ۾ ٽينڊي ڏسڻ ٿي چاهيا، ۽ اڄ پُٽي جي مخالفت انهيءَ ڪري ٿو ڪري ته سنڌ جا فيصلا اسلام آباد ۽ لاهور جي بجاءِ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ ڏسڻ ٿو چاهي. انهيءَ ڪري سيد پنهنجي منفرد ڪردار، بااصول سياست ۽ سنڌ سان غير مشڪوڪ وفاداريءَ سبب سنڌ جي قسمت بنجي چڪو آهي. اڄوڪي سنڌ جو تصور سيد کان سواءِ اڻ پورو آهي، اڄ جيڪو به سنڌي ماڻهو سائس بي انصافيءَ جي شڪايت ٿو ڪري ته ڪيس سيد جو ايجنٽ ٿو سڏيو وڃي. اڄ جيڪڏهن هاري، مزور، اديب، شاعر، شاگرد، ڪلارڪ، آفيسر، واپاري ۽ پوليس وارو چوي ٿو ته مون سان ظلم آهي ته اردو پريس فورن ڪيس سيد جو چاڙتو چوڻ شروع ڪري ٿي. انهيءَ مان معلوم ٿيو ته سنڌي ماڻهوءَ جي شڪايت، احتجاج، رڙ ۽ پُڪار جو مظهر جي. ايم. سيد آهي. اڄو ته گڏجي ان جي آواز کي زوردار نموني سنڌ جي ڪنڊڪڙ ۾ پهچايون. محنت ۽ جدوجهد ڪريون، ڪاميابي اسان جي آهي.

(28 جنوري 1973ع تي ٽياسافيڪل هال ڪراچيءَ ۾ سائين جي. ايم. سيد جي سالگرهه تي ڪيل تقرير)

جي. ايم. سيد ڏانهن حڪمرانن جو رويو

26 تاريخ سومر ڏينهن پاڪستان جي جمهوري تاريخ جي بدترين ڪارن ڏينهن جي ڏکڻي لست ۾ هڪ وڌيڪ ڏينهن جو اضافو ڪيو آهي. انهيءَ تاريخ ۽ ڏينهن تي سنڌ حڪومت سنڌ جي محترم قومي اڳواڻ سائين جي. ايم. سيد جي غير قانوني، غير آئيني ۽ غير اخلاقي گرفتاريءَ خلاف سنڌ جي احتجاج کي رياستي تشدد ۽ دهشتگرديءَ ذريعي ختم ڪرائڻ جي بيرحمانه ۽ سفاڪانه ڪوشش ڪئي ۽ سرڪاري مشنريءَ کي سنڌ جي سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن خلاف فاتح فوج وانگر استعمال ڪيو.

سنڌ تي جيڪي ماڻهو هن وقت حڪومت ڪري رهيا آهن، انهن جي واحد خوبي، خصوصيت ۽ صلاحيت اها آهي ته انهن کي سنڌي ماڻهن ڪنهن شخصيت جي سحر ۾ گرفتار ٿي ووٽ ڏنا آهن، جنهن جي نتيجي ۾ اهي فرعون بي سامان پنهنجي ڪُوڙي، ڪوڪلي ۽ بزدلانه انا جي تسڪين ۽ تحفظ لاءِ رياستي ادارن کي سنڌي قوم جي تاريخي آواز کي چٽڻ ۽ ڇپيائڻ لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن. بيءَ صورت ۾ اهي ڪنهن به حق يا حقيقت جي بنياد تي سنڌ تي ان جي تاريخي، سياسي ۽ جاگرافيائي اهميت سبب حڪومت ڪرڻ جا اهل ئي نه آهن.

سنڌ جي حڪمرانيءَ جي قداور تصور جي پيٽ ۾ اهي ڪردار توڙي عمل، قرباني‌ءَ توڙي ڏرتيءَ سان پيار جي حوالي سان تمام ڄامڙا ۽ ننڍڙا ماڻهو آهن. انهن جو واسطو جاگيردارانه تهذيب ۽ قبائلي تضادن واري خوني نظام سان آهي، ۽ اهي طاقتور جي اڳيان هيٺا ۽ هيٺن تي شينهن بٹيل حڪمران، جنهن سنڌ تي اڄ حڪومت ڪري رهيا آهن، ان جي بحاليءَ واري جدوجهد ۾ نه انهن جو ۽ نه انهن جي ابن ڏاڏن جو ڪو ڪردار رهيو آهي.

سنڌ چوڏهن سال ون يونٽ جي پنجوڙ ۾ جڪڙيل پنجابين جي بوٽن جي نوڪرن ۾ تڏبندي رهي، ۽ موجوده حڪمرانن مان ڪنهن هڪ به

انھن پنجوڑن کي ختم ڪرڻ لاءِ ھڪ ڏينھن جي ٻُک هڙتال نہ ڪئي. ڪنھن مظاھري ۽ جلسي جلوس ۾ حصو نہ ورتو ۽ ھڪ ڏينھن لاءِ بہ جيل نہ ڪاٽي.

- ۽ اھو ماڻھو جنھن جي غير قانوني، غير اخلاقي ۽ غير آئيني گرفتار خلاف احتجاج ڪندڙن کي جبر ۽ وحشت جو نشانو بڻايو ٿو وڃي، سو اھي چوڏھن سال جيل ۽ قيد ۾ ھو، ان جيل ۽ قيد ھوندي بہ ھن جو ذھن ۽ قلم سنڌ جي آزاديءَ لاءِ ھر وقت پاڻ پتوڙيندو رھيو ۽ جڏھن اھا سنڌ بحال ٿي، تڏھن اھي حاڪمن جا ٻُوٽ چٽا سنڌ جي اقتدار جا والي وارث بڻجي ويا ۽ سيد لاءِ وري بہ قيد خانن جا دروازا ڪُليا.

منزل انھين کو ملي جو شريکِ سفر نہ تھي.

اڄوڪن حڪمرانن کان اسان سنڌ لاءِ جي. ايم. سيد جي قربانين جي عيوضي طلبڻ جو تصور بہ ڪري نہ ٿا سگھون ۽ نہ وري انھن مان اسان کي ڪنھن جمھوري لاڙي جي توقع آھي، ڇو تہ اسان انھن جي جاگيردارانہ ۽ قبائلي سوچ جي تاڃي پيٽي کان واقف آھيون. انھن جي فطرت ۾ ڇڻڻ، ڇپاڻڻ ۽ ڇڄڻ ۽ ڇپاڻجڻ شامل آھي.

پر ڪين ايترو ياد رکڻ گھرجي تہ جن ماڻھن کي اڄ توھان رياستي تشدد ۽ دھشتگرديءَ جو نشان بڻائي رھيا آھيو، سي اڄوڪي سنڌ جي تاريخ جي پُڪار جي موٽ آھن. اھي ئي ماڻھو آھن، جن ٻاٽ اوندھاھين ۾ سنڌ جي عشق جون ڏياٽيون سنڌ جي جھر جھنگ ۾ روشن ڪيون آھن ۽ تاريخ ڏاڍي ڏگھي، اڙانگي ۽ اذيت ناڪ سفر کان پوءِ اھڙا انسان ڳولي لڌا آھن.

ھڪ وقت ھو، جڏھن توھان جي قائد انھن ئي ڪارڪنن کي جيلن مان گھرائي، انھن جي سامھون پنھنجين خوبصورت اکين مان پڇتاءَ جا ڳوڙھا ڳاڙيا ھٿ ۽ شايد سياڻي اوھان تي ڏکيو وقت آيو، تڏھن اوھان کي بہ پڇتاءَ جا ڳوڙھا ڳاڙڻا پون. مون اوھان تي 'ڏکيو وقت' جو جملو استعمال ڪيو آھي، ڇو تہ اوھان کي احساس رڳو پنھنجي ڏکيءَ گھڙيءَ جو ٿيندو آھي، نہ تہ سنڌ تي تہ سدائين ڏکيو وقت رھندو آيو آھي ۽ اڄ بہ اھا ڏکيا ڏينھن ڏسي رھي آھي. انھيءَ جي اوھان کي پرواھ نہ ماضيءَ ۾ رھي آھي ۽ نہ وري ھاڻي بہ ڪا پرواھ آھي.

سنڌ جي حڪمرانن جي بہ عجيب فطرت رھي آھي. ارغونن جا گھوڙا

سنڌ جي سرحدن جي لتاڙ ڪري رهيا هٿا ۽ جام فيروز، دريا خان مان جند ڇڏائڻ جا جتن ڪري رهيو هو. ساڳي حالت اڄ بہ آهي. سنڌ جي ورهاڳي جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن ۽ عبدالله شاهہ، جي. ايم. سيد ۽ جيئي سنڌ وارن کي چيڀاٽڻ ۾ پورو آهي.

حقيقت آهي تہ عبدالله شاهہ جو رويو، جي. ايم. سيد ڏانهن هڪ سياستدان جي بجاءِ دنگئي زميندار ۽ قبائلي دشمنيءَ وارو آهي، جيڪو اڃوڪي دؤر ۾ حڪمرانن لاءِ من پسند ٿي سگهي ٿو، پر اڃوڪي سنڌ لاءِ سخت هاڃيڪار آهي. باقي سنيد ۽ سندس پوئلڳن لاءِ موجوده تشدد ڪا نئين ڳالهہ نہ آهي. هو مبارڪ جا حقدار آهن، جن پنهنجي جدوجهد سان جمهوريت جي پٽ واڪي ڪئي آهي.

(روح جا ريلا- 26 ڪاڻ 28)

جي. ايم. سيد ۽ اليڪشن پٽيشن

ڳالهه پئي هلي باني‌ءَ پاڪستان جي جمهوريت پسنديءَ ۽ قانون تي عملداريءَ جي. انهيءَ سلسلي ۾ هن جو هڪ قدم اهڙو آهي، جنهن کي ساراهڻ کان سواءِ رهي نه ٿو سگهجي ۽ انهيءَ قدم يا روش جو واسطو آهي، محترم سائين جي. ايم. سيد جي اليڪشن پٽيشن سان.

ٽيو هيئن جو 1946ع ۾ پوري تنديِ ڪنڊ ۾، ننڍي ڪنڊ جي هندو ۽ مسلم جي بنياد تي ورهائڻ لاءِ اليڪشن ٿي. انهيءَ اليڪشن ۾ سنڌ اندر مسلم ليگ شڪست کائي وئي ۽ محترم جي. ايم. سيد بن تڪن مان بنا مقابلي سنڌ اسيمبليءَ لاءِ چونڊجي ويو. پر انگريز گورنر، سيد صاحب ۽ سندس حامين کي حڪومت ٺاهڻ جي دعوت ڏيڻ بدران سنڌ اسيمبليءَ جون چونڊون ڪالعدم قرار ڏئي ٽن يا چئن مهينن کان پوءِ وري چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪيو، جنهن ۾محترم جي. ايم. سيد جي مقابلي ۾ قاضي محمد اڪبر زبردست ڏانڊليءَ ذريعي ڪامياب ٿي ويو. انهيءَ ڏانڊليءَ ۾و خود مرحوم قاضي محمد اڪبر پنهنجي آخري محفوظ انٽرويوءَ ۾ اعتراف ڪيو آهي، جيڪو سنڌيالاجيءَ ۾ وڌيو تي محفوظ آهي، جنهن ۾ هن صاحب چيو آهي ته سنڌ ۾ ڏانڊليءَ جي شروعات اسان ڪئي هئي ۽ اها جناح صاحب جي چوڻ تي ڪئي هئي، ٻيءَ صورت ۾ ان دؤر ۾ سنڌ اندر جي. ايم. سيد کي شڪست ڏيڻ ممڪن ٿي نه هو.

انهيءَ اليڪشن ۾ جيڪا ڏانڊلي ٿي هئي، ان جا ثبوت محترم جي. ايم. سيد جي لائبرريءَ ۾ موجود آهن، جيڪي مون ان وقت ڏٺا، جڏهن سيد صاحب پنهنجو تاريخي بيان "سنڌ ڳالهائي ٿي" تيار ڪري رهيو هو. آءٌ ۽ تاج جويو لائبرريءَ مان گهربل مواد ڪڍي ڏيڻ لاءِ سندس مدد ڪري رهيا هئاسين. اتي اسان هڪ اهڙي تصوير ڏٺي، جيڪا مسلم ليگ، سيد صاحب جي خلاف پروپيگنڊا طور ورهائي هئي. ان تصوير ۾ سيد جي ڀرڻو اڳيان ٽيبل تي چار وسڪيءَ جون بوتلون رکيل آهن، ۽ ٻه ٽي گلاس ٻه رکيا

آهن. اِها تصوير ڏسي مون کان ڪِل نڪري وئي تہ احمقن کي اها بہ خبر ڪانہ هئي تہ ڪيڏو بہ موالي هجي، هڪ ئي وقت پنهنجي سامهون چار بوتلون کولي ڪونہ رکندو آهي. ان قسم جون ٻيون بہ ڪيتريون اتي موجود هيون، جن تي فحش جملا لکيل هئا. اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ سان گڏ اُن وقت برسر اقتدار مسلم ليگ ڪوڙن ووٽن جو بہ بي دريغ استعمال ڪيو ۽ اهڙي طريقي سان محترم جي. ايم. سيد کي انهيءَ اليڪشن ۾ شڪست ڏني وئي.

سيد صاحب انهيءَ ڏانڊليءَ جي خلاف پٽيشن داخل ڪئي. ان پٽيشن جي فيصلي ٿيڻ تائين پاڪستان نهي چڪو هو. جناح صاحب پاڪستان جو گورنر جنرل بڻجي چڪو هو. چاهي ها تہ دباءُ وجهي انهيءَ پٽيشن کي خارج ڪرائي پٽي سگهيو، پر منهنجي خيال ۾ هن ائين نہ ڪيو ۽ پٽيشن جو فيصلو جي. ايم. سيد جي حق ۾ ٿيو. سيد صاحب طرفان سنڌ جو ذهين ترين سياستدان ۽ ممتاز عالم پير علي محمد راشدي مرحوم ڪيس جي پيروي ڪري رهيو هو، جنهن انتهائي هوشياريءَ سان پير الاهي بخش ڪان ڪوڙن ووٽن وجهڻ جو اعتراف ڪرائي ورتو. جنهن جي نتيجي ۾ پير الاهي بخش ۽ قاضي محمد اڪبر بنهي کي ٽريبونل سياست لاءِ نااهل قرار ڏئي سندن ميمبري ختم ڪري ڇڏي.

مون کي اهو معلوم ناهي تہ اهو فيصلو جناح صاحب جي حياتيءَ ۾ ٿيو يا پوءِ، بهرحال، منهنجي معلومات مطابق هن انهيءَ ڪيس ۾ مداخلت نہ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ اندر سڀ کان وڏو مخالف پنهنجو ڪيس کٽي ويو، جنهن ڪري ڏانڊليءَ جي ڪارنهن جو ٽڪو مسلم ليگ جي دامن تي لڳو. ان سڄي مامري مان خبر پوي ٿي تہ هڪ وڪيل جي حيثيت ۾ هو بهرحال قانون جي بالادستيءَ ۽ عدالتي احترام جو وڏو خيال رکندو هو، ۽ انهيءَ معاملي ۾ هو خراجِ تحسين جو مستحق آهي. باقي هو ڪيڏو وڏو قانوندان هو، انهيءَ سلسلي ۾ سندس هڪ نقاد ڊاڪٽر شاهجهان پوريءَ جو چوڻ آهي تہ وڏي قانوندان جي قابليت جي خبر وڏن ۽ اهم ڪيسن جي پيرويءَ ڪرڻ وقت پوندي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ هن جو چوڻ آهي تہ منهنجي معلومات مطابق قائداعظم ٿي اهم ڪيس وڙهيا هئا. پهريون: پير صاحب پاڳاري سيد صبغت الله راشديءَ جو ڪيس سکر ۾.

اھو ڪيس باوجود ڳرين فين ۽ شاھاڻہ خرچ جي جناح صاحب ھارائي ويو ۽ پير صاحب سورھيہ بادشاھہ کي سزا اچي وئي. ٻيو ڪيس: نواب پوپال جو ھو، سو بہ جناح صاحب ھارايو ۽ ٽيون يو.پي۽ جي ھڪ نوابزادي جو وراثت لاءِ ڪيس جناح صاحب کنيو، سو بہ ھارايو. ان ڪري اھو چوڻ غلط آھي تہ ھو ان وقت تائين ڪيس نہ کٽندو ھو، جيستائين ان جو مطالعو ڪري ڪنھن نتيجي تي نہ پھچندو ھو.

انھي۽ دليل لاءِ اھو چئي سگھجي ٿو تہ نھرو زندگيء ۾ ڪورٽ ۾ وڪيل جي حيثيت سان صرف ٽن موقعن تي پيش ٿيو ۽ ٽنھي ڪيسن جا فيصلا نھرو۽ جي اصلن جي خلاف ٿيا. (i) پڳٽ سنگھ ۽ سندس ساٿين لاءِ ھو وڪيل واري ڪوٽ ۾ ڪورٽ اندر پيش ٿيو، (ii) ميرٺ سازش ڪيس ۾ ھو پڻ ڪميونسٽن جو وڪيل ٻڌيو، ۽ (iii) جڏھن آزاد ھند فوج جي سپاھين ۽ آفيسرن خلاف لال قلعي ۾ بغاوت جو ڪيس ھلي رھيو ھو، ان وقت بہ نھرو ھندستاني فوجين جو وڪيل ٻڌيو. پر اھو ڪيس فوجداري ڪيس بدران سياسي ۽ قومي ڪيس ٻڌجي ويو ۽ ڪيس کي انھي۽ سطح تي آڻڻ ۾ يقيني طرح نھرو۽ جو وڏو ھٿ ھو.

باقي جناح صاحب جي جمھوريت پسنديء۽ جو آڌار ڪڏھن بہ قائل نہ رھيو آھيان. انھي۽ جا مون وٽ ثبوت آھن. (i) ھو جڏھن کان مسلم ليگ جو صدر ٿيو، ان کان پوءِ مسلم ليگ ۾ ڪڏھن بہ چوندون ڪونہ ٿيون. (ii) پاڪستان ٺھڻ کان پوءِ ھن گورنر جنرل، مسلم ليگ جي صدر ۽ اسيمبليء۽ جي صدر واريون ٽيئي ڪرسيون پاڻ وٽ رکيون. پاڪستان ٺھڻ کان بنگال، سرحد ۽ سنڌ ۾ جھڙي ريت حڪومتون سندس ئي دؤر ۾ ٻاڌيون ويون، ان عمل کي ڪنھن بہ صورت ۾ جمھوري عمل قرار نہ ٿو ڏئي سگھجي. اڙدو۽ کي پاڪستان جي قومي زبان قرار ڏيڻ وارو فيصلو جمھوري فيصلو نہ، پر سندس ۽ سندس جنرل سيڪريٽريء۽ جو ذاتي ۽ شخصي فيصلو ھو، جنھن بنگال جي آزاديء۽ جي راھہ ھموار ڪئي. سندس دوراندیشيء۽ جي باري ۾ مولانا آزاد لکيو ھو تہ، "ھن اھو نہ سوچيو تہ جاگرافي سندس اسڪيم جي خلاف آھي ۽ اڄ جي دؤر ۾ جاگرافي اتحاد يا انتشار لاءِ مذھب کان وڌيڪ طاقتور عنصر آھي."

('روح جا ريلا' ، 16 سيپٽمبر 1994ع، ص 90 کان 92 تائين)

تنهنجو عشق اُتانهون سائين! هر جابر جي ذات اڳيان،
تنهنجو ڪنڌ جهُڪڻ جو ناهي، ڪنهن پي لات منات اڳيان.

جي. ايم. سيد ۽ جناح

پاڪستان جي باني۽ جي باري ۾ ننڍي کنڊ ۾ اڄ ڏينهن تائين ۾ متوازي رجحان ۽ لاڙا هڪجهڙي شدت سان موجود رهيا آهن. انهن مان هڪ آهي بي پناهه عقيدت ۽ پرستش وارو لاڙو، جيڪو سندس خلاف ڪنهن به قسم جي جائز تنقيد يا سندس شخصيت جو اڀ ڏريو چيد قبول ڪرڻ لاءِ ڪنهن به صورت ۾ تيار ناهي ۽ جنهن به قلمڪار يا مقرر سندس ڪنهن شخصي، سياسي ۽ علمي ڪمزوري۽ جو ذڪر ڪيو تہ عقيدت مند گروهه طرفان اهو نہ رڳو قابلِ مذمت آهي، پر قابلِ سزا ضرور آهي.

هڪ پيرو مون اخبار 'نواءِ وقت'، کي انٽرويو ڏنو هو. انٽرويوءَ ۾ مون کان سوال ڪيو، يو تہ آخر ڪهڙو سبب آهي جو جي. ايم. سيد هڪ وقت تہ پُرجوش مسلم ليگي ۽ پاڪستان جو زبردست محرڪ هو ۽ اڄ هو آتشين قوم پرست ۽ سنڌ جي آزادي۽ جو محرڪ بڻجي ويو آهي. هڪ سياستدان جي حيثيت ۾ سندس اها نظرياتي تبديلي، ان جي غير مستقل مزاجي۽ کي ظاهر نہ ٿي ڪري؟

انهي۽ سوال جي جواب ۾ مون چيو هو تہ، "سيد جي انهي۽ نظرياتي تبديلي۽ جي سببن تي ڳالهائڻ کان اڳ ۾ آءٌ اهو چوندس تہ جيڪڏهن نظرياتي تبديلي غير مستقل مزاجي۽ جو دليل آهي، تہ پوءِ پاڪستان جي باني۽ جي نظرين ۾ به تبديلي ايندي رهي آهي. ڪنهن وقت هو ڪٽر ڪانگريسي ۽ هندو مسلم اتحاد جو سفير ۽ انڊين قوم پرست هو. پوءِ هو مسلم قومي سياست جو قائداعظم بڻجي ويو ۽ وري 1946ع ۾ اهو ساڳيو شخص متحده انڊين يونين ۾ گروپ اسڪيم هيٺ رهڻ لاءِ تيار ٿي ويو.

منهنجي ايتري چوڻ تي انٽرويو ونندڙ صحافي۽ جو مددگار ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ بس بس، اسان قائداعظم جي خلاف نہ ڪا ڳالهہ ٻُڌنداسين ۽ نہ شايع ڪنداسين. انهي۽ تلخي۽ تي سوالن جوابن جو رُخ تبديل ٿي ويو ۽ منهنجو اهو انٽرويو چيچي نہ سگهيو. مون اهو به ٻُڌو

آهي تہ پاڪستان ۾ جتي مذهب جي بانين جي ذات کي قانوني ۽ آئيني تحفظ ڏنل آهي، اتي قائداعظم جي ذات کي به قانوني تحفظ مليل آهي ۽ ان جي ذات تي تنقيد ڪندڙ سزا جو مستحق آهي.

ٻئي طرف ننڍي ڪنڊ ۾ اهڙن ماڻهن جي به ڪوٽ ناهي، جيڪي هن ڪان نفرت ڪن ٿا ۽ ان نفرت ۾ ايڏا شدت پسند آهن، جو هن جي ذات ۾ ڪنهن به خوبيءَ ۽ خاصيت کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ئي ڪونہ آهن ۽ جيڪو ماڻهو هن جي ڪنهن خوبيءَ، خاصيت ۽ اهليت کان متاثر ٿي سندس تعريف ۾ ٻہ اکر لکي ٿو، سو انهن وٽ غدار، قوم دشمن، تاريڪي پسند ۽ روشن خياليءَ جو دشمن ليکيو وڃي ٿو.

ٻنهي ڌرين مان ڪابہ ڌر نہ عقيدت ۾ انتها پسنديءَ کان هيٺ لهڻ لاءِ تيار آهي، نہ وري ڪروڌ ۽ غصي جي انتها پسنديءَ واري ڪوڙڪيءَ مان نڪرڻ کي چگو عمل سمجهيو وڃي ٿو ۽ اهي اهو سوچڻ لاءِ تيار ئي ناهن تہ هر سياستدان نہ فرشتو هوندو آهي، نہ وري شيطان. هو هڪ انسان هوندو آهي ۽ انسان جيڪڏهن فرشتو يا شيطان بڻجي وڃي تہ سندس وجود ۾ اچڻ جي مذهبي روايت ئي ختم ۽ بي مقصد ٿي وڃي ٿي، ڇو تہ مذهبي نقطہ نظر موجب شيطان ۽ فرشتا تہ انسان جي تخليق کان اڳ ۾ ڪائنات اندر موجود هئا.

هتي بانيء پاڪستان کي جيڪو تحفظ مليل آهي، اهڙي قسم جو آئيني ۽ قانوني تحفظ پاڙيسري ملڪ ۾ آزاديءَ جي اڳواڻن کي مليل ناهي. اتي گانڌي، نهروءَ، آزاد، پٽيل وغيره تي بيرحمانہ ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ توهين آميز تنقيد ڪئي وڃي ٿي ۽ اهڙي قسم جا ڪيترائي ڪتاب منهنجيءَ نظر مان گذريا آهن. تازو هڪ ڪتاب اهڙو به ڏسڻ جو موقعو مليو آهي، جنهن ۾ جواهر لال جي 'جنسي زندگيءَ' ۽ مولانا آزاد جي 'شغل شبينہ' تي پورا ٻہ باب لکيا ويا آهن ۽ اهو ڪتاب پارٽ ۾ ڇپيو آهي. هيءَ ٻي ڳالهہ آهي تہ انهيءَ ڪتاب جي جواب ۾ به ڪافي ڪتاب ڇپجي بازار ۾ پهچي چڪا آهن، پر مصنف جي خلاف ڪابہ تعزيري ڪارروائي ڪانہ ٿي آهي. منهنجي خيال ۾ ڪنهن به شخصيت کي قانوني تحفظ ملڻ سان ان جو عوامي ۽ قومي پهلو ختم ٿي ويندو آهي ۽ اها شخصيت صرف سرڪاري راز بڻجي ويندي آهي. جهڙيءَ طرح سرڪاري راز جي حفاظت فرض آهي، اهڙيءَ طرح ان شخصيت جي حفاظت به فرض بڻجي ويندي آهي.

سنڌ ۾ پھريون پيرو ترقي پسند ۽ روشن خيال لاڙي وارن لکندڙن انهيءَ عقيدت ۽ نفرت وارين بلندين کي بلدوز ڪري، بانيءِ پاڪستان کي هڪ سياستدان جي حيثيت ۾ ان جي خوبين تي لکڻ ۽ ڳالهائڻ شروع ڪيو آهي. ڪجهه وقت اڳ ۾ جناب جام ساقيءَ، جناح صاحب کي عظيم جمهوريت پسند سياستدان قرار ڏنو هو، پر جام ساقيءَ جو اهو جملو انهيءَ ڪري اهميت وڃائي ويٺو آهي، جو هو اڄ حڪومت ۾ شامل آهي ۽ حڪومت ۾ موجوده ماڻهوءَ جي مجبوري آهي ته اهو محمد علي جناح کي عظيم جمهوريت پسند سڏي. گهٽ ۾ گهٽ آءٌ پاڪستان جي هڪ اهڙي بااختيار اقتدار جي صاحب کي سجاڻان، جيڪو ريڊيو، ٽي. وي ۽ عام جلسن ۾ جناح صاحب کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪندو هو، پر اسان جي موجودگيءَ ۾ ان کي گهٽ وڌ ڳالهائي رهيو هو. ان ڪري سرڪار طرفان جناح صاحب جي باري ۾ جيڪا به پروپيگنڊا ٿئي ٿي، ان جي حيثيت پروٽوڪول واري آهي، باقي انهن جي اندر جي ڳالهه بي هوندي آهي.

ضياءُ الحق جي دؤر ۾ هڪ پيرو خان عبدالغفار خان، جي. ايم. سيد کي چيو ته، "هلو جناح جي قبر تي حاضري پري فاتحه خواني ڪريون." جي. ايم. سيد حيران ٿي غفار خان کان ان جو سبب پڇيو. جنهن تي غفار خان وراڻيو ته ضياءُ الحق، جناح جي مقابلي ۾ اقبال کي اُپاري رهيو آهي. ان جو هڪ سبب ته اهو آهي ته اقبال پنجابي آهي ۽ ٻيو اهو ته اقبال جو مردِ مؤمن ۽ شاهين وارو فلسفو ضياءَ جي آمرانه نظام لاءِ ڪارائتو ثابت ٿئي ٿو. ان ڪري هو پاڪستان جو خالق پنجابين کي ثابت ڪري انهن جي سوچ مطابق آمريت کي دائمي حيثيت ڏيڻ گهري ٿو ۽ اسان جي جناح صاحب جي مزار تي هلڻ سان ضياءُ جو اهو منصوبو ڪمزور ٿيندو، چوته جناح بهرحال هڪ سياستدان هو ۽ هن پنهنجي جدوجهد جي شروعات جمهوري طريقي سان ڪئي هئي.

هاڻي تازو هڪ نوجوان جو ٻڌي نوجوان تي هڪ ليک چيو آهي، جنهن ۾ هن جناح صاحب کي زبردست جمهوريت پسند ۽ قانوندان ڪري لکيو آهي. انهيءَ مسئلي تي پوءِ ٿا اچون ته هو ڪيتريءَ حد تائين جمهوريت پسند ۽ قانوندان هو، پر مون کي سندس شخصيت جي جنهن

پهلوءَ سپ کان وڌيڪ ششدر ۽ حيران بلڪ ڪنهن حد تائين متاثر ڪيو آهي، سو آهي "پاڪستان جو حصول."

جنهن دؤر ۾ پاڪستان وجود ۾ آيو اهو اهڙو دؤر هو، جنهن ۾ ايشيا ۽ آفريڪا ۾ آزاديءَ جون تحريڪون پربور جوش سان هلي رهيون هيون ۽ ٻنهي کنڊن جون ڏرتيون غير ملڪي سامراجين لاءِ ٽامو ٻنجي ويون هيون، جنهن ڪري سامراجي، آزادي گهرندڙن کي جيلن ۾ بند ڪرڻ کان سواءِ ڦاسيون ڏئي رهيا هئا ۽ جلاوطن ڪري رهيا هئا. انهيءَ دؤر ۾ خود يورپ ۾ ٻه مخالف لاءِ حڪمرانن وٽ ڪو نرم گوشو موجود نه هو.

پاڪستان ٺهڻ واري صديءَ ۾ هندستان آزادي گهرندڙن لاءِ ته ڦاسي گهاٽ ۽ وسيع جيل خانو هو، پر يورپ ۾ لينن، هٽلر ۽ ٻين ليڈرن کي ٻه قيد خانن ۽ جلاوطنين جو منهن ڏسڻو پيو. پر انهيءَ اهڙي وٽ پڪڙ جي دؤر ۾ هڪ اهڙو سياستدان ٻه موجود هو، جيڪو مسلمانن لاءِ آزاد وطن جو مطالبو ڪري رهيو هو، جدوجهد ٻه هلائي رهيو هو، پر ڪيس نه جلاوطن ٿيڻو پيو، نه ڳوڙها آئينڊڙ گيس جا شيل ۽ لئيون ڪائڻيون پيون، نه جيل وڃڻو پيو ۽ پنهنجو نصب العين ٻه حاصل ڪري ويو- ۽ جن ماڻهن عظيم پارٽ کي ورهائڻ جو سوچيو ئي نه ٿي، سي انهيءَ پارٽ ماتا جي ورهاست تي راضي ٿي ويا ۽ پاڪستان ٺهي ويو. آخر اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهيو.

ڪي ماڻهو اهو برابر چون ٿا ته اهو سپ ڪجهه انگريزن جي مرضي ۽ خواهش مطابق ٿيو. جيڪڏهن اهو مڃجي ٻه ڪٽي، تڏهن ٻه انگريزن جي خواهش ۽ مرضيءَ کي پنهنجي مرضيءَ ۽ خواهش مطابق موڙڻ لاءِ ٻه ذهانت ۽ تدبر جي ضرورت آهي ۽ اها يقيني طرح ايم. اي. جناح ۾ موجود هئي.

(روح جا ريلا، 15 سيپٽمبر 1994ع، ص: 93 کان 96 تائين)

سيد کي عدالت ۾ چو نہ ٿو آندو ويو؟

جي. ايم. سيد کي عدالت ۾ نہ ٿو گھرايو ويو. هن کي ٻڌو ٻہ نہ ٿو ويو، کيس سزا ٻہ ڪانہ ٿي سڏائي ويو. هو اڄ پنهنجي جسماني حالت سبب سنڌ جي صحافتي ۽ فڪري حلقن ۾ هڪ رحم جوڳي شخصيت بڻجي چڪو آهي. مون کي همدردي ۽ رحم لفظن مان ڪراهت ايندي آهي، چو تہ همدردي ۽ رحم انڌن، منڊن، جڏن ۽ مسڪينن سان ڪيو ويندو آهي. انهيءَ ڪري اهي لفظ جنهن ٻہ ماڻهوءَ لاءِ استعمال ٿيندا آهن، انهيءَ لاءِ ويچارگي ۽ بيوسيءَ جو احساس ٿيندو آهي. مون کي "ويچاري" لفظ سان ٻہ ڪا انسيت نہ آهي.

مون وٽ جي. ايم. سيد رحم ۽ همدرديءَ جو نہ، پر پنهنجي فڪري، عملي سياست ۽ ثقافتي عظيم جدوجهد ڪري بي پناهہ پيار ۽ محبت جي لائق آهي. هو انهيءَ جو حقدار آهي تہ اڄوڪي سنڌ جي ڏاهپ، علم، شعور، فڪر، فن ۽ صحافت سندس عظمت جي محرابن ۾ سجدا ڪن، چو تہ هو انهيءَ مرٽينگ قوم جو مسيحا آهي، جنهن کي پنهنجي وجود جو ڪوئي احساس ئي نہ رهيو آهي، جيڪا غلاميءَ جي زنجيرن سان ائين پيار ڪري رهي آهي، جيئن سهاڳڻ مائٽن جي ڏنل زيورن سان پيار ڪندي آهي، جيڪا اهڙا رهنما چونڊيندي آئي آهي، جن هر دؤر ۾ اقتدار جي اڏيءَ تي ان جي مردانہ باوقار خصوصيتن ۽ خاصيتن کي خصي ڪيو آهي ۽ جن وٽ انهيءَ قوم جون پوتيون ۽ پڳون اقتدار جي ڏاڪڻين تي وڃايل غاليچن وانگر رهيون آهن. انهيءَ قوم ۾ اڄ جيڪا هركر آهي، سا جي. ايم. سيد جي پيدا ڪيل آهي!

هي هركر ريس بسيرن جي،
ٿي ويندي ساک سويرن جي.

اسان کي اهو دؤر ياد آهي، جڏهن سنڌ جي وجود کي ميساريو ويو هو. سنڌي ٻوليءَ کي حاڪمن دفترن مان ۽ خود سنڌي ماڻهن پنهنجن گهرن

مان ڏيهه نيڪالي ڏئي ڇڏي هئي، انهيءَ وقت اهو جي. ايم. سيد ئي هو، جنهن پير تي ڏڙڪو هڻي ۽ چاتي ٽوڪي سنڌ وطن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بحاليءَ جي جدوجهد جو جهنڊو کنيو ۽ سنڌ جي نئين نسل ۾ جاڳرتا جي روهيڙن جا ڪيئي رنگ برنگي گل ڦُٽي پيا هئا:

توتي ڪڏهين ته اهڙو هٿي ستم هو،
تنهنجو نالو ونڻ پي وڏو جرم هو،
جرم ان منجهه جيڪي به جهلجي ويا،
اڄ اُنهن جي ڪري رنگ رڇجي ويا،
سنڌ جاڳي پئي، سنڌ جاڳي پئي.

اها جدوجهد ۽ جاکوڙ سيد اڪيلي سر شروع ڪئي.

مين اڪيلا هي چلا تها سوءِ منزل،
لوگ آتي گئي، کاروان بنتا گيا.

انهيءَ سفر ۾ حڪمرانن، پنهنجن ۽ ڌارين، مذهبي مهندارن ۽ دانشورن کي فتويٰ بازيءَ ۽ سياست بازيءَ جو جيڪو به پٿر هٿ آيو ٿي، سو سيد کي هنيو ٿي ويو:

ساري شهر وسايا پٿر، جن سان چڪنا چور هو،
پوءِ به هن ٿي نعرا ماريا، مڙس ته ڪو منصور هوا

سيد کي انهيءَ ڳالهه جي پرواهه نه هئي ته وقت ۽ حالتون سندس ۽ سندس قوم جي فائدي ۾ آهن يا نه ۽ حڪمرانن وٽ تعذير ۽ عقوبت جا کهڙا هٿيار ۽ اوزار آهن. اهي سڀ سهڻ لاءِ ته هن سينو ساهيو هو. سندرو ٻڌو ۽ ميدان ڪارزار ۾ ٽپيو هو. هن کي ته عشق هو سنڌ سان، سنڌي ماڻهن سان، سنڌي زبان سان، سنڌي زبان ۽ قوم جي تعمير ۽ تشڪيل ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪندڙ شاهه لطيف سان- ۽ هن انهيءَ عشق جي طاقت ۽ آڌار تي ڪشالا ڪيڏ جو پڪو پهه ڪيو هو.

هڪ سفر دوران به سال ڪن اڳ انهيءَ ضعيفيءَ واري حالت ۾ هڪ احتجاج ۾ تقرير ڪندي سيد چيو:

"محبت وڏي آهيان مامري، نه ته ڪير ڪشالا ڪري!"

انهيءَ محبت ڪنهن وقت جي پُرجوش نوجوان سيد کي، جيڪو ڪنهن وقت ۾ سياستدان هو، عالم هو، ادارا ناهيندڙ هو ۽ تاريخ ۾ شاگرد

ھو، اڄ خود سياست، علم، ادارو ۽ تاريخ بڻايو آھي. انساني سماجن جي اوسر جي تاريخ ۽ سياسي عروج ۽ زوال جا نقش ھن جي گفتگوءَ مان موتين وانگر ڇڻندا آھن. اسان انھيءَ علمِ سياست ۽ تاريخ کي نہ سڃاتو آھي ۽ نہ ان مان فائدو ورتو آھي. پر وقت جي اقتدار جي صاحبن ۽ قومن جي مادي ۽ روحاني ورثن کي غضب ڪندڙن کي اھو احساس ۽ اھا ڄاڻ آھي تہ جيڪڏھن انھيءَ علم، سياست ۽ تاريخ کي زنجيرن ۾ بند نہ ڪيو ويو تہ ھي دوکي جون ديوارون ڏھي ويندیون. ھي ڪوڙ جا ڪوٽ ۽ ڪنگرا پُٽ تي اچي پوندا ۽ سنڌ جي ميدانن ۾ زندگي آزاد پنڇيءَ وانگر لامارا ڏيڻ لڳندي. انھيءَ ڪري اھي سيد کي قيد ڪريو اڇن. انھن ظالمن ۽ غاصبن سان گڏ جڏھن سيد پنھنجن کي چوڪيءَ تي چوبند ڏسي ٿو، تڏھن انھن کي غلامي پسند چئي اعلان ٿو ڪري ۽ چوي ٿو تہ، "اي سنڌ، شاھد رھجاءِ! اھڙن غلاميءَ پسندن کان آءٌ پنھنجي برائت جو اعلان ٿو ڪريان." پر ڪيس انھن پنھنجن جو ڏک ضرور ٿيندو آھي، ۽ ڪڏھن ڪڏھن پنھنجي مُنھن چوندو آھي تہ:

"ڪاکي تير جو ڪمين گاھ کي طرف ديکھا،
تو کچھ اپني ھي دوستون سي ملاقات ھوگئي."

ھو اڄ نوي سالن جي عمر ۾ قيد آھي. جيڪو قيد ھن ٿوھہ جوانيءَ ۾ شعوري طرح قبول ڪيو ھو، سو اڄ ڏينھن تائين سندس مقدر بڻيل آھي!

سرجيس تان سُور سامائيس تہ سُک ويا،
اھي ٻني پُور مون نمائيءَ نصيب ٿيا.

آخر سيد کي عدالت ۾ ڇو نہ ٿو آندو وڃي؟ سنڌ کي عدالت جي ايوان ۾ ڇو نہ ٿو ڳالھائڻ ڏنو وڃي؟ تاريخ جو آواز ٻُڌڻ جي اقتدار جي صاحبن کي ڇو نہ ٿي ھمت ٿئي؟ آخر سيد انساني تاريخ جو پھريون ملزم نہ آھي، جيڪو الزام قبول ٿو ڪري ۽ انھيءَ الزام جي قبوليت جو پس منظر ٻڌائي ٿو.

سيد کان اڳ سقراط ب الزام ۽ موت ٻني قبوليا ھٿا. ابوالڪلام آزاد انگريزيَ عدالت ۾ ڇيو ھو، "آءٌ اقرار ٿو ڪريان تہ مون برصغير جي عوام جي دلين ۾ انگريز سامراجِ کان آزادي حاصل ڪرڻ جو بج پوکيو آھي. ڪاسترو ب ڇيو ھو تہ، "مون ھٿياربند جدوجھد ڪئي آھي ۽ ڪندو رھندس."

ڪورٽن انھن سڀني کي ٻڌو ۽ انھن ڪورٽن جون سزائون ب خوشيءَ

سان ٻڌيون، پر پاڪستان ۾ اصل اقتدار جا ڏٽي اهڙي جرئت، همت ۽ ايمانداريءَ کان محروم آهن. اهي بزدل آهن، انهن جي ذهنن ۾ چور ويٺل آهي. انهيءَ ڪري ظالم ۽ سفاڪ آهن، چو تہ بزدل ئي ظالم ٿيندو آهي. انهن کي خبر آهي تہ تاريخ اسان کي مجرم ثابت ڪندي، انهيءَ ڪري انهيءَ تاريخ جو آواز ٻُڌڻ لاءِ تيار آهن ۽ نہ وري ان جو فيصلو قبول ڪرڻ لاءِ آماده.

هتي جون عدالتون حڪمرانن جي آبروءِ جي اشاري جون منتظر رهنديون آهن. هتي جا مصنف فيصلو ٻڌائڻ وقت فيصلو ٻڌندڙ مجرم کان وڌيڪ خوفزده هوندا آهن. هتي جا حُڪمران تاريخ جي آواز، فيصلن ۽ رفتار کان ڪَن، اکيون ۽ ذهن، آڻ پڪيءَ وانگر بند ڪري بيپرواهيءَ ۽ لاغرضائيءَ سان عوام جو رت چورن وانگر چوسيندا آهن. ان ڪري اقتدار جي انڌ ۾ مستقبل جي بيرحم نتيجن کان غافل ٻڏجي پنهنجي عمر ۽ اقتدار جي ڏينهن جو ائين چوڳو ڪندا رهندا آهن، جيئن موت جو ڪارو ڪانءُ زندگيءَ جي ڏينهن جو چوٽو ڪندو آهي. اهڙن حڪمرانن کان اها اميد رکڻ تہ سيد جيڪو هڪ تاريخ آهي، ان جي سامهون ايندا ۽ ان جي دليلن ۽ آواز کي ٻڌندا، ٻيرن کان ٻير گهرڻ برابر آهي. پر سيد کي انهيءَ ڳالهہ جي پرواهہ ڪٿي آهي. هن تہ حسين وانگر چيو آهي تہ، "مون پنهنجو معاملو تاريخ ۽ سنڌ جي حوالي ڪيو!"

(روح جا ريلا ، 17 سيپٽمبر 1994ع، ص: 97 کان 100 تائين)

ڏرتيءَ جي ڏڙڪن جي ٻولي سڃاڻو!

تاريخ 20 جون 1999ع تي منهنجي ڪتاب "اسان جيئن جيئي ڪو" جي مهورتي گڏجاڻي، پريس ڪلب حيدرآباد ۾ ٿي هئي، جنهن جي صدارت سنڌ جي سڀ کان وڏي دانشور ۽ عالم محترم محمد ابراهيم جويي ڪئي هئي. هن تقريب ۾ منهنجي هڪڙي مُحسن ۽ ڪرم فرما محترم محمد صالح گوپانگ ڪجهه اعتراض اُٿاريا هئا. ان وقت، وقت جي تنگيءَ جي ڪري، آءٌ انهن اعتراضن جو جواب نه ڏئي سگهيو هئس. ان ڪري، مون مناسب سمجهيو ته هاڻي انهن اعتراضن جو جواب ڏيان.

گوپانگ صاحب جي اعتراض مان مون کي پهريون دفعو محسوس ٿيو ته هو پُراڻي ڪرم فرمائي وساري، هاڻي ڪنهن پارٽي لائين تي سوچي رهيو آهي. انهن اعتراضن مان ٻن اعتراضن جا جواب مون بروقت ڏنا هئا، باقي اعتراض، جن کي آءٌ هونئن ته سطحي سمجهان ها، پر گوپانگ صاحب جهڙي ماڻهوءَ طرفان ٿيڻ جي ڪري، آءٌ انهن اعتراضن کي سنجيدگيءَ سان وٺڻ تي مجبور ٿيو آهيان.

گوپانگ صاحب هڪ اعتراض اهو ٻڌايو هو ته، "مون کي حيرت ٿي ته آريسر کي ماءُ جي گار تي غيرت ڪانه آئي، پر سندس ليڊر (جي. ايم. سيد) کي گار ڏيڻ تي هو فوجين سان وڙهي پيو. جڏهن ته ماءُ جي پيرن هيٺان جنت هوندي آهي، پر ليڊر جي پيرن هيٺان جنت نه هوندي آهي."

سندس ان اعتراض جي سلسلي ۾ آءٌ گوپانگ آڏو ٻه مثال ڏيندس ۽ پنهنجو نقطئه نظر پيش ڪندس:

(الف) ڪنهن جنگ ۾ حضرت علي رضه ڪنهن ڪافر کي قتل ڪرڻ لاءِ اُن کي دسي، سندس سيني تي چڙهي ويٺو ته اُن ڪافر حضرت علي رضه جي چهري مبارڪ تي ٿُڪ اُڇلائي. انهيءَ عمل جو ردعمل حضرت علي رضه هن طرح ڏيکاريو ته يڪدم اُن جي سيني تان اُٿي ڪڙو ٿيو ۽ ڪيس

چڏي ڏنائين. ڪافر حيران ٿي چيو تہ، "مون اھا حرڪت انھيءَ ڪري ڪئي تہ جيئن توھان ڪي ڪاوڙ اچي ۽ مون ڪي جلدي قتل ڪري چڏيو تہ جيئن آءٌ وڌيڪ اذيت کان بچي سگھان. پر توھان تہ ان جي ابتڙ مون ڪي چڏي ڏنو." ان ئي مھل حضرت عليءَ ڪيس جواب ڏنو تہ، "پھرين مون توڪي قتل رسول ﷺ جي دشمن جي حيثيت ۾ پٽي ڪيو، پر تنھنجيءَ اُن ذاتي حرڪت جي ڪري، آءٌ پنھنجي ذاتي ڪاوڙ جي ڪري توڪي قتل ڪريان ھا. اسان جنھن نصب العين لاءِ وڙھون ٿا، ان ۾ ذاتي رنجش جي بنياد تي ڪنھن کي قتل ڪرڻ جي ڪا گنجائش نہ آھي."

– جي. ايم. سيد اسان جي قومي غيرت ۽ قومي آزاديءَ جي علامت آھي، ۽ منھنجي ماءُ منھنجي ذاتي غيرت جي علامت آھي. اسان پنھنجون ذاتي غيرتون، پنھنجي قومي غيرتن تان قربان ڪري چڏيون آھن.

(ب) گانڌيءَ جيءَ کي ڪنھن چيو تہ، "فلائي ماٿھوءَ سان ملين ٿو، جيڪو تنھنجي قد ڪاٺ جو نہ آھي، ان سان تنھنجي عزت گھٽجي ٿي." مھاتما چيو، "مون وٽ ھن وقت سپ کان وڌيڪ عزت ھندستان جي آھي، جيڪڏھن ان جي عزت ۽ غيرت بحال ڪرڻ ۾ منھنجي ذاتي عزت گھٽجي وئي تہ مون کي ان جي ڪائي پرواھ نہ آھي."

بنيادي مسئلو اھو آھي تہ اسين پنھنجي قبائلي نظام جي غيرت واري چڪر مان نڪتا نہ آھيون، ۽ گوپانگ صاحب جي اعتراض مان ائين پٽي لڳو تہ ھو اڃا تائين ھيڏي علم ۽ فھم ھوندي بہ ان قبائلي چڪر مان پنھنجي جان آزاد نہ ڪرائي سگھيو آھي. ان ڪري ھو صاحب اُن فرق کي بہ سمجھي نہ سگھيو آھي تہ آزادين اھم ھوندين آھن يا عصمتون. آيا آزادين لاءِ عصمتون قربان ڪبيون آھن يا عصمتن لاءِ آزادين تان دستبردار ٿيٽو پوندو آھي. گھٽ ۾ گھٽ مون تہ جديد دور جي تاريخن ۾ اھو پڙھيو آھي تہ نوجوان چوڪرين آزاديءَ لاءِ پنھنجون عصمتون قربان ڪري چڏيون. ان سلسلي ۾ آءٌ ايران جي اشرف دھقانيءَ جو مثال پيش ڪندس، جنھن پنھنجي آپ بيتيءَ ۾ لکيو آھي تہ، 'مون سان جڏھن گينگ ريپ ڪيو ويو ۽ مون کي رت وھڻ شروع ٿيو، تڏھن مون سوچيو تہ رَتُ ئي تہ آھي، جيڪو جسم جي ڪھڙي بہ حصي مان نڪري، بھرحال رَتُ آھي، ۽ آزاديءَ لاءِ رَتُ ئي ڏيٽو پوندو آھي.'

اھو ئي ساڳيو طريقو اسان جي تاريخي ۽ افسانوي هيري روپلي ڪولهيءَ جي گهرواريءَ ۾ اختيار ڪيو- تہ عصمت، آزاديءَ کان اهم نہ آهي، ڇو تہ آزادي ڪيترين ئي عصمتن کي فلڪ جون بُلنديون ۽ زُهرا جي چادر جو تقدس ڏئي چڏيندي آهي.

جڏهن مون تارچر سيل ۾ اهو سڀ ڪجهہ برداشت ڪيو ۽ سيد اعظم کي گار ڏيڻ تي آءٌ مچرجي پيس تہ اهو سڀ اُن ڪري، جو سيد اسان جي ڏرتيءَ جي آزاديءَ جو علمبردار هو، جنهن سان نہ معلوم عصمتن کي ڪهڙو تقدس ملي وڃي ها، جيڪو يقينن چند جي چانڊوڪيءَ کان وڌيڪ شفاف، ڪينجهر جي ڪنولن کان وڌيڪ دلڪش ۽ انڊلڻ جي رنگن کان وڌيڪ من موهيندڙ هجي ها. اُن شيءِ جي خبر شايد ڪنهن ڪاموري کي نہ هجي!

گوپانگ صاحب کي اهو بہ عرض ڪندس تہ جيئن تہ ذوالفقار علي ڀٽو اڇڪلهہ سندس آئيڊيل آهي، اُن پنهنجيءَ ڏيءَ بينظير ڏانهن هڪ خط ۾ لکيو هو تہ، "آسمانن جي جنت ماءُ جي پيرن هيٺان آهي، پر دنيا جي جنت عوام جي پيرن هيٺان آهي." اُن تي آءٌ اهو اضافو ڪندس تہ، "اسان کي اها جنت عوام جي پيرن هيٺان جي. ايم. سيد ڏيکاري هئي، جنهن لاءِ آءٌ اهو چئي چڪو آهيان تہ منهنجي نئين جنم جو پيءُ جي. ايم. سيد آهي."

ميرپورخاص جي هڪ اردو شاعر جي شعر جو مفهوم مون کي ياد اچي رهيو آهي تہ، "اسين مخلصَ ڏرتيءَ کي پوڄيندا رهجي وياسون ۽ ماڻهو وطن وڪڻي بہ معتبر سڏائيندا رهيا."

(سَرِ جي صدا سُر ۾' مان مختصر ڪيل.)

جڏهن تاريخ جا تير قلمَ ۾ تبديل ٿيا

غالب چيو هو ته، "منهنجن بزرگن جا ٽُٽل تير منهنجي هٿ ۾ اچي قلم بنجي ويا." مون کي خبر نه آهي ته غالب انهيءَ قلم سان قصيدا لکيا يا پنهنجن بزرگن جي تيرن وارو ڪم ورتو. پر جيڪڏهن جي. ايم. سيد شاعر هجي ها ۽ اها ست لکي ها ته پوءِ اُنهيءَ ست جي سچائيءَ تي مون کي ايترو ئي يقين هجي ها، جيترو هڪ مسلمان کي قرآن تي هوندو آهي. پر پوءِ به مون کي پڪ آهي ته ڏاهر ۽ دريا خان، دودي ۽ هوشوءَ جا ٽُٽل تيرَ جي. ايم. سيد جي هٿ ۾ اچي واقعي قلم بنجي ويا آهن. انهيءَ قلم کان جي. ايم. سيد سنڌ دشمنن خلاف اهو ڪم ورتو آهي، جيڪو ڏاهر پنهنجن تيرن سان عربن خلاف؛ دودي، خلجين خلاف؛ دريا خان، ارغونن خلاف ۽ هوشوءَ، انگريزن جي خلاف ورتو هو. اهي سڀ جي. ايم. سيد جا بزرگ هئا ۽ آهن، جن جا تير ميدانِ جنگ ۾ ٽُٽي پيا. پر مون کي ويساهه آهي ته جي. ايم. سيد جي قلم جي مقدر ۾ ٽُٽڻ ۽ هار کائڻ نصيب ناهي. باقي مون کي اها پروڙ ناهي ته مخدوم بلاول جو قلم ڪنهن جي هٿ ۾ اچي رڻمل سوديِ جي تلوار ٿو بنجي!

اي جامشوري جا ميدان! توکي قسم آهي احسان ميمڻ جي ريٽي رت ۽ نسرين جوٽيجي جي پوٽر آواز جو ته اُن تلوار جي حفاظت ڪجانءِ!

("رُوح جا ريلا"، ص، 55 تان ورتل.)

خالق، پنهنجي تخليق ۾ تبديليون ڪري سگهي ٿو

هڪ پنجابي دانشور مون کان پُڇيو ته: 'جي. ايم. سيدُ، پاڪستان سان غداري ڪري اُن کي چو ٿو ٽوڙڻ چاهي، جڏهن ته هُو ان جو خالق آهي؟'

مون حيرت مان هن ڏانهن ڏسندي چيو، "تون اِهو مڃين ٿو ته جي. ايم. سيد پاڪستان جي خالقن مان آهي!"

هن چيو، "اُن ۾ ڪهڙو شڪ آهي، پوري تاريخ پري پئي آهي، انهيءَ ڳالهه سان."

مون اُن تي کيس چيو، "الله هن ڪائنات جو خالق آهي ۽ انسان جو خالق آهي، ۽ اهو هن ڪائنات جي سرشتي ۾ تبديليون ڪندو رهندو آهي. ڪڏهن معصوم ٻار کي ماري ڇڏيندو آهي ۽ ڪڏهن زندگيءَ سان ڀرپور جوانيءَ کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي، پر اهڙن ڪمن تي الله تعاليٰ کي ڪنهن ائين نه چيو آهي ته (نعوذبالله) هو غداري پيو ڪري؛ اِهو اُن ڪري جو هو خالق آهي ۽ خالق کي پنهنجيءَ تخليق ۾ تبديليءَ جو هرڪو حق هوندو آهي. هڪ مصور، پنهنجيءَ تصوير ۾ ڏينهن ۾ ڏهه ڀيرا تبديلي ڪندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن اُن کي ڦاڙي به ڇڏيندو آهي، پر اهو سندس حق آهي. جي. ايم. سيد به پاڪستان جي خالقن مان آهي، اُن کي اهو هرڪو حق آهي ته ان جي نقشي ۾ گهربل تبديليون ڪري ۽ جي وٽيس ته ان کي ٽوڙي ڇڏي. جڏهن جناح صاحب ڪئبينيٽ مشن پلان قبول ڪري پاڪستان تان هٿ کڻي سگهي ٿو، ته پوءِ جي. ايم. سيد کي اهو حق ڇو نه آهي، ته هُو سنڌ خاطر پاڪستان تان هٿ کڻي وڃي."

("رُوح جا ريلا"، ص، 66 تان ورتل.)

خوبصورت خواب

هي بمبئيءَ جو نئشنل ميوزم آهي، جنهن ۾ هندستان جي سينيَ رياستن جي تهذيب ۽ آثارِ قديمه لاءِ ڏار ڏار فلور ٺهيل آهن. هال جي مرڪز ۾ 'موهن جي ڏڙي' جو خوبصورت ماڊل رکيل آهي. آءٌ موهن جي ڏڙي جو ماڊل ڏسڻ کان پوءِ واپس موٽان ٿو ته منهنجي نظر هڪ ڏڳهي تلوار تي پوي ٿي، جنهن تي لکيل آهي "سرڪار مير فتح علي خان." آءٌ تلوار ڏسي بيهي رهيس ۽ سوچڻ لڳس ته شايد هيءَ ئي تلوار آهي، جنهن جي فيصلي کُن حملن نه رڳو سنڌ ۾ ڪلهوڑا خاندان جي حڪومت جو خاتمو آندو، پر سنڌ جي تقدير به صدين تائين اونداهين وادين ۾ ڌڪي ڇڏي. مير فتح علي خان، سنڌ ۾ تالپر خاندان جي حڪومت جو پايو وجهندڙ هو، هن سنڌ جي اقتدار ۾ پين کي به شريڪ ڪيو ۽ پهرين چوياري وجود ۾ آئي."

سائين جي. ايم. سيد ڪراچيءَ ۾ جڏهن شيخ مجيب الرحمان جي دعوت ڪئي هئي، ان وقت پنهنجي مرحبائي تقرير ۾ ميرن جي پهرين چوياريءَ واري حڪومت کي 'جمهوري سرشتي' ڏانهن سنڌ جي سفر جا پهريان قدم' سڏيو هئائين. سنڌ جي اهميت، افاديت ۽ فضيلت تي سائينءَ جو اهو خطبو شاهڪار آهي، جنهن ۾ سياسي، ثقافتي، تاريخي ۽ اقتصادي طرح سنڌ جي سفر جا پيرا ڪنيا ويا آهن ۽ انهيءَ سفر جي نشانن جي آثار تي سنڌ جي مستقبل جي نقشه گريءَ جا خوبصورت خواب ڏٺا ويا آهن. اهڙا خواب، جيڪي جاڳندڙ اکين سان ڏٺا ويندا آهن ۽ جن جي تعبير انساني حوصلو ۽ تدبر ڳڌجي ڪندا آهن. هي خواب ٽٻڪين وارا خواب نه هوندا آهن، جيڪي گهٽو ڪري آفيمي ڏسندا آهن ۽ پوءِ پنهنجن ئي خوابن جي ڊپ ۾ ڏڪندا رهندا آهن. پر هي اُهي خواب آهن، جيڪي باهمت انسان عظمتن جا پهاڙ سر ڪرڻ لاءِ تصور جي اک سان مستقبل جا پڙدا چيري بلڪل ائين ڏسندا آهن، جيئن شاعر جي تصور جي اک خوبصورت جسم ۾ پيل دل جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ محبت جو شعلو ڏسي ونندي آهي، ۽ پڻ هي اهڙا خواب هوندا آهن، جيڪي حوصلي مند حاملہ عورتون پنهنجن پُٽن جي شهسوار ٽيڻ لاءِ ڏسنديون آهن ۽ پوءِ پنهنجين محنتن سان اُنهن جا تعبير پاڻ ڪنديون آهن. لينن هڪ پيري چيو هو ته، "اُهي انسان بدبخت آهن، جيڪي خوبصورت خواب نه ٿا ڏسن، چو ته خوبصورت خواب ئي خوبصورت مستقبل جي تعمير لاءِ محرڪ قوتون ٽيندا ٿا." ("رُوح جا ريلا"، ص. 83-82 تان ورتل.)

جي. ايم. سيد

آڏيءَ مٿي انگَ

عبدالواحد آريسر پنهنجي ڪتاب "جي. ايم. سيد" لاءِ پيش لفظ لکڻ جو حُڪم ڏئي مون کي خوشيءَ گاڏڙ پريشانيءَ ۾ وجهي ڇڏيو ۽ منهنجي حالت ان نوجوان وانگر ٿي پئي، جيڪو پهريون پيرو ڪنهن پياري مائٽهءَ سان ملندو هجي، ڪيس ملڻ جي خوشيءَ سان گڏ ڪجهه چوڻ جي پريشاني هجي ۽ هو مناسب لفظن جي چونڊ ۽ انتخاب لاءِ پريشان هجي. بهرحال آريسر جي حُڪم جي بجاآوريءَ کي پنهنجي لاءِ پرخلوص اعزاز سمجهندي به، آءٌ ڪجهه لکڻ کان هٻڪي رهيو هئس، ڇاڪاڻ ته آءٌ هڪ سياسي ورڪر ۽ قومي ڪارڪن ضرور آهيان، پر اديبن جي مخصوص اصطلاح ۾ عالم يا فاضل نه آهيان، ۽ آريسر جي ڪتاب تي پيش لفظ لکڻ لاءِ عالم ۽ فاضل ته نهيو، ليڪن آريسر جهڙو اديب ۽ چوٽيءَ جو دانشور هجڻ انتهائي ضروري آهي. پر آريسر جي شروع کان عادت پئي رهي آهي ته هن پنهنجيءَ لکڻيءَ کي دستاربند اديبن جي تعارف ۽ پيش لفظ جي بجاءِ پنهنجي همسفر ساٿين جي تعارف سان چپائڻ بهتر پئي سمجهيو آهي. ان باري ۾ سندس چوڻ آهي ته "مون کي بهتر ۽ صحيح نموني سان منهنجا همسفر ۽ سياسي ساٿي ئي سمجهي سگهن ٿا ۽ آءٌ ڪنهن دستاربند اديب جي قلمي ڪلهي تي چڙهي وڏو مائهو ۽ سند يافته دانشور ٿيڻ نٿو چاهيان."

آريسر جي انهيءَ اصول مون کي سندس ڪتاب تي پيش لفظ لکڻ لاءِ قلم کڻڻ تي مجبور ڪيو.

جيئن ته هيءُ ڪتاب عبدالواحد آريسر، ڪراچي سينٽرل جيل جي وارڊ نمبر 13 اندر منهنجي موجودگيءَ ۾ ئي لکيو آهي، ان ڪري ڪتاب تي تبصري کان اڳ ۾ آءٌ مناسب ٿو سمجهان ته آريسر صاحب سان پنهنجي واقفيت ۽ دوستيءَ جي باري ۾ مختصر طور وضاحت ڪريان.

اڄ ڪلهه آريسر جي ذات ۽ شخصيت سنڌي قوم وٽ ڪنهن به تعارف جي محتاج نه رهي آهي، سندس تقرير ۽ تحرير جا دوست ۽ دشمن مداح

آھن. مون وانگر سنڌي نوجوانن تہ آريسر جي لکڻين ۽ تقريرن ۾ پنھنجن دلين جي ڌڙڪڻ محسوس ڪئي آھي. منھنجي ساڻس پھرين ملاقات محترم حفيظ قريشيءَ جي جڳھ تي سائين جي. ايم. سيد جي موجودگيءَ ۾ ٿي. اسان جو پھريون تاثر انھيءَ ملاقات ۾ ھڪ ٻئي لاءِ مخالفانہ ھو.

1973ع جا ابتدائي مھينا ھئا. سائين جي. ايم. سيد حيدرآباد ۾ محترم حفيظ قريشيءَ جي جڳھ تي آيل ھو. آءٌ پنھنجي ھڪ دوست سان گڏ سائينءَ سان ملڻ اُتي ويس. اسان سائينءَ سان ڪچھري پئي ڪئي تہ بن ٽن نوجوانن سان گڏ ھڪ مولانا صاحب نڪاءُ اچي ڪيو.

ذھانت سان پرپور ننڍڙين چمڪدار اکين ۾ سرمو، سنھڙو جسم، مُرڪندڙ چھرو، مٿي تي قراقلي ٽوپي، ڪاڌيءَ جي ڪپڙن تي مجيب ڪٽ جيڪٽ. سائين انھيءَ مولانا سان تمام خوشيءَ پيار سان پاڪر پائي مليو.

جيئن تہ ان وقت تائين اسان نوجوانن جي دلين ۾ مولوي قسم جي ماڻھن متعلق ڪيترين ئي شڪايتون پيدا ٿيل ھيون، ڇاڪاڻ تہ مذھب جي نالي ۾ اسان جو ايڏو تہ استحصال ڪيو ويو ھو (۽ ايا ڪيو پيو وڃي) جو ھر اھڙي قسم جي ماڻھوءَ کي ڏسي، اسان سمجھندا ھئاسين تہ شايد ھي بہ ٽرلٽ ڪندڙ ٽولن ۽ مفاد پرست گروھ جو آلہ ڪار ھوندو. ان ڪري مون جائي واڻي مولوين ۽ مذھبي ٺيڪيدارن تي جارحانہ نڪتہ چيني شروع ڪري ڏني. ھن باريش نوجوان منھنجي نڪتہ چينيءَ تي مولوين جي مخصوص ڪاوڙ ۽ فتوا بازيءَ جي بجاءِ خندہ پيشانيءَ سان بامعنيٰ جواب ڏئي مون کي خاموش ڪري ڇڏيو. انھيءَ مسئلي تائين اسان جي گفتگو بنا واقفيت جي ٿي رھي ھئي، ھڪدم مون پنھنجيءَ ان غلطيءَ کي محسوس ڪندي، سائين جي. ايم. سيد کان ھن نوجوان عالم جو تعارف ڪرائڻ لاءِ عرض ڪيو. سائينءَ مون کان مشڪندي پڇيو، رسالو "پيغام" پڙھندو آھين؟ وراڻيم، "حرف بحرف پڙھندو آھيان." سائينءَ چيو، "انھيءَ "پيغام" جو ايڊيٽر عبدالواحد آريسر اھو ئي مولانا آھي." سائينءَ جي اھا ڳالھہ ٻُڌي، مون اٿي کيس پيار مان پاڪر پاتو، ڇاڪاڻ تہ ان وقت "پيغام" جو اکر اکر سنڌ ۾ سنڌ دشمن ٽولن ۽ سندن ديسي دلالن کي آگ جا اُلا ٻُجي جلائي رھيو ھو. ھن نازو ئي آئين منعلق سنڌي قوم جي بنيادي حقن جي باري ۾ انتھائي شاندار تجويزون، آئين ساز اسيمليءَ جي ميمبرن کي

پيش ڪندي لکيو ھو تہ، 'جيڪڏھن سنڌي قوم جون اھي آئيني گھرون پوريون نہ ڪيون ويون تہ اھو نئين پاڪستان جو نھندڙ نئون آئين اسان سنڌين لاءِ قابل قبول نہ ھوندو.' سائين جي. ايم. سيد اھڙو اعلان اڳ ۾ ئي ڪري چڪو ھو، ۽ آريسر جي پوري قلمي جنگ سيد جي اعلان جي حمايت ۽ وضاحت لاءِ جاري ھئي؛ پر اھا منھنجي بدقسمتي ھئي، جو آءٌ ڪيس ذاتي طرح سُجاڻندو ڪونہ ھئس، ۽ منھنجي تصور ۾ بہ اھا ڳالھہ ڪانہ ھئي تہ ڪو "پيغام" جھڙي رسالي جو ايڊيٽر مولوي قسم جو ماڻھو ھوندو. خير آريسر سان منھنجي اھا پھرين مختصر ڪچھري ھئي، جنھن جلد ئي دوستيءَ جي ناقابل شڪست رشتي جي صورت اختيار ڪئي، جيڪا اڄ ڏينھن تائين وڌندي رھي آھي ۽ يقيناً وڌندي رھندي

ان ڪچھريءَ کان جلد ئي پوءِ 28 اپريل تي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڪنوينشن جي موقعي تي آئين خلاف احتجاج ڪرڻ جي جرم جي پاداش ۾ "جيئي سنڌ اسٽوڈنٽس فيڈريشن" جي پين ورڪرن سان گڏ مون کي بہ جيل وڃڻو پيو. جيل جي زندگيءَ ۾ "پيغام" ذريعي آريسر صاحب جي سنڌي قوم جي حقن ۽ سنڌي نوجوانن جي احتجاج جي حمايت ۾ انتھائي جارحانہ، بھادرانہ ۽ دليرانہ جنگ کان واقفيت ٿيندي رھندي ھئي.

سيپٽمبر 1973ع ۾ ممتاز علي ڀٽي جي دور وزارت ۾ ان حق پرست آواز کي ختم ڪرڻ لاءِ آريسر جي خلاف گرفتاريءَ جا وارنٽ جاري ڪيا ويا، ۽ حيدرآباد جي پوري پوليس کيس گرفتار ڪرڻ لاءِ حرڪت ۾ اچي وئي. ان ڪري آريسر صاحب کي ٻاھر رھيل دوستن جي صلاح سان مسجد جي پيش امامي ۽ اھو ھجرو، جيڪو حقيقت ۾ "پيغام" جي آفيس ھو، ڇڏڻو پيو. سگھو ئي پوءِ "جيئي سنڌ اسٽوڈنٽس فيڈريشن" جي ٻئي سالانہ ڪنوينشن ۾ جيل ۾ ھوندي، مون کي فيڈريشن جي ڪارڪنن نائب صدر چونڊيو. جيل مان ٻاھر نڪرڻ کان پوءِ فيڈريشن جي صدر صاحب جي روپوشيءَ ۽ ڪن ٻين سببن جي ڪري فيڈريشن جون صدارتي ذميواريون بہ مون کي سنڀالڻيون پونديون ھيون

4 مارچ وارو واقعو سنڌ جي ماضي قريب جو انتھائي بھادرانہ واقعو آھي. ان ڏينھن سنڌ جي سالن جي سُتل ضمير نوجوانن جي روپ ۾ بيداريءَ جو مظاھرو ڪري، ايوب شاھيءَ خلاف انتھاي جرئت مندانہ قدم

ڪٽي، ونيونٽ جي قهري ڪوٽن جي بنيادن کي لوڏي ۽ ڏوڏي ڇڏيو هو. ان ڏينهن جي تاريخي اهميت جي مدنظر هر سال 4 مارچ جو ڏينهن قومي سجاڳيءَ جي علامت طور ملهايو ويندو آهي.

1974ع ۾ "جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن" حيدرآباد جي شهر ۾ اهو ڏينهن ملهائڻ جو فيصلو ڪيو، پر حيدرآباد جي ضلعي انتظاميا جي مداخلت سبب اهو جلوس حيدرآباد ۾ نڪري نه سگهيو، ان ڪري اهو ڏينهن سنڌ يونيورسٽي جام شوري ۾ ملهائڻ جو فيصلو ڪيوسين. جلسو شام جو ٽيٽو هو ۽ ان جي صدارت قومي اسيمبليءَ جي ميمبر مير علي احمد تالپر کي ڪرڻي هئي، پر هو صاحب پنهنجي روايتي مجبوريءَ سبب اسلام آباد هليو ويو. آءٌ ۽ منهنجا ٻيا ساٿي منجهند کان ئي سنڌ جي مختلف حصن کان ايندڙ سنڌي نوجوانن جي، ڏار ڏار ايندڙ جٿن جي آڏرياءَ ۽ جلسي جي ڪم ۾ ايترو ته مشغول هئاسين، جو پنهنجي وجود جي به خبر ڪانه پئي پئي. منهنجي ڪمري سان گڏ بلاڪن جا پورا ڪمرا، بلاڪن جو تاريخي لان، سنڌي نوجوانن سان پرجي چڪا هئا، هاڻي اسان کي جلسي جي صدارت لاءِ اڻ تڻ لڳي پئي هئي ته ڪنهن کان صدارت ڪرائجي. جلسي جي ڪاروائيءَ جو وقت ويجهو ايندو پئي ويو ۽ جلسي جي صدر هٿ ڪرڻ لاءِ پريشاني وڌندي پئي وئي. ايتري ۾ قربان ميمڻ پڇندو آيو ۽ اچي مون کي چيائين ته صدارت جو مسئلو حل ٿي ويو. مون پڇيو ڇا ڪو اهڙو ماڻهو اچي ويو آهي؟ چيائين، "تمام زبردست ماڻهو اچي ويو آهي، منهنجي ڪمري ۾ ويٺو آهي. توکي گهرايو اٿس." آءٌ ڏُکندو قربان جي ڪمري تي ويس. اتي مون جهڙي ننڍي قد جو اجنبي نوجوان، ڏاڙهي مڇون ڪوڙيل، پرائي سوٽ ۽ قميص ۾ ملبوس، سگريٽ هٿ ۾، چنل بوٽ پايو ويٺو هو. مون کيس سڃاڻڻ جي ڪوشش ئي پئي ڪئي ته قربان چئي ڏنو، "آريسر کان وڌيڪ موزون ماڻهو هن جلسي جي صدارت لاءِ ڪو ٻيو ٿي سگهي ٿو؟" وراٿيم: "خدا ڪري آريسر اچي نڪري." قربان چيو، "آريسر تنهنجي سامهون ئي ته ويٺو آهي." آءٌ ڪم جي گهٽائيءَ ۽ هل هلان سبب، کيس هن نئين روپ ۾ واقعي سڃاڻي نه سگهيو هوس. قربان جي ٻُڌائڻ تي کيس پريور پاڪر ۾ آڻي چمي ڏنم ۽ عرض ڪيم ته، "جلسي جي صدارت ڪر،" پر هن علم جي اٿاهه ساگر

چيو، "4 مارچ سنڌي نوجوان شاگردن جي ٿي بي مثال قرباني ۽ جو ڏينهن آهي ۽ هيترن سارن جوانن جي موجودگيءَ ۾ آءٌ پاڻ کي ان جو اهل ۽ تو سمجهان، جو هن جلسي جي صدارت ڪريان." آءٌ ته تقرير به ڪونہ ڪندس، رڳو اوهان نوجوانن کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ آيو آهيان." اسان کيس ڏاڍيون منٽون ڪيون، پر هن جو جواب ساڳيو ئي هو. مجبوراً جلسي جي صدارت مون کي ڪرڻي پئي.

جلسي جي ڪارروائي "جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن" جو ڪارڪن، ورڪر ۽ بهترين اناڻسر خادم لاکير (■) هلائي رهيو هو.

مون کيس ڪن ۾ چئي ڇڏيو ته آريسر صاحب کي (ان وقت جي ڳجهي نالي 'رحيم شوري' جي نالي سان.) تقرير لاءِ ضرور سڏ ڪجانءِ، مون کي پڪ آهي ته هو هڪ نوجوان جي سڏ تي ضرور اسٽيج تي اچي، پنهنجي علم جي سمنڊ مان چند قطرا پيش ڪندو. خادم لاکير منهنجيءَ هدايت مطابق، منهنجيءَ صدارتي تقرير کان اڳ ۾، آريسر صاحب کي خطاب ڪرڻ لاءِ سڏ ڪيو. توقع پٽاندڙ آريسر صاحب اسٽيج تي آيو. آريسر صاحب جي ظاهري حالت ڏسي نوجوانن ٿهڪ ڏيڻ ۽ مسخري ڪرڻ شروع ڪري ڏني. چي: "گدو مان تازو وٺي آيا آهن، 4 مارچ تي هي چا ڳالهائيندو." هن مسخريءَ کان بي پرواهہ ٿي اسٽيج تي اچي سنڌ جي عظيم انقلابي شاعر نياز همايونيءَ جو شعر:

منهنجي ڌرتيءَ جو گنهگار نہ بخشيو ويندو،
ڪوبہ غاصب، ڪوبہ غدار نہ بخشيو ويندو،
روپ رهبر جو وٺي سگهندو نہ، رهزن ڪوئي،
هاڻ بيدار ٿيو آهي، پلارن جو وطن!

پڙهي، هڪ قابل، تجربيڪار ۽ باوقار خطيب جي مخصوص انداز ۾ هٿ مٽي ڪنيو.

ماحول تي گهرو سناٽو ڇانئجي ويو. سندس زبان مان تاريخ، ادب، فلسفي ۽ سياست جا نُڪتا، بهار جي پهرينءَ بارش وانگر وسڻ لڳا. هنن جي تقرير ۾ ڪٿي پهاڙي چشمي جو ترنم هو، ڪٿي چيتي جي چمڪاٽ هئي، ڪٿي عناصر فطرت جي ترتيب ۽ تنظيم جي دلڪش موسيقي هئي ۽ ڪٿي سنڌوءَ جي پرشور لهرن جو آهنگ، هو.

(■) جيڪو اڇڪلهہ ڊي. ايڇ. او دادوءَ جي پوسٽ تي فائز آهي.

دليون ۽ دماغ تقرير جي سحر جي دائري ۾ وکوڙجي ويا. ائين محسوس ٿي رهيو هو، جڏڪ ڪائنات جي رفتار بيهي وئي آهي ۽ صدين جي سنڌ هن ڪمزور نوجوان جي ايمان ۽ يقين سان ڀرپور لفظن ۾ ڪر موڙي اُٿي رهي آهي.

مون سان گڏ سنڌ جي ڪنڊڪڙ مان آيل هزارها نوجوان مبهوت بنجي سندس لفظن جي صداقت ۽ سوڻهن کي دل جي دامن ۽ دماغ جي خزاني ۾ محفوظ ڪري رهيا هئا. آريسر کي انهيءَ روپ ۾ ڏسي، مون کي سنڌوءَ جا اهي دراوڙ ياد آيا، جيڪي بنهنجن لفظن جي قوت سان ندين جا وهڪرا بدلائي چڏيندا هئا.

آريسر کي مون اسٽيج تي ڀريون پيرو ٻڌو ۽ سوچيم ته سنڌ کي جيڪڏهن سائين جي. ايم. سيد جهڙو مفڪراعظم ۽ رهبر ميسر آهي ۽ سندس نظريي جي تبليغ لاءِ آريسر جهڙا نوجوان پيدا ٿيڻ لڳا آهن، ته سنڌي قوم جو آئيندو بلاشڪ شاندار آهي. هيءَ قوم مرڻي ناهي، هڪ ڏينهن اها حيثيت وري حاصل ڪندي، جنهن ۾ هو آزاد ۽ خودمختيار هئي.

پوءِ ته آريسر سان يڪو عرصو گڏ گذريو هو. هاسٽل ۾ قربان ميمڻ، عبدالڪريم ڀٻر ۽ منهنجو ڪمرو سندس مسڪن گاهه هئا. شام جو روزانو 'بي بلاڪ' جي لان تي سڄي هاسٽل جون ڪرسيون گڏ ٿيندیون هيون ۽ آريسر سان ڪڏهن به نه وسرندڙ قرب واريون ڪچهريون ۽ رهاٽيون رچنديون رهيون. حيدرآباد شهر ۽ يونيورسٽيءَ جي ڪافي دوستن کان سواءِ اختر ڪاڪيپوٽو، خالق جوٽيجو، خادم لاکير، قربان ميمڻ، حڪيم ڀٻر، سرور ڪنڌر، اشرف کهاوڙ، آغا نياز، خير محمد سولنگي، ضمير لاڙڪ، رفيق قريشي ۽ رفيق پنهور ته ضرور شامل ٿيندا هئا. گهٽ ۾ گهٽ ان دوران مون آريسر کان تمام گهڻو ڪجهه پرايو.

هاڻي آريسر صاحب جي شخصيت سيني آڏو واضح ٿيڻ لڳي ۽ سنڌ جي ڪنهن به ڳوٺ يا شهر ۾ "جيئي سنڌ تحريڪ" طرفان ٿيندڙ هر جلسي ۾ آريسر صاحب جي شرڪت تمام ضروري بنجي وئي.

هوڏانهن سرڪار سڳوريءَ جون حد درجي جون ڪوششون ته آريسر کي گرفتار ڪجي ۽ هوڏانهن هي حوصلو ۽ همت، جو اسان جي هر جلسي ۾ هن جي شرڪت ۽ تقريرون لازمي: جن ۾ سنڌ دشمن قوتن کي، ڪليل

چئلينج، حق جي بيباڪ ترجماتي ۽ هر ڏاڙيئن جي ايجنٽ کي للڪار. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ 'يومِ بلوچستان' هجي، يا دادوءَ ۾ "جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن" جو سالياڻو ڪنوينشن، سائين جي. ايم. سيد جي سالگرهه جا جلسا هجن يا شاهه لطيف جي ورسيءَ جا ميڙ، ادبي ڪانفرنس هجي يا 'سنڌي شام' جو پروگرام، آريسر هر هنڌ موجود. آءٌ حيرت ۾ پئجي ويندو آهيان، جڏهن هن ڪمزور جسم واري شخص جي سنڌ جي هر ڪوٽ ۽ شهر ۾ سندس ڪيل دورن ۽ اتي ٽيندڙ بحثن تي سوچيندو آهيان. "پيغام"، رسالو، جيڪو آريسر شروع ڪيو هو، سو هن تي سرڪاري عتاب سبب بند ٿي ويو هو، پر سندس روشن ڪيل شمع کي "جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن" جي هڪ بي لوث ڪارڪن خادم لاکير اُڃاڻ نہ ڏنو، ۽ ساڳيو "پيغام" وري محترم لاکير جي ادارت هيٺ، ايل. ايم. سي مان شايع ٿيڻ لڳو، جنهن سان آريسر صاحب جو پرپور سهڪار رهندو آيو. "پيغام" جي وري شايع ٿيڻ تي آريسر کي اهڙي خوشي حاصل ٿي، جهڙي ڪنهن ماءُ کي پنهنجي وڃايل اڪيلي پُٽ جي واپس ملڻ تي ٿيندي آهي.

هاڻي "پيغام" ۾ سندس تقريرون ۽ شايع ٿيڻ لڳيون، جن کي اڳتي هلي "پرهه جو پيغام" ۽ "صدين جون صدائون" نالي ڪتابن جي صورت ۾ شايع ڪيو ويو. انهن پنهي ڪتابن سنڌي قوم وٽ بي پناهه مقبوليت حاصل ڪئي. "پيغام" ۾ جڏهن دوستن جي مشوري سان انٽرويون جو سلسلو شروع ٿيو تہ سڀ کان پهرين آريسر جو انٽرويو شايع ڪيو ويو، جيڪو سنڌ جي مسئلن، پنجابي پناهگير سامراج جي پرماريت ۽ ديسي دلالن جي حرامخوريءَ جي تاريخي چنڊچاڻ ۽ سياسي تجزئي جي حيثيت سان سنڌي قوم پرست ليڊر ۾ شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو. انهيءَ انٽرويو کان پوءِ پنجابي پناهگير سامراج جون اخبارون ۽ رسالا چٽا ٿي پيا، ۽ "نواءِ وقت" لاهور تہ مسلسل تيرهن قسطن ۾ ان جو ترجمو شايع ڪري، ان خلاف زهر اوڳاڻيندي رهي. "نواءِ وقت" جي مهرباني سان اهو انٽرويو پارٽ جي ڪثير الاشاعت هفتيوار پرچي 'ڊرم يگ' هندي شايع ڪيو.

آخر سرڪار سڳوري پنجابي، پناهگير سامراج جي اخباري پروپيگنڊا کان مرعوب ٿي، سنڌي ڪتابن تي بندش وجهي، سنڌ دشمنيءَ جو واضح ثبوت ڏنو. بندش پيل ڪتابن ۾ سائين جي. ايم. سيد جي سڀني ڪتابن

سان گڏ آريسر جي تقريبن جو مجموعو "پرھ جو پيغام" ۽ رسالو "پيغام" جيڪو خادم لاکير ھلائي رھيو ھو، بہ شامل ھئا. ھنن- "آريسر ۽ لاکير"- سرڪار جي انھيءَ وار کي ھمت سان برداشت ڪندي، پنھنجي علمي ۽ ادبي ڪوششن کي جاري رکيو ۽ لاکير جي ادارت ۾ آريسر جي سھڪار سان ھڪ نئون ڪتابي سلسلو "ڪارونجھر" جي نالي سان شايع ٿيڻ لڳو. ان وچ ۾ آريسر جي گرفتاريءَ لاءِ سرڪاري ڪوششون بہ تيز ڪان تيز ٿينديون ويون. جولاءِ 1975ع ۾ سنڌ حڪومت جي پناھگير وزير مسٽر بديع الحسن زيديءَ کي سنڌ يونيورسٽيءَ جي نوجوانن شاگردن ۽ "جيئي سنڌ" جي ورڪرن، حبيب الله ناريجي جي قيادت ۾ اغوا ڪيو. انھيءَ اغوا جا بنيادي سبب سائين جي. ايم. سيد نظربنديءَ مان مسلسل آزادي، سنڌي ڪتابن تان بندش ھٽائڻ، شاگردن ۽ اديبن کي آزاد ڪرائڻ وغيرہ ھئا.

مون پنھنجي دوستن سميت ان واقعي سان اختلاف ڪيو ھو، جنھن تي آءٌ اڄ بہ قائم آھيان. پر ھن حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگھجي تہ ھڪ مھينو اڳ پاڪستان جي وزيراعظم جناب ڀٽي پنجابين کي راضي ڪرڻ خاطر قومي اسيمبليءَ ۾ اعلان ڪيو ھو تہ، "مون سنڌو ديش تحريڪ کي ڪچلي ڇڏيو آھي. ھاڻي جي. ايم. سيد جو جنازو نظربنديءَ جي ئي حالت ۾ نڪرندو." زيديءَ جي اغوا جي واقعي نہ صرف ڀٽي جي ان بيان کي غلط ثابت ڪري ڏيکاريو، پر اھو بہ ثابت ڪيو تہ جيڪڏھن سيد جا پوئلڳ چاھين تہ سندن چنبي جي گرفت مان حڪمران ڏر جي ننڍڙي چيئرمين کان وٺي صوبائي حڪومت جا بااختيار وزير بہ پاڻ بچائي نہ ٿا سگھن.

زيديءَ جي اغوا جي سلسلي ۾ جيئي سنڌ جي ڪارڪنن ۽ ورڪرن جي والدين جي وسيع پيماني تي گرفتاري عمل ۾ آئي. آريسر صاحب ان وقت پٽريءَ جي سخت بيماريءَ ۾ حڪيم محمد صالح سن واري وٽ زير علاج ھو، ۽ سنڌ جي وڏي وزير جي سيڪريٽري (جيڪو پڻ آريسر جي ضلعي ٽرپارڪر سان تعلق رکي ٿو) کي اھا خبر ھئي تہ آريسر جو انھيءَ واقعي سان تعلق نہ آھي، پوءِ بہ ضلعي ٽرپارڪر جي پوري پوليس، رينجرس ۽ فيڊرل سيڪيورٽي فورس جي لوڊ، آريسر جي ڳوٺ کي گھيري ۾ وٺي سندس پوڙھي والد ۽ بن ننڍن ڀائرن کي گرفتار ڪري ميربورخاص

جي جيل ۾ رکيو، ٿوري وقت گذرڻ سان ٻين ورکرن جي عزيزن کي چڏيو ويو، پر آريسر جو والد صاحب ۽ پاڻر پورا ٽي مهينا جيل ۾ رهيا. پنيان گهر ۾ آريسر جي پوڙهي ماءُ، ننڍڙي ٻيڻ ۽ پاڃائي اکيلئون هيون، کوبہ مرد ماڻهو گهر ۾ موجود کونہ هو. آريسر بنيادي طرح هک غريب ۽ مسڪين ٽري خاندان سان واسطو رکي ٿو، جن جي ڪرت "آٿيون ۽ چاڙهيون، ڏٺ ڏهاڙي سومرا" آهي، ان ڪري اهو وقت آريسر لاءِ انتهائي پريشانيءَ ۽ ذهني ڪشمڪش جو هو.

اوهان اندازو لڳائي سگهو ٿا، ان ماڻهوءَ جي حالت جو، جنهن جي دل رستي ويندي ڪنهن جهور پوڙهي سنڌيءَ ۽ ڏٽڙيل ڏوٽيءَ کي ڏسي روئي پوندي آهي. سندس ذهن جون ديواريون ڏڏي ويندين آهن ۽ هو چئي ڏيندو آهي تہ، "آءٌ اديب آهيان، سياست جي پرخار وادين ۾ انسانن جا ڪربل، وڍيل ۽ چڇريل لاش مون کان ڏٺا نٿا ٿين." ان ساڳئي حساس انسان جو خاندان انتهائي رحم جوڳيءَ حالت ۾ هو، هو پاڻ گردي جي سُور ڪري زندگيءَ ۽ موت جي ٻہ واٽي تي بينو هو. اهڙيءَ حالت ۾ ٻہ هن جون نظرون ڪنهن ايندڙ صبح جي انتظار ۾ اُڪنڌيون هوندين هيون ۽ هن سرڪار آڏو پيش پوڻ کان انڪار ڪيو. هو چو نہ پيش ٿيو؟ ان جي وضاحت هن 4 مارچ 1976ع تي گورنمينٽ ڪالج خيرپور ميرس جي جلسي ۾ تقرير ڪندي ڪئي. هن سنڌ جي نوجوانن جي پرجوش هجوم ۾ چيو تہ:

"تاريخ جي هر دور ۾ ڊڪٽيٽرن، غاصبن ۽ ٿورو حاڪمن جو طريقہ واردات گهٽو ڪري هڪ جهڙو رهيو آهي. جڏهن زيديءَ جي اغوا وقت اسان جي مائٽن کي گرفتار ڪيو ويو، تہ جيئن اسان پيش ٿئون، ان وقت منهنجي ذهن ۾ سنڌ تي مغلن جي ظلم ۽ انهن جي مقابلي ۾ آزاديءَ جي متوالن سنڌين جون سرفروشيون ڦرڻ لڳيون. مغلن جي خلاف چاچا مار سرگرمين جي قيادت ڪندڙ بن دلير جانباز سنڌين- موندر خان چانڊئي ۽ دائود شوري کي- گرفتار ڪرڻ لاءِ سندن ٻارن ۽ گهروارن کي گرفتار ڪيو ويو. نتيجي طور اهي ٻئي بانڪا بهادر پنهنجين لڇن کي مغل سامراج جي هٿن مان آزاد ڪرائڻ لاءِ مغلن اڳيان پيش ٿيا. اڄ ساڳيو طريقو اسان کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ٻُڌي سرڪار استعمال ڪيو آهي. اسان حاڪمن جي انهيءَ هٿيار کي ناڪام بنائڻ، مُڏو ڪرڻ ۽ بي اثر بنائڻ لاءِ پيش نہ ٿيا آهيون.

"آءُ اڄ سنڌ جي تاريخ جي اهم ڏينهن تي دل جي گهرائين سان منهنجيءَ سرزمين جي انهن عظيم انسانن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چوان ٿو تہ:

"اي دائود شورا ۽ موندر خان چانڊيا! اوهان جو مقابلو مغل سامراج سان هو.۽ اسان جو مقابلو انهيءَ سامراج جي روحاني اولاد سان آهي. اسان جو اهو ئي رستو آهي، جيڪو اوهان مقرر ڪيو هو. اسان لاءِ روشني، اوهان جي مقدس رت جا ڦڙا آهن. پر تاريخ اڳتي وڌي چڪي آهي، ان ڪري اسان اها غلطي نہ ڪنداسين، جيڪا توهان ڪئي هئي. عبدالواحد آريسر توهان جي پيرن جي مٽيءَ کي پنهنجيءَ پيشانيءَ تي تلڪ طور لڳائيندي ۽ توهان جي غلطي نہ دُهرائيندو. مولا بخش لغاري، اوهان جي گهوڙن جي قدمن جي موسيقيءَ کي آزاديءَ جو اعلان سمجهندي ۽ اوهان جي علطي نہ دهرائيندو. هو اوهان جي جلايل جوت ۽ مشعلِ آزاديءَ کي ڪائنات جي هر شيءِ کان مقدس سمجهندي ۽ اڄ کان چار سئو سال اڳ واري دشمن جي هٿيار کي بي اثر بنائيندو ۽ سنڌ ۾ مغل ايمپائر جي روحاني اولاد سان وڙهندي ۽ اوهان جي ڪيل غلطيءَ کي نہ ورجائيندو. سنڌ جو ارڏو اڏول انسان اختر ڪاڪيپوٽو، سنڌ جي خوشحاليءَ جي جهنڊي کي پنهنجي جوان رت سان رڱيندي ۽ اوهان سان ڪيل دشمن جي فريب جي پردن کي چاڪ ڪندو رهندو."

هاڻي سرڪار جي پوري مشينري عبدالواحد آريسر جي ڳولڻ لاءِ مصروف عمل ٿي وئي ۽ آخر 11 اپريل 1976ع تي حيدرآباد مان، آريسر کي ٽن سالن جي روپوشيءَ کان پوءِ گرفتار ڪيو ويو. مون کي ٻئي ڏينهن پنهنجي ڳوٺ پان سعيد آباد ۾ اخبار ذريعي آريسر جي گرفتاريءَ جي خبر پئي. انهيءَ وقت مون خادم لاکير سان ٽيليفون تي ڳالهائي ساري حقيقت معلوم ڪئي، جنهن ٻڌايو تہ آريسر کي سٽي لاڪپ حيدرآباد ۾ رکيو ويو آهي. مٽس تمام گهڻو تشدد ڪيو ويو وجي ۽ کنهن کي سائس ملڻ نہ ٿو ڏنو وجي. آءُ انهيءَ ڏينهن يونيورسٽيءَ پهتس، ٻئي ڏينهن تي حيدرآباد جي تنهن وقت جي ڊپٽي ڪمشنر سيد محب الله شاهہ سان ملي ڪيس چيمر تہ، "آريسر صاحب سنڌ جو هڪ مايہ ناز دماغ آهي. اسان اهو نٿا چاهيون تہ کيس آزاد ڪرايون، چاڪاڻ تہ اوهان جي وس جي ڳالهہ نہ آهي، پر گهٽ

ڀر گهٽ ايترو ضرور ڪرايو، جو اسان ساڻس لاڪپ تي ملي سگهون." مون ڏي. سي صاحب ڪي اهو ٻه چيو ته، "آريسر ڪي فوري طور عدالتي تحويل ڀر موڪلڻ جو بندوبست ڪريو." پر هن عوامي دور ڀر ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ، پوليس جي آڏو ايڏو مجبور نظر آيو، جو هن شام جو اڇڻ لاءِ چيو، ۽ جڏهن شام جو مان ساڻس مليس ته هن صاحب آريسر سان ملاقات ڪرائي سگهڻ کان معذوري ڏيکاري. هوڏانهن لاڪپ تي ڏي. ايس. پي چوڌري يوسف، آريسر تي بي تحاشا تشدد ڪرائي رهيو هو. انهيءَ تشدد جو تفصيلي ذڪر هن پنهنجي "جيل جي ڊائريءَ" ڀر ڪيو آهي. آءٌ سخت حيرت ڀر اچي ويندو آهيان، جو هن ڪمزور، نبل، ڪاني جهڙي، سنهڙي سيپڪڙي، جنهن کي ڏسندي اسان کي هن جي جسماني ساخت تي سدائين رحم اچي ويندو آهي، ڪيڏي نه همت ۽ مردانگيءَ سان انهن ڪاروائين کي برداشت ڪيو، ۽ چوڌريءَ جي هر سوال جو جواب جارحانه انداز ڀر ڏنو:

سوريءَ مٿي سيجڙي، اڏيءَ مٿي انگ،
ديڳين ڪڙهن دوڳڙا، منجهه ڪٽار ڪرنگ،
'قاسم' قيصر زنگ، وهُ پيتائون وڻين.

(خليفو نبي بخش)

ان ڊائريءَ مان هڪڙي واقعي کي آءٌ هتي بيان ڪرڻ کان رهي نٿو سگهان. اهو هي ته جڏهن آريسر تي تشدد جا سڀ حربا استعمال ڪرڻ جي باوجود هو ڪابه ڪم جي ڳالهه معلوم نه ڪري سگهيو ته هن (چوڌري يوسف ڊي. ايس. پي) آريسر تي ريوالور جا لڳاتار فائر ڪرڻ شروع ڪيا. ظاهر آهي ته هي فائر آريسر کي مرعوب ڪرڻ لاءِ گسائي هٽي رهيو هو ۽ گوليون آريسر جي ڪنن جي پرسان زوزاٽ ڪنديون گذري رهيون هيون. ريوالور خالي ڪري هن آريسر ڏانهن نهاريو ته آريسر جي چپن تي زهريلي مسڪراهٽ ۽ اکين ڀر انگريز جي پالين ٻيوروڪريسيءَ خلاف نفرت جا اُلا هئا. اها حالت ڏسي هن پنهنجو جسم بيستو ڪري ڪرسيءَ تي ڇڏي ڏنو ڪيو، ڪيس آريسر طرفان اهڙي ردعمل جي توقع ڪانه هئي. سامراج جي پيداوار آفيسرشاهيءَ کي ڪهڙي خبر ته جڏهن ڪنهن فرزند زمين جي دل ڀر آزاديءَ جي اُمنگ، جوانيءَ جي تمنا وانگر اُپري ايندي آهي، ان وقت دنيا

جون سپ بارود جون فيڪٽريون انهيءَ اُمنگ جي سامهون 'مچر' جي حيثيت ۾ نہ رکنديون آهن.

ها.....! غلام ۽ مظلوم قومن جي اديبن ۽ عالمن سان هر دور ۾ ائين ٿيندو آيو آهي، دنيا جي تاريخ اهڙن مثالن سان پري پئي آهي. پر تاريخ اهو به ٻُڌائي ٿي تہ غلام ۽ مظلوم قومن ۾ جڏهن آزاديءَ جو جذبو شعور جي منزل تي پهچي ٿو، تڏهن غاصب قوتن کي هميشہ شڪست نصيب ٿيندي آهي، ۽ اهڙن چوڌري يوسفن کي جيڪي هتي پنجابي پناهگير جا ننڍڙا آلہ ڪار آهن، تاريخ عوامي هجومن جي ٻيرن جي نوڪرن ۾ اُڇلائي ڇڏيو آهي. اهڙو وقت ايندو ۽ ضرور ايندو، آريسر جي پنهنجي ئي لفظن ۾ "مون کي سنڌ جي شاندار مستقبل ۾ ايترو ئي يقين آهي، جيترو توهان کي سج جي روشنيءَ ۾." بهرحال آريسر جي گرفتاريءَ خلاف احتجاج ۽ هن کي عدالتي تحويل ۾ ڏيارڻ لاءِ "جيئي.سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن" طرفان پريس ڪانفرنس ڪري حڪومت کان اهڙي قسم جا مطالبا ڪيا ويا، ۽ ٻہ ڏينهن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪيو ويو. تنهن کان پوءِ ئي مٿس تشدد ڪرڻ بند ڪيو ويو.

طاقتور ڌر ۽ غاصب قوتون هميشہ مظلوم قومن جي فردن تي طاقت استعمال ڪنديون آهن، ۽ غاصب قوتن کان ڪاب ڳالهہ مجرائڻ لاءِ مظلوم ڌر لاءِ ٻہ اهو ئي طريقو استعمال ڪرڻ ضروري آهي.

سترهن ڏينهن سٽي لاڪپ حيدرآباد ۾ رکڻ کان پوءِ آريسر کي ڪراچي سينٽرل جيل موڪليو ويو. مٿس ڊي. پي. آر 49-52 جو ڪيس ٿاڦيو ويو، جيڪو سنڌ اسپيشل ٽربيونل ۾ هلندڙ آهي. جيل جي شروعاتي ڏينهن ۾ مٿس جيڪي وهيو واپريو، اهو هن پنهنجي جيل جي ڊائريءَ ۾ تفصيل سان لکيو آهي. آءٌ ان تي لکڻ جي ڪاب ضرورت محسوس نہ ٿو ڪريان، چوتہ جلد ئي آريسر جي "جيل جي ڊائري" ڇپجي، عوام آڏو اچڻ واري آهي.

سنڌ جي قومي تحريڪ جي سلسلي ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جو تاريخي ميدان مغلن کان ونيِ، نئين پاڪستان جي نئين آئين جي تدوين تائين، هڪ مضبوط قلعي ۽ ناقابل شڪست مورچي جي حيثيت رکندو پئي آيو آهي. ايوب خان کان ونيِ پٽي تائين، پاڪستان جي هر حاڪم ۽ حڪمران

پنهنجي پرڏيهي آقائن جي اشاري تي اها کوشش پڻي ڪئي آهي تہ ڪيڏي بہ قيمت تي سنڌ جي "قومي تحريڪ" کان اهو قلعو ۽ مورچو ڦريو وڃي. پاڪستان جي حاڪم ٽولن هر دفعي نون هٿيارن، ۽ نون منصوبن سان انهيءَ مورچي تي حملو پڻي ڪيو آهي، ۽ هر پيري سنڌ جي "قومي تحريڪ" جي سپاهين بيپناهہ دليريءَ، سورهيائيءَ ۽ سڄائيءَ سان انهن حملن کي ناڪام بنائي پنهنجي مورچي جو تحفظ پڻي ڪيو آهي. سنڌ يونيورسٽي اهڙو ادارو آهي، جتان "جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن" شاگردن جي بي پناهہ سهڪار سان شاگرد سنگت جون چونڊون ڪئي، سنڌ دشمن قوتن سان ٽڪر کائيندي رهي آهي. سالِ 1976ع ۾ حڪومت، قوم پرست تحريڪ کان اهو مورچو ڦرڻ لاءِ نوان هٿيار ۽ نوان حربا استعمال ڪيا، انهيءَ سلسلي ۾ هن شيخ ايار کي سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلري شايد سياسي رشوت طور ان لاءِ ڏني، تہ جيئن هو چهن مهينن اندر يونيورسٽيءَ مان "جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن" کي ختم ڪري ڏيکاري. شيخ ايار وائيس جي حيثيت ۾ حڪمرانن جو هٿيو ٿي ڪم ڪيو ۽ يونيورسٽيءَ جي مقدس فضائن کي خراب بنايو.

"جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن" جا باشعور ڪارڪن جيڪي تاريخ جي رفتار سڄائي، شخصيت پرستيءَ جي ڇار مان نڪري، وطن پرستيءَ جي عظيم نظريي تي همت ۽ حوصلي سان هلي رهيا هئا، تن ايار جي ان قدم جي مذمت ڪرڻ سان گڏ يونيورسٽي شاگرد سنگت جي چونڊن ۾ حصي وٺڻ جو اعلان ڪيو.

"جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن" کي شاگرد سنگت کان ٻاهر رکڻ ۽ قومي تحريڪ کان يونيورسٽيءَ جو مورچو ڦرڻ لاءِ "جيئي سنڌ" جي ڪارڪنن حبيب الله ناريجي، علي حيدر شاهہ ۽ ابوبڪر زرداريءَ (جيڪو صدارتي اميدوار هو.) کي ريسٽيڪيٽ ڪرڻ سان گڏ اسان جي نالن جي لسٽ سرڪار کي گرفتاري لاءِ پيش ڪئي وئي. اهڙيءَ ريت "سنڌ جي آواز" پنهنجي ڪردار کي داغدار بنايو.

ان کان پوءِ الیڪشن ملتوي ڪرائي، اسان کي ڊي. پي. آر جي ڪيسن ۾ ڦاسائي ڪراچيءَ جي مخلف ٽائن تي رکايو ويو. ٽائن تي رکڻ جو مقصد اسان کي قيدِ تنهائيءَ جا عذاب ڏيڻ هو. قيد تنهائيءَ سان حڪومت

جي اھا مرضي ھئي تہ اسان ھن تکليف واري ۽ ھيبتناڪ ماحول مان گھبرائجي، پنھنجي نظريي تان ھٽي ويندا سين، سنڌ جي ازلي پُڪار کان پنھنجا ڪن ھميشہ لاءِ بند ڪري ڇڏيندا سين ۽ پنجابي- پناھگير سامراج جي سنڌ دشمن ڪاروائين کان چشم پوشي ڪري ويھي رھندا سين. پر اسان جي ڪنن ۾ شھيد سنڌ الھ بخش سومري جا ھي لفظ ھر وقت پئي گونجيا تہ، "آءٌ گولي کائڻ لاءِ تيار آھيان، پر سنڌي قوم جي دشمنن کي سلام ڪرڻ لاءِ تيار نہ آھيان."

اھڙيءَ طرح لاڙ- اپن ۾ سوا مھينو قيد تنھائي ڪاٽڻ کان پوءِ اسان سيني کي ڪراچي سينٽرل جيل ڏانھن منتقل ڪري وارڊ نمبر 13 ۾ رکيو ويو، جتي ٻين سياسي قيدين کان علاوہ عبدالواحد آريسر بہ موجود ھو. ھن اسان جو والھانہ استقبال ڪيو، آءٌ ھتي اچي ڏاڍو خوش ٿيس، تہ ھاڻي سنڌ جي ھن عظيم دانشور ۽ مفڪر سان رات ڏينھن گڏ گذاري ڪجھہ پرائڻ جي ڪوشش ڪندس.

جيل جي زندگيءَ ۾ ڪٿن، لوھي دروازن، ھٿ ڪڑين، ڏنڊا ٻيڑين، سنگين ديوارن ۽ برجن ۾ بينل پھريدارن واري ڀيانڪ ماحول ۾ اھڙي ڪابہ شيءِ موجود نہ ھوندي آھي، جنھن جي دلچسپي ھڪ اديب کي لکڻ لاءِ آماده ڪري سگھي. ان کان سواءِ مقرر ڏينھن تي جيل سپرنٽينڈنٽ جو رائونڈ ۽ بيگاھہ وقتن تي سامان جون تلاشيون بہ لکڻ جي راھہ ۾ وڌيون رکاوٽون ھونديون آھن. ڪنھن 'خلاف قانون شيءِ' جو قيديءَ وٽان نڪري پوڻ جي صورت ۾ بند وارڊ وڃڻ، اھي سڀ ڳالھيون، جيل جي زندگيءَ جو حصو ۽ اديب جي قلم تي سنگين پھري جي حيثيت رکن ٿيون. ايوب ۽ يحيٰ جي ڏينھن ۾ قيدين تي جيل اندر ايڏي پيماني تي سختي ۽ ڪرڙي نظر ڪانہ ھوندي ھئي، پر ھن نام نھاد "عوامي دور" ۾ خاص طرح سياسي قيدين سان جيڪي عقوبتون ڪيون وڃن ٿيون، ۽ جيڪي جسماني ۽ ذھني اذيتون ڏنيون وڃن ٿيون، تن جو تفصليوار احوال ڪنھن ٻئي وقت تي ڪبو. اھڙي ماحول ۾ آريسر نہ رڳو ھيءُ ڪتاب "جي. ايم. سيد" لکيو، پر ٻين ڪافي ڪتابن کان سواءِ ڏيڍ ھزار ڪن صفحن تي پکڙيل تاريخي ۽ ادبي ياداشتون ۽ مختلف دوستن ڏانھن ڪافي خط لکيا آھن، جيڪي پنھنجيءَ جاءِ تي وڏي علمي ۽ ادبي حيثيت رکن ٿا.

لکڻ لاءِ ڪاغذ، قلم، مس، حوالي لاءِ ڪتاب ۽ پُرسڪون ماحول ضروري آهن. هتي حالت اها، جو سواءِ "هلال پاڪستان" ۽ "جنگ" جي بي ڪابہ اخبار پڙهڻ تي بندش پيل آهي، ڪاغذ، قلم، مس يا ڪهربل ڪتابن جي بلڪل عدم موجودگيءَ ماحول جي حالت هيءَ، جو جنهن وارد ۾ ٿيهہ قيدي رهندا هجن، جن ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جا قوم پرست شاگرد، جماعت اسلاميءَ جا رجعت پسند ڪارڪن، مسلم ليگ جا موقعي پرست ورڪر، ايم. ڊي. پي سنڌ جا نام نهاد ڏاهن جا چند پيروڪار پڻ رهندا هجن، جتي بنيادي نظرياتي اختلافن تي بحثن جي وڻ وڻان، پر آريسر جي حالت هيءَ، جو انهن سڀني ڳالهين ۾ ڀرپور حصي وٺڻ ۽ بحث مباحثا ڪري سنڌ دشمن فردن کي دليلن جي زبان سان خاموش ڪرائي ڇڏڻ، انهن بحثن ۾ آريسر جي ڪم عمريءَ جي باوجود ايڏي وسعت ۽ سياسي بصيرت کي پاڪستان جي چوٽيءَ جو رجعت پسند صحافي، "جسارت" جو ايڊيٽر صلاح الدين ۽ مشهور ڪميونسٽ ليڊر ڊاڪٽر اعزاز نذير به دل جي گهرائين سان خراج عقيدت پيش ڪندا هئا- ۽ انهن کي پهريون پيرو معلوم ٿيو ته جي. ايم. سيد جا پوئلڳ نہ صرف عزم ۽ حوصلي ۾ مضبوط آهن، پر علم ۽ دانش ۾ به پنهنجو مقام ۽ مرتبو رکن ٿا.

انهن بحثن کان علاوه شام جي وقت "روزانہ سنڌ" جي تاريخ تي ٻہ عدد ليڪچر ڏيڻ سان گڏ ايتري ساري لکڻ جو جنون ۽ ان جنون کي عملي روپ ڏيڻ، اهو سڀ آريسر ئي ڪري سگهي ٿو ۽ اهو هن جو ئي ڪمال آهي.

ڪاغذ، جيل جي ماڙيءَ (دروازي ۽ جيل جي آفيس) مان ٽپائي وارد تائين پهچائڻ ۾، حبيب الله ناريجي جي اتڪلن ۽ اثر رسوخ تمام وڏو فائدو پهچايو. آءٌ آريسر سان گڏ هڪ بئرڪ ۾ رهندو آهيان، ۽ جڏهن اڌ رات جو، ڪنهن وقت پاڻي پيئڻ يا ڪنهن بيءَ ضروري حاجت لاءِ اُٿيون آهيان تہ آريسر کي جاڳندي ئي ڏٺو اٿم، ۽ سفيد ڪاغذ، سگريٽن جي پاڪيٽن، مختلف دوائن وارن ڪوڪن تي آريسر جو قلم وهندو رهندو آهي، ۽ بعد ۾ انهن ٽُڪرن کي ترتيب ڏيڻ جي ڪم ۾ مشغول هوندو آهي. ائين ڪندي هن جي صحت صفا تباهہ ٿي وئي. مون گهڻو زور ڪري ڪيس هڪ هفتي تائين لکڻ کان سخت منع ڪري ڇڏي، تہ جيئن سندس صحت قدري بحال ٿئي، ۽ بئرڪ جي بلب جي هلڪي ۽ جهڪي روشنيءَ ڪري، ڪٿي

سندس اکين جي بينائيءَ تي ڪو هاڃيڪار اثر نہ پوي. بهرحال ايڏي لڳاتار جدبي ۽ محنت سان هن جيڪي ڪجهہ لکيو، ان مان هڪ ڪتاب هيءُ بہ آهي. منهنجي خيال ۾ محترم جي. ايم. سيد تي هن قسم جو هيءَ پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ سنڌي سماج جي مختلف عناصر جي باري ۾ "سيد" جي ڪوششن ۽ ڪاوشن تي عالمانہ تبصرو ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب جي موجوده وقت ۾ انتهائي سخت ضرورت هئي، جنهن جي ذريعي "سائين جي. ايم. سيد" جي فڪر ۽ تحريڪ کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد ۽ هٿي ملي سگهي ٿي.

آريسر جي طرزِ تحرير متعلق آءٌ رڳو ايترو چوندس تہ هن جي تحرير سنڌي نثر نويسيءَ ۾ انقلابي موڙ آندو آهي. مون کي سندس نثر پڙهڻ سان بهترين شاعريءَ جو لُطف ۽ مزو ايندو آهي. آريسر جو اهو اسلوب، هن ڪتاب ۾ پنهنجي پوري ڪمال سان موجود آهي. باقي ڪتاب جي علمي ۽ ادبي حيثيت جو فيصلو پڙهندڙ ئي بهتر طريقي سان ڪري سگهن ٿا. تنهن هوندي بہ مون کي يقين آهي تہ اسان جي هن نوجوان اديب جو هيءُ ڪتاب سندس اڳين لکڻين جيان "سنڌي قوم" جي دلين ۾ اهم مقام حاصل ڪندو. جيئي سنڌ.

16- آڪٽوبر 1976ع
وارڊ نمبر 13،
سينٽرل جيل ڪراچي، سنڌ.

مولابخش لغاري

(1)

"مان چاهيان ٿو جي. ايم. سيد تي نظم لکان. هي وحدت الوجودي، هي صوفي لا کوفي، هي اڏو گابرو سامياوادي ۽ پکو پختو ديش پگت، هي ماکيءَ کان مٺڙو، وهم کان ڪڙو ماڻهو مون کي هڪ جهوني بڙ وانگر لڳندو آهي. جڏهن سج ٽامٽي هٽي ويندو آهي، تڏهن هن جي ڇانوَ وڏيڪ گهاٽي ٿي ويندي آهي. مون ان ڇانوَ ۾ ڪيئي پکيڙا پَرَ پساريندي ڏٺا آهن، پر مان ان وقت جي انتظار ۾ آهيان، جڏهن عقابَ انهيءَ بڙ مٿان ڦيرا ڏئي تتل سجَ کي تيز نظرن سان گهُوريندي ڏسندا." – شيخ ايار

هيءَ اقتباس سنڌ جي مشهور شاعر شيخ ايار جي جيل جي ڊائريءَ مان ورتل آهي. شيخ صاحب پنهنجي مخصوص شاعراڻي اسلوب ۾ 'جي. ايم. سيد' جي مختلف وصفن جو ذڪر ڪندي، ڪيس 'گهاٽي بڙ' سڏيو آهي ۽ هن سخت گرميءَ ۾ ڪيترن پکيڙن کي ان جي ڇانوَ ۾ پَرَ پساريندي ڏٺو آهي.

جهڙيءَ ريت سج جي ٽامٽيءَ هٽڻ وقت بڙ جي ڇانوَ گهاٽي ٿيندي آهي، بلڪل اهڙيءَ ريت ان جي ڇانوَ ۾ پر پساريندڙ پکيڙا به ڪنهن خاص قسم جا هوندا آهن. هر پکيءَ کي اهو نه حوصلو آهي نه همت، جو ان بڙ جي ڇانوَ ۾ پر پساري. هتي اُهي پکي ايندا، جن جا پَر فولاد وانگر مضبوط هوندا آهن، جيڪي جڏهن گرم ٿي ويندا آهن، تڏهن عام قسم جي بڙ جي ڇانوَ انهن جي تَوَ کان ڇڏيون ٿي ويندي آهي، نه وري عام پکيءَ جي پرن ۾ اها سگهه آهي، جو هو اها ڇانوَ سهي سگهي. مون ڪيترن پکين کي ان بڙ جي چوڌاري ڦيرا پائيندي ڏٺو آهي، جيڪي ان بڙ جي ڇانوَ هيٺ اچڻ کان ڇرڪندا آهن. مون ڪيترن پکين کي ان ڇانوَ کان پَڇندي ڏٺو آهي. هي مخصوص قسم جو بڙ آهي، جيڪو گاهي گاهي ڪنهن زرخيز مٽيءَ ۾ پنهنجون پاڙون هٽندو آهي. جڏهن ڪنهن ڏرتيءَ تي صدين تائين فاتحن جي گهوڙن جي سنبن جي گجگوڙ ٿيندي رهندي آهي ۽ ڏرتيءَ جو سينو درد جي شدت کان دم جي مريض وانگر سڪ لڳندو آهي؛ جڏهن

جڳن کان ڪنهن سرزمين جي ڪيتن ۾ وطن جي فرزندن جو رتو رت وهندو ئي رهندو آهي؛ جڏهن قومن جي ڇڪتاڻ ۾ غلاميءَ جا ڪُٺ سُک ۽ سوڙها ٿي ويندا آهن؛ جڏهن ڪنهن ملڪ جي ونين جي ڏيل تي ڏاڪڻ جا ڏنڀ لڳندا رهندا آهن؛ جڏهن آزادي حاڪمن جي سريت بنجي ويندي آهي؛ جڏهن زندگي شڪاري ڪُتن جي خوف کان ڊنل هرڻيءَ وانگر پڇن لڳندي آهي؛ جڏهن غلاميءَ، موت، خوف، ڏاڍ ۽ ڏمر جو ديو، اُگهارو ٿي انسانيت جي ٻيوسيءَ ۽ مجبوريءَ تي ٽهڪ ڏيئ لڳندو آهي؛ جڏهن ماڻهو "آزاديءَ" جي لفظ کان ائين چرڪندا هجن، جيئن ڪوئي فاشي آمر وطن دوست جي انقلابي نعري کان چرڪي؛ ۽ جڏهن شرافت دولت کان، علم جهالت کان، قانون طاقت کان، سچ ڪوڙ کان، سچائي مڪر کان ۽ قلم لٺ کان شڪست کائي وڃي؛ ان وقت اُن هراسيل، ڊنل، پڇاڙيل ٽيل ملڪ، قومَ، ۽ ڌرتيءَ تي اهڙو ٻڙ پيدا ٿيندو آهي، جنهن کي "جي. ايم. سيد" چئي سگهجي ٿو.

اهڙو ٻڙ، صرف وڃه ۽ ماکي ئي نه، پر واسينگ جو وهاڻ ۽ ڪوئي ازلي امرت به هوندو آهي. مينهن وسارُو ۽ فولاد به هوندو آهي. لوڪ گيت ۽ ڪيڏارو به هوندو آهي. زندگيءَ جي گونجار ۽ آزاديءَ جو اعلان به هوندو آهي. اهو امرت جنهن جي چپڙن تائين پهتو، ان ڏانهن ڪوئي ڪاريهر ڪَرُ ڪٽي نه سگهندو آهي. اهڙو مينهن وسارُو جتي ظاهر ٿيو، اُتي هميشه منڊائتو مينهن وسندو آهي. اهڙو فولاد جتي تيار ٿيو، اُتي سدائين اڳڙئي جي آڳ رهندي آهي. اهڙي لوڪ گيت جا ٻول، هر دور ۾ زندگيءَ جي پهرين خواب ۽ ٻارڙي جي پهرئين ٻول وانگر هميشه تازا ۽ اُمنگن سان پريور رهندا آهن. اهڙي ڪيڏاري جي پڙاڏي تي ڪيئي ڪلي جا ڪوڏيا، ڪنڊ ڪپائڻ لاءِ تيار رهندا آهن. زندگيءَ جي اهڙي گونجار ڪائنات جي ارتقا سان گڏ وڌندي ئي رهندي آهي ۽ اهڙو آزاديءَ جو اعلان، زمان ۽ مڪان جون سرحدون ٽوڙي ازل ۽ ابد جو ڪو لافاني نغمو بنجي ويندو آهي.

(2)

ارادو هماليہ وانگر مضبوط، ذهن آسمان وانگر بلند ۽ سمنڊ جهڙو گهرو، گفتگو تدبير جي ڪتبي وانگر صاف ۽ سچي، دل پارَ جي مُرڪ وانگر مقدس ۽ معصوم، زندگي سنڌوءَ جي وهڪري وانگر سدائين مصروف عمل، وجودُ سانوڻ جي ڪڪر وانگر فيض رسان، علم سدائين ثمر ريز، قلم خارا شگاف تلوار کان وڌيڪ تيز، همت رُکَ جهڙي ڏاڍي؛ حوصلي ۾ پيغمبرانہ استقامت، جدوجهد ۾ تاريخ جي رفتار وانگر بي رپائي، گفتگوءَ ۾ علم ۽ سوچ ۾ فلسفو، عمل ۾ انقلاب، برتاءَ ۾ انسانيت دوستي؛ جابرن جي جبر، حاڪمن جي حشمت، ڏاڍن جي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ، ڏڪيڙن جي سفاڪيءَ، خونخواريءَ، ظلم ۽ بربريت کي پيرن سان ٺڪرائيندڙ، وطن دوستيءَ، قوم پرستيءَ ۽ آزاديءَ جي نظريي تي موت وانگر اڻ ٽر ٿي هلندڙ، اهو آهي جي. ايم. سيد! جيڪو ڪنهن وقت عالم، مؤرخ، سياستدان ۽ محرڪ هو، پر اڄ پنهنجي لازوال خوبين ۽ خصلتن، ڪوششن ۽ ڪاوشن جي ڪري خود هڪ علم آهي، تاريخ آهي، سياست آهي، تحريڪ آهي ۽ تذڪرو آهي. هن پنهنجي ذهن کي علم جي سمنڊ سان ملائي هڪ ڪري ڇڏيو آهي.*هو سنڌ جي تاريخ جو لازوال حصو آهي، هن سياست جي اصولن کي نہ رڳو ايجاد ڪيو آهي، پر پنهنجي خونِ جگر سان آبياري ڪري انهن کي زنده جاويد بنائي ڇڏيو آهي. هن پنهنجي وجود کي سنڌ جي تحريڪ ۾ هميشہ هميشہ لاءِ ضم ڪري ڇڏيو آهي.

(3)

آءٌ هن اصول سان پوريءَ ريت متفق آهيان، تہ ڪنهن معاشري جي تاريخ، مضبوط، طاقتور، جاننا، داناءَ ۽ دلير شخص نہ ناهيندا آهن؛ پر ان سان گڏ آءٌ هن ڳالهہ کان بہ انڪار ڪري نہ ٿو سگهان تہ فرد جو تاريخ جي رفتار، تنظيم، ترتيب ۽ ان جي نتيجن تي اٿمٹ اثر پوي ٿو. فرد جيترو باصلاحيت هوندو، ان صلاحيت آهر سندس اثر تاريخ کي متاثر ڪري ٿو. فرد جو اهو اثر ڪٽي گهٽ، ڪٽي وڌ، ڪٽي گهرو، ڪٽي هلڪو، ڪٽي وقتي، ڪٽي اٿمٹ رهي ٿو. مون فرد جو اثر انساني معاشري جي هر رسم ۽ رواج، تخليق ۽ فن، شعر ۽ افساني، مرڪ ۽ لُڙڪ، پرت ۽ نقاشيءَ ۾ ڪنهن چيل چهيليءَ جي نهارَ وانگر ليئا پائيندي ڏٺو آهي. ان کان ڪير انڪار ڪندو تہ روسي معاشري جي موجوده ساخت جي هر ذري ۾ لينن جو اثر مهڪي نٿو؟ ڪير چوندو تہ موجوده چيني ڍانچي جي هر پُرزي مان مائوزيتنگ جي گوليءَ جي گونجار نٿي ٻُڌجي؟ ڪير دعويٰ ڪندو تہ هلندڙ مصري معاشري جي سازَ ۾ سعد زاغلول پاشا ۽ جمال ناصر جي آهنگ خطابت جو تمغو ناهي؟ ڪير چوندو تہ لومبا، اميلڪار ڪئبرال، نڪروما، فيدل ڪاسترو ۽ ديمتروف جو لازوال شخصيتون، پنهنجي پنهنجي ملڪي معاشرن ۾ نٿيون چمڪن؟ ڪير هوڏ ڪندو تہ اڄوڪي هندستاني سماج جي هر شيءِ ۾ مهاتما گانڌيءَ جي سدا حيات مُرڪ ناهي؟ ان جو مطلب اهو ٿيو تہ ڪڏهن ڪڏهن فرد جو اثر، تاريخ جي پوري عمل ۽ ڪردار تي غير فاني ڇاپ هٹي ڇڏيندو آهي. اها ڇاپ ايڏي همہ گير، وسيع ۽ طاقتور هوندي آهي، جو ان معاشري جي هر شيءِ جو ڦيٿو، ان شخصيت جي مرڪزي حيثيت جي چوڌاري ڦرندو رهندو آهي، ۽ جڏهن بہ ان شخصيت جي اثرن کي ان معاشري کان جدا ڪيو ويندو تہ اهو پورو معاشرو نہ رڳو پنهنجي هيئت ۽ حالت بدلائي ڇڏيندو، پر اُتي جي هر شيءِ ۽ قدر، هڪ

نئون رُخ ۽ رنگ اختيار ڪرڻ لڳندو، جنھن تي وري ڪنھن بيءَ شخصيت جو رنگ ۽ ڍنگ لڳل ھوندو.

ابتدائي قبائلي معاشرن کان پوءِ ڪنھن بہ معاشري، ڪنھن بہ سماج ۽ ڪنھن بہ راج ڪي مون شخصيت جي زنجير جي قيد کان آزاد نہ ڏنو آھي، البتہ شخصيتن جي حيثيت جدا جدا پئي رھي آھي. حضرت نوح کان حضور ﷺ تائين جا مذھبي معاشرا ھجن يا ھيني بال کان فرانڪو تائين جا شھنشاھي سماج، توڙي ڪٽي انقلابِ فرانس کان انگولا جي آزاديءَ تائين وارا جمھوري معاشرا ھجن، ھر جڳھہ تي تاريخ جي گھوڙي تي ڪا نولادي شخصيت اسان کي سوار نظر اچي ٿي.

اُن تاريخي بصيرت جي روشنيءَ ۾ آءٌ چئي سگھان ٿو تہ ھن سرزمين جي تاريخ جي سرڪش گھوڙي جو رُخ بدلائڻ وارو "جي. ايم. سيد" ئي آھي، ۽ ھن صديءَ جي سنڌ جي تاريخ تي سڀ کان وڌيڪ اثر انداز ٿيندڙ شخصيت سندس ئي آھي؛ جيتوڻيڪ ھن وقت تائين معاشري جي ھر شيءِ تي سندس فڪر جو پرتوو نہ پيو آھي، تنھن ھوندي بہ معاشري جي سڀ کان اثرائتي ۽ بنيادي صنف تي سندس فڪر جي اثر انگيزيءَ کان انڪار ممڪن ئي ڪونھي. ھن دور جي ممتاز ۽ بنيادي صنف، جيڪا پوريءَ ريت انھيءَ رستي ۽ راھہ تي ھلي ٿي، جيڪا 'جي. ايم. سيد' تيار ڪئي آھي، سا آھي ادب ۽ فن جي صنف.

موجوده دور جي سنڌي ادب جي سڀ کان وڏي خوبي ۽ خاصيت آھي؛ وطن دوستي ۽ حُب الوطني. ھونئن تہ وطن دوستي ۽ حب الوطني سنڌي ادب ۽ شاعريءَ جي شروع کان وٺي امتيازي وصف رھي آھي. سنڌيءَ جو ڪھڙو شاعر ۽ اديب آھي، جنھن جي فڪر ۽ فن ۾، جنھن جي تخليق ۽ ذات ۾ مارو ۽ مليرِ، پنھنجي فطري خوبين سان موجود نہ آھن ۽ ڪھڙو شعر ۽ ادب آھي، جنھن جي ھر سٽ، ھرجملي، ھر پئرا ۽ ھر بند ۾ سرزمين سنڌ جن ليون ۽ لاڙا، پنھنجي ازلي سونھن سان موجود ناھن، ۽ جنھن جي اکر اکر مان ڌرتيءَ جي پيار جي خوشبوءَ نہ ٿي اُپري، سومرن جي دَور جا پٽ ھجن يا برھمڻ جي دور جا چارڻ، سمن جي صاحبيءَ جا باڪمال شاعر ھجن يا پوءِ وارا صوفي سڳورا!

تنھن ھوندي بہ ھيءَ حقيقت آھي تہ موجوده سنڌي ادب ۾ حب الوطنيءَ ۽

وطن دوستيءَ جو جيڪو باشعور جذبو آهي ۽ جنهن صداقت ۽ صفائيءَ، ديانتداريءَ ۽ جرئت سان سنڌي عوام جي ڏکن، ڏوجهرن، پيڙائن، مصيبتن ۽ دردن جي اپٽار ڪيل آهي، سا هن کان اڳ واري دور ۾ ايتريءَ حد تائين واضح ڪانه هئي. اڄ وطن دوستيءَ واري خاصيت سنڌي ادب ۾ ايتري لازمي ۽ ضروري بنجي چڪي آهي، جو جنهن ڪتاب، رسالي، شعر، ناولءِ ڪهاڻيءَ ۾ اها موجود ناهي، تنهن کي ڪوبه ماڻهو ادب تسليم ڪري، ان کي پڙهڻ لاءِ تيار ئي ڪونهي. اهو ئي سبب آهي، جو ڪافي اديب نه چاهيندي به پنهنجي تخليق ۾ وطن دوستيءَ جو تاثر ڏيڻ لاءِ مجبور آهن. ان ڪري، موجوده "سنڌي ادب" جو نوانوي حصو وطن دوستيءَ ۽ حب الوطنيءَ، ۾ قوم پرستيءَ جي جذبن سان ڀرپور آهي. انساني ذهن لاءِ سڀ کان پسنديده ادب رومانوي آهي، پر اڄ يقين سان چوان ٿو ته اڄوڪيءَ سنڌ ۾ بهترين رومانوي شعر، افساني، ڪهاڻيءَ ۽ ناول کان، وچولي درجي جو قوم پرستيءَ جي موضوع تي لکيل شعر، افسانو، ڪهاڻي ۽ ناول وڌيڪ مقبول ٿئي ٿو ۽ ماڻهن جي ذهنن کي متاثر ڪري ٿو، ان سيلاب جي وهڪري ۾ ڪيترا وچولي درجي جا شاعر ۽ اديب قومي نقطئه نظر جي شاعريءَ سبب سنڌ جا مقبول اديب ۽ شاعر بنجي چڪا آهن، ۽ ماڻهن انهن کي قومي شاعر ۽ اديب جي حيثيت ڏئي ڇڏي آهي. سنڌي ادب ۾ انهيءَ عظيم تبديليءَ ۽ موڙ آڻڻ جو محرڪ جي. ايم. سيد ئي آهي.

ورهاڱي کان اڳ واري ترقي پسند سنڌي ادب ۾ عام طرح بن قسمن جا لاڙا ۽ رجحان وڌيءَ شدت ۽ زور سان موجود هئا:

هڪڙي طرف جا سنڌي اديب 'انڊين نيشنل ڪانگريس' جي نقطئه نظر موجب سامراج دشمنيءَ ۽ وطن جي آزاديءَ لاءِ پنهنجي لکڻين ۽ رچنائن ۾ شعلا وسائي رهيا هئا. انهن اديبن جي نقطئه نظر ۾ هندستان واحد ملڪ هو. پارت ماتا قديم ايامن کان انساني قافلي ۾ تهذيب ۽ تمدن جو مرڪز هئي. انهن اديبن صرف سامراج دشمنيءَ تي مبني ادب ۽ فن جو لافاني ذخيرو سنڌي زبان کي ڏنو، پر ان سان گڏ هندستاني ادب ۽ تاريخ کي وڏي پئماني تي سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو. ٽئگور، نذرالسلام، منشي پريمچند، چٽرجيءَ وغيره جي ترجمن سان گڏ گانڌيءَ، نهروءَ ۽ آزاد جا ترجما به جڏهن انداز ۾ سنڌي ادب کي مليا.

ٻئي طرف سنڌ جا اهي ترقي پسند اديب هئا، جيڪي عوام جي اڪثريت، هارين ۽ مزدورن جي دکن ۽ دردن، سُورن ۽ پورن کي ادب وسيلي ظاهر ڪري رهيا هئا. ٻين لفظن ۾ هو معاشري ۾ موجود طبقاتي تضاد تي لکي رهيا هئا. هنن جي لکڻين ۾ وڏيري جي ظلم، سيٺ جي جَبر ۽ غريب جي مجبوريءَ جو بيان هوندو هو. هنن وٽ جيڪڏهن انگريز دشمن هو تہ ڪانگريس جي ليڈرشپ مها دشمن هئي. انهن اديبن جي لکڻين پڙهڻ کان پوءِ آءٌ چئي سگهان ٿو تہ سوشلزم جا اُهي پرچارڪ، سوشلزم جي صرف بن اکرن 'غريب ۽ امير' کان واقف هئا. هنن کي نہ مارڪسزم جي بنيادي متن جي پوري ڄاڻ هئي ۽ نہ وري سوشلزم جي سائنسي لاڙن ۽ ان جي حصول لاءِ حڪمت عملين کان آگاهي. انهيءَ جو وڏو سبب هتي انهيءَ سائنس تي ڪتابن جي اڻاٽ ۽ نايابي هئي.

انگريزن وس پُڄندي برصغير ۾ 'ڪميونسٽ لٽريچر' جي داخلا کي روڪيو ۽ ان جي خلاف وڏي پيماني تي پروپيگنڈا ڪرائي. ڪميونزم تي پهريون باضابطي ڪتاب هندستان ۾ "ڪميونسٽ ميني فيسٽو" به پهريون دفعو 1912ع يا 1913ع ۾ مولانا ابوالڪلام آزاد پنهنجي اخبار "الهلال" ۾ مڪمل ترجمو ڪري شايع ڪيو هو. ڪميونزم سان مولانا صاحب جي انهي دلچسپيءَ جي باوجود ان وقت مولانا صاحب ڪميونزم کان صرف سرسري طرح واقف ڏسجي ٿو، جيتوڻيڪ هن ان وقت هڪ مضمون "انقلاب جا سرچشما" جي نالي سان لکيو هو، جنهن ۾ هن مختلف قومن جي فطري مزاج جو ذڪر ڪندي، وڏيءَ حيرت سان لکيو هو تہ، 'مارڪس، لينن ۽ ٽراٽسڪي سڀ يهودي هئا.' ان سان گڏ مولانا صاحب تاريخ ۾ فرد جي ڪردار تي بہ بحث ڪيو آهي، جيڪو گهٽو ڪري سڀ بورجوا مفڪرن جي خيالن تي مشتمل آهي، جيتوڻيڪ ان ۾ تاريخ جي باري ۾ مارڪسي نقطي نظر بہ ناقص نموني موجود آهي.

ڪميونسٽ ڪتابن جي آمد ۾ تيزي ۽ تيز رفتاري، پي جنگ عظيم جي ٽن سالن گذرڻ کان پوءِ شروع ٿي، جڏهن روس تي هٽلر جي حملي کان پوءِ اسٽالن، فاشسٽ قوتن جي خلاف 'سامراجي بلاڪ' سان ناهه ڪيو ۽ هند ۾ جي ڪميونسٽن هندستان جي غلاميءَ جي باوجود ۽ ڪانگريس طرفان جنگ ۾ شرڪت جي مخالفت هوندي بہ ان جنگ کي

"عوام جي جنگ" سڏي پنهنجائي شروع ڪري ڏني، ۽ ڪجھ فيشن ايبل ڪميونسٽ فوج ۾ ب پرتي ٿيا ھئا.

ھتي هيءَ ڳالھ ياد رکڻ جھڙي آھي تہ روس تي ھٽلر جي حملي ۽ اسٽالن جي ناھہ ڪان اڳ ۾ هندستان جي ترقي پسندن جنگ جي سخت مخالفت ڪئي ھئي، ايتريقدر جو مشهور هندستاني ڪميونسٽ رهنما ايم. اين. راءِ جي 'ربيڪل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ' کي جنگ ۾ اتحادين جي حمايت ڪرڻ سبب، غدار سڏي ايم. اين. راءِ جي جلسن کي ڪينرن جاين تي درهم برهم ڪيو ھئاتون، هي اهو وقت هو، جڏهن اسٽالن، هٽلر سان ان جي معاهدي تي صحيح ڪري چڪو هو، ۽ نازي فوجون آسٽريا، چيڪوسلواڪيا، ۽ پولينڊ هڙپ ڪري چڪيون هيون. پر جيئن ئي هٽلر روس تي حملو ڪيو، تيئن ئي هندستاني ڪميونسٽن 'جنگ جي عوامي ڪردار' جي باري ۾ پروپيگنڈا شروع ڪري ڏني. ڪميونسٽن جي انهيءَ پاليسيءَ، برصغير جي بن چوٽيءَ جي سياستدانن ۽ مفڪرن- ابوالڪلام آزاد ۽ جواھر لال نهروءَ- کي سخت ڪاوڙ ڏياري ۽ هنن مان هرهڪ "انڊيا ونس فريڊم" ۽ "ڊسڪوري آف انڊيا" ڪتابن ۾ هندساني ڪميونسٽن تي خوب چوھ چنڊيا آهن. مولانا آزاد جي قلم تہ ايم. اين. راءِ کي ب معاف ڪونہ ڪيو آهي ۽ چين ۾ تيرهن لک ڪميونسٽ ورڪرن جي قتل جو ذميوار ايم. اين. راءِ کي ٺهرايو آهي، چوتہ هو ان وقت چين ۾ موجود هو. پر جواھر لال جي قلم مان ايم. اين. راءِ لاءِ هميشہ احترام ظاهر ٿيندو هو. اهي ٻئي رهنما اصولي طرح سوشلزم جا حامي هئا. نهروءَ جو سوشلسٹ ڪردار تہ عالم آشڪار آهي ۽ مولانا صاحب ب پنهنجي قرآن جي تفسير "ترجمان القرآن" ۾ لکيو آهي تہ هن خطي ۾ سوشلزم کي موقعو ملڻ گهرجي. انهيءَ ساريءَ مهيءَ ولوڙ ۾ مون کي حيرتناڪ ڳالھ هيءَ نظر آئي آهي تہ مهاتما گانڌيءَ جي ڪتابن ۾ منهنجي مطالعي جي حد تائين ڪميونسٽن جي مخالفت ڪانهي. ڳالھ گهٽو اڳتي وئي آهي. اصلي مقصد هيءُ هو تہ هندستان ۾ ٻي جنگ عظيم وقت ڪميونسٽن سان نرم رويو اختيار ڪيو ويو ۽ ڪميونسٽ ڪتاب آهستي آهستي هتي پهچڻ لڳا. پر ان وقت روس سان گڏ پوريءَ دنيا جون ڪميونسٹ قوتون جنگ ۾ ايترو تہ مصروف هيون، جو وڏي پيماني تي تبليغي ڪتابن جي اشاعت ۽ نيڪالي

کانہ پئي ٿي سگهي. جنگ جي خاتمي کان ترت پوءِ ننڍي کنڊ مان انگريز ٽپڙ ويڙهي ويا ۽ ملڪ ورهائجي ويو.

ننڍي کنڊ جي ورهاست 'سنڌي ادب' کي ڪاپاري ڏڪ هنيو. ورهاڱي کان اڳ ۾ سنڌ اندر ترقي پسند ادب جي تخليقڪارن مان اڪثريت هندو سنڌين جي هئي. هنن وٽ پڙهندڙن جي وسيع حلقي سان گڏ، نشر ۽ اشاعت جا بي انداز وسيلا هئا. ملڪ جي ورهاڱي وقت نہ صرف اهي اديب هليا ويا، پر پڙهندڙن جي حلقي سان گڏ نشر و اشاعت جو پورو سرشتو پڻ درهم برهم ٿي ويو. ڪجهہ مُدي خارج سنڌي شاعر ۽ اديب فارسيءَ ۽ اردوءَ جي واهيات نقاليءَ ۾ لڳا پيا هئا، نہ سندن بولي، تشبيهون، استعارا ۽ ترڪيبون سنڌي عوام جي مزاج مطابق هيون ۽ نہ ئي سندن شاعري، جيڪا مسلسل اضافتن سان پريل هئي، سا ڪا سنڌي عوام جي دل جو آواز بنجي سگهي ٿي. ڪجهہ ڪانگريسي لاڙن وارا شاعر ۽ اديب موجود هئا، پر ملڪ جي ورهاڱي سندن همت پست ڪري ڇڏي هئي: جيئن محمد صالح عاجز، نياز همايوني، عبدالڪريم گدائي ۽ بيا. اڙدوءَ جي گرم بازاريءَ سبب نوان اُپرندڙ شاعر به اردوءَ ۾ شاعري ڪرڻ لڳا هئا، جيئن شيخ اياز ۽ ڪجهہ بيا. ڪميونسٽ ڪتابن جي اچڻ ۽ فرانسيسي نراجيت پسندن جي ترجمن پهچڻ ڪري ڪجهہ سنڌي اديب عجيب ذهني مونجهاري ۾ مبتلا ٿي، سنڌي معاشري جي هر قديم شيءِ تي انڌن واريون لنيون هڻي رهيا هئا. البتہ ان دور ۾ صرف جمال ابڙو هڪ اهڙو ليکڪ نظر اچي ٿو، جنهن جي ڪهاڻين ۾ شعوري طرح هڪ نظام ۽ نظرئي جي دعوت سان گڏ معاشرتي خرابين ۽ برائن تي ميڪسم گورڪيءَ جي انداز ۾ چوٽ ٽيل آهي. هن باڪمال فنڪار پنهنجي تخليقن ذريعي سنڌي ڪهاڻيءَ کي نئون جياپو ڏنو. پڙهندڙن جو هڪ حلقو پيدا ٿيو ۽ نون ڪهاڻيڪارن ۽ ليکڪن لاءِ ڪهاڻيڪاريءَ جو هڪ دڳ ۽ منزل مقرر ڪئي. ان ڪري آءٌ ڪيس "سنڌي ڪهاڻيءَ جو ابو" ڪوٺڻ ۾ ڪوبہ حجاب محسوس نٿو ڪريان.

اهڙين حالتن ۾، ميرپور بٺوري ضلعي نٽي ۾ سائين جي. ايم. سيد سنڌي ادب ۽ زبان جي باري ۾ هڪ تاريخي مقالو "سنڌ ادب ڇو ۽ ڇا لاءِ" هڪ ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي پڙهيو. سنڌي ادب متعلق سائين جي.

ايم. سيد جي انهيءَ مقالي، نہ صرف ادبي حلقي جي تخليقن لاءِ واضح نصب العين ڏنو، پر ان سان گڏ سنڌي ادب ۽ فن کي وقتي حالتن ۾ نوان معيار، قدر ۽ موضوع موجود ڪري ڏنا.

سائين جي. ايم. سيد جي انهيءَ مقالي کان پوءِ سنڌي ادب ۾ زبردست تبديلي پيدا ٿي. سنڌ جو مايوس اديب ميدان ۾ نڪري آيو. پراڻن ڪانگريسي اديبن ۾ نئين سري ڪان لڳڻ جو حوصلو پيدا ٿيو. نون اديبن، وطن دوستيءَ ۽ قوم پرستيءَ جي عشق سان سرشار ٿي، زبان ۽ بيان جا شهڪار تخليق ڪيا. جابجا ادبي انجمنون ۽ ثقافتي سنگتون کُلڻ لڳيون. پراڻن خيالن جي اديبن جي "بزم شعراءِ سنڌ" جي مقابلي ۾ "سنڌي ادبي سنگت" جهڙي ترقي پسند اديبن جي فعال ۽ شاندار جماعت پيهر منظم ٿي ميدان ۾ آئي. (•)

سنڌ جي هر شهر ۽ واهڻ ۾ ترقي پسند ادب جو چرچو ٿيڻ لڳو. "سنڌي ادبي سنگت" جي پليٽ فارم تان نہ رڳو بهترين ادب، سنڌ کي ملڻ لڳو، پر هيءَ جماعت سنڌ ۾ سياسي جماعت جو ڪردار پڻ سرانجام ڏيڻ ۾ ڪافي حد تائين ڪامياب ٿي. اهو ئي پليٽ فارم هو، جنهن سچيءَ سنڌ جي اديبن کي متحد ڪري، رجعت پسند قوتن جي کوٽن تي دليرانہ وار ڪيا، سنڌي زبان کي پاڪستان ۾ صحيح مقام ۽ مرتبو ڏيارڻ لاءِ سنڌي ادبي سنگت جدوجهد ۽ ڪوشش جو قابل تحسين رکارد قائم ڪيو. ون يونٽ جي پنجوڙ مان سنڌ کي چڏائڻ لاءِ سنڌي ادبي سنگت پرپور ڪوششون ڪيون. سنڌي ادبي سنگت جي انهيءَ تاريخي ڪردار کي سنڌ جو مؤرخ ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندو.

سنڌي ادب کي نئين موڙ ڏيڻ لاءِ جي. ايم. سيد جي انهيءَ شهڪار مقالي جو وڏو ڪردار آهي، جنهن جا اقتباس، جيل ۾ اصل ڪتاب جي غير موجودگيءَ سبب نقل ڪري نہ ٿو سگهان.

جي. ايم. سيد هن مقالي ۾ نہ صرف سنڌي ادب کي نوان موضوع ۽ قدر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ان سان گڏوگڏ ادب جي تخليق جو مقصد پڻ واضح ڪيو. هتي مقصد واضح ڪرڻ واري جملي مان منهنجي مدنظر

(•) 'سنڌي ادبي سنگت' جو قيام 1946ع ۾ ٿيو هو، پر اُن جو حقيقي وجود ۽ 'نئين جاڳرتا' (Renaissance) 1956ع ۾ ٿي.

خاص مقصد آھي، ورنہ "ادب براءِ ادب" ۽ "ادب براءِ زندگيءَ" وارو بحث تمام پراڻو ھو ۽ سڀني تسليم ڪري ورتو ھو تہ اھو ئي فن پارو ادب آھي، جيڪو زندگيءَ جي سڌارڻ ۽ سنوارڻ يا انساني زندگيءَ جي مُنجھيل مسئلن جي اُپٽار تي مبني ھجي. منھنجي پنھنجي ذاتي راءِ ادب جي باري ۾ ھميشہ ھيءَ رھي آھي تہ انساني تاريخ ۾ ادب ھميشہ زندگيءَ جي مسئلن جي ترجماني ڪئي آھي ۽ ادب ڪڏھن بہ صرف ڪاغذ ڪارا ڪرڻ لاءِ لکيو ئي ڪونہ ويو آھي.

انساني زندگيءَ جي خوشگوار بقا لاءِ ٽي شيون انتھائي ضروري ۽ لازمي آھن: (۱) تعليم، (۲) ھلچل، ۽ (۳) تفريح.

زندگي صحيح معنيٰ ۾ گذارڻ لاءِ جھڙيءَ ريت تعليم ۽ ھلچل ضروري آھن، اھڙيءَ طرح تفريح بہ ضروري آھي. اھو ئي سبب آھي، جو اڄ جي انتھائي بامقصد ۽ سائنسي دور ۾ بہ جنگي حالتن ۾ وڙھندڙ سپاھين لاءِ گاھي ماھي تفريح جو بندوبست ڪيو ويندو آھي. تعليم ۽ ھلچل جي باوجود جيڪڏھن انساني زندگيءَ لاءِ تفريح ناھي تہ زندگي، مايوسين ۽ بوريت جو شڪار بنجي، فراريت ڏيڻ شروع ڪندي آھي. تفريح تي اھڙي شيءِ آھي، جيڪا انساني زندگيءَ کي تر ۽ تازو ڪري، نئين ڪائنات تخليق ڪرڻ جي لائق بنائي ٿي. مصروف ۽ بامقصد زندگيءَ لاءِ تفريح ايتري ئي ضروري آھي، جيترو پوک لاءِ پاڻي ۽ گرمي. ديومالائي (ڏندڪٿائي) دور جي ادب ۾ اسان جي ھن خواھش جي عڪاسي ٿيل آھي تہ ڪھڙيءَ طرح فطرت جي بي لغام قوتن تي ڪنٽرول ڪجي.

ديومالائي ادب ۾ اڄ سڌيءَ طرح انھيءَ يقين جو اظھار ۽ اعلان موجود آھي تہ ڪائنات جون اُھي قوتون، جن جي عظمت ۽ طاقت اڳيان انسان پاڻ کي بيوس ۽ لاچار سمجھي ٿو، تن کي بہ انساني طاقت ۽ عظمت شڪست ڏئي سگھي ٿي، ان ڪري انسان ئي عظيم آھي. رومانوي ادب ۾ انساني خوشحالي، بي فڪري، آرام ۽ صحت جي دوامر جي تمنا ۽ تڙپ موجود آھي. ٻين لفظن ۾ آءٌ چئي سگھان ٿو تہ انسان اڄ فطرت جي قھري قوتن کي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ انسانيت جي شاندار مستقبل لاءِ جيڪا جاکوڙ ڪري رھيو آھي، انھيءَ جاکوڙ جو تصور، خيال، خواھش ۽ اوسيئڙو ديومالائي ۽ رومانوي ادب ۾ موجود آھي. اڄ جي عمل جو ڪالھ خاڪو تيار ٿيو.

'ديومالائي ادب' ڪائنات ۾ انساني زندگيءَ جي مقام ۽ مرتبي جي تصوير تيار ڪئي ۽ 'حقيقت نگاريءَ واري ادب' ان تصوير ۾ رنگ پريا آهن. ڏندڪٿائن واري ادب مان ئي اسان کي زندگيءَ جو هيءُ اصول ملي ٿو تہ طاقتور هستي، هيٺيءَ سان صلح ڪرڻ لاءِ ڪڏهن به تيار ڪانهي، البتہ هيٺي جي ٻانهن ۾ ٻل پوي ٿو، ان وقت طاقتور هستي صلح ڪرڻ، گڏجي گذارڻ ۽ بقا باهميءَ تي عمل ڪرڻ لاءِ تيار ٿي پوي ٿي. ان ڪري، آءُ ديومالائي ادب کي ادب مڃڻ جو قائل ناهيان. ان کان سواءِ ڪهڙي به قسم جو ادب ڇو نہ هجي، پر اهو انساني زبان جي بچاءَ، بقا، حفاظت، خوبصورتيءَ ۽ وسعت جو واحد ذريعو رهيو آهي. زبان ۽ بوليءَ کي انساني زندگيءَ مان خارج ڪري نٿو سگهجي، خصوصاً اڄ جي دور ۾، جڏهن زبان، انساني زندگيءَ ۾ ذري ذري گهٽ پيداواري ذريعي جي حيثيت اختيار ڪري وئي آهي ۽ انساني سماج جي ترتيب، تشڪيل ۽ تنظيم ۾ زبان ۽ بوليءَ جي اثر ۽ اهميت کي ڪنهن به صورت ۾ نظر انداز ڪري نٿو سگهجي. انساني تاريخ جي ڏار ڏار ارتقائي دورن ۾ ماڻهن جي گفتگوءَ کان وٺي سنجوگ جي صحيح، سچي ۽ فطري تاريخ، صرف ادب مان ئي ملي سگهي ٿي.

اهو ئي ادب آهي، جنهن جي وسيلي اسان کي پتو پوي ٿو تہ مختلف زمانن ۾ انساني سوچ، لوچ، لاڙا، رجحان، خيال ۽ انومان چا رهيا آهن؟ اهو آءُ ان ڪري چئي رهيو آهيان تہ انساني ذهن جو تخليقي عمل، ماحول، معاشري ۽ سماج ۾ پيدا ٿيندڙ حالتن ۾ اُپري ايندڙ واقعن جو ئي پڙاڏو آهي. ذهن جو تخليقي عمل صرف شيشو يا آئينو آهي، جنهن ۾ معاشرتي حالتن جو عڪس ظاهر ٿيندو رهي ٿو، ان ڪري ادب کي زندگيءَ کان خارج سمجهندڙ ماڻهن وٽ انساني زندگيءَ جو مفهوم انتهائي محدود ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ۽ جيڪا بي ڳالهہ ظاهر ٿئي ٿي، سا آهي خيال پرستي: جنهن جو مطلب هي آهي تہ انساني ذهنُ بجاءِ خود قادر مطلق ۽ خالق مطلق آهي، جيڪو ڪن ۽ اکيون بند ڪري تخليق ڪندو رهي ٿو، جنهن ۾ سماج جي تخليقي عمل جو ڪوبہ اثر ۽ دخل ناهي. اها ڳالهہ انتهائي مُدي خارج ۽ واهيات آهي.

جڏهن اها ڳالهہ ثابت ٿي تہ 'ادب براءِ زندگي' ئي هوندو آهي ۽ ادب

جي ڪابہ صنف زندگيءَ سان لاڳاپي کانسواءِ ٿي نہ ٿي سگھي، ان وقت آءٌ پنھنجي نقطئہ نظر موجب ادب کي ٻن حصن ۾ ورھائي سگھان ٿو:

زندگيءَ جي ترجماني ڪندڙ ادب:

منھنجيءَ نظر ۾ زندگيءَ جي ترجماني ڪندڙ اھو ادب آھي، جنھن ۾ معاشري جي ھالو چالو قدرن، رسمن، خامين، خوبين، نفرتن ۽ محبتن جي معيارن جي اُپٽار ٿيل ھجي. اھڙي ادب کي آءٌ ڪئميرا سان مشابھت ۽ مناسبت ڏئي سگھان ٿو. ڪئميرا جي نگاھہ ۾ جيڪو ماڻھو جھڙي شڪل ۽ صورت ۽ حالت ۾ آيو، ھوءَ ان جي تصوير اصلي ۽ سچي پچي روپ ۽ رنگ ۾ محفوظ ڪري ونڊندي. ڪئميرا ۾ ڪلندڙ ماڻھو ڪلندڙ ئي نظر ايندو ۽ روئندڙ، روئندڙ. ڪئميرا ڪلڻ ۽ روئڻ جي نہ وضاحت ڪندي آھي ۽ نہ ڪي روح کي ڪِل ۾ تبديل ڪندي آھي. ساڳيءَ ريت ترجماني ڪندڙ ادب ۾ بہ معاشري جي ترجماني ۽ عڪس ڇڻيل نظر ايندو آھي. اھڙو ادب زبان جي بچاءَ ۽ سينگار سان گڏ، معاشري جي سچيءَ تاريخ جو ڪم ڏئي سگھي ٿو.

زندگيءَ جي تخليق ۽ تعمير ڪندڙ ادب:

اھڙي قسم جو ادب نہ صرف معاشري جي ھالو چالو قدرن، رسمن، خامين، خوبين، ۽ نفرتن جي ترجماني ڪندو آھي، پر انھن جي سببن ۽ ڪارڻن تي بہ روشني وجھي، انھن ۾ تبديلي پيدا ڪندو آھي. اھو ادب نہ صرف انساني روح ۽ ڪِلَ جي حڪايت کي بيان ڪندو آھي، پر روح کي ڪِل ۾، لُڙڪ کي مُرڪ ۾، رڙ کي ٽھڪ ۾ بدلائڻ جا اھجاڻ/ ڏَس پڻ ڏسيندو آھي. ھو نہ رڳو زندگيءَ جي عڪاسي ڪندو آھي، پر ڪريل، تباھہ ٿيل، سڙيل ۽ بيڪار زندگيءَ جي بجاءِ نئين، مضبوط، پائيدار، شاندار ۽ حسين زندگيءَ جي تخليق ۽ تعمير پڻ ڪندو آھي. اھڙي ادب کي اسان واھوليِ سان پيٽي سگھون ٿا، جنھن ۾ تخريب ۽ تعمير جو مادو ھڪ وقت ئي ٿئي ٿو.

جي. ايم. سيد سنڌي ادب کي زندگيءَ جي خالق ۽ معمار جو درجو ۽ حيثيت ڏني- ۽ ھن ٻُڌايو تہ موجوده دور ۾ سنڌي اديبن کي سنڌي عوام جي موجوده زندگيءَ جي جاءِ تي شاندار، مطمئن، پُرمسرت ۽ خوشحاليءَ

واريءَ زندگيءَ جي تخليق ڪري، مسلسل ان جي تعمير ۽ ترقيءَ لاءِ ادب کي وقف ڪرڻو آهي. سنڌي عوام جي روچ کي ڪِل ۾ تبديل ڪرڻو آهي، لُڙڪ کي مُرڪ ۾ بدلائڻو آهي، ۽ رڙ کي ٺهڪ جو روپ ڏيڻو آهي. ادب پنهنجو اهو فرض ان صورت ۾ ادا ڪري سگهندو، جنهن صورت ۾ سادو، سولو، عوامي اُمنگن سان ٽمٽار، سنڌي زبان جي ازلي خوبصورتيءَ ۽ جنسار سان مائيدار ٽيل هوندو. ان لاءِ ضرورت آهي ته ادب جو ڪجهه لهجو، ڍنگ، تشبيهون، استعارا، تجنيسون، سنڌي قوم جي ماحول مان ورتيون وڃن، جن جي سچائپ، پروڙ ۽ پرک ۾ عوام کي ڪابه تڪليف ۽ دقت، ڏکيائي ۽ اوپرائي محسوس نه ٿئي ۽ هو ٻُڌڻ شرط اهو محسوس ڪري ته اها ڳالهه يا مقصد منهنجيءَ دل ۾ موجود هجي، پر آءٌ ان کي مناسب لفظن جو روپ نه ٿي ڏئي سگهيس.

سيد، ورهاڱي کان پوءِ ترقي پسند سنڌي ادب پيدا ٿيل خال کي پرڻ، پڙهندڙن جو وسيع طبقو پيدا ڪرڻ ۽ ملڪ ۾ اُپري آيل خوف، دهشت، فرقي پرستيءَ جي زهر کي بي اثر بنائڻ لاءِ نه صرف سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ تقريرون ڪيون، مقالا لکيا، پر انتهائي سائنسي سوچ تي مبني ڪتاب لکي، پنهنجي ذاتي خرچ تي ڇپرائي، پوري ملڪ ۾ مفت ورهايا. اُن مان سندس مقصد کا شهرت ۽ ناموري حاصل ڪرڻ ڪونه هو، پر سندس مقصد هو پراڻن اديبن جي دلين تان نون حاڪمن جي خوف کي ختم ڪري، کين وري ادب جي ميدان ۾ آڻڻ، ماڻهن جي ذهن ۾ ڪتاب پڙهڻ، لکڻ ۽ ڇپائڻ جو شوق پيدا ڪرڻ ۽ ترقي پسند نظرين جي تبليغ ۽ تشهير ڪرڻ.

سيد، جي انهن ڪوششن جو خاطر خواه نتيجو نڪتو، ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ سنڌي ادب، پاڪستاني زبانن جي پيٽ ۾ ڪافي اڳتي وڌي ويو ۽ هندستان ۾ سرجندڙ سنڌي ادب جو رهبر ۽ رهنما بنجي ويو؛ ۽ انهيءَ مختصر عرصي ۾ جيترو سنڌي ادب اڳتي وڌيو، سو انگريزن جي سؤ سالہ دور ۾ سنڌي ادب جي مجموعي واڌاري کان تمام گهڻو وڌيڪ آهي. اڄ حالت اها آهي، جو پاڪستان جي ڪابه زبان، سنڌي زبان جي ادب ۽ فن جي مقابلي جو ترقي پسند ۽ اعليٰ قدرن جو نسبتاً حامل ادب پيش ڪري نه ٿي سگهي.

سنڌي ادب ۾ مفيد واڌارو آڻڻ لاءِ جي. ايم. سيد 'سنڌي ادبي بورڊ'

جي ذريعي جيڪي ڪوششون ڪيون آهن، سي سنڌي علم ۽ ادب جي چاڻ ڪان ڳجهيون ڪين آهن. خود سنڌي ادبي بورڊ جو وجود ئي جي. ايم. سيد جي ڪوششن جو نتيجو آهي. سنڌي علم ۽ ادب سان جي. ايم. سيد جي دلچسپيءَ ۽ ان جي ترقيءَ لاءِ فڪرمنديءَ جي احساس جي هڪ جهلڪ، انهن خطن جي ذريعي نظر اچي ٿي، جيڪي پوريءَ سنڌ جي اديبن سيد کي لکيا آهن، ۽ اڄ به جي. ايم. سيد جي لائبرريءَ ۾ محفوظ آهن. انهن خطن جي وسيلي اسان کي سيد جي هڪ خاص وصف نظر اچي ٿي. سنڌ جي ڪنڊڪڙ مان جا به سنڌي اخبار يا رسالو نڪتو آهي، تہ جي. ايم. سيد پنهنجن بي پناهہ سياسي مصروفيتن جي باوجود انهيءَ اخبار يا رسالي جي هلائيندڙ جي دامي، درمي سخني مدد ۽ حمايت ڪري، سنڌي اديبن جي همت افزائي ڪئي آهي. هڪڙو ننڍڙو واقعو ٻيان ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان، جنهن مان جي. ايم. سيد جي سنڌي ادب سان گهري دلچسپيءَ جي خبر پوي ٿي:

1972ع ۾ جڏهن حيدرآباد مان مون رسالو "پيغام" جاري ڪيو، تڏهن ان جو پهريون ۽ ٻيو پرچو، ڪنهن طرح سيد صاحب وٽ پهچي ويا. مون پنهنجي رسالي جي حيثيت ۽ پنهنجي معمولي علمي لياقت جي مدنظر سيد صاحب کي پرچا ڪونہ موڪليا هئا. پهريون پرچو ٻاراڻي رسالي جي سائيز ۾ ڇوويهن صفحن جو ۽ ٻيو به ساڳيءَ سائيز ۾ ٻٽيهن صفحن تي مشتمل هو؛ انهيءَ ڪري نہ صرف سيد صاحب ڏانهن، پرسنڌ جي ڪنهن به اديب ۽ سياستدان ڏانهن پرچو موڪلڻ مناسب ڪونہ سمجهيم. ان وقت تائين سائين مون کي ڏئي ضرور سڃاڻندو هو، پر نالي سان ڪونہ سڃاڻندو هو. هڪڙي ڏينهن آڻ پنهنجي جاءِ تي ويٺو هئس تہ سائينءَ جو هڪ ويجهو عزيز مون وٽ آيو، چئي: "سائين وڏي توکي گهرايو آهي." آڻ سائينءَ جي عزيز سان گڏجي سن ويس. سائين ان وقت ٻوليءَ وارن فسادن ڪانپوءِ نظربند هو. آڻ سائينءَ کي سندس مطالعي واري ڪمري ۾ وڃي مليس. مون کي ڏسڻ شرط پهريان تہ حيرت ۾ پئجي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ، "اڃا اهو تون آهين!" ان کان پوءِ ڏاڍي همت افزائي ڪندو رهيو. ڪافي دير تائين، عملي، سياسي ۽ مذهبي معاملن تي آڻ سندس خيالات ٻُڌندو رهيس. ڏاڍي پُرلطف ۽ معلومات افزا نشست ٿي، جڏهن آڻ سائينءَ جي عزيز سان گڏ

ڪار ۾ حيدرآباد اچي رهيو هئس، ان وقت هن مانجهند ڪان اڳتي هلڻ وقت ڪجهہ پئسا مون کي ڏنا تہ هي سائينءَ "پيغام" جي چندي لاءِ ڏنا آهن. مون کي سائينءَ جي انهيءَ عزيز تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ ڪيس چيم تہ تو ضرور چندي لاءِ سائينءَ کي چيو هوندو. هن قسم ڪٹي چيو تہ مون ڪونہ چيو، پر سائينءَ ازخود ڏنا، توکي روبرو انهيءَ ڪري نہ ڏنائين تہ متان تون ونڊ ڪان انڪار ڪرين.

انهيءَ واقعي مان جيُ. ايم. سيد جي سنڌي ادب ۽ اديبن سان همدرديءَ سان گڏ هيءَ وصف بہ ظاهر ٿئي ٿي تہ ڪيس هڪ ليکڪ جي خودداريءَ ۽ عزت نفس جو ڪيڏو گهرو احساس ۽ فڪر هوندو هو. انهيءَ واقعي مان هيءَ بہ ڀانهہ ظاهر ٿي تہ سنڌي زبان ۾ نڪرندڙ ننڍو وڏو رسالو يا ڪتاب، سيد جي نظرن کان لڪل ڪين رهندو هو.

(4)

اڄ سنڌي ادب ۾ شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ جي حيثيت وطن دوستيءَ ۽ قوم پرستيءَ جي لافاني نغمي جي آهي. لطيف اڄ جي دور ۾ سنڌ جي 'وطن دوست تحريڪ' جي علامت ۽ سنڌي ٻوليءَ جو سرواڻ ٻڌيل آهي. سندس شخصيت کي انسان دوست، عظيم انقلابيءَ جو رتبو حاصل ٿي چڪو آهي. هن وقت سنڌ اندر لطيف کي جنهن نموني سجاتو ۽ پڙهيو وڃي ٿو، سو نمونو اڄ کان ٽيهه ورهيه اڳ ۾ موجود ڪونه هو ۽ نه وري سنڌ ۾ لطيف کي وطن دوست، انسانيت پرست، امن جو پيغمبر ۽ عظيم انقلابيءَ جي روپ ۾ ڏٺو ويندو هو. لطيف هندو خواهه مسلمان مفڪرن جي نظرن ۾ هڪ شاعر هو، جنهن شاعريءَ کي محض روحاني رازن ۽ رمزن بيان ڪرڻ لاءِ اختيار ڪيو هو. "عمر ڪوٽ" مان مراد جسمُ، "ملير" مان مطلب عالم آخرت، ۽ "مارئي" مان مقصد روح هو؛ اهڙي طرح سان لطيف جي تشريح "شاهه جي رسالي، شايع ٿيڻ کان وٺي اڄ کان پندرهن ويهه سال(٭) اڳ تائين جاري رهندي پئي آئي. پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ اردو زبان جي واهپي ۽ ڊاڪٽر اقبال جي شاعريءَ جي پروپئگنڊا، پوري ملڪ ۾ اصلي زبانن جي شاعري ذري گهٽ ماڻهن کان وسارائي ڇڏي، اردو فلمن جي گانن، گيتن ۽ منظر نگارين مقامي سادي سودي عوام کي اردوءَ جو مفتون بنائي ڇڏيو. جنهن وقت ڏسو، مقامي ماڻهن جا جوانڙا روڊ، رستي، هوٽل، گاڏيءَ، اسٽيشن، اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽيءَ مطلب ته هر جڳهه وات ۾ پانُ، چپن تي اُردو گانو، مست ٿيڻ پيا هوندا هئا. خطن ۾ اردو عشقيه شعر، ڪتاب جي شروع ۾ اردو بيت، تقريرن ۾ اقبال جو شاهين- ڏُم ڏمان ٿيڻ پئي هوندي هئي. گهرن ۾ 'باجي، آپا، امي ابو' جو چوبول ٻُڌڻ کا حيرت جي ڳالهه ڪانه هئي. انهيءَ وايومنڊل ۾ هندو توڙي مسلمان مفڪرن ۽ اديبن مان سيد پهريون

(٭) هي ڪتاب 1976ع ۾ چپيو هو، ان ڪري هاڻي 48 سال ڇڻي سگهجي ٿو.

ماڻھو ھو، جنھن لطيف جي شخصيت، شاعريءَ، فن، پيغام ۽ فڪر تي انقلابي انداز ۾ قلم کنيو ۽ سنڌ جي وطن دوست تحريڪ جا سرچشما لطيف جي شاعريءَ مان ظاھر ڪيا.

سائين جي. ايم. سيد جو لکيل ڪتاب "پيغامِ لطيف" سنڌي زبان ۾ اھو پھريون انقلابي ۽ لافاني ڪتاب آھي، جنھن جي ذريعي ھند ۽ سنڌ جي سنڌين ساڻھون لطيف، عظيم انقلابي ۽ انسان دوستيءَ جو پيغمبر بنجي آيو.

لطيف، صرف مونن ۾ مُنھن وجھڻ وارو صوفي ناھي. پر سنڌي عوام جو فڪري ۽ ذھني رھبر آھي، جنھن کي سنڌ جي مارن ۽ ڏنارن، جھانگين ۽ سانگين، پنھوارن، ۽ ڏوٽين، ويڙھيچن ۽ ڪاھوڙين، گاروڙين ۽ ڪٽيرن سان بي پناھ محبت آھي. لطيف کي سنڌ جي پھاڙين، پيچرن، ٻنين ٻارن، ٻٽن، جھنگن، موسمن، ڪرڙن ڪنڊين، لين ۽ لائن، ڏٽ ۽ ڏوڻرڻ، ڳنڍيرين ۽ ڳاگين سان بي انتھا پيار آھي. ھن جي اکين ۾ وطن عزيز جي محبت جي جيڪا اُڇ ھئي، تنھن کي اُجھائڻ لاءِ ھن پوريءَ سنڌ جو پيادل سَفر ڪيو ۽ سنڌ جي تھذيب ۽ ثقافت جي ننڍيءَ ڪان ننڍيءَ نشانيءَ کي پنھنجي لافاني شعر ۾ ھميشہ لاءِ نقش ڪري ڇڏيو.

لطيف جڏھن سنڌي ماڻھن جي خوراڪ - ڏٽ ۽ ڏونرا بيان ڪري ٿو، ان وقت حقيقت ۾ ھو سنڌي عوام جي اقتصادي تباھي ۽ بربادي بيان ڪري رھيو آھي، جيڪا غير ملڪي حاڪمن ۽ فاتحن جي اچڻ، لٽ مار ڪرڻ ۽ بربريت جي راڄ قائم ڪرڻ جي نتيجي ۾ پيدا ٿي ھئي. سنڌ جا سرسبز علائقا ڇڏي سنڌي ماڻھن بيابان ۽ ويرانيون انھيءَ ڪري وسايون، جو ھنن کي حاڪمن جي ظلم ۽ جبر پنھنجا وسندڙ ماڳ ڇڏڻ تي مجبور ڪيو. انھن حالتن ۾ اُھي پراڻا ماڳ ۽ ميدان، پڊ ۽ پونا ڏسي، درد پرئي لھجي ۾ چئي ٿو ڏئي تہ:

ھو پُنگا، ھُو پيٽيون، ھو مارن جا مڪان،
سي سڀ ساري سومرا، ڪھري لڳم ڪان!

لطيف اھڙو شاعر نہ ھو، جنھن روحاني رازن ۽ رمزن بيان ڪرڻ لاءِ شاعريءَ جو سھارو ورتو ھو، پر ھو ھڪ قومي مفڪر ۽ سنڌ جي ماضيءَ جي تاريخ جو رازدان ھو، جنھن کي خبر ھئي تہ ڪھڙيءَ طرح سنڌي جوانن کي سنگھرن ۾ جڪڙي، ايران جي بازارن ۾ جلادن جي تلوار جو

کاج بڌجڻ لاءِ اُڇلايو ويندو هو. هن کي خبر هئي تہ ڪهڙيءَ ريت گلاب جي پنکڙين جهڙن جسمن وارين، سج ۽ چندِ کان سُهڻين ۽ ڪومل سنڊياڻين کي گهوڙن جي پُڇن ۾ ٻڌي بغداد ۽ بصري جي گهٽين ۾ نيلام ڪيو ويندو هو. هن کي ڄاڻ هئي تہ ڪيئن شام ويلي اروڙ اندر درياهہ جي ڪپ تي برندڙ ڏيئا آخري ڀڙڪو کائي وسامي ويا هئا! هن کي سُڌ هئي تہ ڪهڙي نموني گاهي ماهي سنڌ جي سون ورنين شامن ۾ سنڌ جي فضا انساني رت ۽ فاتحن جي گهوڙن جي پيشاب سان پرجي رهي هئي. هن کي پتو هو تہ ڪهڙيءَ ريت دولهہ دريا خان ٿٽي جي چپن تي آخري مُرڪ برقرار رکڻ لاءِ پنهنجي مقدس لهوءَ جو نذرانو ڏنو هو. لطيف کان هيءَ ڳالهہ بہ ڳجهي کانہ هئي تہ ڪهڙيءَ ريت مغل سامراج سنڌ جي معصوم عوام جي سِسين جو لابارو ڪندو رهيو هو. هن کي اهو بہ پتو هو تہ هڪ ٻئي پٽيان ڪيئن نہ سنڌ جي عوام جي ڳچين ۾ غلاميءَ جا ڳٽ پوندا رهيا هئا، ۽ انهيءَ سمي سان گڏوگڏ ڪيس سنڌ جي عوام جي تاريخي جدوجهد ۽ قرباني، ويڑهہ ۽ جنگ، وطن جي ويرين سان نفرت ۽ ڪروڌ ۽ حاڪم جي حڪمن کان نفرت ۽ سرڪشيءَ جو پورو پورو علم هو.

لطيف عوام کي غلاميءَ مان هميشہ هميشہ نڪرڻ، آجو ٿيڻ، آزادي ماڻڻ، خوشحاليءَ ۽ خوشيءَ سان همڪنار ٿيڻ لاءِ ڪجهہ متا ۽ اصول ڏنا:

(۱) وطن ۽ ان جي هر شيءِ سان بي پناهہ محبت سان گڏ ضمير جي خريداريءَ لاءِ ڏارين حاڪمن ۽ آقائن طرفان آڇيل هر شيءِ کان نفرت ۽ انڪار. اهو فلسفو سُر مارئيءَ ۾ پيش ڪيل آهي.

(۲) زبردسي مڙهيل نظام، نظرئي، قانون ۽ حڪومت کان بغاوت، سرڪشيءَ ۽ انڪار ڪري پنهنجي مرضيءَ جي نظام جي حاصلات لاءِ جاکوڙ. سهڻيءَ واري سُر جو اهو ئي خلاصو آهي.

(۳) مقصد ۽ مراد سان بي پناهہ عشق ۽ ان جي حصول لاءِ هر ممڪن طريقو اختيار ڪرڻ: پوءِ ڪٽي ان لاءِ اکيلو ئي ميدانِ زندگيءَ ۾ جدوجهد ۽ عمل جو بج چو نہ چٽڻو پوي:

سکن واري سڌ، متان کا مون سين ڪري،
اندر جنين اڌ، ڏونگر سي ڏورينديون!

اھو سر سُسئيءَ جو بنيادي مقصد آھي تہ آخري فتح، انصاف ۽ آزاديءَ جي ٿيندي.

(۴) دشمن جي وحشيائي ظلم، تشدد، قتل ۽ خونريزيءَ کان ڊجي ويھڻ جي بجاءِ ان کي دليريءَ ۽ دانائيءَ سان ختم ڪرڻ لاءِ جدوجھد جاري رکجي. سُر گھاتوءَ ۾ مورڙي جو مثال، انھيءَ اصول کي بيان ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو ائس.

(۵) مقصد جي حصول لاءِ عيش، آرام ۽ زندگيءَ کي تياڳي بي مثال ايثار جو مظاھرو ڪرڻ گھرجي. مومل جو ڪردار، ايثار جي علامت ڪري استعمال ڪيل آھي.

(۶) حق ۽ صداقت، آزاديءَ ۽ انصاف جي واٽ ۾ پنھنجيءَ قوم ۽ عوام کي ھم خيال بنائڻ تمام ضروري آھي، ۽ انھن جو ئي سھڪار، ڦورن، ڏاڙيلن ۽ لٽيرن کي ختم ڪرڻ لاءِ مؤثر ھٿيار آھي. پر عوام کي تيار ڪرڻ، دعوت ڏيڻ ۽ انھن کي آزاديءَ جي واٽ تي ھلڻ جو ڏس ڏيڻ سان گڏ انھيءَ راھ جي ڏکيائين ۽ مشڪلاتن کان واقف ڪرڻ ضروري آھي، جوتہ قرباني کان سواءِ کابہ آزادي حاصل ٿيڻ واري نہ آھي.

'سُوريءَ سڏ ٿيو،' کا ھلندي جيڏيون!
وڃڻ تن پيو، نالو نينھن ڳنھن جي!

آزاديءَ لاءِ دعوت ۽ انھيءَ راھ جي مشڪلاتن جي نشان دھيءَ واري اصول سان پورو "سُر ڪليان" پريو پيو آھي.

(۷) قومي چونڪاري ۽ آزاديءَ جو لازوال 'مقصد'، عوام جي شاندار ۽ مضبوط ٻڌيءَ، اتحاد، اتفاق سان ئي حاصل ٿي سگھي ٿو. عوامي اتحاد ۽ قومي ٻڌي ئي اھا باھہ آھي، جيڪا غلاميءَ جا زنجير پگھاري سگھي ٿي. فرزندانِ ڌرتيءَ جو اتفاق ئي اھو گولو آھي، جيڪو ڏاڍ ۽ ڏمر جي قلعي ۽ ڪوٽ کي جھوري ۽ پوري سگھي ٿو. ڪنھن قوم جي بي مثال وحدت ئي آھي، جيڪا غير قومي حاڪمن کي آڻ مڃڻ يا ڪُٽي جو موت مرڻ تي مجبور ڪري ۽ جابرن جي جيائپي جي ڏينھن کي ختم ڪري سگھي ٿي. "سُر ڏھر" ۾ اھو اصول بيان ڪيل آھي:

وڃر ڪيو وتن، پرت نہ چنن پاڻ ۾،
پسو پکيڙڻ، ماڻھوڻا ميڙ گھٽوا!

(۸) شاهہ صاحب مذهب جي آڏار تي انسان جي فرقي بازيءَ خلاف آهي. شاهہ صاحب جي وحدت الوجودي هجڻ جو اهو ئي مطلب آهي.

انهن سيني اصولن جي مدنظر شاهہ لطيف ئي سنڌين جو قومي شاعر آهي، نہ اقبال يا ڪو ٻيو.

شاعر جي بنيادي خاصيت ئي اها هوندي آهي تہ ڪنهن "زمين" تي انسانن جي ذهن ۾ "وطن" جي حيثيت ۾ نقش ڪري ۽ ان جي ادنيٰ شيءِ کي اڏيو تہ دلڪش ۽ خوبصورت بنائي پيش ڪري، جو جنهن سرزمين تي اهڙيون دلڪش ۽ خوبصورت شيون موجود هجن، تنهن سرزمين کي ڪوبہ ديس واسي ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هجي؛ ۽ ان جي هر ذري جي حفاظت ۽ بچاءَ لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهہ قربان ڪري ڇڏي. اها خصوصيت لطيف ۾ آهي، نہ ڪي اقبال ۾. اقبال هڪ اهڙو شاعر آهي، جنهن وٽ جارحيت جو پيغام، جنگ بازيءَ جو جنون آهي، ۽ قومن، ملڪن ۽ ماڻهن کي غلام بنائڻ جو شوق آهي. اقبال جي شاعريءَ هن خوبصورت ڌرتيءَ، جنهن تي انساني وجود جو دارومدار آهي ۽ جنهن جي پيدائش تي پلجي اهي انسان وڏا ٿيا، جن دنيا ۾ سچ ۽ سونهن جو سوجهرو ڪيو، تنهن لاءِ ڪوبہ پيار ۽ پيڙا ڪانهي، نہ هن وٽ مادر وطن جي زبان کي ئي اهميت آهي، انهيءَ ڪري هن پنهنجي خوبصورت مادري زبان پنجابي ڇڏي، اردوءَ ۽ فارسيءَ ۾ شاعري ڪئي.

اقبال، اردوءَ ۾ شاعري اُن ڪري ڪئي، جو سندس دؤر ۾ اردوءَ جو اوج ۽ عروج هو. هن فارسيءَ جو سهارو اُن ڪري ورتو، جو فارسيءَ جي گل و لالہ، سوسن و سنبل، ريحان و نرگس، سرؤ و شمشاد ۾ هن کي دلڪشي ۽ جاذبيت نظر آئي. پر لطيف اهڙي دور ۾ سنڌيءَ ۾ شاعري ڪئي، جڏهن سنڌ جي هر گهٽيءَ ۾ فارسيءَ جي شاعرن جا ولر پيا گهمندا هئا؛ جڏهن مشاعري کان وٺي شاهي دربار تائين فارسيءَ جو چرچو هو. اهڙي ماحول ۽ دور ۾ لطيف فارسيءَ کي غير ملڪي فاتحن جي زبان ۽ غلاميءَ جي علامت سمجهي نڪرائي، سنڌي زبان ۾ پنهنجو لافاني ڪلام چوڻ شروع ڪيو. اهڙيءَ ريت هن پنهنجي دور جي چالو رواج سان بغاوت ڪئي، جوتہ هن کي جيڪو آزاديءَ ۽ انقلاب جو پيغام پيش ڪرڻو هو، انهيءَ پيغام جو مخاطب سنڌي عوام هو. هن پنهنجي شاعريءَ ذريعي ڪوبہ منصب حاصل ڪرڻ نہ ٿي چاهيو، ۽ نہ وري بادشاهن، ميرن ۽ وزيرن کي خوش ڪري انعام ونڊ ٿي گهرايائين.

لطيف ايراني گلن جي بجاءِ، ڏڻرن، گولاڙن، ڳنڍيرن، ڪرڙن، ڪنڊن ۽ ڪُنيين جو ذڪر ڪري عوامي محسوسات ۽ وطني شين کي اوليت ۽ اهميت ڏني آهي. سندس شاعريءَ جي انهيءَ انداز مان ئي پتوپوي ٿو تہ هن جي شاعري سنڌي قوم لاءِ چيل آهي ۽ اها ڪنهن خاص مقصد سان تخليق ڪئي وئي آهي. پوري سرگذشت مان خبر پئي تہ اقبال جي شاعري عوام جي ذهني ۽ فڪري رهنمائيءَ ۽ رهبريءَ لاءِ آهي. لطيف ۽ اقبال ۾ هڪ فرق هي به آهي تہ اقبال، صنعتي، جمهوري ۽ عوامي دور ۾ رهندي به غير ملڪي آقائن جا لقب ۽ خطاب قبول ڪيا؛ بدترين وحشي ۽ سامراجي آقائن ۽ عياش حاڪمن جا قصيدا لکيا؛ عوام جو رت چوسيندڙ رياستي حڪمرانن جي وظيفن تي زندگي گذاريندو رهيو. پر لطيف بدترين جاگيرداري دور ۾ رهندي به ڪنهن لقب جي خواهش ڪانہ ڪئي. قومي حاڪمن جي درٻارين ۾ قصيدي ٺائيءَ کان پري رهيو. ڪو وظيفو وٺڻ تہ پنهنجي ماڳ، پر ڪنهن حاڪم، وزير، امير، گورنر ۽ جاگيردار جي ماني کائڻ لاءِ تيار ڪونہ ٿيو. هو مهمان ٿي به فقيرن، غريبن، مسڪينن ۽ مارو ماڻهن وٽ رهيو. هن کي جيڪڏهن ڪٿي وڃڻ جو اتفاق ٿيو تہ ڪٿي جي صوبيدار (پرڳڻي جي سربراهہ) جي بجاءِ مخدوم معين الدين ڪٿويءَ عرف مخدوم ناري وٽ رهيو. جيڪڏهن حيدرآباد ويو تہ ڪلهوڙن جي درٻار جي بجاءِ گنجي ٽڪر جي گاروڙين جي ڪچهريءَ ۾ ويو. جيڪڏهن لس بيلي ويو تہ لاهوتين جي ديرن تي ڊاهو ڪيائين ۽ جيڪڏهن عمرڪوٽ ويو تہ مارن جو مهمان ٿيو.

انهيءَ ڪري لطيف ئي سنڌ جو حقيقي قومي شاعر، قومي فلاسافر ۽ قومي رهبر آهي. سندس ئي شاعري سنڌين جي زندگيءَ کي آس، آسودگيءَ ۽ آزاديءَ جي نعمتن سان مالامال ڪرڻ جي ضامن آهي. سنڌي عوام جي اُمنگن ۽ خواهشن جي ترجمان آهي، سنڌي زبان ۽ ادب جو سرچشمو ۽ نيسارو آهي. لطيف جو انهيءَ حيثيت سان تعارف پهريون پيرو جي. ايم. سيد پنهنجي ڪتاب "پيغامِ لطيف" ۾ ڪرايو. جنهن تعارف تي اڄ جي سنڌ کي مڪمل ايمان آهي ۽ شاهہ جو رسالو، هن وقت سنڌي عوام وٽ آزاديءَ ۽ انقلاب جو لافاني، ازلي ۽ ابدي نغمو بنجي چڪو آهي. لطيف جي پيغام ۽ ڪلام جي انقلابي حيثيت کان سنڌ ۽ پوريءَ دنيا کي واقف ڪرڻ لاءِ جي. ايم. سيد ڪوشش ڪري، سن 1953ع ۾ "پٽ شاهہ

ڪلچرل سينٽر" جو بنياد وجهرايو. پٽ شاهه ڪلچرل سينٽر جي پروگرام ۾ شاهه جي ڪلام جي پکيڙ ۽ آخري آرام گاهه جي خوبصورتيءَ ۽ وسعت جي باري ۾ وڏيون ۽ وسيع اسڪيمون هيون. اهي اسڪيمون ون يونٽ جي نهٽ ڪري اڻ پوريون رهجي ويون. تنهن هوندي به انهيءَ پروگرام تحت شاهه جي ميلي تي باقاعدي "ادبي ڪانفرنس" جو سلسلو شروع ٿيو ۽ ريڊيو حيدرآباد تان باقاعدي شاهه لطيف جو ڪلام نشر ٿيڻ لڳو. انهن ڪانفرنسن ۾ جي. ايم. سيد جي خطبن ۽ تقريرن، لطيف جي پيغام جي انقلابي ۽ وطن دوستيءَ واريءَ تشريح جو آغاز ڪيو، جنهن جو پربور اظهار، ون يونٽ واري نظربنديءَ واري عرصي دوران لکيل "پيغامِ لطيف" جهڙي شاهڪار ڪتاب ۾ ڪيائون.

لطيف جي شاعريءَ ۽ پيغام سان جي. ايم. سيد کي جيڪو انس ۽ لڳاءُ آهي، ان جو اندازو هن واقعي مان لڳائي سگهجي ٿو!

ريڊيو حيدرآباد تان جڏهن پروگرام "ساٺيهه جا سينگار" شروع ٿيو، تڏهن ان پروگرام ۾ هڪڙو ڏينهن لطيف جي ڪلام ۽ راڳ لاءِ به مقرر ڪيو ويو هو. ان ڏينهن شاهه جي ڪلام جا چاٽو شاهه صاحب جي ڪلام جي ڏار ڏار پڙهٽين جي تشريح ۽ لفظن جي وضاحت ڪندا هئا. مصيبت اها هئي جو انهن تشريحن جي وچ ۾ شيخ محمد اسماعيل بيجا مداخلت ڪندو هو. سائين جي. ايم. سيد گهٽو ڪري ريڊيو جا عام پروگرام ڪونہ ٻُڌندو آهي، پر اهو پروگرام دلچسپيءَ سان ٻڌندو هو، پر اهو پروگرام به شيخ محمد اسماعيل جي بيجا مداخلت ڪري، پنهنجي افاديت وڃائي چڏيندو هو. جي. ايم. سيد پاڪستان جي وڏي کان وڏي حڪمران کي به ڪا درخواست يا اپيل ڪانہ ڪئي، پر انهيءَ پروگرام جي باري ۾ هڪ خاص ماڻهوءَ سان گڏ حيدرآباد ريڊيو اختياريءَ وارن ڏانهن نياپو موڪليائين تہ مهرباني ڪري شيخ محمد اسماعيل کي لطيف متعلق هلندڙ بحث ۾ بيجا مداخلت کان روڪيو وڃي، جيئن ڇگي نموني اهو پروگرام پُڌي سگهجي. اهڙو نياپو منهنجي موجودگيءَ ۾ موڪليو هئائون. انهيءَ واقعي مان جي. ايم. سيد جي لطيف سان عقيدتمندي ۽ دلچسپي ظاهر ٿئي ٿي.

(6)

هر فاتح، فتح ڪيل ملڪ جي نہ صرف مردن کي ڪُهي، عورتن کي بانهيون بنائيندو آهي، نہ صرف درسگاهن، ڪتبخانن ۽ عبادت گاهن کي تباهہ ۽ برباد ڪندو آهي؛ نہ رڳو گهرن، بنين، ديرن، ڳوٺن، شهرن، وستين ۽ بدن کي باهہ جي خوراڪ بنائيندو آهي، نہ ڇڙو مال، ملڪيت، سون، چاندي، هيرا، جواهر، خزانا ۽ خرجينَون لُٽيندو آهي؛ نہ صرف تهذيب، ثقافت، هنر، صنعت، آڏاڻن، ڪڍين ۽ بازارين کي ناس ڪندو آهي؛ نہ رڳو زبان ختم ڪرڻ لاءِ عالمن جون ڇپيون ويڙائيندو آهي؛ شاعرن جون نڙيون گهُٽيندو آهي، ڪاتبن جا هٿ قلم ڪندو آهي، ودوانن کي ڦاسيون ڏيندو آهي؛ پر تاريخ ساز شخصيتن کي قتل ڪرڻ سان گڏ، مفتوح قوم جي تاريخ کي تباهہ ڪري، تاريخ جي پيرن ۾ ڏانوڻ وجهي، ان جي شڪل، صورت ۽ حُليو بگاڙي چڏيندو آهي ڪنهن قوم جي ايندڙ نسل کي اونداهيءَ ۾ رکڻ خاطر، هٿرادو، جڙتو، من گهڙت ۽ پنهنجي نظام ۽ نظرئي جي خوبين بيان ڪرڻ سان گڏ. مقامي ماڻهن جي تذليل ۽ تحقير جي انتهائي قابلِ نفرت تصوير پيش ڪندو آهي.

حاڪمن جي لکايل تاريخ ۾، فاتح جي بهادري ۽ مفتوح جي بزدلي، فاتح جي اخلاقي بلندي ۽ مفتوح جي اخلاقي پستي، فاتح جي نيڪ سيرتي ۽ مفتوح جي بدڪرداري، فاتح جي دينداري ۽ مفتوح جي بي ديني، فاتح جي لائقي ۽ مفتوح جي نالائقي، فاتح جي انتظامي صلاحيت ۽ مفتوح جي بدانتظامي فاتح جي تهذيب ۽ مفتوح جي وحشانيت، فاتح جي رعيت پروري ۽ مفتوح جي مردم آزاري؛ ڏاڍي جوش ۽ جذبي سان لکيل، بيان ڪيل ۽ ڏيکاريل هوندي آهي، جنهن ۾ فاتح سراسر ملائڪ ۽ مفتوح سراسر شيطان نظر ايندو آهي: جنهن جو ڏهڻ، ختم ٿيڻ ۽ ميٽجي وڃڻ نهايت ضروري نظر ايندو آهي. گويا فاتح خدا جي رحمت هئي، جنهن جو اچڻ ضروري هو ۽ مفتوح جو وجود زمين تي بار، ملڪ لاءِ وبال ۽ ڪائنات لاءِ لعنت هو.

اهو سڀ ڪجهه انهيءَ لاءِ ڪيو ويندو آهي ته جيئن مفتوح قوم جي ايندڙ نسلن کي اونداهيءَ ۾ رکيو وڃي ۽ قوم جو رابطو ان جي شاندار، بهترين ۽ مانائتي ماضيءَ کان ڪٽي هوا ۾ بيهاري، پنهنجن ايندڙ نسلن لاءِ مفتوح ملڪ جو تاج ۽ تخت محفوظ رکيو وڃي؛ چوته تاريخ ئي هڪ اهڙي شيءِ آهي، جيڪا ڪنهن قوم جي وجود جو تسلسل برقرار رکندي آهي. تاريخ ئي هڪ اهڙو سهارو آهي، جنهن کي جهلي ڪائي قوم حال جي پُل ٽپي مستقبل جي ميدان ۾ قدم رکندي آهي. تاريخ ئي هڪ اهڙي تلوار آهي، جنهن جي ذريعي مظلوم قوم جو فرد، ظالم قوم جو ڪنڌ ويڍي سگهي ٿو- ۽ تاريخ ئي هڪ اهڙو ڏيئو آهي، جنهن جي روشنيءَ ۾ آزاديءَ جا متوالا، غلاميءَ جو اونداهو جهنگل اُکري، روشن مستقبل ۾ قدم رکندا آهن ۽ تاريخ ئي آهي، جيڪا شاعريءَ ۾ گونج، ادب ۾ للڪار ۽ ڏهڪار پيدا ڪري ٿي. تاريخ کان سواءِ قوم منتشر، ماٺهو مايوس، فرد پٽڪيل، ذهن زنگ آلود، دليون وِساڻل، ڪوماٽيل ۽ ڊڄيون ٿي پونديون آهن. جن به قومن آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ جدوجهد ڪئي آهي، تن پنهنجي سُست، ڪاهل، مظلوم، مجبورءِ مايوس قومن جي رڳن ۾ همت، حوصلي ۽ بهادريءَ جو رت ڊوڙائڻ لاءِ تاريخ جو ئي سهارو ورتو آهي. هنن پنهنجي سرزمين جي فرزندن جي قدمن جي نشانن جي مٿي صندل جي تِلڪ وانگر پنهنجي پيشانيءَ تي مَلي آهي، جن کي ڏارين، غاصبن، لُٽيرن ۽ بدمعاش ٺورن، چور، ڊاڪو ۽ رهزن پئي سڏيو آهي. هنن انهن ميدانن کي جنگ آزاديءَ جا مقدس عبادت ڪده پئي سمجهيو آهي، جن ۾ ڌرتيءَ جا ڏڳ ۽ ڌٽي وطن تان قربان ٿي ويل هوندا آهن ۽ انهن جي رت جي ڦُڙن جي تحرير آزاديءَ جي پانڌيئڙن لاءِ آسماني صحيفن کان وڌيڪ پاڪ ۽ پوتر هوندي آهي. آزاديءَ جي جنگ ۾ وطن جي سرويچن جي تاريخ هر جڳهه ڏهرائي وئي آهي. مون آفريڪا جي ڪارن کي پنهنجي بزرگن جي هڏين تي هٿ رکي، آزاديءَ جي راهه ۾ سر ڏيئ جو وچن ڪندي ڏٺو آهي. مون وچ اوپر ۾ شهيدانِ وطن جي قبرن تي آزاديءَ جي راهگيرن کي طواف ڪندي ڏٺو آهي. مون لاطيني آمريڪا ۾ فيڊل ڪاسترو کي غاصبن جي عدالت ۾ شهيدانِ آزاديءَ جي ذڪر تي سِيس نمائيندي ڏٺو آهي. مون هند چينيءَ ۾ انقلابين کي محبانِ ديس جي سماڌين جي چوڌاري ڳلن جي ورڪا ڪندي ڏٺو آهي. مون

هندستان ۾ ماڻهن کي اُن اگنيءَ جي پوڄا ڪندي ڏٺو آهي، جيڪا جهادِ آزادي جي شهيدن جي ياد قائم ڪرڻ لاءِ ٻاري وئي آهي- ۽ مون بنگال ۾ سراج الدوله جي ذڪر تي مجيب جي باحوصلي کنڊ کي جهڪندي ڏٺو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو باشعور قومون، پنهنجي تاريخ سان ڪابه هٽ ڇُراند، ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪنديون آهن ۽ هو پنهنجيءَ تاريخ جي حفاظت اهڙيءَ خبرداريءَ سان ڪنديون آهن، جيئن ڪا ئي باحيا ڪنواري پنهنجي عصمت جي حفاظت ڪندي آهي. پر هتي اسان وٽ سنڌ ۾ چا ٿيو آهي، جو تاريخ صرف غاصبن، لُٽيرن ۽ رت پياڪ رهزنن جي ڪارگذارين، ڪارنامن، نيڪين، پلاين ۽ گٽن سان ڀري پئي آهي. هتي جي تاريخ ۾ دنيا جي هر برائي، خرابي، نااهلي، نالائقي ۽ اوگڻ صرف فرزندانِ زمين جي حصي ۾ آهن ۽ دنيا جي هر چگائي، خوبي، اهليت، لائقي ۽ گڻ صرف فاتحن جي حصي ۾ آيل آهن. هتي ڏاهر جي مقابلي ۾ ابن قاسم چگو هو، مهاراجا سهيرس جي پيٽ ۾ ايراني دارا سُٺو هو، دودي جي مقابلي ۾ خلجي لائق هو، دريا خان جي بدران شاهه بيگ ارغون انصاف پسند هو، چام پنهي جي بجاءِ تغلق نيڪ سيرت هو، اسماعيل شوري ۽ مناهين دل جي پيٽ ۾ مظفر خان معموري ۽ مير ابوالبقا رعيت پرور هئا، هوشوءَ جي مقابلي ۾ سر چارلس نيپيئر مهذب هو، روپلي ڪولهيءَ جي مقابلي ۾ تروٽ عدل پرور هو. هتي الله بخش شهيد کي غدار ۽ لياقت علي خان کي 'شهيدِ ملت' چيو ويو آهي.

سنڌ جي تاريخ سان اها هٽ ڇُراند "چچ نامي" کان وٺي "جنت السنڌ" تائين برابر ٿيندي رهي آهي. اهڙي قسم جي تاريخ جا ڪتاب، جن جو مواد، هن قوم لاءِ مدهوشيءَ واري حيثيت رکي ٿو، سي يونيورسٽيءَ کان وٺي پرائمري اسڪول جي چوٽين درجي واري ٻار کي پڙهايا وڃن ٿا. انگريزن چيني قوم کي آفيم جو هيراڪ بنائي، بيهوشيءَ ۽ خودفراموشيءَ جي ڊنڊ ۾ ٻوڙيو. هتي سنڌ ۾ تاريخ جي نالي تي واهيات، غليظ ۽ غلط مواد ڏئي، سنڌي قوم کي صدين تائين خود فراموشيءَ جي سمنڊ ۾ غرق ڪيو ويو. سنڌ جا تاريخدان به انهيءَ بيهوشيءَ جي عالم ۾ تاريخ کي اهڙيءَ ريت لکندا ۽ پڙهائيندا آيا، جهڙيءَ ريت حاڪمن ۽ غاصبن مرتب ڪري ڇڏيو هو. هنن خدا جي بندن تاريخ جي لکيل ڪتابن کي آسماني صحيفو

سمجهي، ان تي سوچ ويچار جي کاٻہ زحمت گوارا نہ ڪئي. جيڪڏهن کين تحقيق ۽ جستجو جو وڏيڪ شوق ٿيو تہ وڃي ڪي پراڻا پڌ کوٽي، انهن مان نڪتل سرن، نڪرين، ڪچ ڪوڏين ۽ سپين جي ٽيڪن ۽ چٽن تي متاماري ڪرڻ ويهي رهيا. انهيءَ ڏنڊي ۾ سندن عمريون گذري ويون، پر سنڌ جي تاريخ ۾ وطن جي جهونجهار فرزندن جي ڪارنامن ۽ حُب الوطنيءَ سان پريور ڪارگذارين جي تعريف ۽ واکاڻ ۾ هڪڙي اکر جو ٻہ واڌارو ڪري نہ سگهيا ۽ نہ وري انهن بدڪردار خونخوار، سفاڪ ۽ بين الاقوامي غنڊن، ڦڙن ۽ ڏاڙيلن جي جسمن تي ويڙهيل هٿرادو غلافن کي ڦاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ماڻهن کي انهن جا اصلي، مڪروهہ ۽ بدبودار چهرا ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪيائون. انهيءَ معاملي ۾ هندو توڙي مسلمان، ترقي پسند خواہ رجعت پسند مؤرخ ساڳي بيماريءَ جو شڪار ٿيندا رهيا. سنڌ جي تاريخ ساز شخصيتن جي باري ۾ فاتحن جيڪي ڏند ڪٿائون، افسانا ۽ پروپيگنڊائي حڪايتون مشهور ڪيون، تن جي چنڊچاڻ ڪرڻ ۽ عقل، انصاف ۽ ديانتداريءَ جي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ جي کاٻہ ضرورت نہ سمجهي وئي. اهڙي بيپرواهيءَ، غفلت ۽ عقيدي پرستيءَ جو نتيجو اهو نڪتو، جو سنڌ جو عوام پنهنجي سچي، شاندار ۽ حقيقتن تي مبني تاريخ کان اڻڄاڻ رهي، غيرملڪي فاتحن کي پنهنجا هيرا سمجهندو رهيو.

جي. ايم. سيد، پهريون شخص آهي، جنهن سنڌ جي تاريخ جي فاتحن طرفان ڏنل تسلسل کي مڃڻ کان انڪار ڪيو، ۽ هن سنڌ جي تاريخ کي نج "قومي بنياد" تي مطالعي ڪرڻ جي شروعات ڪئي. هن انهن عظيم ۽ زنده جاويد فرزندانءِ زمين کي سنڌي عوام جي هيرن جي صورت ۾ پيش ڪيو، جن کي غير ملڪي فاتحن جي اشاري تي درباري مؤرخن خسيس حيثيت ڏني هئي. هن پنهنجي قلم ذريعي مذهب، تهذيب ۽ انسانيت جي نام نهاد علمبردارن جي پيانڪ چهرن تان مصنوعيت جا نقاب پٽي، سندن اصلي صورت ۾ عوام جي ٽُڪن ۽ لعنتن جي وسڪاري جو مستحق ثابت ڪري ڏيکاريو.

هن سرزمينِ سنڌ جي بقا ۽ بچاءَ جي جنگ وڙهندڙ سرويچ انسانن کي سنڌي قوم جي تمام عقيدت مندين ۽ محبتن جو حقدار ٺهرايو. هن مهاراجا سهيرس، راجا ڏاهر، دودي سومري، دولهہ دريا خان، شهيدِ سنڌ الهہ بخش

سومري، هيمون ڪالاٽيءَ ۽ ٻين انيڪ فرزندانِ سنڌ جي لازوال تاريخي ڪردارن کي، اهڙن ڏيئن جي حيثيت ڏني، جن جي روشنيءَ ۾ "نئين سنڌ" جا معمار پنهنجو سفر طئي ڪري سگهن. هن ئي ٻڌايو ته جن ماڻهن کي درباري مؤرخن اڄ ڏينهن تائين سنڌ جي عوام وٽ هيرن جي حيثيت ۾ پيش ڪيو آهي، سي حقيقت ۾ سنڌ جا دشمن، سنڌي عوام جا قاتل، سنڌ جي سون سريکيءَ سيپتا جا ويري ۽ سنڌ جي شاهوڪاريءَ جا ڏاڙيل، چور ۽ ڏاڪو هئا. اهي ئي ماڻهو هئا، جن سنڌي عوام کي بيدرديءَ سان ڪُٽو، اهي ئي نام نهاد اسلام جا علمبردار هئا، جن سنڌي عوام جي گهرن، شهرن، واهڻن ۽ وستين کي باهه ڏئي، پنهنجي بدترين انسانيت دشمن ذهنيت جو ثبوت ڏنو. اهي ئي ماڻهو هئا، جن جي گهوڙن جي پُڇن ۾ سنڌي عورتن کي ٻَڌي، بغداد ۽ بصري، تهران ۽ دليءَ جي مارڪيٽن ۾ نيلام ڪيو ويو. اهي ئي پلارا آهن، جن سنڌي ڪونڊرن جي ڪنڌن جا منارا ناهي، سنڌ ۾ چنگيزي سنت تي عمل ڪيو. اهي ئي سڳورا آهن، جن سنڌ جي معصوم ۽ ابهم پارڙن جي جسمن تي گهوڙا ڊوڙايا. اهي ئي آهن، جن سنڌ جي علم، ادب، تهذيب، هنر ۽ فن کي تباهه ڪيو، عبادت گاهن کي ويران ڪيو، عالمن کي ڪُٽو، اديبن ۽ شاعرن جون زبانون ويڍيون، درويش ۽ الله لوڪن کي گهاٽن ۾ پيڙائيو، سنڌ جي سون ورنين شامن کي رت هاڻو بنايو ۽ ڪيترن کي ناس ڪيو. انهن جي وجود تي سنڌي قوم جي قتلام جو گناهه آهي. انهن جي حرام خور پيٽن ۾ سنڌي عوام جو رت آهي، انهن جون درٻارون، سنڌين جا ڪوس- گهر آهن. اهڙن ماڻهن جي درباري مؤرخن جون تاريخون، وظيفه خوار مُلن جون دُعائون، بي ضمير شاعرن جون قصيدي نويسيون، سنڌي عوام جي تباهيءَ ۽ بربادي۽ جي ڏوهه کان کين ڪنهن به صورت ۾ آجو ثابت ڪري نه ٿيون سگهن، ۽ اهي تاريخ جي عدالت ۾ هميشه چورن، ڏاڪن، رهزنن، ڏاڙيلن، قاتلن ۽ مجرمن جي حيثيت ۾ ٻيڙل نظر اينداءِ انهن ماڻهن جي ايندڙ نسلن کي سندن ابن ڏاڏن جي ڪارڪذارين تي هميشه ندامت رهندي.

"شهيدانِ سنڌ" ●، جي. ايم. سيد جو اهو لاثاني ۽ لافاني ڪتاب آهي، جنهن سنڌ جي تاريخ جي مطالعي جو رُخ موڙي ڇڏيو ۽ انهيءَ ڪتاب

(●) جيڪو بعد ۾ "سنڌ جا سورما، جي نالي سان شايع ٿيو.

جي ذريعي تهذيب، مذهب ۽ انسانيت جا نام نهاد علمبردار، پهريون پيرو سنڌي عوام جي سامهون خونخوار ۽ وحشي درندن جي صورت ۾ بينل نظر ايندا. اهو ئي ڪتاب آهي، جنهن سنڌي علم ۽ ادب جي پارکن کي ذهن نشين ڪرايو ته دارا، ابن قاسم، محمود غزنوي، علاؤ الدين خلجي، شاهه بيگ ارغون، عبدالرحيم خان خانان، فرخ سير، چارلس نيپيئر، لارڊ ويول، سنڌي عوام جي محبت جا نه، پر نفرت جا لائق آهن، چوته اهي سنڌي عوام جا هيرا نه، پر قومي قاتل آهن. مهاراجا سهيرس، ڏاهر، دودو، دريا خان، مخدوم بلاول، شاهه حيدر، شاهه عنايت، هوشو، هيمون ۽ الله بخش سومرو سنڌي قوم جا هيرا آهن، چوته انهن ئي سنڌ جي آزاديءَ لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪري ڇڏيون هيون. اهي ئي آهن، جن پنهنجي رت جي آخري ڦُڙي کي 'سنڌ جو سهاڳ' برقرار رکڻ لاءِ، ان جي سينڌ ۾ سينڌور طور وڌو.

انگريزن جي قبضي کان، پناهگيرن ۽ پنجابين جي تسلط تائين واري دور جي سنڌ، انتهائي هنگامي خيز دورن، مرحلن ۽ بحرانن مان گذري آهي ۽ انهيءَ دور جو هر لمحو، هر گهڙي، ۽ هر بحران پنهنجي اندر بيشمار داستان رکي ٿو. انگريزن جون سرگرميون، ڪانگريس جي جدوجهد، مسلم ليگ جون لهاڙون، وطن جي غدارن جون وطن فروشيون، وڏيرن، پيرن، ميرن، سَرَن ۽ خانبهادرن جون بزدليون ۽ وطن فروشيون، لالچي نوڪن جون سازشون ۽ وطن جي فرزندن جون مجبوريون ۽ لاچاريون، اهڙيون شيون هيون، جن تي سنڌ جي عالمن ۽ اديبن کي حوصلي ۽ همت سان قلم کڻڻ کپندو هو. ليڪن افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته سنڌ جي عالمن ۽ تاريخ دانن سنڌ جي تاريخ جي انهيءَ باب تي مجرماڻه خاموشي اختيار ڪئي.

نتيجي طور سنڌي عوام کي سنڌ ۽ برصغير جي سياسي لاهين چاڑهين متعلق انهيءَ مواد تي اکتفا ڪرڻو پيو ٿي، جيڪو لاهور ۽ دهليءَ جي ڪارخانن مان تيار ٿي آيو ٿي. انهيءَ پوري مواد تي هڪ طرف گانڌيءَ جو نيو ته ٻئي پاسي جناح جي چاپ هئي. هڪ طرف ڪانگريس هئي ته ٻئي طرف مسلم ليگ، ٻنهءَ کنهن شيءِ جو وجود کونه هو.

سال کن اڳ مون هندستان جي وزارت تعليم طرفان چپايل ضخيم ڪتاب "شهيدانِ آزادي" پڙهيو. انهيءَ ڪتاب ۾ راجستان جي هڪ معمولي ورکر جو باتصوير تذڪرو موجود آهي، ليڪن الله بخش سومري

لاءِ هڪڙو اکر به لکيل نظر نه ٿو اچي. پڳت سنگهه ۽ دت ته سونهري اکرن ۾ لکيا ويا آهن. ليڪن "شهيدِ آزادي، پير صبغة الله شهيد پاڳاري جو ڪوبه ڏس پتو ان ۾ موجود ڪونهي. بنگال جي دهشت پسندن، پنجاب جي تشدد پسندن ۽ يو. پي جي احتجاجن کي ته نمايان جڳهه آهي. پر سنڌ ۾ انگريزن خلاف هلايل باقاعدي منظ هٿياربند "حر تحريڪ" جو نالو نشان به ڪونهي. ڌارين طرفان سنڌ جي بمبئيءَ کان آزاديءَ واري هلچل متعلق بيپرواهي ته سمجهه ۾ اچي ٿي، پر پنهنجن تاريخ نويسن جي لاپرواهي سمجهه ۾ اچڻ جهڙي ڳالهه ناهي. سنڌ جي بمبئيءَ کان آزاديءَ بعد سنڌ وزارت ۽ سنڌ جي سياست ۾ انگريزن ۽ آل انڊيا جماعتن جي دست اندازيءَ، وزارتن جي ٻڃ ڌاهه، سنڌي وڏيري جي چانڻ تي سجدي ريريءَ، عوام سان دڪيبازيءَ ۽ غير ملڪي آقائن سان وفاداريءَ جو داستان سنڌي عوام لاءِ انتهائي عبرت انگيز آهي. سنڌي عالمن ۽ اديبن انهي داستان لکڻ جي زحمت گوارا ڪانه ڪئي، اهو صرف جي. ايم. سيد ئي آهي، جنهن انگريزن جي اچڻ کان وٺي پنجابين ۽ پناهگيرن جي تسلط تائين، سنڌ جي تاريخ تي قومي نقطئه نظر کان قلم کنيو.

هن پنهنجي ٽن ڪتابن، "نئين سنڌ لاءِ جدوجهد"، "سنڌ جي بمبئيءَ کان آزادي" ۽ "جديد سياست جا نَو رتن" ذريعي برصغير جي سياسي صورتحال ۽ ان ۾ سنڌ جي ڪردار کي واضح ڪرڻ سان گڏ انگريزن خلاف 'حر تحريڪ' جي جانبازيءَ ۽ سرفروشيءَ تي ڪليل دل ۽ دماغ سان روشني وڌي. هن سنڌ جي سياست ۾ باهرين جي مداخلت ۽ وڏيرن جي ڪردار کي سنڌي عوام سامهون صفائيءَ سان پيش ڪيو.

انگريزن جي دور اقتدار ۾ جتي سڄي هندستان ۾ عظيم شخصيتون پيدا ٿيون، اتي سنڌ ۾ به بي شمار علمي، ادبي، سياسي، سماج سڌارڪ ۽ مذهبي شخصيتون پيدا ٿيون، جن زندگيءَ جي هر گوشي ۾ پنهنجي جدوجهد ۽ جاکوڙ جا غير فاني نشان ڇڏيا. حقيقت ۾ اهو دور، سنڌ جي سياست، صحافت ۽ ادب جو زرخيز دور هو، جنهن ۾ هڪ ئي وقت، ديانتدار سياستدان، انقلابي شاعر، ترقي پسند اديبُ، بي باڪ صحافي، روشن خيال تعليمي ماهرَ، آزاديءَ جا پروانا مولوي، انسانيت دوست مفڪر ۽ انساني زندگيءَ جي روشن پهلوءَ جي ترجماني ڪندڙ دانشور پيدا ٿيا.

اهو جي. ايم. سيد ئي هو، جنهن نهايت عرق ريزيءَ ۽ جانفشانيءَ سان ان صديءَ جي انسانن جي تاريخ ۽ تذڪرو لکي، انهيءَ پوري دور کي محفوظ ڪري ڇڏيو.

سندس ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" ويهين صديءَ جي سنڌ جي نه صرف ممتاز شخصيتن جو تذڪرو آهي، پر اهو ڪتاب هن صديءَ جي اندر سنڌ جي سياسي، ثقافتي، ادبي، ۽ فڪري رجحانن ۽ لاڙن جي انسائيڪلوپيڊيا پڻ آهي.

سنڌ جي تاريخ جي باري ۾ شروع کان ئي هڪ بدعت هلندي پئي آئي آهي، جنهن سنڌي تاريخ نويسيءَ کي ڪاپاري ڏڪ هنيو. اها بدعت هئي فرقي پرستيءَ جي بنياد تي تاريخ لکڻ. مسلم تاريخ نويسن صرف مسلمانن جي مدح ۽ ستائش ۾ ڪاڪير ڪارا ڪري، تاريخ نويسيءَ جو معراج سمجهيو ۽ هندو پائرن سورويرن جي سورهيائيءَ جي ثنا ۽ صفت ۾ چوپڙبون پرڻ، اتهاسڪاريءَ جو انبر سمجهيو. مسلمان مؤرخن جي نظر ۾ سنڌ جي تاريخ اها ئي هئي، جنهن تي مسلمانن جي چاپ هجي ۽ هندن جي نظر ۾ سنڌ جي تاريخ اها ئي هئي، جنهن تي هندن جو رنگ هجي، سنڌ ۾ رهندي به مسلمانن جو هيرو اورنگزيب هو ۽ هندن جو هيرو شيواجي. انهيءَ طرز تحقيق، تاريخي ڪتابن کي مُلن ۽ پنڊتن جي مناظرن جي مجموعن جي حيثيت ڏني ڇڏي ئي.

جي. ايم. سيد پنهنجن ڪتابن، تقريرن، خطبن، مقالن ۽ مضمونن ۾ سنڌ جي تاريخ کي مذهبي چڪتاڻ جي ڪُنَ مان ڪڍي، سيڪيولر بنيادن تي ان جي ترتيب، تنظيم ۽ مطالعي جو رواج وڌو.

هن جي ئي فڪر مان سنڌ جي اديبن ۽ دانشورن کي اها رهنمائي ملي ته سنڌ ايامن کان آهي. ان جو بهادر ۽ دلير عوام هزارها سالن کان پنهنجي ذهني، فڪري ۽ جسماني صلاحيتن سان ان جي تعمير، ترقيءَ ۽ عروج لاءِ ڪوششون ۽ ڪاوشون ڪندو آيو آهي. هن ڌرتيءَ جي حفاظت ۽ بقا، حُسن ۽ زيبائيءَ، دلڪشيءَ ۽ دلربائيءَ لاءِ مذهبي پيد پاوَ کان مٿاهون ٿي، فطرت پرست دراوڙ، مُڪتيءَ جي متلاشي ٻوڌي، گيان جي ڳولائو يوگي، مورتيءَ جي پوجاري هندو ۽ خدا جي پرستار مسلمان جو هٿ هڪ جيترو شريڪ رهيو آهي. سنڌ جي تاريخ لکڻ وقت اسان کي اهو ڏسڻو ناهي ته ڪهڙي ماڻهوءَ جي زبان ڪيترن ماڻهن کي پنهنجي مذهب جو پوئلگ

بنايو، پر اسان کي ڏسڻو اھو پوندو تہ ڪھڙو ھڪ آھي، جنھن سنڌ جي حُسن ۽ نگار لاءِ ڪوشش ڪئي؛ ڪھڙو ذھن، آھي، جنھن ھن ڌرتيءَ جي انسان جي شاندار مستقبل لاءِ منصوبا بندي ڪئي؛ ڪھڙي دل آھي، جنھن جي ڌڙڪن جي ساز مان سنڌ جو آواز نڪتو ۽ ڪھڙو قلم آھي، جنھن سنڌ جي ماضيءَ مان روشنيءَ جا ڪرڻا ڪئي مستقبل جي اونداھين راھن ۾ روشني پيدا ڪئي ۽ ڪھڙي تلوار ھئي، جنھن سنڌ دشمنن جا رستا ۽ راھون روڪيون.

جي. ايم. سيد ئي ٻڌايو تہ سنڌ جي عوام جي تخليقي صلاحيت صرف اھا نہ آھي، جيڪا مسجد يا مندر جي تعمير ۾ نظر اچي ٿي، پر سنڌي مائھوءَ جي تخليقي قوت ۽ صلاحيت، موھن جي ڏڙي جي نچٽيءَ جي مجسمي ڪان وڌي جام نظام الدين جي مقبري، ساڙھيءَ جي ڳلڪاريءَ ڪان وڌي اجرڪ جي نقش نگاريءَ تائين ھر شيءِ ۾ موجود آھي. موھن جو ڏڙو ۽ اسان جو ورثو آھي، رني ڪوٽ ۽ اسان جي ميراث آھي، عمرڪوٽ جا ڪنگرا ۽ حيدرآباد جا منگھہ ۽ اسان جا ئي آھن. ڏاھر ۽ اسان جو تہ دودو ۽ دريا خان ۽ اسان جا، مخدوم بلاول اسان جي تاريخ آھي، تہ رڻمل سوديو ۽ اسان جي تاريخ جو ناقابل فراموش باب آھي. سنڌ جي تاريخ صرف سنڌ ۽ ان جي معصوم ۽ پرامن انسان جي تاريخ آھي، نہ ھندوءَ جي، نہ مسلمان جي، نہ اسلام جي ۽ نہ ھندو ڌرم جي.

تاريخ ڪي انھيءَ رُخ ڏيڻ کان پوءِ ھن سنڌ جي "قومي تحريڪ" جون جڙون ۽ پاڙون، سنڌ جي تاريخ سان ملايون ۽ سنڌ جي آزاديءَ ۽ بقا جي جدوجھد ۾ تاريخي تسلسل پيدا ڪيو؛ چوتہ ڪيس خبر ھئي تہ قومي تاريخ ڪان ڪٽيل، ڏار ٽيل ۽ ھوا ۾ بيٽل ڪابہ تحريڪ اڳتي وڌي نٿي سگھي. قومي تحريڪ ۽ قومي تاريخ ۾ رابطو، ڳانڍاپو ۽ لاڳاپو پيدا ڪرڻ لا سيد ڪان اڳ ۾ ڪنھن بہ اديب، دانشور ۽ مؤرخ ڪوشش ڪانہ ڪئي آھي.

سيد پنھنجي پوري سياست ۽ تحريڪ جو بنياد سنڌ جي شاندار تاريخي روايتن ۽ عوامي جاکوڙ تي رکيو. ھن بھادريءَ ۽ دليريءَ سان وطن جي حفاظت وارو جذبو، مھاراجا ڏاھر، دودي، دريا خان ۽ ھوشوءَ جي ڪردارن مان تلاش ڪيو. محبت، انسانيت ۽ رواداريءَ وارو اصول شاھہ شھيد، ميان مير ۽ ڪنور پڳت جي فڪر ۽ فلسفي تان ورتو. حب الوطنيءَ ۽ قوم پرستيءَ جا متا مخدوم بلاول، شاھہ حيدر ۽ ٻين عظيم انسانن جي

قرباني ۽ ايثارن مان معلوم ڪيا. اهڙيءَ ريت سنڌ جي موجوده سياست ۽ تحريڪ جو سارو وجود ۽ دارومدار سنڌ جي قومي تاريخ تي پئجي ويو ۽ سنڌ جي قومي تحريڪ، هن ڌرتيءَ جي ازلي ۽ ابدي دانهن بنجي وئي آهي، ۽ سڀ ڪنهن کي معلوم ٿيو آهي تہ سنڌ جي آزادي ۽ خوشحاليءَ جي اها جنگ، جيڪا ڪيڇ مڪران وٽ لڙي وئي، ڪڏهن اروڙ جي ميدان ۾ وڙهي وئي، ڪڏهن ننڍي جي دروازي تي جوڙي وئي، ڪڏهن ٽلٹيءَ ۾ جاري رکي وئي، ڪڏهن ميانيءَ ۾ مچائي وئي، ڪڏهن ڪارونجهر جي ڪور ۾ چيڙي وئي، سا اڄا ختم نہ ٿي آهي- ۽ اڄ بہ سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر، وستيءَ وستيءَ ۽ واهڙ واهڙ ۾ جديد ذريعن سان وڙهي پئي وڃي. سنڌ جي قومي تحريڪ کي سنڌ جي قومي تاريخ سان ملائي هڪ ڪرڻ مان نتيجو اهو نڪتو آهي، جو سنڌ جي تاريخ جا اڇي عظيم ۽ لافاني انسان، جيڪي مادرِ وطن جي حفاظت ڪندي سر ڏئي سَرها ٿيا ۽ جن سنڌ جي آزاديءَ جي ورقن کي پنهنجي مقدس رت سان تحرير ڪيو هو؛ جنْ جي ڪارنامن کي درباري مؤرخن واريءَ جي ڏڻن هيٺان لڪائي ڇڏيو هو، جن جي دل آويز ۽ بهادرانہ شخصيتن تي وطن جي ويرين، الزامن. تهمتن ۽ بهتانن جون ديوارون چاڙهي ڇڏيون هيون ۽ جيڪي سنڌ جيْ ماڻهن جي دلين، ذهنن ۽ دماغن تان ائين ميسارجي ويا هٿا؛ جيئن ٻارڙي جي ڇرهيءَ يا سليٽ تان اکر ميساريا ويندا آهن، اهي انسان هڪڏم باغي اديبن، سرڪش شاعرن، محب وطن دانشورن ۽ ڏيهہ جي ڏوهارين تي ڏمريل شاگردن جي احتجاجي هجومن جا نعرا بنجي ويا. آزاديءَ ۽ انقلاب لاءِ اڇتي وڏندڙ وطن دوست قافلن جا سونهان ۽ رهبر بنجي ويا.

شاعريءَ جا موضوع، ڪتابن جا عنوان، مقالن جون هيڊنگون ۽ شرحن جو محور ۽ مرڪزي نقطي جي شڪل اختيار ڪري ويا. اهي ميدان ۽ ماڻريون، اهي لڪ ۽ لنگهہ، اهي بندر ۽ بازاريون، جتي وطن جي جليل القدر فرزندن پنهنجو رَت ۽ ست ڏئي، سنڌجي آزاديءَ کي بچائڻ لاءِ پوئينءَ ويرتائين وڙهندي ساهہ ڏنو هو، سي جايون اڄ هن سرزمين جي غلامہ، پر آزاد سوچ رکندڙ انسان لاءِ مقدس عبادت گاهن جي حيثيت اختيار ڪري ويون آهن، جن جو تصور ايندي، پرجوش انسانن جون دليون ۽ دماغ، نئين حوصلي، نئين ولولي ۽ تازيَ اُمنگ سان پرجي ويندا آهن.

(7)

جي. ايم. سيد بنيادي طرح صوفي آهي. شروع کان وٺي سندس طبيعت توڙي سياست تي تصوف جو اثر غالب عنصر جي حيثيت ۾ رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو صوفين جون بنيادي خصوصيتون: امن پسندي، انسانيت دوستي، رواداري، عدم تشدد ۽ سادگي ۽ نالي، شهرت ۽ اقتدار جي خواهش کان بي نيازيُ، جي. ايم. سيد جي زندگيءَ جون لازمي وصفون بنجي ويون آهن.

صوفين جو هڪڙو گروهہ رهيو آهي، جنهن کي انارڪسٽ (Anarchist) سڏيو وڃي ٿو. انهن جي طبيعت، طريقي ۽ عقيدت ۾ سماج، معاشري ۽ ماحول جي هر شيءِ کان بغاوت، سا بہ ڪليل لفظن ۾ هوندي آهي. اهڙي گروهہ وٽ صرف تخريب هوندي آهي، بغاوت هوندي آهي ۽ انڪار هوندو آهي. تخريب، بغاوت ۽ انڪار کان اڳتي، تعمير، انقلاب ۽ اثبات لاءِ وٽن ڪو باقاعدي، منظم ۽ مرتب پروگرام نہ هوندو آهي، جنهن جي بنياد تي انسانيت جي نئين سر تخليق ٿي سگهي.

هو معاشري جي هر قانون، هر رسم، هر رواج، هر ضابطي ۽ هر اخلاقي قدر جي باري ۾ باغيانہ، جارحانہ ۽ منفي پاليسيءَ تي عمل ڪندڙ هوندا آهن. جنهن جو نتيجو هيءُ نڪرندو آهي، جو اهڙا ماڻهو معاشري ۽ ماحول کان ڪٽجي، اڪيلا ۽ ڇڙواڳ هلندا رهندا آهن. هنن جا خيال ڪوبہ مفيد نتيجو ڪڍڻ بنا، ملنگن ۽ موالين تائين محدود ٿي ويندا آهن.

بيا صوفي اهي هوندا آهن، جيڪي ڏاهن ۽ مفڪرن وانگر معاشري جي اندر رهي، ڇگاين جي حوصلي افزائيءَ سان گڏ ٻُراين جي خاتمي لاءِ مڪمل پروگرام ۽ رٿابنديءَ جي ذريعي پنهنجن خيالن جي اشاعت جو آغاز ڪندا آهن، هن وٽ تخريب کان پوءِ تعمير، بغاوت کان پوءِ اصلاح، انڪار کان اڳتي اثبات جو پروگرام هوندو آهي. اهڙن صوفين جي طريقي ۽ فڪر

۾ جارحيت جي بجاءِ ميناج ۽ محبت هوندي آهي. هو انهيءَ طريقي سان انساني سماج ۾ زبردست تبديليون پيدا ڪري، هڪ 'نئين انسان' جي تخليق ڪندا آهن. جنهن جو هر ڪم وسيع تر انسانيت جي پلائيءَ، امن ۽ ترقيءَ لاءِ رضاڪارانہ خدمت هوندو آهي. انهيءَ قسم جي صوفين جي سمورين ڪوششن، ڪاوشن ۽ جاکوڙن جو مقصد، صرف اهڙي 'نئين انسان' جي ترتيب ۽ تخليق ٿئي ٿو، جيڪو زندگيءَ جي هر ميدان ۾ رضاڪار بنجي. هن جي سوچ ۽ لوچ، هن جي محبت ۽ مشقت، هن جي قرباني ۽ ايثار ۾ ڪنهن بہ قسم جي لالچ، لوپ، غرض، مطلب پرستيءَ ۽ شخصي لذت جي تمنا نہ هوندي آهي. اهو ئي سبب آهي، جو هنن جي طبيعتن ۽ ذهنن کي مخالفتون، دشمنيون، بي قدريون ۽ سزائون نہ رنجيده ڪري سگهنديون آهن ۽ نہ وري انعام، صلا، ستائش، ساراهہ ۽ واکاڻ، ٿونبائي، غرور ۽ تڪبر جي آڙاهہ ۾ اُڇلائي سگهي ٿي.

جي. ايم. سيد، پوئين گروهہ جي صوفين مان آهي ۽ سندس زندگيءَ جي طويل جدوجهد ۾ صوفين جو تخليق ڪيل رضاڪار انسان، اسان کي هر جڳهہ نمايان نظر اچي ٿو، جنهن کي نہ طاقت جو خوف آهي، نہ سزا جي پرواهہ، نہ وري ستائش، صلي، انعام ۽ اڪرام جي لالچ. هن جيڪي ڪجهہ ڪيو، ان جو اجر يا معاوضو ڪڏهن بہ طلب نہ ڪيو اٿس ۽ هن جي پوري جدوجهد ۽ جاکوڙ، نئين رضاڪار انسان جي تخليق لاءِ وقف پئي رهي آهي. اهو ئي سبب آهي، جو هو تحريڪ ۾ پيڊ ورڪر (Paid workers) رکڻ جي خلاف رهيو آهي.

اڄ کان ڇهہ سال اڳ هن اخبار 'حريت' کي انٽرويو ڏيندي چيو هو تہ:

"آءٌ صوفي آهيان. منهنجي مذهب ۾ نفرت ۽ تعصب حرام آهي. هن سرزمين تي آءٌ تعصب ۽ نفرت پٽي نہ ٻُڌي محبت ۽ رواداريءَ جو علمبردار آهيان. آءٌ 'تنازع الابقا' جي بجاءِ 'تعاون براءِ ترقي' جو قائل آهيان، مرن وٽ محبت، اها عالمگير زبان آهي، جنهن کي جانور بہ سمجهي سگهن ٿا. آءٌ صوفي هجڻ جي باوجود صوفين جي انارڪسٽ گروهہ مان نہ آهيان."

هڪ دفعي مون سائين جي. ايم. سيد کان پڇيو تہ:

"اوهين جيئن تہ مذهبي ڪٽرپڻي جي خلاف آهيوءِ انسانيت ۾ فرقي پرستيءَ جا مخالف بہ آهيو. منهنجي خيال ۾ مذهبي ڪٽرپڻي جي خلاف

جيڪا تنقيد ۽ بغاوت سچل وٽ آهي، سا ڪنهن ٻئي صوفيءَ وٽ ورلي نظر اچي ٿي، ان جي باوجود توهان سچل کان وڌيڪ لطيف کي اهميت ڏيو ٿا، ان جو ڪهڙو سبب آهي؟"

سائينءَ جواب ڏنو ته: "لطيف کي اهميت ڏيڻ جا ڪيترائي سبب آهن، انهن مان هڪ هي به آهي ته سچل انارڪزم جون حدون ڇُهي ٿو، جڏهن ته لطيف، مفڪر ۽ مصالح آهي. لطيف مذهبي ڪٽرپڻي کي ختم ڪرڻ کان پوءِ انسانيت جي شاندار ۽ روشن مستقبل جو به پروگرام ڏئي ٿو. هن جي زبان ۾ جارحيت جي بجاءِ اصلاح ۽ مينا ج جو درس ۽ رس آهي. هو ڪنهن شيءِ کي ڌاهڻ کان پوءِ انسان کي چڑواڳيءَ جي حالت ۾ نٿو ڇڏي، پر زندگيءَ جي ساز ۾ هڪ باترتيب ۽ منظم موسيقيءَ جون لهرون ٿو پري. اها ڳالهه سچل ۽ بين اهڙن صوفين وٽ گهٽ، مبهم ۽ ڪجهه غير واضح آهي."

جي. ايم. سيد جنهن محبت ۽ انسانيت دوستيءَ واري صوفين جي پروگرام جي تبليغ ۽ تلقين ڪندو آيو آهي، ان جو تفصيل سندس بي مثال ڪتاب "ديارِ دل، داستانِ محبت" ۾ موجود آهي.

سائينءَ هڪ دفعي مون کي ٻڌايو ته سندس نياڻي دُرشهوار سيد ڪتاب "ديارِ دل داستانِ محبت" پڙهي سوال ڪيو ته، "سائين جنهن صورت ۾ توهان محبت جا مبلغ آهيو ۽ انسانيت جي نجات صرف مذهبِ محبت ۾ ئي سمجهو ٿا، ته پوءِ پنجابين ۽ پناهگيرن سان نفرت چو ٿا ڪريو؟ جڏهن ته محبت هڪ مثبت جذبو آهي ۽ نفرت منفي ۽ ڌار ڪندڙ وصف آهي."

سائينءَ جو جواب هي هو:

"آءٌ پنجابين ۽ پناهگيرن کان نفرت ڪونه ٿو ڪريان، پر جهڙيءَ ريت انسان کي پنهنجي جسم جي سڀني عضون سان محبت هوندي آهي ۽ جڏهن ڪو عضو اهڙيءَ حالت کي پهچي وڃي، جو ان کي وڍڻ کان سواءِ پورو انساني جسم ختم ٿيندو نظر اچي ته پوءِ انسان پنهنجي جسم جي پلائيءَ لاءِ پنهنجي محبوب عضوي کي وڍڻ لاءِ مجبور ٿي پوندو آهي. ساڳي حالت منهنجي سامراجي پنجابين ۽ پناهگيرن جي باري ۾ آهي. اُهي ان عضوي وانگر ٿي ويا آهن، ان ڪري انهن کان سنڌ جي محبت واري ماحول کي پاڪ ڪرڻ ضروري آهي. اهي نفرت جا جراثيم آهن ۽ هڪ محبت جي داعيءَ جي حيثيت ۾ مون کي نفرت جي هر حالت کي ختم ڪرڻو آهي."

جي. ايم. سيد صوفي اُن ڪري ناهي تہ هن هڪ اهڙي خاندان ۾ جنم ورتو، جتي پيري مريديءَ جو سلسلو هلندڙ هو ۽ هو نسلي طرح 'سيد خاندان' سان واسطو رکندڙ آهي. جيتري قدر پيري، مريديءَ ۽ نسلي بزرگيءَ جو تعلق آهي، سيد جو پورو فڪر ۽ فلسفو، انهيءَ سلسلي ۽ نظام جي خلاف آهي. هن عملي طرح پيري مريديءَ، ڏاڪي ڏيڻي ۽ ڪشف ڪرامت واري اصول جي خلاف هميشہ جدوجهد ڪئي آهي ۽ ڪندو رهي ٿو.

مون کي ياد آهي تہ هڪ دفعي سن جي ڪنهن ماٹھوءَ مون کي چيو تہ مون کي سائينءَ کان ڏاڪو پڙهائي ڏي. آءٌ ڏاڪو ڪٹي سائينءَ وٽ ويس ۽ پوري حقيقت ٻُڌايم. سائينءَ جواب ڏنو: "منهنجو اهڙين واهيات شين ۾ ايمان ئي ناهي."

عرض ڪيم: "پر هن جو تہ ايمان آهي نہ!"

سائين ناراض ٿي پيو، چئي: "اسان کي ماٹھن جي اهڙن واهيات عقيدن کي ختم ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙڻ گهرجي، يا ماڳهين انهن جي حوصلي افزائي ڪجي؟"

پيري مريديءَ جي ڏونگ کي بختم ڪرڻ لاءِ جي. ايم. سيد جو وڏو ڪارنامو سندس مشهور معروف ڪتاب "جيئن ڏٺو آهہ مون" آهي.

مون کي سنڌ جي مشهور عالم مولانا عبدالحق رباني ۽ ٻڌايو تہ جڏهن سيد جو ڪتاب "جيئن ڏٺو آهہ مون" ڇپيو، تڏهن مون سيد ڏانهن نيايو موڪليو تہ اسان ساري عمر سيدن ۽ پيرن خلاف مٹو ماري ڪندا آيا آهيون، پر توکي آفرين آهي، جو موروثي گادي نشين هڻڻ جي باوجود پيرن ۽ سيدن جي مڪرن جي پرده دري ڪئي اٿئي.

'اين کار از تو آيد و مردان چنين کنند.' "

انهيءَ مان معلوم ٿيو تہ سيد، صوفي خاندان ورثي جي ڪري ناهي، پر هن علمي ۽ نظرياتي طرح وڏي محنت ۽ جدوجهد، مخالف نظامن ۽ نظرين جي مطالعي جي جاکوڙ کان پوءِ تصوف کي فطري ۽ نظرياتي طرح پنهنجي علم ۽ عقل جي واضح روشنيءَ ۾ قبول ڪيو آهي. هن وڏي مطالعي، تحقيق، چنڊچاڻ ۽ جاکوڙ کان پوءِ معلوم ڪيو تہ موجوده دور ۾ بيمار انسانيت جي شفا جو نسخو، پٽڪيل مسافرن جو سونهون، زخمي قافلن جو ملهم، اُجايل واتهڙن لاءِ آبِ حيات ۽ پريشان، سرگردان ۽ حيران فردن جو

سُکون، صرف ھک ئي دکان تان ملي سگھي ٿو ۽ اھو دکان آھي "تصوف." تصوف ئي آھي، جيڪو نفرت جي طوفانن ۾ محبت جو واھوندو واري سگھي ٿو. تصوف ئي آھي، جيڪو جنگ جي ميدانن ۾ امن جو جھنڊو جھولائي سگھي ٿو. تصوف ئي آھي، جيڪو وجود جي ڇڪتاڻ ۾ باھمي تعاون ۽ ترقيءَ جو رستو ٻڌائي سگھي ٿو. تصوف ئي تعصب ۽ ڪٽرپڻي جي خلاف پائيچاري ۽ رواداريءَ جو مظاھرو ڪري سگھي ٿو. تصوف ئي آھي، جنھن ۾ حقيقي معنيٰ ۾ امن، انسانيت دوستي ۽ انسانيت جي ھڪجھڙائي، مساوات ۽ عظمتِ انسان جو راز پوشيدو آھي. سيد جي نظر ۾ اڄ جي دور جو سڀ کان وڌيڪ ترقي يافتہ ۽ انساني مونجھارن جو صحيح سڃو ۽ حقيقي حل تصوف ۽ صوفي ازم ئي آھي؛ ڇوتہ جھڙيءَ ريت اڄ ڏينھن تائين ڌار ڌار مذھبن جي ڇڪتاڻ انسانيت جي اتحاد کي نقصان پھچائي، قتل، خونريزيءَ ۽ تباھيءَ جو سامان موجود پئي ڪيو آھي، بلڪل ساڳئي نموني اڄ جي دور ۾ ڌار ڌار نظرين، نظامن ۽ فڪرن جي ٽڪراءَ، قتل، خونريزيءَ، تشدد پسنديءَ، مھم جوئيءَ، انسانيت کي مسلسل خوف، ھراس ۽ ڊپ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آھي ۽ انسان انھي گھٽيل فضا مان باھر نڪرڻ لاءِ ھٿ پير ھڻي رھيو آھي.

تصوف کي برصغير جي ڪن جارحيت سند دانشورن ۽ فلسفين آفيم سڏيو آھي، ان ڪري عام طرح تصوف جي باري ۾ اھو مشھور ٿي ويو آھي، تہ ان ۾ دنيا کي ترڪ ڪرڻ، رھبانيت جي زندگي گذارڻ، مونن ۾ مُنھن وجھي ڪائنات جي ارتقائي سفر ۽ فطري سفر کان منھن موڙڻ جي تلقين ٿيل آھي، ۽ صوفي ھن دنيا ۽ ان ۾ انسانن جي فرضن جي سرانجاميءَ کان بلڪل غافل ۽ بيپرواھہ بنجي، پنھنجي ذات ۾ ئي گم ٿي رھي ٿو، ان ڪري صوفي ازم مان انسانيت جي شاندار مستقبل جي تعمير لاءِ ڪابہ مدد نہ ٿي ملي سگھي- ۽ اھو تصوف ئي آھي، جنھن انسان کي صبر، شڪر، قناعت ۽ سستيءَ جي تعليم ڏئي، ماڻھن جي تباھيءَ جو سامان موجود ڪيو آھي. تصوف جي اھا تعبير ۽ تشريح سراسر غلط ۽ من گھڙت آھي.

صوفين ۾ اھڙي قسم جي تعليم صرف انھن ماڻھن پٽي ڏني آھي، جن صحيح معنيٰ ۾ تصوف جي روح کي سمجھيو ئي ڪونہ ھو، يا دنيا کان ڪٽجڻ واري فلسفي جا مبلغ چند انارڪسٽ قسم جا صوفي پئي رھيا آھن.

جي. ايم. سيد جي تصوف جو سلسلو سنڌ ۾ بلاولي فقيرن ۽ درويشن سان ملي ٿو. هن جي تصوف جا نيسارا مخدوم بلاول جي انسانيت دوستيءَ ۽ حب الوطنيءَ واري صوفي ازم مان نڪرن ٿا. بلاولي فقير سرزمين سنڌ جا اهي باصفا ۽ مجاهد صوفي هئا، جن هڪ طرف مذهب کي سياست کان جدا ڪري رضاڪارانہ بنياد تي انساني ذهن ۽ ضمير جي صفائيءَ ۽ بيداريءَ لاءِ ڪم ڪيو؛ مذهب جي نالي تي قومن سان ظلم ۽ جبر، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ، پرماريت ۽ ڦرلٽ جي مخالفت ڪئي: ڪنهن هڪ مذهب جي غلبي لاءِ تلوار هٿ ۾ ڪٽي انساني سسين جا لابارا ڪندڙ حاڪمن ۽ صوفين جي مڪروهہ ارادن کي ناڪام بنائڻ لاءِ ڪوششون ڪيائون: تہ ٻئي طرف حب الوطنيءَ ۽ قومي آزاديءَ جا علمبردار ۽ پرجوش مبلغ بنجي ويا، نہ صرف بادشاهن جي غلط ڪمن کي مڃڻ کان انڪار ڪيائون، پر باهرين پرمارن ۽ ڏارين خلاف وڙهندي شهيد ٿي ويا. اهي صوفي باصفا ۽ باڪمال هئا، جن هن ڌرتيءَ تي صديون اڳ قوم پرستيءَ ۽ وطن دوستيءَ جو لافاني گيت جهونگاريو، جنهن جو لهرون اڄ بہ سنڌ جي فضائن ۾ طاقتور شهبازن وانگر اُڏامي رهيون آهن. اهي صوفي نہ صرف انسان جي ذهن ۽ ضمير جي آزاديءَ جا علمبردار هئا، پر جسماني ۽ مادي اجتماعي زندگيءَ جي آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ جا سرفروش ريبارا هئا: ڇوتہ هنن کي خبر هئي تہ ڪنهن بہ انسان کان تخليقي صلاحيت تڏهن موڪلائي ويندي آهي، جڏهن هن جي هٿن ۽ پيرن، جسم ۽ ڳچيءَ ۾ غلامي جا ڳٽ پٽجي ويندا آهن. غلامي ئي اهڙي لعنت آهي، جيڪا انسان جي ذهني ۽ جسماني صلاحيتن کي اڏوهيءَ وانگر کائي کوکلو بنائي ڇڏيندي آهي، ۽ آزادي ئي اهڙي نعمت آهي، جيڪا انساني صلاحيتن جي چمن کي نسيمِ سحر وانگر تر و تازہ ۽ شاداب رکي سگهي ٿي. ذهني ۽ جسماني غلام جو پورو وقت پنهنجي ذات تي سوچ ۾ گذرندو آهي ۽ اها انفرادي سوچ ئي اهڙي شيءِ آهي، جيڪا انسانيت جي وسيع تر رضاڪارانہ اتحاد جي راهہ ۾ رڪاوٽ بنجي ٿي. اهو ئي سبب آهي، جو هنن حڪومت جي ڪاروبار کان ڌار هوندي بہ جڏهن ڏٺو تہ غير ملڪي بادشاهہ، قتل، غارتگريءَ ۽ تباهيءَ جي ذريعي سنڌ جي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ کي ختم ڪرڻ چاهين ٿا، تہ هو پنهنجون خانقاهون ۽ هجرا، مڪتب ۽ مدرسا ڇڏي، عوامي جٽن کي وٺي،

آزاديءَ ۽ عزت لاءِ سنڌ جي ميدانن ۾ دشمن جي يلغارن کي روکڻ لاءِ پھچي ويا. انھيءَ معاملي ۾ ھنن سنڌ جي ھر باشندي کي وطن جي آزاديءَ جي جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سڏيو. بلاولي فقيرن جي فوج ۾ جتي ساھتي پرڳٽي (نواب شاھ ۽ نوشھري فيروز) جو سارنگ سھتو شريڪ ٿيو، اتي عمرڪوٽ جو رڻمل سويڊو بہ اچي شامل ٿيو ھو.

جام فيروز جي شڪست ۽ دريا خان جي شھادت کان پوءِ بلاولي فقير ئي ھٿا، جن جي تحريڪ ٽيھن سالن جي عرصي ۾ ھڪڙي رات بہ ارغونن کي آرام جي ننڊ سمھڻ ڪونہ ڏنو. انھيءَ عرصي ۾ مخدوم بلاول، ارغونن ھٿان گھاٽي ۾ پيڙجي، آزاديءَ ۽ وطن دوستيءَ جي تحريڪ ۾ ھميشہ لاءِ امر بنجي ويو.

انھيءَ دردناڪ حادثي، بلاولي صوفين جي ھمت، حوصلي ۽ عشقِ آزاديءَ تي ڪوبہ منفي اثر ڪونہ وڌو ۽ اِھو انھن جي تعليم، تربيت ۽ نظريي جو اثر ھو، جو سنڌ جو عوام ارغونن جي اچڻ کان وٺي، مغلن جي خاتمي تائين، ھڪ سؤ سال مسلسل حالتِ جنگ ۾ رھيو آھي، ۽ سنڌ جي ھر ڳوٺ ۾ بلاولي فقيرن جي جلايل جوت جي جھڪي ۽ جھيڙي روشنيءَ جي اُھاڻ ۾ ماڻھن جو رضاڪارانہ لشڪر ھر وقت موجود رھندو ھو ۽ سنڌ جو ھر ڳوٺ، ھر ٽپو، ھر ديھہ ۽ پرڳڻو سنڌ جي آزاديءَ جي جنگ جو بھترين مورچو ھو. انھيءَ پوري وقت ۾ سنڌ جي عوام ڪيڏي بھادريءَ ۽ دليريءَ جو شاندار مظاھرو ڪيو آھي ۽ ان تي قابض حاڪمن طرفان جيڪي ڪيس ۽ ڪوس ٿيا آھن، تن کي مون پنھنجن ڪتابن "سر ۾ سانجھيءَ ويرَ" ۽ "بلاولي تحريڪ" (*) ۾ ٿورو گھڻو بيان ڪيو آھي.

وطني آزادي ۽ عوامي خوشحاليءَ جي انھيءَ تحريڪ جو آخري شھيد 'شاھ عنايت جھوڪ وارو' آھي. جنھن پنھنجي مختصر جماعت سان، ڪلھوڙن حاڪمن، مغلن ۽ ديسي دلال پليجن جي لوڌن سان مقابلو ڪري شھادت ماڻي.

جي. ايم. سيد، صوفين جي انھي سلسلي ۽ جماعت جو پوئلڳ آھي، ۽ وطن جي آزاديءَ ۽ عوام جي خوشحاليءَ جو عشق ۽ درد انھيءَ جماعت جو ناقابلِ شڪست ورثو، سيد نھايت ھمت ۽ حوصلي، ڏاھپ ۽ سياڻپ

(*) ھيءَ ڪتاب تارو لکي پورو ڪيو ويو آھي.

سان سانڊيندو آيو آھي ۽ هن جي پوري زندگي، انهيءَ پيغام جي تبليغ ۽ نشر و اشاعت ۾ گذري آھي. انهيءَ ڏس ۾ هن پنهنجي پيشروئن وانگر هر مصيبت جو منهن ڏسائو مقابلو ڪيو آھي.

هن ڳالهه کان هرڪو واقف آھي تہ صوفين جي ڪم ڪرڻ جو هڪ مخصوص طريقو ۽ ڍنگ ٿيندو آھي، جيڪو ٻين سماجي، معاشرتي ۽ سياسي تحريڪن ۽ تنظيمن کان سراسر مختلف، جداگانہ نوعيت ۽ نموني جو هوندو آھي. اهو ڪم بظاهر غير محسوس، پر پُر اثر ۽ دائمي اثر رکندڙ ٿئي ٿو، جنهن جا نتيجا هميشہ گير ۽ شاندار هوندا آهن، جيڪي وقت گذرڻ سان وڌيڪ گهرا ٿيندا آهن.

جي. ايم. سيد، سياسي ميدان مان هڪ وقت ڪناري ڪشي ڪري صوفيءَ واري مخصوص طريقي سان پنهنجي فڪر کي عوام تائين پهچائڻ لاءِ "بزمِ صوفياءِ سنڌ" نالي جماعت جو بنياد وجهي ڪم جو آغاز ڪيو هو. اها جماعت تمام ٿورو وقت هلي، ليڪن انهيءَ ٿورڙي وقت ۾ هن مختصر جماعت، صدين جو ذهني ۽ فڪري خال پريو. "بزمِ صوفياءِ سنڌ" جي ڪارگذارين ۽ ڪاروائين جي روئداد پڙهڻ کان پوءِ آءٌ هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ پوري تاريخ ۾ هن قسم جي هڪ نظرياتي ۽ فڪري طرح متحده تنظيم صرف اها ئي هئي. هن جماعت جي پليٽ فارم تان سنڌي عوام کي ٻي مثال سياسي ۽ ذهني تعليم ملي آهي. "بزمِ صوفياءِ سنڌ" جي تقريرن جو مجموعو ڪتاب "خطباتِ سيد" نظرياتي تعليم جو هڪ شاهڪار ڪتاب آهي. ان کي دنيا جي چند بهترين ڪتابن ۾ جاءِ ڏئي سگهجي ٿي. انهيءَ تنظيم نہ صرف جديد ۽ قديم تاريخ ۽ تصوف، عالمي ۽ قومي لاڙن ۽ رجحانن، نظرين ۽ نظامن جو هڪ تحقيقي، تنقيدي ۽ معياري تقابلي مطالعو سنڌي عوام آڏو رکيو، پر سنڌ جي جديد ۽ قديم شاعريءَ، فڪر، فلسفي ۽ ادب ۾ تسلسل ۽ رابطو پڻ پيدا ڪيو. سنڌي اديبن، دانشورن، شاعرن، صوفين ۽ نوجوان شاگردن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪري، قومي غاصبن خلاف نظرياتي جهاد جو آغاز ڪرايو. اهي ڳالهيون جن جو اظهار سياسي پليٽ فارم تان ناممڪن هو، سي هن جماعت جي پليٽ فارم تان ڏڙا ڏڙ ظاهر ٿيڻ لڳيون، انهيءَ جماعت جي ستن يا اٺن جلسن ۽ گڏجاڻين، سنڌي عوام کي ون يونٽ جي خلاف بهادرانہ جدوجهد

لاءِ اُپاريو، اڳتي وڌايو ۽ جابر قوتن سان ٽڪر کائڻ جو حوصلو ڏنو. ٿورو ئي پوءِ سيد کي نظربند ڪيو ويو ۽ بزم صوفياءِ سنڌ جي سرگرمين تي سرڪار چوڪسي رکڻ لڳي، پر صوفي سڳورا پنهنجو ڪم ڪري چڪا هئا ۽ هنن جو ٿيٽو عوام جي ذهني ۽ فڪري بيماريءَ تي اثر وجهي چڪو هو، جنهن جو نتيجو 4 مارچ ۽ ان کان پوءِ واري شاندار جدوجهد جي صورت ۾ نڪتو.

• سيد جي تصوف ۽ صوفي ازم جي هڪ خصوصيت اها هئي، جيڪا بيان ڪيم. هن جي تصوف جي بي خصوصيت آهي وحدت الوجودي تصوف کي عملي سياست ۾ هڪ نظرئي طور استعمال ڪرڻ.

هتي آءٌ مناسب ٿو سمجهان ته هن ڳالهه جي وضاحت ڪرڻ کان اڳ ۾ ته جي. ايم. سيد ڪهڙءَ ريت وحدت الوجود کي عملي سياست ۾ استعمال ڪيو؟ هڪ بي ڳالهه جي وضاحت ڪريان. اها هيءَ ته سيد جي ڪن ڪتابن ۾ وحدت الوجود واري نظريي جي تبليغ ڏسي، سنڌ جي ڪن اڌ پڙهيل ترقي پسندن ۽ نام نهاد انقلابين، انهيءَ نظريي کي رجعت پسندي ۽ عوام دشمنيءَ جو هٿيار سمجهي، ان کي هاڃيڪار سڏيو آهي.

وحدت الوجود ڇا آهي؟ ان جا ڪهڙا نتيجا نڪرن ٿا؟ ان تي آءٌ پنهنجي طرفان ڪجهه لکڻ جي بجاءِ پاڪستان جي هڪ وڏي ترقي پسند ۽ مارڪسي فلسفي جي عالم جا خيال هتي پيش ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان ته جيئن پڙهندڙن کي وحدت الوجود جي باري ۾ مارڪسٽن جو نقطئ نظر معلوم ٿي سگهي. هن وقت رواج پٽجي ويو آهي ته ڪنهن نظريي جي ترقي پسندانه يا رجعت پرستانه هجڻ جي سند ۽ سرٽيفڪيٽ ڪميونسٽن کان ونڻ لازمي ٿي پيو آهي. اهو وڏو مارڪسٽ، ۽ ودوان سبطِ حسن، وحدت الوجود متعلق لکي ٿو:

"ابتدائي دور ۾ انسان دهر جو قياس پنهنجي روزانه تجربن سان ڪندو هو. هو جمادات، نباتات ۽ حيوانات جي فرق کي به پوريءَ ريت سمجهي ڪونه سگهيو هو، بلڪ سندس خيال هو ته تمام موجودات عالم وانگر فعال ۽ ارادي سان حرڪت ڪندڙ آهن. هو انهيءَ دور ۾ غير شعوري طرح وحدت الوجود جو قائل هو. البته جڏهن معاشرو طبقن ۾ تقسيم ٿي ويو ۽ بادشاهتون وجود ۾ اچي ويون ۽ بادشاهه ۽ رعيت، حاڪم ۽ محڪوم، آقا ۽ غلام، خواص ۽ عوام جي وچ ۾ حدبنديون شروع ٿي ويون، تڏهن

معاشري جي پراڻي وحدت ۾ باقي نہ رهي سگهي. ليڪن صوفين انهيءَ "دوئيءَ" کي قبول نہ ڪيو ۽ هو "وحدت الوجود" جا ئي قائل رهيا. انهن جو دليل هو تہ جڏهن خدا، آسمان ۽ زمين جو نور آهي ۽ اسان جي شهہ رگ کان ويجهو آهي تہ پوءِ ان کي پاڻ کان ۽ ڪائنات کان جدا ڇو سمجهون. خدا ڪائنات جي ذري ذري ۾ جاري و ساري آهي. ان کان سواءِ ڪابہ شيءِ موجود نہ آهي، بلڪ هر شيءِ خدا جو جلوو آهي.

"منصور جو اناالحق انهيءَ وحدت جو اقرار هو. انهيءَ فلسفي جي نقطئہ نظر موجب عدم ۽ وجود، فنا ۽ بقا، ظاهر ۽ باطن، شاهہ ۽ گدا، امير ۽ غريب، رند ۽ پارسا، مومن ۽ ڪافر جي ڪابہ گنجائش ناهي. انهيءَ انقلابي فلسفي جي سياسي ۽ معاشي مضمرات کان اربابِ اقتدار بخوبي واقف ۽ آگاهہ هئا. اهو ئي سبب آهي جو وحدت الوجود جو عقيدو شاهي درٻارن ۽ شاهي تخت سان لاڳاپو رکندڙ عالمن وٽ مقبوليت حاصل ڪري نہ سگهيو، بلڪ ان جي ابتڙ حاڪم طبقن ان جي سخت مخالفت پئي ڪئي آهي. ڪارل مارڪس جي دعويٰ ۾ وحدت الوجودي صوفين وانگر اها هئي تہ ڪائنات شے اٿئ وحدت آهي ۽ انسان ان وحدت جو هڪ حصو آهي."

(حوالو: "موسيٰ سي مارڪس تڪ" از: سبطِ حسن)

هن ڏڳهي اقتباس نقل ڪرڻ مان مقصد صرف هي هو تہ مارڪسزم جي عالمن وٽ ۾ وحدت الوجودي فلسفو پنهنجي بنيادي ساخت ۾ هڪ انقلابي فلسفو آهي ۽ ڪائنات جي وحدت واري نظريي ۾ ڪارل مارڪس ۾ ابن عربيءَ، روميءَ، لطيف ۽ عطار سان متفق آهي. هڪ، وحدت الوجودي صوفي جڏهن خدا ۽ انسان ۾ امتياز، فرق، تفاوت ۽ نندِ وڌائيءَ کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي تہ پوءِ هو سماج ۾ سياسي، معاشي ۽ معاشرتي طبقن، حدبندين ۽ تفاوتن کي ڪهڙيءَ ريت برداشت ڪندو؟ وحدت الوجودي صوفي، قومن، ملڪن ۽ ماڻهن ۾ يڪ رنگي، مساوات، وحدت ۽ هڪجهڙائي ۽ برابري ڏسڻ جو قائل آهي ۽ هن جي پوري جدوجهد انسانيت ۾ ناهموار سماج ۽ معاشري جي خاتمي لاءِ ئي هوندي آهي.

وحدت الوجودي صوفي وڏو انقلابي آهي:

جي. ايم. سيد پنهنجي سياست جو پورو دارومدار وحدت الوجود تي رکيو. هن پنهنجي مشهور ڪتاب "جيئن ڏٺو آهہ مون" ۾ دنيا جي اڳيان،

سنڌ جي صوفين جي فڪر مان اخذ ڪري دنيا جي وحدت ۽ اتحاد لاءِ تن نڪتن تي مشتمل پروگرام رکيو آهي: (i) اتحادِي (ii) ترقي بني آدم (iii) امن عالم، جنهن جو سارو دارومدارووحدت الوجود تي آهي. انسانن جي پوري برادريءَ ۾ ان وقت تائين اتحاد ممڪن ئي ناهي، جيستائين انسان جي ذهن ۾ اها ڳالهه پوريءَ طرح جاءِ نہ ئي ونئي تہ انسان پنهنجي پيدائش، تخليق ۽ وجود ۾ هڪ آهي، هڪ ئي ذات جو جلوو آهي ۽ هو پيدائشي طور رنگ، نسل ۽ مذهب جي اختلاف جي باوجود مختلف ناهي. ڪن شين جو عارضي اختلاف ائين آهي، جيئن حُسن جا مختلف جلوا. جڏهن سيني انسانن ۾ اهو احساس پيدا ٿئي ۽ هو پنهنجي فطرت ۽ پيدائش ۾ هڪ سمجهڻ لڳي، ان وقت ئي انسانيت جو اتحاد ٿي سگهي ٿو. انسان مان انهيءَ احساسن جي ختم ٿيڻ جو نتيجو آهي، جنهن انسان کي ذات ذات مذهبن ۽ نظرين جي بنياد تي هڪ ٻئي جي رت وهائڻ جو هيراڪ بنايو آهي.

انسان جو انسان تي ظلم، قوم جو قوم تي قبضو، جماعت جو جماعت تي جبر، قبيلي جي قبيلي تي چڙهائي جو سبب شروع کان ئي ونئي "دوئيءَ" وارو نظريو رهيو آهي. انسان ذات جو اتحاد جيڪو وحدت الوجود جي احساس ۽ يقين جي ايرڻ سان پيدا ٿئي ٿو. اهو ئي ترقيءِ بني آدم جو پهريون شرط آهي.

■ جڏهن انسان سيني انسانن کي هڪ سمجهڻ لڳي؛ جڏهن هو پان کي هڪ ئي ذات جا جلوا سمجهڻ شروع ڪري؛ جڏهن هو سيني انسانن کي جسم جي عضون وانگر محسوس ڪرڻ لڳي؛ ان وقت انسان ذات جي ترقيءَ جي راهه ۾ پيدا ٿيل سيئي رڪاوٽون ۽ رندڪون هٽي ويندیون. اڳرائي ۽ اُرهه زورائيءَ وارو جذبو، جنهن جو بنياد 'تنازع البقا' واري اصول تي رکيل آهي، ختم ٿي ويندو ۽ ان جي جاءِ تي 'تعاون براءِ ترقي' جي بنياد تي باهمي سهڪار وارو جذبو مقبوليت حاصل ڪري وٺندو. اهو 'تعاون براءِ ترقي' وارو اصول ئي آهي، جنهن جي آڌار تي دنيا ۾ دائمي ۽ ناقابلِ شڪست امن قائم ٿيندو. اهڙو امن، جنهن جي پهرئين صبح جي ديدار لاءِ ڪائنات جي ابتدا کان انسانيت سڪندي آئي آهي ۽ جنهن سج جي آسري تي ڪيترين آسائتين اڪڙين جا ڏيئا هميشہ لاءِ وسامي ويا، ڪيترين آسروند دلين ۾ پيدا ٿيل آشا جا ڪرڻا اُجهامي ويا ۽ ڪيترن

انسنان تاريخ جي جنگاهہ ۾ زندگيءَ جي جهڙتي کي پهاڙي چپن هيٺان ڏبجندو ڏنو. پر اڄ ڏينهن تائين دنيا کي ان سونهاري صبح جو درشن نصيب ڪونہ ٿيو آهي.

انسان ذات لاءِ دائمي امن جي قيام لاءِ جي. ايم. سيد وحدت الوجود واري نظريي جي آڌار تي جيڪي ٻہ ڏاڪا اڳ ۾ ظاهر ڪيا آهن، اڄ جي دور ۾ سڀ کان مشڪل مسئلو انهن ڏاڪن جي تياريءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽ پيدا ڪندڙ شين کي ختم ڪرڻ آهي.

انسان ذات جي اتحاد ۾ هيٺيون شيون رڪاوٽ پيدا ڪندڙ آهن:

سامراج:

سامراج اڄ جي دور ۾ هڪ مخصوص اصطلاح آهي، ليڪن سيد صاحب جي نظر ۾ هر اهو تسلط، غلبو ۽ بالادستي سامراجيت آهي، جنهن جي ذريعي ڪمزور ۽ ننڍين ملڪن، قومن ۽ انسانن کي غلام، محڪوم ۽ زيردست بنائي هڪ مخصوص ٽولي، جماعت ۽ قوم جي ڦرلٽ، پرماريت ۽ غارتگريءَ لاءِ رستو صاف ڪيو وڃي.

انهيءَ نظريي موجب يونانين جو ايران ۽ برصغير تي قبضو ۽ ڪنٽرول؛ ايرانين جو سنڌ ۽ عرب علائقن تي تسلط؛ عربن جو آفريڪا، يورپ ۽ جنوبي ايشيا تي غلبو؛ چنگيزي تاتارين جي عراق، ايران ۽ سنڌ ۾ تباهي؛ ترڪن جي اوپر يورپ ۽ عرب علائقن ۾ لٽ مار؛ پورچوگيزن جو انگولا، موزمبيق ۽ گني بسائو تي حملو؛ فرانس جو الجزائر، ٽوگو، گني، گهانا، ڏاڪار تي قبضو؛ بيلجم جو ڪانگو تي ڪنٽرول؛ ڊچن جو انڊونيشيا تي تسلط؛ انگريزن جي اڌ دنيا تي حاڪميت؛ اٽليءَ جي ليبيا ۾ غارتگري؛ جپان، فرانس ۽ آمريڪا جي هند چينيءَ ۾ تباهي ۽ پنجاب جي سنڌ ۾ لٽ مار- سڀ سامراج جون مختلف شڪليون ۽ صورتون آهن. اڄ ٻہ دنيا ۾ ڪي طاقتور ۽ سڌريل قومون، پنهنجي مفاد لاءِ سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح دنيا تي پنهنجو اثر ۽ رسوخ جمايو ويٺيون آهن. انسانيت جي اتحاد لاءِ ضروري آهي تہ اهڙي قسم جي ظاهر يا ڳجهي قبضي کي دنيا تان ختم ۽ نيست نابود ڪيو وڃي ۽ اهڙين قوتن جي ڪوششن کي ناڪام بنايو وڃي. جيتوڻيڪ تاريخ جي مختلف دورن ۾ قابض قوتن، مفتوح ملڪ ۽

قوم جي، پنهنجي پنهنجي علائقي سان هڪ قسم جي مصنوعي، هٿراڏ ۽ جڙتو قسم جي وحدت قائم ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي، پر ان جو نتيجو همیشہ انتشار، اختلاف ۽ ٽوٽ جي صورت ۾ ظاهر ٿيو آهي ۽ انسانيت جي اتحاد جا فاصلا وڌندا ئي رهيا آهن. ان سلسلي ۾ جي ايم. سيد هن ننڍي کنڊ جو مثال پيش ڪري ٿو. سندس چوڻ آهي تہ هن ننڍي کنڊ کي طاقت جي زور تي گڏ رکڻ واري پاليسيءَ تي وکرماجيت، اشوڪا، اڪبر، اورنگزيب ۽ آخر ۾ انگريزن هر طريقو ۽ نمونو اختيار ڪيو، پر ان مان چا حاصل ٿيو؟ نفرتون، دشمنيون، خونريزيون ۽ انسانيت جي تباهي. فرانس، آفريڪا کي پنهنجي وقتي مفاد خاطر متحد ڪرڻ لاءِ حيلا وسيلا هلايا، ليڪن ان جو نتيجو جيڪو نڪتو، سو ظاهر آهي. ترڪن، خلافت ۽ اسلام جي نالي ۾ عربن کي برغلائڻ، ڪُڙ ۽ فريب ڏيڻ ۾ ڪابہ ڪسر ڪانہ ڇڏي. تنهن هوندي بہ هيءَ حقيقت آهي تہ خلافت، عربن ۽ ترڪن کي متحد ڪرڻ تہ نہ ٿيو، پر الٽو عربن ۾ عداوتن ۽ دشمنين جو زهريلو بج ڇٽي ڇڏيو. اهو ان ڪري، جو طاقت، ڏاڍ، ڏهڪاءَ ۽ تشدد جي آڌار تي هٿرادو اتحاد پيدا ٿي نہ ٿو سگهي، ڇوتہ ان ۾ ننڍي ۽ وڏي، طاقتور ۽ ڪمزور، حاڪم ۽ محڪوم، زبردست ۽ زبردست وارو فلسفو ڪارفرما هوندو آهي، ۽ انسانيت جو حقيقي، شاندار ۽ پرمسرت اتحاد، صرف هڪ جهڙائيءَ، برابريءَ ۽ پنهنجائپ واري اصول جي ذريعي حاصل ٿي سگهي ٿو ۽ اها تعليم 'وحدت الوجود' واري نظريي ۾ ئي موجود آهي.

اهو ئي سبب آهي، جو جي. ايم. سيد اولهہ پاڪستان جي وحدت ۽ 'پاڪستاني هڪ قوم' واري رينگٽ جي مخالفت ڪندو آيو آهي، ڇو تہ اهو سڀ ڪجهہ طاقت ۽ زور جي آڌار تي ڪيو ٿو وڃي، جنهن ۾ انسانن جي رضاڪارانہ خوشيءَ ۽ خواهش کي ڪوبہ دخل نہ آهي.

برتري ۽ بزرگيءَ جو تصور:

اهڙي قسم تي مبني هر نظريو ۽ نظام، وحدتِ انسانيءَ لاءِ هاڃيڪار ۽ نقصانڪار ثابت پئي ٿيو آهي. اهڙي تصور جي ڪري دنيا ۾ بيشمار خونريزيون ۽ تباهيون آيون آهن ۽ اهڙي قسم جو تصور انسانيت جي وجود لاءِ لعنت ثابت ٿيو آهي. اهڙي قسم تي مبني معاشي نظام خطرناڪ ثابت

ٿيندو آهي، جيئن افلاطون جي اشتراكيت. اهڙي نموني جو قومي تصور به تباهه ڪن اثرات پيدا ڪندو آهي، جيئن هٽلر جو نازي ازم ۽ مسولنيءَ جو فاشي ازم. مذهبي عقيدو به هاڃيڪار ٿيندو آهي، جيئن هندو ازم ۾ برهمڻن جي اڇوتن ۽ ٻين تي جفاڪاري؛ مسلمانن طرفان عيسائين، مجوسين ۽ ٻين جي تباهڪاري؛ عيسائين جي دنيا جي ٻين مذهبن جي پوئلڳن سان روش: اهو سڀ دوئيءَ، ٻيائيءَ ۽ غيريت واري نظرئي جو نتيجو ۽ ڦل آهي. مذهبي مهندارن جي انهيءَ عقيدي ۾ چيو ويو ته اسان جو مذهب، نظريو، فلسفو ۽ عقيدو سڀني کان بهتر، پلو، چگو ۽ سچائيءَ جو اڪيلو ٺيڪيدار آهي، نتيجو اهو نڪتو آهي ته هر ڪنهن مذهب واري اها ڪوشش پئي ڪئي آهي ته وڌ کان وڌ ماڻهو اسان جي مذهب جا پوئلڳ ٿين، پر اها ڪوشش ڪنهن کان ڪئي ته وڌ ۾ وڌ انسان ذات کي فائدو، آرام، خوشحالي ۽ آسودگي حاصل ٿئي. هر ڪنهن اهو ئي پئي چيو ته انسان مذهب لاءِ پيدا ٿيو آهي، ان ڪري جيڪو ماڻهو اسان جي مذهب کي قبول نه ٿو ڪري ته ان جي ذهني آزاديءَ جي سزا اها آهي ته ڪيس جسماني طرح ختم ڪيو وڃي، غلام ڪيو وڃي ۽ ڪُچليو وڃي. پر اهو ڪنهن نه سوچيو ته مذهب، نظريا ۽ نظام، انسان لاءِ پيدا ڪيا ويا آهن، ان ڪري جيڪو مذهب، نظريو، نظام ۽ فلسفو انسانيت لاءِ تباهه ڪن ثابت ٿئي، انساني ذهن کي زنگ آلود ڪري، انساني قافلي جي رفتار ۾ رڪاوٽ پيدا ڪري ته اهڙي نظريي کي ختم ٿيڻ گهرجي ۽ مِٽجي وڃڻ کپي؛ چوته اهو ان لائق آهي ته ختم ٿئي، مٽجي وڃي، ان ڪري جو اهو پنهنجي مقصد ۾ ناڪام ويو آهي ۽ پنهنجي فرض ادائيءَ ۾ ڪٽو آهي.

(۳) طبقاتي تضاد:

طبقاتي تضاد، انساني اتحاد جي راهه ۾ رڪاوٽ ٿئي ٿو. جيستائين هن دنيا ۾ طبقاتي تضاد رهندو، ان وقت تائين انسانيت ته ڪهيو، صرف هڪ ملڪ ۾ به حقيقي شاندار اتحاد پيدا ٿي نه ٿو سگهي. طبقاتي تضاد جي مسئلي تي جي. ايم. سيد، سندڙ جي صورتحال کي سامهون رکي چيو آهي ته سندڙ ۾ شاهوڪار ۽ غريب طبقا برابر موجود آهن، پر صدين جي غير ملڪي ۽ غير قومي قبضي سندي ماڻهن ۾ صحيح قسم جي طبقاتي چٽاپيٽي

ٿيڻ نہ ڏني آهي ۽ معاشرو پوريءَ طرح قبائلي تضادن مان آزاد نہ ٿيو آهي. غير ملكي قبضو ۽ تسلط كنهن بہ هك طبقي كي پوريءَ ريت طبقاتي شعور جي بنياد تي گڏ ٿيڻ كان روكڻ لاءِ قبائلي تضادن كي تيز كندو آهي. غير ملكي آقا وڏيري كي وڏيري سان، هاريءَ كي هاريءَ سان، مزور كي مزور سان، آفيسر كي آفيسر سان ۽ واپاريءَ كي واپاريءَ سان ويڙهائيندا رهندا آهن تہ جيئن كوبہ طبقو پنهنجي مخصوص مفادن لاءِ گڏ ٿي سوچي نہ سگهي. ان كري صحيح قسم جي طبقاتي تضاد جي شعور پيدا كرڻ ۽ اڳتي هلي ان تضاد كي حل كرڻ لاءِ ضروري آهي، تہ غير ملكي ۽ غير قومي قبضي ۽ حاكميت كان آزادي ۽ چوٽكارو حاصل كجي. اهڙيءَ طرح انسان وحدت الوجود جي بنياد تي انسانيت جي شاندار اتحاد كي حاصل كري سگهنداسين. اهو اتحاد اهڙو هوندو، جنهن جي انسانيت كي شروع كان وٺي تمنا ۽ تڙپ رهي آهي.

هي وحدت الوجودي صوفي، جنهن كي دنيا وارا معلوم ۽ نامعلوم مختلف قسمن جي الزامن ۽ تهمتن جو لائق سمجهندا آيا آهن، سو حقيقت ۾ انسان ذات جي عظيم تر اتحاد جو علمبردار پئي رهيو آهي. ۽ اهو اتحاد هجي رضاكارانہ، جنهن ۾ انسانن جي رضامندي، خوشي ۽ خواهش شامل هجي.

(8)

1945ع ۾ جنگ عظيم جي خاتمي کان پوءِ احمد نگر جيل مان نکرڻ وقت هڪ ڪانگريسي ليڊر بيان ڏيندي چيو هو:

"هاڻي مظلوم قومن جا پيرَ سامراجي قوتن جي ڪنڌ تي آهن ۽ قوم پرستي هن وقت محڪوم قومن جو بائيبل بنجي چڪي آهي. موجوده دور ۾ نيشنلزم ئي اهڙو هٿيار آهي، جنهن جي ذريعي سامراجي طاقتن کي شڪست ڏئي سگهجي ٿي."

ڪانگريسي ليڊر جي بيان وقت حالت هيءَ هئي، جو جنگ ختم ٿي چڪي هئي؛ دنيا جي هڪ وڏي طاقت، جنهن جي هٿ ۾ دنيا جو وڏو حصو محڪوم ۽ غلام هو، سا فاتح بنجي وئي هئي، ۽ دنيا جا محڪوم ملڪ فاشسٽ طاقتن جي خاتمي جي بنياد تي، ان آقا طاقت کي ڪامياب ۽ ڪامران بنائي پنهنجو پاڻ کي مڪمل ان جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏي ڇڪا هئا. غلام ملڪن کي انهيءَ پوري مدد، حمايت، سهڪار، پٺيرائيءَ ۽ قرباني جي بدلي ۾ صرف آزاديءَ جو دلاسو مليل هو ۽ انهيءَ آزادي جي خالي دلاسي جي بنياد تي غلام قومن پنهنجا فرزند جنگ جي باهه ۾ اڇلايا. هٿا ۽ سامراجي آقا جي فوج جي ڪاڌ، خوراڪ ۽ انتظام لاءِ پنهنجي محنت ۽ جدوجهد جي پوري سرمائي جا دروازا کولي ڇڏيا هئا. هيءَ حيرت انگيز ڳالهه آهي ته جنگ جي خاتمي کان پوءِ فاتح ملڪن، يورپي ملڪن ۽ آفريڪي ايشيائي محڪوم قومن جي باري ۾ ٻٽي پاليسي اختيار ڪئي. ٿيو هيئن جو يورپ جا اهي ملڪ ۽ قومون، جن تي جرمنيءَ ۽ اٽليءَ جي فوجن قبضو ڪيو هو، تن کي جڏهن اتحادي فوجن مٿين طاقتن کان ڇڏيو، تڏهن اهي ملڪ، جن تي روسي فوجن فاتحانه قبضو ڪيو هو، تن کي آزاد ڪري، مٿان ڪميونسٽ پارٽين جي حڪومت ٽاڪي وئي ۽ جن تي برطانيا ۽ آمريڪا قبضو ڪيو. تن کي آزاد ڪري مٿن سرمايه دارانه جمهوري

حڪومتون مقرر ڪيون ويون. پر ٻنهي جاين تي اندروني معاملن ۾ مقامي قومن کي پوريءَ ريت خودمختيار ڇڏيو ويو: ايتري تائين جو فرانس، جيڪو ان وقت هڪ وڏي سامراجي طاقت هئي، جنهن جي هٿ ۾ ڪيتريون ئي آفريڪي قومون غلام هيون، انهيءَ ملڪ تي جرمنيءَ قبضو ڪري ورتو هو. اتحادي ملڪن نه صرف ان کي جرمنيءَ کان آزاد ڪرايو، پر ڪيس سندس مقبوضہ علاقا بہ ٻنهنجي هٿ ۾ رکڻ جي اجازت ڏني. ليڪن دنيا جا اهي ملڪ، جيڪي صدين کان مغربي ملڪن جي قبضي ۽ غلاميءَ جي لعنت ۾ پيڙا پئي رهيا، تن کي جيئن جو تيئن رهڻ ڏنو ويو. انهن ملڪن جي آزادي يا علامي، خودمختياري يا مجبوري، خوشحالي يا تباهي، زندگي يا موت جو پورو پورو حق قابض ۽ حاڪم ڌرين کي ڏئي، آزاديءَ ۽ جمهوريت جي سڀني اعلانن تي پوچي ڦيرائي ڇڏي.

حيرت سامراجي ملڪن ۽ انهن جي حامين تي ڪاڪ ٽي ٽئي، حيرت روس ۽ ان جي مقامي حامين تي ٽئي ٽي. هندستاني ترقي پسندن پي جنگ عظيم وقت جنگ جي حمايت انهيءَ ڪري ڪئي، جو اها جنگ آزاديءَ ۽ جمهوريت، سماجواديت ۽ لوڪ شاهيءَ جي تحفظ لاءِ وڙهي پئي وئي. پر جڏهن جنگ ختم ٿي، تڏهن آزادي کنهن کي ملي: يورپي مقبوضہ علائقن جي عوام کي. سماجواديت جي روشني ڪٿي آئي: صرف اوپر يورپ جي انهن ملڪن ۾، جن تي سرخ سپاهين قبضو ڪري، اُتي ڪميونسٽ پارٽين جي جهوليءَ ۾ تخت ۽ تاج اُڇلائي ڇڏيو. اهڙي طريقي ڪار اختيار ڪرڻ سان سوشلزم جي درآمد ۽ مسلط ڪرڻ واري اصول تي عمل ٿيو. اهڙي عمل ٿيڻ ڪري انهن ملڪن ۾ سماجواديت جي ذريعي نڪرندڙ فطري شاندار نتيجن ۽ ترقين کي ڏڪ هڻڻ سان گڏ رجعت پسند طاقتن ۽ طبقن کي نظرياتي تعليم ۽ تربيت ذريعي ابدي شڪست ڏيڻ جهڙيون حالتون پيدا ٿي ڪين سگهيون. اهو ئي سبب هو، جو مقامي رجعت پسند طاقتن جي شرارتن ۽ سازشن کي ڪچلڻ لاءِ پولينڊ ۽ چيڪو سلواڪيا ۾ روسي فوجن کي مداخلت ڪرڻي پئي. گويا ڪ يوگوسلاويا کان سواءِ اوپر يورپ جا ڪميونسٽ ملڪ هن وقت سماجواديت جي سائنسي ۽ سچي نظام هيٺ هوندي بہ اهڙيءَ حالت ۾ آهن، جو اتي مقامي سازشن ۽ بغاوتن کي ختم ڪرڻ لاءِ روس جي سڌي مداخلت ضروري ٿيو پوي: يعني اوپر يورپ

ھر سماجواديت وقت کان اڳ ھر ٽاڦ جو نتيجو اهو نڪتو آهي، جو اتي سماجواديت جو وجود جھڙيءَ ريت سرخ فوج جي مرهون منت هو، اھڙيءَ ريت اتي سماجوادي حڪومتن جو بقا ۽ بچاءَ به روسي فوجن جي مداخلت جو مرهون منت ٿي پيو آهي.

مقامي غلام قومن کي پنهنجي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ لاءِ نئين سر ڪوشش ۽ جدوجهد ڪرڻي پئي. حقيقت هيءَ آهي تہ جنگِ عظيم کان پوءِ محڪوم قومن جيُ فردن کي پاڻ وڌيڪ قربانيون ۽ سرفروشيون ڪرڻيون پيون ۽ اهي سڀ ڪوششون ۽ قربانيون، قوم پرستيءَ جي نظريي جي بنياد تي ٿيون.

جنگِ عظيم جي خاتمي کان پوءِ بقول ڪانگريسي ليڊر جي تہ صرف نيشنلزم ئي اهڙو هٿيار ثابت ٿيو، جنهن جي ذريعي سامراجي قوتن کي گوڏن ڪوڙڻ تي مجبور ڪيو ويو. جنگ کان پوءِ غلاميءَ جا زنجير ٽٽڻ شروع ٿيا ۽ اهو سلسلو اڄ ڏينهن تائين زور شور سان جاري آهي.

هڪ وقت هو جڏهن دنيا جي سڀ کان وڏي سامراجي قوم انگريزن جي حڪومت تان سج لهندو ئي ڪونہ هو، ۽ انهيءَ سامراجي قوم جا سپاهي فتح ۽ ڪامرانيءَ جي نشي ۾ چُور ٿي چوندا هئا تہ جيڪڏهن اسان جي سلطنت جي تياهيءَ لاءِ آسمان ڪِريو تہ اسان پنهنجي سنگينن جي سهاري تي ان کي به روڪي وٺنداسين. اهڙيون دعوائون ڪندي انگريزن دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ کي ٽاڙيو: ايشيا جي لهلهائيندڙ کيتن کي تباهہ ڪيو؛ آفريڪا جي سرسبز ۽ محبوب جي وارن جھڙن جھنگلن کي بمن ۽ بارود جو ٻُڌائو بنايو؛ انسانن کي ڪُٻو ۽ دولت ميڙي انگلستان جي منڊين ۾ پهچائيندا رهيا. انهن فتوحات جي سلسلي ۾ جيڪو ظلم ۽ تشدد، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ انسانيت سَٻو، سو انساني تاريخ جي مجموعي ظلم ۽ بربريت کان وڌيڪ خوفناڪ آهي. حالت اها هئي، جو انگريزن جو نالو محڪوم ماڻهوءَ لاءِ غلاميءَ ۽ خونريزيءَ جي علامت بنجي ويو. ليڪن جڏهن هٽي، مجبور، مظلوم ۽ ستايل انسان جي دل ۾ آزاديءَ جي اُمنگ، جوانيءَ جي نشي وانگر پيدا ٿي؛ جڏهن صدين جي غلام انسان جي دماغ ۾ آزاديءَ جي باهہ ٻڙڪڻ لڳي؛ جڏهن بيوس ۽ لاچار اڪين ۾ ڌارين حاڪمن ۽ ڦورو ٽولن جي خلاف نفرت ۽ حقارت جا شعلا ٻڙڪڻ لڳا، ۽ جڏهن جڳن کان جھُڪيل ڪنڌ بُلند ٿيڻ سڪيو، تڏهن زمين جي وارثن جي گولين جيُ

وسڪاري ڪان انگريزن کي ڪٽي پناهه ڪانه ملي ۽ اهي سپاهي، جيڪي نسلي ۽ سائنسي برتريءَ ۽ غرور جي نشي ۾ چوندا هئا تہ اسان پنهنجي طاقتور سنگينن جي آڏار تي ڪرندڙ آسمان کي روڪي وٺنداسين، سي پنهنجن غلامن جي ڏاڍي ۽ ڪهاڙيءَ جي وار کي سنگينن جي سهاري روڪڻ ۾ ناڪام ويا، ۽ اڄ حالت اها آهي، جو جنهن حڪومت تي سج لهندو ئي ڪونہ هو، اُتي سج ڏسجي ڪونہ ٿو. اهڙيءَ حڪومت کي هن حال تي پهچائڻ وارو نظريو صرف نيشنلزم آهي ۽ هن حقيقت کان ڪنهن انڪار ڪونہ ڪندو تہ قوم پرستي، هن صديءَ جي سڀ کان وڏي حقيقت آهي. قوم پرست انسانن جي سچائي، بهادري ۽ قرباني، هن دور جي سڀ کان وڏي صداقت آهي. قومي آزاديءَ جي تحريڪ جي ابتدائي دور ۾ آئيني ۽ قانوني ذريعا استعمال ۽ اختيار ڪيا ويندا هئا. جهڙيءَ ريت مصر ۾ سعد زاغلول پاشا جي تحريڪ ۽ هندستان ۾ 'انڊين نيشنل ڪانگريس' جي هلچل. پر جڏهن حاڪم طاقتن، پرامن، آئيني ۽ قانوني ذريعا استعمال ڪندڙ عوام تي وحشيانہ ظلم ۽ تشدد شروع ڪري ڏنو، ان وقت آئيني ۽ قانوني ذريعا اختيار ڪندڙ عوام اهو پورو تشدد، پوريءَ طاقت سان سامراجي طاقتن ڏانهن موٽائڻ لاءِ مجبور ٿيو- ۽ اهڙيءَ طرح قومي آزاديءَ جي تحريڪ 'مسلح جنگ' جي شڪل اختيار ڪئي. دنيا ۾ آزاديءَ جي تحريڪ ڪهڙو رستو ۽ ڪس وٺي ٿي: پُرامن يا هٿياربند، ان جو دارومدار قابض طاقتن جي رويي تي آهي، جيڪڏهن حاڪم ڌر انساني احتجاجن ۽ مطالبن کي دليل سان ٻُڌڻ ۽ مڃڻ لاءِ تيار ٿئي تہ ان صورت ۾ محڪوم قوم کي بندوق کڻڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانہ ٿي پوي، ليڪن مصيبت اها آهي، جو ڪوبہ طاقت دليل جي زبان اڃان جهُڪڻ بجاءِ طاقت جي هڪل اڃان جهُڪڻ وڌيڪ پسند ڪندي آهي. هر ناجائز قبضو، طاقت ۽ تشدد سان شروع ٿي، طاقت ۽ تشدد سان ئي ختم ٿيندو آهي. ڪابہ هستي پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ سوني ڪڪڙ آساني سان چڏڻ جي بجاءِ طاقت جي ذريعي ان جي حفاظت ڪندي آهي ۽ سوني ڪڪڙ جو مالڪ بہ پنهنجي ملڪيت واپس وٺڻ لاءِ پوري طاقت ۽ قوت استعمال ڪندو آهي. قبضي ۾ رکڻ ۽ چڏائڻ جي ڪشمڪش واري تشدد، ڪڏهن ايڏي تہ شدت ۽ سختي اختيار

ڪئي، جو ڪينيا ۾ "مائو مائو تحريڪ" وقت مقامي ماڻهن فاتح انگريزن کي ڪُهي، انهن جو گوشت هرڻن جي گوشت وانگر کائڻ شروع ڪيو.

هن عرصي ۾ هڪ طرف جيڪڏهن نازي ۽ فاشي قوتن جو خاتمو ٿيو، برطانوي ۽ فرانسيسي سامراجي ملڪن جي قلعن ۾ ڏار پوڻ لڳا؛ محڪوم ملڪن جي غلام عوام جي ڇڇپن مان غلاميءَ جا ڇٽ نڪرڻ شروع ٿيا تہ ٻئي طرف هڪ وڏيڪ چالاڪ، عيار ۽ ظالم قسم جي سامراج جو "آمريڪا ۾ ظهور ٿيو ۽ نون قسمن جون زنجيرون ملڪن جي نقشن کي ويڙهڻ لڳيون."

موجوده سنڌ جي ڪهاڻي، اُنهيءَ دور ۾ شروع ٿي آهي، ليڪن انهيءَ ڪهاڻي جي شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ ٿورو گهٽو برصغير جي حالتن ۽ ان ۾ سنڌ جي حيثيت ۽ حالت جي باري ۾ ڪجهہ عرض ڪرڻ مناسب سمجهان ٿو:

انگريزن 1757ع ۾ مرشد آباد جي شهزادي سراج الدوله کي شهيد ڪري بنگال تي قبضو ڪيو. اهو ئي سال آهي، جو سنڌ جي گاديءَ تي سنڌ جو نامياروحڪمران غلام شاهہ ڪلهوڙو حاڪم جي حيثيت ۾ ويٺو. هن پنهنجي دور حڪومت ۾ انگريزن کي ٺٽي ۽ شاهبندر ۾ واپاري ڪوٺيون قائم ڪرڻ جي اجازت ڏني. ميان غلام شاهہ جي انهيءَ قدم خلاف ٺٽي، نصرپور، مٽيارين ۽ هالن جي واپارين ۽ ڪُڏين وارن ڪورين سخت احتجاج ڪيو. پر ميان انهيءَ احتجاج جي ڪابہ پرواهہ ڪانہ ڪئي، نتيجي طور انگريز واپار سان گڏ سياسي اثر ويا وڌائيندا. اها اجازت ميان سرفراز پنهنجي دور ۾ رد ڪري چڏي. هوڏانهن بنگال کان پوءِ 1799ع ۾ انگريزن، مرهٽن ۽ نظام دکن جي مدد سان ميسور تي قبضو جمايو. سنڌ ۾ ميان غلام شاهہ جي وفات کان پوءِ ڪلهوڙن ۽ ميرن ۾ اڻ بٽ جي نتيجي ۾ ڪلهوڙن جي آخري حڪمران عبدالنبي ڪلهوڙي کي شڪست ڏئي ميرسنڌ جا حڪمران بنجي ويا. ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي سنڌ تي ڪُل پندرهن ورهيہ حڪومت ڪئي. هن سنڌ کي ڌارين جي حملن ۽ هلائن کان محفوظ رکڻ لاءِ هڪ طرف ڪچ تي حملا ڪري انهن راجائن جو زور ٽوڙيو، ٻئي طرف مغلن کي ڏن کان جواب ڏيندي لکيائين تہ، "اها ڪڙ ئي مري وئي، جيڪا سونا آنا لاهيندي هئي ۽ اولهہ وارن پٺاڻن کي بہ محسوس ڪرائي چڏيائين تہ سنڌ نڏڪي ڪانهي. نتيجي طور انگريز سندس ڏينهن ۾ سنڌ ڏانهن وڌڻ جي جرئت نہ ڪري سگهيا. ميان غلام

شاھ سنڌ تي 1757ع کان 1772ع تائين، ڪل پندرھن سال حڪومت ڪئي. 1772ع کان 1782ع تائين سنڌ سخت خاني جنگيءَ جي باھ ۾ سڙندي رھي ۽ 1782ع ۾ ميرن پوريءَ سنڌ تي قبضو جمائي ورتو.

ڪتابن جي اٿوند ڪري يقين سان ته نه، پر ھڪ خيال جي آڌار تي چئي سگھان ٿو ته ميرن جي صاحبيءَ جي شروع ٿيڻ تائين انگريزن واپاري ڪوٺيون وري قائم ڪرڻ لاءِ اصرار ختم ڪونہ ڪيو ھو ۽ ميرن ھندستاني رياستن اندر انگريزن جي واپاري ڪوٺين مان نڪرندڙ نتيجن کان بيپرواھ ٿي انگريزن کان وري ڪوٺيون قائم ڪرڻ جي اجازت ڏئي چڏي. جنھن ڳالھ کي ميان غلام شاھ سمجھي ورتو ھو، ان کان ميرن چشم پوشي ڪئي، ۽ انگريزن سان 1832ع ۽ 1838ع ۾ دوستيءَ وارا معاھدا ڪري کين سھوليتون ڏيندا ويا. بھرحال انگريزن ۽ ميرن جي وچ ۾ معاھدا ٿيندا ۽ ٽُٽندا رھيا، جنھن جي نتيجي ۾ 1843ع ۾ انگريزن ميائيءَ جي ميدان ۾ ميرن کي شڪست ڏئي، حيدرآباد تي "يونين جيڪ" جو جھنڊو جھولائي، سنڌ تي برطانوي حڪومت جي قبضي جو اعلان ڪيو. ٻنھي ڌرين جي وچ ۾ آخري جنگ دٻي ۾ لڳي، جنھن ۾ ميرن شڪست کاڌي ۽ انھيءَ جنگ جي فيصلي کان پوءِ انگريزن کيْ سنڌ ۾ ڪنھن بہ وڏي بغاوت ۽ مزاحمت کي مُنھن ڏيڻو نہ پيو، سواءِ پارڪر جي ڪولھين ۽ راڻن جي مسلح بغاوت جي: جيڪا سن 1859ع ۾ پنج مھينا ھلي- اپريل کان آگسٽ 1879ع تائين.

ميرن سنڌ تي ڪُل 61 ورھيہ 1782ع کان 1843ع تائين حڪومت ڪئي.

انگريزن جي حڪومت شروع ٿيڻ کان پوءِ واريءَ سنڌ تي مٿاڇري تبصري (ڪتابن جي غير موجودگيءَ ۽ جيل جي زندگيءَ ۾ معلومات جي ڪميءَ جي بنياد تي صرف مٿاڇرو تبصرو ئي ٿي سگھي ٿو) ڪرڻ کان اڳ ۾ آءٌ پڙھندڙن کي اڳتي وڌڻ کان ڪجھ وقت لاءِ روڪي، ھڪ اھم سوال تي سوچ ويچار ڪري ڪنھن نتيجي تي پھچڻ جي تڪليف ڏيڻ چاھيان ٿو. انھيءَ سوال ۽ ان جي جواب جي کوجنا ۾ اسان کي ڳالھيون معلوم ڪري سگھون ٿا.

ان سوال کي ٺيڪ ٺيڪ ٻيھڪ ڏيارڻ لاءِ سنڌ جي تاريخ ۾ سنڌي عوام جي ڪردار جي پرک، پروڙ ۽ ڄاڻ ضروري آھي. ان سلسلي ۾ اسان عوامي ڪردار کي صرف سنڌ تي ڌارين جي حملن ۽ انھن جي متعلق سنڌي عوام جي ردعمل تائين محدود رکنداسين، ڇوتہ سوال جو واسطو تصوير جي انھيءَ رُخ سان آھي.

سنڌ جي تاريخ ۾ اسان کي ڏسڻو هيءُ پوندو تہ جڏهن بہ سنڌ تي ڌارين حملا ڪيا آهن؛ جڏهن بہ سنڌ تي فاتحن جا ڪٽڪ ڪڙڪيا آهن؛ جڏهن بہ ملڪ گيريءَ جي هوس ۾ انڌو ٿي ڪنهن حڪمران، بادشاهہ، فاتح ۽ سپهہ سالار سنڌ جي سرزمين کي لتاڙڻ چاهيو آهي؛ جڏهن بہ مذهب، نظريي، نظام، عقيدي ۽ تصور جي پنجوڙ ۾ ڪن ڏوڪيبازن ۽ مڪارن سنڌ کي سوگهو ڪرڻ چاهيو آهي، ۽ جڏهن بہ رت پياڪ رهزنن جا گهوڙا سنڌ جي ٻنين ۽ شهرن ۾ ڪڙٻت ڪڙٻت ڊوڙڻ لڳا آهن: چا اهڙي وقت ۽ محل ۾ ڪنهن بادشاهہ، حاڪم، امير، جام ۽ سردار جي شڪست کان پوءِ سنڌي قوم خاموش ٿي ماڻ ڪري، رضا خوشيءَ سان غلاميءَ جا ڳٽ پائي ويهي رهي آهي؟ قومي حاڪمن وانگر، ڌارين، فاتحن جي اطاعت گذار ۽ فرمانبردار بنجي وئي آهي ۽ پنهنجي ارادي ۽ عمل جي آزاديءَ تان دستبردار ٿي وئي آهي، يا هن اهڙي راهہ ۽ رستو اختيار ڪرڻ پسند ڪيو آهي، جيڪو آزاد ۽ باوقار قومن جو شان ۽ مان رهيو آهي؟ يعني مرڪزي شخصيت ۽ قيادت بنا بہ هن پنهنجي عظيم ڌرتيءَ ۽ ان جي پيدائش کي پنهنجي قبضي ۾ رکڻ لاءِ پوئينءَ ويرِ تائين وڙهڻ، رت وهندي بہ رڙهڻ ۽ وطن سان محبت جي وچن کي توڙ تائين نباڻڻ تي عمل ڪيو آهي؟

سنڌ جي بگڙيل، مسخ ٿيل، ڦٽيل ۽ ٽٽ هاڻي تاريخ، جيڪا فاتحن جي درباري مؤرخن جي قصيده نويس قلم مان نڪري اسان تائين پهتي آهي، ننهن مان پتو پوي ٿو تہ سنڌي قوم گڏجي، ڌار ڌار ٿي، ٽولن، جٿن، گروهن، جماعتن ۽ قبيلن جي صورت ۾ وڙهندي رهي آهي. هن علاميءَ جي زندگيءَ تي ڪڏهن بہ رضامندو نہ ڏيکاريو آهي. هن جي مرد خواہ عورت، ٻڍي خواہ ٻار، جوان خواہ جوانڙيءَ جي دل ۾ وطن جي ويرين لاءِ نفرت ۽ حقارت، عيض ۽ غضب، ڪاوڙ ۽ غصي جون ٻَنيون برندیون رهيون آهن ۽ سنڌ جي سرزمين جو هر کيت، هر ميدان، هر ڪنڊي ۽ ڪانهن، هر ڍنڍ ۽ ڍورو، هر جهنگ ۽ وستي، هر بَر ۽ پونو، باهرين حاڪمن خلاف هڪ مضبوط قلعو ثابت ٿيندو رهيو آهي ۽ سنڌي ماڻهوءَ جا وار سدائين رتَ پڪليا رهيا آهن.

سنڌ جي تاريخ اسان کي ڏيکاري ٿي تہ ايراني حاڪمرانن جي ڪٽڪن جي هٿان سنڌي حاڪم راجا راءِ سهيرس وڙهندي شهيد ٿئي ٿو،

پوءِ بہ سنڌي فوج فاتحن کي ناڪام ۽ نامراد واپس موٽڻ تي مجبور ڪيو. مهاراجا سهيرس ۽ ايرانين جي جنگ جي ذڪر ۾ سنڌ جي تاريخ لکندڙ درباري مؤرخن جي واهيات، ذليل، غليظ ۽ عوام دشمن ذهنيت جي پروڙ پوي ٿي.

مير معصوم پنهنجي تاريخ "تاريخ معصومي" ۾ سنڌ جي تاريخ جي انهيءَ لازوال معرڪي جو ذڪر ڪندي، مهاراجا سهيرس جي شهادت تي لکيو آهي تہ "ڪافر جهنم رسيده شد." قابل غور ڳالهہ هيءَ آهي تہ جيڪڏهن مهاراجا سهيرس مسلمان ڪونہ هو تہ ايراني حملي آور وري ڪهڙو مسلمان هو، جو ان جي هٿان مهاراجا جي شهادت کي مير معصوم جهنم رسيدگيءَ جي سند ٿو ڏئي!

اصلي حقيقت هيءَ آهي تہ اڪبر جا ايراني بادشاهہ سان تمام چڱا سفارتي تعلقات هٿا ۽ ان کان سواءِ ايران سان اڪبر کي هميشہ هڪ قسم جي محبتءِ اُنس پئي رهيو آهي. انهيءَ بنياد تي مير معصوم ايراني فاتحن هٿان سنڌ جي هڪ باغيرت حاڪم جي شهادت کي جهنم رسيدگي سڏيو آهي.

ساڳيو نمونو مؤرخ يوسف ميرڪ بہ اختيار ڪري ٿو، جتي بہ مغل سامراجين جي سپاهيءَ جو محب وطن سنڌين هٿان ڪٽي جي موت مارجڻ جو ذڪر اچي ٿو، اتي ميرڪ صاحب اهڙي موت کي شهادت سڏي ٿو ۽ جنهن بہ حملي، جهڙپ، راتاهي ۽ چاپي ۾ وطن دوست سنڌي قربان ٿئي ٿو، ان کي هو صاحب جهنم رسيدگيءَ جي نالي ۽ لقب سان ڪوٺي ٿو: جڏهن تہ مغل توڙي سنڌي پئي مسلمان هٿا.

مغل حملي آور ۽ ڦورو هٿا ۽ سنڌي مظلوم، مجبور ۽ پنهنجي گهر تڙ جي حفاظت لاءِ وڙهندڙ. اهڙيءَ حالت ۾ ٿورو بہ انساني درد رکندڙ مصنف کي مغلن جي بجاءِ سنڌين سان همدردي هٿ کپندي هئي ۽ هٿ گهرجي بہ سهي. ميرڪ صاحب جنهن کي اسان جو قابل احترام قومي مؤرخ پير حسام الدين راشدي "حُبِ وطن سان تڙپي اُٺندڙ تاريخدان" سڏي ٿو، سو اتي نہ صرف "قومي درد" کان خالي نظر ٿو اچي، پر معمولي انساني اخلاق کان بہ وانجهيل لڳي ٿو.

عربن جي فتح کان پوءِ ميرن جي صاحبيءَ تائين سنڌ اندر ڏارين خلاف بغاوت ۽ جدوجهد مسلسل جاري رهندي آئي، جيتوڻيڪ ان جي نوعيت ڏار ڏار وقتن ۾ جدا جدا پئي رهي آهي.

ارغونن جي حملي کان وٹي مغلن جي خاتمي تائين پورو عرصو سنڌي عوام حالت جنگ ۾ رهيو آهي. انهيءَ دور ۾ سنڌي عوام کنهن مرکزي طاقت ۽ قيادت کان سوا ايشيا جي هڪ وڏي جارح ۽ سامراجي قوت سان جنهن بهادريءَ ۽ دليريءَ سان مقابلو ڪيو آهي ۽ پنهنجي وطن جي آزاديءَ لاءِ جنگ جا جيڪي هنر، فن، حربتون ۽ اتڪلون ايجاد ڪيون آهن، سي سنڌ جي تاريخ جو شاندار باب آهن. انهيءَ دور ۾ خبر پوي ٿي تہ سنڌ جو هر بالغ مرد سپاهي هو ۽ هن باقاعدي پگهاردار فوجن جي مقابلي ۾ رضاڪارانہ بنياد تي جنگ پئي ڪئي آهي.

'خان خانان'، جنهن جي نالي ٻڌڻ سان بنگال، بهار، دکن ۽ دليءَ جي راجپوت سورهين جا پِتا پاڻي ٿي ويندا هئا، انهيءَ سرڪش ۽ بهادر سپهہ سالار کي سنڌ تي مڪمل قبضي ڪرڻ لاءِ سن 998هـ کان 1000هـ تائين پورا ٻہ سال مٿا ماري ڪرٹي پئي. ان کان پوءِ ٻہ مغلن جي دور حڪومت ۾ هڪ ڏينهن لاءِ ٻہ ڪنهن صوبيدار ۽ جاگيردار کي استحڪام نصيب ڪونہ ٿيو.

سومرن جي حڪومت وقت علاؤالدين خلجيءَ جي حملي کي حاڪمن کان اڳ ۾ سنڌي عوام مُنهن ڏنو ۽ هندستاني لشڪر کي سنڌ جي سرحد ۾ داخل ٿيڻ شرط سنڌي عوام جي بي پناهہ طاقت، قوت ۽ جنگي جوش سان ٽڪرجڻو پيو.

ڪلهوڙن جي دور ۾ ٻہ سنڌي عوام جو جنگي جوش ۽ وطن بچائڻ وارو جذبو ختم ڪونہ ٿيو هو. ان جي جهلڪ اسان کي ميران پور جي معرڪي ۾ نظر اچي ٿي.

انهيءَ پوري بحث جو مطلب هيءُ آهي تہ سنڌي عوام، حاڪمن جي وقتي شڪست کائڻ کان پوءِ ٻہ پنهنجي سر، فاتحن سان وڙهندو رهيو آهي ۽ هنن ڪڏهن ٻہ آڻ ڪانہ مڃي آهي. ليڪن سنڌي عوام جي انهيءَ تاريخي ڪردار ۽ روايت ۾ ميرن جي شڪست کان پوءِ اسان وڏو ڦيرو ۽ تبديلي محسوس ڪريون ٿا. هو ميرن جي شڪست کان پوءِ انگريزن جي حڪومت کي قبول ڪري ويهي رهن ٿا ۽ بغاوت، سرڪشي ۽ بيزاري ڪانہ ٿا ڏيکارين ۽ اها تبديلي اڄا سوڏو گهٽي پاڳي هلندي اچي.

آخر اها تبديلي ڇو پيدا ٿي؟ اهي ڪهڙا سبب هئا، جن سنڌي عوام کي تلوار کڻڻ کان روکي ڇڏيو؟ اهي ڪهڙا سبب هئا، جن ميرن کي

سنڌين جي همدردين ۽ حمايتن کان محروم ڪري ڇڏيو؟ اهي ڪهڙيون شيون هيون، جن جي ڪري سنڌي قوم پنهنجي سون ورني ڌرتيءَ تي انگريزن جي قبضي کي خوشيءَ سان قبول ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وئي. اهي واپاري ۽ ڪُڌين وارا ڪوري ڪيڏانهن ويا، جن ڏٺي ۾ انگريزن جي واپاري ڪوٺين تي احتجاج ڪيو هو، اهي ڇو سنڌ جي سمورن وسيلن تي سامراجي قبضي کي ڏسي خاموش رهيا؟ آخر سنڌ جو اهو سرڪش ۽ باغي سردار ڪيڏانهن گم ٿي ويو، جنهن جي گهوڙي جي هٽڪار سان سيوهڻ کان وٺي جيسلمير تائين غاصبن جي حويلين ۾ ٽرٽلو پٽجي ويندو هو. سنڌ ۾ آزاديءَ ۽ بقا جي اها جنگ جيڪا مهاراجا ڏاهر جي شهادت سن شروع ٿي هئي، سا شهيد هوش محمد جي شهادت سان هڪدم ڇو بند ٿي وئي؟

اهو تمام اهم سوال آهي! اها تمام وڏي ۽ ڳجهي ڳجهارت آهي، جنهن جي جواب ۽ ارٿ کان پوءِ اسان اڳتي قدم کڻي سگهون ٿا ۽ انهيءَ ماحول جو پورو نقشو تيار ڪري سگهون ٿا، جنهن ۾ سنڌ جي ايندڙ فرزندن کي ڪم ڪرڻو پيو.

هتي آءٌ هيءَ وضاحت ڪري ڇڏيان تہ پارڪر جي بغاوت ۽ اتر ۾ ڪن بلوچ قبيلن جي زور آزمائي، سا بہ وڌيڪ، اهڙي ڳالهہ ناهي، جيڪا مٿين سوال کي ڪمزور بنائي سگهي.

جيئن تہ آءٌ نہ تاريخ جي فلسفي جو ماهر آهيان، نہ انساني ۽ قومي نفسيات جي علم جو ڄاڻو ۽ نہ ئي وري قومن ۽ انسانن جي ذهنيت، مزاج ۽ فطري اوسر جي مرحلن جو پوريءَ ريت واقف آهيان. سنڌ ۾ عالمن، ڏاهن ۽ ماهرن جي ڪا ڪمي ڪانہ رهي آهي، ان ڪري بهتر هو تہ ڪو ڄاڻو ان ئي قلم کڻي ها ۽ اسان جهڙن سيکڙاڻن لاءِ مطالعي جي ڪا راهہ کولي ها. پر جيئن تہ هن وقت منهنجي اڳيان نہ اهڙي قسم جو مواد آهي، نہ وري مون کي خبر آهي تہ ان سلسلي ۾ ڪٿي مواد ملي سگهي ٿو، انهيءَ ڪري پنهنجي سمجهہ ۽ سوچ آهر انهيءَ سوال جو جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو ۽ ان جي مڪمل سچائيءَ ۽ صحت تي اصرار نہ ٿو ڪريان.

منهنجي خيال ۾ سنڌي عوام طرفان انگريزن جي مخالفت ۽ ميرن جي حمايت نہ ڪرڻ جا سبب هيٺ ڏجن ٿا:

هتي سنڌي عوام طرفان ميرن جي حمايت نہ ڪرڻ مان، منهنجي مراد آهي سنڌي عوام جي اڪثريت. سنڌي عوام جي حمايت نہ هجڻ جو ئي

نتيجو آھي، جو انگريزن جي مختصر فوج کي سنڌ جي تخت ۽ تاج تي قبضي ڪرڻ ۾ صرف پنج ڏينھن لڳا، جڏھن تہ عربن، خلجين ۽ ارغونن کي سنڌين سان سالن تائين خونخوار جنگ وڙھڻي پئي.

سبب (۱): ميرن جي طرزِ عمل سنڌي عوام ۽ سمات قبيلن سان اھڙو ئي ھو، جھڙو برھمڻن جو شودرن سان. ھنن پنھنجي حڪومت جو سارو دارومدار بلوچ قبيلن جي وفاداريءَ ۽ تعاون تي ٻڌل رکيو. ھنن جا قاعدار، درباري، وزير ۽ سپاھي سڀ بلوچ ھئا. ھنن مقامي سنڌي سمات قبيلن کان زمينون، جائدادون، جاگيرداريون ۽ عھدا ڦري بلوچن جي حوالي کيا. بلوچ سردار، سپاھي ۽ جاگيردار ڏاڍا ھٿيار پنھوار سجائي ڏاڏيءَ حشمت، دبدبي ۽ تڪبر سان سنڌي ماڻھن جي ڳوٺن ۽ ٻنين ۾ فاتحن ۽ حاڪمن جي حيثيت ۾ ھلندا رھندا ھئا. ھنن بھادري، دليري، جانبازي ۽ سورھيائي صرف بلوچن جو پيدائشي ورثو سمجھڻ شروع ڪيو. ھنن جي نظر ۾ ٻيا سڀ واڌيا ھئا. اھڙيءَ طرح نسلي برتريءَ ۽ بھادريءَ جي تصور جو غلبو ٽيڻ لڳو ۽ سنڌي ماڻھن جون ھمدرديون مڪمل طور ميرن سان ختم ٿي ويون ۽ ميرن جي فائدن لاءِ وڙھڻ واري طاقت صرف بلوچ قبيلن تي مشتمل رھجي وئي.

سبب (۲): آءٌ اڳ ۾ ئي چئي آيو آھيان تہ ميان غلام شاھ ڪلھوڙي انگريزن کي واپاري ڪوٺين جي جيڪا اجازت ڏني ھئي، ان جي خلاف سنڌي عوام زبردست احتجاج ڪيو ھو. عوام جي انھيءَ احتجاج ۽ انگريزن جي واپار جي آڙ ۾ سازشن کي سمجھندي، ميان سرفراز خان ڪلھوڙي انگريزن کي ڏنل اجازت منسوخ ڪري ڇڏي ھئي. مير صاحبن عوامي احتجاجن کي نظر انداز ڪندي انگريزن کي واپاري ڪوٺين قائم ڪرڻ جي وري اجازت ڏني. انھيءَ اجازت ڏيڻ جو وڏو سبب ھي ھو تہ ميرن سان آيل بلوچ قبيلا نوڪرين ۽ جاگيرن تي قابض ھئا. باقي واپار، ھنر ۽ ڪپڙي جي صنعتي ڪُڏين سان واسطو صرف سمات قبيلن جو ھو، ۽ انھيءَ صنعت جي بند ٽيڻ سان نقصان بہ سمات قبيلن کي پھچي سگھيو ٿي، جنھن سان مير صاحبن جي صحت تي ڪوبہ اثر نہ ٿي پيو. سمات قبيلن، ميرن جي انھيءَ بہ اکيائيءَ کي شدت سان محسوس ڪيو ۽ ھنن جي دلين ۾ ميرن جي باري ۾ ڪڙ پئجي ويو.

سبب (۳): ڪلھوڙن کان ميرن، حڪومت زور زبردستيءَ سان ورتي

هئي. انهيءَ خانہ جنگي ۾ بلوچ قبيلا ميرن سان ۽ سمات قبيلا عام طرح ڪلهوڙن جي طرف هئا.

ڪلهوڙن جي حڪومت جو، خاص طور ميان غلام شاهہ جي دور ڪان سنڌي عوام سان سُٹو ۽ سهٹو ورتاءُ پئي رهيو. انهيءَ ڪان سواءِ ڪلهوڙن جو سنڌي عوام تي مذهبي اثر رسوخ بہ گهٽي حد تائين موجود هو. سنڌي قوم ڪافي وقت ڪان انتشار، خونريزيءَ ۽ جنگي حالتن ڪان نڪري؛ امن، خوشحاليءَ ۽ سڪون جي متلاشي هئي. اهي صرف ڪلهوڙا ئي هئا، جن جي دور ۾ اهي شيون سنڌي عوام ڪي ملي سگهيون، جن لاءِ هو سالن جا سال وڙهندا پئي آيا. سمن ڪان پوءِ ڪلهوڙن جي دؤر ۾ سنڌ ڪي وحدت ۽ باهرين حملن ڪان ڪي قدر نجات ملي هئي، اهڙيءَ حڪومت جو ميرن جي هٿان ختم ٿيڻ، سنڌي عوام وٽ ميرن جو جرم هو.

سبب (۴): هڪڙو سبب هي بہ ٿي سگهي ٿو تہ انگريزن جي اچڻ ڪان اڳ ۾ جيڪي بہ فاتح هتي ايندا رهيا هئا، انهن ايندڙ فاتحن ۽ مقامي مفتوح حاڪمن جي نظامِ حڪومت ۾ ڪو خاص فرق ڪونہ هوندو هو، ان ڪري مقامي ماڻهن کي نئين ايندڙ فاتح کان ڪابہ ڇگائي نصيب ڪانہ ٿيندي هئي، اُلٽو مٿن وڌيڪ ظلم، تشدد ۽ ڪيس ٿيندا هئا: جنهنڪري مقامي عوام آيل فاتحن خلاف اُٿي ڪڙو ٿيندو هو ۽ مارڻ ۽ مرڻ جي اصول تي ڪاربند ٿي ويندو هو. اهڙي طريقي سان فاتحن جو ظلم ۽ عوامي مزاحمت ۽ مقابلو پنهنجي انتها ۽ عروج تي پهچي ويندا هئا. اهو سلسلو پيڙهين کان هلندو رهندو هو. سنڌ جو ويندڙ نسل پنهنجي ايندڙ نسل لاءِ ورثي ۾ جنگ، مقابلو، مزاحمت، ٽڪر ۽ تصادم ئي ڇڏيندو هو. اهو سلسلو ميرن جي شڪست ۽ انگريزن جي فتح تائين ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ جاري پئي رهيو آهي.

ميرن ۽ انگريزن جي جنگ وقت، انگريزَ، تاريخ جي هر فاتح ڪان سنڌي عوام لاءِ مختلف هئا. هنن جو انتظامي سرشتو، هنن جو زراعتي نمونو، هنن جو مواصلاتي طريقو، هنن جي قانون ۽ حڪومت جو رنگ ڍنگ سڀ جديد ۽ سائنسي حد تائين عوامي هو. حقيقت اها آهي تہ هن خطي جي ماڻهن، اهڙي قسم جا حاڪم ۽ فاتح اڳي ڪڏهن ڏٺا ئي ڪونہ هئا: هنن (انگريزن) حڪومت ڪرڻ ۽ پنهنجي شاهيت جون جڙون مضبوط ڪرڻ لاءِ ميرن واري مُدي خارج نسل پرستيءَ واري رواج کي ختم

ڪري ڇڏيو. انگريزن جي انهن ڳالهين سبب سنڌ جي عوام ڪي ميرن جي خاتمي جي ڪا خاص ڳڻتي ڪانه ٿي ۽ هنن ميرن جي مُدي خارج نسل پرستيءَ تي مبني حڪومت کي وري قائم ڪرڻ لاءِ ڪا ڪوشش نه ڪئي.

سبب (۵): مذهب جي باري ۾ ميرن جي پاليسي ۽ طرزِ عمل سنڌي عوام جي اڪثريت کي ناراض ڪري ڇڏيو. هڪ طرف هنن شيعه ازم کي زور وڌايو. ڏينهن ڏني جو سنڌي عوام جي اڪثريت جي دل آزاريءَ لاءِ ميرن جي دربارن ۾ ايران، تبريز ۽ مشهد جا درباري ۽ قصيده گو شاعر، اصحابين کي گاريون ڏيندا وٺندا هئا. ميرن جي شيعه ازم سان دلچسپيءَجو اهو عالم هو، جو سچل جهڙي فاروقي صوفي شاعر به اهڙي شاعري ڪئي، جنهن سان حاڪم جي عقيدن جي پٽيرائي ٿي رهي هئي. ٻئي طرف ميرن کي مسلمانيءَ جو بيوقوفيءَ جي حد تائين شوق هو. ميرن جي انهيءَ شوق ۽ مشق جو نشانو هندو ٻڌندا هئا. تمام وڏيءَ عمر جي هندو بزرگن کي طهرايو ويندو هو. سيٺ نائونمل جي پيءُ جي طُهر ڪرائڻ وارو واقعو ميرن جي ذهنيت جي نشان دهيءَ لاءِ ڪافي آهي. انهيءَ ذهنيت، هندن کي ميرن ڪان بيزار ڪري ڇڏيو هوءِ ميرن جي شڪست مان خوش هئا.

سبب (٦): آخري ڳالهه ته انگريزن جي جديد جنگي هٿيارن ڪان سنڌي عوام ذهني ۽ نفسياتي طرح مرعوب ٿي شڪست خورده ٿي ويو ٿو ڏسجي.

پنجاب ڪان سواءِ پوري هندستان ۾ سنڌ آخري علائقو هو، جنهن تي انگريزن قبضو ڪيو. ان ڪان اڳ هو هندستان جي سيني صوبن، پاڳن ۽ رياستن تي قبضو ڪري چڪا هئا. هندستان جون اُهي قوتون، جن سنڌ تي حملا ڪري قبضا پٽي ڪيا، تن انگريزن جي ست ئي ڪانه جهلي ۽ ويون هڪ ٻئي پٽيان انگريزن جي آڻ مڃيندیون. اها ڳالهه سنڌي عوام ڪان ڳجهي ڪانه هئي، ان ڪري هو انگريزن ۽ ميرن جي تصادم ۽ ٽڪر ڪان اڳ ۾ ئي انگريزن جي جنگي ۽ جديد هٿيارن جي برتري تسليم ڪري چڪو ٿو ڏسجي، ۽ جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪري ورتو ته هنن ڪا خاص مزاحمت ڪانه ڪئي. وڏي ڳالهه ته سنڌي عوام صدين جي ويڙهه، جنگ، خونريزي، مقابلي ۽ مزاحمت جي ڪري ٽڪجي چڪو هو. هتي هر پيري نئون فاتح آيو ٿي، هر سال نئين قوزوءَ حملو ڪيو ٿي، پر وڙهندڙ قوم هڪ ئي هئي، جيڪا صدين جي جدوجهد جي ٽڪاوٽ سان چُور چُور ٿي

پئي هئي ۽ اُن ۾ وڌيڪ ڇُرپر، تحرڪ ۽ هلچل جي طاقت ڪانہ رهي هئي. نتيجي طور انگريزن آساني سان سنڌ تي قبضو ڪري، پنهنجو انتظامي عمل جاري ڪري ڇڏيو.

سنڌ جي فتح ٿيڻ کان پوءِ، انگريزن انتظامي سهوليتن خاطر ٿورو وقت گذرڻ کان پوءِ سنڌ کي بمبئيءَ سان ملائي ڇڏيو. انگريزن جي فتح کان پوءِ ڇهہ سال سنڌ، گورنر جي هٿ هيٺ جدا صوبي جي حيثيت ۾ رهي ۽ 94 سال بمبئيءَ سان ڳنڍيل رهي.

جديد تعليم ۽ مواصلات ۾ ترقي ۽ ٻين ڪيترين ئي سماجي قيرين گهيرين سنڌ جي عوام ۾ ڪجهہ سياسي شعور پيدا ڪيو ۽ ان سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ جي تحريڪ هلائي. انهيءَ تحريڪ جي مخالفت ڪن تنگ نظر هندن ۽ ڪن مفاد پرست مسلمانن طرفان ٿي. پاڪستان جي اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ٻُٽي جي والد سر شاهنواز ٻڌي ٻہ هڪ مرحلي تي سنڌ جي بمبئيءَ کان آزاديءَ جي مخالفت ڪئي هئي.

سنڌ جي بمبئيءَ کان آزاديءَ واري تحريڪ جي مخالفت جو سڄو زور هن ڳالهہ تي هو تہ سنڌ ڌار صوبي جي حيثيت ۾ پنهنجو خرچ پورو ڪري نہ سگهندي ۽ اقتصادي طرح تباهہ حال ٿي ويندي. ٻئي طرف سنڌ جي آزاديءَ جي علمبردار سياستدانن جو چوڻ هو تہ سنڌ، تاريخ جي هر دور ۾ آزاد ۽ ڌار ملڪ رهي آهي. يونانين، عربن ۽ ايرانين جي تاريخ ۾ هن ننڍي کنڊ ۾ صرف ٻن ملڪن جو وجود رهيو آهي: هڪ هند ٻيو سنڌ. انگريزن ٻہ ان تي ڌار ملڪ جي حيثيت ۾ قبضو ڪيو هو. هندستان جا اهي صوبا، پرڳڻا ۽ رياستون جن تي انگريزن ڌار ڌار صورتن ۾ قبضا ٻڌي ڪيا، سي هر دور ۾ عظيم تر هندستان جا حصا رهيا آهن، جيڪي وقتي طور حاڪمن جي ڪمزورين جو فائدو وٺي الگ ٿي ويا هئا. ليڪن سنڌ ئي واحد ملڪ ۽ پرڳڻو آهي، جنهن کي هر فاتح يا فاتح جي تاريخدان ڌار ملڪ جي حيثيت ۾ شمار ٻڌي ڪيو آهي. اهڙو اظهار ان وقت ڇپيل چوپڙين ۽ پمفليٽن ۾ جهجهي انداز ۾ ٿيل نظر اچي ٿو. اهڙي اظهار ۽ اعلان جي باوجود ان وقت جي سنڌي سياستدانن اها ڪوشش ٻڌي ڪئي تہ سنڌ کي ڌار صوبي جي حيثيت ۾ هندستاني وفاق جو حصو بنايو وڃي. آءٔ اڄ ڏينهن تائين سنڌ جي ذهين سياستدانن جي انهيءَ منصوبي جو مطلب سمجهي نہ سگهيو

آهيان. هڪ طرف هنن سنڌ کي تاريخي طرح هڪ ڏار ملڪ ڀڻي ثابت ڪيو، تہ ٻئي طرف خودبخود ان جي رياست واري حيثيت تان دستبردار ٿي. هندستان جو حصو بنائڻ تي ڇو اصرار ڪري رهيا هئا: حالانڪ ڪين سنڌ جي مڪمل آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جي تحريڪ هلائڻ ڪپندي هئي. اهڙي قسم جون تحريڪون ان وقت مختلف ملڪن ۾ هلي رهيون هيون، ۽ 1929ع ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس ٻہ هندستان جي مڪمل آزاديءَ جي قرارداد پاس ڪري چڪي هئي. بهرحال، سنڌي سياستدانن ڪن مصلحتن جي بنياد تي احساس ڪمتريءَ وارو رستو اختيار ڪيو.

انگريزن جي سنڌ تي قبضي کان 61 سال پوءِ سائين جي. ايم. سيد جي 1904ع ۾ ولادت ٿي ۽ سنڌ جي بمبئيءَ کان آزاديءَ وقت سندس عمر 31 سال هئي. انهيءَ عمر ۾ ٻہ هن سنڌ جي آزاديءَ واري تحريڪ ۾ پربور حصو ورتو هو، جيتوڻيڪ هو سنڌ جي آزاديءَ واري تحريڪ جي صفِ اول جي ليڈرن ۾ شمار ڪونہ ٿيندو هو. ان جو خاص سبب، پس منظر ۾ رهي ڪم ڪرڻ هو. بمبئيءَ کان آزاديءَ کان پوءِ سنڌ ۾ جي. ايم. سيد، انهن ماڻهن ۾ سرِفهرست هو، جن صوبائي بنيادن تي پارٽي ناهي ملڪي خوشحاليءَ لاءِ پاڻ پتوڙڻ پئي چاهيو. اڳتي هلي ڪجهہ سالن لاءِ جي. ايم. سيد جي سياست جو رُخ فرقيبازيءَ ڏانهن مڙي ويو ۽ هو مسلم ليگ جهڙي رجعت پسند جماعت جو نہ صرف ميمبر، پر مرڪزي مجلس عاملہ جو رکن ۽ سنڌ صوبي جو صدر بڻجي ويو. ليڪن جلد ئي مسلم ليگي ليڈرن جي ذهنيت، ڪيس مسلم ليگ مان باهر نڪري اچڻ تي مجبور ڪيو ۽ هن محسوس ڪري ورتو تہ سنڌ جي لاءِ بهترين سياست اها ئي هئي، جنهن جو بنياد سنڌ جي پهرين صوبائي اسيمبليءَ جي چونڊ وقت، خود پاڻ شهيد الهہ بخش مرحوم سان گڏجي رکيو هئائين ۽ وقتي طور آل انڊيا سياست جي گوڙ ۽ شور، گرد ۽ غبار ۾ اها راهہ ڪانئس گم ٿي وئي هئي.

اهو وقت 1945ع جو هو ۽ هن دنيا ۾ آزاديءَ ۽ حريت جي هلندڙ تحريڪن جي نشانن کي سجاڻڻ شروع ڪيو ۽ هڪ نئين حڪمت عمليءَ تحت، سنڌ جي شاندار ماضيءَ ۽ تاريخ جي روشنيءَ ۾ روشن مستقبل جو پروگرام رڙڻ لڳو، جنهن جي راهہ ۾ ڪيترين ئي رڪاوٽون پيدا ٿيندين

رهيون ۽ اجا پيدا ٿيندیون رهن ٿيون: خاص ڪري 1945ع کان 1947ع وارو وقت ته ايڏو هيجان خيز هو، جو ڪانگريس ۽ ليگ کان سواءِ ڪنهن جو به آواز ٻُڌڻ لاءِ ڪوبه تيار ڪونه هو.

حقيقي طرح جي. ايم. سيد جي سياست جو آغاز 1945ع کان ٿيو آهي، جڏهن سندس عمر 44 سال ٿي چڪي هئي. منهنجو موضوع هميشه جي. ايم. سيد جي سياست ۽ شخصيت 1947ع کان پوءِ واري عرصي جي رهي آهي. آءٌ اڪثر اهو سوچي ڏکي ويندو آهيان ته جيڪڏهن 1947ع کان پوءِ سيد واري سياست، موجوده رُخ اختيار نه ڪري ها، ته نه معلوم سنڌ ۽ سنڌ واسين جو ڪهڙو حال ٿئي ها.

مون تي اهو الزام لڳايو ويندو آهي ته آءٌ جاڻي واڻي 1947ع کان اڳ ۾ جي. ايم. سيد جي سياسي ڪردار تي لکڻ کان پاسو ڪندو آهيان. اها ڳالهه آءٌ بنا ڪنهن گهٽ وڌائيءَ جي قبول ٿو ڪريان ته آءٌ جاڻي ٻُجهي سيد جي اڳ واري سياسي سرگرمين تي لکڻ جي ڪوشش نه ڪندو آهيان، پر ان جو اهو مطلب هرگز ناهي ته سيد جي ابتدائي سياسي دور تي لکندي کا شرمندگي ٿيندي آهي يا سيد جي سياسي زندگيءَ جو اهو دور ڪو قابلِ نفرت دور آهي، جنهن کي عوام ۽ سنڌ جي هاڻوڪي سوچ کان لکائڻ ضروري آهي، يا انهيءَ دور کي ظاهر ڪرڻ سان سيد جي هاڻوڪي سياست کي ڪو نقصان پهچندو.

ورهاڱي کان اڳ واري جي. ايم. سيد جي سياست مجموعي طرح انقلابي ۽ وطن دوستيءَ واري رهي آهي. جي. ايم. سيد جي سياسي زندگيءَ جو باقاعدي آغاز خلافت تحريڪ وقت ٿيو، جڏهن سندس عمر 16 سال ڪن هئي ۽ هن زندگيءَ جي پهرين تقرير مخدوم بلاول جي مزار جي اڳڻ تي ڪئي هئي.

تحريڪ خلافت، قطع نظر ان جي فارم ۽ ڏانچي کان معنوي طرح سامراج دشمن تحريڪ هئي، ۽ هن قومي توڙي بين الاقوامي طرح سماراجيت کي ڪمزور ڪرڻ ۾ پنهنجو پربور حصو ادا ڪيو. ان ڪري ڇڪجي ٿو ته سيد جي سياست جي شروعات ئي سامراج دشمنيءَ سان ٿي. 1920ع کان 1947ع تائين ستاويهن سالن جي سياسي زندگيءَ ۾ هو ٻاويهه سال ترقي پسند ۽ سامراج دشمن سياسي نظريي سان وابسته رهيو ۽ صرف پنج سال مسلم ليگ ۾ رهيو. ان دور ۾ باقاعدي فرقي پرست

جماعت جي ميمبر بنجڻ جي باوجود سيد وطن دوست ۽ ترقي پسند خيالن تي عمل ڪندو رهيو. ان جو ثبوت هي آهي تہ مسلم ليگ ۾ هجڻ جي باوجود هن پنهنجي ڳوٺ سن ۾ "شانتي نڪيتن" جي ڊنگ تي هڪ يونيورسٽي ۽ تربيت گاهہ قائم ڪرڻ جو نقشو تيار ڪيو ۽ ان ڪم لاءِ هن پنهنجي پوري زمين وقف ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو هو. انهيءَ يونيورسٽيءَ ۾ تعليم ڏيڻ لاءِ هن ٽي ماڻهو: مولانا عبيدالله سنڌي، علامہ آءِ. آءِ. قاضي ۽ مشهور ترقي پسند دانشور ڊاڪٽر اشرف چونڊيا. ڊاڪٽر اشرف انهيءَ رٽ کي ساراهيو، پر ڪيس سندس پارٽيءَ اڳيان جي اجازت نہ ڏني؛ علامہ قاضي گهڻي وقت تائين ارادا ڏيکاريندو رهيو، پر آيو ڪونہ: مولانا سنڌي ان وقت "سنڌ ساگر پارٽيءَ" جي ڪم ۾ ايڏو ٿ شوق سان مشغول هو، جو وقت ڪڍي نہ ٿي سگهيو، تنهن هوندي بہ ٽنهي ماڻهن مان مولانا صاحب ڪجهہ ڏينهن لاءِ سن ۾ اچي رهيو هو، جتي "نئين سنڌ" جي مستقبل بابت ٻنهي درميان تمام گهڻي گفتگو ٿي ۽ اهي ڪچهريون اڳتي هلي، سيد جي پروگرام لاءِ ڪارائتيون ثابت ٿيون.

سيد نوجوانن جي تربيت لاءِ جن ٽن ماڻهن جي چونڊ ڪئي هئي، سي ٽئي ننڍي کنڊ ۾ ترقي پسند خيالن جا پرچارڪ ۽ مسلم ليگ جا سخت مخالف هئا. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ سيد صاحب مسلم ليگ ۾ رهندي بہ ترقي پسند نظرين جي تبليغ ۽ اشاعت تان دستبردار ڪونہ ٿيو هو. ان کان سواءِ وڏيرن، پيرن ۽ ميرن سان پربور سنڌ ۾ جتي صرف محلاتي سياست جو واهپو ۽ واپار هلندو هو، اتي سيد واحد ماڻهو هو، جنهن عوام سان رابطو رکي عوامي سياست کي فروغ ڏنو. انهيءَ سلسلي ۾ هو بنا پروگرامن ۽ سرگرمين جي، جيپ تي لاؤڊ اسپيڪر هڻي، سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ ويو ۽ عوام کي سندن بنيادي مسئلن کان آگاهہ ڪيائين. سيد ان وقت اهڙو پرجوش نوجوان نظر اچي ٿو، جنهن جو ذهن ۽ ضمير، لالچ ۽ لوڀ کان پاڪ هجي؛ جنهن جي دل ۾ اقتدار جي ليلا سان وصل جي ڪابہ خواهش ڪارفرما ۽ بيقرار نہ هجي. اهو ئي انسان هو، جنهن جي تحرير ۽ تقرير ۾ سنڌ جي مظلوم انسان جي خواهش ۽ تمنا چوليون هڻندي نظر آئي ٿي. اهو ئي ماڻهو هو، جنهن جي سياست مان ضدين جي سنڌ جو نقشو ڪڍهن بہ غائب ڪونہ ٿيو. اهو ئي انسان هو، جنهن جي سوچ ۽ لوچ ۾ ذاتي نفعي جي

تہ جيتري بہ گنجائش کانہ هوندي هئي. اهو ئي ماڻهو هو، جنهن مسلم ليگ جي الله اکبر جي نعرن ۾ سنڌ جي خصوصيتن جو ذڪر ڪندي چيو هو:

"قدرت سنڌ جي هن سرزمين جو ماضي شاندار ڪيو آهي. هن خطي ۾ جهڙيءَ ريت ڏار ڏار مذهب، فڪر، فلسفا ۽ نظريا ملي هڪ ٿيا آهن، اهڙو ميلاپ ۽ سنگم ٻيو ڪٿي بہ نظر ڪونہ ايندو. جڏهن اسلام هتي پير پاتو، تڏهن ٻُڌ از هتي موجود هو. اسلام ٻُڌ ازم جي نفيءَ ۾ صرف اثبات جو اضافو ڪيو. سنڌ جي شاندار ماضيءَ جي آڌار تي اسان ان جي شاندار مستقبل جي اميد رکون ٿا."

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۾ سنڌ وزارت ۾ صرف جي. ايم. سيد ئي نظر اچي ٿو، جنهن سنڌي ميمبرن ۾ اتحاد ۽ اتفاق پيدا ڪرڻ لاءِ، رضاڪارانہ طور تي وزارت تان استعيفا ڏئي ڇڏي.

سيد پوري برصغير ۾ واحد سياستدان هو، جنهن مسلم ليگ جي اوج ۽ عروج واري وقت جناح سان بغاوت ڪري پنهنجي اصولن جو مان مٿاهون ڪيو. هي اهو وقت هو، جڏهن مسلم ليگ جي ڪاميابيءَ جا واضح اهڃاڻ ڏسي، ميان افتخار الدين جهڙا ترقي پسند ۽ خان قيوم جهڙا رجعت پسند مسلم ليگ جي اوٽ ۾ پناهہ وٺي رهيا هئا. جناح سان بغاوت جي باري ۾ جي. ايم. سيد جا مخالف ڪٿي ڇا بہ چون، پر اصلي ڳالهہ اها ئي آهي، جيڪا سيد وضاحت سان پنهنجي ڪتاب "نئين سنڌ لاءِ جدوجهد" ۾ لکي آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ ورهاڱي کان اڳ، سنڌي عوام جي خوشحاليءَ لاءِ جيڪا بہ جدوجهد ٿي آهي، ان ۾ سيد سڀني کان اڳرو رهيو ۽ سنڌي عوام جي مفادن سان هٿ چراند واري هر قدم جي مخالفت ۽ مزاحمت ڪندو رهيو. ورهاڱي کان اڳ واري پوري سياسي زندگيءَ ۾ ٿي سگهي ٿو تہ سيد جي سوچ ڪٿي ٺوکر کاڌي هجي، پر هن جي نيت ڪٿي بہ ٺوکر کانہ کاڌي ۽ هو اقتدار خاطر سنڌ جي تباهيءَ جي سازش ۾ ڪڏهن بہ شريڪ ڪونہ ٿيو.

هو پنهنجي پوري سياسي زندگيءَ ۾ صرف ڇهہ مهينا وزير رهيو ۽ انهيءَ مختصر عرصي ۾ هن عوامي پلائيءَ جا جيڪي انيڪ ڪم ڪيا، تن ۾ "سنڌ يونيورسٽيءَ" جي قيام جي اسڪيم ۽ ڪراچيءَ ۾ ريڊيو اسٽيشن ڪولائڻ جي ڪوشش مکيہ ڪم آهن. انهيءَ نقطئہ نظر موجب سيد جو ورهاڱي کان اڳ وارو سياسي ڪردار انتهائي بُلند آهي، جنهن تي اسان کي شرمندگيءَ جي بجاءِ فخر آهي.

ملڪ جي ورهاڱي ٽين شرط ۽ ان کان ڪجهہ اڳيرو سنڌ جي سياسي

صورتحال انتهائي دکدائک هئي. سنڌي مسلمانن جي سوچ واضح طور ٻن گروپن ۾ ورهايل هئي. مسلمان عوام جي اڪثريت مسلم ليگ طرف هئي ۽ کجهہ مذهبي مهندار ۽ انهن جا پوئلڳ کانگريسي ڪئمپ ۾ هئا. مسلمانن جي اڪثريت ٻهراڙين ۾ رهندي هئي، جيڪا صرف مذهبي جوش ۽ جذبي جي بنياد تي مسلم ليگ جو ساٿ ڏيو ٻيٺي هئي، جنهن کي مسلم ليگ پنهنجي ايندڙ اقتدار کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ڄاڻي واڻي سياسي شعور کان وائجهيل پئي رکيو. سنڌ جا پورا شهر هندن سان پريل هئا، جن ۾ سياسي شعور ۽ علم هو، سي کانگريسي هئا، ۽ مذهبي مجنون ٻين فرقي پرست جماعتن ۾ هئا. هڪڙو گروهہ انهن ماڻهن جو موجود هو، جيڪي کانگريس جي امن پسنديءَ واري سياست جي بجاءِ دهشت پسنديءَ تي ايمان رکندڙ هئا. اهو گروهہ، جنهن ۾ کجهہ ڪميونسٽ، کجهہ انارڪسٽ ۽ کجهہ قوم پرست شامل هئا، تن جي نعرن، تقريرن ۽ احتجاجن جو عنوان ۽ موضوع ٻہ 'هندستان جي آزادي' کانگريس جي خاڪي مطابق هئي. هيءَ حيرت انگيز ڳالهہ ناهي تہ سن 1942ع ۾ سنڌ جو هڪ انقلابي نوجوان انگريزن جي خلاف مسلح ڪارروائيءَ جي جرم ۾ سرزمين سنڌ اندر ڦاسيءَ تي چڙهڻ وقت "جيئي هند" جو نعرو هڻي ٿو. ان ڳالهہ مان هيءَ خبر ضرور پوي ٿي تہ انهيءَ دور ۾ سنڌ کي انقلابين، ڪميونسٽن، دهشت پسندن، انارڪسٽن، قوم پرستن ۽ رجعت پسندن، سڀني وساري ڇڏيو هو. هنن جي ذهن تان هندستان ۽ پاڪستان جي گوڙ ۽ شور ۾ اها ڳالهہ ميسارجي وئي تہ سنڌ ٻہ ڪو ملڪ آهي، سنڌي ٻہ ڪا قوم آهي، جيڪا ايامن کان هن ڪائنات ۾ موجود پئي رهي آهي.

هن ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ شهيد الهہ بخش سومري ۽ مولانا عبيدالله سنڌيءَ، سنڌ ۾ آل انڊيا سياست جي دخل اندازيءَ جي مخالفت پئي ڪئي آهي، ليڪن پئي رهنما پنهنجن نظرين جي تبليغ لاءِ سنڌ بنيادن تي ڪوبہ پليٽ فارم تيار ڪري نہ سگهيا هئا. انهن حالتن ۾ مسلم ليگ کان بغاوت ڪري، جي. ايم. سيد، سنڌ جي بنيادن تي نئين سر تنظيم ناهي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. ان ۾ نہ کانگريس ساٿ ڏنو، نہ وري ترقي پسند ڪميونسٽن ئي کا همت افزائي ڪئي ۽ بقول سيد صاحب جي، اسان جي آواز جي حيثيت "نقارخاني ۾ طوطي جي آواز" مثل هئي.

(9)

ورھاگي کان اڳ، ھڪ مسلم ليگي ليڊر • ھڪ دفعي، جي. ايم. سيد کي چيو ھو تہ، "سيد صاحب! اسان جون راھون شايد جدا ٿيڻ کي ويجھو اچي پھتيون آھن."

انھيءَ ليڊر جي ان چوڻ تي ڪو ماڻھو ائين نہ سمجھي تہ انھيءَ ۽ جي. ايم. سيد جون راھون ھميشہ کان کي ھڪ ھيون، ۽ صرف انھيءَ موڙ تي اچي جدا ٿيون؛ پر حقيقت ھيءَ آھي تہ ليگي ليڈر ۽ سيد جون راھون ھميشہ جدا رھنديون پئي آيون. وقتي طور ٻنھي جو گڏجڻ ۽ ملڻ ائين ھو جيئن چور ۽ پاڻڪي جو اڻ ڄاڻائيءَ ۾ سان! جڏھن پاڻڪي کي خبر پوندي تہ منھنجو ھمسفر چور آھي تہ ھو وڌيڪ سان ڏيڻ کان انڪار ڪندو آھي ۽ پنھنجي راھ الڳ ڳولڻ شروع ڪندو آھي.

انھيءَ ليڈر جو مقصد، مذھب جي نالي ۾ عوام کي فريب ڏئي اقتدار حاصل ڪرڻ ھو ۽ سيد جو مقصد ھر طريقي سان انصاف ۽ برابريءَ جي بنياد تي انسانيت جي خدمت ۽ سنڌي قوم جي خوشحالي ۽ آزادي ھو.

انھيءَ سياستدان جي سياست جو دارومدار نفرت، دوکيبازيءَ ۽ خود غرضيءَ تي ھو. سيد جي سياست جو بنياد، محبت، سچائيءَ ۽ خدمت خلق جي اصولن تي ھو.

ليگي ليڈر اھڙن اصولن ۽ قدرن جو علمبردار ھو، جن انساني قافلي کي تباھيءَ، بربادييءَ ۽ ھلاڪت ۾ وڌو ھو ۽ ھو ان وقت اھڙن ماڻھن جي ذھنن جي نمائندگي ۽ ترجماني ڪري رھيو ھو، جن جي مدنظر تاريخ جي ڪنھن دور ۾ ڪو اعليٰ انساني قدر نہ رھيو ھو ۽ فريب، لٽ مار، حاڪمن جي چاپلوسي ۽ وطن فروشي، جن جي زندگيءَ جو نصيب العين رھندو آيو آھي. جڏھن تہ جي. ايم. سيد اھڙن اصولن جي علمبردار جي حيثيت ۾

• محمد علي جناح

سفر شروع ڪيو هو، جن اصولن جي فتح ۽ سوپ جو چئني طرفن نقارو وڄي چڪو هو، جن هميشہ انسانيت کي مسرت، خوشحاليءَ ۽ زندگيءَ سان پيار جو سبق پئي ڏنو هو. اڄ هو اهڙن ماڻهن جي خواهشن ۽ خوشين جو ترجمان هو، جن جون دليون وطن جي پيار جي پلر سان پالوٽجي چڪيون هيون. جن تاريخ جي هر دور ۾ پنهنجي غيرت، خوداريءَ، حب الوطني ۽ انسانيت دوستيءَ جو دفاع ڪندي بيشمار قربانيون ڏنيون هيون. هن جي اکين ۾ وطن لاءِ وفاداريءَ جون ريکائون ايتريون جوان ۽ تازيون هيون، جيتريون ڪنهن ڪنواريءَ جي اکين ۾ اڃ ڏني پيار جون پُڪارون.

انهيءَ ڪري ليگي ليڈر ۽ سيد جون واٽون شروع کان ئي ڏار ڏار هيون. رڳو وقتي ساٿ هو، جيڪو حالتن جي بيرحم تبديلين سبب ختم ٿي ويو. هاڻي حالت هيءَ هئي جو چور، ملڪ جو مالڪ، رياست جو والي ۽ هر قسم جي هٿيارن سان مسلح هو، ۽ پاڻيو، اڪيلو، پنهنجي ملڪ ۾ بي وسيلو ۽ هٿين خالي. ٻنهي ڇٽن جدا ٿيل رستن ۽ راهن تي هلڻ شروع ڪيو.

مسلم ليگ ملڪ جون واڳون سنڀالڻ شرط، پنهنجي ذهنيت تي عمل ڪرڻ جو آغاز هن ريت ڪيو:

(1) مسلم ليگ پنهنجي احساس ڪمتريءَ ۽ مايوسانہ ذهنيت کي لڪائڻ لاءِ پارٽيءَ جي صدارت، (منهنجي نظر ۾ مسلم ليگ کي پارٽي سڏڻ سڀ کان وڏو ڪوڙ ۽ فريب ٿيندو. مسلم ليگ پنهنجي پيدائش کان خاتمي تائين سامراجي دلالن، وطن فروش جاگيردارن، يورپ جي بيوقوف نقالن، منافقن ۽ مذهبي مجنونن جو بي ترتيب، چڙواڳ، آواره، هلڙ باز ۽ غير سنجيده انبوهہ هو.) اسيمبليءَ جي صدارت ۽ ملڪ جي گورنرشپ هڪ شخص جي ذات ۾ گڏ ڪيون ۽ پوري اقتدار ۽ اختيار جو سرچشمو ان جي ذات کي بنايو.

(2) مسلم ليگ قديم ملڪن جي جداگانہ ۽ مستقل حيثيت ختم ڪري، هڪ هوائي ۽ خيالي حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ، پنهنجي مڙني وسيلن کي استعمال ڪيو.

(3) مسلم ليگ اقتدار قبولڻ شرط، عوام جي چونڊيل نمائندہ حڪومتن کي برطرف ڪري، هٽ ٿوڪين، جي حضورين ۽ بي ضميرن جا راج قائم ڪرايا. سرحد ۾ ڊاڪٽر خان صاحب جي وزارت، سنڌ ۾ محمد ايوب کهڙي صاحب جي حڪومت ۽ بنگال ۾ سهروردي جي

گورنمنٽ جي برطرفي، ليگ جي آمرانہ ۽ آپيشاهيءَ واري ذهنيت جو پرپور اظهار آهي.

(4) اردوءَ کي پاڪستان جي قومي زبان سڏڻ، هندستان مان گهرايل آفيسرن، واپارين ۽ صنعت ڪارن جي خوشيءَ خاطر پوري ملڪ جو انتظام، واپار، تجارت، ڪاروبار، انهن جي حوالي ڪري، مقامي قومن کي سندن ئي سرزمين تي بي وسيلو، لاوارث ۽ نڏڪو بنائڻ، مسلم ليگ جي سامراجي مزاج جي نشاندهيءَ لاءِ ڪافي ثبوت آهي.

(5) مسلم ليگ حڪومت ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڪٽي سنڌ دشمنن جي روپ ۾ پنهنجو پاڻ کي پيش ڪيو.

(6) مسلم ليگ هندن ۽ سکن جي چڏيل سموري ملڪيت پناهگيرن جي حوالي ڪري، عوام دشمنيءَ جو هڪ اهڙو رڪارڊ قائم ڪيو، جنهن جي جرم کان پاڪستان جي سيني مُلن جون قرآن خوانيون، ليگي اڳواڻن کي آجو ڪري نہ ٿيون سگهن.

ٻئي طرف جي. ايم. سيد، مادي وسيلن جي اعتبار کان جيتوڻيڪ اڪيلو هو، پر هو ڏرتيءَ جي مظلوم ۽ مجبور عوام جي تاريخي طاقت ۽ قوت جي سهاري تي جدوجهد هلائيندو آيو ۽ ماڻ ڪري وينو ڪونہ. حالت هيءَ هئي جو برصغير جا اهي ليڊر، جن ليگ جي سياست جي آخري وقت تائين مخالفت ڪئي، سي بہ مسلم ليگ جي اختيار ۽ اقتدار کي ڏسي خاموش ٿي ويهي رهيا، يا جناح صاحب جي تسبيح پڑهڻ لڳا. انهيءَ سلسلي ۾ هڪ عجيب لطيفو آهي، جيڪو بيان ڪرڻ دلچسپيءَ جو سبب ٿيندو.

'مجلس احرارِ اسلام' جو صدر سيد عطاءُ الله شاهہ بخاري، جناح صاحب جي سياست جو مخالف رهندو آيو هو، پر پاڪستان ٿيڻ کان پوءِ جناح کي 'قائداعظم' چوڻ لڳو. هڪ دفعي ٽنڊي الهيار ۾ مولانا عبدالحق رباني، شاهہ صاحب کي چيو تہ، "اوهان هميشہ جناح صاحب جي مخالفت ڪئي آهي ۽ اڄ انهيءَ ساڳي شخص کي قائداعظم چئي رهيا آهيو؟"

شاهہ صاحب چيو تہ، "آءٌ ننڍي ڪاف سان چوان ٿو. ڪائداعظم يعني 'مڪاراعظم'. جند چڏائڻ ۽ پنهنجي ڪمزوري لڪائڻ لاءِ، اهو هڪ بهانو هو؛ پران مان اهو اندازو ضرور ٿئي ٿو تہ ملڪ جي وايومنڈل ۾ ڪيترو خوف ۽ هراس چانيل هو. اهڙي ماحول ۾ بہ جي. ايم. سيد

پنهنجي اصول تان ڪونہ هٽيو ۽ پاڪستان جي تاريخ ۾ اهو اعزاز صرف جي. ايم. سيد کي حاصل آهي تہ هن مذهبي آمريت، مسلم ليگ جي انتقامي سياست ۽ فاشسٽ دور حڪومت ۾ حزب اختلاف جو بنياد وڌو ۽ پنهنجن نظرين جي بنياد تي هڪ پارٽيءَ جو ڍانچو ڪڙو ڪيو. ان پارٽيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ هن سرحد، بنگال ۽ بلوچستان جي قوم پرست نمائندن کي دعوت ڏني. اهي نمائندا 8 مئي 1948ع تي گڏ ٿيا ۽ 'نيشنل پارٽيءَ' جو پايو وڌو ويو. ان موقعي تي جي. ايم. سيد مرحبائي ڪميٽيءَ جي چيئرمين جي حيثيت ۾ هڪ مدبرانہ ۽ انقلابي تقرير ڪئي. سيد جي اها تقرير ان ماحول ۾ ائين هئي، جيئن اونداهيءَ ۾ لات، رات ۾ پرهہ جو پيغام ۽ باڪ جا ڪرٽا. ان وقت ليگ پنهنجي لکنوي وزيراعظم جي معرفت جنهن قسم جي سياست هلائي رهي هئي ۽ مذهب جي نالي ۾ عوام دشمن قوتن کي جهڙيءَ ريت چيڪ چڙيو پئي ويو ۽ مذهب جي نالي ۾ وطن زبان، تهذيب ۽ قوم جي سائنسي نظريي کان جهڙيءَ ريت انڪار ٿي ڪيو ويو، ان موقعي ۽ محل تي سيد جو نظريو، لفظ لفظ، جملو جملو، گفتو گفتو، ان سياست ۽ ان جي حامين ۽ هلائيندڙن جي مُنهن تي پربور چمات مثل هو.

جي. ايم. سيد چيو، "آءٌ سنڌي عوام طرفان، هن قديم سنڌوديش جي زمين تي، جا اڄڪلهہ پاڪستان ۾ اهم جاءِ والاري ٿي، اوهان جي مرحبا ڪريان ٿو. هن ئي سرزمين تي اسان جي جدا جدا ماڻهن جي قسمتُن جا فيصلا ٿيڻ وارا آهن. هتان ئي نئين آئين ۽ جمهوري لاڙن لاءِ آواز اٺارٿو آهي، جيئن هر هڪ کي حق پڙ پئي.

"غلامي نيٺ غلامي آهي، جيستائين اها موجود آهي، ان وقت تائين غلام جو اهو حق آهي تہ ان مان پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري.

"هن ملڪ ۾ مختلف زبانن، رسمن ۽ رواجن جا ماڻهو رهن ٿا. انهن حقيقتن کي ايمانداريءَ سان تسليم ڪرڻ گهرجي. شتر مرغ وانگر قومن جي وجود ۽ انهن جي مختلف مسئلن کان ڪنڌ لڪائڻ ٺيڪ نہ ٿيندو."

ڪتاب نہ هئڻ جي حالت ۾ حافظي ۾ صرف اهي ٽُڪرا رهجي ويا آهن. لفظن جي تبديل هوندي، پر مطلب ۾ شايد ڪو فرق نہ ڪري.

اڄ جي دور ۾ هيءَ تقرير شايد ڪن ماڻهن کي غير اهم نظر اچي، پر

ان وقت جڏهن مسلم ليگ جي پوئلڳن جي مرضي هئي تہ مذهب جي نالي ۾ ورتل هن ملڪ ۾ هڪ پارٽيءَ جي حڪومت قائم ٿئي، تڏهن جي. ايم. سيد، پيپلز پارٽيءَ جو بنياد وجهي، پاڪستاني حڪمرانن جو هڪ پارٽيءَ واري حڪومت جي خواهش جي نانگ جو مٿو چچريو ۽ فرسوده نظام ۽ نظرئي جي حڪمرانيءَ کي چئلينج ڪندي ترقي پسندانہ نظرين جي تبليغ شروع ڪئي.

اهو چئلينج ۽ اها تبليغ، پاڪستاني حاڪمن ۾ برداشت ڪرڻ جي قوت ئي ڪانہ هئي ۽ نہ وري هنن جي وهم ۽ گمان ۾ ب هو تہ هن وقت ب ڪو اسان جي خدائيءَ کي للڪاري سگهي ٿو. اسان جي واريءَ واري ڪوت کي ٽُڏن سان ڀاهڻ جي جرئت ب ڪري سگهي ٿو. اسان جي ڪوريڙي جي ڇار مان عوام کي چڏائڻ لاءِ ب ڪو ميدان ۾ ب اڇي سگهي ٿو. نتيجو اهو نڪتو جو هنن سيد صاحب ۽ سندس ساٿين کي گرفتار ڪيو. پر چا اها گرفتاري سيد جي عزم، يا ارادي کي لوڏي يا ڪمزور ڪري سگهي؟ نہ هرگز نہ! وقت جي حاڪمن جڏهن ب سچ جي طوفان سامهون پاڻ کي بيوس ۽ لاچار سمجهيو آهي؛ هنن جڏهن ب سچائيءَ جي زخمي وجود کي پنهنجي مٿي تي موت جي ملائڪ وانگر محسوس ڪيو آهي؛ جڏهن ب هنن کي پنهنجو طاغوتي تخت عوامي طاقت جي واڇولي ۾ لُڏندو محسوس ٿيو آهي؛ جڏهن ب هنن کي پنهنجو وجود تاريخي صداقتن جي سيلاب ۾ ڪک پن وانگر لُڙهندو نظر آيو آهي؛ تڏهن هنن بند ڪرڻ چاهيو آهي، سچ جي سچ کي کوڙ جي ڪاريءَ هيٺ. روڪڻ گهريو آهي سچائيءَ جي فاتحانہ ٽهڪ کي بيجان ڏڙڪن سان؛ زنجيرن ۾ جڪڙڻ جا جتن ڪيا آهن عوامي طاقت جي واڇوڙي کي؛ قيد ڪرڻ چاهيو آهي تاريخي صداقتن جي سيلاب کي، جيل جي ديوارن، زندانن ۾.

ساڳيو حربو پاڪستاني حڪمرانن ب استعمال ڪيو.

پر، چا هٽلر، ديمتروف کي قيد ڪري پنهنجو وجود بچائي سگهيو؟

چيانگ ڪائي شيڪ، هوچي منهہ کي قيد ڪري، ويٽنام جي آزادي روڪي سگهيو؟

چا ڊيگال، بن بالله کي قابو ڪري، فرانس جي شڪست روڪي سگهيو؟

زار، لينن کي جلاوطن ڪري، باقي رهي سگهيو.

ويول، گانڌيءَ کي قيد ڪري، انگريزي اقتدار کي دائمي بنائي سگهيو؟

ساڳيءَ ريت پاڪستاني حڪمران به سيد کي قيد ڪري، پنهنجي سُري ڪاڏل نظريي جي شڪست روڪي نہ سگهيا، ۽ سيد هروقت، هر ويلي، حاڪمن طرفان هتي جي عوام جي زندگيءَ تي لڳايل ڪوڙهه جي داغن کي مٽائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. هن پنهنجي سياست کي جن اصولن تي تعمير ڪيو هو، تن کي عملي روپ ونائڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهيو. مثال طور: 1953ع ۾ عبدالستار پيرزادو سنڌ اسيمبليءَ ۾ حزب اقتدار جو ليڈر يعني وزيراعليٰ ٿيو ۽ جي. ايم. سيد، حزب اختلاف جو ليڈر چونڊيو ويو. ان وقت سيد پنهنجي سياسي دوراندیشيءَ ۽ عوامي طاقت جي آڌار تي سنڌ اسيمبليءَ کان هي ڪم ڪرايا:

الف: هن سنڌ اسيمبليءَ کان ڪراچيءَ کي وري سنڌ سان ملائڻ جو نهراءُ پاس ڪرايو.

ب: سنڌ اسيمبليءَ کان سنڌي جدا قوم هجڻ جو نهراءُ پاس ڪرايو.

ت: سنڌي زبان کي سنڌ جي اڪيلي سرڪاري زبان ۽ پاڪستان جي قومي زبان بنائڻ جو بل منظور ڪرايو.

ٽ: ٽئين ڪاڄ، ٽئين بارڻ، ٽئين سَن ۽ ٿر ۽ ڪوهستان جي ٻين ٽئين تي بند ٻڌائي، پائي ذخيرو ڪرڻ لاءِ 32 ڪروڙ روپيا منظور ڪرايا.

ح: ڪوٽڙيءَ کان انڊس هائي وي رستو منظور ڪرائي، سروي جو ڪم شروع ڪرايو، جيڪو ون يونٽ واري دؤر ۾ مڪمل ٿيو.

د: ٻٽ شاهه ڪلچرل سينٽر جو بنياد وجهارايو.

اهڙيءَ ريت سيد کي جڏهن به موقعو مليو تہ هن اسيمبليءَ اندر يا ٻاهر سنڌي عوام جي مفادن جي حفاظت لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي.

هن حقيقت کان سيد جو مخالف به انڪار ڪري نہ سگهندو تہ:

جڏهن به سنڌ تي ڪو ڏکيو وقت آيو آهي؛ جڏهن به سنڌ جي عوام جي فطري ۽ پيدائشي حقن سان هٿ چراند ٿي آهي؛ جڏهن به ٻرمارن، ٿورو طبقن ۽ قومن، سنڌيت جي هرٽيءَ کي زخمي ڪرڻ چاهيو آهي؛ جڏهن به ڪن سنڌ دشمنن، سنڌ جي وجود کي مٽائڻ، سنڌ جي وسيلن کي هڙپ ڪرڻ، سنڌ جي ثقافت کي ختم ڪرڻ، سنڌي زبان ۽ ادب کي ميسارڻ ۽ سنڌ جي نوڪرين، واپار ۽ زمينن کي غصب ڪرڻ چاهيو آهي تہ:

جي. ايم. سيد پنهنجي سڀني صلاحيتن، طاقتن ۽ قوتن کي ڪتب آڻيندي، انهن سازشن کي ناڪام بنائڻ لاءِ پرپور ڪوشش ڪندو رهيو آهي.

هن سرزمين تي جي. ايم. سيد جو وجود چهبڪ وانگر رهيو آهي، جيڪو هر وقت دشمن جي پُنن تي لڳندو رهيو آهي. جي. ايم. سيد جي شخصيت تلوار وانگر، ٻورو ماڻهن جي ڇڇين تي هلندي رهي آهي ۽ سندس نالو ٻُڌي سامراج جي دلين ۾ موت جي ڏڪڻي پيدا ٿيندي رهندي آهي.

ڪراچيءَ جو ڪٽجڻ هجي يا ون يونٽ جو قيام، پناهگيرن جي آبادڪاري هجي يا پنجابين جي لٽ مار، ٻوليءَ جو مسئلو هجي يا سنڌ دشمن آئين جي ترتيب، سيد هر موقعي ۽ محل تي، سنڌيت جو جهنڊو بلند رکندي، پنهنجي تقرير ۽ تحرير ذريعي عوام کي سندن حقن جي باري ۾ خبردار ڪندو پئي رهيو آهي.

سن 1945ع ۾ جي. ايم. سيد اڪيلائيءَ ۾ سنڌ جو جهنڊو پنهنجي هٿ ۾ڪنيو هو ۽ اڄ ڏينهن تائين، 30 سالن جي تاريخ شاهد آهي، ته هڪڙي ڏينهن لاءِ به اهو جهنڊو سيد جي هٿ مان ڪِريو نه آهي ۽ نه وري جبر ۽ ڏاڍ جي هوائن اڳيان جهُڪيو ئي آهي. انهن سڀني ڳالهين کان قطع نظر، (جيتوڻيڪ انهن ڳالهين ۾ به ڪو ٻيو سنڌي سياستدان، سندس همسري ڪري نٿو سگهي.) جي. ايم. سيد جو وڏو ڪم ۽ ڪمال آهي: سنڌ ۾ قوم پرستيءَ جي ترقي پسند عوام دوست نظريي جي تبليغ ۽ اشاعت، جنهن جي وسيلي هن سنڌي عوام کي هن صديءَ جي سڀ کان وڏي سچائيءَ کان واقف ڪيو ۽ سنڌي اديبن، شاعرن، دانشورن، استادن، پروفيسرن ۽ شاگردن کي ذهن نشين ڪرايو ته سنڌ مستقل تاريخي ۽ جاگرافيائي روايتون ۽ حدون رکندڙ ملڪ آهي، جيڪو ڪائنات ۾ حڪومت جي وجود وٺ واري ڏينهن کان موجود رهيو آهي. انهيءَ ملڪ جي آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ، هن سرزمين جي سرويچ ۽ بهادر انسانن پنهنجو رت وهايو. ان جي تعمير ۽ ترقيءَ لاءِ هتي جي معصوم عوام پنهنجون زندگيون محنت جي گهاڻي ۾ پيڙائي ڇڏيون. جنهن جي دلڪشي ۽ جنسار لاءِ هتي جي فنڪارن جگر جي رت سان شهڪار تخليق ڪيا. جنهن جي سونهن ۽ سوڀيا کي دنيا تائين پهچائڻ لاءِ، هتي جي انسانن پيڙن ۾ چڙهي سمنڊن جا سينا لتاڙيا، پهاڙن جون چوٽيون اورانگهيون،

چٹانن جي چاتين ۾ شگاف وڌا، دريائن جي موجن سان لڙايون ڪيون. جن ڪڏھن وچ اوپر ۾، ڪڏھن آفريڪا ۾، ڪڏھن ھند چيني ۽ ۾ تہ ڪڏھن يورپ ۾ سنڊ جي آواز پھچائڻ لاءِ اونداھين ۾ پنھنجن ارادن جي ڪنوٽين سان اُھاڻ پيدا ڪيا. ڪڏھن ھن ديش جا آزاد حاڪم ھئا. جن رني ڪوٽ جھڙا قلعا نھرايا. ڪڏھن ھن پونءِ جو بہ ڪو آزاديءَ جي روح سان ٽمٽار جھنڊو جھولندو ھو. ڪڏھن ھتي جا چانڊاڻاءِ مانڊاڻا آزاد ۽ غلاميءَ جي بدبوءِ کان پاڪ ۽ صاف ھئا، جن جي تاريخ ۾ چمڪ اڄ بہ روح کي الستي آواز وانگر سڏي رھي آھي. انھيءَ ديس جي خوشحالي واپس ونڊي آھي. ان جا پيدائشي وسيلا، ڏارين ۽ ڦورن کان ڦري ديس واسين جي حوالي ڪرڻا آھن ۽ ھن عظيم ڏرتيءَ تان ناانصافيءَ ڦر ۽ ظلم جو آخري نشان بہ ختم ڪري زندگيءَ ۽ آزاديءَ جو لافاني نغمو ڇيڙڻو آھي. انھيءَ سان گڏوگڏ سيد ھن ويھين صديءَ ۾، جيڪا غلاميءَ جي خاتمي ۽ آزاديءَ جي جھنڊي جي سربلنديءَ جي صدي آھي، وطن ۽ ديس جي خوشحاليءَ جي طلب، گھُر، احساس ۽ مطالبو، نہ نسلي بنياد تي پيدا ڪيو ۽ نہ وري ڪن بين اھڙن مُدي خارج نعرن ۽ نظرين جي آڌار تي، جيڪي تاريخ جي ھن دؤر ۾ انساني جسم لاءِ ڪوڙھ جي داغ وانگر بدصورتيءَ ۽ تباھيءَ جو سبب بنجي رھيا آھن. ھن ان لاءِ نئشنلزم جي مشھور ۽ مقبول، جديد ۽ فاتحانہ نظريي جي بنياد تي پنھنجي تحريڪ جو آغاز ڪيو.

سيد جي ڪم ۽ سوچ جو ڪمال ھي آھي، جو ھن 'سنڌڙي سوا لک پيرن جي' ۾ قوم پرستيءَ جي تبليغ ۽ اشاعت پنھنجي پروگرام ۾ مکيہ جزو ڪري ڪنيو.

برصغير ۾ ورھاڱي کان ڪجھہ وقت پھرين، عام طرح ھن قسمن جا قومي تصور ڪم ڪري رھيا ھئا: ھڪڙو تصور انڊين نيشنل ڪانگريس طرفان پيش ڪيو ويو ھو، جنھن جي بنياد تي ننڍي ڪنڊ جا رھاڪو سڀ وطن جي بنياد تي ھڪ قوم ھئا ۽ انھيءَ ھندستاني قوم جي خواھشن ۽ مطالبن جي ترجماني ڪندڙ جماعت، انڊين نيشنل ڪانگريس ھئي. ھنن تاريخي حقيقتن کان مُنھن موڙي ڇڏيو ھو تہ، نہ ھندستان ڪڏھن واحد ملڪ رھيو آھي ۽ نہ وري ڪا ھڪ ھندستاني قوم بہ ڪڏھن ھتي آباد ھئي. ان جي بجاءِ ھي ھڪ ننڍو ڪنڊ آھي، جنھن ۾ ڪيترين ئي قومون،

پنهنجي ڌار ڌار ملڪن ۾ صدين کان رهنديون پئي آيون آهن. جيڪڏهن تاريخ جي ڪنهن موڙ ۾ انهن ملڪن کي فاتح جي تلوار هڪ ملڪ جي حيثيت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ ان کي سالن تائين عوامي بغاوت ۽ مزاحمت سان منهن ڏيڻو پيو آهي ۽ مقامي قومن ان فاتح جي تلوار جو مقابلو گهوباٽي کان وٺي تلوار تائين هر ملندڙ هٿيار سان پئي ڪيو آهي. اهڙين بغاوتن ۽ مزاحمتن جا نشان ۽ آثار هن ننڍي کنڊ جي سرزمين جي انچ انچ تي ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. برصغير جي تاريخ اسان کي ٻڌائي ٿي تہ واحد مُلڪ ۽ متحدہ قوم جي علمبردار حاڪمن جي خلاف جڏهن بہ مقامي ماڻهن کي موقعو مليو آهي تہ هن پنهنجي ڳچيءَ ۾ پيل غلاميءَ جي سرڪڻ ڪنڊ مان ڪڍائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي.

اهو واحد ملڪَ ۽ وسيع تر هندستاني سلطنت جي قائم ڪرڻ جو غير حقيقي جنون ٿي هو، جنهن اڪبري هاٿين جي پيرن هيٺان گجرات، دکن، بنگال، پنجاب، سرحد ۽ سنڌ جي مظلوم عوام کي لتاڙايو. اڄ بہ سرحد جي پهاڙن، بنگال جي سبزہ زارن ۽ سنڌ جي ميدانن ۾ اڪبر جي فوج جي سپاهين جون هڏيون، مغلن جي انهيءَ جنون تي ماتم ڪري رهيون آهن. اهو متحده سلطنت جو جنون ٿي هو، جنهن چاليهہ سال اورنگزيب کي تلوار هٿ ۾ ۽ حمائل ڳچيءَ ۾ وجهي، هن ننڍي کنڊ ۾ عوامي بغاوتن کي ختم ڪرڻ لاءِ رُلڻ تي مجبور ڪيو. چا باغي مرهٽي سردار شيواجي، بهادر راجپوت ڪرتار سنگهہ ۽ بين جون بغاوتون نام نهاد متحدہ قوم جي تصور خلاف مظلوم عوام ۽ قومن جون احتجاجي ۽ باغيانہ للڪارون نہ هيون؟ چا خوشحال خان خٽڪ جو احتجاج، مرهٽن جي للڪار، سنڌي سردارن ۽ صوفي بزرگن جون چڪريون، انهيءَ هڪ قومي تصور تي ڪاري ضرب نہ هيون؟ آخر اهو ڪهڙو جذبو آهي، جنهن تاريخ جي ڪنهن بہ دؤر ۾ هتي جي ڌار ڌار تهذيبي، لساني ۽ تاريخي قدرن کي وحدت ۽ ايڪي جي لڙيءَ ۾ پروئڻ جو ڪم نہ ڏنو آهي ۽ تاريخ جي ڪنهن هڪ صفحي تي بہ ڪو فطري اتحاد نظر نہ ٿو اچي؟ سڄي ننڍي کنڊ جي تاريخ، جاگرافي، زبان، ثقافت، اقتصادي ۽ معاشرتي رجحان، انهيءَ تصور خلاف فرياد ۽ پُڪار ڪري رهيا آهن؟

آءُ اڄ ڏينهن تائين جواهر لال نهروءَ ۽ ابوالڪلام آزاد جي باري ۾ سوچيندو آهيان تہ آخر ڪهڙن سببن جي ڪري انهن ڏهين ۽ حقيقت پسند ليڈرن ۽ مفڪرن مٿين حقيقتن کي نظر انداز ڪري ڇڏيو؟

ٻيو رجحان يا تصور مسلم ليگ جو هو، جنهن مطابق هن ننڍي کنڊ ۾ صرف هندو ۽ مسلمان ٻہ قومون آهن. مسلم ليگ وٽ قوم جو بنياد مذهب تي هو، انهيءَ ڪري اسلام جا پيروڪار هڪ قوم ۽ هندو مت جا پوئلڳ هڪ ڌار قوم هئا. اهو تصور ايڏو تہ مُدي خارج، دقيانوسي، غير سائنسي ۽ عقل دشمنيءَ تي مبني آهي، جو هن دور ۾ ان تي سوچڻ، وقت جي زيان کان سواءِ ڪا ٻي حيثيت نہ ٿو رکي.

انهن ٻنهي نظرين ۽ تصورن خلاف هڪ ٽيون تصور ۽ نظريو ٻہ ڪنهن حد تائين موجود هو، جنهن مطابق هندستان هڪ کنڊ هو، ان ۾ ڪيترائي ملڪ ۽ بيشمار قومون آباد هيون: جن کي پنهنجي تهذيب، تاريخ، زبان ۽ سرزمين صدين کان ونڊي الڳ ۽ جدا رهي آهي، ۽ انهيءَ جدائيءَ ۽ خصوصي حالتن، انهن قومن ۾ هڪ قسم جي قومي انفراديت سان گڏ قومي ڪردار، قومي مزاج ۽ قومي خوبيون يا خاميون پيدا ڪري ڇڏيون آهن، جن جي آڌار تي هي قومون ۽ ملڪ آزاد رهڻ، آزادي ماڻڻ ۽ پنهنجي مرضيءَ ۽ عوام جي مفاد وٽان، سياسَي ۽ معاشي نظام جاري ڪرڻ جا انساني، قانوني ۽ اخلاقي هر طرح مستحق ۽ حقدار آهن.

انهيءَ خيال جا حامي ۽ مبلغ ٽي چوٽيءَ جا سياستدان آهن: مولانا عبيدالله سنڌي رحہ، هندستان جو پهريون ديسي گورنر جنرل راج گوپال آچاريا ۽ جي. ايم. سيد.

ڪنهن حد تائين شهيد الهہ بخش مرحوم کي جي. ايم. سيد جو پيشرو چئي سگهجي ٿو. مولانا صاحب کي ڊگهي جلاوطنيءَ کان پوءِ ٿورو وقت ملي سگهيو ۽ هو جلد وفات ڪري ويو، ان ڪري سندس پروگرام کي پاڻ پنهنجيءَ زندگيءَ ۾ گهٽو ڪجهہ اڳتي وڌائي نہ سگهيو. جي. ايم. سيد جي سياست جي هميشہ اها خوبي زهي آهي تہ هن پنهنجي سوچ ۽ فڪر سان ٻہ اکيائي نہ ڪئي آهي. هن پنهنجي علم، تجربي، عقل ۽ بصيرت جي روشنيءَ ۾ جنهن ڳالهہ کي صحيح سمجهيو آهي تہ سچ ليکا چوکا لاهي، ان جي اظهار، اعلان، تبليغ ۽ اشاعت کي لڳي ويو آهي. ان

ڪري ھن جڏھن انھيءَ نظريي کي قبول ڪيو تہ پنھنجي ھر ڪوشش ۽ جاکوڙ ان جي حوالي ڪري چڏيائين ۽ اھو فخر ھن ننڍي کنڊ ۾ صرف جي. ايم. سيد کي ئي حاصل آھي تہ نظرياتي طرح جديد قوم پرستيءَ جي بنياد تي پنھنجي سياست جو بنياد رکي، نيشنلزم کي سائنسي سچائيءَ جي حيثيت ۾ پيش ڪيائين. آءٌ بنا ھڪ جي چئي سگھان ٿو تہ نيشنلزم تي جيترو سيد لکيو آھي، ايترو شايد ئي دنيا جي ٻئي ڪنھن مفڪر وضاحت ۽ تفصيل سان لکيو ھجي!

جنھن وقت ھندستان مان انگريز رخصت ٿيو، ان وقت ھتي جي صورتحال عجيب رنگ ۽ ڍنگ ۾ ظاھر ٿي: ڪن قومن ۽ طبقن کي آزادي ملي ۽ ڪي قومون نئين سري سان منظم طريقي ھيٺ غلام بنجي ويون، جڏ تہ ننڍي کنڊ جي آزادي ڪن قومن لاءِ نئين سر غلاميءَ جي پرواني سان اچي ظاھر ٿي. ڪن مائھن کي انگريزن جي بوٽ پالش ڪرڻ جي صلي ۾ ڦرلٽ ۽ پرماريت جي آزادي ملي ۽ ڪن قومن کي بيشمار قربانين جي نتيجي ۾ غلاميءَ جو پنجوڑ. سنڌي قوم، انھن قومن مان ھڪ ھئي، جنھن کي بيشمار ۽ اڪيچار قربانين جي عيوض غلامي ۽ محڪومي نصيب ٿي ۽ اھا غلامي مٿن مذھب جي نالي ۾ مڙھي وئي. انھيءَ غلاميءَ مان چوٽڪاري لاءِ سنڌين کي اھڙي ھٿيار جي ضرورت ھئي، جيڪو نئون ھجي ۽ ھن دور جو آزمايل ھجي؛ جيڪو مقدس پنجوڙ کي پرزا پرزا ڪري سگھي؛ جنھن ھٿيار سان محڪوم قومن پي جنگ عظيم ڪان پوءِ غلاميءَ جي ذلت جي ڪوٽن کي ڪيرائڻ شروع ڪيو ھجي ۽ جنھن ھٿيار جي تيزيءَ پنھنجي طاقت تسليم ڪرائي چڏي ھجي. اھو ھٿيار صرف نيشنلزم جو ھٿيار ھو، جنھن کي دنيا جي مظلوم ۽ محڪوم قومن، نھايت ئي ھوشياريءَ ۽ دانائيءَ سان استعمال ڪيو آھي ۽ جنھن جي آڌار تي پي جنگ عظيم ڪان پوءِ اڄ ڏينھن تائين اٽڪل 60 ملڪن آزادي حاصل ڪري ورتي آھي ۽ اڄ بہ دنيا جون ٻيون محڪوم قومون ان جي بنياد تي پنھنجي جدوجھد ھلائي رھيون آھن.

جي. ايم. سيد بہ پنھنجي تحريڪ جو پورو دارومدار انھيءَ مقبول، مشھور ۽ آزمايل ۽ تجرباتي طرح صحيح ٽيل نظريي تي رکيو، جنھن نظريي مطابق قوم ڪنھن مذھب، يا نسل تي دارومدار رکڻ جي بجاءِ جاگرافيائي

حدن، گڏيل ثقافت، ھڪ زبان، اقتصادي مفادن جي يڪسانيت، تاريخي روايتن جي ھڪجھڙائيءَ سان واسطو رکي ٿو: ھڪ زبان ڳالھائيندڙ، ھڪڙي زمين جي حصي تي رھندڙ، ھڪڙي ثقافت تخليق ڪندڙ، ھڪجھڙي تاريخي روايتن سان ذھني ۽ روحاني رابطو رکندڙ فرد ھڪ قوم جي سانچي ۾ فٽ ٿي سگھن ٿا. پوءِ اُھي گورا ھجن، يا ڪارا، خوبصورت ھجن يا ڪوجھا، سيد ھجن يا شيخ، ملان ھجن يا پنڊت، فاسق ھجن يا مفتي، پھلوان يا ڪمزور، برھمڻ ھجن يا اڇوت، بھرحال قومي دائري ۾ داخل آھن. ھڪ قوم پرست، وطن دوست انسان پنھنجي قوم جي ھر فرد جي ذڪن ۽ ڏوجھرن جو خاتمو ڪرڻ، پنھنجي زندگيءَ جو مقصد سمجھڻ سان گڏ، ڏرتيءَ جي ھر فرد سان پيار ۽ پاڻھ جا پيچ اتڪائي ٿو. نيشنلزم جي صحيح تعريف ڪھڙي آھي ۽ ان جون تقاضائون ڪھڙيون آھن، ان تي وڏن ڪتابن ۽ پروفيسر رينان جي فلسفي تي بحث ڪرڻ جي بجاءِ آءٌ ھڪ مشاعري جي شعر تي اکتفا ڪريان ٿو. آءٌ سمجھان ٿو تہ انھيءَ کان وڌيڪ جامع ۽ مختصر، نيشنلزم جي تعريف ٿي نہ ٿي سگھي:

"جيڪڏھن خدا دسترخوان تي ويٺو ھجي،
پوءِ بہ منھنجي ھٿ ۾ ماني
منھنجي پُٽ لاءِ ئي ھوندي."

ھاڻي سوال ٿو ٿئي تہ قوم پرستيءَ مان مقصد چا آھي؟

چا قوم پرستي ڪنھن عظيم تر مقصد تائين پھچڻ جو ذريعو، وسيلو ۽ ڏاکو آھي؟يا اھا بجاءِ خود مقصد آھي ۽ قوم پرستيءَ جو جذبو پيدا ٿيڻ ئي ڪنھن فڪر ۽ فلسفي جي معراج تي پھچڻ برابر آھي؟

انھيءَ سوال جو جواب ھيءُ آھي تہ قوم پرستيءَ جي جذبي پيدا ٿيڻ سان ئي ڪائي ڇگيون ڳالھيون ۽ سُنا نتيجا ظاھر ٿين ٿا: مثال طور ھڪ سچو قوم پرست لازمي طرح صحيح سيڪيولرسٽ ھوندو آھي، ان طريقي سان ھو پنھنجو دامن مذھبي ۽ ڏرمي ڇڪتاڻ، ويڑھ، تعصب ۽ جنون جي بدبوءِ کان بچائي وڃي ٿو. قوم پرستيءَ جو جذبو فرزندانِ زمين مان جھيڙا، جھگڙا، اختلاف، ڏڦا، دشمنيون، قبيلائي تصادم ختم ڪري، انھن ۾ ھڪ بي مثال ۽ شاندار وحدت پيدا ڪري ٿو. ھڪ قوم پرست پنھنجي ملڪ ۽ سرزمين جي سڀني وسيلن کي فرزندانِ وطن ۾، برابريءَ جي بنياد

تي مشترڪ سمجھڻ شروع ڪري ٿو، جنھن جذبي تحت ٿورو ٿولن ۾ مفاد پرست طبقن جي استحصال جو ھو دشمن بنجي وڃي ٿو. انھن ڳالھين جي باوجود قوم پرستيءَ جو جذبو جيڪڏھن صحيح ۽ مثبت طريقي سان قومي آزاديءَ جي لازوال مقصد لاءِ استعمال نہ ٿو ڪيو وڃي، تہ پوءِ اھو جذبو آھستي آھستي ختم ٿي ويندو ۽ ان مان حاصل ڪيل فائدا بہ عارضي ثابت ٿيندا. ھين لفظن ۾ قوم پرستيءَ جو سچو ۽ سائنسي جذبو غلام قوم کي قومي آزاديءَ ۽ قومي خودمختياريءَ جھڙي عظيم ۽ لازوال مقصد تي پھچائڻ جو ذريعو، وسيلو ۽ خاڪو آھي ۽ قومي آزادي ۽ ڇوٽڪاري جي تحريڪ جو منشور ۽ پروگرام ٿي آھي، جيڪو ڪنھن قوم کي آزاديءَ جي جھنڊي ھيٺان وڌ ۾ وڌ گڏ ڪري سگھي ٿو، عوام جو وسيع تر اتحاد پيدا ڪري سگھي ٿو ۽ ٿورو طاقتن ۽ غاصب قومن تي ڀروسو، ڪارائتو ۽ اثرائتو وار ڪري سگھي ٿو ۽ قوم جي سمورن طبقن ۾ آزاديءَ جي اُڪير، اُتساھ، تڑپ ۽ لگن اُپاري، اڳتي وڌائي، تيز ڪان تيز ڪري سگھي ٿو.

اڄ جي دؤر ثابت ڪري ڏيکاريو آھي تہ ڪابہ قومي آزاديءَ جي تحريڪ قوم پرستيءَ جي نعري، نظريي، منشور ۽ پروگرام کان سواءِ اڳتي وڌي ڪاميابيءَ سان ھمڪنار ٿي نہ ٿي سگھي. اھو ھن صدي جو تجربو، فيصلو ۽ فتويٰ آھي، جنھن کان ڪو ضدي ماٺھو ئي انڪار ڪري سگھي ٿو. ھن صديءَ جو اھو فيصلو اسان کي شام جي حريت پسندن جي نعرن ۾ نظر اچي ٿو؛ ھندستان جي سوراجين جي جلسن ۾ نظر اچي ٿو؛ آفريڪي اوحورين جي حملن ۾ نظر اچي ٿو؛ ھند چيني‌ءَ جي انقلابين جي ڇاپہ مار سرگرمين ۾ نظر اچي ٿو؛ بنگالين جي طوفاني يلغارن ۾ ڏيکائي ڏئي ٿو ۽ لاطيني آمريڪا جي آزاديءَ جي متوالن جي گوليءَ جي گونجار ۾ ٻُڌجي ٿو.

ليڪن آزادي جي تحريڪ ۾ ڪارفرما قوم پرستيءَ جي نعري جي صداقت ۽ سچائيءَ لاءِ ھڪڙو شرط آھي تہ اھا تحريڪ سامراج ۽ ان جي ديسي خواھہ بديسي دلالن، چاڙتن ۽ نمڪ خوارن جي دشمني ۽ پاڙ پٽڻ تي مبني ھجي. جيڪڏھن قومي آزاديءَ جي تحريڪ، سامراج ۽ سامراج نواز قوتن ۽ ٿولن جي دوستيءَ، خير خواھيءَ ۽ سرڇاڻ واري پاليسيءَ تي مبني آھي، تہ پوءِ اھڙي تحريڪ ۽ اُن جو محرڪ جذبو، قوم دشمنيءَ، وطن

دشمنيءَ ۽ رجعت پسنديءَ جا هاڃيڪار هٿيار آهن. قومي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ هيءَ ڳالهه شامل هجڻ ۾ لازمي آهي تہ وطن ۽ قوم جي آزادي، عوام جي اڪثريت کي باعزت مقام ڏيارڻ جي ضمانت ۽ واعدي ۾ پنهنجي اخلاص جو عملي ثبوت ڏئي. ان صورت ۾ اها تحريڪ صحيح معنيٰ ۾ هڪ وطن دوست انقلابي قومي تحريڪ ٿي سگهي ٿي. ڪنهن بہ قومي تحريڪ کي پنهنجي اخلاص جو عملي ثبوت ڏيڻ لاءِ، جدوجهد هلندي، بيشمار، موقعا ملي سگهن ٿا، انهن موقعن ۾ هن کي پنهنجو عوام دوست ڪردار ثابت ڪرڻو پوندو.

قومي تحريڪ هلندي هڪ ڳالهه جو خاص خيال رکڻو پوندو آهي تہ دوست وڌ ۾ وڌ پيدا ڪيا وڃن ۽ دشمنن جو تعداد گهٽايو وڃي. قومي تحريڪون نہ صرف پنهنجي وطن ۾ دوستن، اتحادين، همدردن جو تعداد وڌائيندیون آهن، پر دشمن ملڪ ۾ پنهنجا اتحادي ۽ دوست ۽ همدرد پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن، ڏنڊيل ملڪن ۾ جڏهن قومي تحريڪن دشمنن جو تعداد وڌايو آهي، اتي گهرو ويڙهه ڦورو ڏرين کي ئي فائدو پهچايو آهي، ان ڪري قومي تحريڪ جا علمبردار وقتي طرح اهڙن ماڻهن سان بہ اتحاد ڪندا آهن، جن جي وطن سان غداري ۽ عوام دشمني بار بار ثابت ٿي چڪي هوندي آهي ۽ انهيءَ اتحاد ۾ ڪين ڪس بہ ڪائڻي پوندي آهي، پر اهو سڀ ڪجهه جيئن تہ وسيع تر قومي مفاد لاءِ هوندو آهي، ان ڪري بهرحال قبول ڪرڻو پوندو آهي. مثال طور موجوده انگولا جي حڪمران پارٽي، ايم. پي. ايل. اي وسيع تر قومي اتحاد خاطر قومي غدارن سان بار بار سمجهوتا ڪندي رهي آهي ۽ اُن جي انهيءَ عمل کي سيني ترقي پسندن پنهنجي حمايت ۽ مدد سان پئي نوازيو آهي.

جيئن انهيءَ تنظيم آڪٽوبر 1966ع ۾ ايف. اين. ايل. اي جي رابرٽو هولڊن سان هڪ سمجهوتي تي صحيح ڪئي، اهو سمجهوتو صرف بہ ڏينهن هليو. وري ڊسمبر 1975ع ۾ آفريڪي اتحاد واري تنظيم جي چوٽ تي سمجهوتہ ڪيو، جيڪو پنج مهينا مس هليو. ٽيون پيرو 6 جنوري 1978ع تي بنهي تنظيمن جي وچ ۾ گڏيل حڪومت لاءِ معاهدو ٿيو، جنهن ۾ ٽين تنظيم يونيتا بہ شريڪ ٿي. انهن سمجهوتن جي باوجود، سمجهوتن کان اڳ ۽ پوءِ رابرٽ جي فوج پورچوگيزن سان وڙهڻ بجاءِ ايم.

پي. ايل. اي جي ڪارڪنن ۽ فوج کي قتل ڪندي رهي. دنيا جي تحريڪ آزاديءَ جي تاريخ اهڙن واقعن سان پري پئي آهي تہ ڪن نازڪ مرحلن، موقعن ۽ وقتن تي، قومي آزاديءَ جي وسيع تر مفاد ۽ مقصد خاطر وطن جي ويرين ۽ قومي قاتلن سان، محب وطن ۽ انقلابي جماعتن ناهه ڪري دشمنن جي تعداد ۾ ڪمي ڪرڻ، دشمن جي ڪئمپ مان مقامي ايجنٽ کي ڪڍڻ لاءِ معاهدا ۽ عهدناما پئي ڪيا آهن. اهڙن موقعن تي پرجوش ۽ جذباتي نوجوانن پنهنجي قيادت تي اعتماد ڪندي، انهن معاهدن جو احترام پئي ڪيو آهي.

جي. ايم. سيد ہ ڪن نازڪ موقعن تي دنيا جي انهيءَ مشهور ۽ مقبول اصول تي عمل ڪندي، اهڙن گروهن، ماڻهن ۽ جماعتن سان ناهه ڪري، 'وطني چوٽڪاري جي تحريڪ' کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. ليڪن دنيا جي بين ترقي پسندن جي مقابلي ۾ سنڌ جي ترقي پرستن انتهائي ٻاراڻي خيال ۽ سياسي شعور کان وانجهيل، جذبات تي مبني مظاهرو پئي ڪيو آهي. هي انتهائي ڪدائڪ حقيقت آهي تہ اسان جي سنڌي ترقي پسندن، جناب نيٽو جو رابرٽو سان ناهه تہ تسليم پئي ڪيو آهي، ليڪن جي. ايم. سيد جي پارٽيءَ ۾ ڪهڙي ۽ راشديءَ جي شموليت تي اعتراض ڪندي واڪ آئوٽ تي عمل ڪيو. هنن جي نظر ۾ لينن جو جرمن سامراج سان برسيت وارو ناهه تہ انقلابي قدم هو، ليڪن جي. ايم. سيد جو 1957ع ۾ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ مسلم ليگ سان ون يونٽ ٽوڙائڻ جي ناهه تي رضامندو انتهائي رجعت پسندانہ عمل هو. مائوزي تنگ جي چيانڪ ڪائي شيڪ جي شرطن تي پنهنجي پروگرام جي پرچار کان ڪناره ڪشيءَ واري عهدنامي تي صحيح انقلابي عمل هو، پر جي. ايم. سيد جو عوامي ليگ يا ريپبلڪن پارٽيءَ سان ناهه محلاتي سياست تي مبني هو. اهڙي قسم جا الزام سنڌ جي ترقي پسندن پنهنجي محدود ۽ جذباتي سوچ، عقل ۽ سطحي علم جي ذريعي پکيڙي، سنڌ جي قومي تحريڪ سان جاڙي واڙي يا اڇاڙائيءَ ۾ دشمنيءَ جو مظاهرو ڪيو آهي ۽ ڪندا رهن ٿا.

جي. ايم. سيد، قوم پرستيءَ جي جذبي کي سنڌ جي قومي سجاڳيءَ جي عظيم مقصد لاءِ استعمال ڪيو آهي، انهيءَ عظيم مقصد لاءِ هن پنهنجي جدوجهد کي مختلف مرحلن ۾ تقسيم ڪيو ۽ هر مرحلي کي انتهائي

ڪاميابيءَ ۾ ڪامرانيءَ سان توڙ تائين پهچايائين. پاڪستان نهڻ ۾ ان کان پوءِ پيدا ٿيل مهي ولوڙ واري دور ۾ هن سنڌي قوم پرستيءَ جي بنياد تي سنڌي عوام کي شعور ڏيڻ شروع ڪيو. اهو شعورون يونٽ واري دور ۾ اهڙي درجي تي پهتو، جو سيد صاحب ان شعور ۾ سجاڳيءَ کي وطن جي بنياد تي هڪ نعري هيٺ منظم ڪري، سنڌ کي ون يونٽ جي پنجوڙ مان آزاد ڪرائڻ لاءِ استعمال ڪيو. اهو نعرو هو "جيئي سنڌ". جيتوٽيڪ جيئي سنڌ جو نعرو ورهاڱي کان اڳ شيخ اياز جي هڪ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ نظر اچي ٿو، ليڪن برصغير جي تقسيم، لڏپلاڻ ۽ معاشرتي ڍانچي جي ڀڃ ڊاهه، ان نعري جي اهميت کي اجاگر ٿيڻ نه ڏنو ۽ اهو ئي نعرو آهي، جنهن جي پس منظر ۾ صدين جي مظلوم ۽ مجبور سنڌ، زندگيءَ لاءِ هٿوراڙيون ڏيندي نظر ٿي آئي. اهو نعرو ظاهر ڪري ٿو ته ايندڙ وقت ۾ ڪارونجهر کان ڪشمور تائين هر سنڌي ان نعري جي روشنيءَ ۽ آواز جي اُهاڻ ۾ پنهنجو شاندار مستقبل جهلڪندو ڏٺو. پاڪستان جون اُهي ڏريون، جن ڪن آسماني نعرن ۽ نظرين جي آڙ ۾ سالن کان سنڌ ۽ ان جي مظلوم عوام جي روزگار جي وسيلن کي سوٽرن جي لوڌ وانگر پيليو، تن کي انهيءَ نعري جي اثر ۾ پنهنجو موت ليئا پائيندو نظر آيو ۽ هنن پنهنجي پوري طاقت ۽ قوت ان نعري کي ختم ڪرڻ لاءِ صرف ڪئي. سنڌي عوام جي چپن تان ان نعري کي ڦرڻ لاءِ ڦورو ٽولن لٽ ۽ چٽ جا بيشمار طريقا استعمال کيا. ابن الوقت صحافين، ضمير فروش دانشورن، اوباش ۽ ايمان فروش اديبن اقتدار جي بکين، نالائق ۽ مداري قسم جي سياستدانن کي ٽُڪر پور ڏئي، سنڌي عوام جي امنگن ۽ تمنائن جي ترجماني کندڙ انهي نعري جي خلاف پونکڻ تي آماده ڪيو.

مذهبي ۽ مصنوعي شخصيتن کي چمڪائڻ لاءِ نعري ساز دانشورن کان هٿرادو نعرا ايجاد ڪرايا ويا، جيئي سنڌ جي نعري جون محدود، غلط ۽ خوف تي مبني معنائون نهرايون ويون. هڪ مرحلي ۽ موقعي تي لڳايل سنڌ جي قومي نعري کي صرف هڪ مطالبي ۾ ڇائڻ تائين محدود ڪيو ويو، جنهن جي معنيٰ هئي ته جيڪڏهن ملڪي انتظام ۾ معمولي ردوبدل ڪئي وئي ته اسان ان نعري تان هٿ کڻڻ لاءِ تيار ٿي ويندا سين. پر جي. ايم. سيد ٻُڌايو ته اهو نعرو انهن مطالبن کي تسليم ڪرائڻ جو نعرو نه، پر

سنڌي عوام جي قومي سڃاڻپ ۽ سنڌ جي خودمختياريءَ ۽ باوقار حيثيت سان دنيا جي نقشي ۾ ان جي بيھڻ جو اعلان آھي. اھو نعرو پڙاڏو آھي ان سڌ جو، جيڪو سنڌ جي عظيم لافاني انسانن، ڏارين جي تلوار سان مرندي آخري وقت تي مادرِ وطن جي سيني کي چمندي بلند ڪيو ھو. اھو نعرو سنڌي عوام جي انھيءَ آخري منزل ڏانھن وڌڻ جو اعلان آھي، جنھن منزل تي سياسي، اقتصادي، معاشرتي ۽ ثقافتي طرح سنڌي قوم جو تاريخي احساس ۽ سُڪون آھي. جيستائين عوام خود ان نعري جي ذريعي احساس ۽ شعور جي ھڪ خاص منزل تي پھچي اھو نٿو چئي تہ اسان جو رستو اھو آھي جيڪو الجزائر، ويٽ نام، ڪانگو، ڪني، ڪني بساؤ ۽ ڪيوبا جو آھي، ۽ جيستائين اھو نعرو ھڪ خاص مرحلي ۾ پنھنجي پاڻ کان وڌيڪ بااثر، جاندار ۽ طاقتور نعري ۾ تبديل نٿو ٿئي، ان وقت تائين اھو سنڌي ادب ۽ سنڌي عوام جي چپن تي اچي نٿو سگھي. انھيءَ نعري جو مطلب صرف ون يونٽ ٽوڙڻ ۽ صرف نوڪريون حاصل ڪرڻ نہ ھو، رڳو اسيمبليءَ ۾ سنڌي ميمبر چونڊائڻ ۽ ريڊيو تي سنڌي پروگرام جي لاءِ وڌيڪ وقت جي خيرات گھرڻ نہ ھو؛ پران نعري جو مطلب قومي تحريڪ کي ھڪ خاص منزل ۽ موڙ تي پھچائڻ ھو- ۽ اھا تحريڪ جڏھن ھڪ خاص مرحلي ۽ درجي ۾ داخل ٿي، ان وقت "جيئي سنڌ" جو نعرو خودبخود تاريخي طور ھڪ قديم، زوردار، واضح، مثبت، انقلابي ۽ سنڌ جي حقيقي حيثيت جي ڇڻيءَ طرح ترجماني ڪندڙ نعري ۾ تبديل ٿي ويو. اھو نعرو آھي جيئي "سنڌوديش": جيڪو ويھين صديءَ جي سنڌ جي عوام جي اُمنگن ۽ آرزوئن جو عڪاس آھي، جنھن جي آواز جي لھرن ۾ ڌرتيءَ ريت اڳ ۾ وقتي وھڪري ۽ تاريخي حالتن سنڌي قوم جي ذھنن ۾ "جيئي سنڌ" جي نعري کي وڃڙيل محبوب جي ياد وانگر اُپاريو ھو ۽ سيد پنھنجون پوريون ڪوششون انھيءَ جي ترويج ۽ اشاعت ۾ صرف ڪري ڇڏيون؛ سڃاڻپ طرح جڏھن سنڌ جي فضائن ۾ "جيئي سنڌو ديش" جي نعري جي تصوير نظر اچڻ لڳي تہ سيد پنھنجي ذھن ۽ قلم جي سموري طاقت ان تصوير ۾ رنگ ۽ روغن پرڻ لاءِ استعمال ڪندو رھي ٿو. "سنڌو ديش" جي متعلق سيد جو ڪتاب "سنڌو ديش چو ۽ چا لاءِ؟"

کافي وضاحت سان لکيل آھي ۽ ان نعري جي تعبير ۽ تشريح لاءِ منھنجي نظر ۾ آخري حرف جي حيثيت رکي ٿو. ان ڪري آءٌ پنھنجي طرفان ڪجھ لکڻ جي ضرورت ئي نٿو سمجھان. اھو ان ڪري نہ، تہ سندس نظر ۾ "سنڌي نيشنلزم" کا عظيم تر طاقت آھي، جنھن جي فتحيابي لوح قلم ۾ لکجي ويئي آھي؛ پر خود نيشنلزم اھڙي شيءِ آھي، جنھن جي ڪاميابيءَ جا سبب لوح قلم ۾ لکڻ کان وڌيڪ مضبوط ۽ اٽٽر آھن.

سيد ٻڌايو تہ نيشنلزم ھن صدي جي سائنسي سچائي آھي، ڇو تہ اھو تاريخي حقيقتن ۽ ضرورتن جي پيداوار آھي ۽ دنيا جي پيدائش کان وٺي ھن وقت تائين پراڻي جي خلاف نئين جي، بيڪار جي مقابلي ۾ ڪارآمد جي، رجعت پسنديءَ جي مقابلي ۾ ترقي پسنديءَ جي جدوجھد ھميشہ کان ڪامياب ٿيندي آئي آھي: ڇوتہ ڪائنات جي ارتقا پذير نظام ۾ انسان جو روزاني جو مشاھدو آھي تہ مدي خارج، بيڪار ۽ سُري ڪاڏل شين، فڪرن ۽ نظرين جي ڍھڻ ۽ تباھہ ٿيڻ جو عمل تيزيءَ سان جاري آھي. ان جي مقابلي ۾ جديد، باصلاحيت ۽ ڪارآمد نظرين ۽ نظامن جو اڳتي وڌڻ، ڦلدار ٿيڻ ۽ فتحياب ٿيڻ بہ وڌيڪ تيزي ۽ تيز رفتاريءَ سان جاري آھي، ڇو تہ اھا تاريخ جي ضرورت ۽ ڪائنات جي ارتقا جو فطري ڏاکو آھي.

يوناني فلسفيءَ ھيراقليتس، مسيح جي پيدائش کان پنج سؤ ورھيہ اڳي چيو ھو: "دنيا کي ڪنھن فرضي خدا يا انسان پيدا ڪونہ ڪيو آھي، پر ھيءَ ھميشہ دکندڙ، ٻڙکندڙ ۽ زنده رھندڙ باھہ ھئي ۽ رھندي: ھڪ اھڙي باھہ، جيڪا باقاعدي برندي ۽ وسامندي آئي آھي. دائمي وسامڻ اُن جي مقدر ۾ لکيل ئي ڪونھي." ساڳي ڳالھہ آءٌ قومي آزاديءَ جي جذبي ۽ قوم پرستيءَ جي باري ۾ بہ چئي سگھان ٿو تہ قومي وجود ۽ بقا جي اھا باھہ، ھن سرزمين تي تمام گھٽو آڳاٽي آھي ۽ ھتي جي انسان جي سيني ۾ ڪنھن نہ ڪنھن روپ ۾ دکندي آئي آھي. ڪڏھن اُلائن جي صورت ۾، ڪڏھن ڪنھن ٻٽ تي ٻنيٽ بڻي، ڪڏھن ڪنھن جوڳيءَ جي جُوءِ مان آڏيءَ ويلي اُمڙ بڻي. ساڳي باھہ، اڄ جي دؤر ۾ وڌيڪ جوش سان ٻڙکڻ لڳي آھي. جي. ايم. سيد ان باھہ کي ٿوکون ڏئي وڌيڪ تيز ۽ ٻڙکيدار بڻايو آھي. ڪيس اُن باھہ جي نہ وسامڻ تي مڪمل يقين آھي ۽ ھن اھو يقين

پوريءَ سچائيءَ، ديانتداريءَ ۽ همت سان سنڌي قوم جي دلين ۾ منتقل ڪري چڏيو آهي.

آءٌ اڳ ۾ چئي آيو آهيان تہ ڪابہ قومي تحريڪ ان وقت تائين انقلابي ۽ ترقي پسند ٿي نٿي سگهي، جيستائين اها پنهنجي مزاج، ساخت، ڍانچي، منشور ۽ پروگرام ۾ سامراج دشمنيءَ تي مبني نہ هجي ۽ هن جو هر قدم، هر فيصلو، هر نعرو، هر قرارداد ۽ هر احتجاج، عالمي سطح تي سامراج جي گرفت، عمل دخل ۽ ڪردار کي ٻُنجو ڏئي سامراجي ديو جي شڪست جي ڪارروائيءَ کي تيز نٿو بنائي. قومي آزادي جي تحريڪ ۽ نيشنلزم جو ترقي پسند نظريو، هڪ ئي وقت ۾ حيثيتون رکندڙ ٿئي ٿو: هن جي هڪ حيثيت قومي، وطني ۽ ملڪي ٿئي ٿي ۽ ان جو اثر ۽ عمل محڪوم ملڪ ۽ قوم جي زندگيءَ جي هر شعبي کي متاثر ڪري ٿو. قومي آزاديءَ جي تحريڪ رڳو غير ملڪي آقائن کان ڪنڊ ڪڍائڻ تي دارومدار نٿي رکي، پر ان جا اثر، نتيجا، قوم ۽ ملڪ جي ذهن، ضمير، ادب، ثقافت، تاريخ، رسم و رواج، معاشري جي پراڻي ڍانچي ۾ به انقلابي تبديلي، سا به غير معمولي تبديلي پيدا ڪندا آهن- ۽ اها غير معمولي تبديلي پوري سماجي سرشتي جي رڳ رڳ ۾ جاري ۽ ساري ٿيڻ گهرجي. ٻيءَ صورت ۾ اهڙي تحريڪ مٽاچري، سرسري ۽ سطحي رهجي ويندي آهي، جنهن کي مخالفت جي هوا جي تيز لهر، ڪک ۽ پن وانگر لوڙهي ويندي آهي. تحريڪ جي انهيءَ اندروني عمل سان گڏ هڪ عالمي ڪردار به ٿئي ٿو. اڄ جي دؤر ۾ ڪائي تحريڪ، هلچل ۽ چرپر عالمي اثرات کان پاڻ کي الڳ رکي نٿي سگهي. اهڙيءَ حالت ۾ ان تحريڪ جي انقلابي ڪردار لاءِ اهو لازمي آهي تہ اها پنهنجو ذهني، نفسياتي ۽ فڪري ناتو دنيا جي آزاد خواد آزاديءَ جي راهہ تي هلندڙ اهڙين قوتن ۽ طاقتن سان جوڙي، جيڪي سامراجيت، امپريلزم، رجعت پسنديءَ ۽ سرمائيداريءَ جي ديو تي پرپور وار ڪري رهيون هجن. چوتہ اڄ جي دؤر ۾ ڪابہ ترقي پسند تحريڪ دنيا جي انهيءَ عظيم تر محاذ جو محض هڪ ننڍڙو حصو آهي، مورچو آهي ۽ ميدان جنگ جو ننڍڙو ٽڪرو آهي، جيڪو محاذ، آفريڪا، وچ اوڀر، يورپ، هند چيني ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ سامراجيت جي خلاف ۽ سامراجيت جي پٺو پاٽاريدار دلالن جي خلاف دليريءَ سان اڳتي وڌي، عوام دشمن قوتن کي پسپائيءَ تي مجبور

ڪري رھيو آھي. جنھن تحريڪ ۾ اھي خصوصيتون ھونديون، سا لازمي طرح عوام دوست ۽ عوام جي عظيم مفاد لاءِ ھوندي.

سيد جي نعري ۾ "قومي تحريڪ" جون اھي سيئي خصوصيتون ۽ خوبيون موجود رھنديون پئي آيون آھن ۽ ھن جا لکيل ڪتاب "موجوده سياسي مسئلا" ۽ "سنڌو ديش چو ۽ چا لاءِ"، انھيءَ فڪر، رجحان، معني ۽ روح سان ڀريا پيا آھن. سيد جي پوري سياسي زندگي، سامراجيت سان ٽڪر ۽ تصادم واري رھي آھي. ھن کي جڏھن ۽ موقعو مليو آھي تہ ھن سامراجيت جي قلعي تي پوريءَ ھمت سان گولي باري ڪئي آھي. ھن جي ابتدائي زندگيءَ ۾ ئي برطانوي آفيسرشاھيءَ ۽ امپريلزم سان تصادم ۽ مزاحمت وارو سلسلو شروع ٿي چڪو ھو، جيڪو اڄ ڏينھن تائين موجود آھي، ۽ دنيا ۾ ڪٿي ۽ ڪو ظلم ٿيو آھي، ڪٿي ۽ ڪنھن فرزند زمين جي سيني تي گولي لڳي آھي، ڪٿي ۽ ڪنھن حريت پسند جي ڳلي تي خنجر ھليو آھي، ڪٿي ۽ زندگيءَ جي سرگس تي موت جي راکاس حملو ڪيو آھي، ڪٿي ۽ آزاد قوم جي ڪچين کي غلاميءَ جي زنجيرن سان جڪڑڻ جا جتن ٿيا آھن ۽ ڪٿي ۽ پرامن وستين تي جنگ جي ھولناڪين لامارا ٽڙ شروع ڪيا آھن، اُتي سيد ۽ سندس تحريڪ، جيڪا حقيقت ۾ سنڌي عوام جي خوشحاليءَ جي تحريڪ آھي، تنھن پنھنجي وسيلن آھر اھڙن ظلمن جي خلاف، مذمت جو آواز بلند پئي ڪيو آھي: پوءِ اھو چليءَ جو سانحو ھجي يا الجيريا جو المیو، بنگال سان بيداد ھجي يا بلوچستان تي باھ جي بارش؛ ڪمبوڊيا ۾ ڪوس ھجي يا ويٽنام جي ويراني، سيد ھميشہ پنھنجو پاڻ کي مظلوم ۽ آزاديءَ لاءِ وڙھندڙ قوتن جو حصو سمجھيو آھي ۽ انھن عالمي طاقتن کي خراج پيش ڪيو آھي، جيڪي مظلومن جي مدد لاءِ اڳتي وڌي آيون آھن. ان سان گڏ ھن پنھنجي پروگرام ۽ منشور ۾، اوليت ۽ اھميت، سنڌي عوام جي مسئلن ۽ مشڪلاتن کي ڏني آھي.

آڄ اڄ ڏينھن تائين انھن ماڻھن جون ڳالھيون سمجھي نہ سگھيو آھيان، جيڪي سيد جي باري ۾ پروپئگنڊا ڪندا آھن تہ سندس تحريڪ ۽ پروگرام جو عوامي زندگيءَ ۾ بنيادي ۽ دور رس تبديليءَ سان واسطو ئي ڪونھي. آڄ وقتي طرح ھڪ غير جانبدار شخص جي حيثيت ۾ ھي لکندي ڪوبہ شرم محسوس ڪونہ ٿو ڪريان تہ منھنجي مطالعي جي ڪتابن جي

فهرست ۾ سن 1964ع کان وٺي سيد جا ڪتاب سرِفهرست رهيا آهن. مون سيد جي ڪتابن جي هر سِٽ، هر جملي، هر پئرا ۽ هر صفحي کي سالها سال، غور ۽ فڪر سان پڙهيو آهي ۽ مون کي سيد جي هر ڪتاب جي هر صفحي تي سنڌ جو مارو ماڻهو پنهنجي صدين جي گهايل جسم سان موجود نظر آيو آهي. هر پئرا ۾ سنڌ جو ڳوٺاڻو پنهنجي حيوانن واري زندگيءَ سان رڙهندي نظر آيو آهي ۽ هر ست ۾ سنڌ جو ڏوٺي، پنهنجن ڏولائن سان سهڪندو نظر آيو آهي- ۽ سيد انهن ڇي سورن ساڻي زندگيءَ کي خوشيءَ ۽ مسرت جو پيغام ۽ آسرو ڏيندو نظر آيو آهي. هن پنهنجي زندگيءَ جا بهترين سال، ان سنڌيءَ جي حالت سڌارڻ واري جدوجهد ۽ جاکوڙ ۾ جيلن، نظربندين، قيدن ۽ ڪوٽن جي حوالي ڪيا آهن. هن سنڌي عوام جي مفاد وٽان هر جابر ۽ ظالم سان ٽڪر پٺي کاڌو آهي ۽ هن اهڙي قوم سان پنهنجو ناتو ڳنڍيو آهي، جنهن کي وطن جي ويرين، بادِ فرنگ جي مريض عورت پٺي سڏيو آهي. انهيءَ ڪري سيد جي شروع ڪيل تحريڪ مڪمل سائنسي ۽ انقلابي آهي.

(10)

بي جنگ عظيم کان پوءِ شروع ٿيندڙ انقلابن جو پڙاڏو ۽ گونج سنڌ ۾ پهتي. آفريڪا ۾ هلندڙ گولين جي گونجار سنڌ ۾ به آواز پيدا ڪيو. غلاميءَ جي زنجيرن جي ٽُٽڻ جي چٽڪار هتي به صداءِ بازگشت جي روپ ۾ پهتي. لاطيني آمريڪا ۾ حريت پسندن جي نعرن جي روشنيءَ جا ڪِرڻا هتي به پهتا. هند چيني جي آزاديءَ جي متوالن جي جلوسن جي کيڙ جا ڪکر هتي به پهتا. وچ اوپر مان اپرندڙ آزاديءَ جون للڪارون هتي به آواز پيدا ڪرڻ کان سواءِ رهي نه سگهيون. غلاميءَ جي ڪوٽن جي جهُرڻ ۽ پُرڻ جو پڙلاءُ هتي به پهتو. ظلم ۽ جبر جي ايوانن جي ٿرٿلي کان هتي جو وايومنڊل به اڻڇاڻ نه رهيو. ظالمن ۽ لُٽيرن جي ڳچين جي مٽڪن ٽُٽن جو آواز هتي به پنهنجو اثر ڏيکارڻ کان سواءِ رهي نه سگهيو. مطلب ته دنيا ۾ واقع ٿيندڙ آزاديءَ ۽ حريت جي جدوجهد جو عڪس هن سرزمين تي به پيو. اهڙي سرزمين تي، جيڪا صدين کان فاتحن جي گهوڙن جي سُنبن هيٺان لتاڙجي رهي آهي؛ سالن کان ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جي جنڊ ۾ ڦاسجي رهي آهي؛ ايامن کان لُٽيرن ۽ رهزنن جي ڦرلٽ ۽ غارتگريءَ جي آماجگاهه بڻجي رهي آهي؛ ڪروڙين ورهين کان جنهن کي صحيح معنيٰ ۾ آزاديءَ جو سج نصيب ڪونه ٿيو آهي: جيڪا پنهنجي عظيم الشان تهذيب ۽ ثقافت، بي مثال زبان ۽ لازوال زرخيز زمين ۽ بي نظير معاشي ۽ معاشرتي خوبين جي باوجود، ڪنهن اهڙي انسان جي انتظار ۾ هئي، جيڪو حوصلي ۽ همت سان سندس استقلال، عظمت ۽ مان کيس وري موٽائي ڏئي. قومي خوشحاليءَ جي انهيءَ لافاني نغمي ۾ بين قومن سان شريڪ ٿئي، جيڪو نغمو ويهين صدي چيڙي چڪي آهي.

سنڌ جي اها تاريخي تمنا ۽ خواهش جي. ايم. سيد جي روپ ۾ پوري ٿي. سيد، سنڌ کي قومي خوشحاليءَ جي منزل تائين پهچائڻ لاءِ پنهنجو پروگرام ۽ منشور مرحلن ۾ شروع ڪيو.

ھڪ دؤر ۾ ھن صرف سنڌي قوم پرستيءَ جو پرچار اثرائتي نموني ڪرڻ پنھنجي سامھون رکيو. انھيءَ مرحلي ۾ ھن جا ٽي ڪتاب "موجوده سياسي مسئلا"، "نئين سنڌ لاءِ جدوجھد" ۽ "پيغامِ لطيف" اھم رھيا آھن.

ٻئي مرحلي ۾ ھن "قوم پرستيءَ جي نظريي" کي ھڪ نعري جي روپ ۾ اڳتي وڌائڻ شروع ڪيو، اھو نعرو "جيئي سنڌ" جو ھو: جنھن جي ذريعي سنڌي عوام پنھنجي منزل ڏانھن وڌڻ شروع ڪيو.

ٽيون مرحلو آھي منزل جي نشان دھي، ۽ سيد سنڌي عوام جي آخري منزل "باوقار سنڌ" مقرر ڪئي ۽ سنڌي عوام جي باشعور ذھن ان کي ھنن لفظن ۾ قبول ڪري ورتو:

تنھنجو ديش منھنجو ديش، سنڌو ديش، سنڌو ديش!
ھوشوءَ وارو سنڌو ديش، ھيمونءَ وارو سنڌو ديش!
تنھنجو ديش منھنجو ديش، سنڌو ديش، سنڌو ديش!
آزاديءَ جي ھلچل ۾، جان اچي مر جنجل ۾."
(نياز ھمايوني)

سيد جي انھيءَ پروگرام کي جتي لکين ھارين، مزورن، ۽ دانشورن قبول ڪيو، اُتي ڪجھ وڪائل گھوڙن، پاڙي جي دانشورن ۽ ذھني مريضن، پنھنجي آقائن جي اشاري تي ان جي مخالفت ڪرڻ ضروري ڄاتي، تہ جيئن پنھنجي عوام دشمنيءَ ۽ غداريءَ جي ڪري پنھنجي آقائن وٽ سرخروئي حاصل ڪري سگھن.

دنيا جي ھر تحريڪ جو اھو تسليم ٿيل اصول آھي تہ ننڍڙن ننڍڙن ٽڪرائن ۽ ڇوٽين ڇوٽين لڙائين جي ذريعي "وڏي جنگ" جي تياري ۽ ان ۾ عوام جي وسيع تر شموليت لاءِ ميدان ھموار ڪيو وڃي. پروگرام، منزل ۽ مقصد، ھميشہ عوام جي آڏو ڇڪتو، واضح ۽ غير لچڪيدار ھجڻ گھرجي: جيئن ان پروگرام جي آڌار تي تيار ٿيل عوامي ذھن، سوچ ۽ سياٽپ، موقعي پرست ليڊرن تي گرفت رکندي اچي ۽ ڪوبہ طالع آزما، ڏوڪيباز، فريبي، بزدل، لالچي ۽ مڪار ليڊر قومي مفاد تي سوديبازي ڪرڻ جون اٽڪلون، حرفتون، چالاڪيون ۽ چالبازيون ڪري نہ سگھي. اھو اصول "انقلابِ روس" کان ونی انگولا جي آزاديءَ تائين ھر تحريڪ، ھر تنظيم ۽ ھر جماعت وٽ مڃيل رھيو آھي. سيد بہ انھيءَ ساڳئي اصول تي

غور ڪندو رهي ٿو. هن عوام وٽ عوام جي چوٽڪاري ۽ خوشحاليءَ جو هڪ واضح پروگرام رکيو ۽ پنهنجي تحريڪ ذريعي سنڌ دشمن ٽولن ۽ حاڪم ڏرين سان ٽڪرائيندو رهيو آهي. اهڙا ٽڪراءَ ۽ تصادم تاريخ جي هر دور ۾ راءِ عامہ هموار ڪرڻ لاءِ اثرائتا هٿيار ثابت ٿيا آهن، جن کان انڪار ڪو ضدي ۽ نڙ ئي ڪري سگهي ٿو. خدا جي فضل سان اهڙا ضدي سنڌ ۾ به موجود آهن. جڏهن به محب وطن سنڌين کائي تحريڪ شروع ڪئي آهي؛ جڏهن به ديس جي آزاديءَ جي متوالن، حڪومت جي فيصلن ۽ فرمانن جي خلاف بغاوت جي للڪار ۽ اعلان بنجي قابض ڏرين خلاف کائي ڪارروائي ڪئي آهي؛ جڏهن به سيد جي تحريڪ جي صفن مان ڪو اهڙو نعرو بلند ٿيو آهي، جنهن سان صدين جي سڙيل سماج جي ڪوٽ جا ڪنگرا لڏڻ لڳا آهن، تہ هڪدم ڪن مصلحت پسندن ۽ پنهنجي پر ۾ اڇٽ مار دانشورن پروپيگنڊا شروع ڪئي آهي تہ، 'هي سنڌي قوم ڪي مارائڻ ٽا چاهين. اهو نعرو خودڪشيءَ جي مترادف آهي ۽ اهو قدم، احتجاج، جلسو ۽ جلوس موت کي دعوت ڏيڻ جي برابر آهي.' اهڙي پروپيگنڊا ڪندڙن جي طرزِ عمل تي مون نيڪ نيتيءَ سان تمام گهٽو ويچار ڪيو آهي ۽ آخر هن نتيجي تي پهتو آهيان، تہ انهن ماڻهن جي نظر ۾ ڪنهن قوم جي فردن جو موت صرف اهو آهي، جيڪو فاشي طاقتن جي بم، بندوق ۽ گوليءَ سان واقع ٿئي ٿو يا موت اهو آهي، جيڪو زهريلي گيس، نيپام بم، ڦاسيءَ جي ڏندي ۽ پوليس جي وحشيانہ تشدد سان ٿئي. باقي اهو موت ناهي، جيڪو غلاميءَ جي ذلت، محڪوميءَ جي بيعزتيءَ ۽ بانهپ جي ذلالت وسيلي ٿيندو رهي ٿو. غلاميءَ ۽ بيوسيءَ واري زندگيءَ ۾ هر سال هزارين ٻارن، مردن، عورتن ۽ ٻُڌن جو بکن، بيمارين، ڏڪارن ۽ ٻوڏن جي تباهين ۾ موت ٿيندو رهي ٿو. چا روزانو چورين، ڏاڻہ ۽ ڦرين جي الزامن ۾ عوام جون گرفتاريون، بيعزتيون، خواريون ۽ ڦاسيون موت نہ، پر زندگيءَ جون علامتون آهن؟ ڏڳهي غلامي ۽ پرماريت هيٺ قوم جي ذهني، اخلاقي، روحاني، سياسي، سماجي، معاشي، معاشرتي ويراني ۽ جمود، حياتي ۽ زندگي آهي!!

انهن دانشورن جي نظر ۾ خاموشي، بيخبري ۽ قابض ڏرين جي ڪارن

قانونن تي چشم پوشي ته زندگي آهي، پر احتجاج، للڪار، آواز ۽ قومي بيداريءَ لاءِ جڏهن پروگرام پيش ڪري عوام کي تحريڪ ۾ آڻڻ موت آهي.

هنن، ڪتابن ۾ اهو ته پڙهيو آهي ته ڳجهيءَ طرح ڪم ڪجي، پر ان ڪم، پروگرام ۽ نظريي کي عوام سان ڪيئن متعارف ڪرائجي ۽ قومن جي صدين جي خواهشن کي مجسم سوال جي صورت ۾ حاڪمن اڳيان ڪيئن پيش ڪجي، ان باري ۾ خاموشي ئي بهتر سمجهن ٿا. اهڙي قسم جا ماڻهو عوام جي موت جي واويلا جي شور ۾ پنهنجي موت جي خوف ۽ حاڪمن جي تشدد جي ٻَو کان پاڻ کيَ محفوظ رکڻ جي ماليخوليا ۾ مبتلا آهن. انهن اها ڳالهه به وساري ڇڏي آهي ته عوام جي هر جدوجهد ۽ قابض ڌرين سان هر ٽڪر عوام جي فتح آهي ۽ شڪست آهي قابض حاڪمن جي انهيءَ خيال جي ته محڪوم ڌر ۾ جڏهن جوحوصلو ئي ڪونهي. ڪن باحوصلہ جوانن جو وقت جي قهري قوتن سان مقابلو عوام جي ذهنن تان حاڪمن جي خوف ۽ خطري کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي. خاص ڪري اهڙي ماحول ۾، جتي چيو وڃي ته حڪومت ۽ خدا سان ڪوئي وڙهي نه ٿو سگهي، اتي غاصب قوتن جي اکين ۾ اکيون وجهي ڏسڻ ۽ ڌرتيءَ جي ڌاڙيلن کي للڪارڻ عوامي ذهن جي تربيت لاءِ بهترين هٿيار آهي. پر انهيءَ شيءِ جا مخالف حقيقت ۾ احساس ڪمتريءَ جو شڪار ۽ ذهني طرح شڪست خورده آهن. هنن وٽ آزادي ۽ انصاف جي گهُرَ جرم آهي، جنهن کان بچڻ ضروري آهي، ڇوته اسان ايڏا ته ڪمزور آهيون، جو فاتح طاقت اسان جو هڪ وار سان خاتمو ڪري ڇڏيندي.

پاڻ کي مها انقلابي سڏائيندڙ پنهنجي بزدليءَ ۽ مصلحت پسنديءَ کي لڪائڻ لاءِ ننڍڙن ۽ ڪين جهڙن مطالبن جي آڙ تي تحريڪ اڳتي وڌائڻ ۽ قسطن ۾ آزادي وٺڻ جو طريقو اختيار ڪن ٿا. قسطن ۾ آزادي وٺڻ جي شروعات انهن ملڪن ۾ ٿي، جتي آزاديءَ جي حاصلات، گفتگوءَ ۽ مذاڪرات سان ٿي. مصو، هندستان، لبيا، پاڪستان، ماريطانيا، مالٽا، ٽوگو، واهومي ۾ قسط وار آزادي ورتي وئي. هندستان ۾ پهرين سول سروس ۾ هندستانين کي ڪٽڻ، پوءِ وائسراءِ جي ڪائونسل ۾ ڏيهي باشندن کي نامزد ڪرڻ، پوءِ صوبائي ڪائونسلن ۾ خاص حد تائين ملڪيت رکندڙ ماڻهن جي داخلا، اڳتي هلي "هوم رول،" پوءِ محدود

آزاديءَ جو مطالبو "سوراج"، نيٺ آخر ۾ جنوري 1929ع ۾ "پورن سوراج" جي قرارداد منظور ٿي.

هتي حيرتناڪ ڳالهه هي آهي ته سيد تي تنقيد ڪندڙ حضرات ڪانگريس، وفد پارٽي، صومالي ليگ، ۽ اهڙين ٻين تحريڪن جي خلاف آهن، ۽ انهن کي رجعت پسند، غدار ۽ عوام دشمن سڏڻ جي باوجود، جي. ايم. سيد کي ويهين صديءَ جي ائين ڏاهاڪي ۾ ليگ، وفد پارٽي ۽ ٻين اهڙين جماعتن جي نقش قدم تي هلڻ جي تلقين ڪن ٿا.

ان کان سواءِ هي ڳالهه به ڪئي پئي وڃي ته سيد جو نعرو ۽ تحريڪ وقت کان اڳ ۾ آهن، انهيءَ ڪري تباهه ڪن آهن. نڪته چينن جي مخصوص لفظن ۾ "ايڊوانس نعرا"

هڪڙي ڳالهه ته ڪوبه نعرو هميشه فيصلي جي وقت کان اڳ ۾ ئي لڳايو ويندو آهي. وقت گذرڻ کان پوءِ ان جي ڪابه اهميت ۽ حيثيت ڪانه رهندي آهي. دنيا جي انهن ملڪن، جن تي غير ملڪي حملي آورن قبضا ڪيا، اُتي جي مقامي قومن جي باغيرت ۽ محب وطن انسانن، بي سروساماني جي حالت ۾ پنهنجي وطن جي آزاديءَ ۽ قومي خودمختياريءَ لاءِ نهايت بهادريءَ ۽ سچائيءَ سان جدوجهد جو آغاز ڪيو. دنيا ۾ ائين به ٿيو آهي ته فاتحن جي بيشمار وسيلن، هٿيارن ۽ طاقت جي مقابلي ۾ ديسي ماڻهن جي مختصر ٽولن، جٿن ۽ قبيلن، لڻين، ڪهاڙين، گهوباٽن، ڪاترن ۽ ڏاٽن سان جنگ جوٽي آهي. انهيءَ جنگ، ويڑهه ۽ ڪشمڪش ۾ هزارين ماڻهو موت جو شڪار ٿيا؛ قبيلن جا قبيلا ناس ٿيا؛ لکين عورتن، ٻارن ۽ ٻُڌن کي فوجي بوٽن هيٺان ڇڇريو ويو؛ سنگينن ۾ ٽُنبيو ويو؛ ڦاسين تي چاڙهيو ويو ۽ منظم طريقي سان نسل ڪُشي ڪئي وئي؛ پر اڳتي هلي، تاريخ لکندڙن ۽ قومي آزاديءَ جي منظم تحريڪن جي رهنمائن هڪ گهڙيءَ لاءِ به انهن ماڻهن متعلق ڪڌهن به اهو ڪونه چيو، مشهور ڪيو ۽ لکيو ته انهن ماڻهن وقت کان اڳ ۾ جابرن سان ٽڪر کائي، ايڊوانس نعرا هڻي، خودڪشي ڪئي. اُلٽو هنن ٻڌايو ته عظيم آهن ڏرتيءَ جا اهي لاکيٽا فرزند، جن پنهنجيءَ قومي غيرت جو ثبوت ڏينديءَ، فاتحن جي آڻ مڃڻ بجاءِ آزاديءَ جو باوقار گس ورتو- ۽ انهن جا ئي نعرا هئا، جن جي پڙاڏي قوم مان آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جي خواهش ۽ انقلاب جي روح کي مرڻ نه ڏنو ۽

اسان لاءِ ھڪ راھہ جو تعين ڪيو. اھي ئي واقعا ھئا، جن جي چوپول ۽ ھيبتناڪيءَ عوام جي وسيع تر اڪثريت جي دلين تان موت جو خوف ختم ڪري، آزاديءَ جي عظيم الشان جلوس ۾ شريڪ ڪيو.

دنيا جي "تاريخ آزاديءَ" جي مطالعي مان آءٌ هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ آزاديءَ جا نعرا نهايت ئي ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ بلند ٿيا آهن. حقن جي حاصلات جي جدوجهد انتهائي بيوسيءَ ۽ بيڪسيءَ واري حالت ۾ شروع ڪئي وئي آهي، جنهن اڳتي هلي هڪ طوفان جي شڪل اختيار ڪئي آهي.

سنڌي عوام جي حقن جي حصول جي جدوجهد جي رفتار ۽ طريقي ڪار تي نڪتہ چيني ڪندڙ ڏاڙين جي دلالن ۽ آمريڪي سي. آءِ. اي جي ايجنٽن، فورٽ انٽرنيشنل جي تنخواهہ دار گماشتن، جنسي مريضن ۽ پنجابي پناهگير مڪارن جي پيدا ورڪرن جي ايڊوانس نعري واري اعتراض تي پنهنجي طرفان ڪجهہ لکڻ جي بجاءِ، آءٌ مناسب ٿو سمجهان تہ دنيا ۾ آزاديءَ جي تحريڪن ۽ انهن ۾ ٿيل نقصان جو سرسري جائزو پيش ڪريان: جنهن جي روشنيءَ ۾ سنڌي ماڻهو سيد جي طريقي ڪار تي خود فيصلو ڪن ۽ منافقن جي صحيح روپ کي سڃاڻن.

شام

پي جنگ عظيم ڪان پوءِ دنيا ۾ پهريون ملڪ شام آهي، جنهن 1945ع ۾ آزادي ورتي ۽ شام جي آزادي بن ٽڪرن ۾ ٿي: هڪ لبنان ٻيو موجوده شام. جهڙيءَ ريت ننڍي ڪنڊ کي بن ٽڪرن ۾ ورهايو ويو. انهيءَ شام کي پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ڪان پوءِ هڪ معاهدي تحت فرانس جي ڪالوني بنايو ويو. سامراج جي اهڙي قدم خلاف شام جي هڪ حريت پسند قبيلي، فرانس جي غلاميءَ کان انڪار ڪري آزاديءَ جو جهنڊو بلند ڪيو. انهيءَ جدوجهد ۾ شاگرد، جاگيردار ۽ وچولي طبقي جا ماڻهو شريڪ ٿيا. فرانس انهيءَ بغاوت کي طاقت ۽ تشدد سان دٻايو. دمشق تي انڌاڌند فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ پنجويهہ هزار شامي شهيد ٿي ويا، اهو سن 1920ع هو، جڏهن سامراجي طاقتون "انا ولاغيري" جو نعرو هڻي رهيون هيون. پر انهن حالتن ۾ بہ شامي دروزين هٿيار ڦٽا ڪونہ ڪيا ۽ هو

پنجويھ سال لڳاتار وڙھندا رھيا، بنا ڪنھن مرڪزي تنظيم جي، بنا ڪنھن اُڌم مار ڏاھي جي اڳواڻيءَ ۽ مشوري جي- اڳتي ھلي آزاديءَ جي رھنمائن، جنگ آزاديءَ جي پھرين شھيدن تي نڪتہ چيني ۽ انھن جي موت کي خودڪشي سڏڻ جي بجاءِ، جنگ آزاديءَ ۾ لازوال ڪارنامو سڏيو ۽ اڄ شام جي بعث پارٽي بہ انھن جي قرباني‌ءَ ۽ ولولي کي خراج پيش ڪرڻ تي مجبور آھي ۽ ھنن ڪليل دل سان اعتراف ڪيو آھي تہ انھن جي جدوجھد، آزاديءَ جي آڳ کي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پھچايو.

روس

روس ۾ بالشويڪ انقلاب کان اڳ ۾، وڏي پيماني تي خودرو تحريڪون شروع ٿينديون رھيون ۽ وقت بہ وقت مشتعل شاگردن، غير مطمئن مزورن ۽ مظلوم ھارين بغاوتون ڪري، يونيورسٽين، ڪارخانن، زمينن ۽ جاگيرن تي قبضا ڪيا؛ اميرن، جاگيردارن ۽ سرمايدارن جي حويلين کي باھيون ڏنيون ۽ ٽاڻن تي حملا ڪيا، ۽ پوري ملڪي انتظام کي درھم برھم ڪري ڇڏيو. انھن مظاھرن ۽ احتجاجن ۾ ھزارين ماڻھو زار شاھي فوج، پوليس ۽ جاگيردارن جي پالتو ڪُتن ھٿان ماريا ويا. ٻيو سن 1901ع جي بغاوت ۾ ھزارين، ھاري، مزور، شاگرد ۽ ٻيا ماڻھو پوليس ۽ فوج جي فائرنگ ۽ لاٺي چارج سان ماريا ويا. انھيءَ بغاوت پوري روس ۾ عوام کي زار شاھيءَ جي خلاف ڪري ڇڏيو ۽ روس جي ھر شھر ۽ علاقي ۾ انقلاب لاءِ ميدان ھموار ٿيڻ لڳو. انھيءَ عمل پوري ملڪ کي پنھنجي لپيٽ ۾ ورتو، جنھن جو نتيجو "1905ع وارين بغاوتن" جي صورت ۾ نڪتو.

سن 1905ع ۾ سينٽ پيٽرزبرگ ۾ پوليس فائرنگ سان سوين پورھيت ماريا ويا، جنھن جي بنياد تي روس ۾ "بورجوا عوامي جمھوري انقلاب" جي ابتدا ٿي. ساڳئي وقت ماسڪو ۽ ٻين شھرن ۾ پورھيتن جون بغاوتون ٿيون، جن ۾ ھزارين جانيون ضايع ٿي ويون. انھيءَ حادثي، ھارين، پورھيتن، شاگردن ۽ پوليس وارن کي زار شاھيءَ خلاف ڪري ڇڏيو. اھڙيءَ ريت سن "1905ع وارو انقلاب" آيو.

انھيءَ انقلاب ۽ ان کان اڳ وارين حالتن تي تبصرو ڪندي لينن لکيو آھي تہ "1901ع کان سن 1905ع تائين واريون بغاوتون، روس ۾ غير

معمولي تبديليءَ جا اهڃاڻ هيون، جن سن "1905ع واري انقلاب" کي جنم ڏنو ۽ اهو انقلاب عظيم آڪٽوبر انقلاب جي تياري هئي."

لينن "سن 1917ع جي انقلاب" کان اڳ وارين بغاوتن جي مذمت ڪرڻ، انهن کي خودڪشي سڏڻ ۽ موت کي دعوت ڏيڻ نه ڪونيو، پر عوام جي انهن شاندار ڪوششن کي عوام جون بي مثال قربانيون سڏيو ۽ ٻڌايو ته اهي سماج ۾ بي چينيءَ جون وقتي، فطري ۽ اٿٽر لهرون روسي معاشري کي انقلاب جي چانئٽ تي پهچائڻ جون ذميدار هيون، نه صرف 1905ع واري انقلاب ۽ ان کان اڳ واربون ڪاروائين، پر 1905ع کان 1917ع تائين روسي عوام جي جدوجهد ۽ جاکوڙ، جنهن جي قيادت بالشويڪ پارٽي نه پئي ڪئي، اُن جي به لينن ساراهه ڪئي آهي.

چين

چيني آزاديءَ جي انقلابي تحريڪ تمام پراڻي آهي. غير ملڪي حملي آورن خلاف چيني حريت پسندن پنهنجي سرزمين جو دفاع ڪندي بيشمار قربانيون ڏنيون ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جي ديويءَ کي لکين جانين جو دان ڏنو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ هنن هٿين خالي، سامراجيت جي خونخوار ديو سان جنگيون وڙهيون، جن کي "جنگِ آفيم اول" ۽ "جنگ آفيم بي" جي نالي سان چيني تاريخ ۾ ياد رکيو ويو آهي.

انهن پنهي جنگين ۾ چيني حريت پسندن وقتي طرح شڪست کاڌي ۽ بيشمار انسان انهن جنگين ۾ ڪم آيا. اڳتي هلي 4 مئي 1919ع ۾ چيني پورهيتن انقلاب لاءِ، قومي چوٽڪاري جي تحريڪ شروع ڪئي. ان تحريڪ هيٺ چين جي ڏار ڏار شهرن ۾ پاڻمرادو هڙتالون ۽ مظاهرا ٿيا. انهيءَ تحريڪ ۾ اڻ گڻيو جاني ۽ مالي نقصان ٿيو. اها تحريڪ بنا ڪنهن پروگرام ۽ تنظيم جي شروع ٿي هئي ۽ ان جا نتيجا به ڪي خاص سُنا نه نڪتا، پر چيني ليڊر مائوزيتنگ ان تحريڪ جي مذمت ڪرڻ بجاءِ لکيو ته "4 مئي جي تحريڪ سان چيني انقلاب هڪ نئين موڙ ۽ مرحلي ۾ داخل ٿيو." انهن بغاوتن کان اڳ ۾ سن 1899ع ۾ چين جي صوبي شان تونگ ۾ هارين بغاوت ڪئي، جنهن ۾ هزارين هاري ماريا ويا، ڪيترين عورتن کوهن ۾ ٽپا ڏئي آپگهات ڪيو.

اها بغاوت ناڪام ٿي، انهيءَ کان پوءِ اڳتي هلي فيبروري سن 1923ع ۾ ريلوي جي مزدورن کي مطالبن جي آڏار تي هڙتالون ۽ بغاوتون ڪيون، جن کي سامراجي طاقتن جبر ۽ تشدد سان دٻايو. ڪيترائي هڙتالي پوليس جي گولين سان ماريا ويا ۽ تحريڪ جا به مکيہ ليڊر ڪُٽا ويا.

12 اپريل سن 1927ع ۾ هڪ شهر شنگهائي ۾ ويهہ هزار مزور گولين جو شڪار ٿيا. سن 1927ع کان سن 1929ع تائين بن سالن جي عرصي ۾ سامراجي غاصبن هٿان سادا چار لک چيني، وطن جي آزاديءَ تان قربان ٿي ويا.

هتي اسان کي ڏسڻو هي آهي تہ چين جي "پهرين جنگ آفيم" کان وٺي، جنهن جنگ ۾ ويهہ هزار چيني ماريا ويا، 1929ع جي وڏي قتلام تائين، چيني عوام جي تحريڪ، قربانين ۽ وطن جي بچاءَ جي جنگين کي، ڪهڙي چيني انقلابي دانشور وقت کان اڳ واريون ڪوششون، خودڪشيون ۽ موت جون دعوتون ڏڌيو آهي؟ اهي ئي قربانيون هيون، اهي ئي جانبازيون ۽ سرفروشيون هيون، اهي جفاڪشيون هيون، جن "چيني انقلاب" لاءِ رستو هموار ڪيو، جنهن جو اعتراف هر چيني ليڊر ڪيو آهي ۽ انهن بغاوتن مان کن ۾ "چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ" جي ٿوري گهڻي شرڪت جي ثابتي ملي ٿي.

انهيءَ کان اڳتي وڌندي اسان مائوزي تنگ جي مشهور "لانگ مارچ تحريڪ" جو به جائزو ونڊاسين، جنهن لانگ مارچ کي دنيا جي انقلابي تحريڪن ۾ وڏي اهميت ڏني وڃي ٿي. مائوزي تنگ جڏهن سامراجي گهيري مان نڪري پڳو، ان وقت ڪيانگسي صوبي مان نڪرڻ وقت هن سان ٿي لک ڪميونسٽ ورڪر هٿ ۽ جڏهن هو هڪ سال کان پوءِ شينسي صوبي ۾ پهتو، جتي اڳيئي هڪ ڪميونسٽ ليڊر پنهنجي حڪومت قائم ڪري چڪو هو، ان وقت اُتي صرف ٽيهہ هزار ماڻهو سائس ڳڏ زنده پهتا، واٽ تي به لک ستر هزار بهترين ڪميونسٽ ورڪر اجل جو شڪار ٿي ويا. هاڻي ڏسڻو هي آهي تہ جنهن لانگ مارچ ۾ پوٽا ٿي لک ماڻهو موت جو شڪار ٿيا، اهڙي قدم کي چا سڏجي؟ سنڌ جا مائونسٽ انهيءَ عمل کي چا ٿا چون؟ هنن جي نظر ۾ اهڙي پاڇ، جنهن ۾ پوٽا ٿي لک ماڻهو مُئا، سا عظيم حڪمت عملي هئي، بهترين جنگي چال هئي ۽ انقلاب ڏانهن پيشقدمي هئي، ۽ ڪوبہ ان کي خودڪشي ۽ موت کي دعوت ڏيڻ ڪونہ ٿو

سڏي- پر جيڪڏھن جي. ايم. سيد ۽ سندس پارٽيءَ طرفان وقت جي سامراجي طاقتن سان ڪو مقابلو ٿيو آھي يا "سنڌ دشمن آئين" جي خلاف ڪو احتجاج ڪيو آھي يا سنڌي عوام جي حقن تي ڏاڙا ھڻندڙن کي للڪاريو ويو آھي ۽ جابر قوتن طيش ۾ اچي ڪو قدم کنيو آھي تہ انھن نام نھاد انقلابين دانھون ڪرڻ شروع ڪيون آھن تہ ھي عوام کي ماراڻڻ ٿا چاھين: ھي ايدوانس نعرا ڏئي قوم کي قتل ڪرائڻ چاھين ٿا. آن جي ابتر ھنن ويٽنام ۾ ورڪر پارٽي جي نھٺ وقت وارين ھڙتالن ۽ مظاھرن کي "انقلابي قدم" سڏيو. جن ھڙتالن جي نتيجي ۾ سامراج بي پناھ تشدد ڪيو، ھزارين ورڪر مارجي ويا، ھوچي منھ کي ويٽنام جا ڪک چڏڻا پيا. اھي سڀ تحريڪون بيوسيءَ ۽ لاچاريءَ واري دور ۾ شروع ٿيون، جن وقت ۽ ناوقت جي فيصلي ڪان بيپرواھ ٿي، عوام جي در تکر ۽ در تصادم کي قومي آزاديءَ جي تحريڪن جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ، ضروري پٽي سمجھيو آھي.

انھيءَ سلسلي ۾ اڳتي وڌڻ کان اڳ ھتي وقت ۾ ناوقت جي اختلافي مسئلي جي باري ۾ آءٌ جديد ڪميونزم جي حتيتي باني "فريڊرڪ اينگلز" جو ھڪ واقعو بيان ڪرڻ ضروري ٿو سمجھان: جنھن مان خبر پوندي تہ دنيا جي ھر سچي انقلابيءَ عمل جو ڪوبہ موقعو ھٿان وڃڻ نہ ڏنو آھي ۽ پنھنجيءَ پوريءَ طاقت ۽ تشدد سان ان عمل جو پاڻ کي حصو بنائي چڏيو آھي.

يورپ ۾ اٺويھين صدي جمھوري انقلابن جو پيغام کڻي آئي ۽ انھيءَ صديءَ ۾ يورپ جي ڏار ڏار ملڪن ۾ جمھوري تحريڪون شروع ٿيون. انھيءَ سلسلي ۾ جرمنيءَ ۾ ھڪ پارليامينٽ قائم ٿي. جرمنيءَ جي بادشاھ فريڊرڪ وليم 18 ڊسمبر 1848ع ۾ اھا پارليامينٽ توڙي چڏي. نتيجي ۾ جرمنيءَ ۾ بادشاھ جي انھيءَ قدم خلاف "مسلح بغاوتون" شروع ٿي ويون. انھن بغاوتن جي سلسلي ۾ ھڪ بغاوت جي جڙ جي قيادت اينگلز ڪئي. اھا بغاوت بريءَ طرح ناڪام ٿي ۽ اينگلز پڃي جان بچائي. انھيءَ واقعي مان ھڪ سچي انقلابيءَ ۽ ڪوڙي مصلحت پسند منافق جي پروڙ پئجي سگھي ٿي. اينگلز عوام جي جڙواڳ تحريڪ ۾ ب شامل ٿي ويو، پر ھتي اسان وٽ نقلي ترقي پسندن ھر قومي مفاد جي قدم کي بي وقتائتو قدم سڏي، نہ صرف پاڻ کي ان کان جدا رکيو، پر ان تي پريور تنقيد ڪئي آھي.

هائي ٿورو اسان نئين آزاد ٿيل ملڪ انگولا متعلق ڪجھ ڏسڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

انگولا جي آزاديءَ جي تنظيم ايم. پي. ايل. اي جي بنياد پوڻ وقت انگولا جي حالت هيءَ هئي، جو آزاديءَ جي پرچار لاءِ ڪوبہ رسالو يا اخبار موجود ڪانہ هئي. ايم. پي. ايل. اي جوڻ بنياد مشهور آفريڪي مفڪر اميلڪار ڪئبرال 1956ع ۾ رکيو هو. اڄا ان جماعت جي باقاعدي تنظيم ٿي ڪانہ ٿهي هئي، جو 1959ع ۾ انگولا جي پاڙيسري ملڪ ڪانگو ۾ آزاديءَ جي واڌاري ۽ تيزيءَ کان گھبرائي، بيلجم طرفان تحريڪ تي وحشياڻو تشدد ٿيو. ان وقت انگولا جي ننڍڙي تنظيم، انگولا جي آزاديءَ لاءِ پمفليٽ ۽ هٿنڊ بل تقسيم ڪيا ۽ پرتگالين جي نعرن جو جواب تشدد سان ڏنو. ايم. پي. ايل. اي جي ڪارڪنن سان گڏ بيشمار انگولائين کي گرفتار ڪري مٿن وحشياڻو تشدد ڪيو ويو، صدر نيٽو جي گرفتاريءَ جي خلاف مظاهرن تي پرتگالي تشدد، تحريڪ کي عوام ۾ مقبول بنايو ۽ ان جي رفتار کي تڪڙو ۽ تيز بنايو.

آزاديءَ جي جنگين ۾ صرف آفريڪا ۽ هند چيني ۾ مجموعي طرح ايترا ماڻھو قتل ڪيا ويا، جيترا بن مهاپاري لڙائين ۾ بہ قتل نہ ٿيا آهن. قبيلن جا قبيلا، شهرن جا شهر ۽ علاقن جا علاقا ناس ٿي ويا، پر ڪنهن بہ مقامي يا غير ملڪي فرزندانِ زمين جي قربانين کي، "وقت کان اڳ جون تحريڪون" ۽ "خودڪشيءَ جون ڪوششون" نہ سڏيو آهي. دنيا ۾ سامراجي قبضي کان ٿي آزاديءَ جون تحريڪون شروع ٿي ويون.

باقي نعرا هميشہ وقت کان اڳ ۾ لڳندا آهن، وقت جو تعين حالتون ڪنديون آهن، نہ اُڻت مار دانشور.

هتي آءٌ ڪن ملڪن جي آزادي جي تحريڪن جي نعرن جي تاريخ درج ڪريان ٿو:

ويٽنام: 59 سال اڳ ۾

چين: 90 سال اڳ ۾

هندستان: 80 سال اڳ ۾

انگولا (مجموعي طرح): 60 سال اڳ ۾.

الجزائر: 62 سال اڳ ۾

کارل مارکس لکي ٿو:

"اسان کي پنھنجن خيالن، نظرين ۽ فيصلن کي کليل نموني ظاھر ڪرڻ گھرجي. اسان کي نہ پنھنجن فيصلن کان ڊڄڻ گھرجي ۽ نہ وري ھن خوف کان ڏکڻ گھرجي تہ ڪٿي اسان جو ٽکر جابر قوتن سان نہ ٿي پوي. اھي ماڻھو خيالن جي جنت ۾ رھن ٿا، جيڪي چون ٿا تہ انتظار ڪريو ان وقت جو، جڏھن حالتن جو تيار ٿيل حلوو اسان جي وات ۾ اچي ڪِري."

□

سنڌ ۾ ڪن ليڊريءَ جي شوقين جي عادت ٿي وئي آھي، جو ھو جڏھن بہ پنھنجي سياست جو دُڪان سينگارڻ لاءِ جي. ايم. سيد تي نڪتہ چيني ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آھن، ان وقت دنيا جي انھن ليڊرن جو حوالو ضرور ڏيندا آھن، جيڪي پنھنجي پنھنجي ملڪ ۾، ڪن تحريڪن جي قيادت ڪري ڪامياب ٿيا آھن.

آءٌ مناسب ٿو سمجھان تہ ھتي، انھن ليڊرن کي مليل حالتن جي ذڪر سان گڏ، ان قوم، جيڪي ڪجھ انھن رھنمائن ۽ مدبرن کي ڏنو، ان جو مختصر ذڪر ڪريان ۽ جائزو ونان تہ انھن ليڊرن جي نمودار ٿيڻ وقت اُتي جون مقامي حالتون ڪھڙي دور ۽ درجي تي پھتل ھيون" چا اھي ليڊر آزاديءَ ۽ انقلاب جو جھنڊو ۽ نعرو ڪٹي رج ۽ سُڄ ۾ اچي بينا ھٿا يا اھڙيءَ حالت ۽ ماحول ۾ نمودار ٿيا، جڏھن انسن جا ملڪ، آزاديءَ ۽ انقلاب جي شعور جي باھ ۾ آتش فشان جبل جي حيثيت اختيار ڪري ويا ھٿا؟ سندن وطن جي ڪارخاني، ڪيت، بندرگاھ ۽ ھوائي اڈي ۾، فرزندان وطن جا پرجوش نعرا زندگيءَ جي ميدان کي حريت جي ھوائن سان جھومائي رھيا ھٿا؟ سندن ديس جي ڏرتيءَ جي ھر گھٽيءَ ۽ گھيڙ، ھر ميدان ۽ ماڻري ۾ آزاديءَ جي متوالن جو لال لھو ھارجي چڪو ھو؟ سامراجين ۽ وطن دشمنن جي قيدخانن جي اونداھين ڪوٹين کي وطن ۽ قوم جا حلالي فرزند پنھنجي آزاديءَ جي اُمنگ سان روشن ڪري چڪا ھٿ ۽ سامراجي تولن لاءِ محڪوم ڏرتيءَ جو ذرو ذرو بارود جو ٽکر بنجي چڪو ھو؟ پوءِ ڏسڻ گھرجي تہ جي. ايم. سيد کي بہ اھڙيون حالتون مليون، اھڙو ماحول مليو، اھڙي قومي بيداري ملي ۽ اھڙا ساٿي ملیا ۽ عمر جو اھڙو بھترين دور مليو يا ھو ھڪ اھڙي جانباز مزور وانگر اڪليو، ڪنھن رڻ کي گلزار بنائڻ لاءِ

چنجور کٹي ميدان ۾ آيو؟ سيني ملڪن جي سياسي حالتن ۽ عوامي بيداريءَ جي پس منظر کي نگاھ ۾ رکندي ٿي اسان ڪنھن ليڈر جي خوبين ۽ خصلتن، ڪاميابين ۽ ناڪامين، حوصلن ۽ ھمتن، ولولن ۽ اُمنگن کي پرکي، پروڙي، جاچي ۽ سچائي سگھنداسين ۽ صحيح طريقي سان ان ليڈر جي ڪردار، حڪمت عمليءَ، جدوجھد، بھادريءَ، سچائيءَ، ۽ قومي عشق جي معيار سان انصاف ڪري سگھنداسين. اھو ان صورت ۾ ٿي سگھندو، جڏھن ھڪ ليڪڪ جي سامھون نيڪ نيتي ۽ غير جانبداري ھجي. انھيءَ معيار مطابق آءٌ دنيا جي چئن وڏن انقلابي ليڈرن جي ملڪي حالتن ۽ ماحول جو مطالعو پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو ۽ اھا ڳالھ واضح ڪري چڏيان تہ اھو مطالعو آءٌ يادداشت جي آڌار تي ڪتابن جي مدد کان سواءِ ئي پيش ڪري رھيو آھيان. جيڪڏھن اڳتي ھلي ڪنھن، ان کان مختلف مطالعي جو رخ پيش ڪيو تہ ان کي دليل جي بنياد تي قبول ڪرڻ ۾ مون کي ڪابہ ھيڪ نہ ٿيندي.

مھاتما گانڌي

انھيءَ سلسلي جي شروعات آءٌ برصغير جي لافاني شخصيت ۽ انساني تاريخ جي ناقابل فراموش ھستيءَ مھاتما گانڌي کان ڪرڻ مناسب سمجھان ٿو.

ھن ڳالھ ۾ ڪوبہ شڪ ناھي تہ ھن ننڍي کنڊ مان انگريزيءَسامراج کي تڙي ڪڍڻ ۾ مھاتما گانڌيءَ جي سوچ ۽ فڪر، جدوجھد ۽ حڪمت عمليءَ کي وڏو دخل آھي. ھن بک ھڙتال، عدم تشدد ۽ عدم تعاون جھڙن ڪتابي اصولن کي عملي سياست ۾ ڪارگر ھٿيار طور استعمال ڪري، پنھنجي بينظير تدبير ۽ ڏاھپ جو ثبوت پيش ڪيو.

اھو ئي ساڌو صفت سياسي رھنما ھو، جنھن جي غير جاذب شخصيت ڪروڑھا انسانن کي آزاديءَ جي اُتساھ سان ٽمٽار ڪري چڏيو. پر ڇا ھو جڏھن سياست ۾ داخل ٿيو، تڏھن ھندستان، سياسي قبرستان بنيل ھو؟ ھرگز نہ. ھو ايڏا آفريڪا ۾ گجراتي وڪيل جو منشي ئي ھو تہ ان وقت "انڊين نيشنل ڪانگريس" ھندي عوام جي دلين جي ڌڙڪڻ بنجي چڪي ھئي. ھو ايڏا ھندستان موٽيو ئي ڪونہ ھو تہ تلڪ جي شعلہ نوائي،

گوکلي جي عقل، موتي لال نهروءَ جي ايثار، ابوالڪلام آزاد، جي قلم جي آتش فشانيءَ ۽ علي برادران جي جدوجهد، هندستان جي عوام جي دلين ۾ سامراجي قوتن جي خلاف نفرت جو کورو بنائي ڇڏيو هو. هو اڃان آمريڪا ۾ ئي هو ته "تحريڪ هجرت" شروع ٿي چڪي هئي. هندستان جي مڪمل آزادي لاءِ هڪ منظم تحريڪ "سلڪ ليٽر" (ريشمي رومال) انگريزي راج ۾ رولو وجهي چڪي هئي. هندستان کان ٻاهر، آزاد هندستان جي جلاوطن حڪومت مولانا عبيدالله سنڌي، شري برڪت الله ۽ راجا مهندر پرتاب تي مشتمل قائم ٿي چڪي هئي. آزاديءَ جا بيشمار پاڻي، مالٽا ۽ جزائر انڊمان ۾ قيد جون سختيون برداشت ڪري رهيا هئا. پنجاب ۾ سک تشدد پسند، بنگال ۾ بنگالي حريت پسند، يو. پي ۽ بهار ۾ احتجاجي. مهاراشٽر ۾ شيواجيءَ جا پوئلڳ، راجستان ۾ پرتاب سنگهه جا پيروڪار، يونين جيڪ جا پرزا آڏائڻ لاءِ سر تريءَ تي رکي ميدان ۾ نڪري آيا هئا. هندستان جي آپرنڊز سرمائيدارن، ڪانگريس لاءِ پنهنجي ٽجوڙين جا مُنهن کولي ڇڏيا هئا.

اڌڻي ماحول ۾ مهاتما گانڌي هندستان جي سياست ۾ قدم رکيو. سندس سهڪار لاءِ انهن ليڈرن ۽ ورڪرن جي پوري فوج موجود هئي، جنهن سن 1857ع کان وٺي غير ملڪي آقائن، بدیسي ڏاڙيلن ۽ وطن جي ويرين جي تاج ۽ تخت کي پنهنجي ٽوڪرن جي زد ۾ آڻي چڏيو هو.

گانڌيءَ جي ديس جي شهرن ٽوڙي پهراڙين ۾ اڃا ماڻهو آباد هئا، جن جو مذهب قوميت، زبان، ڪلچر ۽ وطن، آقائن، سامراجين ۽ ليٽرن جي مذهب، قوميت، وطن، زبان ۽ ڪلچر کان ڏار، جداگانه ۽ عليحده هئا. هڪ طرف ڏور ڏيهي گوري جمڙيءَ وارا آقا هئا، ته ٻئي طرف پنجاهه ڪروڙ ديس واسي هئا. **انهن حالتن ۾** هن هندستان جي سياست جي واڳ پنهنجي هٿ ۾ ڪئي ۽ پنجتيهه سال اڻٽار ڪوشش کان پوءِ هن هندستان جي آزادي، ملڪ جي تقسيم جي صورت ۾ حاصل ڪئي ۽ هو پنهنجيءَ پوري سمجهه، سياڻپ، بهادريءَ، سچائيءَ ۽ درويشيءَ جي باوجود هندستان ۾ "متحده قومڙ" جو شعور پيدا نه ڪري سگهيو. اها حقيقت آهي پوءِ تلخ ٿي سهي!

مائوزي تُنگ

هن خطي ۾ چيني رهنما مائوزي تنگ جي شخصيت ۽ ڪردار انقلاب جي تاريخ ۾ ان مٽ آهي ۽ رهندو. هن ستر ڪروڙ چيني عوام جي چوٽڪاري ۽ خوشحاليءَ جي رستي تي نهايت دوراندیشيءَ ۽ بهادريءَ سان عمل ڪري، تباهه ٿيل چين کي، دنيا جي باوقار قومن جي صف ۾ نمايان حيثيت ڏياري. هن جي سياست سان دنيا وارن اختلاف ڪيو آهي ۽ سندس مشهور "لانگ مارچ" کي احمقانه خودڪشيءَ سان تعبير ڪرڻ کان ڪي نقاد نه گهٽا آهن: جوت جنگي حڪمت عمليءَ ۾ هر عمل جو بنياد گهٽ نقصان ۽ وڌ فائدي تي هوندو آهي. مائوزي تنگ جي لانگ مارچ ٽپڙ وقت، ني نک مائهو ساڻس گڏ هٿا ۽ منزل مقصود تي پهچڻ وقت صرف ٽيهه هزار مائهو وڃي بچيا هئا. گويا ڪ دنيا جو هي بهترين جنرل، ڏيون حصو به فوج بچائي نه سگهيو. خير، مون کي انهن نقادن سان دلچسپي ڪانهي. آءُ حقيقت جي واضح روشنيءَ ۾ ڏسان پيو ته سندس شخصيت پوريءَ دنيا جي انقلابي نوجوانن لاءِ نوڪ گيت جي ٻول ۽ انگر دلڪش بنجي چڪي آهي. هو وطن جي آزاديءَ لاءِ ٿڪ محب وطن جي حيثيت ۾ وڏيرن ۽ سامراجوادیت لاءِ دلير ۽ دانا انقلابيءَ جي حيثيت ۾ جهاد ڪيائين. نتيجي ۾ هو جديد چيني معاشري جي علامت بنجي حڪو آهي. هتي آءُ انقلاب کان پوءِ سندس پرڏيهي پاليسيءَ تي بحث ڪرڻ نه ٿو چاهيان، نه وري گهرو پاليسيءَ ۽ "ثقافتي انقلاب" جي ڪوتاهيءَ ان جي خاصين ۽ خوبين جي اپٽار تي منجهجو موضوع آهي. آءُ هتي رڳو ان دور تي بحث ڪرڻ ٿو چاهيان، جنهن دور ۾ مائوزي تنگ پنهنجي سياسي ۽ انقلابي جدوجهد جو آغاز ڪيو. اسان وٽ گهٽو ڪري مائوزي تنگ جي خوبين ۾ اها ٻالهه سرنهرست ڳالهائي ويندي رهي آهي ته هن آفيسر جي ڪمانڊنگ موالي قوم جي انقلاب جي رستي تي تيزيءَ ۽ تيز رفتاريءَ سان هلايو ۽ اُن آفيسي قوم جي شعور ۽ انقلابي سرت، سامراج ۽ ان جي ديسي دلالن کي شڪست ڏني. عظيم تر چين جون ديوارون چونديون. آءُ انهن مالهن جي اڻڄاڻ قسم جي لغو ۽ واهيات بيانڪ تي حيران ٿي وينڊو آهيان ته آخرڪار ڪنهن انسان جي عظمت ثابت ڪرڻ لاءِ تاريخ جي جهڙي تي دانگي ملڻ جي ڪوشش چوتا ڪن.

هتي اسان کي ڏسڻو هي آهي تہ چا مائوزي تنگ جي سياست ۾ داخل ٿيڻ وقت چين واقعي سياسي رُڄ هو ۽ ستر ڪروڙ ماڻهو خير شاهہ جي پڙ جي موالين وانگر پنڪين ۾ هٿا؟ هرگز نہ! حقيقت هي آهي تہ چين ۾ آفيم جي وڪري، واهپي ۽ استعمال جي خلاف چيني عوام "پهرين پرپور جنگ" 1839ع ۾ ڪئي، جنهن ۾ ويهہ هزار چيني ماريا ويا ۽ وقتي طرح چين جي حريت پسندن کي شڪست اچي وئي. انهيءَ جنگ کي چيني تاريخ ۾ "آفيم واري پهرين لڙائي" ڪري سڏيو وڃي ٿو. آفيم جي خلاف چيني عوام جي اها جدوجهد مائوزي تنگ جي جنمڻ کان 56 سال اڳ ۾ شروع ٿي هئي.

1856ع ۾ چينين، آفيم سان پريل ٻيڙيءَ تي حملو ڪري پوري آفيم کي تباهہ ڪري ڇڏيو. چينين جي انهيءَ وطن دوست قدم تي فرانس ۽ برطانيا، چين خلاف اعلانِ جنگ ڪيو ۽ چين تي حملو ڪري بيشمار چينين کي قتل ڪيو. چين جي تاريخ ۾ انهيءَ جنگ کي "ٻي آفيم واري لڙائي" سڏيو وڃي ٿو.

مائوزي تنگ جي جنمڻ کان 45 سال اڳ 1855ع ۾ ڏاکڻي چين ۾ هارين بغاوت ڪري وڏي علائقي تي قبضو ڪري ورتو ۽ "حڪومتِ رباني" قائم ڪئي. انهيءَ حڪومت جي گاديءَ جو هنڌ نافڪنگ هو. انهيءَ تحريڪ جي ڪارڪن زميندارين جي لعنت کي مڪمل ختم ڪري، شراب، جوا، آفيم ۽ عصمت فروشيءَ تي بندش وجهي ڇڏي. مائوزي تنگ جي پيدائش کان ٻارهن سال پوءِ چين جي هڪڙي صوبي ۾ ڪوئلي جي کاڻين جي مزورن مڪمل هڙتال ڪئي، جنهن ۾ ٽيهہ هزار مزورن حصو ورتو. ساڳئي وقت چين ۾ ٻديسي مال جي بائيڪاٽ جي تحريڪ شروع ٿي چڪي هئي. مائوءَ جي جنمڻ کان پنج سال پوءِ چين جي صوبي شان تونگ ۾ هارين، پادرين، جاگيردارن ۽ ٻين مذهبي ٽيڪيدارن خلاف بغاوت ڪئي. انهيءَ بغاوت کي "باڪسر بغاوت" جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. اِهو، اُهو وقت هو، جڏهن مائو صرف هڪڙي چولي ۾ ٻارڙن سان راند ڪندو هو. مائوءَ جي ولادت کان ٿي سال اڳ چين جي اصلاح پسند نوجوانن ملڪي معاملن ۾ آئيني، عدالتي ۽ انتظامي سڌارا آڻڻ لاءِ ڪم شروع ڪري ڏنو هو. وڏي ڳالهہ تہ مائوزي تنگ کان اڳ باڪسر

"سن يات سين" چين جي قومي انقلابي جنگ کي باقاعدي هڪ منظم تحريڪ جي شڪل ڏئي چڪو هو. سندس پارٽي "ڪومن تانگ" عوامي دلين جي ڌڙڪڻ بنجي چڪي هئي. چين ۾ ٽيهه لک مزورن هڙتالن جو سلسلو شروع ڪري ڏنو هو. چوٽين مئي جي شاندار تحريڪ جي اڳواڻن جي بهادرانه ۽ دليرانه شهادت چين کي آتش فشان بنائي وڌو هو. ڊاڪٽر سن يات سن جي "ٽ نڪاتي عوامي پروگرام" قوم پرستي، جمهوريت ۽ روزگار، چيني عوام ۾ ٻائيبل جي صورت اختيار ڪري ورتي هئي. چين جي ڪافي علاقن ۾ انقلابي جٽن آزاديءَ جون ڪاروايون شروع ڪري ڇڏيون هيون. روس جي سرحد سان ملندڙ چين جي ٽن صوبن ۾ عملاً سوشلزم رائج ٿي چڪو هو ۽ ان سان گڏ روس جهڙي عظيم طاقت پنهنجا سياسي، اخلاقي ۽ شماري وسيلا چين جي انقلاب لاءِ وقف ڪري ڇڏيا هئا. وڏي ڳالهه ٽ چو. اين. لائي ۽ جنرل چوتيهه ۽ لن پيائو دوراندیش ۽ سپهه سالار شخص مائوءَ جي سهڪار لاءِ موجود هئا، جيڪي ڪنهن به طرح مائوزي تنگ جي تعليم ۽ فڪر جي پيداوار نه هئا، ان جي برخلاف اهي ماڻهو سن يات سن جي تعليم، فڪر ۽ سياست جي پيداوار هئا. اهي هيون حالتون ۽ ماحول، جن ۾ چيني سياست اندر مائوزي تنگ نمودار ٿيو ۽ پنهنجي محنت ۽ صلاحيت سان "چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ" جو چيئرمين ۽ انقلاب جو باني ٿيڻ. عوامي جنگ جي مؤثر هٿيار جي ايجاد مائوزي تنگ جي شخصيت کي دنيا ۾ وڏي اهميت ڏني آهي، ۽ انهيءَ جنگ ۾ سندس ڪو ثاني نه ٿو سمجهيو وڃي. پر چين جي جاگرافيائي حالتن ۽ ملڪ جي وسعت جي نقطئه نظر سان مائوزي تنگ لاءِ حالتون بي انتها شاندار هيون. ليڪن ميداني علاقي ۾ ڪار آمد لڙائي وڙهڻ، ٿورو نقصان سهي، مختصر عرصي ۾ وڏيڪ فائدو حاصل ڪرڻ ۽ دشمن جي فوج کي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکيڙي، فضا کان سواءِ هر رابطو ڪٽي ڇڏڻ ۾ آءٌ آفريڪي مفڪر ڪبرال کي مائوءَ کان وڏيڪ ذهين ۽ بالغ نظر سمجهان ٿو.

لينن

سوشلسٽ سماج، ملڪن جي آزاديءَ ۽ سامراج جي شڪست جي رفتار کي تيز بنائڻ لاءِ روس جو هڪ مختصر قد، معمولي شڪل، زبان جي

ٻاتي، يهودي النسل وڪيل، لينن جي زندہ جاويد شخصيت کي دنيا ڪڏهن ب وساري نہ ٿي سگهي. لينن ئي پهريون ماڻهو هو، جنهن جي زير قيادت هن پوڙهيءَ ڏرتيءَ جي مسڪين ماڻهن صدين جي شهنشاهيت کي هٿوڙي جي ضربن سان ٻاهي "پورهيتن جي عظيم رياست" جو بنياد وڌو. لينن ئي هو جنهن مارڪسزم جي هڪ وڏي خاميءَ کي "قومي آزادي جي تحريڪن جي حمايت" ذريعي پورو ڪيو. انهيءَ ڪري آءٌ پورهيتن جي هن نجات دهنده کي 'سامراجي دور جو مارڪس' چوڻ ۾ ڪوب حجاب محسوس نہ ٿو ڪريان. دنيا ۾ جڏهن غلام قومن جي ڇڻجين جا ڇٽ ٽٽندا، جڏهن ب مسڪين ماڻهوءَ جو هٿ سامراج شاهيءَ جي نڙڪهٽ تائين پهچندو؛ جڏهن ب آزاديءَ ۽ حريت جا ڪاروان استين ڳڻن سان جهنگن، ۽ ٻيلن ۾ دشمنن تي وار ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌندا؛ جڏهن ب گولين جي وسڪاري ۾ پُرجوش هجومن مان آزاديءَ ۽ انقلاب جا نعرا بلند ٿيندا، انهيءَ وقت اهڙن سڀني ماڻهن جي دلين ۽ دماغن ۾ روس جي هن عظيم اسناد جي ياد، فڪر ۽ سوچ گرمي پيدا ڪندي رهندي.

لينن جي قيادت ۾ روس اندر جيڪو انقلاب برپا ٿيو، ان جهڙو انقلاب تاريخ اڳي ڪڏهن ب نہ ڏٺو هو. آءٌ اقرار ٿو ڪريان تہ ڪميونسٽ مفڪرن مان لينن ئي آهي، جنهن جي شخصيت، سوچ، دليل بازيءَ ۽ وسيع نظريءَ مون تي ڏاڍو معمولي اثر ڇڏيو آهي. هو ٽالسٽاءِ جي نظرين جو مخالف هوندي ب ان جي فنڪارانہ عظمت کي روس جو لافاني سرمايو سڏي، پوري يورپ ۽ آمريڪا کي چئلينج ٿو ڪري تہ ڪو ٽالسٽاءِ تہ پيدا ڪري ڏيکاري! هن کي فرانس جي بندرگاهن تي گهمندي، روسي ملاح ۽ بندرگاهون ياد ٿيون اچن. هو دنيا جو عظيم انقلابي ۽ لافاني وطن پرست هو. انهن ڳالهين جي باوجود اسان کي ڏسڻو هي آهي تہ جڏهن لينن پنهنجون انقلابي سرگرميون شروع ڪيون، تڏهن روس جون حالتون ڪهڙيءَ نوعيت جون هيون؟

حقيقت هيءَ آهي تہ لينن جي اچڻ کان اڳ ۾ پليخانوف جهڙا مدبر ۽ ميڪسم گورڪيءَ پارا اديب وسيع پيماني تي ڪميونزم جو پرچار ۽ پروپئگنڈا ڪري رهيا هئا. روس ڪنهن ڏاڍي ملڪ جو غلام، زيردست ۽ محڪوم ڪونہ هو. روس ۾ صنعتي مزورن جو تعداد هڪ ڪروڙ جي لڳ ڀڳ هو. 1901ع ۾ انهن مزورن پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ هڙتالن جا

هفتا هڙتالون ڪري، بيشمار جاني قربانيون ڏنيون هيون. 1905ع ۾ زار شاهي جي غلط پاليسين ۽ جاگيردار روس جي سرمائيدار جاپان هٿان ذلت آميز شڪست جي ردعمل ۾ ٿيل تباهيءَ کان مڇرجي، مزورن، شاگردن، هارين ۽ ڪاسبين عظيم ۽ ناقابل فراموش قربانيون ڏئي، جمهوري انقلاب برپا ڪيو هو. انهيءَ انقلاب وقت لينن جي پارٽيءَ جي عمر صرف ٻه سال هئي. 1910ع تائين زارشاهيءَ جي خلاف هڙتالون، بغاوتون، مظاهرا ۽ چڪريون مسلسل هلنديون رهيون، جن ۾ لکن عام ماڻهن، مزورن، هارين، شاگردن ۽ بيروزگارن حصو ورتو ۽ زارشاهيءَ سان بهادرانه ٽڪر کاڌو ۽ بيشمار قربانيون ڏنيون.

انهن تحريڪن ۾ لينن جي پارٽيءَ جو ڪو نمايان يا قائدانه ڪردار ڪونه هو. خود لينن انهن تحريڪن کي "خودرو تحريڪون" سڏيو آهي، ۽ 1905ع واري انقلاب کي "عظيم آڪٽوبر انقلاب جي ريهرسل" ڪوئيو آهي. لينن جي پارٽي 1912ع واري بغاوتن جي اڳواڻيءَ جي اهل نه ٿي سگهي هئي. پهرين مهاڀاري ڙائي (1914ع کان 1918ع) روس کي تباهه ڪري ڇڏيو هو. روس جو ڪافي علائقو جرمنيءَ جي قبضي هيٺ هليو ويو هو. روسي فوجون بنا هٿيارن ۽ راشن جي برباد ٿي هر محاذ تان پڇي رهيون هيون ۽ هنن جي دلين ۾ زارشاهيءَ جي خلاف ميڇ پرڻ شروع ٿيا هئا. روسي عوام ۽ فوجون ڏڪهي جنگ مان بيزار ٿي چڪا هئا. هنن کي امن، آرام ۽ سکون جي ضرورت هئي. انهيءَ ڪري هنن جنگ جي مخالف لينن جي حمايت ڪرڻ شروع ڪري ڏني هئي، جنهن جو اعتراف خود لينن به ڪيو آهي. 1917ع ۾ "جمهوري انقلاب" آيو، پر انهن انقلابين جنگ جاري رکڻ واري پاليسي جاري رکي، انهيءَ ڪري عوام انهن جمهوريت پسند انقلابين مان بيزار ٿي پيو. 1917ع واري "بورجوا جمهوري انقلاب" وقت لينن ۽ سندس ساٿي سوئزرلينڊ ۾ جلاوطنيءَ جي زندگي گذاري رهيا هئا. جتان هو اسپيشل ٽرينن جي ذريعي روس پهتا ۽ ٽورن ئي مهينن ۾ بورجوا جمهوري انقلاب آئيندڙن جو تختو اونڌو ڪري، اقتدار وٺي، جنگ بنديءَ جو اعلان ڪيو. لينن جي پارٽيءَ 'روسي انقلاب' لاءِ جوڏنڪ سال ڪم ڪيو، جن ۾ نو سال هو ڪنهن به تحريڪ جي قيادت ڪرڻ جي لائق بنجي نه سگهي هئي. خوش قسمتيءَ سان لينن کي

بخارين، ٽراٽسڪي، اسٽالن ۽ ٻيا بهترين ساٿي ملي ويا، ان جي باوجود لينن جي پارٽي 1917ع تائين زارشاهيءَ سان مقابلو ڪري ڪائي اقتدار تي قبضو ڪرڻ واري پوزيشن اختيار ڪري نه سگهي هئي.

روس جي موجوده برسر اقتدار پارٽي 1904ع ۾ وجود ۾ آئي. ان کان ڪافي اڳي زارشاهيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ دهشت پسندن جون سرگرميون عروج تي پهتل هيون: ايتريقدر جو لينن جي ٻاڻ زار کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيس ڦاسي ڏني وئي. حقيقت ۾ اهو ئي واقعو هو، جنهن لينن کي ميدانِ سياست ۾ آندو.

انهيءَ ڪري آڻ اهو چوڻ تي مجبور آهيان تہ لينن جي تحريڪ لاءِ روس جي سرزمين انتهائي زرخيز بنجي چڪي هئي، پوءِ به هو آخري عمر تائين پارٽيءَ کي ڏڙي بنديءَ ۽ گروهي سياست کان پاڪ ڪري نہ سگهيو. اهو ئي سبب هو جو سندس اک بند ٿيڻ شرط گروهي سياست ۽ ڏڙي بندي پوريءَ شدت سان اُپري آيون، جنهن جي نتيجي ۾ زارشاهيءَ خلاف هلندڙ گولين بهترين ڪميونسٽ ورڪرن ۽ ليڊرن جي ڇاتين ۾ سوراخ ڪرڻ لڳيون.

اسٽالن جو دور انهن ماڻهن لاءِ قيامت کان گهٽ ڪونہ هو، جن بندوق ۽ قلم ذريعي زارشاهيءَ ۽ ان جي دلال سرمايہ دارن، جاگيردارن ۽ زميندارن کي ختم ڪرڻ لاءِ بي لوث ڪوششون ڪيون هيون. اهڙن ماڻهن کي موت جي اونداهي غار ۾ اُڇلايو ويو، جن کي هزارها سالن جي جستجو کان پوءِ زندگيءَ پنهنجي پاڪر ۾ ورتو هو.

بهرحال لينن جي ڪاميابيءَ لاءِ روس جون حالتون نهايت ئي سازگار هيون. خود لينن به ان حقيقت جو ڪليل دل ۽ دماغ سان اقرار ۽ اعتراف ڪيو آهي تہ جيڪڏهن جنگ عظيم جون پيدا ڪيل حالتون نہ هجن ها ۽ جنگ جي نتيجي ۾ فوج ۾ وسيع پيماني تي انتشار، گڙبڙ، پريشاني، مايوسي، ٽڪاوٽ ۽ ڪمزوري پيدا نہ ٿئي ها تہ روس ۾ اسان جي اُميدن جي برخلاف ايترو تڪڙو انقلاب نہ اچي ها ۽ اسان کي جرمنن وانگر انتظار ڪرڻو پوي ها، نہ معلوم اڳتي هلي صورت حال ڪهڙو رُخ اختيار ڪري ها.

مٿي ذڪر ڪيل ليڊرن جي ڪاميابين ۾ حالتن جي سازگاريءَ ۽ سياسي ماحول جي تياريءَ جي ذڪر سان گڏ آڻ مناسب ٿو سمجهان تہ هن

دور جي هڪ وطن پرست، انقلابيءَ ۽ قومي حريت جي لافاني شهيد شيخ مجيب الرحمان جو ذڪر ۽ سندس سياسي ماحول جي پسمنظر ۾ ڪريان.

شيخ مجيب الرحمان

جنهن رستي ۽ راهه تي پنهنجيءَ قوم ۽ وطن کي غيرملڪي آقائن جي غلاميءَ جي پنجوڙن مان آزادي ڏياري، سو واقعي هن صديءَ جو بي مثال ڪارنامو آهي ۽ جيستائين بنگال جي سرزمين تي سون ورنا سنگ، تڏڙين چاندوڪين ۾ ناچ ڪندا رهندا؛ جيستائين پوڙهي گنگا جي سيني تي ڪنهن مانجهيءَ جو ونجهه آزاديءَ سان هم آغوش ٿيڻ لاءِ لهرون پيدا ڪندو رهندو؛ جيستائين سونار بنگلہ جي ڌرتي دنيا جي نقشي تي انقلاب جي خنجر وانگر نمايان بيني هوندي؛ جيستائين ڌرتيءَ جي ڪنهن ڏيهاڙيءَ جي چپن تي 'پيا ملن جي آس' تڙپندي رهندي، ان وقت تائين بنگال جي ڌرتيءَ جي فضائن ۾ شيخ مجيب جي آتش نوائيءَ جا شهباز اُڏامندا رهندا؛ وطن سان عشق جا بول ۽ نعرا آسمان جي وسعتن ۾ انڊلني ريڪائون پيدا ڪندا رهندا؛ بهادريءَ ۽ دليريءَ جا جذبا وطن جي ويريءَ تي ڪنهن گوريلي جي گوليءَ جي روپ ۾ ڪڙڪندا رهندا. مجيب کي هن ننڍي کنڊ جي تاريخ مان جنهن به ڪيڏ جي ڪوشش ڪئي، سو خود تاريخي وهڪرن ۾ پنهنجو خسيس، ڪين جهڙو ۽ ذليل وجود وڃائي ويهندو.

ان سڀ جي باوجود، ڇا بنگال جي سرزمين مجيب کي سياسي قبرستان جي صورت ۾ ملي هئي؟ ڇا اتي جي عوام جي دلين تي اهڙيون مذهبي مهرون لڳل هيون، جو انهن تي وطن دوستيءَ، قوم پرستيءَ، آزاديءَ ۽ انقلاب جي ڪنهن به نعري اثر نہ ٿي ڏيکاريو؟ ڇا بنگال جو انسان پنهنجيءَ سرزمين ۽ ان ۾ پنهنجي تاريخي حيثيت کي وساري قناعت ڪري ويهي رهيو هو؟ هرگز نہ!!

حقيقت هيءَ اهي تہ بنگال ۾ وطن پرست آزاديءَ جي تحريڪ سراج الدولہ جي شهادت کان ئي شروع ٿي چڪي هئي، جيڪا سن 1757ع کان سن 1971ع تائين لڳاتار هلندي پئي آئي. مجيب الرحمان انهيءَ تحريڪ جو آخري باب هو، جتان کان بنگال جي تاريخ اهڙو رستو اختيار ڪيو آهي، جيڪو عظيم الشان بين الاقواميت جي تخليق ۽ تعمير ڏانهن وڃي ٿو.

سراج الدوله جي شهادت کان تيرهن سال پوءِ سن 1770ع ۾ بنگال ۾ آزاديءَ جي قوم پرست تحريڪ شروع ٿي. انهيءَ تحريڪ جا مرڪز رنگ پور، مدنا پور، بيربوم ۽ بيشن پور هئا. اها تحريڪ، جنهن جي اڳواڻي هڪ الله لوڪ فقير مجنون شاهه ڪئي، سا 1790ع تائين پورا ويهه ورهيه هلي. انهيءَ تحريڪ کي انگريزن بي پناهه جبر ۽ تشدد ڪري دٻائي ۽ پنهنجي خيال ۾ ختم ڪري ڇڏيو. ليڪن اها انگريزن جي پُل هئي. اُنهي تحريڪ جي وقتي طور دٻجي وڃڻ کان 26 سال پوءِ 1813ع ۾ بنگال اندر سيد ڪامران شاهه ۽ سندس پٽ ٽيپوءَ جي قيادت ۾ قوم پرستي ۽ آزاديءَ جي هڪ شاندار تحريڪ شروع ٿي. انهيءَ تحريڪ ۾ بغاوت جو سيد ڪوارٽر ميمڻ سنگهه ضلع هو. اها تحريڪ 1833ع تائين ويهه ورهيه هلي. ساڳئي وقت عظيم بنگالي قوم پرست نثار علي عرف ٽيٽو مير جي قيادت ۾ انگريزن ۽ سندن ديسي دلالن جي خلاف چاپا مار جنگ شروع ٿي. جنهن ۾ بيشمار سياسي، اخلاقي ۽ سماجي ڪاميابيون حاصل ڪيون. ٽيٽو مير انگريزن جي خلاف وڙهندي ڪلڪتي ويجهو شهيد ٿي ويو. پر بنگال ۾ گوريلا جنگ جو ٻج مڪمل طرح ڇٽي ويو؛ جنهن نسخي تي 1831ع کان 1862ع تائين پن عظيم بنگالي وطن پرستن شريعت الله ۽ سندس پٽ دودا ميان عمل ڪيو. انهن جي تحريڪ بغاوت جي گيت وانگر، جهر جهنگ ۾ پکڙجي بنگالي عوام کي آزاديءَ جي راهه تي لائي ڇڏيو.

مطلب ته بنگال جي سرزمين تي مجيب جي پيدائش کان اڳ ۾ جيڪي بغاوتن جا سلا ايرندا رهيا. آزاديءِ انقلاب جا گونج ڦٽندا رهيا؛ خودمختياريءَ ۽ ٿومي غيرت جا جيڪي طوفان لڳندا رهيا، تن بنگلاديش جي سرزمين کي تنور وانگر هميشه گرم پئي رکيو. بنگال جي ڌرتيءَ جي ٻنيءَ جي ٻاريءَ ٻاريءَ ۾ آزاديءَ جا انگور موريا رهيا. بنگال جي سون ورتي ڌرتيءَ مان اناج بجاءِ غاصبن کي تباهه ڪرڻ لاءِ بارود پيدا ٿيندو رهيو. بنگال جي شاعر جي قلم مان نڪتل گيت، ديس واسين جي دائمي زندگيءَ ۽ غاصبن لاءِ موت جي ملائڪ جا پول ٿابت ٿيندو رهيو. بنگال جي ناري، پنجاپڻ عورت وانگر تودي ٻار پيدا ڪرڻ بجاءِ هر دور ۾ ڪوئي عبدالرب، ڪوئي طفيل، ڪوئي منان ۽ ڪا موتياچوڌري پيدا ڪندي رهي آهي. اها ئي ڌرتي آهي، جتي وائسرائن، گورنرن، وزيرن ۽ انهن جي دلالن

تي بہ آڇلايا ويندا ھئا ۽ انھيءَ ڏرتيءَ جي ھڪ گلاب جي پنکڙي جھڙي ناريءَ جو ھيءَ جملو اڄ جي انقلابي تاريخ جو نعرو بڻجي چڪو آھي تہ، "انقلابي گولي بندوق سان نہ، پر دل سان ھلائي ويندي آھي."

ھتي آءٌ ڪاھرد ريڊيو جا لفظ ورجائڻ مناسب سمجھان ٿو تہ: "بنگال تان گولي ۽ باھہ جي جنگ ڪلائيو کان يحيٰ تائين ھڪ ڏينھن لاءِ بہ ختم کانہ ٿي آھي."

انھيءَ کان سواءِ بنگال جي سرزمين تعليم ۾ موجوده پاڪستان ۾ تمام گھڻو اڳتي وڌيل ھئي. بنگال "زبان جي مسئلي" تي قربانيون ڏنيون ۽ وطن دوستيءَ ۽ قوم پرستيءَ جي واٽ تي ڪافي اڳتي وڌي چڪو ھو. بنگالي قوم پرستيءَ کي جسين شھيد سھروردي ۽ فضل الحق ڪافي اڳتي وڌايو ھو. انقلابي سياست ھلائڻ وارن سياستدانن، پروفيسر مظفر، پاشانيءَ (ننھي جي موقعي پرستيءَ ۽ چين نوازيءَ جي باوجود)، عطاءُ الرحمان ۽ بين، ننھنجي ننھنجي حد تائين بنگال جي قومي بيداريءَ ۾ حصو ورتو ھو.

شيخ مجيب الرحمان جي تحريڪ کي اڳتي وڌائڻ، مقبول بنائڻ، عوام تائين پھچائڻ ۾ ھن سان ڪيترائي بھترين دماغ، يونيورسٽين جا پروفيسر، اقتصاديات جا ماھر، رٽائر فوجي، سول آفيسر ۽ اخبارن جا ايڊيٽر شامل ھئا. وڇولي ڪلاس جي مالي مدد، اخبارن جي حمايت، اھي سڀ اھڙيون شيون ھيون، جن مجيب الرحمان جي تحريڪ جي ڪاميابيءَ ۾ اھم حصو ادا ڪيو آھي. انھن سڀني شين جي مدد، اخبارن جي، تعاون، حمايت، پٺيرائيءَ ۽ سھڪار سان شيخ مجيب الرحمان، بنگال جي سرزمين کي ڏاڍين جي تسلط، ڪنٽرول ۽ قبضي مان آزاد ڪرايو ۽ بنگال جي بھادر عوام ننھنجي دلير ليڈر جي قيادت ۾ اعتماد ڪري انساني تاريخ جي سڀ کان وڏي قرباني ڏني، ايشيا جي خونخوار فوجي ٽولي کي گوڏا کوڙڻ تي مجبور ڪيو. دنيا پلي چا بہ چوي، پر بنگال جي آزادي، ھن دور جي سڀ کان وڏي ڪاميابي آھي ۽ ان ڪاميابيءَ لاءِ شيخ مجيب الرحمان جي قيادت وڏو ۾ اھم ھٿيار ثابت ٿي آھي.

ان سڀ جي باوجود بنگال جي سرزمين شيخ مجيب الرحمان کي سياسي قبرستان جي صورت ۾ ڪانہ ملي ھئي! مجيب جي ميدان ۾ اچڻ

کان اڳ بنگال جا فرزند بارها، پنهنجي قومي حقن جي حاصلات لاءِ رت جو نذرانو ڏئي چڪا هئا. بنگلاديش جي گهٽيءَ گهٽيءَ مان قوم پرستيءَ جي گيتن جي گونجار اچي رهي هئي؛ آزاديءَ جا ورلاپ ايري رهيا هئا؛ انقلاب جون آسون ڪر موڙي رهيون هيون؛ ظلم ۽ جبر جي ديوَ خلاف پدما جي مانجهين جي ونجهن مان احتجاجي آواز اُپري رهيا هئا؛ بنگال جي مظلوم انسان جو هٿ، ظلم جو ڪنڌ مروڙي پيڙ لاءِ اُپو ٿي چڪو هو؛ ظلم جي ايوانن جي ڪُنگرن کي وکوڙڻ لاءِ آزادي پسند انسانن جي دلين مان آزاديءَ جون چپيون نڪري رهيون هيون. مجيب، انهيءَ گونج، ورلاپ، آس، احتجاج آڳ کي تيز ۽ مضبوط بنايو، متحد ۽ منظم ڪيو، وسيع کان وسيع تر بنايو ۽ ان کي بنگال جي ٻار ٻچي، ٻُڍي، جوان، مرد، عورت، فنڪار ۽ تخليقڪار تائين ايمانداريءَ، جدوجهد، جفاڪشيءَ ۽ محنت سان پهچايو، ۽ پنهنجي وجود کي آزاديءَ جي آڳ ۾ اُجلائي ڇڏيو.

جي. ايم. سيد

هاڻ اسان کي ڏسڻو آهي ته جي. ايم. سيد کي پنهنجي انقلابي نظريي جي تبليغ لاءِ جيڪو ميدان مليو ان ۾ چا هو؟

سنڌ سياسي قبرستان هو، سنڌ جو وچولو ڪلاس، جيڪو پورو هندن تي مشتمل هو، سو سنڌ ڇڏي ويو هو، مذهبي مجنونن جا جاهل، وحشي، خونخوار، بدتهذيب انبوهه ۽ هجوم پئسي جي لالچ ۽ لوپ ۾ هيچ جا راڪاس بنجي، آدم بو آدم بو ڪندا سنڌ ۾ داخل ٿي چڪا هئا؛ سالن جي پراڻن سري ڪاڏل ۽ مُدي خارج نظرين جي بنياد تي هر ترقي پسند نظريي ۽ عوام دوست سوچ ۽ آزادي پسند خيال کي مُدي ڪاتيءَ سان ڪُٽو پئي ويو. سنڌي قوم، جيڪا صدين کان قبائلي طرزِ زندگيءَ جي هيراڪ هئي، تنهن ۾ نه علم هو، نه وري سياسي شعور، نه تنظيمي ولولو هو ۽ نه وري تحريڪ شروع ڪرڻ جو جذبو. سنڌي عوام، جيڪو صدين کان مختلف سامراجي قوتن سان وڙهندو پئي آيو، تنهن جيئن ميرن جي شڪست کان پوءِ اجتماعي طرح هٿيار ڦٽا ڪيا، سي وري واپس ڪٽڻ کان جهڙو قسم ڪٽي ڇڏيو هو. نون حاڪمن جي نون روپن، نون رعبن ۽ نون دٻدبن، سنڌي وڏيرن جي چاپلوسيءَ، حاڪمن جي دلاليءَ، سنڌ کي مڪمل غلام

خطي جي صورت ڏئي چڏي هئي. سينيٽ پريسن، نشرياتي ادارن، تعليم گاهن ۽ اخبارن تي وطن جي ويرين جو قبضو ٿي ويو. سنڌ جي شهرن تي پوريءَ ريت هندستان مان پڄي آيل ماڻهن جو ڪنٽرول ٿي چڪو هو. آفيسن ۾ پٽيوالي کان چيف سيڪريٽريءَ تائين غير سنڌين جو تسلط هو. واپار ۾ گاڏي واري کان ونيءَ درآمد برآمد جي ڏيتي ليتي ڪندڙ تائين ڌارين جو غلبو هو. سنڌي قوم پرست عوام جي اڪثريت هندستان هلي وئي. سنڌ ۾ ڪابہ ترقي پسند تحريڪ موجود ڪانہ هئي. هڪڙي "سنڌ هاري ڪميٽي" هئي، جيڪا هارين کان درخواستون وصول ڪرڻ تائين محدود هئي. شهيد سنڌ الهہ بخش سومري ۽ عبيدالله سنڌي رحہ جا ڳاڻ ڳڻيا پوئلڳ هئا، جيڪي يا تہ همت هاري مان ڪري ويهي رهيا هئا يا جي. ايم. سيد سان پراڻيءَ مخالفت جي بنياد تي، ڪيس لوئڻ ۾ مصروف هئا. سنڌ ۾ صنعتي مزورن جي تحريڪ تہ نهيو، پر ڪو سنڌي مزور ئي ڪونہ هو. ادب، ثقافت ۽ نشر و اشاعت جي ميدان ۾ خال پئجي ويو هو، پوريءَ سنڌ ۾ هڪ روزاني اخبار ۽ ڪجهہ چيڙڻ جي صورت ۾ نڪرندڙ هفتيوار اخبارون هيون، جن ۾ پراڻا توتڪا، ڪنهن وزير جو فوٽو ۽ هڪ اڌ ٽينڊر نوٽيس هوندو هو. تمام ترقي پسند نظرين ۽ تنظيمن تي پرڏيهي مڪارن ۽ فريب ڪارن قبضو ڪري ورتو هو، ۽ سنڌي ترقي پسند نوجوان نون آيل ڪميونسٽن جي "جي حضوريءَ" ۾ پورا هئا. حُر تحريڪ کي ختم ٿئي عرصو ٿي چڪو هو. انهيءَ تحريڪ جو ذاتي بنيادن ۽ سببن ڪري انگريزن سان ٽڪر ضرور هو، پر ان جي سياسي ۽ سماجي رُخ ۾ اهڙي ڪابہ ڳالهہ نہ هئي، جنهن تي سنڌ ۾ جديد قومي تحريڪ هلائي وڃي ها. سنڌي مسلمان حيران، پنهنجي مستقبل کان بيپرواهہ، زندگيءَ جو گاڏو ريڑهيندو رهيو ٿي. هن کي نئين حڪومت ۽ ان جي بندوبست سان ڪابہ دلچسپي ڪانہ هئي ۽ نہ وري اهو فڪر هو، تہ نئين ٽهيل ملڪ ۽ ان جي سياست سندس مستقبل لاءِ ڪهڙا نتيجا پيدا ڪندي. حقيقت ۾ ان وقت جي سنڌ سياسي رڻ پٽ ۽ رُڃ هئي، ڪٿي بہ ڪو آواز نہ هو، نون آيل حاڪمن جي حڪمت عملين، چالاڪين ۽ مڪارين خلاف ڪابہ للڪار ڪانہ هئي. ملڪي سياست، عوام جي ذهن تي آفيم جو اثر ڪري چڪي هئي ۽ ان سياست جي خلاف آواز اُٺارڻ معنيٰ، پنهنجو پاڻ کي مذهبي

مجنونن جي سنگساريءَ لاءِ پيش ڪرڻ. هر طرف 'زندہ باد' جي للڪار هئي، 'اسلام زندہ باد' جي گونج هئي، ۽ 'اسلام، اسلام' جو شور هو. سنڌي ماڻهو سوچڻ سمجهڻ بنا ان شور ۾ وائڙن وانگر شامل ٿي ويو هو. شاگردن کي نوڪرين جو آسرو هو، آفيسرن کي ترقين جي آس لڳل هئي؛ واپارين کي واپار جي واڌاري جي اُميد هئي؛ شهرين کي هندن جون جايون ملڻ جي تمنا هئي؛ هارين کي وائين جي ڇڏيل زمينن ونڻ جي خواهش هئي؛ مولوين کي اسلامي نظام قائم ٿيڻ جو پروسو هو؛ اخبار وارن کي نئين ملڪ ۾ پُهنجو ڪاروبار چمڪائڻ جي ڏُن لڳل هئي، صحافين کي فائدا ملڻ جي خاطريءَ وڏيرن کي ڪرسين ملڻ جي پڪ هئي ۽ پاڪستان جا حاڪم رنگ ۽ نُور ۾ مدهوش هئا.

مطلب تہ پورو ملڪ آسن، اُميدن، خواهشن، تمنائن، پروسن، يقينن ۽ جشنن جو گلستان بنيو پيو هو. اهڙي وقت ۾ صرف هڪڙو ماڻهو هو، جنهن جون اکيون سڌ جي مستقبل تي روئي رهيون هيون. هڪڙو فرد هو، جنهن جي دل ۾ سنڌي عوام جي حالت تي پريشانيءَ جا وڏ هئا. هڪڙو انسان هو، جنهن جي دماغ ۾، مستقبل ۾ ٿيندڙ واقعن ۽ حادثن جي خلاف مچ پري رهيا هئا. پر هو اڪيلو هو، هن وٽ پارٽي نہ هئي ۽ دولت جي فراواني نہ هئي. هن سان صرف سوچيندڙ دماغ، بهادر دل ۽ بيباڪ قلم هو. هن جي تحريڪ جي تياريءَ ۽ ان جي بنيادن کي مضبوط بنائڻ لاءِ ڪو سن يات سن نہ هو، ڪائي چوٽين مئي جي تحريڪ نہ هئي، ڪائي نوجوانن جي اصلاحي تحريڪ نہ هئي، ڪائي سن 1901ع جي بغاوت نہ هئي. ڪوبہ سن 1905ع جو انقلاب نہ هو، ڪو ئي گوركيءَ جهڙو اديب نہ هو، ڪابہ باڪسر بغاوت ڪانہ هئي، ڪائي هارين جي مسلح جدجهد ڪانہ هئي. هن جي تحريڪ جي شروعات ڪندڙ ڪوئي گوڪلي، تلڪ، سي. آر. داس ۽ آزاد نہ هو. ڪوئي موتي لال نهرو نہ هو، جيڪو پارٽيءَ جي لاءِ پنهنجو شاندار محلات وقف ڪري. ڪوئي ٽاٽا ۽ برلا مدد لاءِ نہ هو. اخبارن ۽ نشرياتي ادارن جي حمايت ۽ مدد بہ نہ هئي. ڪوبہ ٽئگور، نذرالاسلام، سهروردي ۽ فضل الحق ڪونہ هو. هو اڪيلو هو، تن تنها. ائين محسوس ٿي رهيو هو تہ جيئن ڪو ئي اجنبي آبائي رستن تان گذري رهيو هجي ۽ ڪوبہ ماڻهو ان کي ٻُڌڻ ۽ سڃاڻڻ لاءِ تيار نہ هجي. چوڌاري رُڄ ۽ رائو،

ڏونگر، واٽن تي واري، جبلن جون جاڙون، ڪيترا ڪيھر ٻيلائي، رڇن جون رانپاڙون، بگھڙن، گدڙن ۽ ٻولڙن جون اوناڙون، ڪيترا مرون ماس پَٽڻ لاءِ آتا. نہ ملڪ ۾ ڪوئي ٻٽڪو ٻليرو، نہ وري ڪنھن ڳيري جو ڳٽڪو، چوڏاري ڪاريھرن جا ڪر، لُنڊين جون لوڏون ۽ راڄ مٿان راڪاسن جا گھيرا. اھڙي ماحول ۾ اھو اڪيلو انسان ھو جي. ايم. سيد.

انھيءَ ماحول ۾ ھن باعزم ۽ باحوصلي انسان ھمت نہ ھاري، اُلٽو. ملڪي ۽ بين الاقوامي حالتن جو جائزو ونڊي پنھنجي ڏرتيءَ ۽ ان جي معصوم، پر ابوجھ عوام جي شاندار مستقبل لاءِ جدوجھد شروع ڪئي.

آءٌ ان وقت جي ماحول ۽ سيد جي ارادي تي سوچيندو آھيان تہ مون کي ائين محسوس ٿيندو آھي تہ، مھاراجا ڏاھر جي حب الوطني، دودي سومري جي بي مثال دليري، جام نظام الدين جي ديانت ۽ شرافت، دولھہ دريا خان جي سورھيائي ۽ دانائي، مخدوم بلاول جي ھمت ۽ حوصلو، شاھہ حيدر جي شاندار قومي غيرت، شاھہ عنايت شھيد جا باھمت تصوف وارا جذبا ۽ سنڌ جي بيشمار بھادرن، دليرن ۽ سنڌ کي سر ڏيندڙن جي قوم پرستيءَ جا حوصلا، جيڪي صدين کان سنڌ جي فضائن ۾ ڪڙيل تارن وانگر پٽڪي رھيا ھئا، تن کي جي. ايم. سيد جي روپ ۾ ھڪ پيڪر جسم ملي ويو ۽ ھنن سيد جي ذھن، ضمير، دل ۽ دماغ ۾ بسيرو ڪري ڇڏيو. جن کي لطيف جي شاعري زنده جاويد، تازو، توانو ۽ اُمنگن سان پرپور بنائي ڇڏيو.

اڄ سنڌ جي گھٽيءَ گھٽيءَ ۾ ڪنھن انوکي گيت جي جيڪا گونجار آھي؛ شھر شھر ۾ ڪوئي الستي آواز ڪر موڙي اُٿي رھيو آھي؛ سنڌ جي فضائن ۾ وطن دوستيءَ جي انڊلٽ جون جيڪي ريکائون پکڙيل نظر اچن ٿيون؛ ڪراچيءَ جي بندر کان ونڊي ٻمبئيءَ جي بندر تائين قوم پرستيءَ جي موسيقيءَ جون جيڪي لھرُون ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون؛ اڄ جيڪي آزاديءَ جا ڪوڏيا زنجيرن جي آواز تي قيد جي ديوارن ڪي زندگي ۽ زنده دلي بخشي رھيا آھن. ۽ پاڪستان جي وزيراعظم کان قومي اسيمبليءَ جي ايوان کان ونڊي ڪئنادا جي ھوائي اڈي تائين سنڌ جي متعلق جيڪا سوالن جي بوچاڙ ٿي رھي آھي- اھو سڀ ڪجھہ ھن ئي انسان جي ڪوشش ۽ ڪاوش جو نتيجو آھي ۽ سندس ئي سڌ جو پڙاڏو آھي. اڄ پوري پاڪستان ۾ اھو ئي

انسان آهي، جنهن جي چپن جي جُنبش سان چوڌاري للڪارون ٿي وڃن ٿيون ۽ ايوانن ۾ زلزلا پيدا ٿي وڃن ٿا.

جي. ايم. سيد کي مائو ۽ لينن جي مقابلي ۾ آڻڻ وارا پهرين انهيءَ ماحول کي نظر ۾ رکن، جيڪو سيد کي مليو. ڪاش! مائو، لينن، گانڌي ۽ مجيب کي به اهڙو ماحول ملي ها، جيڪو سيد کي مليو. سيد کي اهڙي فضا ملي هئي، جنهن ۾ ڳالهائڻ ائين هو، جيئن قبرستان ۾ بانگ ڏيڻ؛ پر سيد انهيءَ سياسي قبرستان کي پرجوش هجومن جي نعرن جي آماجگاهه بنائي ڇڏيو آهي. اهو سيد جو ڪمال آهي ۽ بيو ڪو ماڻهو شايد ئي ايترو ڪجهه ڪري سگهي.

يوناني ديوَمالائي ڪهاڻين جو هڪ ڪردار پروميٿيس هو، جنهن جي متعلق مشهور هو ته هن اولمپس جبل تان باهه چورائي انسانن کي ان جي استعمال جو راز سيکاريو هو. انهيءَ گناهه جي پاداش ۾ هن کي هڪ چٽ سان ٻڌو ويو. جتي سچو ڏينهن بکايل ڳجهون سندس گوشت پٽي کائيندیون رهنديون هيون. شام جو وري ديوتا سندس جسم کي تندرست ڪري ڇڏيندا هئا، ان کان پوءِ ڪيس چيو ويندو هو ته تون پنهنجي عقل ۽ شعور تان دست بردار ٿي زيوس ديوتا جو فرمانبردار پُٽ بنجڻ جي ڪوشش ڪر. تون ديوتائن جو نافرمان پُٽ بنجي پليت ٿي ويو آهين ۽ جيستائين فرمانبرداريءَ ذريعي پاڪ نه ٿيندين، تيسين انهيءَ عذاب ۾ مبتلا رهندين. پروميٿيس جو هر پيري اهو جواب هوندو هو ته:

"پليت اهو ناهي، جيڪو روايتي ديوتائن کي ٺڪرائي ٿو، پر پليت اهو آهي، جيڪو ديوتائن جي باري ۾ روايتي عقيدن کي تسليم ڪري ٿو. وڃي پنهنجي آقائن کي چئو ته: "آءٌ ڪنهن ديوتا کان رحم جي بيک نه پنندس. آءٌ پنهنجي قابل رشڪ زندگيءَ کي توهان جي ذلت آميز غلاميءَ سان نه بدلائيندس، مون کي اهو پسند آهي ته آءٌ زنجيرن ۾ جڪڙيو رهان، پر مون کي اهو هرگز پسند ناهي ته آءٌ زيوس ديوتا جو فرمانبردار پُٽ بنجي وڃان."

پروميٿيس عالمي ادب ۾ حوصلي، همت ۽ بغاوت جي علامت طور استعمال ڪيو وڃي ٿو ۽ سندس باغيانه ۽ باهمت ڪردار کي دنيا جي هر اديب ۽ مفڪر خراج عقيدت پيش ڪيو آهي ۽ هو جگ مشهور ڪميونسٽ مفڪر ڪارل مارڪس جو به هيرو آهي.

جي. ايم. سيد کي جيڪو ماحول مليو ۽ ان ماحول ۾ هن پنهنجي نظرين سان وفاداريءَ جو عظيم مظاهرو ڪيو آهي، اهو سندس ڪردار کي يوناني ديوَمالا جي باغي هيري پروميٿيس سان مشابهت ٿو ڏياري. پاڪستان نهڻ شرط مذهب جي نام نهاد ٺيڪيدارن هن خطي کي به ڏهين صديءَ مان ڏکي پوئتي تاريخ جي اونداهي دؤر ۾ داخل ڪري ڇڏيو؛ جتي سوچن تي پهرا، عقل تي چوڪيون ۽ زبانن تي تالا ۽ چپن تي مهرون لڳايون ويندیون هيون. ساڳيو حال هتي به آهي. هن ملڪ جي سياست جا مالڪ گندگيءَ جي پيدائش هئا، تن گندگيءَ ۾ رهڻ ٿي چاهيو. ذهني گٽرن جا رهاڪو هئا ۽ ذهني گٽرن ۾ ئي رهڻ ٿي چاهيائون. فڪري اونداهين جي پيداش هئا، جن روشنيءَ کي ڏسڻ نه ٿي چاهيو. هنن جي خواهش هئي ته ڪٽان به ڪنهن صفائيءَ، ڪليل هوا ۽ روشنيءَ جو ذرو به هن ملڪ ۾ نه پهچي. اهڙي ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ هنن اهي طريقا اختيار ڪيا، جن کي وقت جي رفتار پيرن سان لتاڙي، گندگيءَ جي ڊيرن ۾ دفن ڪري آئي هئي، جيڪي هن صديءَ جي انسانن لاءِ باعث شرم هئا. جن به ماڻهن اهڙي ماحول ۾ رهڻ کان انڪار ڪيو، گندگيءَ کان نفرت جو اظهار ڪيو ۽ اونداهيءَ جو فرزند ٿيڻ کان بغاوت ڪئي، اهڙن ماڻهن جي سوچن تي پهرا، عقل تي چوڪيون، زبانن تي تالا ۽ چپن تي خاموشيءَ جون مهرون هڻي ڇڏيون. ملڪ جي حالت ايتري قدر گهُٽيل، دونهاڻيل، بدبوءِ دار، رجعت پسند ۽ انسانيت جي بيعزتيءَ تي مبني هئي، جو هتي ڪنهن ماڻهوءَ جو وهابي سڏائڻ ۽ پاڻ کي ديوبند ڏانهن منسوب ڪرڻ به وڏو جرم ڪري ليکيو ويندو هو ۽ جيڪڏهن هندستان کان آيل ۽ اسلام جي ٺيڪيدارن کي خبر پوندي هئي ته سندن مسجد ۾ ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ نماز پڙهي، جيڪو رسول کي انسان ٿو سمجهي ته اها مسجد ڏوتي ويندي هئي. هن ملڪ جي گورنر جنرل کي خدا جو پاڇو ڪري ليکيو ويندو هو.

اهڙي ماحول کان اسان جي پروميٿيس، جي. ايم. سيد انڪار ڪيو، بغاوت ڪئي ۽ پنهنجي قلم ذريعي، هن ملڪ ۾ روشنيءَ ۽ روشن خياليءَ جي باهه جي استعمال جو هنر ماڻهن کي سيکارڻ لڳو. هن نه صرف اونداهيءَ ۾ رهڻ کان انڪار ڪيو، بلڪ اونداهيءَ کي هن ملڪ مان تڙي ڪڍڻ جو اعلان ڪيو. هن، وقت جي اُونداهه پرست حاڪمن کي چئي ڏنو

ته، "اوهان جو وجود هن روشن ڌرتيءَ تي اونداهي پاڇي وانگر آهي. توهان چمڙا آهيو. آءٌ هن روشن ڌرتيءَ جو فرزند آهيان. آءٌ انهن فرزندانِ روشني جي صداءِ بازگشت آهيان، جن اونداهه سان جنگيون جوتي، اوندهه جي پاڇولن کي هن سرزمين تان هميشه لاءِ گُم ڪري ڇڏيو.

"منهنجو صدين کان بسيرو گٽرن ۾ جاءِ هالار جي چوٽيءَ تي رهيو آهي. منهنجو مسڪن، صدين کان هن ڌرتيءَ جي اناج جي خوشبوءِ سان ٽمٽار، پربنءَ جي پيشاني جهڙا ڪيت ۽ عاشق جي دل جهڙا ڪشادا ميدان رهيو آهي. آءٌ انهي قافلي جو فرد آهيان، جنهن عرب، هند، چين، يورپ، آمريڪا ۽ آفريڪا ۾ هميشه اوندهه خلاف ۽ روشنيءَ جي فائدي ۾ گٽرن جي خاتمي ۽ فضائن جي بلندين جي حق ۾، گندگيءَ کي مٽائڻ ۽ انساني ذهن کي خوشبوءِ جي زندگيءَ سان پرڻ لاءِ جنگيون پٽي ڪيون آهن.

"اوهان انسانيت کي اونداهي، جهالت، تعصب، ڪٽرپڻي ڏانهن واپس ونڻي وڃڻ ٿا چاهيو. آءٌ انسانن کي علم، روشنيءَ، رواداريءَ ۽ وسيع نظريءَ ڏانهن ونڻي وڃڻ ٿو چاهيان. اوهان اونداهيءَ جا عاشق ته آءٌ روشنيءَ جو راهي آهيان.

"آءٌ انڪار ٿو ڪريان ته اوهان جي اوندهه واري سياست کان! آءٌ غلط ٿو سمجهان توهان جي گٽر واري زندگيءَ کي ۽ آءٌ بغاوت ٿو ڪريان گندگيءَ جي سياست جي باني زيوس ديوتا جي تقدس ۽ احترام کان. آءٌ آخري ويڑ تائين وڙهندس روشنيءَ ۽ صداقت جي جنگ جو هن سرزمين تي ناقابل فراموش نشان ڇڏڻ ٿو چاهيان. توهان وٽ ديوتائن جي طاقت آهي ۽ مون وٽ حوصلي جي قوت. اوهان کي تلوار جي جيت تي پروسو آهي ۽ مون کي انساني حوصلي جي ابدي فتح تي ايمان."

هن جي انهيءَ اعلان شرط زيوس ديوتا جو ڏمر پنهنجي انتها کي پهچي ويو ۽ اسان جي پروميٿيس کي زنجيرن ۾ سوگهو ڪري، پوري ملڪ جي مُلن، ويڪائو ڏانشورن ۽ ضمير فروش صحافين ۽ وطن ويڪو سياستدانن جي مردار خور ڪُجهن کي سندس ذهن ۽ ضمير جو گوشت پٽڻ لاءِ چڙواڳ ڇڏيو ويو. هر صبح ساڻس اها حالت ڪئي ويندي هئي- هر حڪومت جو صبح ڪيس ديوتا تي ايمان آڻڻ جو چوندو رهيو، پر سيد جو هڪ ئي جواب هو ته منهنجي ذهن ۽ ضمير ۾ وطن پرستيءَ جي لازوال اصولن کان سواءِ ٻئي ڪنهن فرضي خدا ۽ ان جي جنت تي ايمان آڻڻ ۽ فرمانبرداري اختيار

ڪرڻ جي ڪابہ گنجائش ڪانهي. مون کي اختلاف آهي انهيءَ فرضي خدا سان؛ مون کي نفرت آهي ان جي بنايل يا خيرات ۾ مليل جنت کان؛ منهنجي بغاوت آهي انهن روايتي مدي خارج حڪمرانيءَ جي اصولن سان؛ مون کي ڏِکار آهي انهيءَ فرمانبرداريءَ واري زندگيءَ سان؛ آءٌ لعنت ٿو وجهان غلامي، محڪومي ۽ زبردستيءَ واري ذليل زندگيءَ تي.

مون کي فخر آهي انهن زنجيرن تي، جيڪي مون آزاديءَ جي زيور طور پاتيون آهن. مون کي محبت آهي، پنهنجي عقل ۽ شعور جي روشنيءَ ۾ ڪيل فيصلن تي.

سيد کي هر پيري گرفتار ڪيو ويو ۽ هر پيري کائنس اهو ساڳيو جواب ٻُڌو ويو. اهڙيءَ ريت جي. ايم. سيد کي زيوس ديوتا تي ايمان آڻڻ ۽ غلاميءَ جي زندگي قبول ڪرڻ لاءِ، هن ملڪ جي اونداهيءَ جي پرستار حاڪمن اٺ دفعا گرفتار ڪيو ۽ انگريزن ۽ سندن چاڙتن حڪمرانن پورا پنجاهہ سال سيد جي خط ڪتابت تي چوڪسي رکي.

جڏهن ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڪٽڻ جي سازش ٿي.تہ سيد هن ملڪ جي فرضي خدا جي ان فيصلي کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ سنڌي قوم کي ان سازش کان خبردار ڪرڻ لاءِ سنڌ جي دوري تي نڪتو تہ ڪيس 18 جون 1948ع تي گرفتار ڪيو ويو ۽ ٽي مهينا بند رکي 18 آگسٽ تي آزاد ڪيو ويو. آزاد ڪرڻ مان مقصد اهو هون تہ شايد هو جيل ۽ ڪُفر جي فتوائن کان ڊڄي، اسان جي ڪنهن ڪڏي ڪم ۽ وطن دشمن ڪاروائيءَ جي مخالفت نہ ڪري. پر جڏهن حڪمران ٽولي پنهنجي فرضي ديوتائن ۽ آقائن کي وڌيڪ خوش ڪرڻ لاءِ ون- يونٽ جو رسواءِ زمانہ منصوبو تيار ڪيو تہ ان تي عمل ڪرڻ جون تياريون ڏسي سيد سنڌي قوم کي سندس وجود خلاف ٿيندڙ سازش کان آگاهہ ڪيو ۽ اعلان ڪيو تہ انهيءَ منصوبي خلاف اسان هر طرح مزاحمت ڪنداسين. سيد جي انهيءَ اعلان کان گهبرائجي حڪومت ون- يونٽ نهڻ کان پارهن مهينا اڳ ۾ 3 نومبر 1954ع تي سيد کي جيل ۾ رکيو. جڏهن ملڪ ۾ ايوب خان مارشل لا لاڳو ڪيو، ان وقت بہ جي. ايم. سيد کي 15 آڪٽوبر سن 1958ع ۾ گرفتار ڪري هڪ سال چار مهينا سينٽرل جيل ڪراچيءَ جي وارڊ نمبر 14 ۾ رکيو. (اسان هن وقت وارڊ نمبر 13 ۾ آهيون، جيڪو سائينءَ جي وقت ۾

زنانو وارد ھو.) ۽ پوءِ صحت جي خرابيءَ جي بنياد تي گھر ۾ ڇھ سال تي مھينا نظربند رکي 12 فيبروري 1966ع تي آزاد ڪيو. نظربنديءَ کان نڪرڻ شرط سائينءَ "بزمِ صوفياءِ سنڌ" ناھي، عوام ۾ قومي شعور پيدا ڪرڻ شروع ڪيو، تہ وري ڪيس 23 جون 1967ع تي گرفتار ڪري گھر ۾ نظربند ڪيو ويو. اھا نظربندي ٻہ سال اٺ مھينا ھلي ۽ 26 جنوري 1969ع ۾ سنڌي عوام جي زبردست احتجاج جي تحريڪ ڪري ڪيس آزادي ملي.

جڏھن بنگلاديش ۾ فوجي قدم کنيو ويو، ان وقت فوجي آپريشن ھلندي جي. ايم. سيد کي 18 مئي 1971ع ۾ گھر تي اٺ مھينا نظربند رکي ڊسمبر 1971ع ۾ بنگال جي آزاديءَ کان پوءِ آزاد ڪيو ويو.

جڏھن 1972ع ۾ سنڌ ۾ "سنڌي زبان" خلاف غنڊہ گرديءَ جو مظاھرو ٿيو، ان وقت سيد سنڌي عوام کي پنھنجن حقن جي حاصلات لاءِ منظم ۽ متحد ڪرڻ خاطر سنڌ جي دوري تي نڪتو. انھيءَ دوران ڪيس مسلم سائنس ڪالج حيدرآباد اندر بم اُڇلائي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر جڏھن سيد قاتلاڻي حملن جي ڪري ٻہ پنھنجو پروگرام منسوخ نہ ڪيو، تڏھن ڪيس آگسٽ 1972ع تي گرفتار ڪري گھر ۾ نظربند ڪيائون ۽ پنج مھينا نظربند رکڻ کان پوءِ ڪيس جنوري 1973ع ۾ آزاد ڪيو ويو. انھيءَ آزادي جو عرصو چار مھينا کن ئي مس ھليو تہ وري ڪيس 6 مئي سن 1973ع تي گھر اندر نظربند ڪيو ويو، ۽ اھا نظربندي ھنن سِڻ جي لکڻ تائين جاري آھي-

اھڙيءَ ريت سيد کي پاڪستان جي تاريخ ۾ 1973ع تائين پندرھن سال جيل ۾ رکيو ويو. پر ھن جيل کان گھبرائجي، ڊڄي يا ھيسجي پنھنجي پروگرام، اصول ۽ نظرئي تان دستبرداريءَ تي ھڪڙي سيڪنڊ لاءِ ٻہ نہ سوچيو آھي.

سچ چيو آھي شيخ ايازَ:

"ھي جو پوڙھو جھور، وڙھندي ٿيو ويڙھ ٻر،
اڃان ٻہ ڏمري ڏاڍ تيْ، آڻ نہ مڃي مُور،
سوچي ڏسي ڏور، آڏو آرڻ ڏينھڙا!

مجیب ءِ پٹو

مهاڳ

پاڪستان جي تاريخ ۾ ايوبي آمريت واري خوني دؤر ۾ ۽ وڏا طوفاني قسم جا سياسي ماڻهو اپري آيا جن ولولہ نما عوامي طوفان سان فوجي حڪومت جي ديوارن کي لوڏي ڇڏيو. هڪ مجيب ۽ ٻيو ڀٽو. سندن ولولہ انگيز قيادت ۽ عوامي حمايت جو اهو عالم هيو جو ٻنهي جي جلسن ۾ ماڻهن جو سمونڊ چوليون هڻندي نظر ايندو هو. ٻئي عوام جي دلين تي ڇانيل هئا. ٻنهي ليڈرن سالن کان پيڙجندڙ عوام ۾ آواز اُٽارڻ ۽ اڳتي وڌڻ واري دليري ۽ بهادرانہ جذبو پيدا ڪري ڇڏيو هو.ٻنهي جو ٻين ليڈرن جي پيٺ ۾ تقريرن جو انداز جلسن ۽ جلوسن جو نمونو بنهہ مختلف ۽ منفرد هو.اهو ائين تہ پاڪستان ٺهڻ کان وٺي، جيڪو مٿين ڪلاس جو محلاتي سياست وارو طريقہ ڪار هلندڙ هو تنهن کي هنن ٻنهي ڏهين سياستدانن عوام جي صفن تائين لاهي آڻڻ لڳو هو ۽ اهڙي ولولہ انگيز قيادت کي ڏسي عام ماڻهن ۾ ملڪي سياست ۾ پنهنجو پاڻ کي پاڳي پائيوار سمجهڻ لڳو هو. مٿن مشترڪ ڳالهين هئڻ جي، هن ملڪ جي آئيندي بابت ٻنهي جي خيالن ۾ بنيادي طور اختلاف راءِ هئي. ملڪ اندر ايندڙ حڪومت بابت ٻنهي ڏهين انسانن جا الڳ الڳ تجربن جي روشنيءَ ۾ خيال هڪ ٻئي جي بنهہ ابتڙ هئا.

ڀٽي صاحب پنهنجي عمل دوران ٻين سياستدانن تي ڀرپور تنقيد ڪئي. افسرشاهيءَ خلاف آواز اٺاريو. اليڪشن مهم دوران آمريڪا تي گرجدار نعومي ڀرپور حملا ڪيا. اقتصاديات جي حوالي سان، ڀهريان سوشلزم ۽ پوءِ اسلامي سوشلزم جي ڀرپور وڪالت ڪئي، پر آئين کڻڻو هئڻ گهرجي ان بابت هن حرف ۽ نہ ڪڍيو. چاڪاڻ تہ جيڪا آئيني ردوبدل ٿئي ها، تنهن جو اثر اقتداري ڏر پنجاب تي پوڻ لازمي امر هو. ۽ اها

ڳالهه ڪنهن جو به اقتدار جي خواهشمند سياستدان لاءِ سخت نقصانڪار هئي. ڇاڪاڻ ته پاڪستان ۾ اقتدار ڏيارڻ وارا پنجابي ئي پئي رهيا آهن.

ان جي ابتڙ شيخ مجيب الرحمان جو پروگرام ڇهه نڪتا هئا ئي آئيني بنياد تي. ڇاڪاڻ ته ڪنهن ملڪ جي پوري تاريخ جي تجربو هو ته ڪيئن نه آئيني طرح قبضو ڪري پنجاب باقي ٻين صوبن کي ڦريندو لٽيندو رهي ٿو. ان ڪري شيخ صاحب ملڪ جي آئين اندر اهڙيون تبديليون آڻڻ پئي گهريون ، جنهن سان پنجاب جي ملڪ ۾ هٿي قائم نه رهي سگهي. ڪنهن صوبي جي اقتصادي ڦرلٽ نه ڪري سگهي، نوڪرين ۽ واپار مٿان اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۾ قبضو نه ڪري سگهي. اهو هيو شيخ صاحب جي پروگرام جو بنيادي مقصد جنهن جو هن شروعات کان علي الاعلان اظهار ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو هو ان سلسي ۾ پنجابي فوجي ۽ بهاري سندس خالي نشانو هوندا هئا.

جيڪڏهن غور ڪري ڏسبو ته زير بحث ليڊرن جي ذهني معيار ۾ جيڪو هيڏو وڏو تفاوت هيو. جهڙو گلابي گل ۽ ڪاغذي گل ۾ هوندو آهي. جهڙو محبوبه جي مرڪ ۽ طوائف جي مرڪ ۾ هوندو آهي. ان جو پڻ تاريخي پس منظر هيو جنهن ۾ مٽين ٻنهي اڳواڻن جي ذهني تربيت ٿي. جنهن سبب ايڏو وڏو ڏينهن ۽ رات جو تفاوت نظر اچي ٿو.

مجيب الرحمان ننڍي ۽ وچولي ڪلاس ۾ جائو نپنو ۽ وڏو ٿيو ان ڪري سياسي ميدان ۾ اچڻ ۽ سياسي سبق پرائڻ وقت وچولي ڪلاس جي روايت موجب ديس جي قومي سورمن جي ڪارنامن ۽ وفادارن جو سندس ذهني اوسر تي غلبو رهيو. اهڙي ريت عبدالواحد آريسر جي لفظن ۾ "مجيب الرحمان، جيئن ته ايثار ۽ قرباني جي سياست تي عمل ڪندو هو. ان ڪري سراج الدوله کي پنهنجو هيرو سمجهندو هو."

جڏهن ته مسٽر پٽو خانداني طور جاگيردار گهراڻي سان وابسته هو ان ئي ماحول ۾ پليو نپنو ۽ وڏو ٿيو ۽ ان ئي طبقي واري مخصوص تعليم پرايائين. ان ڪري هو جاگيردارانه روايتن موجب جمپ ڏئي داخل ٿيو. جيتوڻيڪ سنڌي قوم جو فرد هئڻ جي ناتي شاهه لطيف، مولانا عبيدالله سنڌي، الله بخش سومري جي ڪارنامن ۽ ڪارگذارين جي جو پسمنظر هئڻ کان سواءِ محترم جي. ايم. سيد جو پڻ سايو موجود هو. پر هي جاگيردارانه

روايتن ۾ سامراجي يونيورسيٽن ۾ ورتل تعليم جي مدِنظر مٿي ڄاڻايل عظيم انسانن جي فلسفي ۽ علمي جوجهد منجهان ڪا شيءِ حاصل ڪري نه سگهيو.

جتي شيخ مجيب الرحمان جي سياسي تربيب جو بار سهروردي ۽ جي سر تي هو. اتي مسٽر پٽي جو سياسي استاد جنرل ايوب خان هو. شيخ مجيب الرحمان، شهيد سهروردي ۽ جي نگراني ۾ نظرداري هيٺ بنگال جي سياست ۾ عام ڪارڪن جي عهدي کان شروعات ڪئي. آهستي آهستي عملي جودجهد رستي هيٺن عهدن تي ڪم ڪرڻ وسيلي تجربا ڪندي پارٽي ۽ جي قيادت تائين پهتو. جڏهن ته پٽو صاحب وٽ اهڙي ڪنهن به شيءِ جو نالو نشان ڪونه هو.

شيخ مجيب الرحمان جي سياست تي نظر سان معلوم ٿئي ٿو ته سندس سياسي جدوجهد جي شروعات 1940ع ۾ ان وقت ٿي جڏهن پاڻ شاگردن طرفان آل انڊيا مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۽ آل انڊيا بنگال مسلم اسٽوڊنٽس ليگ جو ڪائونسلر چونڊيو ويو. ڪيس ساڳي وقت گوپال گنج سب ڊويزن مسلم ليگ ڊفينس ڪميٽي ۽ جو پڻ سيڪريٽري چونڊيو ويو. اهڙي طرح 1946ع ۾ السلامي ڪاليج اسٽوڊنٽس يونين ڪلڪته هو بنا مقابلي جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو. ورهاڱي کان اڳ جلد پوءِ شيخ صاحب مسلم ليگ کان الڳ ٿي اوپر پاڪستان اسٽوڊنٽس ليگ جو بنياد وڌو. جنهن کي بعد ۾ اوپر پاڪستان اسٽوڊنٽس ليگ ۾ تبديل ڪيو ويو. شيخ صاحب سياسي جدوجهد سبب مارچ 1948ع ۾ هولي ۽ واري هنگامن دوران گرفتار ڪيو ويو. بعد ۾ 1949ع ۾ ڊاڪا يونيورسٽي جي هيٺين ڪلاس جي ملازمن جي لاءِ استرائڪ ڪرائڻ تي ڪيس لا جي ڪلاسن منجهان رسٽيڪٽ ڪيو ويو. بعد ۾ ان ئي سال گرفتار ٿيو ۽ جيل منجهان ئي عوامي ليگ جو جوائنٽ سيڪريٽري چونڊيو ويو. هن پيري 1952ع تائين جيل ۾ رهيو. ڪيس جيل مان نڪرڻ کان پوءِ 1953ع ۾ عوامي ليگ جو جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو.

1958ع واري مارشل لا ۾ ڪيس سيفٽي ايڪٽ هيٺ گرفتار ڪيو ويو. جتان ڊسمبر 1959ع ۾ آزاد ٿيو. هن پيري سياست ۾ حصو نه وٺڻ جي ضمانت نه ڏيڻ ڪري ڪيس ڇهه مهينا وڌيڪ جيل ڪٽيو پيو.

1962ع ۾ جڏهن حسين شهيد نيشنل ڊيموڪريٽڪ فرنٽ آرگنائيز ڪيو تہ شيخ صاحب ان ۾ شامل ٿيو. پر پوءِ جلد N.D.F کي ڪارآمد جاڻي عوامي ليگ کي آرگنائيز ڪرڻ شروع ڪيائين. ان پليٽ فارم تان 5 ـ 6 فيبروري 1962ع تي لاهور ۾ سڏايل قومي ڪانفرنس ۾ هن "ڇهن نقطن" جو اعلان ڪيو. جنهن کان خائف ٿي ڪيس مئي 1962ع ۾ گرفتار ڪري سندس پٽيان اڪيچار ڪيس لاڳو ڪيا ويا. ان دؤر ۾ هڪڙن ڪيسن منجهان سندس ضمانت ٿيندي هئي تہ ٻيا ڪيس لاڳو ٿي ويندا هئا. اهو سلسلو جنوري 1968ع تائين هلندو رهيو. جڏهن ڪيس فوجي قانونن هيٺ گرفتار ڪري مٿس اگرتلا سازش ڪيس لاڳو ڪيو ويو. جنهن منجهان ڍاڪا يونيورسٽي اسٽوڊنٽس ايڪشن ڪميٽي طرفان هلايل زبردست عوامي تحريڪ جي نتيجي ۾ سرڪار ڪيس واپس وٺي ڪيس آزاد ڪيو هو.

اهو آهي شيخ مجيب الرحمان جي سياسي جدوجهد جو مختصر جائزو. جنهن جي روشنيءَ ۾ شيخ صاحب جي ذهني تربيت ٿي. ٻئي طرف جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي زندگيءَ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ هو شاگرديءَ واري دؤر ۾ وڏن ماڻهن جي روايتن موجب سياسي جدوجهد ۾ حصو وٺڻ کان پري رهيو. 1953ع ۾ جڏهن هو ٻاهران تعليم پرائي واپس آيو. تڏهن پيءُ سر شاهنواز ڀٽي جي حوالي سان مسٽر اسڪندر مرزا، جنرل ايوب خان ۽ ڪجهہ ٻين سرڪاري ماڻهن سان سندس ڊيٽ ويٽ ٿي. اهڙي ريت فوج ۽ افسرشاهي واري ڊيٽ ويٽ گهري دوستي ۾ تبديل ٿيڻ لڳي تہ هي بہ سياسي ميدان ۾ نمودار ٿيندو ويو. ان سلسلي ۾ هو پهريان سرڪار جو اهم مشير ۽ هڪدم پوءِ وزارتن جي حوالي سان 1966ع ۾ ڪرسي ڪسجڻ تائين هلندو رهيو.

مٿين تاريخي ۽ سماجي پس منظر ۾ زير بحث ليڊرن جي سياسي اوسر ٿي. ان متضاد رخن واري اوسر جو نتيجو اهو نڪتو جو جڏهن ٻنهي ذهين ترين سياستدان پنهنجي پنهنجي سياسي پارٽين جي قيادت ڪرڻ شروع ڪئي. تڏهن شيخ مجيب الرحمان جي سٽ ۾ تاج الدين، قمرالزمان ڪئپٽن منصور، نذرالاسلام جهڙا بهادر ۽ داناءُ انسان شامل رهيا. جڏهن تہ جناب ڀٽي جا دست راست اهي ئي ساڻيا. غلام مصطفي جتوئي، غلام

مصطفي کر، مير اعجاز ٽالپر، جام صادق علي، ڊاڪٽر غلام حسين جهڙا موقعي پرست وڏيرا ۽ سرمائيدار بنيا. ان ئي عمل جو اهو نتيجو هيو جو 1977ع ۾ پٽي خلاف انقلاب اچڻ کان وٺي کوبه قابل ذکر احتجاجي ڪارنامو نه ٿيو. آخر پٽي کي ڦاسي اچڻ کان پوءِ سنڌس ويجهي کان ويجها ساٿي به معافي نامه ڏيئي ٻاهر نڪري آيا. پر جڏهن 1975ع ۾ مجيب خلاف بغاوت ڪئي وئي، تڏهن عوامي ليگ جا سرفروش خاموش ويهي هڪٻئي جو منهن نه ڏسندا رهيا. ان بغاوت ٿيڻ سان عوامي ليگ جي ٻئي درجي واري قيادت تاج الدين، نذرالسلام، قمرالزمان، ۽ ڪئپٽن منصور کي ته جيل ۾ بند ڪيو ويو پر باقي جيڪي پوئتي بچيا تن ۾ مسلح بغاوتن جي شروعات ڪري ڏني. اهڙين بغاوتن جي نتيجي ۾ آڪٽوبر 1975ع ۾ برگيڊيئير خالد مشرف جي اڳواڻيءَ ۾ انقلاب ڪامياب ٿيو پر ان انقلاب سامراج جي دلالن کي چيڙائي وڌو جن رد عمل طور عوامي ليگ کي بيدرديءَ سان ختم ڪري چڏيو. ساڳي وقت نئين آيل انقلاب تي پڻ ٻن ڏينهن اندر وري قبضو ڪري ورتو.

نظرياتي ۽ غير نظرياتي پارٽيءَ ۾ ڪيڏو نه نمايان فرق ٿئي ٿو. پيپلز پارٽيءَ جا ننڍا وڏا ڪارڪن معافي نامه ڏيئي ٻاهر نڪري آيا. پر مجيب جي ساٿين کي سنگينن سان چيرڻ جي باوجود به کوئي خريد ڪري نه سگهيو.

مٿين ٻنهي شخصيتن جي مطالعي کان بعد آريسر صاحب جو هينيون رايو نهايت وزندار لڳي ٿو ته: "مسٽر پٽو ته سياست ۾ مفادپرستيءَ کي جائز سمجهندو هو تنهنڪري سنڌس هيرو "ميڪاولي" هو ۽ مجيب الرحمان جيئن ته ايثار ۽ قرباني جي سياست تي عمل ڪندڙ هو ان ڪري "سراج الدوله" کي پنهنجو هيرو سمجهندو هو."

هن ڪتاب جي مصنف محترم عبدالواحد آريسر جو پٽي ۽ مجيب ٻنهي سان لاڳاپو رهيو آهي. هڪ سان نسلي ته ٻئي سان فڪري تعلق اٿس.

جڏهن ته ذاتي لڳ لاڳايو ۽ ميل جول سواءِ ڏيڍ ڪلاڪ (پٽي سان) ۽ يارنهن ڪلاڪ (مجيب سان) لاءِ وڌيڪ پيدا ٿي نه سگهيو. مصنف جي سياست ۾ نمودار ٿيڻ کان اڳ مجيب الرحمان ته آزاد بنگلاديش جو اڳواڻ بڻجي چڪو هو. البته پٽو صاحب باقي بچيل ملڪ جو اڳواڻ ٿي ويٺو هو. ان جڏهن جمهورت جي نالي ۾ سنڌ سان قانوني طرح ناانصافين جي شروعات ڪئي تڏهن هي بهادر انسان خاموش نه رهي سگهيو ۽ ميدان عمل ۾ نڪري

آيو. ۽ نهايت وفاداريءَ خلوص، سچائيءَ سان، سنڌ جي مسئلن جي وڪالت ڪرڻ لڳو سندس اهوئي سچائي ۽ وفادري وارو جذبو هيو جنهن کيس عوامي آمريت واري دؤر ۾ ڏاڍ اڳيان جهڪڻ کان بچائي ورتو.

مسٽر پٽو جنهن هن ملڪ تي بي تاج بادشاهن وانگر راج ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن جي دؤر ۾ پاڻ کي جبل جهڙا اڏول ظاهر ڪندڙ اديب توڙي سياستدان وڪري جي پڙي تي وڪامندا رهيا. ايئن پئي محسوس ٿيو جهڙوڪ: سنڌ سرڪار (جيڪا نالي ۾ سنڌين جي هئي) اڳيان گوڏا ڪوڙڻ ۽ وڪري جو مال بڻجڻ رواج بنجي چڪو هو. اهڙو دؤر جنهن ۾ عوامي دؤر جي نالي ۾ اختلاف ڪندڙ ۽ مخالف پيدا ٿيل روپلي جو روح سنڌ جي قومي عظمت کي برقرار رکڻ لاءِ، انهن بهروپي ويرين سان وڙهندو رهيو. اهڙو دؤر جنهن ۾ عوامي دؤر جي نالي ۾ اختلاف ڪندڙ ۽ مخالفن لاءِ ماٺهو بونءِ وارو ماحول پيدا ڪيو ويو هو. ان دهشت ۽ دٻدبي خوف و حراس واري ماحول اسان جي هن بهادر سياستدان کي جڏهن خريد ڪرڻ لاءِ داءُ هڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ۽ پيپلز پارٽي جي هڪ سرڪردي ماٺهو جي حوالي سان سندس ڪن تائين اها ڳالهه پهچائي ويئي ته "تنهنجو ملهه چا آهي؟" تڏهن هن عمر ڪوٽ جي مينڊري، صدين جي لوئيءَ واري لج برقرار رکندي، ڪيس جواب ڏنو هو "منهنجو ملهه اهو آهي ته مون کي خريد ڪرڻ وارو پنهنجي پارٽي ڇڏي منهنجي پارٽي ۾ شامل ٿي، قومي جدوجهد ڪرڻ شروع ڪري ڏئي."

سنڌ جو هي سچار ۽ وفادر فرزند، قومي رهبر سائين جي. ايم. سيد جي پوئلڳن جي قافلي جو اڳواڻ، شيخ مجيب الرحمان جي عظمت جو پوجاري، مجيب الرحمان جي سياسي استاد (جي. ايم. سيد) جي ڏسيل فڪر جي روشنيءَ ۾ آزادي ۽ خوشحالي لاءِ ڏينهن رات جدجهد ڪري رهيو آهي. ان سلسلي ۾ پاڻ ڪافي ڪتاب لکيا اٿائين ۽ اڻ ڇپيون تقريرون ڪيون اٿائين.

موجوده ڪتاب پڻ ان ساڳئي مقصد ڪارڻ ڪيل جدوجهد جي حصي طور هڪ قدم آهي. جنهن ۾ برصغير جي ٻن نهايت ذهين دانائ طوفاني صفت سياستدان ۽ سندن پارٽين جو مطالعو پيش ڪيو ويو آهي. جنهن سان سنڌ ۽ پاڪستان جي سياست سان دلچسپي رکندڙ ماٺهن جي سوچ ۽ معلومات ۾ يقيناً ڪافي واڌارو ٿيندو.



1965ع کان پوءِ پاڪستان جي سياسي ميدان ۾ هڪ طوفان آيو. ستن سالن جي ظاهري طور مستحڪم حڪومت جي سمنڊ ۾ هيجان پيدا ٿيو ۽ فوجي حڪومت جي ديوارن پوڙ شروع ٿيا. اولهه ۽ اوپر پاڪستان جو عوام پوليس جي لئين، آنسو گيسن ۽ فوجي گولين جي وسڪاري کان بي پرواهه ٿي پنهنجي قومي ۽ جمهوري حق ماڻڻ لاءِ رستن تي نڪري آيو.

پاڪستان جي تاريخ ۾ اهو پهريون پيرو هو جو عوام سنئون سڌو رياستي ادارن تي عدم اعتماد جو مظاهرو ڪري انهن جي جبر کي جوابي جبر سان ختم ڪرڻ لاءِ سياست ڪرڻ لڳو. حقيقت هيءَ هئي ته پاڪستان جي سياسي تاريخ، عوام کي ملڪ ۾ هلندڙ سياست ۽ سرڪاري ادارن کان مڪمل مايوس ڪري ڇڏيو هو ۽ ان ڪري عوام مڪمل تبديليءَ جا طالبو هئا. عوام جي انهيءَ سوچ ۽ لوڇ ۾ جن شخصن، طوفانن ۽ زلزلن برپا ڪري، دليري ۽ بهادري سان اڳتي وڌڻ جو حوصلو ۽ همت پيدا ڪئي، تن جا نالا شيخ مجيب الرحمان ۽ ذوالفقار علي پٽو هئا. جيڪي نه صرف طوفان پيدا ڪندڙ هئا پر بذات خود مڪمل طوفان ۽ زلزلو هئا، هيجان ۽ بحران هئا. لکون ۽ واچوڙا هئا. ٻئي سياسي طبيعت ۽ بيقرار ذهن جا مالڪ هئا.

شيخ مجيب الرحمان جولاءِ 1970ع ۾ جيڪب آباد کان ڪار جي ذريعي بلوچستان جي دوري تي وڃي رهيو هو. جڏهن سندس ڪارن جو قافلو سبيءَ وٽ پهتو تڏهن مٿيءَ جو سخت طوفان آيو. جنهن جي ڪري اڳتي وڌڻ مشڪل ٿي پيو. اهڙي حالت ۾ هڪ سندي سياستدان (گهٽو ڪري آغا غلام بني پٺاڻ) شيخ صاحب کي چيو "مون کي خبر هئي ته هن رستي ۾ اهڙا طوفان ايندا رهندا آهن. ان ڪري مون اوهان کي چيو هو ته

ڪارن جي بجاءِ ٽرين ۾ هلجي." ان جي وقت شيخ مجيب الرحمان مُرڪي جواب ڏنو هو تہ:

"آءٌ طوفان جي پيداوار آهيان، 60 ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان ايندڙ طوفانن مون کي پاليو آهي، بنگال جي انهن طوفانن ناريل جي وڻن کي اکيڙي اڇلائي ڇڏيو. مون کي پنهنجي منزل ڏانهن وڌڻ کان روڪي نہ سگهيا،مون خود طوفان ٿي انهن طوفانن جا رخ موڙي ڇڏيا. انهن طوفانن جي پيٽ ۾ هي طوفان تہ ڪائي حيثيت نہ ٿورڪي سو مون کي ڪيئن روڪي سگهندو."

ذوالفقار علي پٽي، هڪ دفعي تقرير ڪندي چيو هو (جڏهن غالباً ملڪ ۾ قادياني مسئلي تي تحريڪ هلي رهي هئي) "آئون بحرانن جي پيداوار آهيان. مون کي بحران پيدا ڪرڻ، انهن کي ختم ڪرڻ اچي ٿو. هي ننڍڙا بُحران منهنجي لاءِ ڪائي حيثيت نہ ٿا رکن."

اهوئي سبب آهي ۽ هئو جو پوري ملڪ جو عوام، هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ، سوچڻ ۽ آڳو پيچو جانچڻ کان سواءِ، ديوانہ وار ٿي پيو ۽ هنن کي پنهنجي سالن جي مايوسي، بدحالي، پائمالي ۽ پيڙا جو خاتمو مجيب ۽ پٽي جي آواز ۽ الفاظ جي امرت ڌارا ۾ نظر آيو. چو تہ انهن ۾ هي جي سياست عام سياست کان مختلف هئي. انهن جو سفر عام سياستدانن جي سياسي سفر کان مختلف هو. انهن جا دورا، جلسا، ۽ جلوس، مظاهرا ۽ بيان، ولولہ ۽ جذبا، عام سياستدانن کان قطعي مختلف ۽ ڌار هئا. جيڪي دل ڪش هئڻ سان گڏ عوام کي پنهنجي شاندار مستقبل ۽ باوقار جياپي لاءِ اڪير ۽ اتساهہ ڏيارينڊر هئا. اهي سڀ شيون پاڪستان جي ٻين سياستدانن ۾ موجود ٿي ڪين هيون ۽ ماڻهن ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو تہ ملڪ جا سياستدان ڪڏهن برسر اقتدار ٽولن ۽ شخصن سان ائين بہ مخاطب ٿي سگهن ٿا.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ملڪ ۾ محلاتي سياست ۽ سازش شروع ٿي. جنهن جي زد ۾ اچي ڪڏهن وزارتون ٺهنديون ۽ ڪڏهن ڍهنديون هيون. ڪڏهن اسيمبلي چونڊبي هئي تہ ڪڏهن ڊسمس ٿيندي هئي. ڪڏهن آئين ساز ڪميٽيون مقرر ٿيندیون هيون تہ اهي ڪڏهن برخواست ٿيندیون هيون. ملڪي سياستدان هڪ ٻئي جي خلاف سازشن، چالبازين، نڱين مڪارين ۾ مصروف هئا. اهي سياستدان انگريز دؤر جي حرفتي سياست جي ذريعي، صوبن، قومن ۽ عوام جي سياسي، سماجي، مادي ۽ روحاني حقن

۽ واسطن کان لاپرواهہ ۽ لاغرض هئا. هنن کي انهي ڳالهہ تي کوبہ اعتماد ۽ پروسو نہ هو تہ کو عوام ۾ سياسي سماجي شعور بلند ڪري ان جي مدد ۽ آڏار تي، ڪا تبديلي بہ آڻي سگهجي ٿي...! هنن هي نظر ۾ عام جاهل، بي شعور ۽ سياست ۾ غير فيصلہ ڪن عنصر هو پر جيڪڏهن ڪن سياستدانن عوام تائين پهچڻ ۽ عوام جي ڳالهہ ڪرڻ بہ ٿي چاهي تہ انهن کي مختلف حيلن، بهانن سان عوام کان پري رکيو ويو.جيئن، سائين جي. ايم. سيد، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، بادشاهہ خان، عبدالصمد خان اچڪزئي وغيره کي پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جيلن ۾ يا نظربندن هيٺ رکيو ويو.

پاڪستاني سياستدانن جي عوام دشمن روش ان مان ڇگيءَ ريت ظاهر آهي تہ جڏهن اولهہ پاڪستان کي هڪ يونٽ ۾ شامل ڪيو ويو تہ عوام کان ڪابہ راءِ نہ ورتي وئي ۽ جڏهن بنگال جي اڪثريت کي گهٽائي اولهہ پاڪستان جي برابر پئي ڪيو ويو. تڏهن بہ دنيا جي تسليم ٿيل اصولن "ريفرينڊم" جي ذريعي عوام جي مرضي معلوم ڪرڻ جي ڪابہ ضرورت نہ سمجهي ويئي ۽ نہ وري محب وطن ماڻهن کي اها اجازت ڏني ويئي تہ هو عام رابطي جي ذريعي انهن قدمن وسيلي پهچندڙ نقصان کان عوام کي واقف ڪري سگهن.انهن سڀني ڪارروائين ۾ ٿي ڏريون شريڪ هيون. هڪ مدي خارج سياستدان ٻيو انگريز دؤر جي آفيسر شاهي ۽ ٽيون فوج جا وڏا آفيسر. انهن تنهي عنصرن مان پويون عنصر، ظاهر ظهور عوام جي سامهون نہ هو ۽ ماڻهن کي ان جي ڪردار جي باري ۾ ڪابہ خبر ڪانہ هئي، باقي ٻنهي ڏرين جي ڪردار، عوام کي سياستدانن ۽ آفيسر شاهيءَ کان مايوس ۽ بدظن ڪري ڇڏيو هو تنهن ڪري اهي (عوام) ڪنهن بغاوت ڏيارينڊڙ جي اوسيئڙي لاءِ واجهائي رهيا هئا. هيءُ اهو ئي دؤر هو جڏهن جنرل ايوب خان (آمر) فوج ذريعي ملڪ جي اعليٰ اقتدار تي قبضو ڪيو ۽ سڀني سياسي سرگرمين تي بندش وجهي ڇڏي. فوج جي انهيءَ قدم ۾ عوام ۾ هڪ تسمر جي اطمينان جي لهر پيدا ڪئي ۽ هنن سمجهيو تہ هاڻي مدي خارج سياستدانن ۽ آفيسرشاهيءَ جي عذاب ۽ جنجال کان جان ڇٽي پوندي. ڇو تہ عوام جي نظرن ۾ فوج هڪ ديانتدار ۽ غير جانبدار ادارو هئي. ۽ صحيح معنيٰ ۾ عوام کي نجات ڏيارڻ جي لاءِ آئي هئي. هن ۾ کوبہ شڪ ڪونهي تہ ايوب خان، جي ڪن شروعاتي قدمن، آفيسرشاهيءَ جي ڳڻ

مهٽ ڪئي ۽ ڪي قدر عوامي تائيد حاصل ڪري ورتي. پر جيئن وقت گذرندو ويو تئين فوجي حڪومت جي سازشي سياستدانن ۽ آفيسرشاهيءَ سان گڏ جوڙ ظاهر ٿيندي ويئي ۽ عوام جون خوش فهميون ختم ٿيڻ لڳيون. پر جيئن ته فوجي حڪومت جو تجربو پاڪستاني ماڻهن لاءِ بلڪل نئون هو ان ڪري ماڻهو ان حڪومت جي خلاف ڪليل نموني ميدان ۾ اچڻ کان ڪيڪائي رهيا هئا. تاهم هنن فوجي حڪومت کان پنهنجي نفرت ۽ عدم اعتماد کي هرويرو لڪايو به ڪونہ ٿي. 1964ع جي صدارتي چونڊ ۾ عوام فوجي حڪومت (جيڪا پوءِ رائو فرمان علي جي هاٿوڪي منصوبي مطابق سول حڪومت ۾ تبديل ٿي چڪي هئي) جي خلاف پرپور طريقي سان پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو. انهيءَ احتجاج فوجي حڪومت جي سربراهہ کي يقيني طرح محسوس ڪرايو ته فوجي حڪومت تان عوام جو ويساهہ پوريءَ ريت کڄي ڇُڪو آهي.

فوجي حڪومت جي سربراهہ انهيءَ وڃايل اعتماد کي بحال ڪرڻ لاءِ 1965ع ۾ پوري عوام کي جنگ جي ہرندڙ باهہ ۾ اڇلائي ڇڏيو. جيتوٽيڪ ان وقت جنرل ايوب ۽ پاڪستان جي پرڏيهي وزير، ملڪي اشاعتي ادارن کان وٺي عالمي ادارن تائين، پرپور طريقي سان ان نموني جي پروپئگنڊا ڪرائي ته "هندستان جي حڪومت، رات جي اونداهيءَ ۾ عالمي سرحدون لتاڙي پاڪستان جي سرزمين تي حملو ڪري ڏنو آهي." ليڪن اڄ ڏينهن تائين اڳواڻن جنرلن ۽ سياستدانن جي ذريعي جيڪو مواد ڇپجي سامهون آيو آهي، ان مان اها خبر پوي ٿي ته هي جنگ پاڪستان جي سرڪار طرفان ڇيڙي ويئي هئي. جنهن جي ذريعي صدر ايوب، پنهنجي ڪرندڙ ساک بحال ڪرڻ ٿي چاهي. جنگ جي نتيجي ۾ ايوب خان جي پوزيشن بحال ٿي نہ سگهي ۽ پاڪستاني عوام جو اعتماد، جيڪو پراڻن سياستدانن ۽ آفيسرشاهيءَ تان اڃ ئي ختم ٿيل هو سو هاڻي فوجي حڪومت مان بہ چونڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ رستو ڳولڻ لڳو. 1965ع جي جنگ عوام کي جرنيلن جي حڪومت کان بدظن ڪري ڇڏيو تاهم ان پاڪستان جي ہن سياستدانن جي عروج ۽ شهرت جا دروازا کولي ڇڏيا. ۽ اهي بہ سياستدان هئا جناب شيخ مجيب الرحمان ۽ ذوالفقار علي پٽو.

جنگ ۾ اوير پاڪستان، جي بچاءَ جو ڪوبہ مؤثر بندوبست نہ ڪيو ويو هو. اها ڳالھ هئي. جنهن شيخ مجيب الرحمان جي مشهور ڇهن نڪتن کي جنم ڏنو ۽ بنگال جو هيءُ جوان همت ۽ شعلئہ بيان ليڈر،جيڪو پاڪستان جي سياست جي ميدان ۾ ايترو مشهور نہ هو. سو هڪدم نہ صرف پاڪستان پر عالمي اخبارن جي سرخين جو عنوان بنجي ويو. پاڪستاني اردو اخبارن، ڇهن نڪتن کي علحدگي پسنديءَ ۽ ملڪ دشمنيءَ سان تعبير ڪري، شيخ مجيب الرحمان کي ملڪ جوغدار سڏڻ شروع ڪيو.

ان پروپئگنڈا جي نتيجي ۾ شيخ صاحب تي"اگرتلا" سازش ڪيس گھڙي ڪيس گرفتار ڪيو ويو. شيخ صاحب جي گرفتاري بنگالين جي دلين ۾ مجيب جي عظمت ۽ محبت کي ڪنهن مذهبي ڪتاب کان وڌيڪ نقش ڪري ڇڏيو ۽ پورو بنگال "امار نيتا مجيب" ۽ "بنگلہ بندو مجيب" جي نعرن سان گونجڻ ۽ گجڻ لڳو.ايائي سئو سالن کان آزاديءَ لاءِ لڳاتار وڙهندڙ بنگالين کي مجيب جي روپ ۾ سراج الدوله ۽ سباش بابو نظر اچڻ لڳا. ڇھ نڪتا بنگالين لاءِ بائيبل، گيتا ۽ قرآن بنجي ويا ۽ بنگال جي نوي سيڪڑو عوام پنهنجي نڪات کي ڇهن نڪتن سان وابستہ ڪري ڇڏيو ان ڪري هو مجيب الرحمان، جي آزاديءَ لاءِ پنهنجي سرن سان ڪفن ٻڌي ميدان ۾ نڪري آيا.

مسٽر پيلو مودي،پنهنجي ڪتاب (Zulfi My Friend) "زلفي مائي فرينڈ" ۾ غلط لکيو آهي تہ "مجيب جي گرفتاريءَ وقت بنگال ۾ ڪوبہ احتجاج نہ ٿيو هو ۽ ايوب خان جي خلاف تحريڪ جي پوري رهنمائي مغربي پاڪستان مان ٿي رهي هئي" ان جي ابتڙ حقيقت هيءَ آهي تہ مجيب جي گرفتاريءَ کان ٿورو پوءِ اوير پاڪستان، جي ڪن شهرن ۾ حڪومت کي ڪرفيو نافذ ڪرڻو پيو هو. خود شيخ مجيب الرحمان، هڪ محفل ۾ اوير پاڪستان جي مشهور شاگرد اڳواڻ "طفيل" جو تعارف هنن لفظن ۾ ڪرايو هو تہ: "هيءُ آهي طفيل، جنهن اگرتلا ڪيس وقت چئن شاگردن جا لاش کڻي، ڪرفيو ٽوڙي پنج لک ماڻهن جي جلوس جي قيادت ڪئي هئي."

ان کان سواءِ ايوب شاهيءَ جي خلاف تحريڪ جو باني پٽو صاحب نہ پر "جمهوري مجس عمل" هئي. جنهن 14 فيبروري 1968 تي اهڙي هڙتال ڪرائي، جنهن جو مثال مشڪل سان ملندو. البتہ پٽي صاحب، پنهنجي بي

پناھ صلاحت، حوصلہ منديءَ ۽ محنت سان ان تحريڪ کي جانبازيءَ وارو جذبو ڏنو.

1965ع واري جنگ کان پوءِ روس، جي هڪ شهر، "تاشقند" ۾ هندوستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ امن ناھ ٿيو. جنهن مطابق ٻنهي حڪومتن هڪ ٻئي جا ڪٽيل علائقا ۽ جنگي قيدي واپس ڪرڻ واري اقرار نامي تي صحيحون ڪيون. ان اقرارنامي جي مخالفت ۾ پنجاب اندر نوابزادي نصرالله ۽ ڪن ٻين اڳواڻن جي قيامت ۾ زوردار مظاهرا ٿيا، جو تہ پنجابي عوام کي اهو ٻڌايو ويو هو تہ پاڪستان جنگ ۾ زبردست فتح حاصل ڪئي آهي۽ ڪشمير جي آزادي ٽيڙ واري آهي. حالانڪ انهيءَ جنگ ۾ پاڪستاني فوجون "راجستان سيڪٽر" ۾ اڳتي ضرور وڌيون هيون. پر پنجاب واري طرف کان پاڻ ڪافي علائقي کان پوئتي هٽيون هيون ۽ تقريباً چار سئو ميل پنجاب جو سرسبز علائقو هندستان جي هٿ هيٺ اچي ويو هو پر اهي حقيقتون عوام کان لڪيل هيون. ان ڪري عوام سمجهيو تہ "هندوستان کان ڪٽيل علائقا واپس ڪري ايوب، اسان جي شهيدن جي رت سان غداري ڪئي آهي." عوام جو ايار اهڙي حالت ۾ هو تڏهن مسٽر ذوالفقار علي ڀٽي، ايوبي وزارت مان علحدگي اختيار ڪئي. وزارت مان ڌار ٿيڻ وقت، مسٽر ڀٽي هڪ ڏهين سياستدان جي حيثيت ۾ سمجهي ورتو هو تہ عوام جي سوچ چا آهي؟ ڪهڙو سياسي موضوع آهي، جيڪو عوام جي جذبن ۽ اُمنگن کي ٽهڪندڙ پاٽيءَ وانگر يا ڦاٽندڙ جبل وانگر بنائي سگهي ٿو. تنهنڪري هن پنهنجي سياسي مهم جو بنيادي حصو "اعلان تاشقد" کي بنايو. ۽ ايوب خان تي الزام مڙهيائين تہ هن تاشقد ۾ ڪشمير جو سودو ڪري ڇڏيو آهي." آءٌ اهڙيون سوديبازيون رد ڪندس ۽ هندوستان کان ڪشمير واپس وٺندس."

ايوب وزارت، مان ڌار کان پوءِ ڀٽو صاحب، ڪافي وقت خوف ۽ دهشت واري ماحول ۾ خاموش رهيو ۽ پنهنجي دوستن سان آئيندہ پروگرام متعلق صلاحون ڪندو رهيو. مسٽر ڪر جي روايت آهي تہ پيپلز پارٽي، ٽهڻ کان اڳ ۾ مسٽر ڀٽي هڪ ميٽنگ ۾ پنهنجي دوستن کان سياست ۾ سرگرم حصو وٺڻ لاءِ وقت جي باري ۾ راءِ پڇي، سيني ساٿين انتظار ڪرڻ لاءِ چيو پر جتوئي صاحب واحد ماڻهو هو جنهن ايوب شاهيءَ کي للڪارڻ لاءِ ان وقت کي مناسب ۽ موزون قرار ڏنو هو.

ذوالفقار علي پٽي، کي سلامتي ڪائونسل ۾ هندستان جي خلاف هڪ زبردست تقرير ڪرڻ جي ڪري اڄ ئي ملڪ گير شهرت ملي چُڪي هئي. ڪيترا ڏينهن ريڊيو پاڪستان،مسٽر پٽي جي اها تقرير نشر ڪندو رهيو هو. پاڪستاني اخبارون، سندن جي هڪ جاگيردار ۽ انگريزن جي وفادار خاندان جي هن نوجوان کي نمايان ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. اهڙيءَ طرح مسٽر پٽو جنهن جي چهري تي ايوب کابينہ مان نڪرڻ وقت ڳوڙها هئا. سو هاڻي اولهہ پاڪستان جي هن صوبن جو مقبول ترين ليڈر بنجي ويو. مسٽر پٽي نهايت ڏاهپ سان ملڪ جي آئيني مسئلن کي چيڙڻ کان پاسو ڪيو ۽ پنهنجي تقرير ۽ تحرير جو پورو دارومدار ايوب جي مخالف، پراڻن سياستدانن تي تنقيد، آفيسر شاهيءَ تي حملن، اقتصادي مسئلن، آمريڪا جي مذمت ۽ پارٽ دشمني تي رکي، اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪيائين. ليڪن آئين ڪهڙو هئڻ گهرجي؟ پارليماني يا صدارتي؟ ون يونٽ ٽٽي يا رهي، آبادي جي بنياد تي نمائندگي هجي يا برابريءَ جي بنياد تي؟ مسٽر پٽي جي لاءِ اهي مسئلا، پير جي حويليءَ وانگر هئا جنهن جي پرسان لنگهڻ کي ڏوهہ سمجهيو ويندو آهي. ان ڪري پٽي صاحب بہ انهن مسئلن کي ويجهو وڃڻ، پنهنجي لاءِ گناهہ ٿي سمجهيو.

ٻئي طرف شيخ مجيب الرحمان جا ڇهہ نڪتا تہ هئا ئي آئيني تبديليءَ جا محرڪ، انهيءَ سان گڏ شيخ صاحب جي تقريرن ۾ اڪثر پنجابين، بهارين ۽ فوجين جي خلاف سخت تنقيد ٿيل هوندي هئي. ۽ ان جو اهو نتيجو نڪتو جو پنجابي، پناهگير ۽ فوج ٽيئي، شيخ مجيب الرحمان جا دشمن بنجي ڀيا. هتي هيءَ ڳالهہ نوٽ ڪرڻ جي لائق آهي تہ مجيب کي بنگالي عوام جي تائيد کان سواءِ ٻي کابہ حمايت حاصل نہ هئي. تمام سياسي ادارا، مجيب الرحمان جا مخالف ۽ مسٽر پٽي جي حامي هئا. پاڪستان جي مظلوم قومن ۽ عوام مان صرف سندن هئي. جتان جي. ايم. سيد جي آواز جي اخلاقي حمايت کان سواءِ، مجيب الرحمان کي ٻي کابہ قابل ذڪر مدد نہ هئي، ويندي بلوچستان جا قابل احترام ليڈر صاحبان مجيب کان وڌ وليءَ خان جي حڪمت عمليءَ جا عاشق هئا ۽ اهڙيءَ ريت اهي بہ پنهنجو آواز طاقتور آواز جي لهرن ۾ شامل ڪري نہ سگهيا. جيڪو آواز هن ملڪ جي سياست جي تقدير جي تبديليءَ لاءِ پهريون ۽ آخري دفعو

بلند ٽيو هو. بلوچن ۾ سنڌين جي انهيءَ سياسي خلم ڪاريءَ جو نتيجو هو ڪجهہ پوڳي چڪا آهن ۽ شايد اڃان بہ پوڳٽو پوين...!!

شيخ مجيب الرحمان ۽ ذوالفقار علي پٽي ۾ ڪافي هڪجهڙايون بہ هيون تہ وري انهن ۾نهي ليڊرن جي طبيعت، تربيت ۽ ذهني لاڙن ۾ ڪافي فرق بہ هو. يعني پٽو هڪ وڏي جاگيردار خاندان جو فرد هو تہ مجيب الرحمان هڪ ننڍي، وچولي ڪلاس جو ماڻهو هو. پٽو اعليٰ تعليم يافتہ، خوش پوش هو تہ مجيب الرحمان، کي پٽي صاحب جي پيٽ ۾ ايڏي اعليٰ تعليم نہ هئي ۽ نہ وري هو مسٽر پٽي وانگر مغربي طرز جو خوش پوش ئي هو. پٽو سياست ۾ هر شيءِ کي جائز سمجهندو هو پر ان جي مقابلي ۾ مجيب اصولي سياست جو وڏيڪ قائل هو. مسٽر پٽو جيئن تہ سياست ۾ مفاد پرستيءَ کي جائز سمجهندو هو تنهن ڪري سندس هيرو "ميڪاولي" هو ۽ مجيب الرحمان، جيئن تہ ايثار ۽ قرباني‌ءَ جي سياست تي عمل ڪندڙ هو ان ڪري سراج الدولہ کي پنهنجو هيرو سمجهندو هو. پٽو جيئن تہ سنڌ سان واسطو رکندڙ هو ۽ سنڌ جي مفاد وٽان قومپرستيءَ واري سياست هئي پر جيئن تہ اها پنجابين ۽ پناهگيرن جي مرضيءَ خلاف هئي ان ڪري پٽي صاحب وٽ قومي انقلابي سياست جو تصور ئي نہ هو. اهوئي سبب هو جو مسٽر پٽي کي قومي ادب ۽ شاعريءَ سان ڪابہ دلچسپي نہ هئي. پر ٽيگور ۽ نذر السلام مجيب جا ادبي هيرا هئا. جڏهن تہ پاڪستان جي سيني زبانن مان ڪنهن بہ هڪ زبان جي هڪڙي شاعر جو ڪو هڪ شعر بہ پٽي کي صحيح طرح ياد نہ هو ۽ نہ وري هن جو ڪو پسنديد شاعر يا اديب ئي هو. ليڪن مجيب الرحمان، کي جڏهن 25 مارچ تي گرفتار ڪيو پئي ويو تڏهن سڄي دنيا سندس زندگيءَ جي باري ۾ پريشان ٿي ويئي هئي تہ بہ مجيب جي زبان تي ٽنگور جو هيءُ خيال رقص ڪري رهيو هو تہ:

"مان جڏهن مري ويندس!
تڏهن بہ،
هن ڌرتيءَ جي مٽيءَ سان منهنجي پيشانيءَ تي،
ابدي فتح جو نشان اڪريل هوندو
فتح منهنجي آهي،
فتح منهنجي آهي....؟

چون ٿا تہ پٽي صاحب، جو جڏهن آخري وقت آيو تڏهن سندس زبان تي سندس زال جي اکيلائيءَ جو درد پريل تصور هو.

مسٽر پٽو پنهنجي سوچن، تصورن ۽ سياسي رنگ ڍنگ ۾ ڪو يورپي سياستدان نظر ايندو هو جڏهن تہ مجيب الرحمان پنهنجي سوچن، خيالن، تصورن، سياسي رنگ ڍنگ ۾ هڪ غلام (ايشيائي) قوم جو هڪ سياستدان نظر ايندو هو. هن ۾ ايشيائي تصوريت پسنديءِ ايشيائي سادگي، ايشيائي سوز گداز ۽ محبت آميز رومانيت پسندي هئي. اهڙي رومانيت پسندي جيڪا پاڻ مٽائي، ٻين کي جيارڻ ۽ خوش ڏسڻ چاهيندي آهي. جيڪا رومانيت اسان کي لطيف ۽ ٽئگور جي صوفيانہ قومپرستيءَ تي مبني شاعريءَ ۾ نظر اچي ٿي، پٽو عقليت پسند ۽ مجيب تصوريت پسند هو. مجيب اهڙو بهادر هو. جهڙو خليفي نبي بخش، جي ڪيڏاري جو هيرو ۽ پٽو بہ هڪ سنڌي بهادر هو. پر ان جي بهادريءَ تي ميڪاوليت جي عقليت پسندي غالب هئي. ان جو شايد اهو سبب هجي تہ پٽو پنهنجي سياسي فلسفي ۽ عملي سوچ ۾ پنهنجي مادر وطن سنڌ کان ڪٽيل هو پر مجيب جي رڳن جي رت جي ذري ذري ۾ بنگال جي محبت رچيل هئي. انهن سيني ڳالهين جي باوجود ڪيتريون ڳالهيون ٻنهي ۾ هڪجهڙيون هيون. "ٻئي حوصلہ مند هئا، ٻئي عوامي سياست ۽ عوام سان سنئون سڌو ڳالهائڻ واري سياست جا پيروڪار هئا. پنهنجي مخالفن لاءِ پنهنجي جو انداز جارحانہ هو. ٻئي سٽا مقرر هئا. تقرير جي سلسلي ۾ هيءَ ڳالهہ ڏيان ۾ رکڻ جهڙي آهي، تہ مجيب، بنگالي ۽ انگريزي ٻنهي ۾ ٻنهي فن خطابت کي بهترين نموني سان ادا ڪري سگهندو هو. جڏهن تہ پٽو صاحب، پنهنجي مادري زبان ۾ هڪ بي ربط مقرر هو البتہ انگريزيءَ ۾ هن جي خطابت کي عالمي ادارن ۾ داد ۽ تحسين جي نظر سان ڏٺو ويندو هو. مجيب، جي تقرير ۾ پيغمبرانہ جاهہ و جلال، محب وطن انقلابيءَ جي اپيل، هڪ قومپرست جو درد دل ۽ لفظن جي رنگيني ۽ سنگيني هڪ ئي وقت موجود هئا. جڏهن تہ پٽي، جي تقرير ۾ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جي سٻ کان وڌيڪ گهٽتائي هئي تہ اها هئي ربط جي ڪوٽ. هو ٻئي خوبصورت هئا. البتہ ٻنهي جي خوبصورتيءَ ۾ هيءُ فرق هو تہ پٽي ۾ نزاڪت ۽ نفاست وڌيڪ هئي تہ مجيب ۾ مردانہ وجاحت ۽ وقار. جنهن سندس شخصيت کي سادگيءَ هوندي بہ انتهائي دل ڪش بنائي ڇڏيو هو. مجيب هميشہ پنهنجي قومي لباس ۾ نظر ايندو هو. جڏهن تہ مسٽر

پٽو گھٽو ڪري مغربي لباس ۾! پر جڏهن هو پنهنجي قومي سنڌي لباس يعني شلوار، قميض پائيندو هو ته اهو لباس سندس جسم تي انتهائي خوبصورت لڳندو هو. پٽي جي لباس ۾ اهڙي ڪا منفرد شيءِ نه هئي جنهن کي ملڪ جي نوجوانن علامت طور استعمال ڪيو هجي. جڏهن ته مجيب جي "ڪاري واسڪوٽي" ڪنهن وقت سياسي ڪارڪنن لاءِ علامت بڻيل هئي. مجيب ۽ پٽي جو موت به ساڳي طاقت جي هٿان ٿيو. هيءَ ٻي ڳالهه آهي ته مجيب الرحمان، کي سيني تي گولي لڳي ۽ مسٽر پٽي جي ڳچيءَ ۾ قاسيءَ جو ڦندو پيو. جيتوڻيڪ گولي هڏندڙ ۽ قاسيءَ جي ڦندي کي سرڪائيندڙ ٻنهي جاين تي فوج ئي هئي.

جڏهن اوپر پاڪستان ۾ فوجي آپريشن شروع ٿيڻ وارو هو. ان وقت مجيب الرحمان، پٽي کي چيو هو ته "اڄ تون خوش آهين ته فوج منهنجي خلاف حرڪت ۾ اچي ويئي آهي. پر ياد رکجانءِ اڄ انهيءَ ديو جو شڪار آءٌ آهيان. سپاٽي تنهنجو وارو اچڻ وارو آهي. "ان وقت مسٽر پٽي، هن ايشيائي مزاج سياستدان جي لفظن جي صداقت تي سوچڻ ته درڪنار، پر انهن کي توجهه لائق به نه سمجهيو هو. پر چوندا آهن ته "قلندر هرچه گويد ديده گويد" ان مطابق مجيب جيڪي چئي رهيو هو سو ايشيا ۽ آفريڪا ۾ فوجي ڪردار کي سامهون رکندي چئي رهيو هو ۽ مجيب کي فوج جي متعلق جيڪو تجربو هو سو شايد پٽي کي نه هو. 5 جولاءِ 1977ع جي شام جو خيرپور سينٽرل جيل ۾، اسان بي. بي. سي. لنڊن جي اردو سروس ۾ مجيب الرحمان جا مٿيان لفظ جڏهن ٻڌا، تڏهن اسان جي دوست ۽ مجيب جي نظرياتي مخالف مسٽر رسول بخش پليجي چيو ته "فوج ۽ مجيب ٻنهي پٽي کي غلط سمجهيو آهي. فوج پٽي سان ائين نه ٿي ڪري سگهي جيئن مجيب سان ٿيو." پليجي صاحب وڏيڪ فرمايو ته ٽين دنيا ۾ پٽي جي ذهانت نهرو، ناصر، نڪروما، سوئيڪارنو، ٽيٽو ۽ بن بالله کان مٿي آهي. انهن سيني کي سي. آءِ. اي اوچنگارون ڏياري چڏيون پر پٽي سي. آءِ. اي کي عبرتناڪ شڪست ڏني آهي. مسٽر پليجي جي انهيءَ تبصري تي اسان جو دوست محترم سومار ٽيپو پليجي تي گرم ٽيندي چيو هو. "اهو ته وقت اڳتي هلي ٻڌائيندو ته پٽي، سي. آءِ. اي کي واقعي شڪست ڏني آهي يا نه" ۽ پوءِ منهنجي وچ ۾ پوڻ ڪري معاملو ٽري ويو. جيڪو ذري گهٽ جهيڙي تائين پهچڻ وارو هو.

آءُ مٿي ٻڌائي آيو آهيان تہ پٽي جي بهادريءَ تي ميڪاولي عقليت جو غلبو هو ۽ مجيب جي بهادري، خليفي نبي بخش جي ڪيڏاري جي هيري جهڙي هئي. اهوئي سبب آهي جو جڏهن بنگلاديشي فوج بغاوت ڪري مجيب جي خوابگاهہ تي پهتي تہ مجيب باغي فوجين جي سامهون اچي بيٺو ۽ هنن جو هر مطالبو رد ڪري ڇڏيائين. فوجين پستول جون ڇهہ گوليون سندس سيني ۾ هنيون ۽ هو اتي ڊاڪٽ تي ئي ڪري پيو. پر جڏهن پاڪستان ۾ فوج ملڪ جو انتظام سنڀالي پٽي، کي فون ڪيو تہ پٽي پنهنجي ميڪاولي عقليت پسنديءَ کان ڪم ونندي، پاڻ کي بچائڻ لاءِ فوج جو هر مطالبو قبول ڪيو ۽ اقتدار جي ڪرسيءَ تان دستبردار ٿي ويو. ايڏي آسانيءَ سان پٽي جو تخت ڇڏڻ، ڪن غيرجانبدار ماڻهن کي حيرت ۾ وڌو تہ وري سندس معتقدن ۾ اها خوش فهمي پيدا ڪئي تہ فوج، پٽي صاحب جي صلاح سان اقتدار تي قبضو ڪيو آهي ۽ سياٽي وري اقتدار موٽائي ڏيندي. اهڙي قسم جي سوچ تي ڪابہ ميار ڪانهي. ڇو تہ پٽي صاحب جي سياست انتهائي ڊرامائي سياست پئي رهي آهي ۽ هن 1970ع جي اليڪشنن کان پوءِ مشرقي پاڪستان جي دوري وقت، مجيب سان گڏ فوٽو ڪڍائيندي اخباري نمائندن کي چيو تہ "اسان ٻئي اداڪار آهيون، جنهن جيتري بهتر اداڪاري ڪئي ان اوترو وڌيڪ ڪاميابي حاصل ڪئي". شيخ صاحب، پٽي، جي انهيءَ جملي تہ ناراض ٿي چيو تہ "پٽا صاحب! پنهنجي ڪاميابيءَ کي بهتر اداڪاريءَ جو نتيجو قرار ڏيئي، تون اسان جي بهادر ۽ باشعور عوام جي شعور ۽ سياسي سمجهہ جي توهين ڪري رهيو آهين". ان تي پٽي صاحب، ڦيرو ڏيندي چيو هو تہ "منهنجو مطلب شيڪسپيئر جي مشهور مقولي کي ورجائڻ هو. جنهن ۾ هن چيو هو تہ "هيءَ دنيا هڪ اسٽيج آهي ۽ هر ماڻهو ان اسٽيج جو اداڪار آهي." پٽي صاحب، جي انهيءَ گفتگوءَ مان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو تہ هو سياست ۾ ڊراما بازيءَ ۽ اداڪاريءَ جو حامي هو. انهيءَ ڊرامابازيءَ، پٽي صاحب، جي حامين کي ڪڏهن بہ صحيح طريقي سان سوچڻ ۽ نتيجا ڪڍڻ جو شعور پيدا نہ ڪيو. خود پٽي صاحب سان جي وهيو واپريو تنهن کي آخري وقت تائين ڊرامو ئي سمجهيو. اردو اخبارن جيڪي رپورٽنگ مطابق جڏهن ڪيس ڦاسي گهاٽ ڏانهن، هلڻ لاءِ چيو ويو. تڏهن بہ پٽي صاحب چيو تہ "بس گهٽو ڪجهہ

ٿيو آهي. خدا جي واسطي هاڻي انهيءَ ڊرامي کي ختم ڪريو." پر، بدقسمتيءَ سان نہ 4 جولاءِ وارو ڊرامو هو نہ وري 4 اپريل ئي ڊرامون هو. حقيقت ۾ پٽي صاحب، 5 جولاءِ تي پنهنجي روايتي عقليت پسندي کان ڪم وٺندي مزاحمت نہ ڪئي هئي، پوءِ سندس سوچ هئي تہ هينئر پاڻ بچائي، طاقت گڏ ڪري، فوجي جنرلن تي ذهني ۽ سياسي حملو ڪجي. اهو هن آڪٽوبر واري ايڪشن جي مهم ۾ شروع بہ ڪري ڏنو هو. انهيءَ ايڪشن مهم ئي، فوجين کي پنهنجي منصوبي تي عمل ڪرڻ جلدي موقعو فراهم ڪيو ۽ حقيقت اها آهي تہ آزاد ٿيڻ کان پوءِ پٽي صاحب پنهنجي روايتي عقليت پسنديءَ کان ڪم نہ ورتو ۽ ذهني ۽ سياسي حملي ۾ انتهائي جلدبازيءَ جو مظاهرو ڪيائين. ليڪن اهو مظاهرو ڪيس آخر ٿياس تائين وٺي ويو. بنگالي فوجين گولن جي سهارو ورتو ۽ پاڪستاني فوج قانون جي رستي تي هلي. بنگالي فوجين کي ڊپ هو تہ مجيب جيڪڏهن ڪجهہ وقت بہ جيئرو رهيو تہ بنگالي عوام هڪ ڪروڙ ماڻهو مارائي بہ مجيب کي آزاد ڪرائي وٺندو ۽ پوءِ اسان جو خير ڪونهي. پر پاڪستاني فوج جي اها سوچ هئي تہ عالمي راءِ ۽ عوام جي ڪابہ توڙي ساڃي ڏر جي دباءَ ۽ شورش کان بچڻ لاءِ اهوئي واحد طريقو آهي تہ پٽي جي رت سان سنوان سڏا هٿ رکڻ جي بجاءِ سندس معاملو پاڪستان جي اعليٰ عدالت جي سپرد ڪجي. گهٽو اڳي ميڪاوليءَ چيو هو تہ "جيڪڏهن ڪنهن ملڪ تي زبردستي حڪومت ڪرڻي آهي تہ پوءِ ان ملڪ مان اهڙيون شخصيتون هڪ ئي ڏڪ سان چونڊي ختم ڪريو جن جي چوڌاري عوام گڏ ٿي سگهي ٿو. ڪوس هڪ دفعو ڪريو. ليڪن قتل عام ۾ قسطون ڪرڻ تباهہ ڪُن ٿيندیون" بنگال ۾ فوجين ائين ڪيو. هاڻي هي فيصلو وقت ڪندو تہ مجيب جا دشمن داناءَ هٿا يا پٽي صاحب جا؟

چوڻ ۾ اچي ٿو تہ پٽو ۽ مجيب، ٻئي آمريڪي سازش جو شڪار ٿيا ۽ آمريڪي سي. آءِ. اي سندس حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. اهڙيءَ ريت آمريڪي جمهوريت پسندن، ننڍي کنڊ جي هنن اهم سياسي ۽ عوامي شخصيتن کي سياسي ميدان مان ختم ڪرائي غير عوامي حڪومتون عوامي تائيد کان محروم ٿي سندن عالمي سياست جي ڪيڏ ۾ بي جان مهرن وانگر استعمال ٿيندیون رهن.

سڀ کان پهرين اسان کي ڏسڻو هيءُ آهي تہ اهي ڪهڙا سبب آهن جن جي ڪري وڏيون طاقتون ڪمزور ملڪن ۾ حڪومتن جا تختا اونڌا ڪرائي پنهنجي پسند جون حڪومتون قائم ڪرائن ٿيون ۽ پنهنجي پسند جي حڪومتن کان ڪهڙيون رعايتون ۽ فائدا حاصل ڪن ٿيون.

1. وڏين طاقتن کي اهڙن ملڪن جي ضرورت پوي ٿي جيڪي عالمي ادارن ۾ سندن پاليسين جا حامي، مددگار ۽ پٺ پيرائو هجن.
2. اهڙا ڪمزور ملڪ، پنهنجي حدن اندر ڪين ساموندي ۽ ميداني علاقن ۾ فوجي ۽ جاسوسي اڈا قائم ڪرڻ جي اجازت ڏين.
3. وڏين طاقتن جي تيار مال جي نيڪال لاءِ اهي ملڪ منڊيون ٿي استعمال ۾ اچن، ۽ پڻ وڏين طاقتن کي ڪچو مال سستي اگهہ تي فراهم ڪري ڏين.
4. وڏين طاقتن جي مرضيءَ ۾ منشا جي خلاف ڪنهن بہ ٻئي ملڪ سان معاشي، سياسي ۽ دفاعي طرح جي ڪابہ ڏيتي ليتي، ڪوبہ عهدنامون نہ ڪن ۽ ڪڏهن بہ پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي پوزيشن ۾ نہ اچن. ڇو تہ جي ڪوبہ ملڪ پنهنجي پيرن تي بيٺو تہ اهو وڏين طاقتن جي اشاري ۾ خواهش تي هلڻ لاءِ تيار ئي نہ ٿيندو. ان ڪري جنهن بہ ملڪ جي قيادت وڏين طاقتن کي مٿيون رعايتون ڏيڻ کان انڪار ڪندي آهي، يا آزاديءَ سان پنهنجي پرڏيهي پاليسي مقرر ۽ متعين ڪري پنهنجي قومي وقار ۽ عزت جي واٽ تي هلندي آهي تہ اهڙي قيادت کي فوري طور هٽايو ويندو آهي.

وڏين طاقتن مان منهنجي مراد آمريڪا آهي، هن ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ روس، آمريڪا جي پيٺ ۾ عوامي مفادن جون خيال ڪندو آهي. پر آمريڪا جو مقصد هوندو آهي، صرف پنهنجي نمڪ حلال ۽ وفادار کي برسر اقتدار آڻڻ، پوءِ اهڙي قوم سان عوام کي ڪيترو ٿو نقصان پهچي ان سان آمريڪا جو واسطو ڪونهي. پر اهو وفادار "ڪميونزم" جو مخالف ضرور هجي. هوڏانهن روس جي لاءِ ايتري ڳالهہ ڪافي آهي تہ جيڪو گروهہ، برسراقتدار رهيو آهي. سو آمريڪا، يعني سڌريل لفظن ۾ عالمي سطح تي "سامراج" جو دشمن ضرور هجي ۽ عالمي ميدان ۾ روس جي حڪمت عمليءَ کي نہ صرف جائز قرار ڏئي پر ان کي انسان ذات جي آزادي

۽ خوشحاليءَ لاءِ ازلي ۽ ابدي تقدير جو لکيو سمجهي. آمريڪا يا روس بهرحال هنن کي پنهنجي ملڪ جي مفاد کي پهرين اوليت ۽ اهميت ڏيڻي ٿي پوي. آمريڪا جي اهڙي قسم جي ڪارگذارين سان تقريبا اڌ صديءَ جي تاريخ پري پيئي آهي پر روس بہ ويجهڙائيءَ ۾ جيڪي غلطيون ڪيون آهن، سي اٿوپيا، ڪمبوڊيا ۽ يمن جي صورت ۾ ظاهر آهن.

جڏهن بنگلاديش، جي آزاديءَ جي تحريڪ شروع ٿي تہ آمريڪا جيڪو هميشہ قومي آزاديءَ جي تحريڪن جي مخالفت ڪندو رهيو آهي. تنهن بنگلاديش جي آزاديءَ جي تحريڪ جي مخالفت ڪئي ۽ روس پنهنجي روايت مطابق تہ "جنهن تحريڪ ۾ سامراج (نئين يا وڏو) دشمن هجي ۽ جنهن جي آمريڪا ۽ چين مخالفت ڪن تنهنجي ضرور حمايت ڪئي ويجي. سو بنگلاديش جي تحريڪ آزاديءَ جي ان پرپور حمايت ڪئي ۽ ان لاءِ پارت جي گڏيل مدد سان بنگلاديش جي تحريڪ، ڪاميابيءَ سان ويجي همڪنار ٿي. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو آزاد بنگلاديش جي حڪومت شيخ مجيب الرحمان، جي قيادت ۾ مڪمل طور روس ڏانهن جهڪيل هئي. هوڏانهن هندوستان ۾ مسز گانڌيءَ جي حڪومت اڳيئي روس نواز هئي. ان ڪري اهو پورو خطو آمريڪا جي هٿان نڪري ويو.

آمريڪا ۾ ان وقت صدر نڪسن برسر اقتدار هو. جنهن بنگلاديش جهڙي اهم جاگرافيائي پوزيشن رکندڙ خطي ۾ هڪ روس نواز حڪومت ڏسڻ نہ ٿي چاهي. صدر نڪسن، چين سان پاڪستان جي معرفت لاڳاپا درست ڪري چُڪو هو. ۽ پاڪستان ۾ ان وقت يٽو صاحب مڪمل طور آمريڪا ڏانهن لڙيل هو. جو تہ پاڪستان جي پاليسي ساز ادارن جي دل ۽ دماغ تي بنگلاديش جي تحريڪ آزاديءَ وقت روس جو ادا ڪيل ڪردار اڃان تازو هو ۽ پڻ پاڪستاني ادارن جي ذهن ۾ اها ڳالهہ ويٺل هئي تہ ان مجيب کان بهرحال انتقام وٺڻ گهرجي، جنهن مجيب پاڪستان کي ہ اڌ ڪيو آهي. جيئن تہ چين ۽ آمريڪا، مجيب جي روس نواز ڪردار جي ڪري اڳيئي ناراض هئا. ان ڪري ٿنهي طاقتن گڏجي شيخ مجيب جو تختو ان فوج هٿان اونڌو ڪرايو جنهن آرميءَ کي مجيب آزاد ملڪ جي قومي فوج جي حيثيت ڏني ۽ پاڪستان جي جيلن مان آزاد ڪرايو هو. ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي تہ "مجيب کي کپندو هو تہ جيڪا فوج مغربي

پاڪستان جي جيلن مان آزاد ٿي اتي ويئي هئي، تنهن کي قتل ڪرائي ڇڏي ها ۽ ڪوبہ آفيسر يا سپاهي جئرو نہ ڇڏي ها. ائين ڪرڻ سان مجيب، فوجي بغاوت کان هميشہ لاءِ بچي پوي ها. "ليڪن فوجي بغاوت کان بچڻ جو اهو طريقو انتهائي خطرناڪ ۽ مهانگو هو جيڪو مجيب جهڙو قومپرست ماڻهو اختيار ڪري ئي نہ ٿي سگهيو. البتہ هڪڙو ٻيو بہ طريقو هو تہ "جيڪا بہ آرمي پاڪستان جي وقت جي تربيت يافتہ هئي. تنهن کي ٽوڙي، سيئي آفيسرن ۽ سپاهين کي سول نوڪرين ۾ لڳائي ڇڏي ها. ۽ ملڪ جي بچاءَ سالميت ۽ امن امان جي ڪنٽرول جي ساري ذميواري "مڪتي باهنيءَ" جي حوالي ڪري ها. ڇو تہ جيڪو عوام وڙهي ڪنهن فوج کان سواءِ آزاديءَ جو حقيقي قدر انهيءَ عوام کي هوندو آهي، جيڪو جدوجهد ڪري آزادي حاصل ڪندو آهي.

ٻين لفظن ۾ آءٌ چوڻ چاهيان ٿو تہ "جيڪو ملڪ هٿياربند جدوجهد ذريعي آزادي حاصل ڪري، تنهن کي سڀ کان پهريان ان فوج کي ٽوڙي ۽ نوڪريءَ مان برخواست ڪرڻ گهرجي، جيڪا سامراج جي فوج جو حصو رهي هجي. "ڇو تہ اها فوج ذهني ۽ تربيتي طرح انتهائي رجعت پسند ۽ پنهنجي مزاج ۽ سوچ ۾ سخت انقلاب دشمن هوندي آهي. هوءَ انقلابي حڪومت جي طرز فڪر سان ڪڏهن بہ پاڻ کي هم آهنگ ڪري نہ سگهندي آهي ۽ موقعو ملندي ئي انقلابي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ عالمي طاقتن جي آلہ ڪار بنجي ويندي آهي. باقي رهيو ملڪ جي بچاءَ جو مسئلو. سو اهو مڪمل طرح عوامي "سپاهہ آزاديءَ" جي حوالي ڪرڻ گهرجي. پر ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي (ڪو ورلي) تہ جڏهن سپاهہ آزادي، باقاعدي فوج جي صورت اختيار ڪندي آهي تہ اها بہ قومي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ ۽ عالمي طاقتن جي آلہ ڪار بنجي ويندي آهي. جيئن الجزائر ۾ انهيءَ آزاديءَ واري سپاهہ سندن ڪمانڊر ۽ وزير دفاع مسٽر بومدين جي قيادت ۾ بن الله جو تختو اونڌو ڪرڻ ۾ روس جي آلہ ڪار جي حيثيت اختيار ڪئي.

عام طرح سمجهيو ويندو آهي تہ ان بالله جو تختو آمريڪا اونڌو ڪرايو پر اهو صحيح نہ آهي. ڇو تہ بومدين، ڪڏهن بہ آمريڪي آلہ ڪار جي حيثيت ۾ ڪم نہ ڪيو ۽ هو هميشہ روس نواز ئي رهيو مرڻ گهڙيءَ تائين....!!

حقيقت هيءَ آهي تہ بن بالله افروايشيائي اتحاد جو حامي هو ۽ ان لاءِ هن افروايشيائي، پرڏيهي وزيرن جي ڪانفرنس الجزائر ۾ ڪوٺائي هئي. جنهن ۾ چين کي نمايان حيثيت ڏني پئي ويئي ۽ جيڪڏهن منهنجي يادداشت غلطي نٿي ڪري تہ انهيءَ ڪانفرنس ۾ چيني وزيراعظم آنجهاني چواين لاءِ شريڪ ٿي رهيو هو. چين جومنصوبو هو تہ "آمريڪا ۽ يورپ جي جهوليءَ ۾ ڪرڻ بجاءِ آفروايشيائي ملڪ پنهنجي آزاد پرڏيهي پاليسي اختيار ڪري چين جي قيادت ۾ اڳتي وڌن." بن بالله ڏهني طرح مائوزيتنگ کان گهٽو متاثر هو ۽ زمين جي مسئلي تي هن جا مستر بومدين سان سخت اختلاف هئا. ان ڪري انهيءَ ڪانفرنس جي ميزبان جي حيثيت ۾ شايد چيني منصوبي لاءِ هن جو وجود هٿي ڏيندڙ ٿئي ها. تنهن ڪري روس بن بالله جو تختو اونڌو ڪرائڻ ئي ضروري سمجهيو ۽ اهو تختو اونڌو انهيءَ سپاهِ آزاديءَ ڪيو. جيڪا الجزائر جي آزاديءَ لاءِ آفريڪا جي خطرناڪ جنگ وڙهي هئي. پر ائين اهڙو واقعو ڪو ورلي يعني بلڪل ٿورو ٿيندو آهي ۽ گهٽو ڪري اهو انقلاب، سامراج جي مفادن وٽان نہ هوندو آهي.

هتي هڪڙي ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ ڪنهن بہ حڪومت جي تختي اونڌي ٿيڻ يا بحران پيدا ٿيڻ لاءِ رڳو عالمي طاقتن کي جوابدار ٺهرائڻ سان هڪ خطرناڪ رجحان جنم وٺندو آهي تہ بحران پيدا ٿيڻ يا حڪومت جي تختي اونڌي ٿيڻ لاءِ جيڪي اندروني عوامل هوندا آهن، تن کي عام طرح نظرانداز ڪيو ويندو آهي ۽ منهنجي خيال ۾ فوجي حڪومت اچڻ لاءِ اصل ميدان اهي اندروني (خلفشار) عوامل ئي ڪندا آهن.

بهرحال مجيب انهيءَ آرميءَ کي ختم نہ ڪيو جيڪا هتان پاڪستان مان ويئي هئي ۽ جنهن مجيب جو تختو اونڌو ڪيو. بنگلاديش جي اڳوڻي ڪرنل "طاهر" فوجي ٽربيونل آڏو بيان ڏيندي، جتي شيخ مجيب الرحمان جي خامين ۽ بنگلاديش جي فوج جي ڪردار جو ذڪر ڪيو آهي اتي هن شيخ مجيب الرحمان جي تختي اونڌي ٿيڻ ۽ مجيب الرحمان جي خاندان جي بي رحمانہ ۽ سفاڪانہ قتل ۾ پاڪستان ۽ آمريڪا کي ملوث ڪندي لکيو آهي تہ "پاڪستان جو وجود ئي نفرت ۽ ڪينہ پروري جي جڏبن سان ٺهيل آهي ۽ هن پنهنجي انهيءَ نفرت ۽ ڪينہ پروريءَ کي پوري ڪرڻ لاءِ

بنگلاديش جي باباءِ قوم کي قتل ڪرائڻ ۾ اهم سازشي ڪردار ادا ڪيو آهي. جنهن کي معاف ڪري نٿو سگهجي!!"

جيستائين جناب پٽي جي خلاف آمريڪا سازش جو تعلق آهي تہ ان باري ۾ ان سازش تي سوچڻ کان پهرين هيءَ ڳالهہ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ پٽي صاحب جي خلاف پاڪستان قومي اتحاد جي جهنڊي هيٺ هلندڙ تحريڪ، حقيقت ۾ جاگيردارن ۽ اپرندڙ سرمائيدارن جي خلاف، اجاره دار سرمائيدارن جي تحريڪ هئي. چو تہ هي اهو طبقو هو جنهن کي پٽي صاحب جي درو حڪومت ۾ سڀ کان وڌيڪ نقصان پهتو هو. پٽو حڪومت، حقيقت ۾ جاگيردارن ۽ اپرندڙ سرمائيدارن جي نمائندہ حڪومت هئي جنهن کي اهو اجاره دار سرمائيدار ڪنهن بہ صورت ۾ قبول ڪري نٿي سگهيو. چو تہ اهڙي حڪومت جو وجود انهيءَ طبقي جو پنهنجو موت هو.

دنيا جي جي تاريخ جو اهو دستور رهيو آهي تہ جڏهن بہ جاگيرداري ۽ سرمائيداريءَ جو ٽڪر ۽ تصادم ٿيو آهي. تڏهن سرمائيدار طبقي جو نعرو جهوريت ۽ جاگيردار طبقي جو نعرو مذهب رهندو آهي ۽ انهن جي جهيڙي ۾ سوپ سرمائيدار جي ٿي آهي، جيڪو جاگيردار جي پيٺ ۾ وڌيڪ ترقي پسند هوندو آهي پر هتي معاملو بلڪل ابتڙ هو جتي جاگيردار جمهوريت ۽ سوشلزم جو نعرو هٺي رهيو هو ۽ سرمائيدار جمهوريتي ۽ مذهبي نظام حڪومت جو جهنڊو کٽي هلي رهيو هو. نتيجي ۾ جاگيردار کي شڪست آئي. پر ان سان گڏوگڏ سرمائيدار جمهوريت کي بہ آواره ڇوڪريءَ وانگر اغوا ڪيو. جنهن جو اچان تائين ڪوبہ پتو ڪو نہ پيو آهي نہ وري ڪا خبر آهي تہ ڪهڙي ڪوٺي تي تماشاين کي خوش ڪري رهي آهي ۽ پنهنجي مشتاقن کي ديدار بہ ڪرائيندي يا پئي سڪائيندي رهندي! باقي رهيو اهو مسئلو تہ پٽي صاحب جي دؤر ۾ جمهوريت هئي يا نہ؟ ان سوال تي سوچڻ، وقت وڃائڻ جي برابر ٿيندو. چو تہ هڪ جاگيردار کان جمهوريت ۽ جمهوري آزادين جي اميد رکڻ، ٻهرن کان ٻير گهرڻ جي برابر ٿيندو. ان ڪري پٽو طبقاتي توڙي ذهني لحاظ کان مڪمل طور هڪ جاگيردار هو ۽ انهيءَ طريقي سان هن حڪومت بہ ڪئي. پٽي جي طرز حڪومت، مختلف صوبن جي قومپرستن ۽ سوشلسٽن کي سندس مخالفت بنائي وڌو هو.

ٻئي طرف آمريڪا جون همدرديون به انهيءَ تحريڪ سان هيون ۽ هن ڪليل طريقي سان ان تحريڪ جي حمايت ۽ مدد ڪئي. ان جو سبب هيءُ هيو تہ صدر ڪارٽر جي اليڪشن جي ميدان ۾ اچڻ کان اڳ پٽو صاحب، فرانس کان هڪ ايٽمي ري ايڪٽر حاصل ڪري چڪو هو ۽ ڪارٽر پنهنجي اليڪشن مهم ۾ ايٽمي هٿيارن کي روڪڻ واري پروگرام کي وڏي جوش سان کنيو ۽ ان سلسلي ۾ هن پاڪستان کي ملندڙ فرانسيسي ايٽمي ري پروسيسنگ پلانٽ روڪائڻ جو واعدو فرانس جي حڪومت تي دٻاءَ وجهڻ بجاءِ ڪارٽر، پٽي صاحب جهڙي سرڪش ليڈر کي هٽائڻ ضروري سمجهيو ان سلسلي ۾ هڪ پروگرام ترتيب ڏنو جنهن تي "انسان جي بنيادي حقن جي حفاظت" جو نالو ڏنو ويو ۽ سندس چوڻ هو تہ انساني حق سپ کان وڌيڪ ڪميونسٽ ملڪن ۽ نام نهاد سوشلسٽ ملڪن ۾ پائمال ٿي رهيا آهن.

ڪارٽر جيئن تہ بنيادي طرح مذهبي (يهودي) ماڻهو آهي. ان ڪري هن جي نظر ڪرم سري لنڪا کان وٺي اسرائيل تائين مذهبي جماعتن تي پئي ۽ انهن ملڪن جي سيني مذهبي ۽ نيم مذهبي جماعتن کي مذهب ۽ جمهوريت جي نالي تي متحد ٿيڻ جو مشور ڏنو ويو. انهن ملڪن مان مسز بندرانائڪي، مسز اندرا گانڌي وغيره تہ شرافت سان هٽي ويون. تن جو تہ ٿيو خير، باقي پٽي صاحب، ڪارٽر جي منصوبي جي مزاحمت ڪئي. جنهن جو نتيجو ظاهر آهي تہ اهو نڪتو جيڪو ننڍين قومن جي ليڈرن جو نڪري سگهي ٿو.

بهرحال پٽي ۽ مجيب جي زندگيءَ جي خاتمي جو سبب ڪجهہ اندروني ۽ ڪجهہ بيروني هو ۽ ٻئي طوفاني ليڈر، انهيءَ فوج هٿان ختم ٿيا جنهن فوج کي هڪڙي پاڪستان جي قيد مان آزاد ڪرايو هو ۽ ٻئي پارٽ جي قيد مان! مجيب کي پاڪستان جي جيل ۾ فوجي حڪومت ختم ڪري نہ سگهي هئي تنهن کي خاندان سميت، بنگالي فوج ختم ڪري ڇڏيو ۽ جنهن پٽي کي بلوچن جا قاتلانا حملا ختم ڪري نہ سگهيا تنهن جي قاسيءَ جي حڪم کي ان فوجي جنرل توثيق ڪئي، جنهن کي پٽي صاحب پاڪستاني فوج جو سربراهہ بنايو هو!!

پٽي ۾ مجيب ۾ هڪ ٻي ٻ خاصيت هڪ جھڙي هئي. اها هيءَ تہ ٻنھي جو حافظو انتھائي تيز ۽ يادگيريءَ جي قوت حيرت انگيز هئي. پٽي صاحب، سان جيڪو ٻ ماڻھو هڪ دفعو مليو تہ صرف ان جو نالو ۽ شڪل ۽ ذات ٻ ياد ٿي ويندي هيس، ساڳي حالت مجيب جي ٻ هئي. هنن ٻنھي کي جيترن ماڻھن جا نالا ۽ مھانڊا يا هٿا، ايترا شايد ئي ڪنھن ٻئي ماڻھو کي ياد هجن!. مون کي ياد آهي تہ مجيب الرحمان نوابشاھ جي پريس ڪلب ۾ وينو هو تہ دادوءَ جو هڪ هندو منوهر لال نالي عوامي ليگ جي ڪارڪن سان اندر داخل ٿيو تہ مجيب اٿي خوش ٿيندي چيو "آئو منوہر کیا حال ہیں." اهڙيءَ ريت پٽي صاحب سان ٻ ڪو ماڻھو هڪ دفعو مليا هوندا تہ هن اسٽيج تي ٻيھي اهڙن ماڻھن کي پري ٻينل ڏسي، نالا وٺي سڏي اسٽيج تي اچڻ لاءِ چيو هوندو.

آئون پنھنجي زندگيءَ ۾ انھن ٻنھي ليڊرن سان مليس. انھن کي ڏٺم. مجيب الرحمان سان هڪ پورو ڏينھن گڏ هوس ۽ پٽي سان صرف اڌ ڪلاڪ لاءِ مليس. ٻنھي ملاقاتن جو تفصيل ايندڙ صفحن ۾ پيش ڪري رهيو آهيان.

(1)

30 جون 1970ع جي هڪ سونهاري صبح جو ذڪر آهي. آءٌ پنهنجي هجري ۾ ويٺو مهاتما گانڌيءَ جي آتم ڪهاڻي پڙهي رهيو هوس تہ مدد علي سنڌي، مهر علي مرزا، يعقوب آرزو ۽ دوست علي چانڊيو سهڪندا منهنجي هجري ۾ آيا. اچڻ شرط چوڻ لڳا تہ اُتي! اڄ توکي اهڙي شخصيت ڏيکارڻ ونڊي ٿا هلون، جيڪا تنهنجي زندگيءَ ۾ هڪ تاريخي ۽ يادگار بڻجي ويجي. منهنجي گهٽي اصرار جي باوجود هنن پنهنجي ڊرامائي انداز ۾ ڪابہ تبديلي نہ آندي ۽ مون کي مجبوراً هنن سان گڏ ويڙهيو. اسان روانا ٿياسين پر مون کي ڪا خبر نہ هئي تہ مون کي ڪيڏانهن ونڊي ويجي رهيا آهن. ۽ اها ڪهڙي شخصيت آهي، جيڪا ڏيکارڻ چاهين ٿا. انهيءَ حالت ۾ حيدرآباد جي ريلوي اسٽيشن تي پهتاسين. ٽڪيٽ ونڊڻ کان پوءِ هنن دوستن مون کي ٻڌايو تہ "اڄ شيخ مجيب الرحمان، سيد ظفر علي شاهہ جو دعوت تي نوابشاهہ ويجي رهيو آهي. پاڻ سڀ هتان کان شيخ مجيب سان گڏجي نوابشاهہ هلنداسون. جتي شام جو شيخ صاحب جي تقرير ٿيندي، ان کان پوءِ اتي رات جو ون يونٽ، ٽٽڻ جو خوشيءَ ۾ جشن ٿيندو ان ۾ شريڪ ٿيندا سون." ان ڳالهہ ٻڌڻ شرط منهنجي خوشيءَ جي ڪابہ حد نہ رهي، ڇو تہ مون کي زندگيءَ ۾ جن ماڻهن جي ڏسڻ جو بيحد شوق ۽ تمنا رهي آهي. انهن ۾ هڪ شخص سان آءٌ ان وقت تائين ٻہ ٽي دفعا ملي چُڪو هوس، سو هو محترم سائين جي. ايم. سيد. ٻي شخصيت هئي شيخ صاحب جي، جنهن سان ملڻ جو موقعو ملي رهيو هو ۽ ٿيون هو جناب بادشاهہ خان، جنهن سان ملڻ جو اڃان تائين موقعو نہ مليو آهي[1] اهي ٽيئي شخصيتون ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين هن دؤر ۾ منهنجي ذهن، فڪر ۽ سوچ جي سلسلي تي اثر انداز ٿيون آهن ۽ مون پنهنجي آئيڊيل جي هڪ جهلڪ، هڪ پرتوو ۽ هڪ جلوو انهن ۾ موجود پئي سمجهيو آهي.

---

[1]. مصنف جي هاڻ ڪافي پيرا خان بادشاهہ سان ملاقات تي چُڪي آهي.

ٽڪيٽ ونڊي اسان پليٽفارم تي پهتاسين. جتي گاڏي اڳ ۾ ئي اچي چڪي هئي ۽ اسان کي اها بوگي ڳولڻ جي ڪا به ضرورت محسوس نه ٿي. جنهن ۾ به ممتاز ۽ مقبول، متنازع شخصيتون سفر ڪري رهيون هيون يعني جي. ايم. سيد ۽ مجيب الرحمان، ريلوي پليٽفارم جو منظر ڏسي مون کي ڏاڍو افسوس ۽ ارمان ٿيو. ڇو ته اتي ڪوبه استقبالي هجوم نه هو نعرا نه هئا. عوام جا انبوهه نه هئا، بينر نه هئا ۽ نه ئي پوليس جا حفاظتي دستا. اهو منظر ڏسي مون کي سال به اڳ جا به واقعا ياد آيا.

هڪ دفعو جڏهن مسٽر ذوالفقار علي پٽو مير رسول بخش جي دعوت تي اچي رهيو هو. ان وقت به آءٌ مهر علي مرزا، سان گڏ پليٽفارم تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿيو هوس پر اتي عوام جي ايڏي ته گپا گيهه لڳي پئي هئي جو آءٌ پنهنجي چمپل کان محروم ٿي ويس. انهيءَ هجوم ۾ آءٌ ۽ مهر علي هڪ ٻئي کان وچڙي وياسين ۽ شام کان اڳ ملي نه سگهياسين.

ٻيو دفعو "چٽان"، جو ايڊيٽر شورش ڪاشميري، ڪراچي جيل مان آزاد ٿي، سياري جي رات ۾، رات جو 2 وڳي ڪراچيءَ کان لاهور وڃي رهيو هو. ڏار ڏار مختلف پارٽين هن جي استقبال ڪرڻ جي اپيل ڪئي هئي. مهر علي مرزا، مون کي اتي وٺي هليو هو. رات جو 2 وڳي به حيدرآباد ريلوي اسٽيشن جو پليٽفارم استقبالي هجوم جي نعرن سان گونجي رهيو هو ۽ عوام جو هڪ سيلاب هو جيڪو جنوريءَ جي سرديءَ جي سختيءَ کان بيپرواهه ٿي. اسٽيشن تي پلٽجي پيو هو. پر اڄ جڏهن شيخ مجيب الرحمان ۽ جي. ايم. سيد پليٽفارم تي موجود هئا پر ڪوبه استقبال ڪندڙ هجوم نه هو.

چاچا ڪريمڏني جي روايت مطابق گهٽو اڳي "سياش چندر بوش" اتان متيو هو ته اسان خاڪسارن جي هڪ جيش بوش کي عالمي فوجي سلامي ڏني هئي پر اڄ بنگال جو نئون سياش بابو سنڊ جي انهيءَ گذر گاهه تان متي رهيو هو جنهن تان ڪڏهن سيد احمد شهيد ۽ سيد اسماعيل شهيد متيا هئا. پوءِ انهيءَ رستي تي گانڊي، نهرو، آزاد ۽ علي برادران جي فڪر ۽ سوچ جون ڪيتريون ئي شمعون هريون ۽ اجهاميون هيون. ان جاءِ تي نه اڄ ميرن جا وڏين ٽوپين وارا ڏيا دار سپاهي موجود هئا نه وري ڪاڏي پوش ڪانگريسي ۽ نه وري ستاري واري ورديءَ وارا خلافتي ۽ نه وري خاڪسارن جو ڪو جيش. انهيءَ منظر کي نظر انداز ڪري اسان شيخ صاحب واريءَ

بوگيءَ ۾ داخل ٿياسين. دروازي جي پرسان واري ڪمپارٽمينٽ ۾ سائين جي. ايم. سيد ۽ محمد شاهه پاٽوٽ وارا ويٺل هئا. ٻئي نمبر ۾ عوامي ليگ اوپر پاڪستان جو صدر قمرالزمان ۽ ٽئين نمبر ۾ شيخ مجيب الرحمان، ريشمي گائون پايو ويٺو هو. انهيءَ لباس ۾ هو مون کي مغل شهزادو دارا شڪوهه لڳو. پر پوءِ فورا منهنجي ذهن بنگال جي سرزمين ڏانهن ڦيرو کاڌو ۽ مون بنگال جي جوان همت شهزادي سراج الدوله، کي مجيب الرحمان جي روپ ۾ ڏسي ورتو. هو ان وقت نيرن ڪري واندو ٿيو هو. اڄي اسان کي ڏاڍي اڪير سان مليو. اسان جي خوشيءَ جو ته ڪوبه اندازو ئي نه هو. ڇو ته اسان اڄ هڪ اهڙي شخصيت سان مليا هئاسون. جيڪا بنگال جي عوام جي تاريخي جدوجهد جي وارث هئي، جنهن شخصيت جي تعمير ۽ تشڪيل ۾ سراج الدوله، مجنون شاهه، ڪامران شاهه، حاجي شريعت الله، ڏودو ميان، ٽيٽو مير، سياش چندر بوش، سي. آر. داس، ڪلپنادت، سهروردي، ٽيگور، نذرالاسلام جي قربانين، ڪاوشين ۽ فڪري بلندين حصو ورتو هو. بنگال جو جادو سندس زبان تي ناچ ڪندو هو. سندس ڳالهين ۾ بنگال جي سٽيءَ جي خوشبوءِ هئي. سندس ارادو بنگال جي تاريخ وانگر اٽل مٽ هئو. انهيءَ تاثر کان پوءِ مجيب الرحمان سان اسان جي ڪچهري شروع ٿي. مصيبت اها، جو اسان مان انگريزي صرف مهر عليءَ کي ڳالهائڻ ۽ سمجهڻ ۾ آئي ٿي پر گفتگوءِ جو آغاز حسب دستور مدد علي سنڌيءَ کيو. آءٌ ته خير انگريزيءَ جي اي. بي. سي به نه ڄاڻان پر حال مون واري يار ۽ اسان جي وفد جي اڳواڻ مدد علي سنڌيءَ جو به پورو سارو هو. هاڻي حالت هيءَ هئي جو مجيب الرحمان کي پوري روانيءَ سان اردو نه اچي ۽ مدد علي (قائد وفد) سميت اسان کي انگريزي سمجهه ۾ نه اچي. شيخ صاحن انگريزيءَ ۾ ڳالهائي رهيو هو ۽ مدد علي صرف يس-نو ۾ مصروف. نيٺ اسان مان ڪنهن هڪ همت ڪري پنهنجي اٽڄاڻائيءَ جو اقرار ڪندي شيخ صاحب کي عرض ڪيو ته "اسان کي انگريزي سمجهه ۾ نه ٿي اچي." تنهنڪري اردوءَ جو مهرباني ڪري ٻيڙو ٻوڙيو ته اسان به سمجهه جا جهول پريون. انهيءَ وچ ۾ اسان مان هڪ جي سنڌي ٽوپي ڪٽي شيخ صاحب پنهنجي مٿي تي رکي ۽ شايد ويٺل طفيل هو تنهن کان بنگاليءَ ۾ پڇڻ لڳو ته "هن ٽوپي ۾ آءٌ ڪيئن ٽو لڳان" طفيل چيو ته: "توهان کي هيءَ ٽوپي ڏهي ڪا نه ٿي". اتي مون عرض ڪيو ته

"سائين هيءَ ٽوپي ٿهيل ئي سنڌي مردن جي متي لاءِ آهي" منهنجي ان چوڻ تي مجيب، ٽوپيءَ تان ڏيان هٽائي مون ڏانهن ڏسي هڪدم چيو:

"تم بلکل ٹھیک بولتا ہے، ہر ملک کی لباس اُس ملک کے انسانون کے لیئے ہوتا ہے۔"

ڪجھ ان قسم جي گفتگوءَ کان پوءِ، ڳالھ مرڪز سنڌ ۽ بنگال جي سياست تي اچي بيٺي.

مجيب الرحمان، جي انهيءَ دوري کان اڳ پير صاحب پاڳاري، جام صادق علي، کي ڊاڪا موڪلي شيخ صاحب کي يقين ڏياريو هو ته "اسان پنهنجي ساٿين سميت عوامي ليگ ۾ شامل ٿي رهيا آهيون." جام، اهو پيغام شيخ صاحب، کي پهچائي اچان ڪراچيءَ پهتو ئي مس هو ته پير صاحب، قيوم مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو. پير صاحب جي انهيءَ متعلق جڏهن اسان شيخ صاحب کان پڇيو ته هن صاحب وراڻيو "توهان جو پير اوهان کي جيڏو طاقتور نظر اچي ٿو حقيقت ۾ هو ايڏو سياسي طور بهادر نه آهي. مون ٻڌو ۽ پڙهيو آهي ته سندس والد انتهائي دلير ۽ سامراج دشمن هو. پر هيءُ پير، مريدن جي هيڏي جانثار طاقت هوندي به اسلام آباد، جي ڪرسيءَ جي سامهون سياسي طرح انتهائي ڪمزور آهي. سو اهڙو ماڻهو عوامي ليگ جهڙي انقلابي جماعت ۾ ڪٿي هلي سگهندو. "شيخ صاحب مزاحيه انداز ۾ چيو ته پائي! "توهان کي خبر آهي ته پير صاحبن کي الهام ٿيندو رهندو آهي. هن پهرين سوچيو ته پاڪستان جي ايندڙ حڪمران پارٽي عوامي ليگ آهي. ان ڪري منجهس شامل ٿيڻ گهرجي، پر اوچتو اسلام آباد جي فوجي ڪرسيءَ وٽان کيس الهام ٿيو ته "عوامي ليگ کي ڪنهن به صورت ۾ اقتدار نه ملندو. تون عوامي ليگ مان نڪري اچ ۽ قيوم ليگ ۾ شامل ٿي." سو پيرن کي الهام تي عمل ڪرڻ فرض هوندو آهي جيڪڏهن پنهنجي الهام تي پاڻ عمل نه ڪن ته سندن بزرگي ختم! سو پير صاحب پاڳاري به الهام تي عمل ڪيو ۽ عوامي ليگ کي ڇڏيو ويو. ٿوري دير رکي شيخ صاحب انتهائي رنجيده لهجي ۾ چيو! ته: "خدا، هن ملڪ ۾ خاص ڪري سنڌ جي حال تي رحم ڪري، جتي شينهن جي ڪل ۾ لڪل گدڙ قوم جي قيادت ڪرڻ لاءِ نڪري ايندا آهن!!"

شيخ صاحب بس ئي مس ڪئي ته اسان جي ساٿي مهر علي مرزا چيس "سائين اهو پير صاحب جو اندازو صحيح هو ۽ حقيقت ۾ توهان ته پاڪستان جي مستقبل جا وزيراعظم آهيو." شيخ صاحب جواب ڏنو ته:

"نوجوان! تون پنجابين جي ذهنيت کان واقف ناهين. هن وقت ئي پنجابي جرنيلن ۽ بيروڪريسيءَ جي وچ ۾ سازش تيار ٿي چڪي آهي ته ڪنهن به صورت ۾ مجيب الرحمان کي اقتدار نه ڏنو ويندو. چو ته مجيب الرحمان جو مرڪز ۾ اقتدار ۾ اچڻ پنجابي مستقل مفاد جي دائمي قرلٽ لاءِ خطري جي گهنٽي آهي ۽ هو فيصلو ڪري چُڪا آهن ته عوامي ليگ کي اقتدار مان ٻاهر رکڻ لاءِ جيڪڏهن 5 لک ماڻهو مارڻا پيا ته به هنن جي خيال ۾ اهو سودو سستو آهي. پر سنڌي نوجوان ٻڌي ڇڏ ته هن وقت ست ڪروڙ بنگالي منهنجي مُٺ ۾ آهن ۽ جيڪو به رستو اختيار ڪرڻ لاءِ هن کي چوندس ان رستي تي هلڻ لاءِ بنگال، ها منهنجي سونار بنگلہ جو هر مرد ۽ عورت تيار آهي. ان ڪري آئون ڏهہ لک ماڻهن جي قرباني ڏيئي به پنجابي تسلط ختم ڪندس. پر مون کي افسوس رڳو اهو آهي ته هي جنگ جيڪا جمهوريت لاءِ آهي. جيڪا هڪ مخصوص سامراجي ٽولي جي بالادستيءَ جي خاتمي لاءِ آهي. هن ملڪ جي قومن جي وچ ۾ حقيقي برادري ۽ برابري يعني هڪجهڙائي پيدا ڪرڻ لازمي آهي. ان جنگ ۾ سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد مان مون کي گهربل مدد، تائيد ۽ حمايت نه ملي رهي آهي. ولي خان چوي ٿو ته "آئون چهہ نڪتن جي حمايت ڪري پنهنجا ٺيڪيدار ۽ مزدورن جي ڪمايل پيسو جيڪڏهن سنڌ ۾ رهڻ ڏيان ته سرحد جو عوام ڪٿان کائيندو؟ خير، ولي خان کي ته پوءِ به بهانو ملي ويو آهي. پر سنڌي عوام ۽ بلوچ ليڈرن جي چهن نڪتن کان دوري سان ڀَالهہ مون کي سمجهہ ۾ نه ٿي اچي. ته شيخ صاحب وڌيڪ چيو ته "اڄ ملڪ ۾ ڪجهہ ڪميونسٽ ۽ ڪي آواره مزاج ترقي پسند قومي جمهوريت جي ڀَالهہ ڪري رهيا آهن ته ملڪ جي سيني مسئلن جو حل، قومي جمهوريت جي قائم ڪرڻ ۾ آهي. آئون اڄ تائين انهن جي مبهم اصطلاح جي حقيقي روح کي سمجهي نه سگهيو آهيان ته هن گهڙ قومي رياست ۾ ڪهڙي قسم جي قومي جمهوريت نه پر بين الاقوامي جمهوريت جي ضرورت آهي. هتي نه صرف، اليڪشن، ووٽ، جماعت سازي، لکڻ ۽ ڀَالهائڻ جي آزادي ۽ انساني حقن جي احترام جي ضرورت آهي، پر هتي قوم جو قوم مٽان، تعداد، صلاحت، طاقت، نسل، زبان ۽ نظرئي جي آڌار تي تسلط ختم ٿيڻ گهرجي ۽ قومن جو باهمي لاڳاپو باهمي احترام تي قائم ٿيڻ گهرجي".

شيخ صاحب، جي ان چوڻ تي مرزا چيو تہ " توهان هاڻي هاڻي ٻڌايو تہ هڪ قوم جو ٻيءَ قوم جي مٿان تعداد جي آڌار تي تسلط ختم ٿيڻ گهرجي تہ پوءِ اوهان آبادي‌ءَ جي بنياد تي نمائندگي‌ءَ جي گهر ڪري بنگالي قوم جي دائمي تسلط ۾ باقي ٻين قومن مٿان ڪرڻ ٿا چاهيو سو آخر ڇو؟ شيخ صاحب، چيو تہ انهي‌ءَ تسلط جي خلاف ڇهن نڪتن ۾ مئوثر ضمانت ڏنل آهي."

شيخ صاحب جو اهو جواب سراسر سياسي هو جنهن مان اسان جو دوست مطمئن نہ ٿيو." تنهن چيوتہ:"شيخ صاحب، معاف ڪجو! ڇهہ نڪتا مون پڙهيا آهن. انهن ۾ ون يونٽ ٽورڙ جو تہ ذڪر ئي ڪونهي، اهي صرف مغربي پاڪستان جي استحصال کان مشرقي پاڪستانين کي بچائڻ جو هڪ ذريعو ۽ بنگالين جي حڪومت قائم ڪرڻ جو هڪ منشور آهي. پر اسان آبادي جي بنياد تي نمائندگي تي ان ڪري اعتراض نہ ڪيو آهي، ڇو جو اسان کي بنگالين جي نيت تي اعتبار آهي ۽ اهي گهٽ ۾ گهٽ پنجابين کان گهٽ خطرناڪ آهن."!

مرزا جي انهي‌ءَ ڳالهہ جو شيخ صاحب، جواب ڏيئي ئي ڏئي تہ ان کان اڳ ۾ ڪا اهڙي ريلوي اسٽيشن اچي وئي جتي گاڏي بيهي رهي. ان پليٽفارم تي ڪافي تعداد ۾ ماڻهو شيخ صاحب لاءِ مرحبائي نعرا هڻي رهيا هئا. شيخ صاحب، ڏهي جي دروازي ڏانهن وڌندي، سائين جي ايم سيد کي چيو تہ " سائين اوهان ٻہ دروازي ڏانهن هلو." شيخ صاحب ۽ سائين ڏهي جي دروازي تي پهتا. شيخ صاحب عوام کي مخاطب ٿيندي چيو: "آءٌ اوهان جو شڪر گذار آهيان، جو اوهان تڪليف وٺي منهنجي مرحبا لاءِ آيا آهيو. آءٌ اوهان کي صرف هڪ ڳالهہ ٻڌائڻ چاهيان ٿو. اُها اِها تہ پنجاب جي ڏورو ٽولي جي پاليسي بنگال ۽ سنڌ جي باري ۾ مختلف آهي. انهي‌ءَ ڏورو ٽولي فيصلو ڪري ورتو آهي تہ بنگالين کي تشدد جي ذريعي ختم ڪيو وڃي. ڇو تہ بنگالي عوام سياسي شعور جي ان منزل تي پهتل آهي، جو ڪنهن فريب، مڪر، چالبازي‌ءَ ۽ ٺڳي‌ءَ جي ذريعي بنگال جي عوام کي محڪوم رکڻ هاڻي بنجابي حڪمران ٽولي لاءِ ممڪن ئي ڪونهي. البت سنڌ جي باري ۾ هنن جي پاليسي ڏرا مختلف آهي. حڪمران ٽولي گذريل 14 سال هن بدنصيب خطي تي ون يونٽ جي ذريعي حڪومت ڪئي آهي. ۽ اڄ جڏهن ون يونٽ جو ظالمانہ نظام هن شخص (سائين‌ءَ ڏانهن اشارو ڪندي)

جي ڏاهپ واري دليرانہ جدوجهد ذريعي ختم ٿي رهيو آهي تہ هنن اهڙي چال اختيار ڪئي آهي، جنهن جي ذريعي ختم ٿي رهيو آهي تہ هنن اهڙي چال اختيار ڪئي آهي، جنهن جي ذريعي نئين ون يونٽ ۾ سنڌي رضاڪارانہ طور تي پنجابين وٽ پاڻ کي گروي رکي ڇڏين، اڳيون ون يونٽ قانون جي آڌار تي بيئل هو ۽ هيءُ ون يونٽ جيڪو صرف سنڌ ۽ پنجاب تي مشتمل هوندو سو هڪ شخص ۽ پارٽيءَ جي بنياد تي بيئل هوندو تہ جيئن اوهان يعني سنڌي، ان شخص ۽ پارٽي جي سحر ۾ گرفتار ٿي پنهنجو سڀ ڪجهہ لٽائيندا رهو. هنن ان پارٽيءَ ۽ شخص کي جيڪا جائز ۽ ناجائز پبلسٽي (شهرت) ڏياري، اوهان جي ذهن تي شراب جي نشي وانگر مسلط ڪري ڇڏيو آهي. ان مان مون کي شڪ ٿو پوي تہ سنڌ کي غلام رکڻ لاءِ مستقبل قريب ۾ پنجابين کي شايد ئي ڪا گولي استعمال ڪرڻي پوي!. ۽ جڏهن اها شخصيت پنجابين لاءِ مفيد نہ رهي تہ ان کي هٽائي ان جي آل ۽ اولاد جي ذريعي سنڌ کي لٽيندا. آءٌ اوهان کي اهو چوندس تہ هن شخص (سائين ڏانهن اشارو ڪندي) کي سڃاڻو جيڪو اوهان جي وجود جي زنده رهڻ جي علامت آهي."

ٽرين رواني ٿي، پليٽفارم پٺتي رهجي ويو. مون دريءَ ڏانهن ڏٺو. ٻاهر 30 جون جو سج ون يونٽ جي خاتمي جو پيغام ڪڍي انقلاب جي جهنڊي وانگر بلند ٿيندو پئي ويو. منهنجي ذهن ۾ شيخ صاحب جي سياسي چنڊ چاڙ جو اکر اکر چيلاڻي وانگر ڏنگ هڻي رهيو هو تہ چا چوڏهن سال جدوجهد، بيشمار انسانن جون ڪوششون ۽ ڪشالا، نوجوان چوڪرين ۽ چوڪرن جون قربانيون رائيگان ويندیون! چا جدوجهد جي ميدان ۾ اسان جيڪي ڪجهہ حاصل ڪيو آهي، سو سياسي چالبازين ۾ شڪست کائي وڃائي ڇڏينداسين.

ٽرين ڊوڙندي رهي، تاريخ بہ ائين ڊوڙندي آهي. جيڪي ماڻهو تاريخ جي ان ڊوڙ جو ساڻ نٿا ڏين، سي حقيقت ۾ سڀ ڪجهہ وڃائي ويهندا آهن، ويندي پنهنجي وجود تائين....!!

اڄ جڏهن پٽي جي لاش کي اردو اخبارون پنهنجي وکري لاءِ ۽ پنجابي سياستدان ٽرٽ جي استحڪام لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن، ان وقت مون کي شيخ مجيب الرحمان جي سياسي چنڊ چاڙ حرف بہ حرف

سچي نظر اچي رهي آهي. ۽ اسان سنڌين جهڙي طرح 9 سال اڳ ۾ ڪنهن ڏاهپ واري ڳالهه نه ٻڌڻ جو قسم کڻي چڏيو هو ساڳيءَ طرح اڄ به اسان پنهنجي وجود جي پلائيءَ ۽ بچاءَ واري هر ڳالهه نه ٻڌڻ ۽ نه سمجهڻ جو چوڻ ته قسم کڻي چڏيو آهي—!؟

آئون انهن سوچن ۾ غرق رهيس، گاڏي پنهنجي مقرره رفتار سان هلندي رهي، ڏينهن گرم ٿيندو ويو. ان سان گڏ شيخ صاحب جي گفتگو ۾ به تيز جي رفتار ۽ سج جي گرميءَ واري رواني ۽ گرمي ايندي ويئي. دوست مختلف سوال ڪندا ويا ۽ شيخ صاحب بنا ڪنهن رک رکاءَ جي ڪليل طرح جواب ڏيندو رهيو. اسان شيخ صاحب جي پرجوش ۽ حب الوطنيءَ جي خوشبوءِ سان واسيل گفتگوءَ جي سحر ۾ ايڏو ته جڪڙجي وياسين جو خبر ئي ڪانه پيئي ته ڪهڙو وقت گاڏي نوابشاهه ريلوي اسٽيشن تي پهتي ۽ اوچتو پليٽفارم "سنڌ بنگال دوستي زنده باد" "اُمار نيتا، تمار نيتا مجيب الرحمان، مجيب الرحمان" "اسان جو رهبر، توهانجو رهبر جي. ايم. سيد. جي. ايم. سيد" جي نعرن سان گونجي پيو. شيخ صاحب تيرين جي دروازي تي سائين جي. ايم. سيد سان گڏجي بينو ۽ ماڻهن جي نعرن جا هٿ لوڏي جواب ڏيندي چيو: "توهان جي محبت وارن جذبن جو آئون قدر ٿو ڪريان، آئون هڪ مظلوم قوم ۽ ڌرتيءَ خطي جي عوام جي محبت ۽ مدد جو هٿ ڪٽي سنڌ ۾ آيو آهيان، آئون سنڌ جي عوام کي اهو ٻڌائڻ آيو آهيان ته اچو ته هن ظلم ۽ ستم جي خلاف سنڌي ۽ بنگالي گڏجي جدوجهد ڪريون. مون سيد صاحب کان سياسي تعليم ورتي آهي، آئون اڄ عوامي مقبوليت جي جنهن معيار تي آهيان، ان معيار تي پهچڻ لاءِ آئون سيد صاحب جي تعليم ۽ مشورن جو شڪرگذار آهيان. اوهان سنڌي خوش قسمت آهيو جو قدرت اوهان کي اهڙو ليڊر عطا ڪيو آهي، جنهن کي ڪائي طاقت جهڪائي نٿي سگهي ۽ ڪائي دولت خريد نٿي ڪري سگهي. اوهان کي جيڪڏهن سنڌ بچائڻي آهي ته هن شخص جي قيادت ۾ متحد ٿي جدوجهد ڪريو. آزادي آسمان مان ڪرندي ناهي پر ان سرزمين مان ڪنول جي گل وانگر ڦٽندي آهي، جنهن کي انساني خون جو ريج ڏنو ويو هجي. پير ۽ اليڪشني ليڊر صرف پنهنجي پڳ ۽ ڪرسي بچائڻ لاءِ قومن کي نيلام ڪندا آهن. پر انقلابي عوامي ۽ بهادر قومون پنهنجي ڌرتيءَ ۾ انساني سسين جو رونبو

ڪري پنهنجي مادر وطن جي آزادي ۽ قومي وقار کي ايتري بلنديءَ تائين کٽي ويندیون آهن، جتي ڪنهن بہ چوڌري ۽ فوجي جرنيل جي گولي پهچي ئي نہ سگهندي آهي.....!! جئي سنڌ، جيئي بنگلاديش".

شيخ صاحب تقرير ڪري هيٺ لٿو. عوام جو چگو هجوم هو جو نوابشاهہ ۾ مختلف تنظيمن شيخ صاحب جي استقبال لاءِ ايپلون ڪيون هيون، استقباليل ڪارروايون مان واندو ٿي شيخ صاحب ريسٽ هائوس هليو ويو. جو اُتي سندس رهائش جو انتظام ڪيو ويو هو ۽ اسان سيد امداد محمد شاهہ جي جاءِ تي هليا وياسين.

ہن پهرن جي مانيءَ جو انتظام ڪلب ۾ هو. مانيءَ جي وقت شيخ صاحب ڪلب ۾ پهتو. اسان بہ رڙهي وڃي ڪلب ۾ پهتاسين، جتي هڪ آرٽسٽ بہ تصويرون کٽي آيو. هڪ تصوير سنڌ ۽ بنگال جا نقشا هئا. سنڌ جي نقشي ۾ سائين جي. ايم. سيد ۽ بنگال جي نقشي ۾ شيخ مجيب الرحمان بينل هئا. ہئي هٿ وڌائي اتحاد جي علامت طور ملي رهيا هئا، تہ ہي تصوير ۾ پاڪستان جي نقشي جي چوڌاري هڪ زنجير ڏيکاريل هئي ۽ پرسان شيخ مجيب الرحمان کهاڙو کٽي ان زنجير کي ٽوڙي رهيو هو. اها زنجير علامت هئي فوجي آمريت جي نشانيءَ جي ۽ مجيب کي آمريت جو مخالف بنائي پيش ڪيو ويو هو. ماڻهن کي ہئي تصويرون گهڻيون پسند آيون، خاص ڪري سنڌ ۽ بنگال واري تصوير. تصويرن جي معائني کانپوءِ راڳ جي محفل شروع ٿي جنهن ۾ استاد منظور علي خان ۽ فقير عبدالغفور آيل هئا ۽ انهيءَ راڳ جو انتظام آل پاڪستان عوامي ليگ جي نائب صدر "محترم قاضي فيض محمد صاحب" جي طرفان ڪيو ويو هو. راڳ جي محفل ۾ چوندہ ماڻهن کي شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏني ويئي هئي. ان ڪري گهڻي رش ۽ گوڙ کان صاف ماحول ۾ فقير عبدالغفور، شيخ ايار جي مشهور وائي "سهندو ڪير ميار او يار" شروع ڪئي ۽ جڏهن هو "نيٺ نہ ڏهندي ڪيسين رهندي دوکي جي ديوار او يار" تي پهتو تڏهن ان جو ترجمو سائين جي. ايم. سيد شيخ صاحب کي ٻڌايو تہ شيخ مجيب الرحمان، زور سان تاڙيون وڄائي چوڻ لڳو تہ: "گر گئي، گر گئي". محفل گرم ٿيندي ويئي، راڳيندڙ جو آواز شعلا وسائڻ لڳو ۽ اسانجي ان وقت جي انقلابي شاعر جا لفظ اهڙا تير، برڇيون ۽ پالا هئا جن تي راڳيندڙ جي جذبي جي باهہ جون

ڇپيون ۽ ڇيرا هئا. ايازجي اها وائي ان وقت قومي تحريڪ جي پاڻڌيئڙن لاءِ هڪ رجز هئي. جيڪا ڪنهن به همسفر، ساٿيءَ جي حوصلن کي پست ٿيڻ نہ ڏيندي هئي ۽ اها شاعري ساڳئي وقت تي هڪ ڪر هئي جنهن جي ڇانوَ ۾ هلندي قومي ڪارڪن، حاڪم ڌرين جي ڏاڍاين جي گرمائش کي برداشت ڪندا هئا. ٻڌندڙن جي شوق، ولولي ۽ بي پناهہ اکير ۽ اتساهہ واري داد، فقير عبدالغفور کي موج ۾ آڻي ڇڏيو ۽ هن انهن لفظن کي بلڪل واضح ڪرڻ شروع ڪيو جن کي شاعر انهيءَ ۾ حسن پيدا ڪرڻ لاءِ ڇاڻي واڻي مبهم بنائي ڇڏيو هو.

فقير عبدالغفور کان پوءِ راڳ جي دنيا جي شهنشاهہ ۽ آواز جي ولايت جي مالڪ، استاد منظور علي خان کي ڳائڻ لاءِ عرض ڪيو ويو. اهو عرض محترم قاضي فيض محمد راڳيندڙن جي مخصوص آواز ۽ انداز ۾ ڪيو. استاد منظور علي خان پنهنجي تمام صلاحيتن سان ڳائڻ لڳو. پوري فضا استاد جي آواز جي جادوَ سان منڊجي ويئي. ائين پئي محسوس ٿيو تہ هيءَ آواز ڌارتيءَ جي پاتال مان اُپري سڄي پولار کي پنهنجي نئين نڪور خوشبوءِ سان واسي رهيو هو شيخ صاحب جي هٿ ۾ پريل پائيپ هو سو هٿ ۾ ئي رهجي ويو. استاد جو راڳ سانوڻ مينهن جيان هو جيڪو جڏهن وسڻ جا ويس ڪندو آهي، تڏهن ڪيتريون اکڙيون ڏيئڙا بنجي ويندیون آهن ۽ ڪيتريون دليون مکڙيون بنجي جهومنديون آهن. سڄي محفل جون دليون ۽ دماغ، ساز ۽ استاد جي آواز سان گڏ هلي رهيا هئا تہ اوچتو استاد منظور علي خان، شيخ مجيب الرحمان کي مخاطب ٿي چيو تہ "سائين، لطيف سائين، هيءُ بيت اوهان لاءِ چيو آهي:

"سکر سيئي ڏينهن جي گهاريا مون بند ۾،
وسايم وڏ ڦڙا مٿي ماڙين مينهن،
نيئر منهنجو نينهن، اجاري اچو ڪيو.
(شاهہ)

سائين جي. ايم. سيد لطيف جي انهيءَ بيت جو انگريزيءَ ۾ ترجمو شيخ صاحب کي ٻڌايو تہ شيخ صاحب استاد منظور علي خان کي مخاطب ٿي چيو: "خانصاحب، لطيف، اهو شعر منهنجي لاءِ نہ پر جي. ايم. سيد لاءِ چيو آهي. جنهن زندگيءَ جو منهنجي عمر جي اڌ برابر حصو جيل ۾ گذاريو

آهي ۽ آئون سياسي ميدان ۾ ثابت قدميءَ لاءِ شاهہ صاحب کي پنهنجو رهبر ۽ رهنما سمجهان ٿو."

شيخ صاحب ڳالهائي بس ڪيو تہ استاد منظور علي خان، وري شاهہ سائينءَ جو هيءُ بيت پڙهيو:

واجهائي وطن کي جي آئون هِت مياس،
تہ گور منهنجي سومرا ڪج پنهوارن پاس،
ڏج ڏاڏاڻي ڏيهہ جي، منجهان ولڙين واس،
ميائي جياس، جي وڃي مڙهہ ملير ڏي.
(شاهہ)

سائين جي. ايم سيد انهيءَ بيت جو انگريزيءَ ۾ ترجمو شيخ صاحب کي ٻڌايو. شيخ مجيب الرحمان تي شاهہ سائين جي شاعريءَ جي لفظن جي ترنم ۽ استاد جي آواز اڳيئي جادو ڪري ڇڏيو هو. تنهن جو مٿئين وطن پرستيءَ واري بيت جو مفهم سمجهيو سو جذبات ۾ پرجي اُٿي بيهي تاڙيون وڄائي. سائين ڏانهن انتهائي جذباتي انداز ۾ مخاطب ٿي چوڻ لڳو: "شاهہ صاحب! جڏهن سنڌ ۾ اهڙي شاعري موجود آهي تہ پوءِ هنن سرزمين جي مردن ۾ نئين زندگيءَ ڇو نہ ٿي پيدا ٿئي. سياسي قبرستان ڇو نہ ٿو نعرن ۽ للڪارن سان گونججي!".

سائين جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. شيخ صاحب جو هڪ هٿ سيد جي ڪلهي تي هو ٻيو راڳيندڙ ڏانهن. ماٺهن سڀ حيرت ۽ وجد ۾ هئا. شيخ مجيب الرحمان کي ڪنهن ٻہ جواب ڪو نہ ڏنو تہ: "اي ٽيئگور جي گيتن جي ڌرتيءَ جا انسان، هي سنڌ ۽ لطيف جي بدقسمتي آهي جو لطيف جي انهيءَ شاعري کي مردن جي جياپي جو ذريعو بنائڻ بدران، ٻن سئو سالن تائين لطيف جي بيتن کي ڏوپ ۽ ڪافور جو واس ڏيئي، جيئرن کي مردو بنائڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي ۽ اهو سيد ئي آهي، جنهن پهريون دفعو لطيف رحہ جي بيتن تان ڏوپ ۽ ڪافور لاهي انهن جي ڳچيءَ ۾ آزاديءَ ۽ زندگيءَ جي گلن جا هار وڌا آهن."[2]

راڳ جي محفل پوري ٽيڙ ڪان پوءِ پورو قافلو ريسٽ هائوس ڏانهن روانو ٿيو. جتي شيخ صاحب، کي آرام ڪرڻو هو. ريسٹ هائوس ۾ آرام ڪرڻ

---

[2]. مصنف جو اشارو سائين جي. ايم. سيد جي لکيل ڪلاسيڪي نوعيت واري ڪتاب "پيغام لطيف" طرف آهي.

کان اڳ شيخ صاهحب سان گڏ ڪجهه گروپ فوٽو ڪيرايا ويا. اُهي فوٽو شيخ صاحب، جي ذاتي فوٽو گرافر مصطفيٰ ڪيڀا. 17_18 سالن جو هڪ خوبصورت نوجوان هو. جيڪو هر وقت شيخ صاحب سان گڏ هو. هن جي ذمي اهو ڪم هو ته هو شيخ صاحب جي مغربي پاڪستان جي پوري دوري جي فلم تيار ڪري، بنگال جي ڏار ڏار اخبارن کي اُنهن جون ڪاپيون فراهم ڪري انهيءَ معاملي ۾ مصطفيٰ ايڏو ته برجستو ۽ ڦڙتيلو هو جو شيخ صاحب جي ڪابه اهم چرپر هن جي ڪيمرا جي نظر کان ٻاهر ڪا نه ٿي رهي. شيخ صاحب سندس ڪم محنت ۽ هوشياريءَ کان ڏاڍو متاثر هو ۽ شايد سندس قافلي ۾ مصطفيٰ، اڪيلو ماڻهو هو جنهن کي شيخ صاحب وڌيڪ پائنيون ٿي، شيخ مجيب الرحمان سان گڏ آيلن مان مصطفيٰ ئي اڪيلو هو. جنهن اسان سان بي تڪلفيءَ واري ماحول ۾ ڪچهريون ڪيون ۽ شيخ صاحب، جي مشرقي پاڪستان جي جلسن جي متعلق ڪيترا واقعا ۽ لطيفا ٻڌائيندو رهيو. انهيءَ دوري کان پوءِ مصطفيٰ کي اسانجي دوستن مان ڪنهن به ڪو نه ڏٺو ۽ نه ئي ان جي باري ۾ ڪا معلومات ملي، گروپ فوٽو به سندس ڪئميرا ۾ رهيا.

اڄ جڏهن آئون هي ستون لکي رهيو آهيان تڏهن اهو بنگالي مصطفيٰ نوجوان مون کي ياد اچي رهيو آهي. خبر ناهي ته هو جيئرو به آهي يا بنگال جي آزاديءَ واري شاندار جنگ ۾ ڪم اچي ويو....!!

هيءَ ڪيڏي نه حيرت انگيز ڳالهه آهي ته جنهن شخص تاريخي دؤر کي پنهنجي خوبصورت نگاهه ۽ ڪومل هٿن ذريعي تصويرن ۾ محفوظ ڪري ڇڏيو. سو پاڻ اڄ گمنامي ۾ آهي ۽ مون کي معلوم ناهي ته بنگال جي تاريخ آزاديءَ جي ڪنهن ڪتاب جي ڪنڊ ۾ ان مصطفيٰ جو نالو به هوندو يا نه...!! ممڪن آهي ته هو اڄ آزاد بنگلاديش جي ناريلن، سٽيءَ ۽ سارين جي خوشبوءِ سان مهڪيل سرزمين جي ڪنهن ڪنڊ ۾ پنهنجو ڪو استوديو ڪوليو پنهنجي عظيم شهيد ليڊر جي خوبصورت تصويرن سان دل کي وندرائيندو هجي.! يا ڪنهن اهڙيءَ جاءِ تي ابدي سُکون ۾ ستو پيو هجي. جتي ڪنهن به اهڙي شيءَ جو گذر نه ٿيندو هجي جنهن کي مصطفيٰ، پنهنجي نگاهه ۾ محفوظ ڪري سگهي...!!

"بر مزار ما غريبان نه چراغ نه گلي،
نه پر پروانه سوزد نه صدائي بُلبلي."

"اي بنگال جا هلندڙ ڦرندڙ جادو! تون جتي به هُجين ۽ جنهن به حال ۾ هجين سندّ جي هن شخص جي دل جي رت ۾ ٻڌل عقيدت ۽ احترام جا جذبا، خدمت ۾ حاضر آهن. جنهن وٽ پنهنجي محسنن ۽ پيارن کي آڇڻ لاءِ انهن جذبن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي!! جيڪي جتي ڪٿي کوٽي سگهي وانگر قبوليت جو درجو ماڻي نه ٿا سگهن. تاهم هن جي جهوليءَ ۾ جذبن جي اُنهن ڪومائل گلن کان سواءِ ٻيو آهي به ڇا؟".

اگهيو ڪائو ڪچ، ماڻڪن موت ٿي،
پلئه پايو سچ، آڇيندي لڄ مران.

شام جو ضلع نوابشاهه عوامي ليگ، طرفان هڪ عام جلسي جو انتظام ڪيو ويو هو جنهن کي شيخ مجيب الرحمان خطاب ڪيو. شيخ صاحب جي تقرير اردوءَ ۾ هئي ۽ سندّ جي ٻهراڙيءَ جو ماڻهو ان تقرير تي پنهنجي جوش ۽ جذبي جو گهٽ اظهار ڪري رهيو هو. عوام جي انهيءَ سرد مهريءَ تي عوامي ليگ، بنگال جا ورڪر، ڪجهه ناراض ٿي پيا تہ "سندّي، شيخ صاحب کي پسند نہ ٿا ڪن. "ليڪن حقيقت ائين نہ هئي، ڇاڪاڻ تہ بنگالي عوام ۾ سياسي شعور ۾ تمام مٿانهون هو. هن جي زندگيءَ ڦٽيل هئي. شهري زندگيءَ جا رهاڪو هئن ڪري بنگالي جلسن ۽ جلوسن کي منظم ڪرڻ، انهن کي نعرن ۽ تاڙين جي ذريعي، ڪامياب ڪري ڄاڻندا هئا. بنگالين ڏيڍ سئو سالن کان جلسن ۽ انتخابي جلوسن جي ذريعي سياست ڪئي هئي. ان جي پيٽ ۾ سندّي، جيڪي جلسي ۾ موجود هئا، سي گهٽو ڪري ڳوڙن جا رهاڪو ۽ نوابشاهه جي سيدن جا هاري هئا، جن کي جلسي جي تعداد وڌائڻ لاءِ آندو ويو هو. انهن کي اها خبر نہ هئي تہ جيڪا ڳالهه دل کي وٹي تنهن جو داد، ڳائڻي کي ڪيئن ۽ مقرر کي، ڪهڙيءَ ريت ملڻ گهرجي. ان کان سواءِ شيخ صاحب جي جلسي کي ناڪام بنائڻ لاءِ جماعت اسلاميءَ جي ڏاڙهي پوش غنڊن سان گڏ، ڪن چين ۽ روس نواز ڪامريڊن به پنهنجي وسان ڪين گهٽايو هوا"

شيخ صاحب کان اڳ ۾ سائين جي. ايم. سيد صاحب تقرير ڪئي جنهن پاڪستان جي ان وقت جي سياسي صورتحال، رجعت پسند پارٽين جي ڪردار، ملڪي مسئلن جي حل لاءِ ڇهن نڪتن جي اهميت تي روشني وڌي. سائين جي. ايم. سيد، کان پوءِ شيخ مجيب الرحمان تقرير

ڪئي. شيخ صاحب چيو تہ: "آئون پنجاب وڃي رهيو آهيان، جتي منهنجي هڪ هٿ ۾ ست ڪروڙ بنگالي عوام جي خوشحاليءَ جو جهنڊو هوندو. جيڪو سراج الدوله جي شهادت کان هن وقت تائين بنگالي عوام جي شاندار بهادرانہ جدوجهد جي علامت ۽ نشاني آهي ۽ اهو جهنڊو ڪڏهن بہ نہ جهڪي ۽ هٿي هٿ ۾ امن، دوستي، يائيچاري ۽ ڳڏجي ڳڏارڻ جي علامت طور سڀني جو گل آهي. هاڻي اهو پنجابين تي منحصر آهي تہ هو منهنجي هن پيشڪش کي قبول ڪن ٿا يا سڀني جي گل جي موٽ ۾ گولي ٽا ڏين. آءٌ سمجهان ٿو تہ پنجابي امن، دوستي ۽ يائيچاري واري پيشڪش جي موٽ ۾ گل نہ پر گولي ڏيندا!! ڇو تہ ڪابہ حاڪم قوم محڪوم ۽ مظلوم قوم سان دوستي ۽ يائيچارو رکڻ پنهنجي قومي بي عزتي سمجهندي آهي. البت جيسيتائين محڪوم قوم ۾ سياسي شعور نہ هوندو آهي. ان وقت تائين حاڪم قوم يائيچاري ۽ دوستيءَ جي مڪر، فريب ۽ ٺڳيءَ جو ڄار پکڙيندي آهي. پر جڏهن محڪوم قوم انهيءَ ٺڳيءَ کي پوري ريت سمجهيو تڏهن ظالم سڀ پردا لاهي پنهنجي اصلي روپ ۾ نروار ٿيندو آهي. اڄ بنگال جي عوام سڀ ڪجهہ سمجهي ورتو آهي ۽ حاڪمن جي ٺڳيءَ واري سياست ناڪام ٿي چڪي آهي. ان ڪري هاڻي هو (پنجابي) گولي استعمال ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ ٿا سگهن. پر اسان حجت پورو ڪنداسين.

جيتوڻيڪ اسان کي پڪ آهي تہ ظالم ۽ مظلوم جو حاڪم ۽ محڪوم جو آقا ۽ غلام جو اتحاد صرف ڏاڍ ذريعي ئي ٿيندو آهي. ۽ ها جيسيتائين اهي خاصيتون، ڪن قومن ۾ موجود آهن، تيسيتائين باهمي احترام ۽ ڳڏيل جدوجهد وارو اتحاد ممڪن ئي ڪونهي. "اڄ دنيا جو ڪوبہ داناءِ وينناميءَ آمريڪا جي اتحاد جي ڳالهہ نہ ٿو ڪري"

اسان جو اتحاد ان وقت تائين ممڪن ئي نہ آهي، جيستائين پنجاب پاڻ کي آقا سمجهندي، باقي صوبن کي غلام سمجهڻ واري روشن ترڪ نہ ٿو ڪري. جهڙي ريت کي ملڪ صرف پنهنجو پاڻ کي دنيا ۾ اڪيلو جمهوريت ۽ آزاديءَ جو علمبردار سمجهي، ٻي سڄي دنيا کي زوريءَ پنهنجي نظريہ تي هلڻ لاءِ مجبور ٿا ڪن. ساڳيءَ ريت پنجاب اڪيلو پاڻ کي پاڪستان ۽ اسلام جو محافظ سمجهي، باقي صوبن کي سيڪٽ ڏيڻ لاءِ پاڻ کي خدا طرفان مقرر ڪيل ٿو سمجهي. اهي شخص پاڻ کي اسلام جو

علمبردار ٿا سمجهن ۽ پوءِ رات ڏينهن اسلام جي مقدس نالي ۾ اسان جي گلا ٿا ڪن. حالانڪ رسول ڪريم صلعم جن فرمايو: "الگيبت (غيبت) اشد من الجنا (زنا) يعني گلا زنا کان بہ وڏو گناهہ آهي" پر هنن پنجابين کي ان ڳالهہ جي ڪابہ پرواهہ ناهي."

آءٌ سنڌ جي ماڻهن ڏانهن حقيقي دوستي ۽ محبت جو هٿ وڌايان ٿو. اسان جو اتحاد ئي حقيقي اتحاد آهي. ڇو تہ اسين ٻئي مظلوم آهيان ۽ جڏهن مظلوم هڪ ٿي ويا تہ پوءِ هو گهٽي دير تائين مظلوم ۽ محڪوم نہ ٿا رهي سگهن. دنيا جي سڀني مظلومن کي اها ڳالهہ محسوس ڪرڻ گهرجي. مظلوم ئي حقيقي طرح هڪٻئي جي مدد ڪري سگهن ٿا. آءٌ قسم کڻي چوان ٿو تہ جڏهن بہ سنڌ تي ڏکيو وقت آيو ۽ سيد صاحب جي جماعت مون کي سڏيو تہ آءٌ ان وقت پيرين اگهاڙو سنڌي عوام جي مدد لاءِ پهچندس. ان جي موت ۾ آءٌ سنڌي عوام کي درخواست ڪندس تہ ڏکئي وقت ۾ اهي بہ اسان جي مدد ڪن. اڄ ون يونٽ نٽي رهيو آهي ان لاءِ آءٌ يحيٰ خان، کان مطالبو ڪندس تہ هو ون يونٽ ٽوڙڻ سان گڏ، سنڌ کي تمام وسيلن ۾ مناسب حصو ڏئي ۽ پاڻيءَ جي معاملي ۾ سنڌ کي ورهاڱي کان اڳ واري فيصلي موجب حصو ڏنو ويجي. آخر ۾ آءٌ اوهان کي پنجابين کان هوشيار رهڻ جي اپيل ڪندس. اوهان ٽورو ان ڳالهہ تي سوچيو تہ جڏهن پاڪستان جي اڪثريت يعنيٰ بنگالين سان، پنجابين جي اها روش آهي تہ پوءِ ان وقت جو تصور ڪريو جڏهن، فرض ڪريو بنگالي الڳ ٿي ٿا وڃن تہ پوءِ باقي صوبن جو پنجابي کهڙو حشر ڪندا."

اهڙيءَ ريت يادگار سفر (اسان جي لاءِ) مجيب الرحمان جي مٿين لفظن تي پورو ٿيو ۽ اسان رات جو موتي حيدرآباد آياسين.

آءٌ اڄ ڏينهن تائين سوچيندو رهندو آهيان. مجيب الرحمان جي هنن لفظن تي، تہ "اڄ جو ڪوبہ داناءُ ويٺنام ۽ آمريڪا جي اتحاد جي ڳالهہ نہ ٿو ڪري" صرف ويٺنام ۽ آمريڪا ڇوا دنيا جي انقلابي قومي تحريڪن جي اڳواڻن ڪڏهن بہ حاڪم ۽ محڪوم قومن جي هڪ پارٽي نہ ناهي آهي. مثال طور، ڪڏهن بہ الجزائر جي انقلابين ۽ فرانس جي ترقي پسند پارٽين جو هڪ جهنڊي، هڪ نعري ۽ هڪ منشور تحت، متحدهہ محاذ نہ ٺهيو آهي. ڪڏهن بہ گني بسائو جا انقلابي، پورچوگيز انقلابين سان هڪ محاذ ۾

شامل نہ ٿيا آهن. ڪڏهن بہ انگولا جي حريت پسندن، پرتگال جي، ڪميونسٽ پارٽيءَ سان صرف وڏيرا شاهيءَ جي خاتمي لاءِ ۽ انگولائي قوم جي وجود کي تسليم ڪرڻ وارن نقطن تي اتحاد نہ ڪيو آهي ۽ نہ وري ڪڏهن چيني هٿياربند دستن، جپاني دهشت پسندن سان هڪ جهنڊي ۽ پروگرام تحت ڪو ناهہ ڪيو. حقيقت هيءَ آهي تہ "جڏهن ڪابہ قوم غلام بنجي ويندي آهي. ان وقت مسئلو غلام قوم جي وجود کي صرف لفظي طرح تسليم ڪرڻ نہ پر ان قوم جي مڪمل آزاديءَ جو هوندو آهي.

ڪي ماڻهو ٽرڊ انٽر نيشنل جو حوالو ڏيندا آهن جيڪا مختلف ڪميونسٽ پارٽين جي گڏيل ڪانفرنس هئي ۽ نہ هڪ پارٽيءَ جي. ان کان سواءِ ان جو نالو "ٽرڊ انٽرنيشنل هو" ۽ نہ پاڪستان عوامي تحريڪ يا پاڪستان پيپلز پارٽي. ان هوندي بہ اهي ڪميونسٽ پارٽيون گهٽو ڪري يورپي ملڪن جون انقلابي، نيم انقلابي ۽ سوشلسٽ پارٽيون هونديون نہ ايشيا ۽ آفريڪا جي محڪوم ملڪن جي آزاديءَ واري جدوجهد جون علمبردار انقلابي پارٽيون. "اسان کي خبر آهي تہ جنهن بہ فنڪار، قلمڪار، سياستدان ۽ دانشور جو رشتو جڏهن پنهنجي ماڻهن کان ڪٽجي ويو ۽ جنهن جا پير پنهنجي سرزمين تان اکڙي ويا. جنهن جي روح کي ونيءَ کان پوءِ ڌرتيءَ جي ڪنواري جسم مان نڪرندڙ خوشبوءِ، سرهو ۽ سڳنڌ پريو نہ ٿي بنائي سگهي تہ ان فنڪار جو روح، اوجهڙ ۾ پٽڪندو رهندو ۽ ان جي تحرير ۽ سوچ ۾ اها بيقراري نہ هوندي، جيڪا وڇڙيل ٻار کي ماءُ جي هنج لاءِ هوندي آهي. پر هن جي دل ۽ دماغ ۾ ڪائنات جي حسن جي ڪابہ جهلڪ پنهنجو ديرو بنائي نہ ٿي سگهي. پنهنجي عوام کان ڪٽيل سياستدانن جي سياست تہ فنڪار جي آفاقيت، بيوقوفانہ بين الاقواميت هوندي ۽ اها ايتري ئي توجهہ (ڌيان) لائق آهي، جيترو ڪنهن چرئي جو پيار."

هن دؤر ۾ دنيا جي هر ملڪ طرفان عالمي امن ۽ پائيچاري جون اپيلون، دانهون ۽ تقريرون روزمرهہ جو رواج بنجي ويون آهن. انهن ملڪن ۾ اهي ملڪ ۽ قومون بہ شامل آهن جن جا گدام موتمار ۽ هلاڪت خيز هٿيارن سان ڀريا پيا آهن. اهي ملڪ ۽ رياستون بہ آهن جيڪي سڄي دنيا تي نظرين ۽ سائنس جي بالادستي ۽ خوشحاليءَ جي آڏار تي، هڪ هٿي قائم ڪيو ويٺا آهن ۽ اهڙا بہ سائين سنواريا آهن. جيڪي ملڪن، قومن ۽ عوام

جي وسيع طبقن کي محڪوم ۽ غلام رکيو ويندا آهن. اڄ عالمي طاقتن جي حالت هيءَ آهي تہ ڪنهن بہ خطي ۾ جيڪڏهن سندن مرضيءَ جي خلاف ڪائي حڪومت موجود آهي تہ ان کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجون فوجون ۽ هٿيار موڪلڻ ۾ دير اصلي نہ ٿيون ڪن. اهڙين حالتن ۾ امن قائم ٿيڻ جي اُميد رکڻ، بلڪل ائين آهي جيئن ستر سال جي عورت مان ٻار جي اميد رکڻ. منهنجي خيال ۾ "هن دنيا اندر ان وقت تائين امن جو سڄ اپري نہ سگهندو جيسيتائين هن ڪائنات ۾ ڪنهن بہ قسم جي غلامي ۽ غلبو موجود آهي."!

(2)

اسان ڪراچي جيل ۾ هڪ سال کان بند هئاسون. هڪ مهيني کان اسان جون حاضريون بند هيون. ٻاهر عوام 1977ع واري اليڪشن جي نالي ۾ اگهاڙي فريب جي خلاف سراپا احتجاج بنجي گولين جي بک ٿي رهيو هو. اليڪشن ۾ ڏاندڙلين جي ٻهاني قومي اتحاد (پي. اين. اي) جي غلاف ۾ ملڪ جو عوام پنهنجي شهري، سماجي ۽ انساني حقن جي جنگ وڙي حوصلي سان وڙهي رهيو هو. ڪشمور کان ڪراچيءَ تائين، مردن، عورتن، ٻارڙن، ٻڍن، گنجن، انڌن ۽ کڙڙن جي جلوسن ۽ احتجاجن ٻاهرين مدد جي سهاري سان، وقت جي برسر اقتدار حاڪم جي آپيشاهيءَ کي لوڪ شاهيءَ جي مڪمل گهيري ۾ آڻي ڇڏيو هو. ڇٽني طرفن کان گولين، رت، باهه ۽ دونهين جو وحشيانہ ناچ جاري هو. عوامي احتجاج جي وڏندڙ سيلاب (ٻوڏ) کي روڪڻ لاءِ ڪرفيوءِ جي ذريعي بند ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي پيئي ويئي. ان وقت ڪراچيءَ ۾ ڪرفيو هو شاهراهن تي فوج گشت ڪري رهي هئي. گهٽين ۾ پوليس ۽ ٽاٽن جي لاڪ اپ ۾ قيدي هئا، جيل پرجي ويا هئا، اسان جو ٻاهرين دنيا سان رابطو صرف "جنگ ۽ هلال پاڪستان" اخبارن ۽ تحريڪ دوران قيد ٿي ايندڙ قيدين سان يا وري هڪ بينڊ ڪٽاري ريڊئي ذريعي قائم هو.

اسان ڪراچي جيل جي وارڊ نمبر 13 ۾ هئاسون. جيڪو جيل جي سينيٽ وارڊن کان ڇڪو وارڊ هو (هيءَ ٻي ڳالهه آهي تہ ان جون ديوارون جيل جي وڏي ديوار کان ٿوريون ئي ننڍيون آهن ۽ اهوئي وارڊ جيل اندر وري ٻيو جيل آهي). پي. اين. اي جي سينيٽ ليڈرن کي ڦهرين ان وارڊ ۾ آندو ويو هو. جتي اسان جي ملاقات انهن سان اهڙي عجيب اتفاق سبب ٿي. اسان کي پي. اين. اي جي جن ليڈرن سان ملڻ جو اتفاق ٿيو تن ۾ شيرباز مزاري، مولانا نوراني، پروفيسر غفور احمد، شاهه فريد الحق، محمد اعظم فاروقي، محمد حسن حقاني، محمود الحق عثماني، سيد منور حسن ۽ يوپالي سرفهرست آهن. مزاريءَ کانسواءِ ٻيا سڀ اسان جي وارڊ ۾ رهندا هئا. مزاري بہ جيترا ڏينهن

هو رات جو ڪچهري ڪرڻ لاءِ ايندو هو. مير رسول بخش ٽالپر ۽ روزانو رات جو ائين کان يارنهن وڳي تائين پنهنجي وارڊ مان اُٿي اسان سان ڪچهري لاءِ ايندو هو.چوڏري ظهور الاهي ۽ جسارت وارو ايڊيٽر صلاح الدين قريشي ۽ مزدور ليڊر اعزاز نذير ۽ تمام گهٽو وقت جيل ۾ رهيا هئا. جيڪي روز پيا گڏبا هئا.

اسان جيئي سنڌ جا ڪارڪن گهٽو وقت ڪراچي جيل ۾ گڏ هئاسون. سواءِ شاهه محمد شاهه جي. اُتي جيل ۾ قيدين تي جيل انتظاميه طرفان ظلم جي خلاف هڪ ڏينهن جي علامتي هڙتال ڪرڻ سبب اسانجي ڪافي دوستن کي ڪراچي جيل مان بدلي ڪري مختلف جيلن ۾ رکيو ويو هو.

ان وقت اسان مولابخش لغاري، ساجن ڏاهري، منظور خشڪ، اسماعيل سوهو، فاضل راهو ابراهيم منشي ۽ آئون(عبدالواحد آريسر) ڪراچي جيل ۾ گڏ هئاسون. ٻئي پاسي طارق اشرف، رئيس شاهنواز جوٽيجي سان گڏ 23 نمبر وارڊ ۾ رهندو هو.

پهرين اپريل 1977ع جو ڏينهن هو. جيل انتظاميه اسان کان جيل ۾ جيئي سنڌ جي قيدي ڪارڪن جي نالن جي لسٽ گهري. اها اسان کين ڏني، پر لسٽ گهرڻ جو مطلب سمجهي نه سگهياسين ته آخر ڪهڙي سبب اسان جا نالا لکيا پيا وڃن. هونئن ته گاهي ماهي قيدين جي نالن جون لسٽون لکيون ويندیون هيون. پر اهي به ڏار ڏار پارٽيءَ مطابق نه هوندیون هيون. (صرف هڪ دفعو اڳ ۾ اسان جي نالن جي لسٽ ٺهي هئي. ان جو مقصد هيءُ هو ته اسان سيني تي هڪ نئون ڪيس مڙهيو پيو ويو. جنهن ڪري کين نالن جي ضرورت پئي هئي. اسان ان بنياد تي سمجهيو ته شايد وري ڪو نئون ڪيس مڙهيو پيو وڃي) پر اڄ ته صرف جيئي سنڌ وارن جا نالا گهريا هئائون. شايد انهيءَ ۾ ڪا اونهي ڳالهه اسرار جي هئي. اسان انهيءَ اٽ ٽُڙ ۾ هجون ته ساڻئي ڏينهن شام جو(شهيد) نذير عباسي به اچي ڪڙڪيو. چي: آئون لاڙڪاڻي مان (ڪيس جنوري 1977ع ۾ بک هڙتال ڪانپوءِ ڊسٽرڪٽ جيل ۾ رکيو هئائون) حاضريءَ تي آيو هوس. حاضريءَ تان موٽي ڪينٽ اسٽيشن تان بولان ميل ۾ لاڙڪاڻي وڃڻ جي انتظار ۾ بيٺو هوس ته ڪراچي جيل جو جيلر پير شبير سرهندي هوم سيڪريٽريءَ جو آرڊر ڪٽي آيو ۽ اچي پڇيائين ته "تون جيئي سنڌ جو آهين؟". مون چيو ته "ها" چي:

"تون هل ڪراچي جيل". سو مون اچي هتي ٽڪاءَ ڪيو. واڌو خير ادا، جانيءَ ڏا تولاءِ چيلو ڪُنوڙي (ڪامريڊ هميشہ مذاق ۾ "جانيءَ ڏا تولاءِ لولو پکوڙي" واري ست کي بگاڙي هر ڳالھ کانپوءِ ترنم سان ڳائيندو هو).

نذير عباسيءَ جي ائين ڪنيجي ڪجي اچڻ کانپوءِ اسان جو پھريون انومان ڪجھ ڪجھ غلط ٽيڙ لڳو. ڇو تہ نذير عباسي دسترڪت جيل لاڙڪاڻي ۾ هو اتان هن کي ڪراچي جيل آڻڻ مان ڪو خاص مقصد هو. هاڻي اسان وري خيالي گھوڙا ڊوڙائي ان نتيجي تي پھتاسين تہ "اسان کي ۽ هروچن سان گڏ سازش ڪيس ۾ ڦاسايو پيو وڃي". خير اسان اهو سڀ ڪجھ سوچي پاڻ کي هر مصيبت سھڻ لاءِ ذهني طرح اڳ ۾ ئي تيار ڪري چڏيو هو. سو وڌيڪ سوچڻ کي چڏي نذير عباسيءَ سان خبرون چارون ڪرڻ لڳاسين.

رات جو ميرر رسول بخش ٽالپر ۽ ڪچهري ڪرڻ لاءِ آيو. اڄا هن سان ڪچهري ويٺي ڪئي سين تہ لانڊي جيل مان حبيب الله ناريجي ۽ مظفر علي شاهہ ۽ اچي سلام ورايو. سلام دعا کانپوءِ حبيب الله مون کي ۽ مولا بخش لغاريءَ کي اڪيلو وٺي وڃي ٻڌايو تہ "سپاڻي اسان کي وٺي وڃي وزير اعظم مسٽر پٽي سان ملائيندا. شاهہ محمد شاهہ ۽ آيو آهي. جيڪو رئيس شاهنواز خان وٽ ترسيل آهي".

تڏهن مس اسان جي هورا کورا وڃي لٽي!! پوءِ اسان پنهنجي ٻين دوستن ساجن ڏاهري ۽ منظور خشڪ کي سڏ ڪري وارڊ جي پٺيان وهنجڻ جي جاءِ ۾ رسان ٿهيل دڪيءَ تي ويهي پاڻ ۾ صلاح ڪرڻ لڳاسين تہ: "مسٽر پٽي، ڇالاءِ اسان کي گھرايو آهي؟ هن وقت ڪيس اسان سان ملڻ جي ڪھڙي ضرورت محسوس ٿي آهي؟ ڇا هو اسان کي پنهنجي مقصد لاءِ تہ استعمال ڪرڻ نٿو چاهي؟. ڇا هو سنڌ اسيمبليءَ ۾ هٽراڏو اپوزيشن تيار ڪرڻ لاءِ جيئي سنڌ وارن کي پاڪيٽ مخالف بنائڻ گھري ٿو. ڇا هو اسان کي آزاد ڪري سنڌ ۾ جمهوري تحريڪ کي ناڪام بنائڻ واسطي سنڌي مهاجر فساد ڪرائڻ لاءِ اسان کي استعمال ڪرڻ جو سوچي رهيو آهي جيڪڏهن اهڙو ضروري ۽ اهم ڪم هو تہ ان کي پھريائين سائين جي. ايم. سيد يا ٻاهر ٻين ساٿين ۽ دوستن سان ملڻ گھرجي ها. آخر جيل ۾ پيل ماڻهن سان ملڻ جو ڪھڙو مقصد آهي؟ اهي خدشا ۽ سوال سڀ اسان جي ذهنن ۾ ڊوڙڻ لڳا.

2 اپريل 1977 جي صبح جو شام محمد شاهه اسانجي وارڊ ۾ آيو. اسان سيني پاڻ ۾ هڪ ننڍڙي ميٽنگ ڪئي. جنهن ۾ مسٽر پٽي سان ميٽنگ جي ايجنڊا تي غور ڪرڻ لڳاسين. سڀ کان پهريان اهو سوال پيدا ٿيو ته ڪير ڪير هلي؟. انهيءَ تي مون پنهنجي راءِ ڏيندي چيو ته "منهنجو خيال آهي ته مولابخش لغاري، حبيب الله ناريجو، شاهه محمد شاهه ۽ غوث بخش خاصخيلي، اهي چار ئي ماڻهو آهن، جيڪي وڃي ملن، باقي ٻين اسان سيني جي ضرورت ناهي. اهي جيڪي به فيصلو ڪري اچن سو اسان سيني کي قبول هئڻ گهرجي". پر سيني دوستن انهيءَ تجويز جي مخالفت ڪندي چيو ته "سڀ هلنداسين" اُتي شاهه محمد شاهه چيو ته "منشيءَ ۽ طارق اشرف جي باري ۾ توهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟". اسان چيو ته "منشي پاڻ کي (خبر ناهي ڪهڙي سبب جي ڪري) جيئي سنڌ جي لسٽ ۾ نالو لکائڻ کان ڪلهه ئي انڪار ڪري چڪو آهي، باقي رهيو طارق اشرف صاحب، سو ته باقاعدي ڪڍهن به جيئي سنڌ ۾ شامل نه رهيو آهي. باقي تون پنهنجي ذميواريءَ تي ڪيس وڃي هلين ته اسان کي ڪوبه اعتراض ڪونهي". شاهه محمد شاهه چيو ته "چڱو طارق کي چڏيون ٿا".

هتي آئون هڪڙي ڳالهه جي وضاحت لکڻ چاهيان ٿو. اُها اِها ته طارق اشرف سهائيءَ کي انٽرويو ڏيندي چيو هو ته "شاهه محمد شاهه چيو جيڪڏهن طارق نه هلندو ته آئون به ڪونه هلندس." حقيقت ۾ اهو سراسر ڪوڙ آهي. اسان شاهه محمد شاهه کي چيو هو ته "تون پنهنجي ذميواريءَ تي طارق کي وڃي هل" طارق اهو به غلط لکيو آهي ته "اسان چيو ته آهي ته منشي، پليجي جو ماڻهو آهي". سندس اهو به چوڻ آهي ته "شاهه محمد شاهه مون کان سواءِ نه ٿي ويو. پر مون کين سمجهايو تڏهن مس مس ويو." اها ڳالهه به رڳو شان شوخائي آهي باقي ان ۾ ڪابه صداقت ڪانه آهي. حالانڪ اسان جي ميٽنگ کان پوءِ رات جو شاهه ۽ طارق لانديءَ جيل تي وڃي مليا هئا. ان کان اڳ ۾ هو پاڻ ۾ مليا ئي ڪونه هئا. خير اسان جيئي سنڌ وارن ۾ منشي ۽ طارق کي شمار نه ڪري، ڪا سندن بي عزتي ڪانه ڪئي هئي. اسان اُتي ئي چيو هو ته "اسان انهن ٻنهي جي قرباني کي سلام ٿا ڪريون. اسان نه صرف سندن آزادي پر هر هڪ سنڌي سياسي قيديءَ جي آزاديءَ جو مطالبو ڪنداسين."

شاهہ محمد شاهہ، وارڊ نمبر 13 مان اڻي مير رسول بخش سان ملڻ ويو تہ ايتري ۾ سپرنٽينڈنٽ آف جيل مسٽر اوڪاش شيخ، اسان کي ونڊ آيو. مسٽر اوڪاش، کي هوم سيڪريٽريءَ کان جيڪا لسٽ ملي هئي. ان ۾ صرف جيئي سنڌ وارن جا نالا ۽ نذير عباسيءَ جو نالو هو باقي ٻين جا نالا خود هوم ڊپارٽمينٽ وارن ڪٽي ڇڏيا هئا. گهرايل قيدين جي نالن جي لسٽ ڪجهہ هن ريت هئي.

1. مولا بخش لغاري، جيئي سنڌ استوڊنٽس فيڊريشن جو اڳوڻو صدر.
2. شاهہ محمد شاهہ، جيئي سنڌ استوڊنٽس فيڊريشن جو اڳوڻو صدر.
3. حبيب الله ناريجو، جيئي سنڌ استوڊنٽس فيڊريشن، ان وقت جو مرڪزي صدر.
4. منظور خشڪ، جيئي سنڌ استوڊنٽس فيڊريشن، ضلع ٺٽي جو صدر.
5. ساجن ڏاهري، جيئي سنڌ استوڊنٽس فيڊريشن ضلع نوابشاهہ جو صدر.
6. سيد مظفر علي شاهہ، گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي جي شاگرد سنگت جو جنرل سيڪريٽري.
7. نذير عباسي، سنڌ نيشنل استوڊنٽس فيڊريشن جو ان وقت جو مرڪزي صدر.
8. عبدالواحد آريسر، هڪ (اديب).

ٽيڪ ڏهين وڳين اسان مسٽر اوڪاش شيخ سان گڏجي جيل جي دروازي تي پهتاسون، جتي چار ڪارون (مسٽر اوڪاش جي ڪار کان سواءِ) ييئيون هيون. اسان ۾ ٻہ ڇڻا هر هڪ ڪار ۾ وينا سون، اسان سان گڏ ٻہ ٻہ ڇڻا سادي لباس ۾ پوليس آفيسر ٻہ وينا. قيدين جي قافلي کي ڪٽي اُهي پُراسرار ڪارون، ڪرفيوءَ جي خلاف ورزيون ڪنديون سڏيون چيف منسٽر هائوس ۾ داخل ٿيون. چيف منسٽر هائوس جي انتظار گاهہ ۾ قيدين کي ان وقت جي هوم سيڪريٽري محمد خان جوٽيجي ٻڌايو تہ "اوهان سان پاڪستان جو وزيراعظم ٽوريءَ دير ملندو ان ڪري توهان کي ڪجهہ دير انتظار ڪرڻو پوندو". اسان گهڙي ڪن مس وينا سون تہ مختلف مشروبات

سان اسانجي خاطر تواضع شروع ٿي. هاڻي اسان کي باقي ٻين دوستن جو انتظار هو جيڪي خيرپور جيل مان اڃا هٿا سي ايا نہ پهتا هٿا.

چيف منسٽر هائوس ۾ ٽين وڳين تائين انتظار ڪندا رهياسين ويهي ويهي مٿي ۾ سور پئجي ويو. مسٽر اوڪاش ۽ ٻہ پوليس وارا ٻہ اسان وٽ وينا ئي هٿا. انهيءَ وچ ۾ مسٽر اوڪاش چيو تہ "بُک ڏاڍي لڳي آهي، فون ڪري جيل تان ماني گهرائجي". مون چيو تہ: "سائين آئون توهان وٽ 12 مهينا قيدي ٿي رهيو آهيان پر انهن ٻارهن مهينن ۾ ڪوبہ ڏينهن منهنجي لاءِ هيتري عذاب وارو نہ گذريو آهي. جيل ۾ گهٽ ۾ گهٽ پيشاب ڪرڻ جي تہ آزادي آهي پر هتي پيشاب ڪرڻ وقت بہ هڪڙو همراهہ مٿان پستول ڪنيو بيٺو آهي." ائين ڳالهيون ڪندي شاهہ محمد شاهہ منهنجي ۽ مولابخش لغاريءَ جي پرسان اچي ويٺو. چيائين، "پهرين آئون اڪيلو پٽي سان ملندس پوءِ توهان سڀ ملجوس". مون ڪيس چيو تہ "چو ڪو ڳجهو سمجهوتو ڪرٽو اٿئي چا؟". تنهن تي شاهہ محمد شاهہ چيو: "تہ نيڪ آهي پلا گڏجي ملنداسين".

مٿين سڄي روئداد کي منهنجو پيارو دوست ۽ پيارو ساٿي، مولابخش لغاري اڳ ئي نومبر 19977ع واري "ڪارونجهر" رسالي ۾ لکي چڪو آهي. هتي آئون اها مڪمل طرح سان نقل ڪرڻ کان اڳ ڪجهہ پنهنجو تاثر ان انسان جي باري ۾ لکندس ۽ جيڪو انسان (ذوالفقار علي پٽو) هن ملڪ جي متحرڪ تاريخ جو تابناڪ باب آهي، جنهن سنڌ ۾ گهٽ ۾ گهٽ سنڌي ڳوناٽي کي ووٽ جي حد تائين سياست ۾ مؤثر ڪردار ادا ڪرڻ واريءَ طاقت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي."

نيڪ ٽين وڳي، پٽو صاحب، جتوئيءَ سان گڏجي هائوس ۾ داخل ٿيو. مسٽر اوڪاش ۽ ٻہ پوليس آفيسر ٻاهر نڪري ويا. دروازو بند ٿي ويو. اسان سيني ساٿن هٿ ملايو ۽ ان سان گڏ پنهنجا نالا بہ ٻڌائيندا وياسون.

جناب پٽي، کي 1968 کان پوءِ پهريون پيرو مون ايترو وبجهڙائي کان ڏٺو هو. هو ايترو قداور ۽ مضبوط جسم وارو نہ هو جيترو عام طرح فوٽن ۾ نظر ايندو هو. البت مٿي جا وار ڪنهن يورپي پروفيسر وانگر بلڪل سفيد هئس. هن ۾ اها ڦڙتائي موجود نہ هئي جيڪا عام طرح مشهور آهي. مون محسوس ڪيو تہ پي. اين. اي جي تحريڪ جي شهري زور شور سندس اعصابن کي

سخت متاثر ڪيو آهي ۽ هو اندروني طرح اها ڳالهه سمجهي چڪو آهي ته شهرن جي هن شورش کي ڪنڊ ڪائو[3] ڀهراڙيءَ جي ورڪرن جي طاقت جي مدد سان ختم ڪري نه ٿو سگهجي. هن سان ان وقت اها ويڙن هئي جو هڪ طرف عالمي ڊاءُ ۽ بي.بي.سيءَ جي پروپئگنڊه پنهنجي عروج تي هئي. ته ٻئي طرف شهري تحريڪ ۾ ڏينهون ڏينهن واڌ ايندي ٿي وئي.فيڊرل سيڪيورٽي فورس ۽ پوليس هن شورش کي دٻائڻ ۾ قطعي ناڪام ويون هيون. ۽ پڻ فوج جي طرفان گهربل تعاون جي ڪوٽ هئي.ان سبب پٽي صاحب، تي قومي اتحاد، سان ناهه لاءِ ڊاءُ وڏي رهيو هو.انهن ڳالهين کان سواءِ سندس پارٽيءَ ۾ پراڻن تجربيڪار سياسي ڪارڪنن جي اٿاڻ هئي، هو چئني طرفن کان هڪ ڄار ۾ جڪڙجي چڪو هو.

وهڻ شرط مون ڏنو ته سندس اکيون سخت ڳاڙهيون هيون بلڪل ان ماڻهون جهڙيون. جيڪو يا ته لڳاتار جاڳندو رهيو هجي يا روئندو رهيو هجي. هن جي هڪ خوبي اها به هئي جيڪا عام طرح سفارتي ملاقاتن ۾ هڪٻئي کان متاثر ڪرڻ لاءِ استعمال ڪئي ويندي آهي. يعني ملاقاتيءَ جي باري ۾ مڪمل ڄاڻ ۽ ان جو اظهار جيئن ملاقاتي سمجهي ته هن وڏي ماڻهوءَ جي ساڻس دلچسپي ڪافي وقت کان وٺي رهي آهي.

هن ويٽلن کان پڇيو ته " اوهان ۾ عبدالواحد آريسر ڪهڙو آهي؟" مون چيو ته "آئون آهيان". تڏهن پٽي صاحب، چيو ته "تون هندستان ويندو رهيو آهين، اهڙي قسم جون مون کي رپوٽان آهن". مون عرض ڪيو ته " اهي رپورٽون انهن ماڻهن اوهان کي ڏنيون آهن جيڪي اڄ اوهان جي خلاف تحريڪ هلائي رهيا آهن. آئون هڪ ته ڪمزور ۽ دائمي بيمار آهيان سو ڪٽي ٿو اهڙا خطرناڪ سفر ڪري سگهان. مون 1963ع کان پوءِ ته ڪوڪرا پار ئي نه ڏنو آهي." اتي هن چيو "1963ع ۾ ڪوڪڙا پار چو ويو هئين" مون چيو ته "ان وقت آءُ اسڪول ۾ پڙهندو هوس، استاد صاحب 14 آگسٽ جي موقعي تي اسان کي گهمائڻ وٺي ويو هو".

اها گفتگو هلي ٻئي ته مولا بخش لغاريءَ وچان چيو ته "سائين هيءُ هڪ مسڪين اديب آهي." پٽي صاحب، فورا سندس ڳالهه کي اڌ ۾ ڪٽي

---

[3] ان دؤر ۾ پٽي صاحب پ پ جي ورڪرن کي ڪنڊ جون جام پرمنٽون ڏنيون، جنهن کي بليڪ تي هلائي انهن جام پيسو ڪمايو هو.

چيو تہ " آئون کائنس چگي طرح واقف آهيان" ان وقت مون سمجهيو تہ اها سڀ معلومات هن کي اسان جي ملاقات کان اڳ هوم سيڪريٽريءَ ڏني آهي. ڇو تہ هوم سيڪريٽري ڪوڙين ۽ من گھڙت ڳالهين جي بنياد تي ڪيس ناهڻ جو "ڪمپيوٽر" هو.

اڳتي هلي مونکي عزيزالرحمان ٻڌايو هو تہ آءٔ اسلام آباد ۾ هوس اتي پير علي محمد راشدي صاحب، منهنجي مٽان اهو ڪم رکيو هو تہ عبدالواحد آريسر جي تقريرن جو ڪتاب "پرهہ جو پيغام" آهي، تنهن جو انگريزيءَ ۾ بهترين نموني ترجمون ڪري ڏي، جو پٽو صاحب ان ڪتاب کي پڙهڻ ٿو چاهي. جيڪو مون ترجمون ڪري ڏنو هو. عزيز الرحمان جي ان واقعي ٻڌائڻ کان پوءِ مون سمجهيو تہ پٽي صاحب کي ملڪ ۾ ڇپجندڙ مواد ۾ خاص دلچسپي هئي ۽ هو ملڪ جي ليکڪن کي نظر هيٺ رکڻ جو شوقين هو.

هڪ ٻي ڳالهہ جيڪا مون نوٽ ڪئي تہ هو پنهنجي مخالف ملاقاتيءَ کي خوفزده ڪرڻ واري حربي استعمال ڪرڻ جهڙي حرڪت مان بہ موٽر طريقي سان ڪم وٺڻ چاٽندو هو مثال طور هن جڏهن چيو تہ "توهان خاڪين (ملٽري) جي مخالفت نہ ڪريو" ان وقت هن چاٽي واٽي، ساڃي کاڌي ڏني تہ جيئن اسان اهو محسوس ڪريون تہ ملٽريءَ وارن جا ذريعا ايترا تہ وسيع آهن جو هو وزيراعظم جي گفتگو نوٽ ڪرڻ لاءِ ڳجهي طريقي سان، منسٽر هائوس جي ڪمري ۾ بنان اجازت داخل ٿي سگهن ٿا.

ان کان سواءِ پٽي صاحب اسان کي مليٽريءَ کان خوفزده ڪرڻ لاءِ اهو بہ چيو تہ "مليٽريءَ وارن مون تي ڏاڍو زور رکيو آهي خاص ڪري جنرل ٽڪا خان. تہ مون کي اجازت ڏني وڃي تہ آئون سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ فوجي آپريشن ڪريان. جنهن ۾ جيئي سنڌ سان واسطو رکندڙ 80 ماڻهن کي ختم ڪريان تہ گهٽ ۾ گهٽ هن حڪومت جي سنڌ جي نالي ۾ مخالفت تہ ختم ٿي ويندي" پر مون جنرل کي اهڙي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ان ڪري اوهان خاڪين (ملٽري) جي معاملي ۾ احتياط ڪريو".

مون ٻڌو آهي تہ شيخ ايياز صاحب کي پٽي ان نموني بليڪ ميل ڪيو هو تہ "فوجين وٽ هڪ سو ماڻهن جي مارڻ جي لسٽ آهي، جنهن ۾ پهريون نالو منهنجو ٻيو تنهنجو ۽ ٽيون جي. ايم. سيد جو آهي. ان ڪري تون بہ مون

وانگر فوج جي فرمانبداري اختيار ڪر" نتيجي طور شيخ صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ٿيڻ قبوليو.ان ڳالهه جي تصديق ان واقعي مان ٿئي ٿي ته جڏهن آئون 1974ع ۾ شيخ صاحب سان مليس تڏهن مون سندس گفتگو مان اندازو لڳايو ته هو ڏاڍو ڊنل آهي. انهيءَ گفتگو دوران مسٽر غلام رباني آگرو به اچي ويو. جنهن شيخ اياز جي اهڙي هراسيل گفتگو ٻڌي چيو ته "سائين!جيڪڏهن پاڻ ڪان ڪجهه ٿي نه ٿو سگهي ته گهٽ ۾ گهٽ قومي ڪارڪن جا حوصلا پست ڪرڻ لاءِ اهڙي بزدليءَ واري نصيحت ته نه ڪريو پاڻ انهن جي همت افزائيءَ لاءِ ڪين پنهنجي اخلاقي تائيد ۽ مدد جو يقين ڏياريون".

هر سربراهه حڪومت وانگر پٽو صاحب به قاتلانه حملن کان ڏاڍو ڊنل هو.ان جو اندازو مونکي هن واقعي مان ٿيو جو گفتگوءَ هلندي مون کيسي ۾ هٿ وڌو ته پٽي صاحب جو سڄو توجهه منهنجي هٿ ڏانهن ٿي ويو. شايد ان وقت مولا بخش لغاري ڳالهائي رهيو هو. پر پٽو صاحب، هن جي ڳالهه جي ڏيان ڏيڻ جي بجاءِ مسلسل گهوري رهيو هو. مون سگريٽ جو پاڪيٽ ڪڍي ٽيبل تي رکيو ۽ان سان راند کيڏڻ لڳس. انهيءَ پوري عمل دوران سندس ڏيان سگريٽ ۽ منهنجي هٿ ڏانهن رهيو.جيستائين مون پاڪيٽ مان سگريٽ ڪڍي دکائي پيڻ شروع ڪيو پٽي صاحب ٻئي طرف ڏٺو ئي ڪونه ۽ نه ئي وري کا ڳالهه ڪيائين. ان مان مون اندازو لڳايو ته هو منهنجي هن ڪاروائيءَ کي قاتلانه حملي جو پيش خيمو سمجهندو پئي رهيو!

هڪ ٻي ڳالهه جيڪا مون نوٽ ڪئي، سا هيءَ ته پٽو صاحب، پناڻن ۽ پياهگيرن تي ڏاڍو ڪاوڙيل هو. جڏهن ته پنجابين جي باري ۾ هن جي دل ۾ ڪجه گهٽ شڪايت هئي. پر هي حقيقت آهي ته پٽي صاحب جي خلاف تحريڪ ۾ مهاجرن، پناڻن ۽ پنجابين ٽنهي ڌرين هڪ ٻئي کان وڌيڪ عملي شرڪت ڪئي هئي. پر تحريڪ کي ختم ڪرڻ جو ذڪر آيوتڏهن هيئن چيائين ته "آئون جلدي انهن نسوار خورن ۽ پان خورن کي ڏيکاريندس ته پٽو ڇا هي؟ انهن جا لاش اوهان کي رستن تي نظر ايندا، انهن ڌرين شروع کان ئي منهنجي حڪومت، پارٽي ۽ شخصيت کي تسليم ئي نه ڪيو آهي."

هاڻي هتان آئون هن مضمون کي مڪمل ڪرڻ لاءِ مولابخش لغاريءَ جو ڪارونجهر وارو مضمون نقل ڪري رهيو آهيان.

اسان اڳ ۾ ئي فيصلو ڪري ويا هئاسين تہ جيڪڏهن پيشڪش ٿئي تہ پوءِ اسان 5 منٽ پاڻ ۾ اڪيلائي ۾ ڳالهائيندا سين ۽ پوءِ اهو جواب ڏيندا سين تہ "توهان پهريان سائين جي.ايم.سيد سان ڳالهايو". پٽي صاحب جي ويهڻ کانپوءِ گفتگو هن ريت شروع ٿي:

پٽو: "آئون توهان کان ڪهڙي خيريت پڇان، جيل مان اچو پيا، آئون ڏيگهہ ڪو نہ ڪندس. صرف ايترو اوهان کي ٻڌايان تہ منهنجي نظرين جي توهان کي خبر آهي ۽ توهان جي نظرين جي مون کي خبر آهي. توهان مون کي پنجاب جو ايجنٽ سمجهو ٿا، پر آئون پنجاب جو ايجنٽ ناهيان. پر آئون سنڌ جي ايتري خدمت نہ ڪري سگهيو آهيان، جيتري اوهان چاهيو ٿا. آءٌ صرف ايترو عرض ڪندس توهان قائداعظم ۽ مليٽريءَ جي باري ۾ تنقيدي رويو اختيار نہ ڪجو. آءٌ توهان کي غير مشروط طور آزاد ٿو ڪريان.مون جتوئيءَ کي چيو آهي تہ ڪرفيو هٽڻ کان پوءِ توهان کي آزاد ڪري آءٌ توهان کي اهو نہ چوندس، تہ اوهين ڪهڙي جماعت جي حمايت ڪريو. هونءَ بہ مون کي يقين آهي تہ توهان پاڪستان قومي اتحاد جي حمايت ڪونہ ڪندا. توهان جي ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ وري ٻي گڏجاڻي ڪنداسون، جنهن ۾ مستقبل جي باري ۾ ڳالهائينداسون."

مولا بخش لغاري: پٽا صاحب، اها نهايت بدنصيبيءَ جي ڳالهہ آهي. جو اسان قيديءَ جي حيثيت ۾ اوهان سان ڳالهائي رهيا آهيون، اسان انتهائي قومپرست ۽ سنڌ پرست ماڻهو ڪيئن نہ چاهيندا سون تہ پاڪستان جو وزيراعظم سنڌي هجي، اسان جي سامهون جيل ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو توهان کي سنڌيءَ واري حيثيت ۾ گار ٿو ڏئي تہ اسان کي ڪاوڙ ٿي اچي. پر توهان سنڌ جي ماڻهن سان اهي ويل وهايا آهن. اهي تعديون ۽ مصيبتون نازل ڪيون آهن جو اسان توهان جي خلاف جدوجهد ڪندا آيا آهيون توهان جي دؤر ۾ سنڌي استادن کي يونيورسٽيءَ مان ڪيڻ ٿکي جي پوليس وارن، گولين جو ڪاڇ بنايو. اشوڪ ڪمار جو مثال توهان جي اکين جي آڏو آهي. توهان جي دؤر ۾ سنڌي ماڻهن کي ڪتن وانگر وڻن سان ٻڌي گولين هنيون ويون.

توهان جي دؤر ۾ سنڌي ڪتابن، رسالن ۽ پريسن جي وڏي تعداد تي بندش وڌي وئي جو عربن کان انگريزن تائين ويندي ايوب ۽ يحيٰ جي دؤر

تائين ڪنهن بہ سنڌي علم ادب تي ايڏو ڪاري وار نہ ڪيو. اوهان جي دؤر ۾ سياسي ورڪرن جي مائرن، پينرن ۽ پائرن کي گرفتار ڪري مهينن جا مهينا لاڪ اپ ۽ جيلن ۾ رکيو ويو. سنڌي سياسي قيدين کي پوليس هٿان وحشيانہ مارون ڏياريون ويون. توهان سنڌ جي عوام کي هڪ هوم سيڪريٽريءَ جي رحم ۽ ڪرم تي اڇلائي ڇڏيو اهڙي حالت ۾ اسان جو فرض آهي تہ اسان اوهان جي مخالفت ۽ سنڌي قوم جي حقن لاءِ ڪوشش ڪريون. اسان کي اڄ آزاد ٿا ڪريو حالانڪ طارق اشرف جي آزاديءَ جو اعلان اوهان جي وزيراعليٰ ريبڙئي ۽ ٽي ويءَ تي ڪيو. پر هو اڄ تائين آزاد ناهي ٿيو....!!"

پٽو: "جتوئي، تو اعلان ڪيو هو تہ پوءِ هو چو نہ آزاد ٿيو؟"

جتوئي: "ها سائين مون اعلان ڪيو هو پر پوءِ اليڪشن جي ڪري اهو آرڊر وٽ هيلڊ ڪري ڇڏيوسين."

پٽو: "نہ نہ ائين نہ ٿيڻ گهرجي، آءٌ اليڪشن کان ڪو نہ ٿو ڊجان."

ورې اسان ڏانهن مخاطب ٿيندي: "مان چيو آ سنڌ جي ماڻهن جي مون ايڏي خدمت نہ ڪئي آ. ان لاءِ آءٌ شرمندو آهيان ۽ آءٌ ڳنگهار آهيان".

(هٿ ٻڌي اکين ۾ پاڻي آڻي) ان لاءِ معافي ٿو وٺان. بهرحال توهان کي آزاد ٿو ڪريان. "جتوئي! ڪيترن ڏينهن ۾ ڪرفيو هٽندو؟"

جتوئي: "ڏهن ڏينهن ۾"

پٽو: "ڏهن ڏينهن کان پوءِ انهن کي آزاد ڪجانءِ"

جتوئي: "ها سائين"

شاهہ محمد شاهہ: "سائين توهان بہ سنڌي آهيو تہ اسان بہ سنڌي آهيون. سياست کان سواءِ اسان جا ذاتي لاڳاپا بہ آهن. توهان خود ڪئنابا ۾ چيو هو تہ ڪراڙي (جي. ايم. سيد) سان منهنجا ذاتي لاڳاپا آهن. ان ڪري اسان کي ڪو خفيہ سمجهوتو ڪرڻ گهرجي"

پٽو: (سمجهوتي واري ڳالهہ کان لنوائيندي) "ها مون چيو هو تہ ڪراڙي سان منهنجا ذاتي لاڳاپا آهن. اهو ئي سبب آهي جو مون غفار خان کي جيل ۾ رکيو آهي (اهو ڪوڙ هو بادشاهہ خان ان وقت آزاد هو) ۽ سيد کي گهر ۾ نظربند رکيو آهي (سيد کي ايوب ۽ يحيٰ بہ گهر ۾ نظربند رکيو هو پر اها ڳالهہ اسان مان ڪنهن چئي ڪانا)."

شاهہ محمد شاهہ: "اسان مارچ وارين چونڊن ۾ حصو نہ ونڊي توهان جي اڻ سڌيءَ طرح مدد ڪئي. جيڪڏهن اسان چونڊن ۾ حصو وٺون ها تہ گهٽ ۾ گهٽ توهان جا چار ووٽ بہ ڪاريون تہ ها. ان ڪري اسان کي هڪيئي جي مدد ڪرڻ لاءِ سمجهوتو ڪرڻ گهرجي."

مولا بخش لغاري: "چار ووٽ ڪاريون ڇو ها. اسان سنڌ ۾ هڪ مضبوط ۽ وسيع طاقت آهيون. اسان کي قيدي بنائي اليڪشن جي ذريعي چونڊجڻ جي حق کان محروم ڪيو ويو. اسين جيڪڏهن اليڪيشن لڑون ها تہ منهنجي مقابلي ۾ عبدالله شاهہ جي ضمانت ضبط نہ ٿئي ها، تہ آئون سياست ڇڏي ڏيان ها. انهن ڪيا آهن ماڻهن سان ظلم! هوڏ جي امداد جا سپ پئسا پاڻ کائي ويا. دادو ضلعي جي ماڻهن ڪاڪوس جهڙي ضرورت وڄي ريل لائين تي بيئل پراٽن ۽ پڳل گاڏن ۾ ڪئي جيڪي هنن جي ويهڻ، سمهڻ ۽ رڌپچاءَ جي لاءِ گهرن جو ڪم ڏيئي رهيا هئا. ماين ويچارين کي ٻار انهن ماڻهن جي ميڙن ۾ ڇاوا. اوهان جيڪي ڪجهہ ڪيو سو پناهگيرن لاءِ ڪيو. جتوئي هر وقت پناهگيرين جي اڳيان پٺيان ڦرندي سنڌ جا سپ ٽپڙ ڏارين جي حوالي ڪري ڇڏيا."

پٽو: "جتوئي تمام پلو ماڻهو آهي. ويچارو ڪم ڪري ڪري ڳري ويو آهي. باقي رهيا مهاجر. انهن کي آئون چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿو. انهن مون کي 1970ع ۾ ووٽ بہ ڪونہ ڏنا هئا. انهن لاڙڪاڻي ۾ کهڙي کي ووٽ ڏنا هئا".

مولا بخش: "انهن واقعي توهان کي ووٽ ڪونہ ڏنا. پر توهان پوءِ بہ انهن کي نوازڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ لاڙڪاڻي جي سنڌي ماڻهن سان اوهان جيڪي ياڻ پلايا. تنهن کان سنڌ جو عوام پوريءَ ريت واقف آهي. توهان شيخن سان اها هلت هليا جيڪا غير ملڪي فاتح، مفتوحن سان هلندو آهي. توهان جيئي سنڌ جي ڪارڪنن جي خاندانن کي پهاڻن ۾ بند ڪيو. پورا پنج سال توهان جيئي سنڌ وارن کي پوريءَ طاقت ۽ قوت سان ڪچلڻ جي ڪوشش ڪئي. پر اڄ جڏهن ملڪ جو عوام جوش ۽ جذبي سان اوهان جي خلاف تحريڪ هلائي رهيو آهي، ان وقت اسان توهان کي ياد آيا آهيون ۽ هاڻي اسان کي آزاد ڪري رهيا آهيو. هن وقت جڏهن تہ ٻيا ماڻهو جيلن ۾ اڇي رهيا آهن، ان وقت اسان جي آزادي مون کي سمجهہ ۾ ڪانہ ٿي اچي. اسان جيل مان آيا آهيون ۽ وري جيلن ۾ وڃڻ لاءِ تيار آهيون."

پٽو: "توهان بهادر آهيو ۽ مون کي بهادرن جو قدر آهي. آئون توهان کي سلام ڪريان ٿو. باقي جيستائين پي اين اي وارن جو تعلق آهي. مان انهن خانصاحبن. انهن خانن ۽ پان خورن کي نٿو ڪندم. انهن جي تحريڪ جي مون کي ڪابه پرواهه ناهي. آئون ڏاڍي آرام سان ننڊ ٿو ڪريان. انهن کي خبر پوندي ته پٽو چاهي!!!" ائين چئي چوڙ لڳوتہ توهان ۾ عبدالواحد آريسر ڪهڙو آهي؟ آريسر جيئن ته نذير عباسيءَ سان گڏ پريپرو وينو هو. تنهن چيو تہ: "آئون آهيان."

پٽو: "تنهنجيون سنگين الزامن واريون مان کي رپوٽان آهن."

نوٽ: "آئون انهيءَ سوال جو جواب اڳ ۾ لکي آيو آهيان تنهن ڪري ان کي ٻيهر نقل ڪرڻ سهڻو نہ لڳندو."

جتوئي: "پنهنجا پاڻ ۾ وينا آهيون. جي اهڙي ڪا ڳالهه هجي تہ ٻڌايو."

آريسر: "آئون عرض ڪري چڪو آهيان سڀ غلط آهي."

مولا بخش لغاري: "سائين آريسر سنڌ جو هڪ غريب اديب آهي."

پٽو: "مون کي خبر آهي."

شاهه محمد شاهه: "سائين منهنجو عرض آهي تہ اسان کي ڪو اندروني ناهه ڪرڻ گهرجي. ان لاءِ بهتر سمجهو تہ اوهان يا جتوئي صاحب ڪراڙي (سائين جي. ايم. سيد) سان ملو. آئون جتوئيءَ سان ملندو رهيو آهيان. مون اڳي به ڪيس بار بار عرض پئي ڪيو آهي."

پٽو: "اها ڳالهه ٺيڪ آهي."

مولابخش لغاري: "سائين اسان ٻڌو آهي تہ منشيءَ تي اوهان کي ذاتي ناراضگي آهي. اوهان جي سوچ اهڙين ڳالهين کان مٿي هئڻ گهرجي. هو ويچارو شاعر ماڻهو گهڻو ڪجهه پوڳي چڪو آهي. مهرباني ڪري ڪيس آزاد ڪريو. گهر ۾ اڪيلو ڪمائيندڙ آهي."

پٽو: "نہ ادا. اهڙي ڪا ڳالهه ڪونهي. مون جتوئيءَ کي چيو آهي تہ رائيٽرس کي سيني کان اڳ ۾ آزاد ڪري."

ائين چئي پٽو اٿيو تہ شاهه محمد شاهه. جتوئيءَ کي چيو اسان يارهين وڳي کان وينا آهيون ماني کارايو. جتوئي چيو ها ترسو ماني اچي ٿي. ائين چئي جتوئي ۽ پٽو هليا ويا. مٹان محمد خان جوڻيجي اچي ٽڪاءُ ڪيو. هاڻي ماني اچڻ تائين جوڻيجي سان ڪچهري شروع ٿي.

مون (مولا بخش) چيو تہ جوڻيجا صاحب سنڌ جو عوام توهان کي ڪڏهن معاف نہ ڪندو. اوهان ڊي پي آر سنڌ ڪرائيم ڪنٽرول ۽ ٻيا ڪارا قانون سنڌ جي عوام تي انڊي جي لٺ وانگر هلايا آهن. اسان کي مهينن جا مهينا ٽاٽن تي ڪراچي ۾ رکايو. جتي پوليس وارا اسان جي ڏاڙهي ڪوڙڻ جي سامان تائين چوري ڪري کڻي ويا.

آريسر چيو: "ڏو اٿم تہ توهان ڪنهن وقت ڪامريڊ رهيا آهيو. ڪاش ان وقت گرفتار ٿيو ها تہ هن وقت سياسي ورڪرن جي مائٽن کي گرفتار ڪرائيندي پنهنجو زمانو ياد اچيو ها." آريسر جي انهيءَ چوٽ تي محمد خان جوڻيجي چيو تہ: "جيئي سنڌ وارن ۾ آريسر غضب جو ليکڪ آهي. هڪڙو مضمون لکي ڇڏي جيڪو پڙهندو انجي دماغ ۾ تانڊا پرجي ويندا. مون سندس ڪتاب "پرهہ جو پيغام" ۽ "پيغام" رسالو پڙهيو آهي. طارق ليکڪ ناهي، ايڊيٽر سٽو آهي. باقي لکڻ جو معاملي ۾ ڪيس سنڌي بہ صحيح لکڻ ڪانہ ٿي اچيس.

ان تي آريسر چيو: "وزيراعليٰ جي حڪم جي باوجود هن کي آزاد ڇو نہ ڪيوءَ؟"

محمد خان جوڻيجي چيو تہ: "هن موهن ڪلپنا جو ناول ڇاپيو هو. جيڪو پاڪستان جي خلاف آهي."

ان تي آريسر چيو تہ: "توهان ڪرشن چندر جو ناول غدار پڙهيو آهي، جنهن جي مقابلي ۾ جلاوطن ڪابہ حيثيت نہ ٿو رکي. ڪرشن چندر جو اهو ناول لاهور مان تمام گهڻا ڀيرا ڇپيو آهي. پر ڪنهن بہ اردو ايڊيٽر ۽ پبلشر جي خلاف ڪوبہ قدم نہ کنيو ويو آهي ۽ طارق تي هي نوازش ڇو؟ اوهان شير شاهہ جي شڪر وانگر گهر جا ڪڪڙ مارڻ تي هري ويا آهيو". اتي نذير عباسيءَ جوڻيجي کان پڇيو "اوهان واري عهدي تي ڪا آمدني آهي؟"

جوڻيجي چيو: "ڇو؟"

"انهيءَ ڪري جو جيڪڏهن آمدني هوندي تہ جام صادق علي وزارت ڇڏي هوم سيڪريٽري ٿي ويندو. پوءِ اوهان جي نوڪريءَ جو الاجي ڇا ٿيندو." اهو نذير جو جواب هو.

جنهن تي جوڻيجي وراڻيو "لاالہ الاالله محمد رسول الله" آئون هڪڙي پائي بہ رشوت جي ڪونہ ٿو ڪاوان. آئون تہ ڏونرو بہ روز گهران يعني بدين کان گهرائيندو آهيان".

حبيب الله چيو رشوت نہ ٿا کائو تہ پوءِ ڪراچيءَ جي واپارين کي ڏي پي آر ۾ ٻڌي وري ڇڏڻ جو ڪهڙو مطلب آهي. اهي ۽ اهڙي قسم جون ٻيون ڪيتريون ڳالهيون ٿينديون رهيون. انهيءَ وچ ۾ اسان سيني کي لانڊي جيل ۾ گڏي رکڻ جو آرڊر سپرنٽينڈنٽ کي ڏنائين. رات جو ٻاهر سمهڻ جي اجازت ڏنائين. شاهہ محمد شاهہ تي وي جي اجازت گهري سا به ملي. پر شاهہ چيو تہ اها تون پنهنجي گهران موڪلي ڏي اها ڳالهہ به منظور ٿي. انهيءَ وچ ۾ ماني اچي ويئي. ماني کائي موڪلائي باهر نڪتاسين تہ حبيب الله چيو خدا ڪري پٽي جي دؤر ۾ نہ نڪرون، شاهہ محمد شاهہ چيو "هاڻي ڇا به چوين هفتي اندر آزاد ٿي رهيا آهيون". اسان سيني ۾ آريسر اڪيلو ماڻهو هو جنهن چيو تہ پاڻ کي ڪنهن به صورت ۾ آزاد نہ ڪندو. البتہ هڪڙي صورت آهي تہ پي. اين. اي جي دفاءَ تحت هنگامي حالتون ختم ڪرڻ تي جلدي مجبور ٿيو تہ پوءِ ٻين سان گڏ پاڻ به آزاد ٿيندا سون.

ڳالهہ اهائي نڪتي، پٽي وارو عرصو اسان اندر رهياسون منظور خشڪ، ساجن ڏاهري ۽ طارق اشرف، پٽي جي وڃڻ کان پوءِ ضمانت تي آزاد ٿيا. باقي آئون، آريسر، خاصخيلي، نذير عباسي ۽ علي حيدر شاهہ هنگامي حالتن جي ختم ٿيڻ کان پوءِ سيپٽمبر ۾ آزاد ٿياسون حبيب الله ناريجو ۽ شاهہ محمد شاهہ اڃا اندر آهن".

سکر جيل ۾ آئون آخري سياسي قيدي هوس جيڪو 29 سپٽمبر تي آزاد ٿيس، منهنجي هوندي ذوالفقار علي پٽو ۽ ممتاز پٽو گرفتار ٿي اتي آيا.

هڪ عام جائزو

عوامي ليگ ۽ پيپلز پارٽي

هنهي شخصن جي جائزي سان گڏ ضروري آهي ته سندن پارٽين جو به هڪ عام جائزو پنهنجي خيال ۽ سوچ مطابق پيش ڪريان ته جيئن صحيح ڪاٽو ڪرڻ ۾ آساني ٿئي.

عوامي ليگ :

برصغير جي ورهاڱي کان ٿورو پوءِ ان وقت جي اهم بنگالي سياستدان ۽ متحده بنگال جي وزيراعظم حسين شهيد سهروردي، پاڪستان ۾ هڪ پارٽيءَ ۽ هڪ شخص جي حڪومت ۽ پوجا مان بيزار ٿي، پاڪستان ۾ اپوزيشن جي بنياد لاءِ جناح عوامي ليگ نالي پارٽيءَ جو بنياد وڌو. اهائي پارٽي اڳتي هلي عوامي ليگ بڻي، جو ته نه سهروردي، کي ۽ نه وري بنگالين کي جناح جي لفظ سان ڪا دلچسپي هئي.

عوامي ليگ جڏهن حقيقي معنيٰ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ شروع ڪيو ته ان ۾ اهي سڀ ماڻهو شامل ٿي ويا جيڪي پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هڪ شخص ۽ هڪ پارٽيءَ جي حقيقي ۽ نظرياتي جارحيت جي ڪري پنهنجي سياست ڪري نٿي سگهيا ۽ سياست کان پاسو ڪري ويهي رهيا هئا. پوءِ هنن جڏهن محسوس ڪيو ته هڪ جماعت، هڪ شخص آهي جيڪو مسلم ليگ جي نظرياتي جارحيت کي للڪاري رهيو آهي، ته پوءِ احراري، پراڻا ڪانگريسي، وچولي ڪلاس جا ترقي پسند، سوشلسٽ، سيڪيولرسٽ ۽ آزاد خيال ماڻهو ان ۾ شامل ٿي ويا. ۽ عوامي ليگ ٿوري ئي وقت ۾ سموري پاڪستان ۾ عام طرح، اوپر بنگال مان خاص طرح، مسلم ليگ جا تڏا ويڙهي ڇڏيا. پوءِ به هي جماعت پنهنجو پڪو ۽ دائمي اثر صرف هڪ قوم بنگال ۾ قائم ڪري سگهي، جو ته بنگالي قوم باقي سموري

پاڪستان توڙي هندوستان مان سياسي طرح وڌيڪ باشعور ۽ اڳتي وڌيل هئي ۽ اتي قرلت بہ وڌيڪ هئي.

بنگال ۾ مقامي ماڻهو نہ وڏو زميندار هو ۽ نہ ئي وڏو سرمايہ دار ان ڪري اتي يا بنهہ غريب ماڻهو هو صدين تائين ڏڪار ۽ ٻوڏ جو ستايل يا وچولو ڪلاس، ذهين، سجاڳ، متحرڪ ۽ مستقبل ۾ جهاتيون پائيندڙ حقيقت ۾ اهو ڪلاس ئي عوامي ليگ جو دماغ هو. اتي جو دانشور جنهن جو قلم ايڪسري مشين وانگر هر شيءِ پنهنجي عوام اڳيان پڌري ڪري رکندو هو. بلڪل چٽي ۽ صاف، اهو دانشور عوامي ليگ جون اکيون هو. ۽ ست ڪروڙ بنگالي عوام عوامي ليگ جي ڏڙڪندر دل هئا. اهوئي سبب آهي جو عوامي ليگ وچولي ڪلاس جي جماعت بنجي ويئي. ان تي نہ اولهہ پاڪستان جو سيٽ قبضو ڪري سگهيو نڪو چوڌري نواب، خان ۽ پوتار ئي ان کي پنهنجي جاگير بنائي سگهيو. ان ڪري عوامي ليگ بنگالي قومي نجات واري جدوجهد ۾ اهو تاريخي ڪردار ادا ڪيو جيڪو ننڍي کنڊ ۾ ڪانگريس ۽ سموري دنيا ۾ قومي آزاديءَ جي تحريڪن ادا ڪيو آهي.

منهنجو خيال ۽ سوچ آهي تہ سموري دنيا ۾ قومي آزاديءَ جي تحريڪن توڙي قومي جمهوري انقلابن جي تحريڪ ۾ اهم اثرائتو ۽ فيصلہ ڪن ڪردار انهن پارٽين ادا ڪيو آهي، جن جي رهنمائي فڪر توڙي عملي طرح وچولي ڪلاس ڪئي آهي. وچولي ڪلاس جون پارٽيون جيڪي آئيني جدوجهد کان آهستي آهستي غير آئيني جدوجهد طرف وڌنديون آهن، سي نہ رڳو عوام جي سياسي تربيت، ڪين آزاديءَ جو شعور ۽ ظالمن جو جبر جو پرپور احسان ڏيارينديون آهن. پر ان سموري عمل ۾ هو پهرين قسم (Number One) جو سياسي ڪيڊر بہ پيدا ڪنديون آهن. اهي پارٽيون هڪ قسم جا ڪارخانا بنجي ويندیون آهن، سياسي ورڪرن ۽ سياسي ليڈرن جي پيدا ڪرڻ جا. ان جي پيٽ ۾ ايتري فعال ليڈرشپ ٻئي ڪنهن طريقي سان پيدا ٿيڻ ڏاڍي ڏکي هوندي آهي.

مٿي مون آئيني جدوجهد ۽ غير آئيني جدوجهد جا اصلاح استعمال ڪيا آهن. حقيقت ۾ اهي بہ اصلاح قابض ۽ حاڪم ڏر جا آهن. باقي قومي آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ جماعتن، گروهن ۽ ٽولن لاءِ ڪابہ شيءِ غير آئيني نہ هوندي آهي، سواءِ غير ملڪي ۽ غير قومي قبضي ۽ تسلط جي. ان قبضي

پرماريت ۾ تسلط کي جنهن ذريعي، وسيلي ۽ قدم سان ختم ڪري سگهجي ٿو سو غلام قوم لاءِ بلڪل آئيني ۽ پوتر آهي. پر وچولي ڪلاس جون آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ جماعتون ابتدا ۾ انهن ئي حدن ۾ وڌڻ ويجهڙ لڳنديون آهن، جدوجهد ڪندیون ۽ حق گهرنديون آهن. جن حدن جي موڪل قابض ڏرين طرفان مليل هوندي آهي، پوءِ آهستي آهستي انهن سرحدن ڏانهن وڌنديون آهن جتي آزاديءَ جي انڊلڪ جا رنگ هوندا آهن ۽ اهي سرحدون حاڪمن طرفان مقرر ڪيل حدن کان ٻاهر هونديون. تڏهن پوءِ ٻنهي جو ٽڪر شروع ٿي ويندو آهي. ان وقت غير آئيني جدوجهد جنم ونڊي جوين جا ڏاڪا چڙهڻ شروع ڪندي آهي. اها غير آئيني جدوجهد جنم ونڊي جوين جا ڏاڪا چڙهڻ شروع ڪندي آهي. اها غير آئيني جدوجهد ڪيڏي به ڏکوئي، ڪيڏي به موتمار ۽ تباهه ڪن ڇو نه ٿئي، پر وچولي ڪلاس جون اهي پارٽيون ۽ انهن جي ليڊرشپ ڏاڍي سورهيائي ۽ اورچائيءَ سان مقابلو ڪندي رهندي آهي، جنگ هلندي هو هر هٿيار استعمال ڪندي آهي. ڳالهيون، مذاڪرات، گول ميز ڪانفرنسون، سيڪجهه ٿيندو آهي، پر آزاديءَ تان دستبرداري قبول نه ڪنديون آهن. مون ڪٽي نه پڙهيو آهي ته آزاديءَ جي ويڙهه هلندي اهي پارٽيون آزاديءَ تان هٽ ڪٽي ويون هجن.

حقيقت ۾ وچولي ڪلاس جي موقعي پرستي ۽ مفاد پرستي انوقت ڪم ڪرڻ شروع ڪندي آهي، جڏهن ملڪ آزاد ٿي ويندو آهي ۽ قوم آزاديءَ جو جهنڊو غير ملڪي جهنڊي جي جاءِ والاريندو آهي. اهڙي وقت ۾ وچولي ڪلاس جي انهيءَ موقعي پرستيءَ کي ناڪام بنائڻ ۽ آزاديءَ جو حقيقي ڦل پوري عوام جي صحت لاءِ استعمال ڪرڻ جو طريقو اهو آهي ته آزاديءَ جي تحريڪ ۾ ڪيتري قدر نظرياتي طرح قوم جا حقيقي جان نثار ۽ سپوت، پٽ ۽ ڌيئرون اڳتي وڌي ٿا اچن. جيڪڏهن اهي آزاديءَ جي انهيءَ شاندار ۽ عظيم جدوجهد ۾ نهرو بنجي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿا ٿين ته پوءِ آزادي حقيقي آزاديءَ ڏانهن وڌندي ويندي، پر جيڪڏهن اهي ڪنهن خوندڪر مشتاق جي اڳتي اچڻ لاءِ جاءِ خالي ڇڏي وڃي ڪتابن جي فارمولن ۾ پناهه ٿا وٺن، يا پاشائيءَ وارو ڪردار ادا ڪن ٿا ته پوءِ ان آزاديءَ کي حقيقي آزاديءَ ڏانهن اڳتي وڌڻ ۾ بيپناهه رڪاوٽون سامهون ايندیون رهنديون.

عوامي ليگ جيئن ته وچولي ڪلاس جي پارٽي هئي. ۽ وچولي ڪلاس جي پارٽين ۾ جيڪي به خصوصيتون ۽ خاميون ٿين ٿيون، سي هن ۾ موجود هيون. هن آئيني جدوجهد کان پنهنجو سفر شروع ڪيو ۽ بلڪل آهستي آهستي غير محسوس ٽيندڙ طريقي سان غير آئيني سرحدن ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو. هن آئيني جدوجهد وسيلي انهن سڀني شين جو عوام کي احسان ڏياريو جيڪي شيون غير قومي قبضي جون لازمي خاصيتون هونديون آهن. قرلٽ جي لعنت جا ماريل جلوس، جبر ۽ تشدد جي سوئرن جون لوڏون.

عوامي ليگ جو 1966ع کان اڳ وارو ڪردار وچولي ڪلاس جي اهڙيءَ پارٽي وارو ڪردار هو جيڪا اليڪشن، نوڪرين وغيره جا مطالبا ڪندي رهندي آهي. جيئن اندين نيشنل ڪانگريس، مهاتما گانڌيءَ جي اڇڻ کان اڳ ۾ مطالبا ڪندي رهندي هئي ۽ قرار دادون پاس ڪندي رهندي هئي. پر جيئن اندين نيشنل ڪانگريس ورڪر ۽ ليڊر پيدا ڪرڻ وارو ڪارنامو سرانجام ڏيندي پئي آئي تيئن عوامي ليگ به مستقبل جي قومي آزاديءَ جي تحريڪ لاءِ بيشمار ڪارڪن ۽ شيخ مجيب الرحمان کان پوءِ تاج الدين، قمرالزمان ۽ نذرالاسلام جهڙا ٻي صف جا ليڊر پيدا ڪندي ٿي آئي.

وچولي ڪلاس جي پارٽين ۾ ليڊرشپ کي پارٽي جنم ڏيندي آهي. ان ڪري عوامي ليگ شيخ مجيب الرحمان کي وجود ڏنو. هو ڪو مٿان نازل ٿيل ليڊر نه. پر بنيادي طرح ورڪر کان اڳتي وڌي ليڊر ۽ رهنما ثابت ٿيو جيتوڻيڪ ابتدا کان ونڊي هو قومپرست ۽ احتجاجي طبيعت جو مالڪ هو.

جيئن چيو ويندو اهي ته جڏهن پاڪستان جي پهرئين گورنر جنرل ڊاڪا ۾ اردوءَ کي قومي زبان بنائڻ جو اظهار ڪيو ته مجيب الرحمان ايڏي وڏي قدآور شخصيت جي خلاف ڊاڪا ۾ هڪ مظاهري جي اڳواڻي ڪئي. يا سهرورديءَ جي حڪومت ۾ جڏهن ايئر فورس ۾ بنگالي نوجوان گهٽ ڪنيا ويا ته هن سهرورديءَ جي خلاف سخت احتجاج ڪيو. جنهن سهرورديءَ کي هو هميشه "بابا" چوندو هو.

انهيءَ ليڊر جي اڳواڻيءَ ۾ جڏهن عوامي ليگ غير آئيني جدوجهد ۾ قدم رکيو ته انهيءَ پارٽيءَ. جدوجهد ۽ قرباني‌ءَ جو لاثاني ۽ لافاني ڪارنامو سرانجام ڏنو. 9 مهينا وحشيانه قتلام جاري رهيو. رت، باهه، عصمت دريون،

قتل، عذاب ۽ عقوبت جا سڀ جديد ۽ قديم ذريعا استعمال ڪيا ويا. پر انهيءَ وچولي ڪلاس جي پارٽيءَ جو هڪ ماڻهو به قابض قوم خريد ڪري يا پنهنجي منزل کان ٽيڙي ۽ لوڏي نه سگهي، عذاب ۽ عقوبت جيئن وڌندا ويا تيئن عزم ۽ حوصلي ۾ پختگي ايندي ويئي.

جيئن جيئن تپي ڏينهن،
تيئن تيئن تاٽي پنڌ ڪي.

جديد دؤر جي هن سراج الدوله جي اڳوڻي ۽ ڏکڻ ايشيا جي هن صرف هڪ سياسي جماعت اهو ڪارنامون ڪري ڏيکاريو جو هن پرڳڻي جي تاريخ صدين کان اهڙيءَ شئي ان نموني نه ڪري سگهي ۽ نه ڪري سگهندي. پوءِ جڏهن قومي جهنڊو ڦڙڪڻ شروع ٿيو. بنگال آزاد ٿي ويو. عوامي ليگ آزاديءَ جي مجاهد بدران حڪمران هستي بنجي ويئي. ته پوءِ ان جون اهي سڀ ڪمزوريون ۽ خاميون ايري سامهو آيون جيڪي اهڙي قسم جي پارٽين ۾ هونديون آهن. عام ڪارڪن ۽ عام ماڻهو جنهنجي ايڏي نظرياتي تعليم نه هئي. سو ذاتي نفعي ۽ عهدن جي لالچ ۾ گرفتار ٿي ويو. هر نئين آزاد ٽيل ملڪ ۾ جيڪا وسيلن جي اٽاٽ ٽئي ٿي ان هيڪاري بيروزگاري ۽ ڪرپشن ۾ واڌارو ڪيو.

آزاديءَ جي ديوي بنگلاديش ۾ خونخوار ديو جي روپ ۾ ظاهر ٿي آئي. پارٽيءَ جي صفن ۾ حسد ۽ رقابت جون بيماريون وڌڻ لڳيون، ورڪر ۽ ليڊر ڀهراڙيءَ ۾ پارٽيءَ جي ڪم کي ڇڏي، گاديءَ واري هنڌ ڏانهن ڊوڙڻ لڳا. پراٽي بيروڪريسي ۽ فوج آهستي آهستي بنگلاديش جي آزاديءَ تي، پاڪستان، آمريڪا ۽ چين جي مدد سان راتاها هٿڻ جون تياريون ڪرڻ لڳي. شيخ صاحب جي چوڌاري وچين ڪلاس جا انتهائي رجعت پرست ۽ موقعي پرست گڏ ٿيڻ لڳا. مجيب الرحمان ٽن سالن جي مختصر مدت ۾ ايجان بنگالي بيواهن ۽ يتيمن جا ڳوڙها ئي اڳهڻ ۾ پورو هيو ته نه رڳو سندس گهر ۽ بنگلاديش جي ڪروڙها گهرن کي پر پوري دنيا جي وطن پرست ۽ قومي آزاديءَ جي مجاهدن جي گهرن کي رجعت پسند ماتم ڪده ۾ بدلائي ڇڏيو. اهڙيءَ ريت قومي آزاديءَ جي هن عظيم مجاهد جو حشر به عدنان مندريس، ڊاڪٽر مصمدف، لومبا ۽ سوئيڪارنو جهڙو ٿيو ۽ عوامي ليگ پنهنجن تنظيمي خامين، ڪمزورين جي ڪري پنهنجي ليڊر کي آزاديءَ جي صحيح

تعمير ڪرڻ لاءِ جسماني طرح بچائي نہ سگھي. نتيجي طور خود عوامي ليگ بہ اڄ فوجي حڪمران جي مقابلي ۾ مخالف بينچن تي ويٺي آهي.

شيخ صاحب ۽ عوامي ليگ کي ڪيندو هو تہ سڀ کان پهريان ان آرميءَ کي ٽوڙين ها، جنهن جي تربيت پهرين انگريز آرميءَ جي اصولن تي ٿي هئي ۽ پوءِ پاڪستان آرميءَ جو حصو بڻي هئي. اها پاڪستان آرمي جنهن کي ٿي پيرا پنهنجي ملڪ فتح ڪرڻ جو اعزاز حاصل هو. 1953ع 1958ع 1969ع ۾ بنگالي آرمي بهرحال انجو حصو هئي. انکي بہ اهي سبب مليا هئا. انکي بہ ملڪ ۾ مارشل لاڳو ڪرڻ جو ساڳيو تجربو ٿيل هو. انهيءَ ڪري انهيءَ آرميءَ جي ڪابہ ضرورت نہ هئي.

ٻئي نمبر تي مڪتي باهميءَ جي مجاهدن کان هٿيار وٺڻ بدران ان کي باقاعدي هڪ محافظ تنظيم ۾ تبديل ڪن ها ۽ ان جي ذريعي ئي ملڪي امن و امان جو مسئلو نبيرين ها. پراٽي بيرو ڪريسيءَ بدران بنيادي تبديليون پيدا ڪري نظام هلائڻ ۾ انقلابي ترقي پسند ڪارڪنن کي شريڪ ڪن ها، تہ جيئن انهن جو عوام سان ويجهو رابطو رهي ها. پر افسوس جو ائين نہ ٿي سگھيو ۽ پارٽيءَ سمجهيو تہ اسان آزاديءَ جي جنگ کٽي ورتي تہ سڀ ڪجهہ ٿي ويو. شيخ صاحب جو بنگالي آرميءَ تي حد کان وڌيڪ اعتماد پڻ سندس زوال جو سبب بنيو. مشهور سنڌي اديب موهن ڪلپنا لکيو آهي تہ "اندرا گانڌي کيس ٻڌايو تہ هن (اندرا) شيخ مجيب کي اڳواٽ چتاءِ ڏنو هيو تہ بنگالي فوج سندس تختو اونڌو ڪرڻ جو منصوبو ٺاهي ورتو آهي پر مجيب ان چتاءِ تي ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو تہ ڪو بنگالي فوج بہ سندس خلاف اهڙو قدم کٽي سگھي ٿي. جنهن آرميءَ کي هن ٽيهہ لک عوام جي قرباني ڏيئي پاڪستان کان آزادي ڏياري وڏا عهدا ماڻڻ جا موقعا موجود ڪري ڏنا آهن". سندس اهو حد کان وڌيڪ بنگالي فوج اعتماد کيس مهانگو پيو. ۽ بنگلاديش، آرميءَ جي قبضي هيٺ هليو ويو. جتان اڄ ڏينهن تائين نہ نڪري سگھيو آهي ۽ خبر ناهي اتي عوامي راڄ جي ڪبوتر جي نڙي ايجان ڪيترو وقت فوجي ديو جي قبضي ۾ رهندي. بنگلاديش تي فوج جي انهيءَ قبضي کي ڏسي هتي پاڪستان ۾ ڪافي ترقي پسند ڌريون بہ اهو چئي رهيون آهن تہ آزاد ٿيڻ سان بنگالين کي ڇا مليو. ۽ ٻين لفظن ۾ بنگال جو آزاد ٿيڻ وارو عمل غلط هو. اها پروپيگنڊا ساڃي ۽ ڪاهي ٻنهي ڌرين

طرفان ٿي رهي آهي. ڪاهي ڏر وارا اهو دليل ٿا ڏين ته اتي جي آزاديءَ جو ڦل عوام کي ڪونہ مليو ۽ ساڃي ڏر وارا چون ٿا ته بنگالي هتي وڌيڪ سُکيا هئا آزاد ٿيڻ جي پيٺ ۾.

حيرت رڳو انهيءَ ڳالهہ تي آهي ته فوجي قبضا ٽين دنيا جي گهٽو ڪري انهن سيني ملڪن ۾ ٿيا آهن جتي آزاديءَ جي ويڑهہ جي قيادت وچولي ڪلاس ڪئي ۽ آزاديءَ کان پوءِ اهي پارٽيون اقتدار ۾ آيون جن جو مزاج ذهن ۽ ضمير غير وچولي ڪلاس وارو هو. پر انهن ملڪن، مثال طور ترڪي، انڊونيشيا، گهانا، زائر، ليبيا وغيره جي آزاديءَ واري عمل کي ڪوبہ ڪاهي ڏر جو دانشور غلط نہ ٿو ڪوئي ته ڪو انهن ملڪن انگريزن، ڊچن، پورچوگيزن ۽ اٽالين کان آزادي وٺي غلطي ڪئي انهيءَ کان بهتر هو ته اهي ملڪ آقائن جي قبضي ۾ ئي رهن ها. ۽ ساڃي ڏر کان ڪو خدا جو بندو پڇي ته پوءِ پاڪستان جي باري ۾ ڇا خيال آهي. جتي خدا جي حڪم سان "مومنن" جي لاڏ پئي لڳي. پر اتي هنهي ڏرين کي سپ سونگهي ويندو. عوامي ليگ کي نہ رڳو جنگ آزاديءَ ۾ مصيبتن کي منهن ڏيڻو پيو پر آزاديءَ کان پوءِ نہ رڳو پنهنجي ليڊر کان سندس آل اولاد سميت محروم ٿي ۽ پوءِ اقتدار ته ويو پر هنجي لاءِ هڪ اهڙي اڻ کٽ جنگ جو سلسلو ويو ڏکهو ٿيندو. گوليون، قاسيون، ڪرائي جي غنڊن ۽ قاتلن هٿان قتل، عصمت دريون، فوجي ڪورٽن وسيلي ڳرا ڏنڊ جلسن جلوسن تي بندش، چندي چاڙيءَ تي بندش، ويندي ايتري حد تائين جو جيڪڏهن اها خبر سرڪار کي پئجي وڃي ته فلاٽي ماڻهو عوامي ليگ کي هيتري مدد ڪئي آهي ته اهو ماڻهو ڪاڪ ۾ مال ملڪيت ضبط اهڙي قسم جون ڪارروايون رڳو عوامي ليگ کي سياست مان ختم ڪرڻ لاءِ ڪيون ويون پر جڏهن انهن ڪارروائين سان بہ عوامي ليگ ختم نہ ٿي ته پوءِ فوجي درندن هڪ ئي ڏڪ سان عوامي ليگ جا چار چوٽيءَ جا ليڊر جيل ۾ قتل ڪري ڇڏيا. انهن ۾ اها اهم شخصيت بہ هئي جيڪا مجيب جي گرفتاريءَ وقت بنگلاديش جي آزاد حڪومت جي سربراهي ڪري رهي هئي. اها شخصيت هئي تاج الدين احمد جي. مجيب جي خاندان جي خاتمي کان پوءِ اهو ٻيو ڪاري وار هو جنهن سان عوامي ليگ کي ختم ڪرڻ لاءِ ليڊرن کان محروم ڪرڻ واري سڌا سِتي ويئي. اهو ڏڪ اهڙو هو جو عوامي ليگ جهڙي جماعت جو وري ايرڻ ۽ اسرڻ ناممڪن نظر پئي آيو. پر هي جماعت جنهن کي ويهن

سالن جي تاريخي پس منظر، بيشمار ڪارڪنن جو اٿاھ ۽ عوامي تائيد حاصل ھئا، سا ڪنھن نہ ڪنھن صورت ۾ اھو ڏڪ پچائي ويئي ۽ پنھنجي اثر کي ڪنھن حد تائين بنگالي قوم ۾ باقي رکي سگھي. جيتوڻيڪ قابض سامراج نواز ٽولن اڄ سوڏو ھن جماعت کي ھر طريقي سان اقتدار کان ٻاھر رکڻ ۽ آزاد بنگلاديش جي تعمير کان روکڻ جا سمي انتظام پئي ڪيا آھن ۽ صرف عوامي ليگ کي اقتدار کان ٻاھر رکڻ لاءِ ھن ملڪ جي ننڍڙي ڄمار ۾ چار ڀيرا ملٽريءَ کي اقتدار تي قبضو ڪرڻو پيو آھي. انھن سيني سختين جي باوجود، انھيءَ بار بار جي ملٽري آپريشن جي ھوندي بہ ھي جماعت اڄ بہ بنگلاديش جي مضبوط فعال ۽ وڏي ۾ وڏي پارٽي آھي ھوءَ اڄ بہ بنگلاديش جي عوامي جي حقيقي نمائندہ پارٽي آھي ۽ ھن ۾ وڏي پيماني تي ڪابہ گروھ بندي ناھي ٿي. اڄ ھن جماعت حقيقي طور سڃاتو آھي تہ بنگلاديش جي آرمي ھڪ اداري جي حيثيت ۾ بنگلاديش لاءِ فائديمند نہ پر نقصانڪار آھي، ان کي اھو ادارو ختم ٿيڻ گھرجي. اھي لفظ بنگلاديش عوامي ليگ جي سربراھ شيخ حسينہ واجد جا آھن. ۽ شايد ٽين دنيا جي مڊل ڪلاس جي پارٽين مان عوامي ليگ ئي اھڙي پارٽي آھي جنھن جي اڳواڻ انھن سوئرن جي لوڏ واري اداري جي پوري ريت خاتمي جو اعلان ڪيو آھي تہ جيڪو ادارو عوام جي ٽيڪس مان پگھار کٽي پلجي ۽ ھر وقت پنھنجي عوام کي فتح ڪرڻ جون رٿون تيار ڪندو رھي، اھو بحيثيت اداري ختم ٿيڻ گھرجي.

ھن وقت بنگلاديش ھڪ آزاد ملڪ جي حيثيت ۾ آھي. ان ڪري عوامي ليگ جي پاليسي تحريڪ ھلائڻ ۽ مزاحمت ڪرڻ جي اھا نہ آھي جيڪا پاڪستاني قبضي وقت ھئي اھو ئي سبب آھي جو ھن وقت عوامي ليگ آئيني ۽ قانوني حدن اندر اليڪشن ۾ حصو ونڊي رھي آھي ۽ حصو ورتو اٿس. ان سلسلي ۾ عوامي ليگ جي ليدر جو چوڻ آھي تہ منھنجي پارٽي 11 سالن کان ونڊي لڳاتار رستي تي ايجي ٽيشن ۾ رھي ۽ منھنجي ورڪر ايترو تہ سنو آھي جو ھن وقت ان کي ساھي کڻڻ ۽ آرام ڪرڻ جي ضرورت آھي. جھڙي طرح لڳاتار محنت سان ھڪ فرد ٽڪجي پوندو آھي، اھڙيءَ ريت ڪڏھن ڪڏھن قومون، جماعتون ۽ پارٽيون بہ ٽڪجي پونديون آھن. ان ڪري ڪين مورچنن مان ٻاھر ڪڍي عوام رواجي زندگيءَ ۾ آڻڻ جي ضرورت ھوندي آھي تہ جيئن اھي تازا توانا ٿي وري ميدان جنگ، ميدان

تحريڪ ۽ جدوجهد جي شاندار معرڪي ۾ لهي سگهن. ووٽن ۾ حصو وٺڻ جو ٻيو سبب اهو آهي ته حاڪم ڌر جي بدمعاشين ۽ ڪميٽپاين کان عوام ۽ عالمي راءِ کي واقف ڪري سگهجي ته فوجي ڊڪٽيٽر ڪهڙيءَ ريت بندوق، ڏنڊي ۽ ڦٽڪي جي برتري قائم رکڻ لاءِ عوام جي امنگن، خواهشن، محبتن ۽ نفرتن کي چٽين ۽ چيپاٽين ٿا. ۽ انهن کي عوام جي پلائي، قومي پلائي ۽ انسانيت جي ناقابل تبديل حقن ۽ واسطن سان ڪوبہ واسطو نہ آهي. اهو سبب پڻ آهي ته عوام جي همدردين، لاڙن، جوش ۽ جذبي جو اندازو لڳايو وڃي ته اهو ڪيتري حد تائين آزاديءَ جي ماءُ عوامي ليگ سان پنهنجا پاڻ وابسته سمجهي ٿو.

حقيقيت ۾ ڪنهن بہ جماعت سان عوام جي لڳاءُ جو ڪاٽو ڪرڻ جا وچولي ڪلاس جي جماعتن وٽ بہ تي رستا هوندا آهن. هڪ عام هڙتال جي اپيل ۽ ٻيو عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ. عوامي ليگ فوجي راج جي خلاف اهي ٻئي طريقا اختيار ڪري نہ رڳو ايشيا ۽ آفريڪا جي ماڻهن کي پر يورپ ۽ آمريڪا جي عوام ۽ فوجين جي سرپرست سامراجي حڪومتن تي پڻ ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته بنگلاديش ۾ عوامي ليگ واحد طاقتور جماعت آهي جنهن سان ئي اتي جي عوام اڃان تائين پنهنجون قسمتون واڳيل سمجهي ٿو ۽ انهيءَ جماعت وسيلي هو پنهنجي خوبصورت خوابن جي سدا ملوڪ تعبير ٿيندي محسوس ڪري ٿو. اهوئي سبب آهي جو منهنجي خيال ۾ ٽين دنيا ۾ جتي جتي بہ عوامي محبتن جي قلواريءَ کي فوجي آمرن جي بوٽن هيٺان چيپاٽيو پيو وڃي انهن سيني ملڪن ۽ قومن جي جماعتن ۾ عوامي ليگ سيني کان طاقتور، منظم، همه گير ۽ جدوجهد ۾ ثابت قدم رهڻ واري جماعت ۽ تحريڪ آهي جنهن فوجي اداري کي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ جنهن فوجي جنرلن کي ذهني ۽ اعصابي طرح مڪمل شڪست ڪاڏل بنائي ڇڏيو آهي. انهيءَ جو واحد سبب آهي ته هيءَ جماعت وچولي طبقي جي جماعت آهي، جنهن سان ڪروڙن جي تعداد ۾ غريب ڪارڪن، مزدور، هاري ۽ شاگرد دانشور ۽ نندو واپاري گڏ آهي. ۽ انهن سيني جا خواب اڌورا رهجي ويا آهن ۽ انهن کي آزاديءَ جو اهو قل نہ مليو آهي جنهن لاءِ هو آزاديءَ جي خونخوار ۽ چتي ويڑهه وڙهيو هو. چو ته فوجي حڪومت جتي ڪٿي سرمايدارن جي نمائندگي ڪندي آهي.

مجيب الرحمان جو ورثو

عام طرح جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي ورثي جو ذڪر ڪيو ويندو آهي تہ ان ۾ سندس اهل اولاد، موڙي، مال ملڪيت، زمينن ۽ جائداد کي ڳڻيو ويندو آهي ۽ پوءِ انهيءَ حساب سان ان کي بدنصيب يا خوش قسمت جا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويندا آهن. اهو قانون انهن سڀني اميرن توڙي غريب ماڻهن سان لاڳو آهي جيڪي زندگيءَ جو مقصد انفرادي تصور ڪندا هجن ۽ صرف انفرادي زندگي خوشحاليءَ سان گذارڻ چاهيندا هجن. پر دنيا ۾ اهڙا هزارين ۽ لکين ماڻهو ٿيا آهن ۽ ٿيندا رهندا. جن زندگيءَ جو مقصد ڪنهن اچي اعليٰ ۽ عظيم آدرش جي حاصلات کي بنايو ان لاءِ جدوجهد ڪيائون، ڪي اهو ادرش ماڻي ويا تہ ڪي انهيءَ راهہ ۾ اجل جو شڪار ٿي ويا. اهڙن انسانن ۾ اديب، شاعر، فلاسفر، سائنسدان، سماجي سڌارڪ ۽ سياستدان اچي ٿا وڃن، جن کي جلاوطن ڪيو ويو قاسيءَ چاڙهيو ويو تيل ڪڙاهيءَ ۾ ڪاڙهيو ويو گهاٽن ۽ پيڙيو ويو. جيئري کلون لاهرايون ويون. ڪتن، چيتن ۽ شينهن جي کاج بنايو ويو. آل، اولاد سوڌو قتل ڪرائي مٽن گهوڙا ڊوڙايا ويا. اهڙن ماڻهن جو ورثو انساني قافلي جي عام انسانن کان الڳ ڌار ۽ نرالو ٿيندو آهي، جيڪو غير فاني، دائمي اثر رکندڙ ۽ انسانيت جي ڪيترن ايندڙ نسلن لاءِ روشني ۽ رهنمائيءَ جو ڪارڻ بڻبو آهي. سقراط، عيسيٰ، فارابي، ابن سينيٰ، فردوسي، ابوالعليٰ معريٰ، ماڪ، ابو حنيفہ، ڪالي داس، منصور، سرمد، شاهہ عنايت، لطيف، مارڪس، لينن، گانڌي، مائو ۽ مجيب الرحمان جي ورثي جي ذڪر ۾ مال ملڪيت ڳڻڻ ئي حماقت آهي. انهن جو جيڪو بہ سرمايو آهي سو آهي سندن فڪر جي روشني، سندن جدوجهد، سندن تخليقون، سندن خدمتون، قومي ملڪن ۽ انسانيت لاءِ، جيڪي دائمي آهن، ديرپا آهن ۽ سدائين تاريخ جون محرڪ قوتون ٿي رهنديون.

(1) شيخ مجيب الرحمان جو سڀ کان وڏو ورثو آهي. بنگالي قوم کي غلاميءَ جي دشمن، منظمر۽ فعال قوم بنائڻ، منجهائن خوف، بزدلي، لالچ ۽ ذلت وارا لاڙا تڙي ڪيڻ. بُک ۽ بيروزگاري، ڪمزوري ۽ ٻانهپ جي خلاف سورهيائيءَ سان جدوجهد ڪرڻ ۽ پنهنجي شاندار جياپي لاءِ ايڏي بلنديءَ واري جدوجهد ڪرڻ جو ان واٽ ۾ مال ملڪيت، جان ۽ عصمت لٽائڻ جي ڪابه پرواهه نه ڪرڻ، اها بنگالي قوم جنهنجي ڪامٽي هڪ روپيه تي پاڪستاني واپاري، دانشور، آفيسر ۽ فوجي سولجر کي پنهنجو جسم آڇيندي هئي. جتي اوير جي چانورن تي بنگالي ٻار پاڻ ۾ وڙهندا هئا، جتي هڪ نوڪر جي پگهار ۾ چار بنگالي ڪمائڻ لاءِ منٽون ڪندا هئا ۽ جتي ڊبل روٽيءَ جي ٽڪري لاءِ هڪ بنگالي عورت سڄو ڏينهن پنجابين جا ڪپڙا ڏوئيندي هئي، مجيب ان صدين جي پيڙيل نپوڙيل قوم کي هڪ نئين نڪور، بهادر ۽ دشمن جي اکين ۾ اکيون وجهي ڳالهائيندڙ قوم بنايو. جنهن تمام مختصر وقت ۾ دنيا جي بي مثال جنگ وڙهي آزادي حاصل ڪئي.

(2) ٻيو نمبر شيخ صاحب مجيب الرحمان جي ميراث آهي آزاد بنگلاديش جو وجود ۽ قيام، بنگال، جنهن 1757ع ۾ سراج الدولہ جي شهادت سان پنهنجي شاندار آزادي وڃائي هئي، جنهن جي کيتن ۽ چيٽن تي غير ملڪي قبضو ۽ تسلط قائم ٿي ويو هو جنهن جي صنعت ۽ اقتصاديات کي تباهه ڪيو ويو هو. جنهن جي ڪاريگرن جا هٿ وڍايا ويا هئا ۽ ململ جي ڪارخانن کي باهيون ڏنيون ويون هيون ۽ انهن جي واپسيءَ لاءِ ٻن سو سالن کان بنگال جي هزارها پٽن ۽ ڏيئن لونءِ ڪانڊارينڊڙ قربانيون ڏنيون هيون، رت ۽ ٻاهه جي راند کيڏي هئي. گنگا ۽ ميگهنا جي ٻيلن ۾ آزاديءَ جي ويڑهه وڙهندي پنهنجون عمريون ڏنيون هيون پر آزاديءَ جو صبح ڏسي نه سگهيا هئا. جنهن آزاديءَ لاءِ نذرل ۽ ٽيگور جا گيت مدتن تائين فضائن ۾ لهرون پيدا ڪندا رهيا هئا. اها آزادي مجيب الرحمان وٽي ڏيکاري ۽ بنگال جي آزاد جهنڊي کي هن اقوام متحده ۾ پهچايو. جڙ بنگال جي سرزمين جا صبح ۽ سانجهيون، سٽيءَ جي کيتن جي سرهاڻ ۽ سونهن، ڪنوارن گيتن جا ٻول ۽ رنگ رتول، مانجهين جا راڳ ۽ روپ، سارين جي فصل جي ساوڪ ۽ لوڻ، محبتن جا رسما ۽ سرچاءَ، چانبوڪين ۾ ڏڪندڙ دلين جا جذبا ۽ احساس، زندگيءَ جون پيڙائون ۽ پريتون، هارين جي پگهر

هاٽن جسمن جا ٻل ۽ گھنج، مزدورن جي دونهاٽيل جشن جا عذاب ۽ اذيتون، آزاديءَ جي ڪبوترن جا ڦٽيل جسم ۽ رت ڀاڙيندڙ پر، صدين کان جنهن سرهي سمي ۽ جنهن سور ويڑ لاءِ واجهائي رهيا هئا. سو اڄي ويو ۽ اهڙي شان سان آيو جو بنگال جي سرزمين تي آزاديءَ جي سج جو ٽالهه پنهنجن هٿن ۾ ڪنيو آيو. غلامي ۽ ڪوجهائپ جي ڏائڻ دانهون ۽ ڪيڪون ڪندي زنجيرن ۾ جڪڑجي، غلام بنائيندڙ ڪوجهن ماڻهن ڏانهن پڄي ويئي. مسرتن ۽ محبتن جا ڪيئي گل ٽڙي پيا. پيار ۽ پنهنجائپ جا ڪيئي ڪنول ڪڙي پيا. اهو شيخ مجيب الرحمان جو روحاني ۽ ثقافتي ورثو اهڙو آهي جنهن کي نه رڳو سندس قوم پر پوري دنيا ۾ آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ ۽ سوچيندڙ قومون ساهه سان سانڍيندیون ۽ ان جو دل جي سچاين سان قدر ڪنديون.

(3) قومي آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ سموري دنيا جي قومن لاءِ شيخ مجيب الرحمان جو ورثو ۽ پيغام آهي سندس شاندار سورهيائيءَ واري عالمي سامراج ۽ ان جي پٺن سان مزاحمت، مقابلي ۽ دشمنيءَ وارو سدا چمڪندڙ ڪردار پنهنجي قوم سان پيار، پنهنجي ڌرتيءَ سان محبت ۽ ان جي آزاديءَ لاءِ ٻي ڊپائي ۽ بهادريءَ سان جدوجهد ڪرڻ، دنيا جي تاريخ ۾ اسان جي دؤر جو هي انسان ٿئي ٿو محسوس ٿئي ته رڳ جي دماغ ۽ ماڪ جهڙي دل وارو ماڻهو هو. هن جي هڪ پاسي عذاب ۽ اذيت جا ٽياس هئا. ڦاسيءَ جو تختو هو. سامهون کوٽيل قبر هئي، اگهاڙي جسم سان برف جي نادين تي ليٽيل هو ته ٻئي پاسي حاڪم قوم جي حسينائن جون مرڪون، سنگ مرمر جهڙا جسم، دولت ۽ عياشيءَ جا سمورا سامان هئا. پر هن چيو "سڀ ڪجهه جهنم ۾ وجهو. مون کي ماري چڏيو پر آئون آخري مطالبو اهو ٿو ڪريان ته مون کي مارڻ کان پوءِ منهنجو لاش بنگال جي سرزمين ۾ پورجو." شايد هن آقائن جي سرزمين تي پورجڻ پسند نه ٿي ڪيو ته ان ۾ سندس مڙهه کي قرار نه اڄي ها يا شايد هن آزاديءَ جي سورمي کنهن ڌارئي ملڪ جي سرزمين پنهنجي قبر لاءِ به غصب ڪرڻ نه ٿي چاهي. چو ته غلاميءَ تي راضي يا کنهن کي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڑڻ هن جي مذهب جي ئي خلاف هو.

پيپلز پارٽي:

هيءَ پارٽي هڪ شخص جي پيدا ڪيل هئي. هن پارٽيءَ اقتدار ۾ اچڻ کان اڳ ۾ ڪابہ ڏکھي جدوجهد نہ ڪئي هئي، ۽ نہ ئي وري عوامي ليگ وانگر ڏکھي سفر جي ذريعي، هن پنهنجي ڪا ليڊرشپ ئي پيدا ڪئي هئي. اهوئي سبب آهي جو هن پارٽيءَ کي جڏهن جناب پٽي جنم ڏنو تڏهن هن ۾ جيڪي بہ شخص شامل ٿيا يا اڳتي هلي شريڪ ٿيندا ويا، سي سڀ گهٽو ڪري اهڙا هئا جيڪي پنهنجي پنهنجي حلقي مان اڳيئي ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان اليڪشن ۾ پيا چونڊبا هئا ۽ پارٽيءَ جو باني خود سنڌ جي هڪ مشهور جاگيردار، نواب ۽ سر جو پٽ هو ۽ ڪافي وقت اقتدار ۾ رهي چڪو هو. ان ڪري هن پارٽيءَ، نعرا جيتوڻيڪ ترقي پسند ڏنا، پر سندس مزاج، ڏانچو تعمير ۾ عهديدارن جي حيثيت ڏسي چئي سگهجي ٿو تہ هيءَ پارٽي جاگيردارن ۽ وڏيرن جي پارٽي هئي. جڏهن آڻون هي لکي رهيو آهيان تہ هيءَ پارٽي جاگيردارن ۽ وڏيرن جي پارٽي هئي تہ ان وقت سمجهڻ گهرجي تہ هن پارٽيءَ ۾ 1947ع کان اڳ وارا وڏيرا نہ پر 1970ع وارا وڏيرا هئا. ۽ 1970ع ۾ سنڌ اندر اهي وڏيرا سنڌي قوم جي اڳواڻي ڪري رهيا هئا جيڪي آڪسفورڊ ۽ ڪئمبرج يونيورسٽين جا پڙهيل هئا ۽ جيڪي دنيا جي تمام گهٽي سياسي ڄاڻ ۽ علم وارا هئا ۽ جن جي سامهون ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي انقلابي جدوجهد، جمهوري تحريڪون ۽ آزاديءَ جون جنگيون گذريون هيون. ان ڪري هنن پنهنجي رجعت پسندانہ طريقن کي اختيار ڪيو. انهن نعرن ۽ طريقن جي آڌار تي هنن پنهنجي قوم جي قومي حقن کان مڪمل انڪار تي ڪيو. عوام جي سامهون ڪوبہ واضح آئيني خاڪو نہ ٿي رکيو ۽ سماجي جوڙجڪ جو ڪو ڇڻو تصور پيش نہ ٿي ڪيو.

سنڌ ۽ پنجاب جي سمورن وڏيرن پنهنجو ظالمانہ ۽ ارهہ زورائيءَ وارو صديون پراڻو نظام نہ رڳو هن پارٽيءَ ذريعي بچندو ٿي ڏنو پر پاڻ وڌيڪ مضبوط ۽ سگهارو ٿيندو ٿي ڏٺو. انڪري اهي فوج در فوج آل اولاد سميت هن پارٽيءَ ۾ شامل ٿيندا ويا، ۽ پارٽيءَ جي سموري ڏانچي تي قبضو ڪري ورتائون.

جيئن تہ هيءَ پارٽي ڪنهن ڏکھي جدوجهد وسيلي اڳتي نہ آئي ۽ صرف هڪ شخص جي پيداوار هئي، اهو شخص خود بہ سياست جي مٿانهين منزل تي ڪنهن ڏکھي سياسي تربيت، جيلن، قيدن، ٻُک هڙتال،

مظاهرن ۽ جلوسن ذريعي نہ پھتو هو. پر ايشيا جي هڪ بدترين آمريت جي پيداوار ۽ آمر جي خوشامد جي ڪرشمئه سازيءَ جو نتيجو هو. ان ڪري هو نہ پارٽيءَ وٽ جوابدار هو ۽ نہ ئي هن پارٽيءَ ۾ ليڊرشپ جي ڪو ڪيڊر تيار ڪرڻ مناسب سمجهيو ٿي. هن پارٽيءَ جي هر ڪارڪن ۾ اها توقع ٿي رکي تہ اهو سندس ذات جو وفادار هجي ۽ سندس ئي گُڻ ڳائيندو رهي ۽ رڳو وٽس ئي جوابدار هجي. ظاهر ڳالهہ آهي تہ اهڙي قسم جي پارٽي ئي پنجاب جي چوڌري ۽ سنڌ جي وڏيري جي مزاج مطابق ٿي سگهي ٿي. انهيءَ سان گڏ اهو پراڻو هاري ورڪر، سماجي ورڪر، ۽ مزدور ليڊر بہ هن پارٽيءَ ۾ ڏڙا ڏڙا اچڻ لڳو. جيڪو گهٽو وقت اڳ ۾ ئي همت ۽ حوصلو هاري ويٺو هو ۽ هاڻ جنهن جو ڪم رڳو گاريون ڏيڻ، وڏيرن کي بليڪ ميل ڪرڻ ۽ ڳاڙهن ٻوٽن تي مارڪسزم جو مصالحو هرڪڻ وڃي رهيو هو. انهيءَ سان گڏ هن پارٽيءَ کي ملٽري آفيسر شاهي، مغربي سراغ رسان ادارن ۽ هٿيارن جي سوداگرن جي ڀرپور تائيد ۽ پٺيرائي حاصل هئي، جيڪي هن علائقي ۾ پنهنجي دائمي مفادن جي حفاظت ڪرڻ جا خواهشمند هئا.

اهوئي سبب آهي جو وڏيرن جي پارٽيءَ ۾ جيڪي خاصيتون هڻڻ گهرجن، سي سڀ هن پارٽيءَ ۾ موجود هيون ۽ آهن. مثال طور جنهن وقت هيءَ پارٽي تخليق ٿي ماڻهن جي سامهون آئي، ان وقت هن علائقي ۾ قومن جي وجود تي منڊيئڙو ڦريل هو. قانوني طرح هرڪنهن ماڻهوءَ کي سنڌ، پنجابي، پٺاڻ ۽ بلوچ سڏائڻ ۽ لکڻ جي حق کان محروم ڪيو ويو هو. هولي، تهذيب، تاريخي هيرن ۽ مادي وسيلن تي قومن جو ڪوبہ حق نہ هو. اهي سڀ شيون مرڪز نالي هڪ ڏائڻ ۽ الاهي غيبات هڙپ ڪيو ويٺي هئي. پر هن پارٽيءَ نہ رڳو پٺاڻن ۽ هروچن جي حقن کان انڪار ٿي ڪيو پر سنڌي ليڊر جي پاڇي ۾ پلجندر هن چنڊال خوبصورت لفظن، ادائن، اشارن ۽ مُرڪن وسيلي سنڌي قوم کي موهت ٿي ڪيو ۽ قومي حقن کان پوريءَ ريت غداري ڪندي ٿي رهي. هن وٽ قوم، زبان، تهذيب ۽ قومن جا مالي ۽ مادي وسيلا ڪجهہ بہ نہ هئا. هن پارٽيءَ بہ رڳو پاڪستان جو لفظ ٿي اچاريو ۽ غريب غريب جو نعرو ۽ انهن ٻنهي نعرن جي چيڊ ڪرڻ جي ڪنهن کي بہ اجازت نہ هئي. ۽ جنهن ۾ انهن مسئلن تي ڳالهائڻ چاهيو ٿي، سو عوام دشمن ۽ رجعت پسند هو.

ايڏي مهر سان رجعت پسند ۽ بدبودار چيٽي جهڙي سرشتي ۽ ڪرفتيءَ جهڙن ارادن تي چاندي جا ورق ۽ سينٽ هنيو ويو. جو اهي بلڪل اهڙا دلڪش نظر اچڻ لڳا جهڙا وڏيرن جا جسم ۽ لباس هوندا آهن. جيتوڻيڪ انهن جي اندر ڪارا، مڪر ۽ فريب ڪاريءَ جا اڏا هوندا آهن.

اجهو انهيءَ طريقي سان هيءَ پارٽي عوام کي گمراهه ۽ ڪندي رهي ۽ قومي حقن ۽ اختيارن سان غداري ۽ ڪندي رهي. وڏيرا شاهيءَ تي ٻڌل پارٽيءَ جي اها خصوصيت هوندي آهي. جو ته وڏيري لاءِ اداري، تنظيم، قوم ۽ ماڻهن سان وفاداري يا جوابداري ڏاڍي ڏکي ڳالهه آهي. جڏهن ته هڪ فرد سان وفاداري، جي حضوري، چمچاگيري ۽ ان وٽ جوابدار رهڻ، هن لاءِ تمام سولو آسان ۽ ان جي دل وٽان آهي. اِهوئي ڪارڻ آهي جو نه رڳو پارٽيءَ جي اندر هڪ بدترين آمريت ۽ آپيشاهيءَ جنم ورتو پر پوري ملڪ تي هڪ قسم جي وحشيانه ۽ بي رحم آمريت مسلط ٿي ويئي. عوام ڏانهن پارٽي ۽ ان جي اڳواڻن جو لاڙو فاتح حڪمرانن کان وڌيڪ جارحانه ۽ ڪٺورتا سان پريل ٽيندو ويو ۽ ماڻهو وڏيرن، آفيسرشاهيءَ ۽ آرميءَ جي ڏاڍ جي گهاٽي ۾ پيڙجڻ لڳا. وڏيراشاهيءَ واري سماج جي هڪ خاصيت اها ۽ آهي ته اهو نه رڳو طاقت ۽ تشدد وسيلي ماڻهن کي چيپاتيندو آهي، پر باضمير ماڻهن کي ذليل خوار ڪري، انهن جي عزت نفس کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

اهو سڀ ڪجهه پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت ۾ ڪليل طريقي سان ۽ فخريه انداز ۾ ٽيندو هو. سياسي ماڻهن جي وات تي ڪرفتيءَ جا ٽوڪرا ٻڌڻ، سياسي ليڈرن سان بدفعليون ڪرائڻ، ورڪرن جي مائٽن کي عورتن سميت ٽاڻڻ تي گهرائي بند ڪرڻ، عورتن جي شلوارن ۾ ڪٽا ۽ سانڍا وجهڻ، ڪارڪنن جا ڪارا منهن ڪري، گڏهن تي ويهاري، شهرن ۾ گشت ڪرائڻ وغيره. پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت جا عام مشغلا هئا.

اِهي اُهي ساڳيا طريقا آهن، جيڪي سنڌ ۾ بدترين جاگيرداري دؤر جي فاتحن، ارغونن، ترخانن ۽ مغلن سنڌي قوم سان اختيار ڪيا هئا ته جيئن عوام جي عزت نفس کي ايترو ختم ڪيو وڃي، جو اهو حاڪمن جي خلاف ڪابه سرڪشي نه ڪري سگهي ۽ اهوئي ساڳيو مقصد پيپلز پارٽيءَ جي وڏيرن جو هو. جيڪي نه رڳو پارٽيءَ جي عهدن تي قابض هئا پر وزارتن ۽ اسيمبليءَ جي ميمبرين، گورنرين ۽ ٻين بااختيار عهدن تي قابض ٿي وينا

هئا. اهي پارٽيءَ، حڪومت ۽ ملڪ جي عهدن تي ويٺل سنڌ جا ليڊر پوريءَ ريت جمهوريت جا ابن ڏاڏن ۽ پڑ ڏاڏن کان وٺي دشمن هئا. انهن پارٽيءَ ۾ ۽ پٺ حڪومت ۾ شامل هر شخص، مخلص ۽ اهوجهه ڪارڪن کي ڪرپٽ بنائڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو. ۽ جن به ماٺهن ظلم، بدمعاشي ۽ ڪرپشن جي لعنت جي انهيءَ طويل جلوس ۾ شامل ٿيڻ کان نابري واري، ڪاري کي اڇو چوڻ کان انڪار ڪيو تن کي يا ته گوليءَ جو بک بنايو يا عزت نفس کان محروم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. انهن حربن جي باوجود جن ڪنڊ جهڪائڻ کان انڪار ڪيو جن به پيشانين اقتدار جي چائنڪ تي شڪراني جو سجدو ڪرڻ پنهنجي لاءِ، پنهنجي قوم لاءِ، سياسي ڪردار لاءِ، هاجيڪار ۽ آپ گهات ڪرڻ برابر سمجهيو تن لاءِ انڌار پونرن جا دروازا کوليا ويا. ججن جا قلم روڪيا ويا ۽ پوليس جي ڏنڊي کي چوٽ چڏيو ويو. اسيمبليءَ کان وٺي عدالت تائين عربيءَ جي هن قول جو پڙاڏو گونجڻ لڳو ته "انا ولا وغيري" يعني "مون کان سواءِ ڪوبه نه!" پارٽيءَ جو ليڊر هميشه اهو چوندو هو ته "مون هي ڪيو مون هو ڪيو!" هيءَ پارٽي جيڪڏهن چگي آهي ته ان جو واحد سبب اهو آهي جو ان کي هڪ غير معمولي ماٺهوءِ جنم ڏنو آهي. نه انڪري ته هي پارٽي سڀني آهي ان ڪري ان مان هڙين خوبين وارو ليڊر پيدا ٿيو آهي ۽ عام ورڪر جيڪو جمهوري تربيت ۽ جدوجهد کان سواءِ ڪورو هو سو به پارٽيءَ جي ڳالهه ڪرڻ بدران سدائين سنڌس ليڊر جا ڪارناما ڳٽائيندو هو. جيڪو ورڪر جي نظر ۾ ڪائنات جي وجود ۾ اچڻ کان هن وقت تائين صرف اهو هڪڙوئي اهڙين خوبين وارو پيدا ٿيو آهي.

نتيجي طور ماٺهو قوم ۽ پارٽي سڀ پس منظر ۾ هليا ويا. صرف ليڊر اڪيلو اخبارن جي صفحن ۽ ٽيليويزن جي اسڪرين تي رهجي ويو. آخر ايڏن دل ڪش جمهوري نعرن جي باوجود ائين ڇو پئي ٿيو؟ ايڏي جمهوريت دشمني ۽ ايڏي عوام بيزاري ڪيئن پيدا ٿي؟ ايڏو پارٽيءَ سان ڇو هاجو ڪيو ويو جنهن پارٽيءَ سان سياسي طرح يتيم عوام پنهنجيون صدين جون خواهشون لاڳو ڪيون هيون؟ ان جو واحد ۽ اڪيلو سبب هي آهي ته مارڪسزم جي اصطلاح ۾ جمهوريت جو مطلب آهي جاگيرداري ۽ وڏيرا شاهيءَ جو انڪار ٿيڻ. انهن جي سياسي طاقت کي ٽوڙڻ ۽ سماجي طرح انهن کي پوئتي ڪرڻ ته جيئن اهي سياسي طاقت کي ٽوڙڻ ۽ سماجي طرح انهن کي پوئتي ڪرڻ ته جيئن اهي سياسي، مالي ۽ سماجي مرتبي، طاقت ۽

حيثيت جو فائدو وٺي، عوام جا حق غضب نہ ڪن ۽ ماڻهن جي ڪنڌن تي سوار ٿي، انهن کي انساني حقن کان وانجهيل رکي، باوقار جياپي جون راهون بند ڪري، کين غلام محڪوم ڪن. کين زبان کولڻ جي اجازت نہ ڏين ۽ سياست مان پوريءَ ريت ماڻهن کي بيدخل ڪري ڇڏين". مارڪس اهو تجزيو مغربي جمهوريت لاءِ ڏنو هو، چو ته اها جاگيردار وڏيري ۽ ڪليسا جو اثر ختم ڪري وجود ۾ آئي هئي ۽ جتي به وڏيري جاگيردار ۽ ڪليسا (مذهب) جو اثر پرپور طريقي سان موجود هوندو ۽ جيڪو ماڻهو پارٽي ۽ نظريي دان انهن جي پاڇي ۽ جمهوريت هلائڻ ٿو چاهي، سو حقيقت ۾ ماڻهن سان غداري ۽ دوکو ٿو ڪري. اهو ئي سبب آهي جو يورپ توڙي آمريڪا ۾ جاگيردار جي سياست ۾ اثر کي ختم ڪرڻ سان گڏ ڪليسا کي به سياست مان بيدخل ڪيو ويو آهي. هندوستان ۾ جمهوري سرشتي جي زنده رهڻ جا ڪارڻ به اهي آهن ته هنن جاگيرداري ختم ڪئي ۽ انهيءَ سان گڏ سياست ۽ ملڪي معاملن ۾ مندر ۽ مسجد جي بيدخليءَ جا به قانون ۽ قاعدا ناهي ڇڏيائون. انهن جي پيٺ ۾ جتي به سياست ۾ جاگيرداري ۽ مذهب جي مداخلت آهي، اتي جمهوريت هڪ اهڙي خوبصورت خواب وانگر آهي، جنهن پنهنجي ڪابه تعبير نہ ٿي سگهي هجي.

پيپلز پارٽيءَ جيتوڻيڪ جمهوريت جي دعويٰ ٿي ڪئي، پر هن جي سموري ڏانچي تي اوطاق ۽ اوتارو قبضو جمايو ويٺا هئا. پارٽي پوريءَ ريت جاگيردار ۽ وڏيري جي چنبي ۾ هئي، جنهن جي هٿ ۾ عليءَ جي تلوار هئي ۽ اهڙيءَ مقدس تلوار جڏهن جاگيردار جي هٿ ۾ هجي ته اهو جاگيردار ۽ اها پارٽي، جمهوريت جا وڏا ويري ثابت ٿيندا آهن. ۽ اها پارٽي سنڌ عورت وانگر هوندي آهي، جنهن مان ڪوبه ليڈر پيدا نہ ٿو ٿي سگهي. اهو ثبوت پيش ڪرڻ جي ڪابه ضرورت ناهي ته پيپلز پارٽيءَ جي قيادت يا حڪومت تي مڪمل وڏيرن جو قبضو هو. انهيءَ لاءِ اوهان کي 1970ع توڙي 1977ع ۾ پارٽيءَ جي اسيمبلي ميمبرن ۽ وزيرن جا نالا ئي ڪافي ثبوت موجود ڪري ڏيندا ۽ وڌيڪ ڪنهن گهٽي ڪوجنا ۽ مٽي ڪٽ جي ضرورت نہ رهندي. انهيءَ جو نتيجو ڪهڙو نڪرڻو هو. اهوئي ته ملڪ مان جمهوريت جو لاش، جيڪو پاڪستان ٺهڻ شرط ئي لاش هو سو پٽي صاحب جي لاش سان گڏ دفن ٿي ويو هميشہ هميشہ لاءِ!

هيءَ پارٽي جيئن ته وڏيرا شاهيءَ جي پارٽي هئي، جنهن کي جدجهد جا کي به مثبت بنياد نه هڻا ۽ اڄ جي دؤر ۾ جدوجهد جا مثبت بنياد صرف ٻه آهن.(1) نيشنلزم(2) سوشلزم. هن پارٽيءَ وٽ سنڌي، بلوچ، پختون ۽ بنگالي نيشنلزم لاءِ کابه گنجائش نه هئي ۽ نه رهڻو ان وقت انهن شين جي گنجائش نه هئي پر اها انهن جي سخت دشمن پڻ هئي. ۽ هن ميدان ۾ ئي ان لاءِ لاٿو ويو هو ته جيئن اها قوم پرست طاقتن کي ختم ڪري "قوم پرستي" جيئن ته سياسي سائنس ۾ چئبو ئي "سامراجيت جي مختلف شڪلين ۽ صورتن جي خاتمي لاءِ ٽيندڙ جدوجهد" کي آهي. ۽ هيءَ پارٽي جيئن ته قوم پرستيءَ جي خلاف هئي، ان ڪري هي لازمي طرح نه رهڻو هن علائقي ۾ پر عالمي سطح تي سامراجيت نواز ۽ رجعت پسند ڪئمپ جي طرفدار هئي. شاهه ايران ۽ شاهه فيصل هن جا سرپرست هئا. آمريڪا مان آيل هدايتون هتان ئي ورهائبيون هيون.

ڪنهن به جدوجهد جو ٻيو مثبت بنياد آهي، سماجي انصاف، بالادست ۽ سرنديءَ وارن ٽولن جو زور ٽوڙڻ. اهو نقطو جيتوڻيڪ پارٽيءَ جي پروگرام ۾ شامل هو. پر پوءِ ته رياستن جا سيپ وسيلا اچي ويا وڏيرن جي هٿ ۾ ۽ مٿان، اسلامي سوشلزم تيار ٿي اچي نازل ٿي ۽ مذهب کي سياست ۾ سائنسي نموني سان داخل ڪري، جدوجهد جي انهيءَ بنياد کي به ضايع ڪيو ويو ۽ پوري ريت شاهه فيصل جي هٿ تي بيعت ڪئي ويئي ۽ سماجي ڏانچي جي باري ۾ هيڪاري وڌيڪ مونجهارا پيدا ڪري زندگيءَ جي نظام کي پرستش ۽ پوڄا لائق بنايو ويو. پوڄا جيڪا رب العالمين کان شروع ٿي اچي پارٽي جي وزير تي پهتي ٿي. دولت جي پوڄا، پرمنٽ جي پوڄا، عهدي جي پوڄا، سامراج جي پوڄا، طاقتور جي پوڄا، فوجي ڏنڊي جي پوڄا ۽ خوف! ائين ڪٿي سمجهجي ته هن پارٽيءَ جي جدوجهد جا بنياد هئا، پرستش ۽ خوف! جنهن به شيءِ جا بنياد ئي پوڄا ۽ خوف تي هجن، اتي علم ۽ عقل جي گهٽ گنجائش هوندي آهي، بنهه ڪين جيتري به نه. چو ته علم ۽ عقل انسان کي مونجهاري، بي يقيني ۽ جهالت مان ڪڍي سلجهاءَ، يقين ۽ روشنيءَ ۾ آڻڻ ٿا ۽ جتي يقين،سلجهاءَ ۽ شعور هوندو آهي، اتي پوڄا ۽ پئو نه هلي سگهندا آهن. ان ڪري وڏيرو ۽ جاگيدار علم ۽ عقل جا رستا روڪيندوآهي ته جيئن عوام جانورن مان بدلجي انسان نه ٿي پون ۽ پوءِ سندس ڏاڍ جي لٺ جو مٹو ٻيجي نه ڇڏين. پيپلز پارٽي به علم ۽ دانش جي ازل کان دشمن هئي،

آهي ۽ رهندي ان لاءِ جو ان طريقي سان ان جا بنياد بچي سگهن تا. اهو ئي سبب آهي جو پيپلز پارٽيءَ جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي اڄ ڏينهن تائين خاص ڪري سنڌ ۾ علم ۽ دانش سان واسطو رکندر ڪوبہ شخص يا ٻين لفظن ۾ ڪو عالم، دانشور اديب ۽ شاعر هن ۾ شامل ڪو نہ ٿيو سواءِ هڪ اڌ آواره مزاج شاعر جي!

هن ئي پارٽيءَ جي حڪومت ۾ عالمن اديبن ۽ دانشورن کي جيترو هيسايو ۽ ڏٻايو ويو اوترو شايد ئي اڳ ڪڏهن ڏٻايو ۽ هيسايو ويو هجي. ڪتابن، رسالن، اخيارن تي ٽوڪ جي حساب سان بندشون پونديون رهيون. اهو ان ڪري تہ علم ۽ دانش وڏيري جي نظام جي ئي ابتڙ آهن. يونيورسٽين ۾ ڪرپشن جا اڏا قائم ڪري شاگردن کي پوڄا تي هيرائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي تہ جيئن اهي علم بدران وڏيري کي سلام ڪندا رهن.

انهي حال واري پارٽيءَ جو جڏهن مذهبي جنون ۾ مبتلا گروهن سان ٽڪر ٿيو تہ جيئن تہ ان جي اقتدار ۾ رهڻ جا ڪي بہ مثبت بنياد نہ هئا، ان ڪري هن پارٽيءَ فوج کي خوش رکڻ لاءِ، ڪيس ايٽم بم سان هٿاربند ڪرڻ جي اُميد ڏيکاري تہ جيئن ان طاقتور گروهہ کي پنهنجي هٿ ۾ رکي سگهجي. ان وقت هن جي پارٽيءَ ايندڙ اليڪشن ۾ گهٽيون سيٽون کٽڻ جي حڪمت عملي پئي تيار ڪئي. ڇو تہ هن پارٽيءَ ۾ اها صلاحيت ئي ڪا نہ هئي جو اها ڪنهن ٻي جدوجهد لاءِ تياري ڪري سگهجي.

اصل ۾ دنيا ۾ جيڪي متحرڪ ۽ منظم جماعتون هونديون آهن، تن ۾ اها صلاحيت هوندي آهي تہ اهي ڏکين وقتن ۽ مشڪل حالتن ۾ پنهنجي جدوجهد جون شڪليون تبديل ڪري سگهن ۽ ويڙهہ جون صورتون مٽائي سگهن. جيئن تہ پيپلز پارٽيءَ جي تنظيم ۽ تربيت صرف ووٽ ونڊ ۽ عقيدي پرستيءَ تي رکيل هئي ان ڪري هن ۾ اها صلاحيت ئي پيدا نہ ٿي سگهي جو اها عوامي ليگ وانگر پنهنجي جدوجهد جون صورتون ۽ شڪليون تبديل ڪري، دشمن ٽولن تي وار ڪري سگهي. ان ڪري اها نہ رڳو مخالف طاقتن جي يلغار جو مقابلو نہ ڪري سگهي، پر پنهنجي ليڊر کي بہ بچائي نہ سگهي. پارٽيءَ جي انهيءَ وڏيرا شاهيءَ واري هاجيڪار ڪمزوريءَ جي، مخالف طاقت کي پوري خبر هئي، جنهن ڏاڍي آرام ۽ اطمينان سان پارٽيءَ جي ليڊر ۽ بانيءَ کي ڪورٽن ۾ گهلي گهلي ختم ڪري ڇڏيو ۽ پارٽي ڏسندي رهي. ڪن آسماني سهارن لاءِ، ڪن باهرين ڇاپي مارن جي انتظار

ٻڌ! جيڪڏهن هي پارٽي ڪنهن ڏڳهي جدوجهد جي مثبت بنيادن جي آڌار تي اقتدار ۾ اچي ها ته فوجي جنتا سنڌس حڪومت جي تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ اهوئي طريقو اختيار ڪري ها. جيڪو مجيب الرحمان لاءِ ڪيو ويو هو.

پٽي صاحب جي خاتمي کان پوءِ هن پارٽيءَ جي پوري ليڊرشپ جيڪا روايتي ۽ سماجي طرح ضدين کان ٺهيل هئي، سا موجود هئي پر مخالف طاقت کي انهيءَ ليڊرشپ مان ڪوبه خطرو نه هو. اڻ ڪري ان انهن کي جسماني طرح ختم ڪرڻ لاءِ ڪجهه به نه ڪيو ۽ نه وري پارٽيءَ تي، پٽي صاحب جي خاندان سميت مصيبت جا اهي پهاڙ ڪيرايا، جيڪي هينڊن تي ڪنهن خطرناڪ ۽ زبردست عوامي تائيد رکندڙ پارٽين تي اقتداري گروهه ڪيرائيندو آهي. هي پارٽي پنجاب ۽ سنڌ ۾ جيڪو مڊل ڪلاس جو ٿورو گهڻو عنصر موجود هو. تنهن ڪنهن رٽابندي کان سواءِ ڏاڍي سورهيائيءَ جو مظاهرو ڪيو. انهن مناسب تربيت ۽ تنظيمي صلاحيت نه هڻڻ ڪري دهشت پسنديءَ وارو رستو اختيار ڪيو ۽ پنهنجي ليڊر جي شان ۾ قصيدا پڙهندا، ڪي نوجوان ڪاهين تي چڙهيا ته هڪ اڏ گوليءَ جو شڪار ٿيا. باقي هتي پارٽيءَ جي سموري قيادت مان ڪنهن کي به ڪٽڪو نه لڳو. پٽي خاندان سميت ڪنهن جي به جائداد ضبط نه ٿي، ڪنهن جي به گهرن کي تالا نه هنيا ويا ۽ ڪنهن کي به زوريءَ جلاوطن نه ڪيو ويو. منهنجي خيال ۾ انساني تاريخ ۾ ڪنهن به پارٽيءَ جي ماڻهن ايترا معافي ناما نه لکيا هوندا، جيترا هن مختصر عرصي ۾ پيپلز پارٽيءَ جي ليڊرن ۽ ڪارڪنن لکيا آهن. هن ئي پارٽيءَ جي ماڻهن کي هن ڏهن سالن جي عرصي ۾ وڏ ۾ وڏ خريد ڪيو ويو آهي. ان ۾ ضلع ڪائونسل جي چيئرمين ۽ ميمبرن کان وٺي، اسيمبلين جا اڳوڻا ميمبر ۽ وزير شامل آهن. اڄ پٽي صاحب جي ورثي ۾ سنڌس خاندان، بي پناهه جائداد، سنڌس ذاتي سورهيائي، سنڌس آبائي قوم جي غلامي ۽ هڪ اهڙي پارٽي آهي جيڪا گروهن ۾ ورهائجي چڪي آهي. پٽي صاحب جي دؤر جي وڏن وزيرن، گورنرن ۽ ٻين اعليٰ عهديدارن مان ڪوبه پارٽيءَ ۾ شامل نه رهيو آهي ۽ پارٽيءَ جي هيءَ حالت آهي جو اها اڄ جمهوريت جي نالي ۾ اقتدار جي حاصلات لاءِ آمريڪا وٽ گوڏا ڪوڙي ڇُڪي آهي ۽ ڪارڪنن جا حوصلا ان وقت بلند ٿين ٿا. جڏهن اسٽيفن سولارز پارٽيءَ ۽ ان جي ليڊرياڻيءَ جي حمايت ۾ ڪو بيان ٿو ڏئي.

حسينا واجد ۽ بينظير ٻنو

هن وقت نئين آزاد ٿيل ملڪ بنگلاديش ۽ پراڻي ٺهيل ملڪ پاڪستان، ٻنهي تي فوج جي اڻ سڌي حڪومت قائم آهي[4] جيتوڻيڪ بنگلاديش جي قائم ٿيڻ کان اڳ تائين فوج هڪٻئي پٺيان بنگالي عوام تي ڪيئي وار ڪيا آهن. ۽ پاڪستان ۾ بنگلاديش جي قائم ٿيڻ کان پوءِ فوج هڪڙو وار ڪيو آهي. ٻنهي ملڪن ۾ فوج، عوام سان ساڳيو برتاءُ ڪيو آهي. ۽ ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي ته ٻنهي ملڪن جا چونڊيءَ جا سياستدان ڏهني طرح آرميءَ جي هٿ مان عوامي طاقت ۽ دٻاءُ وسيلي اقتدار ڦرڻ واري عمل ۾ شڪست کائي ڇُڪا آهن. ان ڪري آرمي، عوامي حقن جي ۽ جمهوريت جي جيڪا بہ قسط اڃلائي ٿي تنهن کي نہ چاهيندي بہ قبول ڪيو ويجي ٿو. سياستدانن جو اهوئي رويو آهي جنهن فوج ۽ آفيسرشاهيءَ جي گرفت ٻنهي ملڪن ۾ مضبوط ڪري ڇڏي آهي.

اڄ جي طاقت هي آهي جو بنگالي سياستدانن ۽ دانشورن فوج جي مقابلي لاءِ شيخ مجيب الرحمان جي ڏيءَ حسينا واجد کي عوامي ليگ جي صدر جي حيثيت ۾ ميدان ۾ آندو آهي. ۽ پاڪستاني سياستدانن ۽ آرمي، سول بيوروڪريسيءَ جي انهيءَ گروپ، جيڪو اقتدار کان ٻاهر آهي يا عوامي ڦرلٽ ۾ پوري ريت پنهنجو حصو حاصل نہ ٿو ڪري سگهي تنهن اقتداري فوجي گروهہ جي مقابلي ۽ ذوالفقار علي ڀٽي جي ڏيءَ بينظير ڀٽي کي آکاڙي ۾ لاٿو آهي. اڄ پوزيشن هي آهي جو ٻئي عورتون سياستدانن جي مشورن، عالمي طاقتن جي آفتن ۽ عوامي عقيدت جي آڌار تي فوجي آمرن سان مهاڏو اٽکايو بيٺيون آهن.

حسينا واجد: شيخ مجيب الرحمان جي شهادت کان پوءِ آرمي شيخ صاحب جي ڀهرين صف جي ساٿين کي چونڊي چونڊي ختم ڪرڻ کان پوءِ سمجهيو تہ بنگال ۾ جوهري قوتن جي پوري ريت پڃاڻي ٿي ويئي آهي ۽

---

[4]. اهو 1987ع جو ذڪر آهي.

سندن من مستين جي راهہ ۾ ڪابہ رڪاوٽ نہ رهي آهي. جيتوڻيڪ بنگال ۾ ڪيڙن ماکوڙن کان وڌيڪ سياسي جماعتون ۽ بي شمار هٿرادو ليڊر ۽ ورکر پيدا ڪيا ويا هئا يا پنهنجي طويل جدوجهد سان پيدا ٿيا هئا، پر اهي سڀ سواءِ پروفيسر مظفر گروپ جي، اهڙا هئا جن سان عوام جي ڪابہ قوت گڏ نہ هئي. ان کان سواءِ پاشاني گروپ سميت اهي سيئي بنگلاديش جي قومي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ پاڪستاني آرميءَ سان گڏ هئا ۽بنگال جي آزاديءَ کان پوءِ اهي بنگالي فوجي جنتا سان گڏجي ويا، اهي سڀ آزاديءَ جا دشمن ۽ بنگالي قوم جا غدار هئا. اهوئي سبب آهي جو شيخ مجيب الرحمان، پنهنجي آزاديءَ کان پوءِ انهن سيني غدار پارٽين ۽ گروپن تي بندش وجهي ڇڏي هئي. باقي جيستائين پروفيسر مظفر جو تعلق آهي تہ اهو ڪميونسٽ محب وطن هو.ان ڪري هن شيخ صاحب سان پورو سهڪار ڪيو.

جيڪڏهن حسينا 15آگسٽ 1975ع جي رات بنگال ۾ موجود هجي ها تہ سندس حشر نہ سندس عظيم والد جهڙو ئي ٿئي ها، پر هوءَ ان رات لنڊن ۾ پنهنجي پيٽ وٽ هئي ۽ جڏهن واپس بنگال پهتي تہ سونار بنگلاديش جو عوام فوجي درندن جي زنجيرن ۾ جڪڙيل پنهنجي عظيم ليڊر جي ڏيءَ جي آڏاريءَ لاءِ اکين جا ڏيئا ٻاريو ۽ دماغن ۾ سٽيءَ جا گل پوکيو وينو هو. هن جڏهن بنگال جي سرزمين تي پير رکيو تہ ڪيس ڪوبہ سياسي تجربو نہ هئو. صرف پنهنجي پيءُ جون روشن اکيون، رڪ جهڙا ارادا، جيل ۾ گهاريل ڏينهن، عورتن جا اُجڙيل سهاڳ ۽ لٽيل عصمت جون يادگيريون هيون ۽ پنهنجي فوج جي هٿان غلام ٿيل ڪروڙن جي تعداد ۾ بنگالي قوم هئي. سموري دنيا جي سياسي پنڊتن تبصرا ڪيا تہ هي نيل ڪنول جهڙي نرم ۽ هلڪي ڦلڪي ڇوڪري جنهن کي پٽس طرفان ورثي ۾ صرف روشن اکيون مليون آهن ۽ مڙس طرفان ہ ٻار سا ڪهڙيءَ ريت فوجي جنتا جي اجگرن سان مقابلو ڪندي ۽ عوام کي حقيقي آزادي ونڊي ڏيندي،هن بہ اڇڙ شرط پيءُ جي انتقام ۽ پيءُ جي قربانين جي مرثيہ خواني شروع ڪئي. تنهن تہ هيڪاري سياسي حلقن کي مايوس ڪري ڇڏيو پر پوءِ آهستي آهستي نيل ڪنول جهڙي ڇوڪريءَ مان مجيب جا نقش اُپرڻ لڳا.جڏهن هن ڇيو "پاڪستان جي تربيت ورتل فوج اسان کي صرف نسلي طرح بنگالي رهڻ

ڏنو آهي. باقي اسان جي بنگالي قوميت تباهه ڪري چڏي آهي. بنگلاديش جي آزاديءَ جي اصول کي ختم ڪيو ويو آهي." انهيءَ کان پوءِ هوءَ اڳتي وڌي. فوجي جنتان سان ٽڪر کائڻ لاءِ بلڪل بهادريءَ سان جڏهن هن چيو "عوامي ليگ اقتدار ۾ اچي بنگلاديش مان فوجي ادارو ختم ڪري چڏيندي. چو ته ان جي اسان کي ڪابه ضرورت ناهي. اها فوج اسان جي پگهار کائي اسان کي ئي ختم ڪري ٿي." سموري ٽين دنيا جيڪا فوجي لانگ بوٽن جي چيپاٽيل هئي ۽ آهي تنهن مان آرميءَ جي اداري جي خلاف اهو پهريون آواز هو جيڪو حسينا واجد جي وجدان مان نڪتو ۽ پوري بنگال مان ڪنهن به ماٺهوءَ سندس اُنهيءَ اعلان جي مخالفت نه ڪئي. ان ڪري دنيا جي سياسي پنڊتن کي ٻن ڳالهين تي مجبور ٿي سوچڻو پيو. هڪ ته حسينا واجد کي نه رڳو عوامي ليگ تي پر پوري بنگال قوم تي اثر ۽ اختيار آهي ۽ هوءَ پنهنجي پارٽي ۽ بنگالي قوم کان ڪنهن به وقت کو عظيم شان ڪردار ادا ڪرائي سگهي ٿي. اها ٻي ڳالهه آهي ته هن بنگالي قوم کي وري ڪنهن ڇتي خونخوار جنگ جي باهه ۾ اڇلائڻ بدران آهستي آهستي ڏاکي به ڏاکي اڳتي وڌڻ جو فيصلو ڪيو ۽ انهن سڀني جماعتن کي گڏي هڪ پليٽ فارم تي آڻي هڙتالن. جلسن جلوسن وسيلي عوام کي متحرڪ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ انتهائي ڏاهپ ۽ هوشياريءَ سان فوجي جنتا کي پوئتي پير سرڪائڻ تي مجبور ڪيو.

هو انتهائي جمهوريت پسنديءَ جو ثبوت ڏيندي تمام ننڍڙن جيتامڙن گروپن کي به پاڻ سان گڏ ڪڍي کين هڪجهڙائي ۽ آبرومندانه طريقي سان قومي آزاديءَ جي انقلاب جي تڪميل ڏانهن اڳتي وڌڻ لڳي ۽ فوجين کي سندن طريقي سان اليڪشن ڪرائڻ ۽ پنهنجن وزيرن ۽ جرنيلن کي چونڊرائڻ واري طريقي سان بار بار پوئتي هٽائيندي رهي ۽ عوام کي فوج جي ڪمزورين کان آگاهه ۽ واقف ڪندي رهي. نيٺ اهو بحران جڏهن عروج تي پهتو ته ان وقت هن پارليامينٽ جي اليڪشن ۾ حصو وٺڻ جو اعلان ڪيو. جيتوڻيڪ ڪيس خبر هئي ته اليڪشن جو نتيجو ڪهڙو نڪرندو. پر پوءِ به هن کي اقتدار تي قبضي ڪرڻ جي جلدي ڪا نه هئي. ان ڪري هن مخالف بينچ تي ويهڻ جو فيصلو ڪيو ڇو ته هڪ جمهوري پارٽي ۽ ان جو ليڊر پارليامينٽ ۾ هر حيثيت ۾ ويهڻ لاءِ تيار هوندو آهي ۽ هو پارليامينٽ

هائوس کي رڳو سرڪاري "جي حضورين" جي خوشامد ۽ چاپلوسيءَ لاءِ خالي ناهي ڇڏيندو.

هن اليڪشن ۾ لڙي ۽ مارشل لا جي موجودگيءَ ۾ پارليامينٽ ۾ ويهڻ کان ۽ انڪار ڪري ڇڏيائين، نتيجي طور فوجي جنتا مارشل لا کڻي ورتو ۽ هوءِ پارليامينٽ ۾ وڃي ويٺي، پر اهو ۽ ڪنهن دوست جي مشوري ۽ اصرار تي ته جيڪڏهن اهو بحران جاري رهيو ته وري ڪو نئون فوجي گروپ اچي قبضو نه ڪري وٺي. بهرحال اُن طريقي سان ۽ هن مارشل لاءِ ختم ڪرائڻ جو اعزاز عوامي ليگ کي ڏياريو ۽ سندس پاليسيءَ جو درستي تسليم ڪرائي ورتي.

سياسي پنڊتن کي ۽ حيرت اها ٿي ته جڏهن هن فوجي اداري تي حملو ڪيو جيڪو بنگالي آرميءَ تي ئي مشتمل آهي ته بنگال مان ڪٿان ۽ ان آرميءَ جي حمايت ۾ ڪوبه آواز نه اُٿيو ته معلوم اهو ٿيو ته ٽين دنيا جي ملڪن ۾ عدليه ۽ اسيمبليءَ وانگر آرمي قومي ۽ مقدس ادارو آهي ئي ڪونه ۽ نه ئي وري عوام کي انهيءَ خونخوار جابر ۽ پنهنجي عوام تي گولين ۽ ڪوڙا هڻندڙ ڪاسيون ڏيندڙ اداري سان ڪا همدردي، محبت يا پنهنجائپ ئي آهي ۽ نه ئي ماڻهو سمجهن ٿا ته اهو ادارو جنهن تي اربين ڊالر خرچ ٽين ٿا سو ڪو سندن بچاءُ يا سهائتا ڪري سگهي ٿو. اڄ جي دؤر ۾ اهو مڪمل هڪ پارٽي آهي جيڪا پنهنجي سامراجي آقائن جي مفادن جي پورائي، تحفظ ۽ توسيع لاءِ گاهي ماهي، سڏي يا اڻ سڏيءَ طرح اقتدار تي قبضو ڪندو رهي ٿي. اها ڳالهه حسينا واجد جي اعلان کان پوءِ ئي عوام جي سامهون آئي آهي.

شيخ حسينه واجد جو پارٽيءَ ڏانهن لاڙو شيخ شهيد جي سينيئر دوستن ڏانهن لاڙو ۽ين نندين جمهوريت پسند قوتن ڏانهن لاڙو مجموعي طرح سموري بنگالي قوم ڏانهن لاڙو ۽ ملڪ ۾ موجود سياسي، سماجي ۽ اقتصادي مسئلن ڏانهن لاڙو ڏسي سموري دنيا جي سياسي دانشورن جو اهو پڪو ۽ پختو رايو آهي ته حسينا رڳو پنهنجي پيءُ جي لاش ۽ انتقام يا اقتدار تي جلد قبضو ڪرڻ واري هيڇ جي بنياد تي سياست ڪرڻ بدران عقلي، سائنسي ۽ معروضي حالتن پٽاندڙ سياست ڪري رهي آهي نه ڪي رڳو جذباتيت ۽ نعري بازيءَ جي ڪوڪلي انداز ۾.

سندس اهڙن مختلف مثالن مان هڪ مثال هي آهي تہ جڏهن هن جي پارٽيءَ ۽ سندس اتحادين اڪثريت جي بنياد تي فيصلو ڪيو تہ پارليامينٽ جي چونڊن ۾ حصو ونڊڻ گهرجي تہ ان وقت ڪن نام نهاد احتجاجين اعتراض شروع ڪري حسينا کي تنقيد جو نشانو بنايو. تڏهن انهن کي جواب ڏيندي چيائين: "بنگلاديش جو عوام ۽ عوامي ليگ جو ورڪر تاريخ جي هڪ ڏکڻي سفر ۾ روڊ ۽ رستن تي احتجاج جي حالت ۾ رهيو آهي. هن جي سيني ڏانهن بندوق ۽ مٿي تي پوليس جو ڏنڊو وسندا رهيا آهن. ان ڪري وڌيڪ وقت لاءِ آئون کين روڊن تي فوج جي گولي ۽ پوليس جي ڏنڊي جي سامهون بيهارڻ نٿي چاهيان. عوام ٽڪجي پيو آهي. انڪري مون کي ساهي کپي ۽ آئون هنن چونڊن ۾ حصو ونڊڻ ذريعي ڪجهہ وقت لاءِ عوام کي ۽ ورڪر کي ساهي ڏيارڻ ٿي چاهيان تہ جيئن هو تاريخ جي ڏکڻي مشقت جو ٽڪ لاهي ڪجهہ وقت کان پوءِ نئين ولولي ۽ امنگ سان سونار بنگلاديش جي تعمير ۽ ترقيءَ لاءِ جدوجهد ڪري."

ماٺهن ۾ اهو مشهور ڪيو پئي ويو آهي. ۽ هتي اسان وٽ پنجابي پريس جي ذريعي اهو تاثر ڏنو ويو تہ بنگلاديش جي ماٺهن ۾ مذهبي جنون موتي آيو آهي. ان ڪري هاڻ هو نئين زماني جي ڪابہ ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهن. پر حسينہ واجد چوي ٿي تہ: "بنگلاديش جي آزاديءَ جا چار مکيہ اصول آهن: قوم پرستي، سوشلزم، سيڪيولرزم ۽ جمهوريت. اسان انهن کي لوڏڻ ۽ ڏوڏڻ جي ڪنهن کي بہ اجازت نہ ڏينداسون. جيڪو بہ انهن اصولن کي ميٽڻ يا ميسارڻ جي ڪوشش ڪندو تنهن کي بنگلاديش جو عوام لتاڙي چڏيندو. انهيءَ کان سواءِ هر تي روڪ انتهائي ضروري آهي. بنگلاديش جهڙي گهڻي آبادي ۽ واري ملڪ ۾ اهو اصول انتهائي لازمي آهي ۽ اهو پڻ تہ بنگلاديش سامراج دشمن جدوجهد جي نتيجي ۾ آزاد ٿيو آهي ۽ ان کي سامراج دشمن ئي رهڻ کپي. پارٽ سان پنهنجائپ وارا ناتا بنگلاديش جي وجود جو لازمي جزو آهن."

شيخ حسينہ جي انهيءَ انداز جي سياست کي ڏسي چئي سگهجي ٿو تہ برصغير ۾ سيڪ کان مضبوط جمهوري تحريڪ بنگلاديش ۾ آهي.

بينظير پٽو:

مارشل لا جي طويل ڏکائيندڙ ۽ ٽڪائيندڙ دؤر ۾ عوام جي گهٽائيءَ جون اميدون، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۽ ان پارٽي ۾ پٽي خاندان جي هڪ چوڪري بينظير پٽي ۾ ڪتل هيون تہ اها اچي اسان کي فوجي آمريت جي هٽان چوٽکارو ڏيارينديءَ پر بينظير يا پيپلز پارٽيءَ کي قربانين، جدوجهد ۽ حڪمرانن جي حربن، چالن ۽ چالبازين جو ايترو ۽ اهڙو تجربو نہ هو جهڙو عوامي ليگ کي پنهنجي ڏڳهي، شاندار ۽ منفرد جدوجهد جي ڪري هو. ان کان سواءِ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ پاڪستان جي حڪمرانن پارٽيءَ جي واحد ليڊر کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي بہ ختم نہ ڪيو ۽ نہ وري پٽي صاحب جي خاندان کي ئي ڪو زندگيءَ کان محروم ڪيو ويو. پوءِ بہ پارٽيءَ وٽ تجربي جي کوٽ ۽ ليڊرن جي موقع پرستيءَ جي ڪري هو نہ رڳو پنهنجي ليڊر جي زندگي بچائڻ لاءِ عوام کي متحرڪ ڪري نہ سگهي پر ڏکڻ ايشيا جي هن علاقي ۾ فوجي امريت جي پاڙون پٽڻ لاءِ، پارٽيءَ مجموعي طرح پٽي خاندان سميت عوام کي متحرڪ ڪرڻ ۾ ناڪام رهي. اهو حال ڏسي پٽي خاندان پنهنجي عافيت يورپ ۾ ئي پناهہ ونڻ ۾ سمجهي.

پٽي خاندان جي انهيءَ روش کي اسان ڪٽي موقعي پرستي يا فوجي جنتا کان مرعوبيت جو نالو نہ ڏيون پر پوءِ بہ اهو چئي سگهجي ٿو تہ اهو خاندان اعصابي ۽ ذهني طرح مايوسيءَ جو شڪار ٿي يورپ هليو ويو. ۽ واپس ورڻ جو فيصلو بينظير صاحبہ ان وقت ڪيو جڏهن هن علاقي تي اڻ سڌيءَ طرح حڪمران سامراج آمريڪا طرفان ڪين آسرو ڏنو ويو تہ توهان جي لاءِ عوام ۾ پنهنجي جاءِ ۽ مقام پيدا ڪرڻ جا موقعا فرضي ليڊرن ۽ بيروڪيٽس ٽولن تيار ڪري ڇڏيا آهن ۽ واقعي جڏهن ذوالفقار علي پٽي جي ڏيءَ واپس پهتي تہ حڪمران ٽولن ۽ سندن آقا آمريڪا هن جي جلسن جلوسن لاءِ ميدان تيار ڪري ڇڏيو هو ۽ هن ايندي شرط عوام جي بي پناهہ هُجومن کي سندن مشيرن جي ڪليل بي مغز تقريرن سان گرمائڻ شروع ڪيو. بينظير ۽ سندس مشيرن جي نظر ۾ اهي تقريرون ئي واحد ذريعو هيون جن جي ذريعي نہ رڳو عوام کي حرڪت ۾ آڻي پيو سگهجي. پر غير قانوني طرح اقتدار تي قبضو ڪندڙن کي ختم ڪري ۽ هٽائي پيو سگهجي

(جيتوڻيڪ گهرائيءَ سان ڏٺو ويڇي تہ اولهہ پاڪستان تي پيپلز پارٽيءَ جنو اقتدار خود غيرقانوني ۽ غير آئيني هو.)

بينظير صاحبہ هتي اچڻ شرط سياست ۾ اهي ساڳيا طريقا اختيار ڪيا جيڪي سندس والد پندرهن سال اڳ اختيار ڪيا هئا. ان ۾ سندس ڏوهہ هجي يا نہ، پر هن پنهنجي شعوري نظر سان پارٽيءَ ۽ عوام کي صرف پرائم منسٽر هائوس ۾ پنهنجي پيءُ جي موجودگيءَ ۾ ڏٺو هو. ان ڪري هو ايترو سياسي شعور (ڪتابي طرح نہ) حاصل ڪري نہ سگهي هئي، ۽ نہ وري هن ان ڳالهہ کي ئي چڱي طرح سمجهيو تہ هنن پندرهن سالن ۾ پل جي هيٺان تمام گهڻو پاڻي وهي چُڪو آهي ۽ جنهن کي هاڻ پاڪستان سڏيو ٿو وڃي. اهو بلڪل ائين نہ رهيو آهي جيئن بنگلاديش. ڇو تہ بنگلاديش جي موجودگيءَ ۾ مين پاور بنگال وٽ هو تہ گن پاور پنجاب وٽ. پوءِ پنجويهن سالن تائين پنجاب گن پاور جي آڌار تي پنهنجي مرضيءَ جون حڪومتون ٺاهيندو ڀاهيندو رهيو ٿي، پر بنگال جي الڳ ٿيڻ سان گن پاور سان گڏ مين پاور بہ پنجاب وٽ اچي ويو هو. ان ڪري هاڻوڪي پاڪستان ۾ سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ جمهوري لاڙن، خواهشن، مطالبن ۽ گهرجن جي نوعيت بلڪل بدلجي چُڪي هئي.

بينظير جي اها بدقسمتي چئجي تہ هو پيدائشي طرح (ذهني طرح نہ) جنهن علائقي سان واسطو پئي رکي، سو شعوري يا لاشعوري طرح گهٽ ۾ گهٽ علم ۽ دانش جي حد تائين پاڻ کي ان علائقي جو غلام ۽ محڪوم ٿو سمجهي جنهن وٽ مين پاور ۽ گن پاور آهن ۽ بينظير جو آبائي علائقو ٽورائيءَ ۾ آهي. آبادي ۽ آرميءَ جي ڪري، پنجاب سياسي ۽ اقتصادي غلبي کي نہ رڳو حاصل ڪري ورتو آهي پر ان کي مستحڪم ۽ مضبوط ڪري رهيو آهي. انڪري بينظير جي آبائي علائقي جا مسئلا، مونجهارا، تڪليفون ۽ جمهوريءَ خواهشون اهڙيون آهن جهڙيون هڪ نوآبادي يا بينڪ جون ٽيندیون آهن.

ساڳي حالت بلوچستان جي آهي. جڏهن تہ پنجاب جي صورتحال اها آهي تہ ڪيس اهڙي حڪومت ۽ پارٽيءَ جي ضرورت آهي جيڪا موجوده آئيني، اقتصادي ۽ سماجي صورتحال کي جيئن جو تيئن رکي پر پاڻ ان کي وڌيڪ آئيني ۽ سياسي تحفظ مهيا ڪري ڏئي تہ جيئن سندس حاڪم ۽

بالادست واري جابرانہ حالت ۾ کا تبديلي نہ اچي. ۽ بينظير پنجاب جي انهيءَ خواهش جي تڪميل لاءِ پنهنجي آبائي علائقي جي مصيبت کي نظرانداز ڪري پنجاب جي خواهشن جي تڪميل لاءِ رات ڏينهن لنڊن کان ڪراچي ۽ پنڊيءَ کان منيءَ تائين واچوڙي وانگر اڏامندي ٿي رهي. ۽ هن ڪڏهن بہ هنن پندرهن سالن ۾ آيل سياسي آئين ۽ سماجي تبديليءَ کي شعوري طور سمجهڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪئي آهي ۽ نتيجي طور هوءَ هڪ ئي وقت ڪنهن بہ جدوجهد لاءِ سموري علائقي جي عوام کي متحرڪ ڪري نہ سگهي ۽ نہ ئي ڪري سگهندي.

(2) جيئن تہ هن هتي جي سياسي، سماجي ۽ آئيني اٽل پٽل کي سمجهيو ئي نہ آهي، ان ڪري هن مسئلن ۽ قومن جي وچ ۾ موجود حقيقي تضاد کي حل ڪرڻ جو ڪو فارمولو ڏيڻ بدران پنهنجي سموري سياست بازيءَ جو دارومدار پيءُ جي موت ۽ پاءُ جي دردناڪ انجام تي مرثيہ خوانيءَ تي رکيو آهي. انڪري وقتي طرح ماڻهو جا هجوم تہ گڏ ٿي ويا آهن. جيئن ڪنهن جي جنازي تي گڏ ٿيندا آهن، پر ڪيس اِهو بہ معلوم هڻڻ گهرجي ها نہ جيئن هُن پاڻ پيءَ جي موت تي ڪجهہ وقت کان پوءِ ڪارا ڪپڑا لاهي رنگين ڪپڑا پائي ورتا، تيئن عوام ۽ قومون بہ پنهنجي تقدير سڏائين لاءِ ڪنهن بہ موت ۽ شهادت سان وابستہ نہ ڪنديون آهن، پر هو پنهنجي مادي، ثقافتي، روحاني ۽ سياسي حقن جي مصيبتن ۾ پنهنجي پيارن جا موت بہ وساري ڇڏيندیون آهن. پوءِ اهي پيارا سياسي ليڊر هجن يا ڪي ٻيا، ان جو مثال اسان جي سامهون پارت آهي، جتي اندرا جي ديهانت کانپوءِ ان جي رت هاڻي ساڙهيءَ جي آڌار تي راجيو وقتي طرح تي ڪٽي آيو پر اڄ سندس جيڪا حالت آهي، ان ۾ ڪيس سندس تدبر ئي ڪم ڏيئي يا بچائي سگهي ٿو. نہ اندرا جي رت هاڻي ساڙهي.

هن وقت حالت هي آهي جو پنجاب ۾ طبقاتي تضاد ڪنهن حد تائين موجود آهي، پر پنجاب ڪنهن بہ قومي جبر جو شڪار تہ نٿيو پر اُلٽو قومن تي جابرانہ قبضو ڪيو ويٺو آهي. ان صورت ۾ جمهوري مسئلي جي نوعيت ۽ شدت، شڪل ۽ سطح، پنجاب ۽ سنڌ ۾ ڪنهن حد تائين گڏيل (صرف جاگرافيائي ڳانڍاپي جي ڪري) هجڻ جي باوجود قطعي مختلف ۽ منفرد آهي. ۽ مس بينظير پٽي وڃ ان صورتحال ۾ تضاد جو حل جماعت اسلامي ۽

کاپي ڏر جي عقيدي پرستن کان مختلف نہ آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هو هميشہ اهڙا بيان ڏيندي رهي ٿو جيڪڏهن 73ع جي آئين هيٺ چوندڙن ٽيون ٽہ سيني قومن جا مسئلا حل ٿي ويندا ۽ سيني سان انصاف ٿيندو. جڏهن ٽہ اصل ۾ اهڙي بندوبست هيٺ سنڌ ۽ بلوچستان جي مصيبتن ۾ هيڪاري واڌارو ٿيندو. هنن جي اقتصادي ۽ مالي وسيلن تي پنجاب جو قبضو وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم ٿيندو ۽ اهي علائقا دائمي طرح پنجابي اڪثريت جا غلام بنجي ويندا.

ان کان سواءِ هوءَ ان ڳالهہ کي يا سمجهي نٿي يا ڄاڻي واڻي نظرانداز ٿي ڪري ٽہ سنڌ ۾ بلوچستان طرف آبادي منتقل ڪري اتي جي اصلي رهاڪن کي ٿورائيءِ ۾ بدلائڻ واري مسئلي کي پنهنجي جاءِ تي ايڏي وڏي اهميت آهي جو اهي قومون ان مسئلي کي پنهنجي حياتيءَ ۽ موت جو مسئلو سمجهن ٿيون. جنهن جي حل ٿيڻ کان سواءِ آئين ۾ ڪاتن جي ورهاست ۽ مرڪز کي ڪاتا ڏيڻ سان سنڌ ۽ بلوچستان کي مطمئن ڪري نٿو سگهجي.

جڏهن ٽہ پيپلز پارٽي ان مسئلي جي نوعيت ۽ حساس پڻي کي سمجهي ئي نٿي، ۽ رڳو پنجاب جي مين پاور يا ووٽ جي عددي اڪثريت تي پاڙي پنجاب جي اقتدار کان محروم حصي کي اقتدار ۾ آڻڻ لاءِ جتن ڪري رهي آهي.

(3) بينظر جي مشڪل اها آهي ٽہ پاڪستان جي پوري تاريخ ۾ هتي جي عوام آئيني توڙي غير آئيني طريقن سان جبر جي جنهن گهاٽي ۾ پيڙهو رهيو آهي، تنهن کي حرڪت ڏيندڙ ۽ جوڙيندڙ آرمي آهي. ۽ ان جو تعلق پنجاب سان آهي ۽ هي مهاياري لڙائيءَ کان پوءِ نون آزاد ٿيل ملڪن جي سول حڪومتن کي ختم ڪرڻ ئي آرميءَ جو اهم ڪارنامو رهيو آهي. هتي بہ آرمي اهو ساڳيو ڪردار ادا ڪندي رهي آهي. پر بينظير جي والد مرحوم هميشہ انهيءَ اداري جي نہ رڳو همت افزائي، تعريف ۽ واکاڻ ڪئي پر ان جي ذريعي اقتدار پڻ حاصل ڪندو رهيو. ان ڪري پيپلز پارٽي، پٽي جي موت کان اڳ ڪڏهن بہ آرميءَ جي غلبي يا ان جي ڪردار جي باري ۾ ان سان ٽڪر ۾ ڪا نہ آئي. صرف پٽي صاحب جي حياتيءَ جي گل ٿيڻ کان پوءِ فوجي آفيسرن جي هڪ مخصوص ٽولي خلاف ڊيل لفظن ۾ تنقيد ڪندي رهي ۽ بينظير بہ انهيءَ ساڳي طريقي تي عمل ڪندي تي اچي. اهو ان ڪري

ته بينظير جيڪڏهن آرمي ۽ تي بحيثيت هڪ اداري جي تنقيد ٿي ڪري ته پنجاب ۾ آرمي ۽ جو اهو حصو جيڪو سدائين پيپلز پارٽي ۽ جو حمايتي رهيو آهي. سو ناراض ٿو ٿئي ۽ اقتدار جي آس جو ڏيئو هميشه لاءِ اجهامیو ٿو وڃي. جڏهن ته هتي جي قومن کي وڏ ۾ وڏ شڪايت ئي آرمي ۽ جي ڪردار کان رهي آهي جنهن جو تعلق پنجاب سان آهي.

(4) بينظير ۾ سياسي شعور جي گهٽتائي ۽ خوشامدي ٽولي جي غلط مشورن ڪري هوءَ حڪمران ٽولن جي تضادن مان فائدو وٺي نه سگهي آهي. مثال طور جڏهن قومي اسيمبلي ۽ جي ميمبرن استعيفيٰ جي ڏمڪي ڏني. ان وقت پوزيشن اها هئي جو نه رڳو جوٽيجو حڪومت پر ضياءَ جي صدارت به سخت گهوٽالي جو شڪار ٿي ويئي هئي. ان وقت بينظير کي ڪپندو هو ته استعيفيٰ ڏيندڙ ميمبرن جي حوصلہ افزائي ڪري ها ۽ چوي ها ته جيڪڏهن اهي ميمبر استعيفيٰ ڏيئي وري اليڪشن وڙهندا ته پيپلز پارٽي انهن جي مڪمل حمايت ڪندي. اهڙي صورت ۾ وڏو امڪان هو ته اهي ستر اسي ميمبر استعيفيٰ ڏيئي اچن ها پر بينظير صاحبہ ميمبرن جي استعيفيٰ جي ڏمڪيءَ کي هيئن چئي عملي طرح وجود ۾ اچڻ نه ڏنو ته جيڪڏهن انهن ميمبرن استعيفيٰ ڏني ته انهن جي جاءِ تي پيپلز پارٽي پنهنجا اميدوار بيهاريندي. ظاهر ڳالهہ آهي ته اهڙي حالت ۾ اهي ويچارا غير جماعتي چونڊيل ڪيئن ٿي استعيفيٰ ڏيئي سگهيا؟ جڏهن ته انهن کي وري هڪ اهڙي پارٽيءَ جي اميد وارن سان مقابلا ڪرٽو پوي ها جنهن سان گڏ عوام جا هجوم هئا جيڪي انهن غير جماعتين کي لوڙهي ڇڏين ها. اجهو اهڙيءَ ريت محترمہ جي غير ذميوارانہ بيان نه رڳو موجوده اسيمبليءَ کي استحڪام بخشيو پر جوٽيجو ضيا حڪومت بہ گهوٽالي کان بچي ويئي.

انهن سيني شين ۽ مونجهارن، مشڪلاتن ۽ مصيبتن جي باوجود محترمہ بينظير پٽو جي طبيعت ۾ بيرحم ۽ سخت گير قسم جي آمريت ۽ وڏيرا شاهي موجود آهي.

هوءَ جڏهن پنجابي فوجي ٽولي ۽ آفيسر شاهيءَ جي دلاسن ۽ آمريڪا سرڪار جي آشيرواد تي وطن واپس پهتي ته هن پنهنجن اتحادين کي صفا حقارت سان نظرانداز ڪري ڇڏيو ۽ ڪنهن بہ تحريڪ، هلچل يا احتجاج جي باري ۾ ساڻن ڪابہ صلاح مصلحت نہ ڪئي. ۽ پارٽيءَ جي تمام سينئر

۽ اهم ماڻهن جي مشورن کي نہ رڳو نظرانداز ڪيو پر کين چيو ويو تہ ساڻس اهڙيءَ طرح پيش اچن جيئن وزيراعظم سان ملبو آهي.

ٻئي طرف اهي اهم سياسي قوتون جيڪي سندس آبائي علائقي ۾ ڪم ڪري رهيون هيون ۽ جن سندس سياست سان اختلاف ٿي ڪيو تن کي طاقت ۽ قوت جي زور سان دٻائڻ ۽ زير ڪرڻ. ويندي ايتري حد تائين جو انهن جا ڪارڪنن کي قتل ڪرائڻ لاءِ جرائم پيشہ عادي ڏوهارين کي هٿيار ڏيارياڻين تہ انهن کي پروپيگنڊا يا گوليءَ سان ختم ڪري ميدان هموار ڪيو تہ جيئن ڪنهن بہ صورت ۾ پنجاب کي راضي رکجي ۽ پنهنجي هڪ هٿي برقرار رکجي.


سندس انهيءَ رويہ سندن جا ڪيترائي نوجوان قتل ڪرائي ڇڏيا. ۽ سندس اهو رويو ان وقت تائين برقرار رهيو جيستائين 1986ع جي تحريڪ ۾ پارٽيءَ کي زبردست شڪست کائڻي پئي. پر پوءِ بہ سندس شخصي آمريت ۾ ڪابہ تبديلي نہ آئي آهي.

اهو ئي سبب آهي جو هن کي اڄ ڪابہ راهہ ڪانہ ٿي سمجهي ۽ هوءَ ذهني توڙي جسماني طرح سخت مونجهارن ۽ پريشانين جو شڪار آهي. ۽ امڪان نظر نٿو اچي تہ هوءَ اڳتي هلي انهن سيني تضادن مان ڪو رستو ڳولي ڪيندي. سواءِ آرمي جي مدد جي. آرميءَ جي آسري جي ڪري هتي جي نام نهاد جمهوري تحريڪ، سموري دنيا جي تحريڪن کان ڪمزور تحريڪ آهي.

سنڌي ساهت گهر جي ڪتابن جي فهرست

قرآن:			
131.	قرآن ۽ سنڌي ورجيسيون	نياز سرڪي	100/-
سيرت:			
132.	محمد رسول الله صلعم	رسول بخش تميمي	200/-
133.	محمد رسول الله صلعم	لالچند امرڈنومل	60/-
134.	سراپا رسول صلعم	حافظ محمد احسن چنا	30/-
135.	ميرمحمد صلعم عربي	امر لال هنگوراڻي	40/-
136.	سيد الڪونين	مولانا جان محمد جوهر	40/-
137.	النبي خاتم	مولانا مناظر احسن گيلاني	160/-
اسلامي ڪتاب:			
138.	قصص الانبياء	حافظ محمد احسن چنا	70/-
139.	قصص الانبياء	مرتب: فقير شهريار علي ميمڻ	300/-
140.	برڪاتُ الصلواة	فقير محمد اسماعيل ڪنير	120/-
141.	مومن جون امڙيون ۽ ﷺ جون نياڻيون	عبدالمؤمن ميمڻ	140/-
142.	حضرت علي ڪرم الله وجهه جا قول	فقير شهريار علي ميمڻ	200/-
143.	ڳالهيون حسن ۽ حسين رضہ جون	خالد پٽي	140/-
144.	جنگنامون	فقير شهريار علي ميمڻ	200/-
145.	نهج البلاغہ	حضرت علي ڪرم الله وجهه	200/-
146.	اميرالمؤمنين جا فيصلا	فقير شهريار علي ميمڻ	260/-
147.	چوڏهن معصوم	فقير شهريار علي ميمڻ	200/-
148.	عروس ڪربلا	محمد صالح پٽي هالائي	70/-
149.	اندر تون اُجار	امام غزالي/ دين محمد فيروزشاهي	50/-
150.	سنڌ جا اسلامي درسگاهہ	ڊاڪٽر محمد جمن تالپر	350/-
151.	مثنوي رومي	مولانا جلال الدين رومي	200/-
شاهہ جا رسالا ۽ لطيفيات			
152.	شاهہ جو رسالو (وڏي سائيز رنگين)	ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي	280/-
153.	شاهہ جو رسالو (ننڍي سائيز ڪلاٿ بائينڈنگ)	ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي	200/-
154.	شاهہ جو رسالو (وڏي سائيز معنيٰ سان)	ڪليان آڏواڻي	360/-
155.	شاهہ جو رسالو (ڊيمي سائيز معنيٰ سان)	ڪليان آڏواڻي	260/-
156.	شاهہ جو رسالو (ڪرائون سائيز معنيٰ سان)	ڪليان آڏواڻي	150/-
157.	شاهہ جون وايون	ڪليان آڏواڻي	100/-
158.	شاهہ جون آکاڻيون	جيئمل پرسرام گلراجاڻي	150/-
159.	مقدمہ لطيفي	ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي	60/-
160.	شاهہ جي ڪلام ۾ هدايتون	ڊاڪٽر غلام حسين پنهل	60/-
161.	اسان جو لطيف ـ 1: (شامل ڪتاب: شاهہ جون سورميون لطيفي شر، شاهاڻو شاهہ)	مرتب: ناز سنائي	300/-
162.	اسان جو لطيف ـ 2: (پيغام لطيف، شاهہ جون وايون ۽ ڪافيون)	مرتب: ناز سنائي	500/-
ادب جي تاريخ:			
163.	سنڌي نثر جي تاريخ	ڊاڪٽر غلام علي الانا	150/-

164. سنڌي نثر جي تاريخ	منگهارام ملڪاڻي	150/-
165. سنڌي ادب جي تاريخ	لالسنگهه اجواڻي	150/-
166. سنڌي ڪهاڻي جي اوسر	جگديش لچاڻي	50/-
167. سنڌي ٻال ساهتيہ	هوندراج بلواڻي	250/-
168. سنڌي ناول جي ارتقا	ڈاڪٽر چندو لال جئسنگهاڻي	300/-
169. سنڌي ادب	پير حسام الدين راشدي	40/-
170. موروءِ خيرپور جي ادب جو تقابلي جائزو	رحيمان سيال	250/-
171. ادبي آئينو	ليکراج عزيز	60/-
172. ادبي اصول	پروفيسر منگهارام ملڪاڻي	50/-
173. تحقيق جو فن	ڈاڪٽر غلام حسين پنهنڙ	200/-
174. ادبءِ روايتون	قاضي خادم	60/-
175. پيلاين جا ٻول	ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	400/-
176. ورهاڱي کان اڳ ڇپيل سنڌي ڪتاب(1)	ناز سنائي	360/-
هندو ازم:		
177. رامايڻ	سنڌيڪار: پڳت راڻارام	200/-
178. شريمد پڳونت گيتا	سنڌيڪار: پڳت راڻارام	200/-
179. رتن جوت	سترام داس	400/-
180. مهاپارت	راج گوپال آچاريہ	400/-
آتم ڪٿائون:		
181. ڪيئي ڪتاب (مڪمل)	رئيس ڪريم بخش نظاماڻي	700/-
182. منهنجي مختصر آتم ڪهاڻي	ڈاڪٽر دائودپوٽو	150/-
183. مان ڏوهي هان	عزيز پنگوار	200/-
184. مان ڪير آهيان	مشتاق چنگيزي	150/-
185. سنڌڙي منهنجي جندڙي	گوبند مالهي	200/-
186. آپ بيتي - جڳ بيتي	ايم. ايڇ. پنهور	300/-
187. ڳالهيون پيٽ ورن ۾	آپا شمس عباسي	200/-
188. تان کي ڏونگر ڏوريان	محمد صادق ميمڻ	140/-
189. منهنجو سفر	قاضي فيض محمد	250/-
190. چولو منهنجو چڪ	هري دلگير	60/-
191. تاريخ جو وسايل ورق	غلام فاطمہ شيخ	60/-
192. بک، عشق ۽ ادب	موهن ڪلپنا	60/-
193. آخري پنا	هري موتواڻي	125/-
194. آتم ڪٿائون_I	ناز سنائي	100/-
195. آتم ڪٿائون_II	ناز سنائي	300/-
196. منهنجي حياتي جا سونا روپا ورق	پوپٽي هيرانندائي	300/-
197. منهنجو وطن منهنجا ماڻهو	لوڪرام ڏوڏيجا	125/-
198. رهاڻ هيرن کاڻ_5	ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	200/-
199. منهنجو سچ	اندرا گانڌي	100/-
سائنس/ ڪمپيوٽر/ ٻڪشنري:		100/-
200. جديد سائنس	آئزڪ اسيموف/ظفر	100/-
201. سائنس ۽ سماج	ڈاڪٽر سريو پرشاد/ظفر	100/-
202. اچو ته ڪمپيوٽر ٽائيپنگ سکون	محمد حبيب هنائي	60/-



Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.